# تبديليءَ جا محرڪ ۽ سندن جو آئندو

جامي چانڊيو

CPCS

# تبديليءَ جا مُحرڪ
# ۽ سنڌ جو آئيندو

(چوند فڪري سياسي مضمون)

جامي چانڊيو

CPCS
Creativity | Credibility | Commitment

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو |
| موضوع: | فڪري ادب |
| ليکڪ: | جامي چانڊيو |
| ترتيب: | منير چانڊيو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | فيبروري 2007ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | 500 روپيا |

ڪتابن ملڻ جا هنڌ

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪانياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد- پڙهائي ڪتاب گهر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- سڄاڳي ڪتاب گهر، ايگريڪلچر ڪامپليڪس، حيدرآباد - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، مارئي ڪتاب گهر، سکر - مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاهه.


All Rights Reserved


| | |
|---|---|
| **Book Title**: | Dynamic of Change & Future of Sindh |
| **Subject**: | Selected Articles |
| **Authored by**: | Jami Chandio |
| **Compilation by**: | Muneer Chandio |
| **Year**: | February- 2007 |
| **Published by**: | CPCS |

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ارپنا

سنڌ جي هڪ بهادرءِ ڏاهي ذات ڏٽي
ف ـ م لاشاريءَ
جي نالي،
جنهن جي ڪُمهلي موت
سنڌ ۾ ڏاهپ جو هڪ باب بند ڪري
ڇڏيو.

ـ جامي چانڊيو

# سنڌُ

## I_ سنڌ جا اشوز


نوجوان نسل جو چڙيل شعور 9
سنڌ کي "محروميءَ جي رومانس" مان نڪرڻ گهرجي 12
ڇا سنڌي سماج آپگهات ڏانهن وڌي رهيو آهي؟ 17
تبديليءَ جي تمنا "نيٺ ڇا ڪجي؟" وارو سوال 25
ڇا فرمائشي پروگرام سان تبديلي ممڪن آهي؟ 30
سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جو گهربل ڪردار ڇو نه ٿو جڙي؟ 37
سنڌي سماج جو سياست مان بيزاريءَ وارو رويو! 48
خود فريبين جي رُج ۾ پيٽڪيل قومي سوال 54
اڇو تہ ڊيم کي نئين سر رد ڪريون 60
ڪوٽا سسٽم: قانون سازيءَ جي ضرورت 67
آدمشماريءَ جا نتيجا سنڌ کي ڇو منظور ناهن؟ 74
آدمشماري — سنڌ جو ڪيس 79
سنڌ جا اشوز ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ڪردار 86
اسيمبلي سنڌ جي پاڻيءَ جو ڪيس ڪيئن ٿي ڪٽي 93
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا! 100
سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون سازيءَ لاءِ ڪجهه ضروري تجويزون 103
سنڌ ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڀوڳي رهي آهي؟ 107
سنڌ کي اڪيلائيءَ مان ٻاهر ڪيئن ڪڍجي!؟ 113
ڇا سنڌ ڪنهن اٿل پٿل جي موڊ ۾ آهي؟ 119
سنڌين جي سياسي ويڳاڻپ: پس منظر ۽ پيش منظر 125

| | |
|---|---|
| بدلجندڙ ملڪي حالتن ۾ سنڌ ڪٿي بيٺل آهي | 130 |
| سنڌ جون حڪومتون ڪيستائين يرغمال بڻجنديون؟ | 140 |
| ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کان پوءِ سنڌ ڇا ڇا پوکيو؟ | 146 |
| سنڌ کي ڪجهه ڇَرين جي ضرورت آهي! | 155 |
| ڇا سنڌي اديب پنهنجي ڪردار تان هٿ کڻي چڪو آهي؟ | 163 |
| سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو مزاحمتي ڪردار ڇو نه ٿو جُڙي؟ | 168 |
| ڇوٿين مارچ جو ڏينهن سنڌ کان هڪ نئين قومي مزاحمتي ڪردار جي تقاضا ڪري ٿو! | 174 |
| سچائين کي مسخ نه ڪيو وڃي | 181 |
| هڪ خواب جي خودڪشي!! | 186 |
| اڇو ته هڪ "ننيڙي" سنڌ کي بچايون! | 189 |
| رڳو هيٺ نه پر مٿي به مڙسي ڏيکاريو! | 193 |
| هي ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي! | 196 |
| سنڌي پريس سنڌ جي ترجمان آهي | 202 |
| سنڌ ۾ هڪ نئون سماجي ڪلچر پيدا ٿيڻ گهرجي! | 208 |
| اڇو ته وقت ڏانهن ذميوار ٿيون! | 213 |
| سماج جا سمورا باشعور فرد هن روبي جو نوٽيس وٺن! | 218 |
| وري اونده روشنيءَ سان اُلجهڻ لڳي آ! | 222 |
| ڪجهه نه ڪريو پارٽيءَ جو فلسفو | 227 |
| ڪجهه نه ڪرڻ ڏيو پارٽيءَ جا بنيادي اُصول | 230 |


## II- پاڪستان جي بحراني سياست


| | |
|---|---|
| هيءَ ڪمپني نه هلي سگهندي!! | 238 |
| آزاديءَ جو ڏينهن ۽ آزاديءَ جو اوسيئڙو | 244 |

چا نئون سيٽ اپ ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهندو؟ 252
حڪمران پاڪستان کي ڪيڏانهن وٺيو پيا وڃن؟ 262
وفاقي سياست جي بيڙي ۽ هوائن جا تبديل ٿيندڙ رُخ 268
موجوده عالمي بحران جا پاڪستان تي پوندڙ اثر 273
فرقيوارانه دهشتگردي هٿياربند مذهبي جنونيت جو منطقي نتيجو آهي! 280
سياستدانن جي احتساب جي آڙ ۾ سياست جي نفي نه ڪريو 283
عالمي پنجابي ڪانفرنس 287
پنجاب جو سفر 292
صوبائي خود مختياريءَ جو مطلب ڇا آهي؟ 314
اڪبر بگٽيءَ جي شهادت: رياستي بحران ڪٿي ڇيهه ڪندو؟ 319
جمهوريت جي ڏند ڪٿا ۽ اصل حقيقت 326
جمهوريت ۽ وڏيرڪي سماج ۾ تضاد جا سبب ۽ محرڪ 331
عوام جي عدالت مان اُٿيل ڪجهه سوال 340

## III - عالمي تبديلين جو منظرنامو

روس ۾ سوشلزم جو زوال: ڪجهه سبب ۽ نتيجا 358
ڏکڻ ايشيا: غلاميءَ، غربت، بک ۽ بارود جي ٿياس تي ٽنگيل خِطو 370
غلاميءَ ۽ غربت ۾ گهيريل ڏکڻ ايشيا! 383
دنيا عالمي طاقتن جي نئين توازن ڏانهن وڌي رهي آهي 389
ايشيا کي معيشت ۽ ترقيءَ جو ڪهڙو ماڊل گهرجي 396
ڇا تهذيبن جي ٽڪراءَ جو دؤر شروع ٿي چڪو آهي؟ 406
دنيا ۾ عوامي مزاحمتي ڪلچر موٽي رهيو آهي 411
عالمي شاگرد تحريڪون ۽ سنڌ جي شاگرد سياست 416

# I

# سنڌ جا اشوز

# نوجوان نسل جو چِڙيل شعور

لڳ ڀڳ هڪ سال کان پوءِ مون وري ڪالم لکڻ لاءِ قلم هٿ ۾ کنيو آهي. هر ليکڪ جي زندگيءَ ۾ اهڙا دؤر ايندا آهن، جڏهن پيو ته ٺهيو پر سندس بنيادي ڪم يعني لکڻ تان به هن جو ارواح ڪڇي ويندو آهي. اُن جا انيڪ داخلي ۽ معروضي سبب ٿي سگهن ٿا، پر ايئن هجي ٿو. ايئن اُنهن سمورن ماڻهن سان ٿئي ٿو جيڪي تخليقي ذهن رکن ٿا ۽ ڪنهن ڄاتل / اڻڄاتل ڳولا لاءِ هر وقت ذهني جستجوءَ ۾ رهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن انسان کي پنهنجي اهڙيءَ حالت جو ادراڪ هجي ٿو ته ڪڏهن ڄاڻ نه هئڻ سبب انسان جي تحت الشعور ۾ هجن ٿا، ان ڪري سندس شعور کي اُن جو ادراڪ نه ٿو رهي. اهڙي ڪيفيت صوفين، فلسفين، شاعرن، سائنسدانن، مصورن، ليکڪن ۽ ويچارڪن سان سندن زندگين جي ڪنهن نه ڪنهن دؤر/ دؤرن ۾ ضرور هجي ٿي.
اسان جي نسل سان ته وڏي ويڌن آهي. اسين ذهني طرح ته ”گلوبل ايج“ ۾ رهون ٿا، پر عملي طرح اُن سماج ۾ رهون ٿا، جيڪو اڃا تائين تاريخ جي بدبودار سماجي سرشتي ۾ اُن جي ڪرپ ڏياريندڙ قدرن سان ڇهٽيل آهي. اسان جو ذهن تاريخ جي سڀ کان اڳتي وڌيل ”شعور جي دنيا“ ۾ رهي ٿو ۽ وجود هڪ اهڙي گدلي (Polluted) سماجي ۽ سياسي ماحول ۾ رهڻ تي مجبور آهي، جنهن ۾ اسان جي شعور جو ساهه ٻُوساٽجي ٿو ۽ سماج جون حالتون بي راهه روي، بدفضيلتي، نراجيت ۽ بدنظميءَ جي ان پڌ تي پهچايون ويون آهن، جتي اسان ڪو وڏو ۽ غير معمولي ڪردار ادا ڪرڻ کان به قاصر آهيون. هيءُ دؤر اسان جي شعور سان هڪ ناقابلِ برداشت مذاق آهي. هيءُ دؤر، ان جا بدبودار قدر، ڪانئر ڪردار، جهالتون ۽ جهالتن جي فاتحانه فخر وچان ڳاٽ اوچو ڪري هلڻ، اسان جي شعور جي هر گهڙيءَ جي تذليل ناهي ته پيو ڇا آهي؟ اُن ڪري

اسان جو نسل هڪ عجيب ۽ بظاهر نہ سمجهہ ۾ ايندڙ ڪيفيت مان گذري رهيو آهي. هڪ اهڙي ڪيفيت، جنهن ۾ هن سڄي ماحول کان بيزاري ۽ چِڙ آهي. هڪ اهڙي بيچين چِڙ، جنهن کي رستو هٿ نٿو اچي. هڪ اهڙي چِڙ جيڪا هن سڄي دؤر جي بچڙاين جي نفي ڪري ٿي، جيڪا ڪوڙ ڪوجهائپ ۽ ڪميٽائپ جي هن سڄي ڪاڪ محل کي ڪيرائي پَٽَ ڪرڻ چاهي ٿي، پر چاڪاڻ تہ اِها چِڙ منظم ناهي، اُن ڪري اُن جو گهُربل نتيجو نٿو نڪري. اسان جو سمورو مزاحمتي ادب ان چِڙ جو اظهار ئي تہ آهي. اسان جي نسل وٽ سواءِ پنهنجي شعور ۽ ان "چِڙ" جي ٻيو ڪو اثاثو ناهي. پر هي دؤر بلڪل هڪ وئشيا جيان "سورنهن سينگار" ڪري، اسان جي شعور کي ڏُتاري، اسان کان اها چِڙ بہ کسڻ چاهي ٿو جيڪا ئي هن دؤر لاءِ وڏي ۾ وڏو خطرو آهي، پر اسان اِهي سڀ جن جي سرشت ۾ "سچ، سونهن، سرت" جي شعور جو ٻج پوکيل آهي، اهي بظاهر حَسين لڳندڙ اُن وئشيا جي قدمن ۾ پنهنجي شعور ۽ هن سڄي ماحول کان پنهنجي شديد چڙ کي سربسجود ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون. هن سڄي بظاهر مايوس ڪندڙ ماحول ۾ بس اِها ئي ڳالهہ اسان کي آئت ۽ اتساهہ ڏياري ٿي. اسان جو الميو اهو آهي تہ اسين جيڪي حُسن، ڏاهپ، علم، فن ۽ هر قسم جي آزادين سان محبت ڪريون ٿا، اهي مجبور ڪيا ۽ ڏتاريا ٿا وڃون تہ حُسناڪيءَ سان پيار ڪرڻ ڇڏي ڏيون. ڏاهپ ۽ سچي علم جي سداحيات سرچشمن کي ڇڏي جهالتن جي ڇاڇر ۾ ڇيرون ڪندا رهون، خواب ڏسڻ ڇڏي ڏيون ۽ زندگيءَ جون بنيادي اوليتون تبديل ڪري پاڻ کي ڪوڙهيل قدرن جي ڳُن ۾ ڪيرايون ۽ آزاديءَ جي سدا بهار محسوسات ۽ تانگهہ کي ترڪ ڪري غلامين، مجبورين، بيوسين ۽ جانورن جيئن جيئڻ جو فن سکون. هن دؤر جي مروج فلسفي جو جوهر اهو آهي. اُن سڄي ماحول ۽ ڇڪتاڻ ۾ اسان جي وقتي فڪر انگيز ۽ گهري ماٺ بہ ان بي ساختہ دانهن جو حصو آهي، جيڪا اسان جي روح مان ٻرندڙ لاوي جيان ڦُٽي نڪري ٿي. اسان جي معنيٰ خيز ماٺ جي ڪُک منجهان ئي دانهون سرجن ٿيون ۽ اِهي دانهون هڪ خاص پد تي پهچي وڏيڪ گهريءَ ۽ فڪر انگيز ماٺ ۾ تبديل ٿيو وڃن، پر ٻنهي جي پويان محرڪ ساڳيو آهي.

هن ڪالم لکڻ جي سلسلي جو آغاز مان هڪ نئين اتساهہ ۽ وڌيڪ گهري احساس سان ڪري رهيو آهيان. انيڪ ڳالهيون، احساس ۽ ويچار آهن، جي مان شيئر ڪرڻ چاهيان ٿو. خاص طور تي اِهي جن جي سنڌي سماج جي نسبت سان بنيادي اهميت آهي. سنڌ جي ماضي، حال ۽ مستقبل بابت مان بہ هڪ مخصوص سوچ ۽ خاڪو رکان ٿو ۽ چاهيان ٿو تہ اِهي سوچون نہ رڳو شيئر ڪريان، پر رڪارڊ تي بہ آڻيان. ڇو تہ ڪيتريون ڳالهيون آهن، جي مان ڄاڻان ٿو تہ شايد هينئر قبول نہ ڪيون وڃن! ان سطح تي سمجهيون ۽ محسوس نہ ڪيون وڃن، پر اُنهن کي رڪارڊ تي آڻڻ

ضروري آهي. مارڪس هڪ ڪتاب لکيو هو ”فلسفي جي غربت“ (Poverty of Philosophy)، اها تہ اجا وڏي ڳالھہ آهي، پر اسان وٽ تہ هر طرح جي ۽ هر سطح جي غربت آهي. پيو تہ ٺهيو پر عقلي روين ۽ استدلال جي بہ غربت آهي، فضيلتن ۽ تدبر جي بہ غربت آهي ۽ اسان جو جهيڙو بہ رڳو معاشي ۽ سماجي غربت سان ناهي، پر بنيادي جهيڙو تہ آهي ئي ذهني غربت سان، جو هر طرح جون غربتون اُن جي پيداوار آهن. اسان وٽ ذاتي، قبيلائي، سياسي ۽ سماجي ڇڪتاڻ تہ هر سطح تي موجود آهي، جنهن سڄي سماج کي ڇڙوڇڙ ڪري جهوري ۽ نستو ڪري ڇڏيو آهي، پر هڪ نئون ماحول جُڙڻ گهرجي، عقليت پسنديءَ جو. انسان جي سموري تهذيبي ۽ ذهني اوسر جو حاصل جوهر اهو رويو آهي يعني هر شيءِ ۽ ڳالھہ کي خالص عقل جي بنياد تي قبول يا رد ڪرڻ جو رويو. اسان وٽ ڪجھہ ليکڪن پنهنجين لکڻين ۾ چڱي وقت کان اهو پرچار شروع ڪيو آهي تہ عقل انسان جو دشمن آهي، عقل کي پنهنجو سونهون بڻائڻ نہ گهرجي. اڳواٽيءَ جو اختيار عقل کي نہ پر احساس کي ڏيڻ گهرجي. اهو رجحان ڪو نئون ناهي. زمانن کان ٺلها رومانويت پسند ماڻهو اِهي هوائي خبرون ڪندا اچن ۽ ايئن چئي هو دراصل انسان جي سڀ کان وڏي وِٿ يعني عقل ۽ استدلال جي صلاحيت جي نفي ڪن ٿا. احساس جو دائرو ”ڇا آهي؟“ جي سوال تائين آهي ۽ عقل ۽ استدلال جو دائرو ”ڇا هئڻ گهرجي؟“ جي وسيع سوال تي محيط آهي ۽ بنيادي سوال ”ڇا آهي؟“ نہ پر ”ڇا هئڻ گهرجي؟“ جو آهي. اُن ڪري سنڌ ۾ هڪ نئون ماحول جُڙڻ گهرجي. هڪ اهڙو ماحول، جنهن ۾ عقليت پسنديءَ جي رويي جي بنياد تي بحث مباحثا ٿيڻ گهرجن. خيالن ۽ تصورن جي ويڙھہ ٿيڻ گهرجي. اهو ئي رستو آهي، جنهن سان اسان پنهنجي عوام ۽ سماج کي جهالتن ۽ اونداهين جي کُن مان ڪڍي روشنين ۽ حُسناڪين ڏانهن وٺي ويندا سين. هن ڪالم ذريعي مان ڪوشش ڪندس تہ اُن سڄي لقاءَ (Phenomena) ۾ پنهنجي پتيءَ جو ڪردار ادا ڪريان.

هن ڪالم جي حوالي سان مون کي اُن ڪري بہ تهائين وڌيڪ سرهائي ٿي رهي آهي، جو اهو مان سنڌيءَ جي سڀ کان گهڻي پڙهي ويندڙ ۽ معياري اخبار ”ڪاوش“ ۾ لکي رهيو آهيان. هڪ اهڙي اخبار، جنهن نہ رڳو مختصر عرصي ۾ صحافت ۽ ماس ميڊيا جي حوالي سان سنڌ ۾ نوان رجحان متعارف ڪرايا آهن، پر عوام جي شعور جي اوسر ۾ هڪ تحسين جوڳو ڪردار پڻ ادا ڪيو آهي. اُن ڪري هي ڪالم مون لاءِ عوام ۽ سڃاڻ ماڻهن جي هڪ وسيع حلقي سان پنهنجا ويچار شيئر ڪرڻ جو اثرائتو فورم هوندو. سو ايندڙ ڪالم تائين ڪاوش جي پڙهندڙن لاءِ ڳُڊ لَڪ.

روزاني ڪاوش، 3 نومبر 1997ع

# سنڌ کي ”محروميءَ جي رومانس“ مان نڪرڻ گهرجي!

هر بيماريءَ جا ڪي نہ ڪي ٺوس طبعي ۽ ڪيميائي سبب ضرور هوندا آهن، جڏهن تہ بيماري خود اُنهن جو نتيجو هوندي آهي. جيتوڻيڪ بيمارين جو هجڻ/ پيدا ٿيڻ زندگيءَ ۾ هڪ معمول جي ڳالهہ آهي، پر جيڪڏهن علاج بدران اها بيماري ڪنهن فرد جو رومانس بڻجي وڃي، تہ پوءِ اها نہ رڳو وڌيڪ پيچيده بڻجي ويندي، پر ڏٺيءَ جو بہ سِرُ نيندي. ايئن قومن، طبقن ۽ معاشرن ۾ بہ ڪن خاص حالتن ۾ اڪيچار نفسياتي بيمارين ۽ ڪمزورين پيدا ٿيندين آهن، جن جو تدارڪ نہ ٿئي تہ معاشرا اندران ئي اندران کاڄي وڃي زوال جي پاتال ۾ ڪِرندا آهن. اڄوڪي نشست ۾ هڪ اهڙي ئي اهم مسئلي تي ڳالهہ ٻولهہ ٿا ڪريون.

گذريل پنجاهہ سالن دوران هن ملڪ ۾ سنڌ ۽ سنڌي عوام سان کهڙو سلوڪ ۽ کهڙي ڪار ڪئي وئي آهي، اُن ۾ هاڻي ڪوبہ مونجهارو يا ڳُجهہ نہ رهيو آهي. ان ڪري اُن جي تفصيل ۾ وڃڻ کان پاسو ڪندي، اِها ڳالهہ تہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ اُنهن سمورين ويساهہ گهاتين، ناانصافين، ڏاڍ ۽ ڦُرلٽ جي نتيجي ۾ سنڌي ماڻهو نہ رڳو گهربل ترقي نہ ڪري سگهيا آهن، پر اُن جي نتيجي ۾ سنڌي عوام ۾ شديد قسم جي احساسِ محروميءَ جنم ورتو آهي. مان ”احساسِ محروميءَ“ جي ان سياسي نعري جي ڳالهہ نٿو ڪريان، جيڪو بينظير ڀٽو کان وٺي قومپرستن تائين سياسي ماڻهو ڪارڳر طور استعمال ڪندا آيا آهن، پر منهنجو مطلب اهو آهي تہ ان سڄي حاڪمانہ ۽ بہ اڪيائيءَ واري رِوش جي نتيجي ۾ اڄ هر سطح تي سنڌي ماڻهو محسوس ڪري ٿو تہ هن ملڪ ۾ ڄاڻي ٻُجهي ساڻن ٻئي درجي جو سلوڪ

ڪيو پيو وڃي ۽ ڪين پنهنجن جائز ۽ فطري حقن کان محروم رکيو ويو آهي ۽ بدستور رکيو پيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به معاشري يا قوم ۾ پنهنجن حقن جي حاصلات جو شعور يا احساس پيدا ٿئي ٿو ته اها سندن سجاڳ ۽ زنده هجڻ جي نشاندي هوندي آهي. اهڙا سجاڳ معاشرا ۽ قومون ئي تاريخ ۾ اعتماد سان اڳتي وڌنديون آهن. پر منهنجي ذاتي محسوسات ۽ راءِ آهي ته سنڌي ماڻهن ۾ موجود اها احساسِ محرومي، ڪنهن ايڪٽو تبديليءَ ڏانهن مائل شعور جي شڪل ۾ نه پر بنهه پيسِو (Passive) ۽ نفسياتي طور ڪمزور صورت ۾ آهي. مان ته شايد ايئن چوان ته اها نفسياتي ڪمزوري هاڻي اسان لاءِ روڳ ۽ بيماري بڻجي چڪي آهي. اُن ڪري ئي مان ان لاڙي کي ”محروميءَ جو رومانس“ سڏي رهيو آهيان. بلڪل ايئن جيئن ماڻهو ڪو وقت اهنجن ۾ رهي اذيت پسند (Sadist) ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهوءَ کي اها اذيت، تڪليف بجاءِ ”لطف“ ڏيندي آهي. جيئن نشي جي حالت ۾ هڪ خاص حد کان پوءِ ماڻهوءَ کي وڌيڪ نشو گهڻو لُطف ڏيندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهڙيءَ حالت ۾ اهو لطف ماڻهوءَ کي حقيقي معنيٰ ۾ ڪو نفعو نه پر نقصان ڏئي رهيو هوندو آهي. منهنجو خيال آهي ته سنڌي ماڻهوءَ لاءِ به هاڻي اها محرومي، ڪنهن تبديليءَ جو شعور نه پر هڪ رومانس بڻجي چڪي آهي. اُن ڪري جيڪڏهن سنڌي ماڻهوءَ کي اُن لاڙي مان ٻاهر نه ڪڍيو ويو ته پوءِ جيڪي ڏکيا ڏينهن ۽ حالتون اچي رهيون آهن، اُنهن ۾ اسان لاءِ تلهو Survive ڪرڻ به ڏاڍو ڏکيو ٿي پوندو.

منهنجي خيال ۾ سنڌي ماڻهن ۾ پيدا ٿيل اُن غلط رجحان جي ذميواري گهڻي ڀاڱي اسان جي قومي سياست ڪندڙ ڌرين جي قيادت ۽ دانشورن تي آهي. ظاهر آهي ته اها ڳالهه مان فقط ايئن غير ذميواريءَ سان نه ڪري رهيو آهيان. ان لاءِ مون وٽ ٺوس سبب آهن. اسان جون اهي قومي سياست ڪندڙ ڌريون ۽ دانشور، جن سنڌ جي نجات ۽ نئين سر قومي اڏاوت جي ڳالهه پئي ڪئي آهي، اُنهن گهربل دورانديشيءَ ۽ وسيع نظريءَ جو مظاهرو نه ڪيو آهي. هنن قومي نجات ۽ اڏاوت جو فقط محدود سياسي تصور پيش ڪيو. هنن سنڌ جي قومي مسئلي کي فقط سياسي طرح ۽ خارجي عوامل جي نسبت سان ڏٺو ۽ پيش ڪيو. جڏهن ته سنڌ جي هن موجوده پستيءَ لاءِ انيڪ داخلي، سماجي، ثقافتي ۽ معاشي سبب به ذميوار آهن. پر اسان جي قيادتن ۽ دانشورن اُن کي غير اهم سمجهيو. قومن جي پنهنجي مزاج (Chemistry) ۾ به تاريخ جي ڊگهي لقاءُ دوران اکيچار خوبيون ۽ ڪمزوريون پيدا ٿينديون آهن ۽ جي ڏٺو وڃي ته سندن ترقيءَ توڙي زوال ۾ اُنهن جو به بنيادي ڪردار هوندو آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌ جو قومي مسئلو فقط اهو ناهي ته سنڌي

ماڻهن سان هن ملڪ ۾ ٻين قومن ۽ طبقن طرفان ٻہ اڪيائيءَ وارو سلوڪ روا رکيو ويجي ٿو يا اسان جا وسيلا ڦُريا وڃن ٿا. پر اهو بہ اسان جو قومي مسئلو آهي تہ سنڌ جا ماڻهو گهڻا محنتي ناهن. اهي اڄ تائين پنهنجي گهر، ڳوٺ يا ٽَر کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ٻين وانگي آساني محسوس نٿا ڪن. اهو بہ اسان جو قومي مسئلو آهي تہ اسان جا ماڻهو هنري ۽ ٽيڪنيڪل شعبن ۾ نہ رڳو اڃا ڦ لوڙ برابر آهن. پر اڄ تائين اهي اُنهن شعبن ڏانهن مائل ٿيڻ لاءِ بہ تيار ناهن. اهو بہ اسان جو قومي مسئلو آهي تہ سنڌي ماڻهو روزگار جي روايتي ذريعن کان ٻاهر نڪري واپار، ڪامرس ۽ صنعتي پيداواري ذريعن ڏانهن مائل نٿو ٿئي. اهو بہ اسان جو قومي مسئلو آهي تہ سنڌ جي جياپي جي بنيادي ذريعي تعليم جي تباهيءَ جي عمل ۾ رڳو سرڪاري پاليسيون ۽ رويا نہ پر خود استاد، شاگرد، والدين بلڪ سڄو معاشرو شريڪ ٿي چڪو آهي. ايئن جي تفصيل ۾ وڃبو تہ ڳالهہ گهڻي آهي. مطلب تہ اسان جي اڄوڪي پست حاليءَ لاءِ اهي عنصر ۽ عمل بہ پوريءَ طرح ذميوار آهن. قومي نجات لاءِ سوچيندڙ فرد ۽ لوچيندڙ تنظيمون يا ادارا همہ گيريت سان اڳتي ڏسندا آهن. اُنهن کي رڳو ماضيءَ ۽ حال جو نہ پر مستقبل جو بہ ادراڪ هوندو آهي ۽ اهي متوقع ۽ ممڪن تباهين ۽ پستين جي تدارڪ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ڪري تبديلين جا بنياد وجهندا آهن. پر اسان وٽ ايئن نہ ٿيو. پنجاهہ سال هڪ طرف اسان جي ابوجهہ ماڻهن کي ٻُڌايو ويو تہ اوهان مظلوم آهيو تہ ٻئي طرف کين ٻُڌايو ويو تہ توهان عظيم آهيو. سنڌ جي هر شيءِ عظيم آهي. سنڌ جي ڪابہ شيءِ عظمت کان گهٽ درجي جي ٿي نٿي سگهي. نتيجي ۾ هڪڙو ذهني طرح پست حال معاشرو واقعي بہ سمجهڻ لڳو آهي تہ اهو عظيم ۽ فقط مظلوم آهي. يعني هڪ طرف اسان جائز ”احساسِ محرومي“ کي متحرڪ ۽ منظم ڪري ڪجهہ حاصل نہ ڪري سگهياسين ۽ ٻئي طرف هڪڙو رواجي ماڻهن جو معاشرو عظمت جي اجائي احساس جو شڪار ٿي ويو. ڪا قوم تاريخ جي ڪنهن خاص ڏاڪي تي، ڪن مخصوص ڳالهين سبب عظيم هئي تہ اُن جو مطلب اهو ٿورو ئي ٿيو تہ اها قوم انهيءَ بنياد تي تاريخ جي هر دؤر ۽ هر زماني ۾ هر طرح سان عظيم هوندي. ڪالهہ جي عظيم تهذيب بابل ۽ نينوا، اڄ جي عراق آهي تہ اُن جي بنياد تي اڄوڪي عراق کي بہ عظيم چئبو ڇا؟ ڪالهہ يونان دنيا جو عظيم خِطو هو تہ ڇا اُن بنياد تي اڄوڪو يونان بہ عظيم قرار ڏبو؟ هي بحث ڊگهو آهي، پر منهنجي چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ اسان جي موجوده پستيءَ لاءِ اسان جون پنهنجون بہ قومي ڪمزوريون ذميوار آهن ۽ ماڻهن کي هڪ تہ اُنهن جو احساس ڏيارجي، ٻيو تہ کين انهن ڪمزورين مان ڪڍي جديد دؤر جي گهرجن مطابق هڪ نئين قومي مزاج ۽ نفسيات جا بنياد وجهجن. نتيجي ۾ اڄ هڪ

طرف ملڪ ۾ اسان سان ٿيندڙ بہ اڪيائي، ڦُرلٽ ۽ نااانصافيءَ جي ڪري سنڌي ماڻهو سچ پچ محرومين جي ڏٻڻ ۾ ڦاسندو وڃي. تہ ٻئي طرف اهو انهن محرومين جي تدارڪ طور ڪي ٻيا متبادل رستا اختيار ڪرڻ لاءِ بہ تيار ناهي. يعني محرومي جڻ تہ اسان جي ماڻهن لاءِ هڪ قسم جي جمود جو سبب ۽ رومانس بڻجي وئي آهي. مثال طور سڀ ڪو سمجهي ٿو تہ هاڻي سرڪاري نوڪرين وارو زمانو گذري ويو. هڪ تہ هونئن ئي سڄي ملڪ ۾ اُنهن جو ڪو آسرو ڪونهي ۽ اُن ۾ بہ ويتر سنڌ سان نااانصافي ۽ بہ اڪيائي ٿئي ٿي، پر سنڌ جو نوجوان روزگار جا ڪي ٻيا ذريعا تلاش ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سرحد جو پٺاڻ سڄيءَ سنڌ جي هر ڪُنڊ ۾ مزدوري ۽ ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪرڻ لاءِ اچي ٿو. پنجاب جو ماڻهو دنيا جي هر ڪُنڊ ۾ وڃي روزگار ڪري، ٻيو تہ ٺهيو پر سرائيڪي علائقي جا مزدور ڪراچيءَ ۾ مزدوري ڪرڻ اچن ٿا. ڪراچيءَ ۾ اعليٰ ڊگريون رکندڙ نوجوان گارمينٽس ۽ چُوڙين جا دڪان کوليو وينا آهن. پر سنڌي نوجوان اجا بہ سواءِ سرڪاري نوڪريءَ جي ٻئي طرف وڃڻ لاءِ تيار ناهي. اڄ کان ويهہ سال اڳ اڄ جي حالتن جو ادراڪ رکي، سنڌي ماڻهن کي روزگار جي ٻين شعبن ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ها تہ اڄ صورتحال مختلف هجي ها. جاپان ۽ چين جو مثال سامهون آهي. جاپانين ۽ چينين نہ رڳو ٻين کان آزاديون ورتيون، پر اُنهن پنهنجي قومي ڪمزورين کان نجات جون بہ وڏيون تحريڪون هلايون. جاپان ۾ اُن کي "ميجي انقلاب" ۽ چين ۾ ان کي "آفيم جي جنگ" (Opium War) چيو وڃي ٿو. جاپاني ۽ چيني معاشرا پل تہ ٻاهرين غلاميءَ مان آزاد ٿي وڃن ها، پر جي اُهي پنهنجين اندروني ڪمزورين کان جند نہ ڇڏائين ها تہ اڄ اهي ساڳيءَ پست حاليءَ جو شڪار هجن ها. اُن ڪري منهنجي خيال ۾ سنڌ جي نجات جي تصور کي بہ تبديل ۽ وسيع ڪرڻ جي ضرورت آهي. سنڌي معاشرو رڳو ٻاهرين ناجائز دٻاءَ جو شڪار ناهي، پر اهو اندروني طور بہ اخلاقي، سماجي توڙي معاشي لحاظ کان ڪاڄي ۽ زنگجي چڪو آهي. محنت جو جذبو سماجي اخلاق جو حصو آهي، پر اسان وٽ اجتماعي طرح پورهيي جي اخلاقيات (Work Ethics) جو تصور بہ ناهي. ان ڪري قومن ۽ معاشرن لاءِ فقط سياسي شعور ڪافي ناهي. منهنجي خيال ۾ اسان کي هڪ سماجي نشاط الثانيہ (Social Renaissance) جي ضرورت آهي. اهو ڪم قومن جا دانشور ڪندا آهن، پر هتي اها جنس حقيقت ۾ تمام ٿوري آهي. اُن ناليءَ ۾ هتي رڳو "نمبر-2 مال" پيو هلي. هينئر اسان جي حالت اها آهي جو سنڌي ماڻهن لاءِ مظلوميت جو احساس، ڪم نہ ڪرڻ جو بهانو بڻجي پيو آهي. جيڪڏهن ڪنهن بہ ماڻهوءَ کان ان بابت پڇجي ٿو تہ ان جو جواب ساڳيو ملي ٿو تہ، "ڪجهي وري ڇا؟

ٿيندو هونئن ئي ڪجهہ ڪونہ!“ جڏهن مظلوميت ۽ محروميءَ جو احساس اها شڪل وٺي تہ پڪ سمجهڻ گهرجي تہ هاڻي اهو معاشرو تباهيءَ جي رستي تي گامزن ٿي چڪو آهي. اسان جي حالت ان چوڻيءَ جي مصداق ٿي پئي آهي تہ ڪنهن ماڻهو هڪڙي همراهہ کان پڇيو تہ ”ابا مُنهن چو ٺٺو ڏوئين؟“ تہ هن جواب ۾ وراڻيو تہ ”چا ڪريان، غريب آهيان.“ ان ڪري سنڌ کي هاڻي محروميءَ جي ان اجائي رومانس مان نڪرڻ گهرجي.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد – جمع 16 جنوري 1998ع

# چا سنڌي سماج آپگهات ڏانهن وڌي رهيو آهي ؟

زندگي ڏاڍي ڳمڀير ۽ همہ گير آهي. ڏک ۽ سُک، ترقيون ۽ تباهيون، محبت ۽ نفرت، حادثا ۽ اتفاق، سُنايون ۽ خرابيون، چرپر ۽ ماٺ، سڀ اُن جا ئي مظهر ۽ لقاءَ آهن. ان کي سمجهڻ لاءِ بہ اوتري ئي همہ گير ڏاهپ ۽ ساڃاهہ کپي. سماجي جيوت تہ تِهائين وڌيڪ پيچيده آهي. سچ هجي يا ڪوڙ جنگ هجي يا امن، پيار هجي يا نفرت، ترقي هجي يا تنزل، تحرڪ هجي يا جمود، اُنهن ۾ هڪ باريڪ فاصلو هوندو آهي. جي ان تي هلڻ وقت نهايت هوشياريءَ ۽ سجاڳيءَ سان توازن نہ رکبو تہ پوءِ ان تان ڪِرڻ ۽ تباهہ ٿيڻ اٽَل ڳالهہ آهي. فطرت جو اهو اصول فرد کان وٺي سماج تائين هر شيءِ سان لاڳو ٿئي ٿو. اسان جي چوڌاري هزارين، لکين ۽ ڪروڙين ماڻهو رهن ٿا، اُنهن مان ڪي هر گهڙيءَ ترقيءَ ڏانهن وِکون وڌائين ٿا، تہ ڪي تنزل طرف۔ ايئن هن هيڏيءَ ساري وشال دنيا اندر هزارين ملڪ، قومون، طبقا ۽ سماج آهن، جن مان هڪڙا ترقيءَ جي شاهراهہ تي گامزن آهن تہ ٻيا پستيءَ جي ڏٻڻ ۾ ٿاڦوڙا هڻي جيئڻ جا جتن ڪري رهيا آهن. سوال آهي تہ اهو سڀ ڇا آهي؟ ايئن ڇو ٿو ٿئي؟ ان جا ڪهڙا منطقي ۽ معروضي سبب آهن؟

تاريخ جي ستم ظريفي چئو يا اسان جا پنهنجا لڇڻ، پر اها هڪ حقيقت آهي تہ جنهن سماج ۾ اسين رهون ٿا، اهو پڻ هڪ اهڙي ہ واٽي تي اچي بيٺو آهي، جتي سندس وجود جي بقا هڪ سواليہ نشان بڻجي پيو آهي. اهو سوال هاڻي ان حد تي پهتو آهي جو سنڌ جا سڄاڻ فرد گڏجي اهو ويچارڻ تي مجبور ٿين ٿا تہ: ”ڇا سنڌي سماج آپگهات ڏانهن وڌي رهيو آهي؟“ اها ڪنهن بہ سماج جي بحران جي آخري حد ناهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ منهنجي خيال ۾ اها اسان مان ڪنهن جي بہ وس جي ڳالهہ

ناهي، تہ اسان ان جو ڪو آبجيڪٽو جواب ڏئي سگهون. ڇاڪاڻ تہ ان سوال جون پاڙون سنڌي سماج جي هزارين سالن جي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي پس منظر ۾ کُتل آهن. جي اسان جو پنهنجو پاڻ ڏانهن، پنهنجي اتهاس ۽ ان جي تلخ حقيقتن ڏانهن رويو خيالي، رومانوي ۽ غير حقيقي آهي تہ پوءِ جنهن سوال جو جواب معلوم ڪرڻ لاءِ اسين ويٺا آهيون، اهو ڪيئن معلوم ٿي سگهندو؟ خود فريبي اسان جي سماجي/ روح ڪي مرٽينگ بڻائي ڇڏيو آهي. جي اسان هن اڄوڪي ويهڪ ۾ سنڌي سماج جي هاڻوڪي سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ معروضي حالتن ۽ ان جي پيچيدگين متعلق ڪا ابتدائي ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪري سگهون تہ اها بہ هن سيمينار جي هڪ وڏي ڪاميابي چئبي.

سماج اسان جي گڏيل افرادي قوت، اسان جي گڏيل رشتن، قدرن ۽ مفادن جي سڀني ۾ پويل گڏيل جيوت جو نالو آهي ۽ آئون سمجهان ٿو تہ ڪوبہ سماج (شعوري طور) آپگهات نٿو ڪري سگهي. قومن توڙي سماجن جي تباهي، توڙي ترقيءَ ۾ تاريخي پيچيدگين ۽ معروضي حالتن جو بہ عمل دخل آهي، پر ان ۾ بنيادي ڪردار قومي يا گڏيل سماجي نفسيات ادا ڪندي آهي. قومي يا گڏيل سماجي نفسيات سماجي اؤسر جي عمل جو روح ۽ جوهر ٿئي ٿي. اها جيترو صحتمند، سُٺي ۽ سگهاري هوندي، اهو سماج اوترو تيزيءَ سان ترقي ڪري سگهندو. گهڻو پري وڃڻ جي ضرورت ناهي، ان جو ويجهو مثال جاپان جو آهي. ڇا اها حقيقت ناهي تہ اڌ صديءَ اڳ جاپان جون حالتون بہ اسان کان گهڻو مختلف نہ هيون، پر جڏهن جاپاني سماج خود شناس ۽ حقيقت پسند ٿيو ان پنهنجي قومي نفسيات جا بنياد تبديل ڪيا تہ اهو ساڳيو مرٽينگ هيروشيما ۽ ناگاساڪيءَ وارو تباهہ حال جاپان عالمي معيشت جو ڪرنگهو بڻجي ويو آهي.

هاڻي ان پسمنظر ۾ اسان سنڌي سماج ان جي رُخن، لاڙن ۽ مونجهارن جو اپياس ڪري سگهون ٿا. جي اڄوڪو سنڌي سماج تباهہ حال آهي تہ ان جو مطلب اِهو هرگز نہ آهي تہ ڪو اها پستي ۽ تباهہ حالي هميشہ اسان جو مقدر هوندي. ترقي توڙي پستي، اهي نسبتي تصور ۽ حقيقتون آهن. اهي حقيقتون ضرور آهن پر حتمي يا قطعي هرگز ناهن. جي ايئن نہ هجي ها تہ ڪالهہ بابل، نينوا، ثميرين ۽ سنڌو ماتريءَ جون سپيتائون ڪڏهن بہ ترقيءَ جي اوچاين کان هيٺ نہ ڪِرن ها. آخر ڇو ڪالهہ جي علم، شعور ۽ ڏاهپ جو سرچشمو يونان اڄ يورپ جو هڪ پسمانده خِطو آهي ۽ ڪالهہ جو تباهہ حال جاپان ترقيءَ جي بلندين کي ڇُهي رهيو آهي؟ ان ڪري ترقي توڙي تنزل ڏانهن بہ اسان جي روش خيالي ۽ غير سائنسي نہ هجڻ گهرجي. اسان يا تہ خوشفهمين جو شڪار ٿي خود فريبين جا خواب لهڻ

لڳندا آهيون يا وري مايوسين جي وهڪري ۾ لُڙهي پاڻ کي مايوسين ۾ نِراسائيت جي جارَ ۾ ڦاسائي ڇڏيندا آهيون. اهي ٻئي رويا درست ناهن. سماج جي اپياس لاءِ اسان کي سائنسي، تنقيدي ۽ تخليقي شعور ۽ روش گهرجي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اڄوڪو سنڌي سماج جهالت، سماجي ۽ اقتصادي پستيءَ جي ڏيڍ ۾ ڦاٿل آهي، پر سوال آهي تہ ڇا اهو ان ڏيڍ مان نڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪري رهيو آهي يا آپگهات ڏانهن وڌي رهيو آهي؟ اهي ٻہ مختلف ۽ متضاد تصور آهن. ممڪن آهي تہ ڪو تاريخ جي جدليات کان اڻ واقف ۽ حالتن جي پيچيدگين کي نہ سمجهندڙ دانشور/ ماڻهو ايئن سمجهندو هجي تہ سنڌي سماج آپگهات ڏانهن وڌي رهيو آهي، پر مان ايئن نٿو سمجهان. جهالتن سان نہ پُڄندي زندگيءَ جي ڊوڙ ۾ پوئتي رهجي وڃڻ ۽ آپگهات ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي. جي ايئن هجي ها تہ اڄوڪي هن حال کان وبندي، ٻهراڙين جي ماندڙين جي ٻينچن تي ويٺل ماڻهن جي سوچن جي ايجنڊا تي پنهنجي وجود جي بقا جي جدوجهد جو سوال موجود نہ هجي ها. جي ايئن هجي ها تہ اڄ سنڌ ۾ ايڏو سگهارو مزاحمتي ادب نہ سِرجي ها ۽ اڄوڪي سنڌ جو نوجوان شاعر مظهر لغاري ايئن نہ چوي ها تہ:

ٽئي نہ پنڌ جي پورو، تہ ڏهن بہ ڇا جي لئہ

اسان تي سلسلو ڪوئي هلي ميارن جو؟

ٻُڌو رڻن جي شام ۾ بہ آ پرين، تنهنجي

سنوارجڻ ڪان پوءِ سڏ اسان بہ وارن جو

ڇا ڪجي؟ قرض اسان تي مگر ڪڏهوڪو آ

قيامتن جي قيد مان اُٿيل پڪارن جو

انهيءَ ڪري نہ ٻيهبو، نہ ٻيهبو هاڻي

جو شامَ شامَ اسان کي اهو تي سمجهائي،

تہ راهہ راهہ تي تڪجي پوڻ ۽ ترسڻ سان

ڇاڻ طاري بنهہ تاريڪ رات تي ويندي۔

پرين چپن کي چئي ڇڏ، متان سڏين اُهي،

رڳو مُرڪي بہ ڏنوسين تہ مات تي ويندي.

اهو سڀ ڇا آهي؟ شاعر قومن ۽ سماجن جي روحاني پيڙائن ۽ ڪيفيتن جا چيتڪَ هوندا آهن ۽ اُنهن جي زخمي روحن جي پاتال مان ايڏين سگهارين مزاحمتي تخليقن جو سِرجڻ ڇا ٿو ظاهر ڪري؟ ڇا اِها مزاحمت سنڌي سماج جي مزاحمت جو مظهر ناهي؟ آئون مڃان ٿو تہ داخلي طرح سنڌي سماج سخت مونجهہ،

مانار ۽ پيچيدگين جو شڪار آهي، پر اسان اهو چئو ٿا وساري ويهون ته اسان اُن انسانذات جو اڻ ٽُٽ انگ به آهيون، جيڪا ڪائنات جي رازن تان پردا هٽائي، اُتاهه ترقيءَ جون راهون روشن ڪري رهي آهي. اسان پنهنجي داخلي سماج جي نسبت به آهيون، پر اسان انسانذات، اُن جي عالمي تجربن، مشاهدن، ترقين، عظمتن ۽ تاريخ جي نسبت به آهيون. ڳالهه پنهنجو پاڻ ڏانهن درست روش جي آهي. خود شناسائي وڏي ۾ وڏو ويچ آهي ۽ اهو ئي اسان جو وڏو ۾ وڏو نفسياتي مسئلو آهي ۽ ڇاڪاڻ ته سماجن جي ترقي توڙي تباهيءَ جا بنياد سماجي نفسيات ۾ به پيل هوندا آهن، اُن ڪري اسان کي پنهنجو پاڻ ڏانهن، پنهنجن مسئلن، پيچيدگين ۽ انهن جي گهُرجن ڏانهن خيالي ۽ غير يقيني روش ترڪ ڪري، حقيقتن جو سڀ طرفو جائزو وٺڻو پوندو. جيئن طبعي سائنس (Physics) ۾ جاچ ۽ ماپ جا گراف ٽيندا آهن، تيئن سماج جي مسئلن، پيچيدگين جا به گراف ٽين ٿا. سوشل انجنيئرنگ به هڪ علم آهي، جنهن وسيلي اسان پنهنجي سماج جي پيچيدگين کي پرکي ۽ پروڙي سگهون ٿا. اسان اڪثر اڻ ڄاڻائيءَ ۽ خيالي روش سبب، مسئلن جو صحيح ڇيد نه ڪري سگهندا آهيون.

هاڻوڪي سنڌي سماج جو گهڻ طرفو اڀياس هڪ وسيع موضوع آهي، جنهن تي هنن مختصر ويهڪن ۾ تفصيل سان ڳالهائي نٿو سگهجي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان تي تحقيق ڪئي وڃي.

جيئن رياضيءَ (Mathematics) ۾ Equations تيستائين حل نه ٿي سگهنديون آهن، جيستائين اُنهن تي صحيح فارمولا اپلاءِ نه ڪبو آهي، بلڪل ايئن سماج جون به Social Equations ٿينديون آهن، جيڪي سماجي ارتقا جي عمل جون محرڪ هونديون آهن. جي اُنهن Social Equations تي درست ۽ ٺهڪندڙ فڪري، سياسي ۽ اقتصادي فارمولا لاڳو نه ڪبا ته سماج ۾ جمود ۽ بحران جو پيدا ٿيڻ هڪ اٽر ڳالهه آهي ۽ اهو ئي مسئلو اڄ سنڌي سماج پوڄي رهيو آهي. آئون سمجهان ٿو ته سنڌي سماج جي به Social Equation مُنجهي پئي آهي. اهو ڪو رڳو سنڌ جو مخصوص مسئلو نه آهي پر ٽين دنيا جا اڪثر ملڪ، قومون ۽ سماج ان مسئلي جو شڪار آهن. جي اسان تاريخ جو مادي شعور رکون ٿا ۽ اِتهاس جي اهڙن ڏکين دوَرن کان واقف آهيون ته پوءِ سنڌي سماج، ان جي مسئلن، مونجهارن ۽ ڳمڀيرتا کي سمجهڻ ايترو ڏکيو به ناهي، جيترو اسان سمجهون ٿا. ان ڏِس ۾ فرينچ انقلاب جو مطالعو اسان کي سوچڻ، سمجهڻ ۽ پروڙڻ جو گهڻو مواد ڏئي ٿو جنهن مان اسان پنهنجي معروضي حالتن موجب گهڻا نتيجا اخذ ڪري سگهون ٿا.

منهنجيءَ نظر ۾ اڄوڪو سنڌي سماج جن مسئلن ۽ مونجهارن جو شڪار اهي، اُنهن مان مکيہ هي آهن:

(1) سنڌي سماج جي هاڻوڪي بحران جو اهم سبب اُن جي سماجي تبديليءَ جي سُست رفتاري بہ آهي. سنڌي سماج هڪ عبوري دؤر مان لنگهي رهيو آهي. هاڻوڪو دؤر سماجي طور پراڻن مُدي خارج اڏوهي ڪاڏل عوام دشمن سياسي، سماجي، اقتصادي مفادن، قدرن ۽ نون اُسرندڙ ترقي پسند قدرن ۽ مفادن وچ ۾ ڇِڪتاڻ ۽ ويڙهہ جو دؤر آهي، جنهن جون پيڙائون مختلف شڪلين ۾ ظاهر ٿين ٿيون ۽ اُهي سڄو سماج لازمي طور ڀوڳي رهيو آهي. اهڙي دؤر ۾ سماج جي حالت اهڙي هوندي آهي، جهڙي ڪنهن گرڀُ وتيءَ جي ٻار ڄڻڻ وقت. اهي ٻئي مفاد، قدر رويا دراصل ٻن مختلف نظامن جي نمائندگي ڪن ٿا. اسان وٽ عام طرح اسان جا جهونا ۽ وڏيءَ عمر وارا ماڻهو دانهون ڪندا آهن تہ ماڻهن مان ساڃهہ ۽ قرب نڪري ويو آهي، ماڻهن جا اندر ڪوڪلا ٿي ويا آهن، پنهنجائپ دم ٽوڙي رهي آهي، پر حقيقت ۾ ايئن ناهي هوندو. فرق رڳو ساڃهہ، قرب، پنهنجائپ_ مطلب تہ سماجي قدرن ۽ روين جي معيارن ۾ تبديليءَ جو آهي. ٻهراڙين ۾ ڪو پيارو مهمان گهر ايندو آهي تہ ٽُڪَ جون رلهيون وڇائي اُن جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ شهري زندگيءَ جي ڊرائنگ روم ڪلچر وٽ آڌر ڀاءُ جا معيار ٻيا آهن. اهو تہ مون سادو مثال ڏنو پر جي غور ڪبو تہ سڄي سياسي، سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ ۾ اهي تبديليون چِٽيون نظر اينديون. ان سماجي مٿا سٿا جي عمل جي حوالي سان، سنڌي سماج سان هڪ ٻي ٽريجڊي بہ آهي. جاگيرداري ۽ وڏيرڪي نظام کان سرمائيداريءَ طرف ويندڙ سماج ۾ هڪ طرف ٻهراڙيون ٽُٽنديون آهن تہ ٻئي طرف شهر جُڙندا آهن ۽ ايئن اها تبديلي سڄي سماجي ڍانچي ۾ بنيادي تبديليون آڻي ڇڏيندي آهي ۽ سماج کي ترقيءَ جا نوان بنياد فراهم ڪندي آهي، پر سنڌي سماج سان هاڃو اهو آهي تہ اُن جون ٻهراڙيون تہ ٽُٽن ٿيون، پر شهرن تي وَسُ سنڌي ماڻهن جو ناهي. اهي ڏارين جي حوالي آهن ۽ ظاهر آهي تہ سموري اقتصادي ڏي وٺ ۽ سياسي هڻ هٽان جا مرڪز شهر آهن، اُن ڪري ان هاڃي، پڻ سنڌي سماج کي سياسي، سماجي توڙي اقتصادي طرح سخت مونجهاري ۽ ڏچي ۾ وجهي ڇڏيو آهي. خاص طور تي سنڌي وچين طبقي تي اُن جا گهرا اثر پيا آهن.

(2) اڄوڪي سنڌي سماج جو ٻيو مکيہ مسئلو سياسي بحران جو آهي. هڪ طرف سنڌ ۾ مضبوط سياسي ادارن جي کوٽ آهي، تہ ٻئي طرف موجود ادارن يعني تنظيمن ۾ ڀڃَ_ڊاهہَ ٿي رهي آهي. اها سياسي ڀڃَ_ڊاهہَ سنڌي سماج جي هاڻوڪي بحران جو هڪ اهم سبب آهي. منهنجيءَ نظر ۾ ان جا هيٺيان خاص ڪارڻ آهن:

(الف) هڪ تہ سنڌي سماج ڪي ادارن ٺاهڻ ۾ هلائڻ جو گهڻو تجربو ڪونهي. خاص طور تي منظم سياسي ادارا (تنظيمون) تہ ان لاءِ بنهہ نئين ڳالهہ آهن. ان جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سٺ کان ستر (70 _1960ع) واري ڏهاڪي کان اڳ سنڌ ۾ قومي شعور رکندڙ سياسي تنظيمون ئي موجود نہ هيون. سنڌ جي سياسي اڳواڻي گهڻي ڀاڱي جاهل ۽ مُدي خارج وڏيرن ۽ مخصوص گهراڻن جي هٿ ۾ هئي، اُن ڪري انهن سياسي تنظيمن جو ڪو ڊگهو تاريخي پس منظر ۽ بنياد ناهي.

(ب) ٻي ڳالهہ سنڌ جي سماجي پس منظر ۾ سياست جي طبقاتي بيهڪ جي آهي، جنهن ۾ وڏيرو ۽ اُڀرندڙ وچون طبقو ٻہ مکيہ عنصر آهن ۽ ڇاڪاڻ تہ اُنهن جي طبقاتي ڇڪتاڻ جو اجا ڪوبہ سياسي، اقتصادي ۽ سماجي ڇيهہ ڪونہ ٿيو آهي، اُن ڪري اها ڇڪتاڻ اڪثر سياسي تنظيمن ۾ ٻيچ ڊاهہ جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿي.

(ت) سنڌ جي قومي سياست ۾ هن وقت گهڻو عنصر اُڀرندڙ وچئين طبقي جو آهي، جيڪو سياسي، سماجي ۽ اقتصادي طرح اجا پختو ۽ پاڻ ڀرو نہ ٿيڻ ڪري، نہ تہ گهربل افرادي قوت پيدا ڪري سگهيو آهي ۽ نہ پنهنجين تنظيمن اندر سياسي ٽيڪنالاجي ۽ مئنيجمينٽ پيدا ڪري سگهيو آهي. نتيجو اهو ٿو نڪري جو ڪجهہ وقت هلڻ ۽ حالتن ڪي منهن نہ ڏئي سگهڻ ڪري، منجهس فراريت، بيچيني، مايوسي ۽ اهڙا ٻيا نفسياتي مونجهارا پيدا ٿين ٿا، جيڪي اڪثر سياسي تنظيمن اندر گهوٽالي جو سبب بڻجن ٿا. اُن کان علاوه شخصيت پرستي، انا پرستي، خود پسندي ۽ ايدهاڪزم جهڙا منفي سياسي لاڙا بہ سياسي ٻي راهہ رويءَ جو سبب بڻجن ٿا.

(ج) هن سڄي بحران جو چوٿون اهم سبب هيءُ آهي تہ سنڌ جي قومي سياست ۽ ان جي نمائندگي ڪندڙ تنظيمن جون پاڙون عوام ۽ اُن جي نفسيات ۾ کُتل ناهن. جنهن جو ويجهو مثال 88ع ۽ 90ع وارين چونڊن ۾ رسول بخش پليجي، جام ساقي، يوسف لغاري، سوڀي گيانچندائي، دودي مهيري ۽ ٻين سنڌي اڳواڻن جو هارائڻ آهي. سنڌ جو وچون طبقو پنهنجن مخصوص مسئلن ۽ پيڙائن کي سڄي سماج جو مسئلو ۽ بحران سمجهي ٿو اُن ڪري ئي اهو قوم جي گهڻائي يعني عوام کان لاتعلق ۽ ويڳاڻو رهي ٿو. سنڌ جي سياسي بحران جو هڪ اهم سبب اهو آهي تہ سنڌ جي قومي سياست، عوام جي دلين مان سرجڻ بدران، وچين طبقي جي آدرشي ۽ رومانوي مزاج جي هوائن ۾ لٽڪيل رهي آهي، جڏهن تہ حقيقت ۾ سياسي تنظيمون تڏهن ئي بهتر ۽ مضبوط ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون، جڏهن اهي عوام جون ترجمان ٿي ڪم ڪن، ٻيءَ صورت ۾ هاڻوڪين حالتن جو پيدا ٿيڻ هڪ اڻ ٽر ڳالهہ آهي.

هڪ طرف اندروني طرح سنڌ جي سياست جو اهو حال آهي تہ ٻئي طرف اُنهن ۾ ٻين سببن جي ڪري اها خارجي دٻاءَ ۾ مسئلن ڪي منهن نہ ڏئي سگهي آهي، جنهن سنڌي ماڻهن ۾، سياسي جدوجهد ۾ پوئتي رهجي وڃڻ جي احساس کي جنم ڏنو آهي.

(3) سنڌي سماج جي هاڻوڪي گهڻ طرفي بحران جو هڪ سبب اُن جا اقتصادي مسئلا بہ آهن. سنڌي سماج کي اڳتي وڌڻ لاءِ مضبوط ۽ منظم اقتصادي بنياد گهرجن، جيڪي اسان پيدا نہ ڪري سگهيا آهيون. سنڌي سماج اقتصادي لحاظ کان گهڻي ڀاڱي زرعي سماج آهي، پر اهو اڃا سوڌو وڏي پئماني تي زرعي ٽيڪنالاجيءَ ۽ صنعت ۾ داخل ٿي نہ سگهيو آهي. جنهن ڪري اُن ۾ جديد دؤر جي گهرجن کي پوري ڪرڻ ۽ چٽا پيٽيءَ جي هن ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻ جي سگهہ ناهي. مثال طور ڀيو تہ ٿهيو پر اسان وٽ پنهنجي مارڪيٽ بہ نہ آهي. جيتوڻيڪ سنڌ اقتصادي وسيلن سان مالامال ڌرتي آهي، پر سياسي غلاميءَ جي ڪري اُهي وسيلا اسان جي وَس ۽ اختيار ۾ نہ آهن. جنهن معيشت کي پنهنجو سياسي تحفظ حاصل ناهي، اُها گهڻي ترقي ڪري نہ سگهندي. هاڻي ان سڄيءَ صورتحال ۾ جي رڳو سرڪار تي ڀاڙيو تہ اها خواب خيالي ٿيندي. حقيقت ۾ عملي تدبير اها ٿيندي تہ سنڌ جي معيشت کي غير سرڪاري سطح تي بہ اڳتي آندو وڃي. اُن کي پرائيويٽ سيڪٽر ۾ زرعي صنعت ۾ داخل ڪيو وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي مارڪيٽ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي زبان بڻايو وڃي. اڄوڪي دؤر ۾ جيڪا ٻولي ٽيڪنالاجيءَ جي زبان ناهي، اُها گهڻو ترقي ڪري نہ سگهندي. ٻوليءَ جي جياپي ۽ واڌاري لاءِ فقط ادب ئي ڪافي ناهي، ان لاءِ اسان کي سنڌي ٻوليءَ جي پڻ سائنسي تجديد ڪرڻي پوندي.

هونئن مسئلن ۽ مونجهارن جي اها وِچور تمام ڊگهي آهي، پر هتي مون ڊيگهہ جي ڊپ کان رڳو مکيہ مسئلن تي مختصر نظر وڌي آهي، جن تي اڃا بہ گهڻي کوجنا ۽ بحث جي ضرورت آهي. اُن ڪري مٿي ذڪر ڪيل اهي مکيہ ڪارڻ ئي آهن، جن سنڌي سماج ۾ هڪ ذهني بيچيني ۽ ماٺار کي جنم ڏنو آهي. اهڙا دؤر قومن ۽ سماجن تي ايندا رهيا آهن. هاڻي ان مان نڪرڻ جو دارومدار ان سماج جي نفسيات ۽ روش تي آهي. اڄوڪو ترقي يافتہ يورپ، فرينچ انقلاب کان اڳ جنهن ذهني عذاب، روحاني ڪرب، پيڙا ۽ مسئلن جو شاڪر هو اسان تہ اُن جو تصور بہ نٿا ڪري سگهون. ان ڪري اڄو تہ نراسائيءَ ۽ فراريت جي ڳُڙَ مان نڪري، پنهنجي منتشر قومي وسيلن، توانائين ۽ وجود کي سهيڙيون. ٽلهي رومانويت يا نااُميديءَ جي چارَ مان نڪري حقيقت پسند ۽ عملي ماڻهو ٿيون. سنڌي سماج جو (بهتر يا بدتر) آئيندو اسان سان ئي لاڳاپيل آهي. اڄو تہ عالمي سياسي ۽ فڪري تبديلين جي

پس منظر ۾، سنڌ ۾ هڪ نئين فڪري انقلاب جي شروعات ڪريون. اسان کي ٻه هڪ ذهني انقلاب جي ضرورت آهي. اسان کي ٻه سنڌي سماج جي نئين سِر اڏاوت لاءِ نوان فڪري معيار ۽ بنياد گهرجن. اڇو تہ سنڌ ۾ عملي قومي سوچ جو آغاز ڪريون. اسان مان جيڪو ٻه پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ مهارت نٿو رکي ۽ پنهنجي شعبي ۾ قومي اڏاوت جا بنياد نٿو وجهي، ان کي رڳو لباڙون ۽ هوا ۾ لٺيون هڻڻ جو ڪوبہ حق ناهي. اهو سچ پچ قومي درد رکڻ جي دعويٰ نٿو ڪري سگهي. اها رِوش اسان کي هر شعبي ۾ اختيار ڪرڻي پوندي. اسان کي انڌا، ٻوڙا ۽ گونگا سياسي ڪارڪن ۽ جاهل سياسي اڳواڻ نہ پر باشعور ۽ تخليقي سگهہ رکندڙ سياسي اڳواڻ ۽ ڪارڪن گهرجن. اسان کي ٽيڪنالاجيءَ ۽ صنعت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ماهر انجنيئر ۽ ٽيڪنوڪريٽ کپن. سنڌ ۾ تعليمي انقلاب جي شروعات ڪرڻ لاءِ قابل ۽ پاڻ ارپيندڙ استاد کپن. سچ پچ قوي فڪري رهنمائي ڪندڙ دانشور ۽ اديب کپن. جديد دؤر جون گهرجون پوريون ڪندڙ آزاد صحافت گهرجي. تڏهن ئي سنڌي سماج جي نِبل ۽ ڪمزور رڳن ۾ ترقيءَ ۽ اؤسر جو روح ڦُوڪي سگهجي ٿو.

اڇو تہ اُن فڪري انقلاب جا هارَ ڪڻي 21هين صديءَ جي آجيان لاءِ، پنهنجون صفون درست ڪريون. ممڪن آهي تہ اهو فڪري انقلاب سنڌ جي قومي بقا ۽ اؤسر جي ضمانت ۽ سنڌي سماج جي اڏاوت جو مضبوط بنياد ثابت ٿئي.

---

ماهوار سهڻي (سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ پاران 19 آگسٽ 1991ع تي ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايل مذاڪري ۾ ڪيل تقرير)

# تبديليءَ جي تمنا ۾ ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ وارو سوال!

اڄڪلهه سنڌ جي سڄاڻ ماڻهن جي سوچ ويچار جي ايجنڊا تي جيڪو سوال سڀ کان وڌيڪ اهميت ۽ شدت سان غور هيٺ آهي، اُهو اِهو آهي ته آخر ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ يعني ان سوال جي اُڀرڻ سان اهو ته واضح ٿئي ٿو ته سنڌي سماج مسئلن ۽ بحرانن جي اهڙي موڙ تي اچي بيٺو آهي، جتي هڪ طرف ماڻهو پاڻ کي انيڪ سياسي، سماجي، ثقافتي، اقتصادي ۽ نفسياتي مسئلن ۾ گهيريل ڏسن ٿا ته ٻئي طرف جڻ ته پاڻ کي بي وس ۽ پنهنجي بيچينيءَ کي بي اثر محسوس ڪن ٿا ۽ پوءِ نتيجي ۾ ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ جو سوال پنهنجي پوريءَ شدت سان اُڀري ٿو پر عجيب ڳالهه اِها آهي ته ڳالهه جنهن سوال تان شروع ٿئي ٿي، اُها گول دائري وانگر ختم به اُن سوال تي اچي ٿئي ٿي ۽ ان سوال جي گول دائري ۾ ڪٿي به جواب جو اسپيڊ بريڪر نٿو اچي ۽ نتيجي ۾ نه ته سوال جي تشنگي ختم ٿئي ٿي ۽ نه ئي اهو بحث ڪنهن نتيجي ڏيندڙ نقطي تي پهچي ٿو. مان نٿو سمجهان ته ڪنهن اڪيلي شخص وٽ ان جو ڪو مڪمل جواب آهي يا ٿي سگهي ٿو. ها البته ايترو آهي ته ان حوالي سان مون وٽ به پنهنجي هڪ راءِ آهي، جيڪا مان سڄاڻ ماڻهن ۽ پڙهندڙن سان شيئر ڪرڻ چاهيان ٿو ته جيئن هي سوال صحيح رُخ ۾ پنهنجي مڪمل جواب جي ڳولا جو سفر جاري رکي سگهي. مطلب ته هيءُ هڪ اهڙو اهم سوال آهي، جيڪو پنهنجو جواب لهڻي ٿو.

ويجهي عرصي ۾ روزاني ڪاوش جي ايڊيٽر ۽ سياسي معاملن کي سنجيدگيءَ سان ڏسندڙ علي قاضي ۽ منهنجون ان سوال تي ڪافي طويل ۽ سُٺيون ڪچهريون ٿيون آهن ۽ ايئن يقينن گهڻن حلقن ۾ ان سوال تي بحث مباحثا ۽ سوچ ويچار ٿيندو

هوندو ۽ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سمورا ويچار جيڪي تبديليءَ جي سوال سان لاڳاپيل آهن، اُهي جيئن ۽ جهڙيءَ صورت ۾ آهن، سامهون اچڻ گهرجن. جيئن علي قاضي، آغا سليم ۽ ٻين دوستن پنهنجا ويچار سامهون آندا آهن.

سڀ کان پهرين ڳالهہ اِها آهي تہ اهو واضح ٿيڻ گهرجي تہ ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ وارو سوال محض سياسي سوال ناهي. اهو هڪڙو همہ گير ۽ پيچيده سوال آهي، جنهن جي دائري ۾ سياست سان گڏ معيشت ۽ ثقافت سان گڏ سماجي پيچيدگيون بہ اچي وڃن ٿيون. ڇو تہ اڄ سنڌ ۾ جيڪا مونجهہ، بي يقيني، سماجي توڙي معاشي طرح عدم تحف جو احساس آهي يا سماج جو لڳ ڀڳ هر شعبو جيئن بيهجي ويو آهي يا اُن کان بہ وڌيڪ، بتدريج پستيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي. ان سموري صورتحال هن سوال کي جنم ڏنو آهي ۽ هيءُ سوال جيئن تہ رڳو سياسي بحرانن جي ڪري پيدا نہ ٿيو آهي، ان ڪري ان کي بہ رڳو سياست جي تناظر ۾ ڏسڻ بجاءِ قومي زندگيءَ جي سمورن پاسن جي تناظر ۾، پنهنجي پوري همہ گيريت سان ڏسڻ گهرجي. جيئن تہ سماج جي قومي زندگيءَ بابت سمورا فيصلا سياست ڪري ٿي، اُن ڪري پس و پيش بقول علي قاضيءَ جي، هي بہ سياسي سوال آهي ۽ جيستائين سنڌ جي سياست ۾ ڪو Break Through نٿو ٿئي، تيسين اُنهن سمورن مسئلن جو ڪو عملي حل نڪرڻ بہ ممڪن نہ آهي. اُن ڪري اِهو سمجهندي بہ تہ هن سوال جا ٻيا پاسا بہ ايترائي اهم آهن، مان هن نشست ۾ ان سوال جي سياسي پاسن تي پنهنجي راءِ ڏئي رهيو آهيان.

دراصل ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ جو سوال اُٿي ئي تڏهن ٿو جڏهن سياست ۽ پس و پيش سموري قومي زندگي جمود جو شڪار ٿئي ٿي، يعني ان سوال جو اُڀرڻ واضح ڪري ٿو تہ هيءُ دور تبديليءَ جو متقاضي آهي، پر سوال آهي تہ تبديلي ڪيئن ايندي ۽ اها ڪير آڻيندو؟ سنڌي سماج جنهن سطح تي اڄ آهي يا اهو جنهن دور مان گذري رهيو آهي، ان ۾ منهنجي خيال ۾ بہ قوتون اهڙيون آهن جيڪي تبديلي آڻي سگهن ٿيون ۽ اهي قوتون آهن عوام ۽ مٿيون طبقو جنهن کي مان روايتي ٻوليءَ ۾ جاگيردار چوڻ بدران Elite (سُکيو سَهنجو) چوان ٿو. (ڇو تہ اُن ۾ وڏيرا، جاگيردار ۽ ڪامورا شاهي سڀ اچي وڃن ٿا) سنڌ جو وچيون طبقو پنهنجي موجوده بيهڪ ۽ حيثيت ۾ پاڻ ڪا بنيادي تبديلي آڻڻ جي سگهہ نٿو رکي، البتہ اهو اُن تبديليءَ جي عمل تي زبردست نموني اثرانداز ٿي سگهي ٿو يا اُن ۾ ڪو مضبوط ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. جيتوڻيڪ مٿيون طبقو پنهنجي بنيادي ڪردار ۾ هميشہ عوام دشمن هوندو آهي پر پوءِ بہ اُن ۾ اهڙا عنصر ضرور پيدا ٿيندا آهن جيڪي پنهنجي روايتي طبقاتي ڪردار جي اُبتڙ بهتر ڪردار ادا ڪندا آهن. بدقسمتيءَ سان اسان

وٽ اڃا تائين مٿئين طبقي يعني Elite ڪلاس ۾ ڪي بهتر ۽ سياسي ٻوليءَ ۾ پروگريسو بورجوا عنصر پيدا ٿي نہ سگهيا آهن. فرانس توڙي سڄي اولهہ يورپ ۾ تبديلي مٿئين طبقي جي اهڙن عنصرن آندي هئي پر هتي سنڌي سماج ۾ سرمائيداري ۽ شهري سماج جي نہ اُسري سگهڻ سبب اسان جو مٿيون طبقو اڃا تائين اهڙو دقيانوسي آهي, جيئن اهو روايتي طرح رهيو آهي. اُن ۾ تبديلي اها آئي آهي جو هو اڳ جي پيٽ ۾ وڏيڪ شاهوڪار ۽ ذهني طرح وڏيڪ ڪرپٽ ۽ غير ذميوار ٿيو آهي. جيتوڻيڪ مان سنڌ جي ڪامورا شاهي کي بہ ان Elite ڪلاس ۾ شمار ڪريان ٿو پر اُن جو مجموعي ڪردار ٻڌائي ٿو تہ اهو پنهنجيءَ قوم ۽ سماج جي پاسي ٿيڻ بجاءِ حاڪمن جو وڌيڪ ڳيجهو ٿي رهڻ کي ئي اوليت ڏئي ٿو. ڪامورا شاهي جو تعلق بنيادي طرح وچئين طبقي سان هو پر اُن پنهنجي طبقي سان گڏ پنهنجون اوليتون ۽ مفاد بہ تبديل ڪري ڇڏيا آهن. نہ تہ حقيقت ۾ هي اهو عنصر هو جيڪو مٿئين طبقي ۾ شامل ٿيڻ ڪانپوءِ اُن جي ڪردار کي ڪنهن حد تائين تبديل ڪري ٿي سگهيو پر ايئن نہ ٿيو. ننڍي کنڊ اندر بنگال ۾ ايئن ٿيو ۽ بنگال جي ڪامورا شاهيءَ اهو ئي ڪردار ادا ڪيو جيڪو پروگريسو بورجوا جو ڪردار هوندو آهي, جڏهن تہ سنڌ ۾ ايئن ٿي نہ سگهيو آهي. اُن ڪري سنڌ جو مٿيون طبقو ڪا تبديلي آڻي, اهو في الوقت نظر نٿو اچي. ڇو تہ اها تبديلي نہ تہ سندن عارضي مفادن سان هم آهنگ آهي ۽ نہ ڪين اُن تبديليءَ جو شعور آهي. تبديلي هميشہ ٻن سببن جي ڪري ايندي آهي, هڪ مجبوري ٻيو شعور, پر سنڌ جي مٿئين طبقي ۾ نہ تہ ايترو فهم ۽ نہ وري فضيلت آهي. ٻئي پاسي عوام آهي. اهو عوام, جيڪو تبديليءَ جي سگهہ تہ رکي ٿو پر شعور نہ. شايد گهڻن کي اها راءِ ڏکي لڳي پر منهنجي راءِ آهي تہ پ پ سنڌي عوام جا ٻہ ڏهاڪا ضايع ڪري ڇڏيا آهن. جيتوڻيڪ پ پ جي سامهون ڪا ٻي قوت بہ نہ اُڀري سگهي ۽ اُن جا پنهنجا ٺوس سبب آهن پر ان بنياد تي پ پ کي ان الزام کان آجو قرار ڏئي نٿو سگهجي تہ ان سنڌي عوام جا ٻہ ڏهاڪا سياسي طرح ضايع ڪري ڇڏيا. پ پ جو جيڪو بهتر ۽ ساراهہ جوڳو ڪردار آهي بہ تہ اِهو ڀُٽي صاحب جي دؤر ۾ هو پر جڏهن کان محترمہ جي اڳواڻيءَ ۾ پ پ اقتدار جي ايوانن تائين پهتي تہ اُن جو ڪردار قطعي بدلجي ويو. محترمہ جنهن جمهوري سياست جو نعرو ٿي هنيو جي هوءَ عملي طور بہ اُن جمهوريت ۾ ويساهہ رکندي هجي ها تہ اڄ صورتحال گهڻي مختلف هجي ها. اڄ هندستاني سماج سياسي طرح جيترو اڳتي وڌي اُسري آيو آهي, ان ۾ ڪانگريس جو وڏو ڪردار آهي. جمهوري سياست جي لڳاتار عمل ڪري هندستان ۾ سياست جون واڳون روايتي Elite ڪلاس جي هٿن مان نڪري وچئين طبقي جي هٿن ۾

اڇي ويون آهن. 1988ع جي چونڊن ۾ جيئن ماڻهو پ پ جي پويان هئا يا جيئن اُنهن پ پ کي مينڊيٽ ڏنو هو، جي محترمہ سياست جو وڏو Vision (نگاهہ) رکندي هجي ها يا هن جي سياست جي ڪا واقعي بہ سنجيده ايجنڊا هجي ها تہ اڄ اسان جي سياسي توڙي مجموعي قومي صورتحال گهڻو مختلف هجي ها پر افسوس جو ايئن ٿي نہ سگهيو. البتہ پُٺتي صاحب سنڌي سماج ۾ گهٽيون بهتر تبديليون آنديون. اڄ هي جيڪو ٿورو گهڻو مڊل ڪلاس سنڌ ۾ موجود آهي يا جيڪي چند ادارا آهن، اِهي هُن شخص جي دَمَ سان ئي پيدا ٿيا پر محترمہ جي سياست جون اوليتون ٻيون هيون. خود سندس پارٽيءَ اندر موجود سُٺا ۽ عوام دوست عنصر اڳتي اچي نہ سگهيا يا اُنهن کي اڳتي اچڻ نہ ڏنو ويو. سؤلي سنڌيءَ ۾ پ پ ۽ محترمہ سنڌي سماج جي وڏي ۾ وڏي قوت يعني عوام جي طاقت جو ڏنگ ڪڍي، اُن کي بي اثر ۽ مُڏو ڪري ڇڏيو. اُن ڪري تبديليءَ جو جيڪو ٿيو امڪان هويا آهي، اُن کي بہ پ پ محدود ۽ مقيد ڪري ڇڏيو ۽ اِها صورتحال ٿوري فرق سان بدستور برقرار آهي. نہ تہ پ پ پنهنجو رويو ۽ ڪردار سُڌارڻ يا تبديل ڪرڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ ئي ماڻهو اڃا تائين اُن جي اثر مان نڪري سگهيا آهن. عوام تبديلي آڻڻ جي سگهہ ضرور رکي ٿو پر اُها تبديلي ضرور ڪنهن سياسي تنظيم ۽ تحريڪ معرفت ايندي ۽ بدقسمتيءَ سان عوام جنهن تنظيم جي پويان آهي، اُن جي ايجنڊا تي سياسي اسٽيٽسڪو کي ٽوڙڻ جو تصور بہ موجود ناهي. نتيجي ۾ عوام بہ موجوده حالتن ۾ تبديلي آڻڻ کان قاصر آهي. سماج جو ٽيون عنصر يعني وچيون طبقو ايترو ڪمزور ۽ محتاج شڪل ۾ آهي، جو اهو پاڻ ڪا بنيادي تبديلي آڻي، سو في الوقت ٿي نٿو سگهي. ها البتہ تبديليءَ جي عمل ۾ اهو پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. سنڌ ۾ وچيون طبقو اڃا اهڙي حيثيت ۾ ئي ناهي جو اُن جو ڪو مضبوط يا بنيادي ڪردار جُڙي سگهي، البتہ اُن ۾ سڄاڻ ماڻهن (ليکڪن، دانشورن، استادن، سڄاڻ سياسي ڪارڪنن، صحافين، اديبن ۽ شاگردن وغيره) جو هڪڙو حلقو ضرور موجود آهي، جيڪو پنهنجين حالتن ۽ شعور جي دٻاءُ سبب سخت بيچين بہ آهي تہ تبديليءَ جو گهُرجائو بہ. اُن ۾ انفرادي توڙي اجتماعي طرح ماڻهو ۽ ڪجهہ حلقا پنهنجو پنهنجو انفرادي يا گڏيل ڪردار بہ ادا ڪن ٿا پر پوءِ بہ ان جو ڪو نظر ايندڙ نتيجو نٿو نڪري. "نيٺ ڇا ڪجي؟" واري سوال تي پنهنجي مضمون (7 جنوري 98ع) ۾ علي قاضيءَ ڏاڍي سُٺي ڳالهہ ڪئي هئي تہ "اهي ماڻهو جيڪي حتمي تبديلي چاهين ٿا، سي "اقتداري ڪلب" جي خسيس پر نهايت طاقتور اقليت آڏو بيوس بڻيل آهن. ٻئي طرف عوام تائين بہ سندن پوري پهچ ناهي." يعني مٿي ڪيل بحث جو نتيجو ٿُلهي ليکي هيءُ ٿيو تہ سماج ۾ تبديليءَ جون امين بہ قوتون بڻجي

سگهن ٿيون. اُنهن مان پهرين يعني عوام جي طاقت جو صحيح سياسي ڪارج نٿو ٿئي. جڏهن تہ ٻيءَ طاقت يعني مٿئين طبقي کي نہ تبديليءَ جو گهربل شعور آهي ۽ نہ تبديلي اُن جي ڪا ضرورت يا مجبوري آهي. ٽئين پاسي وري وچئين طبقي جنهن کي تبديليءَ جو گهربل شعور ۽ اُن لاءِ تڙپ آهي، پر اهو موجوده حالتن ۾ تبديليءَ جي بنهي امڪاني سرچشمن تي بنيادي تبديلين جي حوالي سان اثرانداز ٿي سگهڻ جي قابل ناهي ۽ اُتي ئي اچي سڄو مسئلو ٻيهجي وڃي ٿو ۽ قصو اٽڪي نٿو وڃي. منهنجي خيال ۾ تبديليءَ جي شروعات تڏهن ٿيندي جڏهن سماج جو اهو حصو جنهن ۾ تبديليءَ جو شعور آهي ۽ جيڪو حقيقي طور تبديلي چاهي ٿو سو پنهنجي ڪردار ۽ حيثيت ۾ ايترو وزن پيدا ڪري، جو اهو تبديليءَ جي ٻنهي امڪانن، اُنهن جي مهندار قوتن يا اُنهن منجهان ڪنهن هڪ ڌر کي درست رُخ ۾ Exploit ڪري سگهي يا اُن مٿان ايترو اثرانداز ٿي سگهي، جو تبديليءَ جو عمل ممڪن بڻجي سگهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي سماج جي اُن سجاڳ حصي جي ڪردار ۾ تبديليءَ سان ئي اِها وڏي تبديلي ممڪن بڻجي سگهندي، جنهن جو اسان کي محبوب جي آمد جهڙو انتظار آهي.

هاڻي ان سجاڳ حصي جي ڪردار ۾ اِها تبديلي ڪيئن ممڪن آهي؟ ان سوال تي ڪنهن ٻيءَ نشست ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪبي.

---

روزاني ڪاوش، حيدرآباد 1998ع

# ڇا فرمائشي پروگرام سان تبديلي ممڪن آهي؟

سنڌي سماج ۾ تبديليءَ ۽ سنڌ جي بقا جو سوال ڪنهن ريت به نئون نه آهي. سنڌ جي سياسي ادب ۾ جيترو مواد ان موضوع تي لکيو ويو آهي، شايد ئي ڪنهن ٻئي موضوع تي لکيو ويو هجي ۽ جيتوڻيڪ نظرياتي طور هاڻي ان سوال جا تمام گهڻا بنيادي پاسا واضح ۽ صاف به آهن. مثال طور هاڻي نه رڳو ”وڏيرڪي جمهوريت“ مان عوام پنهنجون سڀ خود فريب اُميدون ختم ڪري چڪو آهي، پر ”وڏيرڪي قومپرستيءَ“ جو تصور به پنهنجا بنياد وڃائي چڪو آهي. ان سوال جا اُهي سڀ پاسا جيڪي 60 کان 70 جي ڏهاڪي ۾ مبهم محسوس ٿيندا هئا، هاڻي عوامي سطح تي ڪٿي نه به سهي پر فڪري طور تي سنڌ ۾ گهڻو واضح ٿي چڪا آهن. خود عوام جا رويا به تمام گهڻن حوالن سان هاڻي تبديل ٿيل آهن. ووٽ وڏيرن کي ڏيڻ ڪٿي عوام جي مجبوري آهي پر وڏيري سان عوام جو اڳوڻو تعلق تمام گهڻيءَ حد تائين ٽُٽي چڪو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته نون پيداواري لاڳاپن نه نهڻ توڙي نون سماجي سرشتن (Social Structures) جي نه اُسري سگهڻ ڪري عوام جا نوان لاڳاپا به جڙي يا ميچوئر ٿي نه سگهيا آهن پر تنهن هوندي به وڏيرو اسان جي معاشري جو ڪو چڱو مڙس نه پر بڇڙو ڪردار جاتو وڃي ٿو. ان موضوع تي مون اڳ به مختلف حوالن سان ماضيءَ ۾ گهڻو ڪجهه پئي لکيو آهي. اڄ مان ان جي هڪ ٻئي پهلوءَ تي پنهنجا ويچار پيش ڪرڻ چاهيان ٿو ۽ مان چاهيندس ته ان موضوع تي بحث مباحثو ٿئي ۽ هڪ بند ۽ ٻوساٽيل سنڌي سماج ۾ نون نون خيالن جو پاڻ ۾ ٽڪراءُ ٿئي. سنڌ ۾ وڏيرن جي حوالي سان ته گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ لکيو وڃي ٿو پر سنڌ جي قومي سوال جي حوالي سان مڊل ڪلاس ۽ ان جي نمائنده

حصن جي ڪردار جي باري ۾ ان سطح جي ڳالهه ٻولهه نٿي ٿئي. ان ڪري منهنجو خيال آهي ته رڳو ابن الوقت وڏيرن تي ڦٽڪار وجهڻ ڪافي نه آهي پر خود 1970ع کانپوءِ جي سنڌي سماج ۾ مڊل ڪلاس جي اُسرڻ، ان جي مجموعي ڪردار ۽ ان ۾ به مڊل ڪلاس جي بنيادي شعبن جي نمائنده حصن جي ڪردار جو جائزو وٺڻ نهايت ضروري آهي. موجوده حالتن ۾ ته ان جي ضرورت ويتر وڌيڪ اهم بڻجي وئي آهي. مثال طور ان ڳالهه جو حساب ڪتاب ٿيڻ گهرجي ته جيڪڏهن وڏيرن سنڌ جي سياسي نمائنده ادارن ۾ گهربل ڪردار ادا نه ڪري سنڌ کي قومي طور نقصان رسايو ته ٻئي طرف زندگيءَ جا جيڪي شعبا وچين طبقي جي مختلف شعبن ۾ نمائنده ماڻهن وٽ هئا، انهن جو ڇا حشر ٿيو؟ اسان جا تعليمي ادارا خاص طور تي يونيورسٽيون، انهن جي تباهيءَ ۾ ڪنهن جو ڪردار رهيو آهي؟ وائيس چانسلر يا ٻيا ذميوار اختياريءَ وارا ڪهڙا وڏيرا هئا. اِهي ته وڏا تعليم يافته ۽ وڏيون وڏيون ڊگريون رکندڙ ماڻهو هئا پر پوءِ سندن ڪردار ڇا رهيو؟ ڊاڪٽر نذير مغل جيڪو 20 سال آمريڪا ۾ پروفيسر رهيو آهي ۽ ايڊنبرا يونيورسٽيءَ ۾ ڊين به آهي، سو جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿيو تڏهن هن جيڪي ڪرپشنز جا رڪارڊ قائم ڪيا، انهن جو ڪو مثال آهي؟ سنڌالاجيءَ کي نهئي گهٽو زمانو گذري ويو آهي ۽ اُهو ادارو ڪهڙن وڏيرن جي حوالي رهيو آهي؟ سنڌ جا نهايت قابل اديب ان جا منتظم رهيا آهن پر ڇا سنڌالاجيءَ کي هڪ جديد ادارو بڻائڻ لاءِ هڪ ڏينهن به سنجيدگيءَ سان ويچاريو ويو يا ڪو عملي قدم کنيو ويو؟ ڇا سنڌالاجيءَ جو ادارو ان لاءِ ٺهيو هو ته ان ۾ بوسيده رلهيون، اجرڪ ۽ مِيرن جون تلوارون ۽ تير ڪمان ٽنگي ڇڏجن؟ ڇا تحقيقي ۽ علمي ادارا ايئن هوندا آهن؟ سنڌ جي تخليقي ذهن رکندڙ نوجوانن جون حياتيون حسن درس جي لفظن ۾ سستي سگريٽ جيان سڙي رهيون آهن ۽ سمورن علمي ادبي ادارن تي اهو ئي ”حلقو“ حاوي آهي. جنهن سان هڪ هڪ ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ ڏهن ڏهن ادارن ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح ويٺو آهي.
ان ڪري اڄوڪي سنڌي سماج ۾ بدليل حقيقتن جي پس منظر ۾ مڊل ڪلاس ۽ ان جي نمائنده حصن جي ڪردار جو نئين سر جائزو وٺڻ جي ضرورت آهي. ان ڳالهه جي تفصيل ۾ وڃڻ ته اڄايو ٿيندو ته سڄيءَ دنيا اندر مڊل ڪلاس کي موقعي پرست هئڻ باوجود بنيادي طور هڪ نسبتن روشن خيال ۽ پروگريسو/ ترقي پسند طبقو سمجهيو ويندو آهي. سنڌ ۾ به ورهاست کانپوءِ 1970ع جي ڏهاڪي ۾ جڏهن پهريون دفعو سنڌي مڊل ڪلاس ٺهڻ ۽ ان جو ڪردار متعين ٿيڻ شروع ٿيو ته سمجهيو ايئن ٿي ويو ته اهو سماج ۾ پنهنجي تاريخي ڪردار سان اُڀري ايندو ۽ اهو ڪردار بنيادي تبديلين جو سبب بڻبو. ان زماني ۾ رڳو مڊل ڪلاس جي سنڌي

اديبن ۽ سياسي ڪارڪنن جون تحريرون ۽ تقريرون پڙهجن ٿيون ته نظر ٿي آيو ته جنهن سماجي، فڪري ۽ سياسي تبديليءَ جي گهرج سنڌ کي صدين کان هئي، شايد ان جي پورائي جو نه رڳو وقت اچي ويو آهي پر ان لاءِ گهربل سماجي ۽ نظرياتي قوتون ۽ عنصر به سنڌي سماج ۾ پيدا ٿي رهيا آهن. مڊل ڪلاس جي ڪردار جي حوالي سان 60ع ۽ 70ع جو ڏهاڪو سنڌ ۾ وڏو اُتساهيندڙ دؤر هو پر پوءِ ڇا ٿيو؟ ڏسندي ڏسندي مڊل ڪلاس جو اهو متحرڪ حصو پنهنجو ڪردار پنهنجي اُبتڙ ۾ تبديل ڪندو ويو ۽ اڄوڪو مڊل ۽ ان جو نمائنده حصو سياست، ادب، صحافت ۽ ٻين شعبن ۾ اُڀري آيو آهي، ان جو تمام وڏو حصو ”دو نمبري“ ۽ ٺڙڪ ٺڳيءَ تي هلندڙ آهي. ان ۾ نه رڳو اهو Vision نه آهي ته ڪين سنڌ جي تعمير ڪيئن ۽ ڪهڙن بنيادن تي ڪرڻي آهي پر اهو سوال گهٽي پاڳي هن جي ايجنڊا تي ئي نه آهي. جيڪو اعليٰ تعليم يافته استاد يونيورسٽين ۾ پڙهائي ٿو. ڇا ان کي اها خبر نه آهي ته هن جو تعلق ڪهڙيءَ پسمانده قوم سان آهي ۽ اُها تعليم ۽ معياري تعليم کانسواءِ اڳتي وڌي سگهي ٿي نه ٿي پر استاد برادريءَ جو گهڻو حصو ايمانداريءَ سان پنهنجي گهربل شعبي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟ اهو ته مون مثال ڏنو پر زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ مڊل ڪلاس جي ڪردار ۽ رويي جو مجموعي طور حال اِهو آهي. مثال طور اڄوڪي سنڌي سماج ۾ وچئين طبقي جي نمائنده قوت، ميڊيا کي ميڊيا سان وابسته لکندڙ (مان انهن لاءِ اديب يا دانشور جو لفظ ان ڪري استعمال نه ٿو ڪريان جو منهنجيءَ نظر ۾ انهن منجهان 90 سيڪڙو کي حقيقي معنيٰ ۾ نه ته اديب سڏي سگهجي ٿو ۽ نه دانشور. اديب يا دانشور ٿيڻ ته وڏي ڳالهه آهي پر منجهائن گهڻن کي ته درست ٻولي لکڻ ۽ دليلن جي آرٽيڪيوليشن ڪرڻ به نه ٿي اچي. ان ڪري ساڻن وڏ ۾ وڏ رعايت ڪري، مجبوريءَ ۾ 33 مارڪون ڏئي کين لکندڙ سڏي سگهجي ٿو) لڏي کي سمجهيو وڃي ٿو. مان ان حوالي سان گهڻي سوچ ويچار، مشاهدي ۽ تجربي کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته جيئن سنڌ ۾ عوام جي سياسي نمائندگي غلط هٿن يعني وڏيرن وٽ يرغمال آهي، تيئن مڊل ڪلاس جي نمائندگي به بنيادي طور درست هٿن ۾ نه آهي. هڪ عرصي کان خاص اپروچ تحت سياست کي جنرلائيز ڪري ان جي نفي ڪري هڪ طرف سماج کي عدم سياست ڏانهن ڌِڪڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ته ٻئي طرف اهو تاثر ڏنو پيو وڃي ته هر مرض جو علاج ميڊيا آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌي پرنٽ ميڊيا نه رڳو پاڻ هڪ شعبي طور سُٺي ترقي ڪئي آهي پر ان سنڌي سماج جي سماجي شعور جي اوُسر تي به وڏو اثر وڌو آهي پر اها ڳالهه سمجهڻ کپي ته ڪو به شعبو ڪنهن به ٻئي شعبي جو متبادل

ڪڏهن بہ تي نہ ٿو سگهي ۽ سياست تہ سماج جو اهم ترين شعبو آهي، جنهن جو متبادل ڪو ٻيو شعبو ٿي سگهي ئي نہ ٿو. ٻيا شعبا ان تي سٺا يا خراب اثر ضرور وجهي سگهن ٿا پر ان جو متبادل ٿي نہ ٿا سگهن. اسان وٽ لکندڙ پڙهندڙ ۽ سوچيندڙ لڏي جنهن کي انگريزيءَ ۾ Intelligtia چئبو آهي، وٽ سياست جي باري ۾ ٻن قسمن جا تصور ۽ رويا رهيا آهن. هڪ وڏو حصو اهڙو آهي، جيڪو سياست جي بُتَ کان بيزار آهي ۽ ان لاءِ سياست ڪوڙهہ جي مرض کان گهٽ نہ آهي. ان ڪري سندن سياست ڏانهن هڪ شعبي طور رويو بنهہ ٻاراڻو غير حقيقت پسند ۽ هوائي آهي. هو رهن سماج ۽ سماجي رشتي ۾ ٿا، سماج جي هر چڱي مَني شيءِ جو اثر قبول ڪن ٿا ۽ موٽ ۾ ان تي اثر وجهن ٿا، زندگيءَ ۽ سماج بابت يقينن پنهنجي پسند ناپسند، تصور، ويچار ۽ رويا رکن ٿا، پر تاثر اهو ڏيندا تہ سندن سياسست سان ڪجهہ نہ وجي ۽ هو ان سان ڪابہ دلچسپي نہ ٿا رکن. ان ڪري ان حلقي جي سياست سان اِها نام نهاد عدم دلچسپي يا سياست کي مورڳو رد ڪرڻ جي رويي بہ سياست ۽ پس و پيش سماج کي مونجهارن ۽ مايوسين جي ڏهڻ ۾ ڦاسايو آهي. ٻيو حلقو اهو آهي، جنهن وٽ نہ تہ شين ۾ فرق ڪرڻ جي سمجهہ ۽ ايمانداري آهي ۽ نہ حالتن جي پيچيدگين جي پروڙ. پر سياست ۽ سماج بابت سندن فرمائشي پروگرام چوويهہ ڪلاڪ جاري رهندو. مثال طور ان جا ڪجهہ مکيہ رويا ۽ رايا هيءُ آهن:

(الف) سڀ سياستدان مفاد پرست آهن، ڪنهن کي بہ قوم لاءِ اون ناهي....

(ب) جي سڀ قومپرست سچا آهن تہ پوءِ گڏ ڇو نہ ٿا ٿين.....

(ت) سنڌ کي نوجوان قيادت گهرجي.....

(ج) ٿيندو ڪجهہ بہ ڪونہ، اجايو مٿو هڻڻ مان فائدو.....

اِهي ۽ اهڙا اڪيچار رويا ۽ ويچار اسان کي اڄوڪي سنڌي سماج ۾ ان حلقي وٽان پيش ٿيندڙ فرمائشي پروگرام ۾ بار بار ملندا. ڇاڪاڻ تہ اِهي ويچار لکندڙن طرفان بار بار پيش ٿيندا رهن ٿا، ان ڪري ظاهر آهي تہ ان جو هڪ حد تائين ضرور عام راءِ تي اثر پوي ٿو. منهنجي خيال ۾ انهن ويچارن ۽ روين جي ڇنڊ ڇاڻ تمام ضروري آهي. مان سماجي سائنس جو بہ شاگرد آهيان ۽ منهنجو ان ڳالهہ ۾ پختو ويساهہ آهي تہ سنڌ تہ ڇا پر ڪوبہ سماج سياست ۽ بهتر عوام دوست سياست کانسواءِ نہ تہ هلي سگهي ٿو ۽ نہ اُسري سگهي ٿو ۽ نہ اُسري پنهنجي پنهنجي دؤر جي اقتصادي ۽ سماجي پيچيدگين مان نڪري سگهي ٿو. خاص طور تي سنڌ وانگر جيڪي قومون ۽ سماج صدين کان پسمانده ۽ غلامين جي انيڪ غلامين جي تاجي پيٽي ۾ ڦاٿل هجن، انهن لاءِ تہ واضح، منظم ۽ عوام دوست سياست آزاديءَ ۽

ترقيءَ جو هڪ وڏو ۽ بنيادي وسيلو هجي ٿي. ان ڪري سياست جي نفي يا ان تان عوام جو مورڳو ويساهه ڪٽائڻ جو بيو مطلب اهو ئي آهي ته قوم/ سماج کي آپگهات لاءِ ترغيب ڏني پئي وڃي. اهو صحيح آهي ته اڄوڪي سنڌي سماج جي حالت جيئن بين سمورن شعبن ۾ خراب آهي، تيئن سياست جي ميدان تي به اُها مجموعي طور اُتساهيندڙ نه آهي ۽ ان ۾ ڪا عجب جهڙي ڳالهه ان ڪري نه آهي جو سياست آسمان مان زمين تي ڪونه ٿي لهي پر اُها زمين ۽ زندگيءَ جي حقيقتن جي ڪُکِ مان جنم وٺي ٿي. جنهن قسم جا سماجي اسٽرڪچرز هوندا، جهڙا پيداواري ناتا هوندا، جنهن قسم جا قدر، تصور ۽ قوتون سماج تي حاوي هونديون، سماج ۾ سياست به گهڻي ڀاڱي ان جو عڪس هوندي پر ان جو اهو نتيجو ته ڪڍي نٿو سگهجي ته چڱاين ۽ بچڙاين وچ ۾ تميز ڪرڻ بجاءِ مورڳو سياست جي يا ته نفي ڪئي وڃي يا خبرون اهڙيون ڪيون وڃن جو ان جو مجموعي طور تاثر اهو اُپري ته ماڻهو مايوس ٿي ان ۾ Invlove ئي نه ٿين. مان سمجهان ٿو ته اڄوڪي سنڌي سماج ۾ سياست مجموعي طور جيڪڏهن ذميوار، دوست يا قوم جي جياپي ۽ ترقيءَ جي سوال ڏانهن سنجيده نه آهي ته ان جا سبب رڳو سياست ۾ نه آهن، ان جون پاڙون بين ڳالهين ۾ به آهن. مثال طور پ پ جي 1988ع کانپوءِ سياست رهي آهي، ان سلسلي ۾ اسان جي قوم جي سوچيندڙ لکندڙ ۽ پڙهندڙ حلقي جو مجموعي ڪردار ڇا رهيو آهي؟ ڇا ان سماج ۾ ذهني ۽ اخلاقي سطح تي پنهنجين لکڻين ۽ خيالن ذريعي اهو دٻاءُ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جيڪو پ پ کي مجبور ڪري ها ته اُها ذميواراڻو ۽ سنجيده ڪردار ادا ڪري؟ پ پ جي جن روين، فيصلن ۽ متعارف ڪرايل سياسي ڪلچر سنڌ ۽ سنڌي عوام جي قومي مفادن کي سخت ڇيهو رسايو ان بابت گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو ويو- ويندي اڄ به جڏهن سنڌ ۾ تاريخ جو بدترين ڏڪار سامهون اچي رهيو آهي ۽ پارٽيءَ جي اڳواڻن وٽ رڳو اهو سوال بحث هيٺ آهي ته پ پ ڪڏهن ٿي اچي ۽ جي ايندي ته منجهائن ڪير ڪيس وڏيڪ ويجهو هوندو. سوال آهي ته ڇا اسان جو لکندر پڙهندڙ جيڪو پاڻ کي دانشور سڏي ٿو اهو ان موضوع تي ڪيترو لکي رهيو آهي؟ يعني جيترو پ پ سنڌ جي اشوز کان لاتعلق بڻيل آهي، اوترو ئي راءِ عامه ٺاهيندڙ حلقو جنهن کي Socio Political Auditor ڇيو ويندو آهي، ان کان لاتعلق بڻيل آهي. ٻئي طرف جڏهن سنڌ جون نياڻيون روڊن تي پاڻيءَ لاءِ رياستي ڏاڍ سان مهاڏو اٽڪائي وڙهي رهيون هيون، تڏهن به سنڌ جي قلمڪارن جا قلم خاموش هئا. جنهن سماج ۾ عورت کي ڏور سمجهي وڪيو ويندو هجي ۽ جتي ڪيس محبت ڪرڻ جي رڳو خواهش جي "ڏوهه" ۾ به ڳيا ڳيا ڪيو ويندو هجي، ان ساڳئي سماج جي ٻهراڙين جون نياڻيون

سماجي بندشن ۽ واهيات قدرن جا سڀ بند ٽوڙي قوم جي جياپي جي جنگ لاءِ ميدان ۾ نڪرن ۽ رياستي لٽين جي وَسڪارن ۾ نعرا هڻنديون اڳتي وڌن ۽ سنڌ جو ”شعور“ ۽ ”ضمير“ خاموش رهي ته ان کي ڇا چئجي؟ ان ڪري مسئلو رڳو سياست جي شعبي اندر موجود ڪمزورين يا بچڙاين جو به نه آهي. مسئلو اهو به آهي ته سماج جو ساڃهه وند طبقو ان ڏانهن ڪهڙو رويو ٿو رکي؟ ۽ ان ڏس ۾ شين ۾ ڪيئن فرق ٿو ڪري ۽ ان ڏس ۾ ڪهڙو اثرائتو ڪردار ادا ٿو ڪري. مثال طور اهو چوڻ ته سڀ سياستدان مفاد پرست آهن. ڪيڏي نه غير منصفاڻي راءِ آهي. يعني جن ماڻهن پنهنجون زندگيون پنهنجن آدرشن ۽ قومي بقا جي سفر کي ارپيون، اهي به ساڳي ڳالهه ۽ جيڪي سياست جي نالي ۾ سڄو ڏينهن چوريون ڪن، ڌاڙا هڻن، پيتا وٺن ۽ گاڏيون ڦُرين، اهي به ساڳي ڳالهه. جيڪي اسيمبلين جا ميمبر ايوانن ۾ ننڊون ڪن، اهي به ساڳي ڳالهه ۽ جيڪي نياڻيون ٽٽل ڪاڙهي ۾ لٽين جي منهن ۾ سنڌ لاءِ پاڻيءَ جو حق گهُرن، اهي به ساڳي ڳالهه! گذريل 30 سالن کان سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ سياست جي نالي ۾ جيڪي غنده گرديون ۽ لوفر پايون ڪيون ويون آهن، انهن خلاف جيڪڏهن سنڌ جو قلمڪار تڏهن کان ڪردار ادا ڪري ها ۽ قلم جي زبان سان ان ڏنڌي جي نفي ڪري ها ته ڇا اڄ صورتحال مختلف نه هجي ها؟ ۽ اسان جا ادارا، تعليم ۽ ڪيترن ئي نسلن جا مستقبل بچي نه وڃن ها؟ پر اسان جو قلم خاموش رهيو. ڇو نه اسان جو قلمڪار ۽ قوم جو ضمير ۽ ان تي Stande وٺي ته جنهن سياست جي پاڇي ۾ ڏوهه ۽ ڏوهاري پناهه وٺن ٿا، اها ڪهڙي به بهاني ۾ ٺئي، قوم لاءِ قاتل زهر آهي؟ ڇو نه اسان جو قلمڪار پ پ جي قيادت تي دٻاءُ وجهي ته جن جن ميمبرن گذريل 13 سالن کان اسيمبليءَ ۾ وڃي عوام جي مفادن جو دفاع ڪرڻ بدران ان جو سودو ڪيو آهي، انهن کي ورِي هڪ دفعو اسيمبلين ۾ وڃي اهو ڏنڌو ڪرڻ جو حق نه ملڻ گهرجي؟ منهنجو پختو ويساهه آهي ته سياست ۾ فقط ۽ فقط تڏهن ئي تبديليون اچي سگهنديون جڏهن سنڌ جو قلمڪار ۽ سوچيندڙ لڏو هڪ نئين ۽ واضح ڪردار سان سامهون ايندو. اهو اڌ اکري ٻولي نه ڳالهائيندو اهو ذاتي لاڳاپن کي حساس قومي معاملن ۽ مفادن تي اوليت نه ڏيندو، جيڪو ”ها“ ۽ ”نه“ چوڻ سگهندو جيڪو چڱاين کي ميڃتا ڏيارڻ سيکاريندو ۽ بڇڙاين جي نفيءَ جي اخلاقي جرئت ڪندو. قومن جي تاريخ ۾ هڪڙا اهڙا دؤر ايندا آهن، جڏهن ان جي سيني ذهني طور اڳتي وڌيل حصن کي تاريخي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو آهي. ان ڪري جيئن سڀ ڊاڪٽر هڪ جهڙا نه هوندا آهن، سڀ شاعر ۽ فنڪار هڪ جهڙا نه هوندا آهن، تيئن سڀ سياستدان، سياسي پارٽيون يا سياسي ڪارڪن هڪ جهڙا نه هوندا آهن. سڀ انجنيئر ۽

صحافي هڪ جهڙا نہ ٿا ٿي سگهن. ڇا ولگر شاعري ڪندڙ ۽ شيخ اياز ڪي فقط شاعر هئڻ جي ناتي هڪ جهڙو ڇئي سگهجي ٿو. سراج الحق ميمڻ ۽ فقير محمد لاشاري بہ صحافي هئا، ۽ اهو بہ صحافي آهي جيڪو ننڍين شهرن ۾ صوبيدار ۽ ڪامورن ڪان پيتا وٺڻ ڪي پنهنجو ڌنڌو سمجهي ٿو. پر ڇا فقط صحافي هئڻ جي ناتي سيني ڪي هڪ جهڙو سڏي سگهجي ٿو؟ اسان وٽ هڪڙن ماڻهن سياست ڪي گند جو ڍير بڻائي ان ڪي ڌوهارين جي آماجگاهہ بڻائي ڇڏيو آهي. اهي بہ ساڳي ڳالهہ ۽ جن سنڌي سماج ڪي هڪ روشن خيال ۽ آزاد معاشرو ۽ قوم بڻائڻ لاءِ پنهنجون حياتيون ارپيون آهن؟ پر اسان وٽ سيني ڪي ساڳي قطار ۾ بيهاريو ويندو آهي. اهي ئي رويا آهن، جن جي ڪري سياست ۾ تبديلي نہ ٿي اچي. هتي ”ها“ ۽ ”نہ“ چوڻ وارا ماڻهو ڪونهن. مثال طور سنڌ جي قوم پرست ڌرين ۾ اتحاد جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي، يقينن اهو خيال ۽ خواهش تمام سٺي آهي.

# سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جو ڀرپور ڪردار ڇو نہ ٿو جُڙي؟

روزاني عبرت جي 23 اپريل جي اشاعت ۾ مون ”ڇا فرمائشي پروگرام سان سياست ۽ سماج ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي؟“ جي عنوان سان هڪ مضمون لکيو هو جنهن ۾ سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي ڪردار جي حوالي سان ڪيترين بنيادي ڳالهين تي مون پنهنجا ويچار پيش ڪيا هئا. سڄي مضمون جو ٿلهي ليکي تَتُ هيءُ هو تہ:

(الف) سنڌ جي هاڻوڪي تباهيءَ ۾ صرف وڏيري جو ڪردار نہ آهي پر ان ۾ وچئين طبقي جي نمائنده حصن جو بہ وڏو هٿ آهي.

(ب) ڪنهن بہ جاگيرداريءَ کان سرمائيداريءَ ڏانهن ويندڙ سماج ۾ وچئين طبقي جو ڪردار پنهنجين سمورين موقعي پرستين ۽ ڪمزورين باوجود بنيادي طور تي ترقي پسند هوندو آهي، پر سنڌ ۾ وچئين طبقي جو اهڙو ڀرپور تاريخي ڪردار جُڙي نہ سگهيو/ رهيو آهي.

(ت) سنڌ ۾ جيئن عوام جي نمائندگي وڏيرن جي غلط هٿن ۾ آهي، تيئن وچئين طبقي جي نمائندگي بہ گهڻن شعبن ۾ حقيقي طور ان جي نمائنده حصن وٽ نہ آهي ۽ جيسين اهو اسٽيٽسڪو نہ ٿو ٽُٽي، تيسين وچئين طبقي جو اهو ڀرپور ڪردار جُڙي بہ نہ سگهندو.

منهنجو خيال آهي تہ نہ رڳو سنڌ ۾ وچئين طبقي جو سموري سنڌي سماج جي بدليل ۽ بدلجندڙ اقتصادي، سماجي ۽ سياسي توڙي عالمي فڪري تبديلين جي روشنيءَ ۾ نئين سر جائزو وٺڻ گهرجي، پر اهو اِپياس هوا ۾ لنين هٽڻ بدران وڏي سنجيدگيءَ، علميت ۽ حقيقت پسنديءَ سان وٺڻ گهرجي. سنڌ جو هڪ وڏو الميو

ٿي اهو آهي جو سماج جو اقتصادي، سماجي، سياسي ۽ ثقافتي حوالي سان بيمار جسم فڪري طور عطائي ڊاڪٽرن ۽ اناڙن اوناڙن ويڄن حوالي ٿي ويو آهي. منهنجو ان ڳالهہ ۾ پختو ويساهہ آهي تہ جيسين سنڌ جي بقا، تبديليءَ ۽ قومي تعمير سان لاڳاپيل هر بنيادي سوال جي سائنسي ڇنڊ ڇاڻ نہ ٿيندي، تيسين انهن سوالن جو سُٺ منجهيل ئي رهندو. بين سوالن کي بين موقعن لاءِ ڇڏي، اڄوڪي نشست ۾ ان ڳالهہ جو جائزو وٺنداسين تہ سنڌ ۾ وچئين طبقي جو اهو گهربل ڪردار ڇو نہ ٿو جُڙي؟ هڪڙي ڳالهہ تہ طئي آهي تہ رويا انفرادي هجن يا اجتماعي، اُهي پس و پيش سماجي رويا سڌا آهن ۽ ظاهر آهي تہ اُهي نوس سببن ڪانسواءِ جنم نہ وٺندا آهن. مڊل ڪلاس جي اڄوڪي ڪردار جو جائزو بہ اسان کي "سببن ۽ نتيجن" جي انهيءَ نسبت جي روشنيءَ ۾ وٺڻو پوندو. منهنجي خيال ۾ ٻن ڳالهين جي اپياس سان هيءُ سڄو موضوع واضح ٿي بيهندو. هڪ اهو تہ اسين اڄوڪي سنڌي سماج ۾ مڊل ڪلاس مان ڪهڙي ڪردار ۽ اجتماعي رويي جي تقاضا ڪريون ٿا ۽ ٻيو اهو تہ اسان کي اڄوڪي سنڌ ۾ وچئين طبقي جو اهڙو ڪردار جُڙندي ڇو نظر نہ ٿو اچي؟

ڪنهن بہ سماج ۾ وچئين طبقي جو ڪردار ڪيئن هوندو آهي يا اهو ڪيئن هئڻ گهرجي؟ اهو ڪو نئون يا ايڏو مُنجهيل سوال نہ آهي. جڏهن بہ ڪو سماج پيداواري ناتن ۽ ذريعن جي تبديليءَ سبب ٻهراڙيت (Rurality) ڏانهن وڃي ٿو ۽ ان جي اُٿل پُٿل ۽ تبديليءَ جي نتيجي ۾ جيڪو نئون شهري طبقو پيدا ٿئي ٿو ان کي سماجياتي ٻوليءَ ۾ وچون طبقو چئجي ٿو. ۽ چاڪاڻ تہ اهو طبقو سماج جي نون سماجي ۽ پيداواري ناتن ۽ ذريعن توڙي روين جو ترجمان هوندو آهي، ان ڪري اهو پنهنجين سمورين موقعي پرستين ۽ ڪمزورين باوجود وڏيڪ لبرل ۽ ترقي پسند هوندو آهي. هن جو تڪر چاڪاڻ تہ اڳ موجود سماجي ۽ اقتصادي اسٽيٽسڪو سان ٿئي ٿو ان ڪري اهو سماجي تبديليءَ لاءِ فيصلہ ڪن نہ سهي، پر هڪ محرڪ قوت طور ڪردار ادا ڪندو آهي. جيتوڻيڪ "طاقت جو سرچشمو" تہ وچون طبقو نہ آهي ۽ نہ ڪڏهن ٿي سگهي ٿو پر سماجي تبديليءَ جي سڄي Process ۾ ان جو وڏو اثرائتو ڪردار ضرور هجي ٿو. اها تبديلي وچئين طبقي جي فقط خواهشن جو پيش خيمو نہ هوندي آهي پر دراصل ان تبديليءَ ۾ ئي اهو طبقو پنهنجي بقا، ترقي ۽ سماجي سلامتي ڏسندو آهي. بدلجندڙ اقتصادي محرڪن، ناتن ۽ ذريعن ۾ ئي هن جا اقتصادي مفاد لڪل هوندا آهن ۽ ماڻهوءَ جا سماجي رويا دراصل هن جي سماجي ماحول، اقتصادي بنيادن ۽ ثقافتي پس منظر جا آئينہ دار هوندا آهن. ان ڪري انهن سمورن سببن ۽ عنصرن ڪري وچئين طبقي جو هڪ نسبتن روشن خيال ۽ ترقي پسند ڪردار جُڙندو آهي. هاڻي ان پس منظر ۾

جيڪڏهن سنڌي سماج جو جائزو وٺجي ٿو ته اسان کي وچئين طبقي جو اهو گهربل ڪردار نه ته ان انداز سان اڄ نظر ٿو اچي ۽ نه وري اهو ويجهي مستقبل ۾ جُڙندي نظر ٿو اچي. جيتوڻيڪ اهو هڪ وڏو ريسرچ جو سبجيڪٽ آهي ۽ ان تي تمام گهرائيءَ سان علمي طور تحقيق ۽ ان جو اپياس ٿيڻ گهرجي. مون کي جيڪي ان جا ابتدائي سبب سُجهن ٿا، اُهي مان هتي پڙهندڙن سان شيئر ڪريان ٿو. بهتر ٿيندو ته ان جو جائزو الڳ الڳ تناظر ۾ ورتو وڃي ته جيئن ڳالهيون وڌيڪ واضح ٿين. منهنجيءَ نظر ۾ اُهي جدا جدا پهلو هي ٿي سگهن ٿا، يعني اڄوڪي سنڌي سماج ۾:

(الف) وچئين طبقي جو سماجي ڪردار.

(ب) وچئين طبقي جو اقتصادي ڪردار.

(ت) وچئين طبقي جو سياسي ڪردار.

(ج) وچئين طبقي جو فڪري ڪردار.

(الف) اڄوڪي سنڌ ۾ وچئين طبقي جو جيڪڏهن سماجي حوالي سان جائزو وٺبو ته هڪ عجيب ۽ دلچسپ صورتحال سامهون ايندي. سنڌ جو اڄوڪو وچون طبقو پنهنجن سماجي روين ۾ وچئين طبقي بجاءِ هڪ قسم جي نئين وڏيرڪيت (Neo_Feudalism) جو نمائندو ۽ علمبردار نظر اچي ٿو. شهري پڙهيو ۽ وڏيرڪيت دراصل سماجياتي لحاظ کان هڪڙن خاص روين جو نالو آهي. اهو ڪو وسيلن جو معاملو نه آهي. وڏيرڪيت دراصل ڇا آهي؟ اِها نِڪمائي، غير پيداواري روين، اجائي ٺٽ ٺانگر ۽ پاڻ کان هيٺين تي ڪوڙي رعب تاب ۽ پاڻ کان ڏاڍن آڏو ڍيچجهو ٿي هلڻ جو نالو آهي. وڏيرڪي زندگيءَ جا سمورا سماجي اسٽرڪچرز انهن ئي قدرن ۽ روين جا ترجمان نظر ايندا آهن. اڄوڪي سنڌي مڊل ڪلاس جي مجموعي روين کي ڏسجي ته بلڪل صاف نظر ايندو ته اهو جديد شهري سماجي روين اختيار ڪرڻ بجاءِ ٿوري فرق سان اڳين ئي وڏيرڪن روين جو علمبردار نظر ايندو. غلام نبي مغل پنهنجي هڪ ناول ۾ ان کي وچئين طبقي بجاءِ نيو فيوڊل سڏيو آهي ۽ هن جي اِها فارموليشن درست آهي. منهنجي خيال ۾ ان جو بنيادي سبب هيءُ آهي جو مڊل ڪلاس بنيادي طور تي شهري زندگيءَ جي رشتن ۽ مفادن جي پيداوار ٿئي ٿو ۽ ان ڪري ان جا رويا به بدليل هجن ٿا پر ڇاڪاڻ ته اسان جو وچون طبقو حقيقي معنيٰ ۾ شهري زندگيءَ ۽ شعبن جي پيداوار ئي نه آهي، ان ڪري ان جا رويا به هن جي سماجي ڪردار وانگر نهايت ڪمزور ۽ غير واضح آهن. مڊل ڪلاس ان کي چئبو آهي، جيڪو شهري زندگيءَ ۽ ان جي اقتصادي شعبن مان هڪ پراسس تحت اُسري آيل هجي. ان ڪري ضروري نه آهي ته جيڪو شهر ۾ رهي، اُهو شهري ذهنيت ۽ شهري رويا به رکندو هجي. مثال طور عرب ملڪن

۾ جيتري دولت آهي ۽ ان دولت سبب ماڻهن جو جيترو معيارِ زندگي مٿي آهي تہ چا ان بنياد تي چئي سگهبو تہ اهي ترقي يافتہ ملڪ آهن. ترقي فقط انفرا اسٽرڪچر جي سڌاري جو نالو نہ آهي، ترقي ان سان گڏ انساني تهذيب، سوچ، شعور ۽ انساني وسيلن جي اوسر (Human Resource Development) جو نالو بہ آهي ۽ ان توازن کي ئي مجموعي طور ترقي چئجي ٿو. جيئن فقط پيداوار ترقيءَ جو بنياد يا معيار نہ آهي. ان ڪري اسان وٽ شهري ترقيءَ جي بنيادي سماجي ۽ اقتصادي شعبن تي جيئن تہ سنڌين بجاءِ ٻيون قوتون حاوي تي ويون، ان ڪري سنڌي سماج مان اُسرندڙ اَپري سَپري وچئين طبقي جو شهري زندگيءَ جي شعبن ۾ پير ئي نہ کُپي سگهيو. اهو ئي سبب آهي جو اڄ بہ شهرن ۾ رهندڙ اَپرو سَپرو سنڌ جو وچون طبقو نہ رڳو صحيح معنيٰ ۾ شهري روين جو علمبردار نہ آهي، پر اهو دل ۾ پاڻ کي سمجهي بہ ٻهراڙيءَ جو ٿو. حيدرآباد جو ماڻهو پل تہ لاڙڪاڻي، شڪارپور، دادو يا نوابشاهہ وڃي، پر چوندو اهو ئي تہ ڳوٺ ٿو وڃان. جڏهن تہ اِهي ڳوٺ نہ پر شهر آهن. نہ رڳو اهو پر سنڌ جي وچئين طبقي جو اڄ بہ سماجي رول ماڊل وڏيرو آهي. اهو رهي ڪٺي وڏن شهري مرڪزن ۾ ٿو پر ان جي سماجي ۽ نفسياتي روين مان ظاهر ٿيندو تہ ان جو رول ماڊل اڄ بہ وڏيرو آهي. هن وٽ چار پئسا ايندا تہ حرڪتون اُهي ئي ڪندو، جيڪي وڏيرو ڪندو آهي. هو ان کي اجائي ٺٽ ٺانگر تي خرچ ڪندو- پر شهري ماڻهوءَ وانگر پيداواري معاملن ۾ ڪونہ سيڙائيندو. سنڌي سماج جو هڪ وڏو سماجي/ قومي مسئلو ئي اهو آهي تہ ان جو رول ماڊل اڄ بہ مُدي خارج روين جو علمبردار وڏيرو آهي. 70_1960ع جي ڏهاڪن ۾ جيڪو اَپرو سَپرو مڊل ڪلاس جو ماڻهو مٿي اُڀريو. اڄ اُن جي گهٽائيءَ جي ڪردار کي ڏسبو تہ يا تہ اهو وڏيري جو پُڇَ لٽڪائو ۽ ڳيجهو نظر ايندو ۽ يا وري پاڻ هڪ قسم جو نئون وڏيرو نظر ايندو. سبب اهو ئي آهي تہ هن جا سماجي ۽ اقتصادي اسٽرڪچر بنيادي طور تبديل ڪونہ ٿيا آهن. ان سڄي پيچيدگيءَ سبب اڄوڪي سنڌي وچئين طبقي ۾ موقعي پرستي گهٽجڻ بجاءِ وڌيڪ پختي ٿي آهي. هو رهي پل تہ شهر ۾، پر دلي طرح موجود وري بہ ٻهراڙيءَ ۾ آهي. هن جا سماجي ۽ اقتصادي لاڳاپا اجا تائين بنيادي طور ان سماج سان لاڳاپيل آهن، جنهن جي اَڃي ڪاري جو مالڪ وڏيرو آهي. ان ڪري هو پنهنجي تحفظ لاءِ پاڻ کي ان جو ڳيجهو بہ رکڻ چاهي ٿو. هن جو الميو اهو آهي تہ شهري زندگيءَ جو وهنوار هن جي هٿن ۾ ناهي، اهو ڏارين وٽ آهي ۽ ٻهراڙيءَ يا ننڍن شهرن جي سماج تي مڪمل ڪنٽرول اڄ بہ وڏيري جو آهي. هڪ طرف هن جو شهري زندگيءَ ۾ پير نہ ٿو کپي ۽ ٻئي طرف هو ٻهراڙيءَ جي سماج کان پاڻ کي آجو نہ ٿو ڪري سگهي، نتيجي ۾ هن جو ڪردار بہ اهڙو ئي منجهيل،

ورهايل ۽ موقعي پرست آهي. شهري مڊل ڪلاس تڏهن ئي پنهنجي دؤر جي اسٽيٽسڪو جي قوتن سان ٽڪر ۾ اچڻ جو ساهس سارينڊو آهي، جڏهن هو اقتصادي ۽ سماجي طور شهري زندگيءَ ۾ پاڻ کي محفوظ ۽ مضبوط سمجهندو آهي. اسان جو اَپرو سَيرو وچون طبقو مٿي بيان ڪيل پيچيدگين (Complexities) ۾ ڦاٿل آهي. هو رهي شهر ۾ ٿو ۽ پاڻ کي سمجهي ٻهراڙيءَ جو ٿو. هو اڳتي وڌڻ چاهي ٿو. آمريڪا جي ويزا هن جو خواب آهي پر هن جو رول ماڊل وڏيرو آهي. هو ڏوڪڙ ڪمائي، شهرن ۾ وڏا بنگلا ۽ محل ته ٺاهي وٺي ٿو پر ان گهر اندر هن جا رويا اُهي ئي پسمانده ۽ شهري زندگيءَ جي مزاج جي اُبتڙ آهن.

(ب) جيسين ڪنهن به طبقي جي اقتصادي بنيادن ۽ رشتن کي نه ڏسبو تيسين ان جي سماجي ۽ سياسي ڪردار جي پرک به ڪري نه ٿي سگهجي. سنڌ ۾ به وچين طبقي جي مٿي بيان ڪيل ڪمزورين جا بنياد ان جي اقتصادي پس منظر ۾ آهن. سماج ۾ طبقا جُڙندا ئي پنهنجي مخصوص اقتصادي رشتن ۽ مفادن سبب آهن ۽ وچون طبقو دراصل شهري زندگيءَ جي نون جُڙندڙ اقتصادي رشتن، شعبن ۽ مارڪيٽ مان اُڀرندو آهي پر سنڌ ۾ ورهاڱي کانپوءِ جيڪو اَپرو سَيرو وچون طبقو (گهٽي پاڱي مسلم سنڌي سماج مان) اُڀريو اهو فطري طور مارڪيٽ مان اُڀرڻ بجاءِ سرڪاري نوڪرين يا ٻين ننڍڪ ٺڳين سان اُڀريو آهي، ان ڪري اهو پنهنجيءَ سرشت ۽ سماجي مزاج ۾ نه ته Merchantile آهي ۽ نه جديد شهري زندگيءَ جي روين جو پاسبان. اڄوڪي سنڌي وچين طبقي جو قطعي گهڻائيءَ وارو حصو سرڪاري نوڪرين ذريعي مٿي اُڀري آيو آهي. ان ۾ سماجي طور نه ته اُها گهربل سگهه آهي ۽ نه اُها پختگي جيڪا هڪ نئين اُڀرندڙ طبقي ۾ اڳ موجود طبقن، مفادن ۽ قوتن جي اسٽيٽسڪو سان مسلسل ڇڪتاڻ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندي آهي. سرڪاري نوڪري پيشه طبقي ۾ اُها گهربل سگهه ۽ ڪردار جي پختگي ان ڪري نه ٿي پيدا ٿئي جو ان جي هن کي پنهنجن فوري مفادن جي حوالي سان ڪا ضرورت محسوس نه ٿي ٿئي. مثال طور جيڪڏهن اهو طبقو شهري زندگيءَ جي واپاري شعبن ۽ مارڪيٽ مان اُڀري آيو هجي ها ته هن جي تاريخي ۽ معروضي گهرج هجي ها ته هو هڪ طبقي طور پنهنجن پيرن تي بيهي ۽ متضاد مفادن جي تاڃي پيٽي ۾ پنهنجن مفادن جي بچاءُ لاءِ پنهنجو ڪردار اُڀاري پر اسان وٽ ان جي نتيجي ۾ ڇا ٿيو؟ چاڪاڻ ته اقتداري سياست جي اڇي ڪاري جو مالڪ وڏيرو رهيو آهي ۽ بدستور آهي، ان ڪري نوڪرين ۾ به ماڻهو انهن جي معرفت آيا آهن ۽ هو سڀ ڄمار انهن جا ڳيجهو ٿي ان ڪري رهن ٿا جو کين خبر آهي ته هن سياسي سرشتي ۾ سندن مفاد عوام بجاءِ وري به اُنهيءَ وڏيري سان وابسته آهن. اهو ئي سندن

بدليون ڪرائي سگهي ٿو. ڪين پروموشن ڏيارائي يا سندن Postings ڪرائي سگهي ٿو. هڪ ماستر ۽ ڪلارڪ کان وٺي SSPs ۽ DCs جي سطح تائين اهو حال آهي. هن ملڪ ۾ ڪرپشن جي گرم بازار به حقيقي معنيٰ ۾ وچئين طبقي کي اُڀرڻ نه ٿي ڏئي، جو ماڻهو ڏسن ٿا ته جيترو سرڪاري نوڪرين ۾ ڪمائي سگهجي ٿو اوترو محنت ۽ واپار سان ڪڏهن به ڪمائي نه سگهبو. ان ڪري ئي "سٽيپي" سرڪاري نوڪري نوجوانن جو خواب بڻيل رهي آهي. سنڌ جي ڪامورا شاهيءَ جو پنهنجيءَ قوم جي بنيادي معاملن ۽ مفادن ڏانهن لاتعلقيءَ جي رويي جو سبب به اهو آهي جو جڏهن هڪ غريب جو ٻار ڪميشن پاس ڪري يا سياسي طور افسر شاهيءَ جي مافيا ۾ داخل ٿي ٿو وڃي ته هو ڪرپشن جي کُليل بازار ۾ لکن ۽ ڪروڙن سان کيڏي ٿو. هو هيٺئين طبقي يا هيٺئين وچئين طبقي مان هڪدم ايليٽ بڻجيو وڃي ۽ هو سمجهي ٿو ته اِهي سڀ مراعتون رياستي ڍانچي ۽ ان جي اسٽيٽسڪو سان وفاداريءَ سان ئي مشروط آهن. ان ڪري هو پنهنجي چڙهي آيل عيسي، موسي ۽ خميسي جي سماج جو ڏٽي ٿيڻ يا ان جي ذهني ۽ سماجي طور ايڊوانس قوت طور هلڻ بجاءِ پنهنجون وفاداريون وڏيرن، رياستي ڪلچر ۽ قوتن جي اسٽيٽسڪو سان مشروط ڪري ڇڏي ٿو. نه رڳو اهو پر سرڪاري نوڪرين ۾ ويل ۽ ان جي نتيجي ۾ اُڀري آيل ان نام نهاد مڊل ڪلاس جا نَتَ نانگر ڏسي ماڻهو محنت ڪرڻ، واپار ڪرڻ، دڪان کولڻ ۽ اقتصادي زندگيءَ جي ان وهنوار ۾ گهڙڻ بجاءِ Over Ambitious ٿي ويا آهن. هرڪو رات وچ ۾ امير ٿيڻ چاهي ٿو پر محنت سان اڳتي وڌڻ نه ٿو چاهي. ان رويي ۽ سوچ سماج ۾ خاص طور وچئين طبقي ۾ جنهن نٽڪ نگيءَ جي ڪلچر کي جنم ڏنو آهي، اهو حقيقي معنيٰ ۾ وچئين طبقي کي فطري پراسس ۾ نهڻ ئي نه ٿو ڏئي. جڏهن ته اهو طئي آهي ته جيستائين سنڌي ماڻهو واپار، ڌنڌي، ننڍي توڙي وڏي صنعت ۽ ٽيڪنالاجيءَ ۽ شهري زندگيءَ جي جديد شعبن ڏانهن نه ايندو تيسين هڪ مضبوط وچئين طبقي جو نهڻ بس هڪ خواب ئي رهندو. اڄوڪو اڌو منڊو پڙهيل سنڌي نوجوان بيروزگاريءَ ۾ عمريون ٻارڻ لاءِ ته تيار آهي، اهو آپگهات ته ڪري سگهي ٿو پر گاڏا نه ٿو هلائي سگهي، ڪو دڪان نه ٿو کولي سگهي، پڪوڙا نه ٿو وڪڻي سگهي. هو فني هنر سکي يا ٽيڪنيڪل توڙي مڪينيڪل شعبن جي مهارت حاصل ڪري خود روزگاريءَ ڏانهن مائل نه ٿو ٿئي. وچون طبقو چاڪاڻ ته فطري طور اڳتي وڌڻ چاهيندو آهي، ان ڪري سڄيءَ دنيا اندر اهو هڪ محنت جي "قدر" (Value) ۾ ويساهه رکندڙ طبقو سمجهيو ويندو آهي پر اسان وٽ ماڻهو ڪم اهڙا تاڙيندو، جنهن ۾ ڪم به نه ڪجي ۽ رات وچ ۾ امير ٿيڻ جي خواب جي تعبير به ٿئي. اسان

جو ڪامورو پنهنجون سموريون ماضيءَ جون محروميون هڪ ڏڪ سان دور ڪرڻ لاءِ ڪروڙن جا بنگلا ته ٺاهيندو پر اُهي پئسا واپار، ادارن ٺاهڻ، نئيا صنعتي يونٽ هڻڻ ۽ اهڙن ٻين پيداواري ۽ تخليقي ڪمن ۾ نه سيڙائيندو. سبب اهو ئي ساڳيو ته هن جي سوچ، سرشت ۽ رويا بنيادي طور وچئين طبقي وارا آهن ئي ڪونه. اهو اجا ڪا ٻي جنس آهي.

(ت) وچون طبقو يا ڪوبه طبقو پنهنجن روين ۽ سوچ جو اظهار پنهنجي سياست ذريعي ڪندو آهي. وچون طبقو چاڪاڻ ته سماجن ۾ ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ باشعور ۽ متحرڪ ٿئي ٿو ان ڪري سڄيءَ دنيا اندر ان جا سياسي رويا وڌيڪ ميچوئر سمجهيا ويندا آهن. مثال طور يورپ جڏهن اونداهين دؤر مان نڪري نئين سجاڳيءَ (Renaissance) جي دؤر ۾ داخل ٿيو ته ان جي سموريءَ اُٿل پُٿل ۽ تبديلين ۾ وڏي ۾ وڏو هٿ انهيءَ مڊل ڪلاس جو هو. سائنس، ٽيڪنالاجي، فن ،مصوري، موسيقي، ادب، فلسفو سياست، مطلب ته سمورن شعبن ۾ اهو ئي طبقو تبديلين جو علمبردار هو. خود فرينچ انقلاب جا فڪري ۽ سماجي امين ڪير هئا؟ اِهي ئي وچئين طبقي جا ماڻهو هئا. اسان وٽ ڇاڪاڻ ته حقيقي معنيٰ ۾ اهو گهربل وچون طبقو جُڙي ۽ اُسري نه سگهيو آهي. مڊل ڪلاس پنهنجي اؤسر جي ابتدائي مرحلن ۾ ڇاڪاڻ ته پنهنجا مخصوص مفاد محفوظ نه ٿو سمجهي، ان ڪري اهو پنهنجي طبقاتي سياست کي وڌيڪ ترجيح ڏيندو آهي ۽ پوءِ جڏهن فقط پنهنجي طبقاتي سگهه کي پنهنجن مفادن جي بچاءَ لاءِ ناڪافي سمجهندو آهي، تڏهن هو عوامي سياست جي ڌارا ۾ شامل ٿيندو آهي ۽ ان سموري Process ۾ دراصل هو پنهنجي دؤر جي حڪمران طبقن جي سياسي اسٽيٽسڪو کي ڌڪ هڻڻ ۾ گهٽيءَ حد تائين ڪامياب ويندو آهي. وڏن شهرن ۾ سنڌي مڊل ڪلاس جو جيڪو حصو رهي ٿو اهو گهٽي ڀاڱي ڪامورو يا سرڪاري ملازم آهي، جيڪو پنهنجي سياسي ڪردار جو تعين ڪرڻ کان قاصر آهي. ننڍين شهرن ۾ وچئين طبقي جي جنهن حصي جو واپار يا دڪانداريءَ سان تعلق آهي، اهو سماجي طور اهڙي سرشتي ۾ رهي ٿو جو هو يا ته ذات ۽ برادريءَ جي بنياد تي سياست ۾ حصو وٺي ٿو يا وڏيري جي پويان هلڻ ۾ ئي پاڻ کي محفوظ سمجهي ٿو. البته ننڍين شهرن ۾ رهندڙ استاد، وڪيل يا هيئنئين وچئين طبقي سان تعلق رکندڙ ساڃهه وند ماڻهو سياست ۾ پنهنجي محدود Involvement رکي ٿو- پر اهو ڪردار پنهنجي سماجي ماحول جي اسٽيٽسڪو جي ڀيٽ ۾ ايترو ته ڪمزور ۽ محدود آهي، جو ان سان هن جو ڪوبه اثرائتو سياسي ڪردار نه ٿو اُڀري. سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي سياست کي وڏو ڌڪ قومي سياست جي نالي ۾ متحرڪ ڌوهارين به ڏنو آهي. شاگرد سياست

وچئين طبقي کي سياسي طور تيڪ ڏئي ٿي سگھي پر اسان جي تعليمي ادارن ۾ شاگرد سياست جي نالي ۾ ڏوهن ۽ غنده گردين شاگرد سياست جي تصور تان ئي ماڻهن جو ويساهه کڻائي ڇڏيو نه ته هندستان، نيپال، فلپائن، ڪوريا، ويتنام، چين، بنگلاديش ۽ ڪيترن ملڪن ۾ شاگرد سياست مڊل ڪلاس جي سياست ۾ وڏي متحرڪ قوت طور ڪردار ادا ڪندي رهي آهي. اڄوڪي سنڌي سماج ۾ مڊل ڪلاس جي حقيقي سياسي ڪردار يا سياست جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رنڊڪ به عنصر آهن. سڀ کان وڏو سبب پ پ پ جي مخصوص سياست آهي. هڪ پارٽي جيڪا ڳالهه عوام جي ڪري ٿي، نعرا جمهوريت جا هڻي ٿي، لئيون هيٺئين وچئين طبقي جي ڪارڪن ۽ جيالي کي ڪارائي ٿي ۽ عوام جي سموري سگهه ۽ جدوجهد جو ڪَٽيو ان طبقي کي ڪارائي ٿي، جنهن صدين کان هيءَ سچي قومي مفادن جي ”بازار“ لُٽي آهي. جنهن پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي سنڌي سماج ۾ پير صاحب پاڳارو پرويز علي شاهه جهڙي معمولي ماڻهوءَ کان، رئيس غلام مصطفيٰ جتوئي هيٺئين وچئين طبقي جي رحمت الله ڀھڻ کان، نواب سلطان احمد چانڊيو ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ جهڙيءَ وچئين طبقي جي سادي سودي عورت کان ۽ ممتاز علي ڀٽو ديدار علي شاهه جهڙي مولائيءَ ۽ وچولي وڪيل کان اليڪشن ۾ هارائي سگهي ٿو- اُتي جيڪڏهن ان پارٽيءَ جي قيادت وٽ ڪو Vision ۽ سماج سان ڪمٽمينٽ هجي ها ۽ جمهوريت سان سچي پچي دلچسپي هجي ها ته اُها واقعي به خاموش انقلاب آڻي سگهي پئي، جي اُها مڊل ڪلاس کي هڪ پاليسيءَ طور اڳتي آڻڻ چاهي ها پر ٿيو ان جي اُبتڙ، جنهن سياست کي ذوالفقار علي ڀٽو سازشي ڊرائينگ رومن مان ڪڍي عوامي اوطاقن ۾ ڪٽي آيو هو اُها خيرن سان هاڻي واپس ”ڏڏين“ ڏانهن موٽي وئي آهي. اها ئي ڳالهه آهي ته ان جي شروعات به ڀُٽي صاحب مرحوم پاڻ ڪئي هئي؟

هيو سبب سنڌ ۾ قومي سياست جي نالي ۾ پيشه ور ڏوهارين جو هجڻ ۽ هلڻ آهي. هڪڙي ڳالهه ته طئي آهي ته جيڪو به ڏوهاري سياست ۾ پناهه وٺندو، ڳاڏيون ڦُريندو، ڀتا وٺندو، تعليمي ادارن ۾ هٿيارن جو راڄ قائم ڪندو اهو زبان سان ڀل ته ڪهڙيون به خبرون ڪري، ڪهڙا به نعرا هڻي، ڪهڙيون به دعوائون ڪري پر اهو سياست کي گندو ڪرڻ، عوام جو سياست مان ويساهه کڻائڻ، کين عملي طور جدوجهدن کان پري رکڻ ۽ دشمن جي هٿن ۾ کيڏڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڪندو. ڪرمنل ماڻهو قوم کي تباهيءَ کانسواءِ ٻيو ڇا ٿو ڏئي سگھي؟ ان ڪري سنڌ جي سياست ۾ ڏوهارين جي عنصر به مڊل ڪلاس جي حقيقي سياسي ڪردار کي اُڀرڻ نه ڏنو آهي.

(ج) وچئين طبقي جي فڪري ڪردار جو سوال شايد سيني کان وڌيڪ اهم آهي. ان ڪري جو فڪري سوال هوندئن ئي سماج جو اهم ۽ حساس ترين معاملو آهي ۽ پيو تہ سڄيءَ دنيا اندر ان شعبي ۾ وچئين طبقي جو ڪردار وڌيڪ اثرائتو رهيو آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ ۾ بہ موجود اپري سپري وچئين طبقي جو فڪري ڪردار هڪ حد تائين ۽ ويجهي ماضيءَ تائين نہ رڳو سُٺو پر اثرائتو رهيو آهي. جيتوڻيڪ هاڻي اسان ون يونٽ خلاف جدوجهد جا دستاويز بغل ۾ ڪڇي هلندڙ نسل مان بنهہ ٿاسي ويا آهيون پر اها حقيقت آهي تہ سنڌي اديبن، شاعرن، شاگردن، وڪيلن ۽ وچئين طبقي سان تعلق رکندڙ ٻين سڄاڻ حصن ان زماني ۾ سنڌ جي فڪري ۽ سياسي ا ڳواٽيءَ ۾ وڏو بنيادي ڪردار ادا ڪيو هو. رڳو ون يونٽ جي حوالي سان ئي نہ پر هوندئن بہ مجموعي طور اڄ سنڌ ۾ جيڪو سياسي، ادبي، سماجي ۽ فڪري شعور آهي، ان ۾ اسان جي وچئين طبقي جي سوچيندڙ ماڻهن، اديبن ۽ شاعرن جو وڏو بنيادي هٿ رهيو آهي. حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، رسول بخش پليجي، محمد ابراهيم جويي ۽ ٻين جي لکيل سياسي ۽ فڪري ادب، شيخ اياز، استاد بخاريءَ، نياز همايونيءَ، امداد حسينيءَ، شمشيرالحيدريءَ سميت ڪيترن سنڌ جي شاعرن جي شاعريءَ، مولانا گراميءَ، عثمان ڏيپلائيءَ، ابنِ حيات پنهور، نسيم کرل، امر جليل، آغا سليم، سراج، علي بابا، عبدالقادر جوڻيجي، ماهتاب محبوب، نورالهدي شاهہ ۽ ٻين ڪيترن اديبن جي مقالن، افسانن، ناولن ۽ مضمونن سنڌي سماج جي صدين کان سماجي ۽ علمي طور ٻُوساٽيل ماحول ۾ نون خيالن، تصورن، قدرن ۽ روين جا ٻج پوکيا پر سماج ڪا بيٺل يا جامد شيءِ نہ آهي. اهو نہ رڳو هر وقت تبديل ٿيندڙ پر نهايت پيچيده (Complex) بہ آهي. ان ڪري هڪ خاص دؤر جو ادبي يا سياسي شعور هر دؤر کي تخليقي انداز سان منهن ڏئي ان جي رهنمائي نہ ٿو ڪري سگهي. اڄ اسان کي جيڪو سنڌ ۾ وچئين طبقي جي سڄاڻ حصي جو مجموعي طرح ڪو اثرائتو فڪري ڪردار نظر نہ ٿو اچي تہ ان جو بہ سبب اهو آهي تہ اسان جو اديب، قلمڪار يا سوچيندڙ سينئر لڏو گهڻي ڀاڱي هر شيءِ کي فقط ادبي ۽ اهو بہ محدود ادبي شعور جي اک سان ڏسي ٿو. جڏهن تہ ٻئي طرف سنڌي سماج جون سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ فڪري حالتون اڳ کان وڌيڪ پيچيده (Complex) ٿي ويون آهن. نئين دؤر جي بدليل ۽ بدلجندڙ عالمي ۽ ملڪي حالتن جي پس منظر ۾ سنڌ جي سڀ طرفي اپياس ۽ ڇنڊ ڇاڻ لاءِ جيڪو گهڻو طرفو (Multi Disciplenary) ۽ گهرو شعور گهرجي، اهو گهٽ ۾ گهٽ اڄوڪي سنڌي اديب، ليڪڪ يا قوم جي ان سڄاڻ حصي جنهن کي دانشور بہ چيو وڃي ٿو ۾ نظر نٿو اچي. ان جو سادو سبب اهو ئي آهي تہ هن جو ايڏو گهرو علمي ۽

فڪري پس منظر آهي ئي ڪونہ. ان جي تمام وڏي حصي کي خبر ئي نہ آهي تہ دنيا ۾ اڄ مٿينءَ سطح تي ڪهڙا موضوع بحث ۽ ويچار هيٺ آهن. گلوبلائيزيشن ڇا آهي ۽ ان جا اسان جهڙن پٺتي پيل سماجن تي ڪهڙا زبردست يا تباهہ ڪندڙ اثر پئجي رهيا آهن ۽ وڌيڪ پئجڻ جا امڪان آهن. ان جي قطعي گهٽائيءَ کي گذريل ڏهاڪي دوران دنيا ۾ آيل فڪري، سياسي ۽ اقتصادي اسٽرڪچرز جي تبديليءَ جو ڪو ادارڪ نہ آهي. ان جي ٽيبل تي اهو سوال ئي نہ آهي تہ هاڻي ان سڄي پس منظر ۾ پاڪستان، جنهن ۾ اسين رهون پيا، اهو ڪيڏانهن پيو وڃي؟ ان جي جيو-پوليٽيڪل ۽ اقتصادي اهميت ڪيتري آهي؟ پاڪستان ۾ اندروني طور طاقتن جا سياسي ۽ اقتصادي توازن ڪيئن تبديل ٿي رهيا آهن ۽ اُهي پس و پيش ڪهڙيءَ صورتحال کي جنم ڏيندا ۽ سڀ کان وڏو سوال تہ ان سڄي وسيع پس منظر ۾ اسين پنهنجي قومي بقا ۽ تعمير جي سوال کي ڪيئن هٿ ۾ ڪٽون؟ ان لاءِ سوچ جا انداز ڪهڙا هئڻ گهرجن؟ اسان جون حڪمت عمليون ۽ ترجيحون ڇا هئڻ گهرجن؟ اسين طاقتن جي موجود اقتصادي، سياسي ۽ فڪري توازن کي پنهنجي حق ۾ ڪيئن ۽ ڪيترو ڪري سگهون ٿا؟ اهڙا ڪيترا سوال آهن، جيڪي تشنہ آهن ۽ ان کي سنجيدگيءَ، حقيقت پسنديءَ ۽ سائنسيت سان ايڊريس ڪرڻ وارو سوچيندڙ ۽ ذهني طور لوچيندڙ لڏو ڪٿي آهي؟ بدقسمتيءَ سان جيئن تہ اسان جي تعليمي ادارن کي تباهہ ڪيو ويو، ان ڪري اُهي بي معنيٰ ڊگرين جا لاش ڪلهن تي کڻي هلندڙ نسل تہ پيدا ڪري رهيا آهن پر اتان 5 سيڪڙو بہ اهڙو نسل تيار ٿي نہ ٿو نڪري جيڪو انهن سوالن کي هڪ نئين نظر، مهارت ۽ شعور سان هٿ ۾ کڻي ها. يونيورسٽيون علم جا گهر يا تصورن ۽ نون نون خيالن جون نرسريون هونديون آهن. اتي ٻيو سڀ ڪجهہ آهي، ناهي تہ علم سان محبت نہ آهي، ان لاءِ تڙپ نہ آهي، تحقيق، جستجوءَ ۽ فڪري جاکوڙ جو اُتي تصور نہ آهي. جيڪڏهن ان رُڃَ ۾ چار چڱا استاد ۽ شاگرد آهن تہ يا تہ اهي غير سياسي ذهن هجڻ ڪري سماج جا وڏا سوال هٿ ۾ نہ ٿا کڻن يا وري هن سڄي نڙڪ نڳيءَ جي ”دو نمبري دانشوري بازار“ کان بدظن ۽ بيزار آهن، جنهن قسم جي فڪري ڪردار جي کوٽ جي اسين ڳالهہ ڪريون ٿا، اهو ڪنهن هڪ يا ٻن شعبن جي مخصوص ماڻهن جي وس جي ڳالهہ نہ آهي، ان لاءِ مختلف شعبن جي ماهر ۽ ذميوار ماڻهن ۽ سائنسيت سان سوچيندڙ ماڻهن جو هڪ گهٽ ۾ گهٽ حلقو گهرجي. جڏهن ساڳيا ماڻهو هر ”مرض“ جو ”علاج“ ڪندا تہ پوءِ نتيجا بہ اهڙا ئي سامهون ايندا. اقتصاديات جي ماهر جو ڪم اديب نہ ٿو ڪري سگهي ۽ سائنسدان جو ڪم صحافي نہ ٿو ڪري سگهي. ان ڪري هاڻي سنڌ ۾ علمي روايتون بہ تبديل ٿيڻ گهرجن. سماج ۾ معتبر رڳو اديب ۽

شاعر ۽ صحافيءَ کي نہ سمجهيو وڃي. معاشيات ۽ سماجيات جي ماهرن، سائنسدانن، قابل انجينئرن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن جي قابل ماڻهن کي بہ سماج ۾ اهو ئي رتبو ملڻ گهرجي، جيستائين سماجي قدر تبديل نہ ڪبا، تيسين تبديلين جا بنياد بہ نہ پوندا. اڄوڪي سنڌي سماج ۾ ان ڪري بہ فڪري مونجهہ محسوس ٿئي ٿي جو هتي سنجيده ڊائلاگ ختم ٿي ويو آهي. ڪا بہ Plural Society ڊائلاگ ۽ چند ڇاڻ ڪانسواءِ اڳتي وڌي سگهي ٿي نہ ٿي پر شرط اهو آهي تہ اخبارن ۾ هر سنجيده اِشو کي نظرياتي طور ولگرائيز ڪندڙ پولڙي ڪان قلم جي لَٽِ ڇڏائي وڃي ۽ وچئين طبقي جو سچو پچو سنجيده، پڙهيل لکيل، حقيقت پسند ۽ باڪردار لڏو اڳيان اچي.

مان سمجهان ٿو تہ جنهن وچئين طبقي جي اسين سماج ۾ ڪوٺ محسوس ڪريون ٿا ۽ ان جي گهُر ڪريون ٿا، اهو يقيني طور آسمان مان ڪونہ ايندو. اهو ان ئي اَپري سَپري ۽ ڪمزور وچئين طبقي منجهان اُپرندو. ضرورت رڳو ان جي آهي تہ شين کي درست رخ ڏنا وڃن، چڱاين کي اڳتي وڌڻ لاءِ دڳ ۽ گس ڏنا وڃن ۽ بڇڙاين کي رد ڪيو وڃي. هڪ نئين سماجي ڪلچر جا بنياد وڌا وڃن ۽ اهو ڪم بہ ڪو آسمان مان اچي ڪونہ ڪندو. اهو ڪم بہ هڪ نئين، آزاد، باوقار ۽ جديد سنڌ جي خواب ڏسندڙ ۽ ان لاءِ لوچيندڙ ماڻهن کي پنهنجي هٿ ۾ ڪٽڻو پوندو.

---

روزاني عبرت حيدرآباد – 2001ع

# سنڌي سماج جو سياست
# مان بيزاريءَ وارو رويو!

قومون يا معاشرا جڏهن بحران جو شڪار ٿيندا آهن يا اهي بتدريج زوال ڏانهن مائل هوندا آهن ته اُن جو پهريون سُڌو يا خراب اثر سماجي نفسيات تي پوندو آهي ۽ سماجي نفسيات پنهنجو اظهار معاشري جي هڪ فرد کان وٺي اجتماعي روين جي صورت ۾ ڪندي آهي. سماجي نفسيات (Social Psychology) کي اڄڪلهه دنيا ۾ سماجي سائنس يا عمرانيات جي حوالي سان وڏي بنيادي اهميت ڏني وڃي ٿي، جو ته ان ضابطہ علم ذريعي ڪنهن به سماج جي مڪمل ڇنڊ ڇاڻ ۽ ڇيد ڪري سگهجي ٿو. اهو ڪم دنيا ۾ يونيورسٽيون ۽ ٻيا تحقيقي ادارا ڪندا آهن. پر اسان وٽ يونيورسٽين منجهان اهي نسل ۽ عنصر پيدا ئي نه پيا ٿين، جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ قوم يا معاشري جي "افرادي قوت" بڻجي سگهن. سماجي نفسيات جڏهن "روين" ۽ "سماجي ورتاءُ" جي ڳالهه ڪري ٿي ته اُن ۾ فرد کان وٺي معاشري جا زندگي، سماج، ان جي بنيادي شعبن يعني ثقافت، اقتصاديات، سياست وغيره ڏانهن سڀ طرفا رويا اچي وڃن ٿا. اڄوڪو سنڌي سماج جنهن حالت ۾ سطح تي آهي، جي اسان کي ان جي بقا ۽ اوُسر لاءِ سوچڻو ۽ ڪجهه ڪرڻو آهي ته پوءِ اسان کي وڏي سنجيدگيءَ سان ان جو سڀ طرفو اڀياس ڪرڻو پوندو. ان جي روين جو مطالعو ۽ ڇيد ڪرڻو پوندو ۽ پس و پيش ڪجهه نتيجا ڪڍڻا پوندا، جن جي بنياد تي قومي اڏاوت جو ڪم هٿ ۾ کڻڻو پوندو. ظاهر آهي ته هيءُ هڪ وڏو موضوع آهي ۽ ان جو دائرو ۽ احاطو ايڏو وسيع آهي، جو ڪنهن هڪ نشست يا مضمون ۾ سموري ڳالهه ٻولهه تي نه ٿي سگهي. ڪوشش ڪبي ته مختلف مضمونن ۾ اُن جي مختلف پاسن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي هلي. هن مضمون ۾ مان ان جي هڪ پاسي تي پنهنجا ويچار پيش ڪري رهيو آهيان.

اڄوڪي سنڌي سماج ۾ جتي فراريت ۽ نراجيت جا لاڙا آهن، جتي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پورهئي ۽ محنت کان ڀاڄ جا لاڙا موجود آهن، جتي سياسي ۽ فڪري سطح تي اختلاف ۽ دشمنيءَ ۾ فرق نٿو ڪيو وڃي، جتي سياسي ۽ فڪري سطح تي اختلاف ۽ دشمنيءَ ۾ فرق نٿو ڪيو وڃي، جتي خود فريبي عام رجحان ٿيندي وڃي، اُتي هڪ پيو رجحان بہ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي ۽ اهو آهي سياست جي نفي، يعني عدم سياست جو رويو. فلسفو ۽ ”علم منطق“ فطرت، زندگيءَ ۽ سماج جي پرک جا سرشتا ۽ نظام رکي ٿو ۽ ان جي مدد سان اسان هن بنيادي اهميت جي مسئلي جي پاڙن ۽ پاتال تائين پهچي سگهون ٿا. علم منطق پاڻ وٽ اُصولن جا جيڪي نظام رکي ٿو اُنهن ۾ هڪ آهي ”سبب“ ۽ ”نتيجي“ جي پاڻ ۾ نسبت. ان حوالي سان سنڌي سماج ۾ اُڀرندڙ عدم سياست جي رجحان جو اڀياس ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ ان جا بہ ضرور ڪي نہ ڪي ”سبب“ هوندا، جڏهن تہ اهو رويو تہ انهن جو ”نتيجو“ آهي.

ان موضوع ۽ بحث جي تفصيل ۾ وڃڻ کان اڳ اهو سمجهڻ نهايت ضروري آهي تہ سياست ڇا آهي؟ ۽ اها سماج لاءِ ڪيتري قدر ۽ ڇو ضروري آهي؟ سياست جي تاريخ سماج جيتري ئي پراڻي آهي. رياستون تہ گهڻو پوءِ جون پيداوار آهن پر جڏهن اوائلي سماج جُڙي رهيو هو ۽ ڪٽنبن جو بنياد ٿي پيو. سياست جو آغاز تڏهن کان شروع ٿيو. ڇو تہ سياست پنهجين حالتن تي نظر رکڻ، اجتماعي مفادن جو شعور رکڻ، انهن جي تحفظ لاءِ مربوط ۽ مضبوط تدبيرون اختيار ڪرڻ جي فن، سوچ ۽ سرشتي جو ئي تہ نالو آهي. ان ڪري اهو سمجهڻ گهرجي تہ سياست جو عمل يا شعور، تهذيب ڏانهن انسان جي پهرين وکن مان هڪ وِک هئي. اُهي چند ڳالهيون، جن ڪي انسان جي اوائلي تهذيب جا بنياد مهيو وجي ٿو. سياست بہ انهن مان هڪ آهي. يوناني فيلسوف ارسطو تہ انهن حد تائين چيو هو تہ جيڪو ماڻهو سياسي ناهي اهو مهذب ٿي نٿو سگهي. جيڪو ماڻهو سماجي جي اجتماعي مفادن ۽ انهن جي تحفظ جي عمل جو شعور نٿو رکي، اهو سياسي ٿي نٿو سگهي ۽ جيڪو ماڻهو سياسي ناهي اُهو مهذب نٿو ٿي سگهي، ڇو تہ فقط انفرادي مادي مفادن جو تحفظ تہ جانور بہ ڪندا آهن. مان هن معاملي جي ڊيگهہ ۾ نٿو وڃان، پر مطلب اهو آهي تہ سياست ڪا فقط اڄوڪي جديد دؤر جي ڳالهہ ناهي، اها تڏهن کان آهي جڏهن سماج نهيو ۽ اڳتي هلي رياستن جو وجود پيو. البتہ جيئن جيئن انسان جي شعور جي ارتقا ٿي آهي، تيئن تيئن سياست جو شعور بہ اُسرندو، پختو ۽ مربوط ٿيندو رهيو آهي. انساني تاريخ جي سموري فڪر ۽ فلسفن تي نظر وجهبي تہ معلوم ٿيندو تہ اڄ تائين جيڪي بہ مفڪر ۽ فيلسوف رهيا آهن، اُنهن جي فڪر جو سڌو يا اڻ سڌو تعلق بنيادي طور سماج ۽ رياست جي نسبت سان سياست سان رهيو هو. افلاطون کان ارسطو ۽ جان لاڪ کان مانٽيسڪو تائين، روسو ۽ ڪانٽ

ڪان وٺي ويندي مارڪس ۽ هن صديءَ ۾ رسل تائين ڪهڙو مفڪر ۽ فيلسوف آهي، جنهن سياست تي نہ ڳالهايو ۽ لکيو هجي. اسان وٽ سياست کي خسيس ۽ بازار جي جنس بڻايو ويو آهي. نہ تہ انسان اڄ تائين جيڪي بہ فن دريافت ڪيا آهن، اُنهن ۾ سياست کي وڏي امتيازي حيثيت حاصل آهي. افسوس جو سياست جيڪا سماج جو سڀني کان حساس، اهم ۽ اثرائتو افيئر آهي، اُن کي ئي سڀ کان خسيس ۽ بازار جي جنس بڻايو ويو آهي.

بدقسمتيءَ سان صدين کان اسان وٽ سياست جون واڳون ان عوام دشمن طبقي جي هٿن ۾ رهيون آهن، جنهن کي نہ تہ پنهنجين سماجي، اقتصادي حالتن جي پروڙ هئي ۽ نہ منجهن سياست جو پختو شعور. ڪو وقت هو جڏهن سنڌ جي وڏيرن، پيرن ۽ جاگيردارن وٽ سياست جو مطلب هو_ آقائن جون جُتيون ڪٽي، سندن اقتدار ۽ اختيارن جي طاقت جي اوبر تي پلجي عوام رستي راڄ ڪرڻ. اڄ سنڌ ۾ جيڪي وڏيرڪا گهراڻا سياست تي حاوي آهن، اُنهن مان ڪجھ کي ڇڏي باقي ڪهڙو سياسي گهراڻو آهي، جن جي ابن ڏاڏن پنهنجن آقائن جون جُتيون ڪٽڻ، پنهنجي وطن جي قومي مفادن سان غداريون ڪرڻ ۽ پنهنجا سمورا قومي ٽپڙ وڪڻي آقائن جي پيرن ۾ ليلڙائيون پائڻ جو درجو حاصل نہ ڪيو هجي. ويتر جو ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ جو اپرو سپرو وچون طبقو هڪ ڌڪ سان هليو ويو تہ اُنهن وڏيرن لاءِ ميدان بلڪل خالي ٿي ويو. عوام ۾ نہ تہ سياسي شعور هو ۽ نہ معاشي مسئلن جي گهاٽي ۾ پيڙهجڻ کان فرصت هئي، جو هو سياست بابت سوچي سگهن. نتيجي ۾ وڏيرڪو طبقو اڪيلي سر سياست تي قابض رهيو. هتي منهنجو مقصد وڏيرڪي سياست تي تفصيل سان بحث ڪرڻ ناهي، پر رڳو اهو واضح ڪرڻ آهي تہ سنڌ ۾ سياست جي علمي، جديد سائنسي ۽ فرض شناس تصور نہ اُڀرڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو بہ آهي. وڏيرن سياست جي نالي ۾ جيڪو ڪجھ ٿي ڪيو، عوام اهو ئي سمجهڻ شروع ڪيو تہ شايد سياست جو مطلب آهي ٺڳي ۽ ويساھ گهاتي ڪرڻ. سياست جو لفظ ڇڙ تہ ڪوڙ فريب، ٺڳيءَ ۽ پنهجن ناجائز مفادن جي تڪميل جو اصطلاح ٿي پيو ۽ هاڻي تہ سياست کي هڪ نفعي بخش ڪاروبار سمجهيو وڃي ٿو. وڏيرڪي سياست تہ نهيو پر هاڻي تہ خود وچين طبقي اڪثر سياسي قيادت/ ڪارڪنن/ ڪادرس جي سياست جو انداز، طور طريقا ۽ مزاج، وڏيرڪي سياست جهڙو ٿي پيو آهي. پاڻ جيڪي ڪم وڏيرڪي سياست نہ ڪري سگهي، اُهي ڪم مڊل ڪلاس جا اڪثر سياسي ڪادرس ڪن ٿا. مثلن ڌوھ، چوريون، ڌاڙا، تعليمي ادارن ۾ غنڊہ گردي، ڀتا گيري وغيره. سياست ۾ انهيءَ موقعي پرستي، ناجائز مفاد پرستي ۽ ڪرپشن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ بہ نتيجا واضح طور

سامهون آيا آهن، جن تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. پهريون نتيجو هيءُ نڪتو آهي جو سياست جو تصور تمام گندو، محدود ۽ ڇسو ٿي ويو آهي ۽ ٻيو نتيجو هيءُ نڪتو آهي، جو عوام توڙي سماج جي سجاڻ ماڻهن ۾ سياست کان بيزاريءَ جا رويا جنم وٺي رهيا آهن ۽ اُهي ٻئي نتيجا ڪنهن به سماج جي ذهني (ثقافتي) ۽ مادي (سياسي، سماجي، اقتصادي) ترقيءَ لاءِ سخت هاڃيڪار هوندا آهن. وري خاص طور تي سنڌ جهڙو اڳ ئي نراجيت جي ور چڙهيل سماج ڪنهن طور به اهڙن لاڙن کي برداشت ڪرڻ جو متحمل ٿي نٿو سگهي.

اڄ کان ڪجهه سال اڳ تائين جڏهن سوويت يونين نه ٽُٽو هو ۽ سنڌ جي وچئين طبقي جي سياسي تنظيمن جا بنيادي محرڪ نظرياتي ۽ سجاڻ ماڻهن لاءِ هڪ رومانس هئا. سنڌ ۾ پورو هڪ نسل سياست کي پنهنجو آدرش، انقلاب ۽ آزاديءَ جي منزل کي رسڻ جو هڪ ذريعو ۽ رومانس سمجهندو هو ۽ هاڻي حالت اها آهي جو سياست کي يا ته ڪاروبار ۽ پنهنجن ناجائز مفادن جي پورائيءَ جو ذريعو سمجهيو وڃي ٿو يا وري انتهائي فضول ۽ غير اهم شيءِ تصور ڪيو وڃي ٿو. ڏٺو وڃي ته اهي ٻئي رويا نهايت هاڃيڪار آهن.

جيتوڻيڪ رياست نهي سماج مان ٿي، اُها سماج مان ئي افرادي قوت ۽ وسيلا هٿ ڪري ٿي، پر جڏهن اُها ميچوئر ۽ مضبوط ٿئي ٿي، ته خود سماج تي حڪمراني ڪرڻ لڳي ٿي. جڏهن ته سماج وٽ فقط هڪڙو ئي رستو ۽ سگهه رهي ٿي، جنهن ذريعي اهو رياست جي سرڪش گهوڙي کي لغام وجهي پنهنجي ضابطي ۾ رکي ٿو. اهو ئي هڪ جمهوري رياست جو تصور آهي. يعني ٻين لفظن ۾ سياست سماج جي اُها قوت ۽ ذريعو آهي، جنهن وسيلي اهو رياست کي هلائي ٿو يا هلائي سگهي ٿو. جيئن برٽرنڊرسل چيو هو ته*

“Politics is person's beliefs about how a country should be governed”

سو هاڻي سوچي سگهجي ٿو ته جي ڪو سماج سياست کان بيزار ٿيڻ لڳي يا ان جا سجاڻ ماڻهو سياست کي فضول، غير اهم ۽ سماج کان لاتعلق شيءِ سمجهڻ لڳن ته اُن جو نتيجو ڇا نڪرندو؟ جڏهن يورپ ۾ جمهوريت جو تصور پاڙون هڻي رهيو هو ته خود جمهوريت بابت ڪافي اعتراض اُٿيا هئا. ته ان نظام ۾ ته ڪيتريون ڪمزوريون ۽ خرابيون آهن، پر اُتي جي ڏاهن ماڻهن ان جو اهو ئي جواب ڏنو هو ته جمهوريت جي ڪمزورين ۽ خرابين جو حل وري به وڌيڪ جمهوريت ۾ ئي آهي. سو جي سياست ۾ غلط لاڙا پيدا ٿين ٿا يا اُها وقتي طرح عوام جي سگهه بدران ڦورو طبقن جو هٿيار بڻجي پوي ٿي، تڏهن به ان جو حل وڌيڪ بهتر سياست ۾ ئي ٿي

سگھي ٿو نہ ڪي سياست کان بيزاريءَ ۽ فراريت جي لاڙن ۾. نراجيت/ انارڪيءَ کي ڪي سِگَ ڪونہ ٿيندا آهن. سياست کان فراريت بہ ان جو ئي هڪ روپ آهي. پوءِ اهو چاهي ڪهڙي بہ نالي يا بهاني سان اختيار ڪيو وڃي. عوام کي سياست کان بيزار ڪرڻ ۽ لاتعلق بڻائڻ جو سڌو يا اڻ سڌو مطلب ۽ نتيجو عوام/ سماج کي بي هٿيار ڪرڻ آهي. ان ڪري جيڪي بہ فرد/ گروهہ سياست کي گندو ڪن ٿا ۽ ان کي فضول، اڪارج ۽ غير اهم ڄاڻائين ٿا، اُهي دراصل نراجيت کي هٿي ڏين ٿا ۽ نراجيت جو لاڙو ڪنهن بہ سماج لاءِ ذهني ڏيڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. اهو آپگهات جو رستو آهي. ڪو بہ زندهہ سماج سياست کان فرار حاصل ڪري نٿو سگهي. ان ڪري سڄاڻ ماڻهن جو فرض آهي تہ سماج ۾ جيڪي سياست کي گندو ڪرڻ ۽ ان کان بيزاريءَ ۽ فرار جا لاڙا موجود آهن، اُنهن کي رڳو ويتر وڌائڻ بدران ان کي ممڪن حد تائين گهٽائڻ لاءِ پاڻ پتوڙين ۽ عوام کي ٻڌائين تہ ڪهڙي سياست غلط ۽ نقصانڪار آهي ۽ ڪهڙي سياست بهتر ۽ بيحد ضروري آهي.

ڳالهہ جو مطلب هيءَ آهي تہ هڪڙي گندي سياست مُدي خارج ۽ عوام دشمن وڏيرڪو طبقو ڪري ٿو. پوري سماج جون جيڪي ٻيون اُسرندڙ ۽ اُڀرندڙ قوتون مثال طور وچون طبقو آهي، ان کي پنهنجيءَ سياست جا بنياد ان روايتي سياست کان قطعي مختلف رکڻا پوندا، تڏهن ئي ڪنهن تبديليءَ جو امڪان پيدا ٿيندو. علي قاضي پنهنجين ذاتي ڪچهرين ۾ ڏاڍي سُٺي ڳالهہ ڪندو آهي تہ اسان وٽ مڊل ڪلاس جي سياسي پارٽين جو ڪم گهڻي ڀاڱي ميڊيا جي Duplication وڃي رهيو آهي. ان جي هڪڙي حصي ۾ ڏوهارين عنصر آهن ۽ پارٽين جو ڪم عملن وڃي رڳو انهن جي سرپرستي رهيو آهي تہ ٻئي طرف ان جا ٻيا حصا بقول علي قاضيءَ جي تہ رڳو ميڊيا جي ڊپليڪيشن ۾ مصروف آهن. جڏهن تہ سياست جو دائرو گهڻو وسيع ٿئي ٿو ۽ هجڻ بہ گهرجي. سچي ڳالهہ جو مطلب هيءَ آهي تہ سياست کي رڳو وڏيرن جو موقعي پرستاڻو ڏنڊو ۽ قومي سياست جي نالي ۾ ڏوهارين جي سرپرستي نہ پر تمام ذميوارانو ڪم سمجهڻ گهرجي ۽ اها ڳالهہ بہ سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ سماج وٽ اڳتي وڌڻ لاءِ پنهنجن مسئلن کي حل ڪرڻ، ترقي ڪرڻ ۽ منصوبا بندي ڪرڻ لاءِ سياست ۽ فقط بهتر سياست ڪانسواءِ ڪوبہ رستو ناهي، تہ پوءِ ڇو نہ ان ڏانهن گهربل ذميوارانو رويو اختيار ڪجي ۽ پنهنجن روايتي تصورن جو دائرو تبديل ڪري وسيع ڪجي.

سياست دنيا ۾ هاڻي سائنس جو درجو حاصل ڪري ورتو آهي. اها عمرانيات جي هڪ اهم شاخ اهي. ان ڪري سماج جي ترقي پسند قوتن کي سياست جا جديد ترين تصور اختيار ڪرڻا پوندا ۽ سياست جي انهن جديد ترين تصورن کي

عوامي سطح تي متعارف ڪرائڻو پوندو. اها جديد سياست جنهن جا علمي بنياد 17هين صديءَ ۾ هابس (Hobbes) ۽ لاڪ (Lock) ۽ 18هين صديءَ ۾ روسو ۽ ٻين مفڪرن ۽ 19هين صديءَ ۾ مارڪس، اينجلز ۽ ٻين مفڪرن وڌا. هلندڙ صديءَ جي زبردست اُٿلن پٿلن ۽ تجربن تہ سياست جي تصورن کي ويتر تمام چٽو ۽ واضح ڪري ڇڏيو آهي. پر اسان وٽ انهن تصورن کي عملي ۽ عوامي سطح تي تہ ڇهيو پر رڳو فڪري سطح تي بہ پوريءَ طرح سمجهيو ۽ قبول نہ ڪيو ويو آهي.

اسان وٽ سياست جي مهذب ۽ ذميوار تصور جي متعارف نہ ٿيڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اسان وٽ اڃا بهتر سياسي ڪلچر جو نهڻ تہ پري پر ٺلهوان جو تصور بہ متعارف نہ ٿي سگهيو آهي. ڪلچر تهذيب جو لازمي حصو ۽ ڪنهن بہ معاشري جي مهذب هجڻ جي بنيادي ڪسوٽي ۽ سڃاڻپ ليکيو ويندو آهي ۽ ڪلچر جو جوهر ”قدر“ (Values) هوندا آهن. 17هين صديءَ ۾ جڏهن يورپي معاشرو بہ سخت انارڪيءَ جو شڪار هو، تڏهن اُتي اهو تصور شدت سان اُڀريو تہ سياست جا ڪي بہ قدر ۽ ان جو هڪ جزوي ڪلچر هئڻ گهرجي، نہ تہ اهو ٻيءَ صورت ۾ تخليقي ۽ تعميري انداز سان اڳتي وڌي نہ سگهندو. هونئن تہ افلاطون ۽ ارسطوءَ کان وٺي هر دؤر ۾ سياست ۾ قدرن جي سوال تي فيلسوف ڳالهائيندا رهيا، پر خاص طور تي 18هين صديءَ جي آخر ۾ هرهڪ نالي هڪ سياسي مفڪر، سياسي ڪلچر جي تصور کي باقاعده هڪ Discipline جي شڪل ڏني. هن کان پوءِ 19هين صدي توڙي هلندڙ 20هين صديءَ تائين ان حوالي سان نظرياتي توڙي عملي سياسي ميدان تي وڏو ڪم ٿيندو رهيو آهي. خاص طور تي ٻيءَ مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ المونڊ (Almond) ۽ وربا (Verba)، برائون (Brown)، وائٽ (White) ۽ ٻين ڪيترن سياسي مدبرن ان موضوع تي وڏو ڪم پئي ڪيو آهي.

اهو ئي سبب آهي جو اڄ دنيا ۾ سياسي ڪلچر کي سماجي اخلاقيات جو لازمي حصو تصور ڪيو وڃي ٿو. سياسي ڪلچر جو مطلب اهو آهي تہ سياست جا بہ ڪي نہ ڪي اُصول، ضابطا، قانون، اخلاقي حد بنديون ۽ قدر هجڻ گهرجن، نہ تہ ٻيءَ صورت ۾ سياست عوام جي خدمت ۽ قومي تعمير جي ذريعي بدران ڏنگن جو ڏنڊو ٿي پوي ٿي ۽ اهو ئي سبب آهي جو اهڙي سياست ڏسي عوام جو سياست تان اعتبار کڄي چڪو آهي. پر ان سڄيءَ صورتحال جو سدِباب مرڳو سياست جي ئي نفي ڪرڻ نہ پر غلط سياست کي ڌڪارڻ ۽ سُٺي، صاف سٿري، عوام دوست ۽ قوم ڏانهن ذميوار سياست جو احياءُ آهي، تہ جيئن هڪ طرف عوام جو سياست ۾ اعتبار موٽي اچي، تہ ٻئي طرف سماج کي اڳتي وڌڻ جو ڪو گس ملي سگهي.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد – جمع 27 مارچ 1998ع

# خود فريبين جي رُڃَ ۾ ڀٽڪيل
# ”قومي سوال“

جن موضوعن سان منهنجي بيحد دلچسپي رهي آهي، انهن ۾ هڪ تاريخ بہ رهي آهي. تاريخ جو مطالعو نہ رڳو ماڻهوءَ کي ذهني طور ادراڪ ۽ اعتماد جي سگهہ بخشي ٿو پر خود فريبين جي ڏُڀڻ مان ڪڍي حقيقت پسنديءَ طرف مائل بہ ڪري ٿو. گذريل چڱي وقت کان مان دنيا جي سياسي تاريخ مان اخذ ڪيل نتيجن جي روشنيءَ ۾، تاريخ جي هڪ شاگرد طور، سنڌ جي قومي نجات ۽ بقا جي سوال بابت سوچيندو رهيو آهيان ۽ ان حوالي سان جنهن نتيجي تي پهتو آهيان، چاهيان ٿو تہ اهو سنڌ جي سجاڻ ماڻهن سان ورڇيان تہ جيئن اهو خيال نہ رڳو سندن ويچار هيٺ اچي پر بحث مباحثي جو موضوع بہ بڻجي.

سنڌي قوم تاريخ جي هڪ ڏاڪي تي اندروني توڙي خارجي طور جنهن حساس ۽ ڏکئي دؤر مان گذري رهي آهي، ان بابت هاڻ سجاڻ ماڻهن وٽ ڪي بہ بہ رايا نہ آهن، ان ڪري مان بہ ڊيگهہ ۽ ورجاءُ جي خوف کان ان جي تفصيل ۾ نہ ٿو وڃان. البتہ ان جو بيو ۽ وڏيڪ اهم پاسو يعني اهو سوال تہ ان صورتحال مان نڪرڻ ڪيئن ممڪن آهي ۽ ان جا ڪهڙا معروضي امڪان آهن؟ اهو هڪ اهڙو سوال آهي، جنهن تي نہ رڳو قومي سطح تي مونجهارا آهن پر مختلف ۽ متضاد خيال بہ موجود آهن. اهي سمورا خيال جيڪي هن بنيادي سوال سان لاڳاپيل آهن ۽ جن ۾ سنجيدگي آهي، توڙي جو اُهي مختلف ۽ متضاد ئي ڇو نہ هجن، سامهون اچڻ گهرجن. فقط اهو ئي رستو آهي، جنهن سان اهڙن بنيادي سوالن جي پيچيدگي حل ٿي سگهي ٿي ۽ قومي لحاظ کان اسان جو سياسي Vision واضح ٿي سگهي ٿو.

جيڪڏهن آزاد ۽ خود مختيار قومون اخلاقي انحطاط جو شڪار ٿينديون آهن ته انهن جي نئين سر اڏاوت ۽ اؤسر نسبتن سَهنجي هوندي آهي. ٻئي طرف وري جيڪڏهن اهي فقط ٻاهرين مصيبتن ۾ گهيريل هونديون آهن ۽ اندروني لحاظ کان هڪ معاشري طور اُهي پختيون هونديون آهن، تڏهن به ڳالهه گهڻي ڏکي نه هوندي آهي جو اندروني طور جنهن قوم جا سماجي ۽ سياسي بنياد ۽ اعصاب سگهارا هوندا آهن، اُهي ٻاهرين مصيبتن کي آسانيءَ سان منهن ڏئي سگهنديون آهن، پر اسان جو قصو بنهه مختلف ۽ وڏيڪ منجهيل آهي. ”هڪ اڻ هوند ٻيو افعال ٻچڙا“ جي مصداق هڪ طرف اسان خارجي طور مختلف پاسن کان تاريخ جي زبردست دٻاءُ هيٺ آهيون ته ٻئي طرف معاشرو اندروني طور اخلاقي طرح (مان اخلاق جو لفظ سماجي نفسيات جي حوالي سان استعمال ڪري رهيو آهيان) پستين ڏانهن وڃي رهيو آهيان، ان ڪري اسان کي قومي سوال ان وسيع تناظر ۾ ئي سمجهڻو ۽ ڪڻڻو پوندو، يعني اسان جي ”قومي جدوجهد“ جي ايجنڊا فقط ٻين قوتن جي تسلط کان سنڌ کي آجو ڪرائڻ ئي نه پر سنڌي معاشري جي نئين سر اخلاقي تعمير ۽ ٻين لفظن ۾ ”قومي اڏاوت“ به هجڻ گهرجي. هونئن به فطري طور هڪ ڪمزور ۽ زوال پذير معاشرو آزاد ۽ آجو رهي سگهي ئي نه ٿو. سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته ”جيڪو ڏڪ سو ڪاٽي جي اک ۾“، يعني ڪمزور تي هرڪو اُلر ڪندو آهي.

بهرحال هتي منهنجو موضوع ”قومي اڏاوت“ جو سوال نه پر اهو آهي ته سنڌ جيان هيترين ٻاهرين مصيبتن ۾ ڦاٿل قوم لاءِ بقا جا ڪهڙا ڪهڙا معروضي امڪان ۽ رستا ٿي سگهن ٿا يا تاريخ ۾ رهيا آهن. سنڌ جي ”قومي مسئلي، ڏانهن اسان جو عمومي رويو ذهني طرح بنهه سادگيءَ وارو يا اجا به ايئن ڪٽي چئجي ته خود فريبيءَ وارو رهيو آهي ۽ اهو ٿلهي ليکي هيءُ آهي ته ڇاڪاڻ ته اسين هڪ مظلوم قوم آهيون يا حق تي آهيون، ان ڪري اسان کي بچايو به وڃي، بچڻ به گهرجي ۽ فقط ان بنياد تي اسان کي اهو ڏڍ ۽ آٿت آهي ته اسين بچي به ويندا سين. مان سمجهان ٿو ته دنيا جي ڪابه قوم جيڪا اهڙين ٻاهرين توڙي اندرين مصيبتن ۾ ڦاٿل هجي اها فقط قدرن، خواهشن ۽ تاريخي حيثيت توڙي حقن جي بنياد تي نجات وٺي وڃي يا هيترن بحرانن مان نڪري اڳتي وڌي وڃي، گهٽ ۾ گهٽ تاريخ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مون کي ايئن نٿو سُجهي، قدر ۽ اُصول قومن جي اخلاقي تعمير ۾ ته وڏو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا پر قومي بقا جي پيچيده صورتحال ۾ ڪو بنيادي ۽ فيصلائتو ڪردار ادا نٿا ڪري سگهن. اجا انسان ذات تهذيب جي ان سطح ۽ بلنديءَ کي نه رَسي سگهي آهي، جتي فقط قدرن ۽ اُصولن ۽ ماڻهپي جي بنياد تي اهڙا دقيق ۽ ڳوڙها قومي مسئلا حل ٿي سگهن. اهو وڏي ۾ وڏو ڪوڙ آهي ته تاريخ هر

ڪنهن سان انصاف ڪندي آهي. حقيقت اها آهي تہ تاريخ بہ ڪمزورن سان نہ پر انهن سان انصاف ڪندي آهي جن جي حق ۾ طاقت جو توازن هوندو آهي ۽ اهو ئي تاريخ جو نچوڙ بہ آهي. دنيا ۾ اهڙا ڪيترا مثال آهن ۽ اهڙا مثال سدائين رهيا آهن تہ هڪڙيون قومون يا نسل ڪن بہ سببن ڪري لڏي يا ڪاهہ ڪري وڃي ٻين علائقن/ ملڪن ۾ رهيا ۽ هڪ ڊگهي پراسس ۾ انهن اتي جي مقامي قومن/ نسلن کي جڙ تہ ختم ڪري پاڻ اتي قابض ۽ پس و پيش ان جا مالڪ ٿي ويا ۽ ڇاڪاڻ تہ طاقت جا توازن انهن جي حق ۾ بدلجي ويا. ان ڪري ٻيو تہ ٺهيو پر خود تاريخ بہ کين حقي واجبي قرار ڏئي ڇڏيو. ڊيگهہ جي امڪان سبب مان هتي تفصيل ۾ نہ ٿو وڃان. اهو سياسي سماجيات جو موضوع آهي، ان جي مطالعي مان اسان کي ڪيترا اهڙا مثال ملي ويندا ۽ اها ڳالهہ واضح ٿي ويندي، يعني ڳالهہ جو حاصل مطلب هيءُ ٿيو تہ قومي بقا جي جنگ فقط قدرن ۽ اُصولن يا پستين جي پاتال ۾ ڏڪجندڙ قوم تڏهن ۽ فقط تڏهن ئي بچي ۽ اُسري سگهي ٿي، جڏهن طاقت جو ڪونہ ڪو توازن ان جي حق ۾ هجي، معنيٰ تہ تاريخ ۾ قومن جي تباهيءَ توڙي بقا جو فيصلو بنيادي طرح قدر يا اُصولي بنياد نہ پر طاقت ڪري ٿي. هاڻي جڏهن اسان ان سوال تي واضح ٿي وڃون ٿا تڏهن اهو سوال ضرور اُڀرندو تہ پوءِ طاقت جون اهي ڪهڙيون ڪهڙيون ممڪن صورتون آهن ۽ ڇا موجوده حالتن ۾ اهي اسان جي حق ۾ بہ آهن يا نہ؟ يا اڄا بہ ايئن ڪٿي ڇئجي تہ اسان انهن منجهان گهٽ امڪانن کي پنهنجي پاسي ڪري سگهون ٿا؟ منهنجي خيال ۾ اهو تمام اهم ۽ بنيادي قسم جو سوال آهي، جنهن جي ڪجهہ پهلوئن تي مان هتي پنهنجا ويچار پيش ڪري رهيو آهيان. بهتر ٿيندو جي ان سوال تي سمورن سنجيده قومي گهڻ گهُرن طرفان ويچار سامهون اچن ۽ اسان ڪن فيصلہ ڪن نتيجن تي پهچي سگهون.

طاقت يعني پاور جو سوال ڏاڍو همہ گير ۽ پيچيدو آهي. طاقت جون مختلف معنائون آهن ۽ سماجي توڙي تاريخي اعتبار کان بہ ان جون صورتون نہ رڳو مختلف آهن پر اهي هميشہ تبديل ٿينديون رهيون آهن. يعني طاقتن جا سياسي سرچشما بہ تبديل ٿيندا رهيا آهن. بهتر ٿيندو جي مان ترتيب وار انهن تي روشني وجهندو هلان.

1. دنيا ۾ طاقت جي سڀني کان سگهارين صورتن ۾ ”اقتصادي طاقت“ کي سمجهيو ۽ مڃيو ويندو آهي، ڇو تہ سماج جي رڳن ۾ جيڪا قوت زندگيءَ جو جوهر وجهي ٿي، وڏيڪ اهم اها اقتصادي/ معاشي طاقت آهي. دنيا ۾ ڪابہ قوم سياسي، سماجي، ثقافتي توڙي تاريخي ۽ خارجي اعتبارکان ڪيڏو بہ مصيبتن ۽ ڏچن ۾ ڦاٿل ڇو نہ هجي پر جي اقتصادي طاقت جو توازن ان جي حق ۾ آهي، ٻين لفظن ۾

جي مارڪيٽ تي ڪنٽرول ان قوم جو آهي تہ پوءِ ان کي ڏگهو وقت غلام بڻائي رکڻ، تباهہ ڪرڻ يا صفحہ هستيءَ تان مٽائڻ ڪنهن بہ ريت ممڪن ناهي. موجوده حالتن ۾ اقتصادي سگهہ جو توازن اسان جي حق ۾ نہ آهي. اسان ماڻهن ڪڏهن بہ ان طرف ڪا رٿا بندي نہ ڪئي تہ سنڌي ماڻهن کي واپاري ڪلچر "Merchantile Culture" ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا بنيادي اُپاءَ وٺجن. منهنجي راءِ آهي تہ سنڌ جي بقا جي ڳالهہ بہ اڳتي فقط ۽ فقط تڏهن سُري سگهندي جڏهن سنڌي ماڻهو هينئين کان مٿينءَ سطح تائين واپار، ڪامرس، صنعت ۽ واپار ۾ داخل ٿيندو. ان ڪانسواءِ اسان جي صورتحال ۾ عملي طور ڪو "ڇال" ( Break Through ) اچي، اهو گهٽ ۾ گهٽ مون کي نٿو سُجهي.

2. طاقت جو اقتصادي توازن ڪنهن قوم جي حق ۾ نہ بہ هجي پر اها قوم پنهنجي مزاج جي حوالي سان جيڪڏهن ڊائنمڪ ۽ "سگهاري" هوندي آهي، تڏهن بہ تاريخ جو جبر ان قوم کي جنجهوڙي نٿو سگهي، ڇو تہ قومن/ معاشرن جو اجتماعي "ڊائنامزن" خود ايڏي وڏي ذهني ۽ سماجي سگهہ آهي، جو اُها قومن کي بحرانن ۽ مسئلن جي اوڙاهہ مان ڪڍي سگهي ٿي. سنڌي ماڻهو ذهني طرح توڙي مزاج جي حوالي سان سادو، محدود، سُست ۽ سانتيڪو "Passive" رهيو آهي ۽ گهڻيءَ حد تائين بدستور ايئن آهي. مثال طور اسان وٽ عام طور اها ڳالهہ وڏي فخر سان بيان ڪئي ويندي آهي ۽ ان کي پنهنجي "قومي عظمت" جي دليل طور پيش ڪيو ويندو آهي تہ سنڌي ماڻهو ڪڏهن بہ ڪنهن قوم تي ڪاهہ ڪري نہ ويا آهن. بظاهر اها ڳالهہ تہ چڱي لڳي ٿي پر منهنجي خيال ۾ اهو "عظمت" کان وڌيڪ سنڌي ماڻهن جي تاريخ طور ڳنڍائتي ۽ Passive مزاج جو معاملو آهي، پر قومن جا مزاج بہ ڪي قطعي يا تبديل نہ ٿيندڙ شيون ناهن. "قومن کي زبردست بحرانن مان نڪرڻ" هم عصر قومن سان مقابلو ڪرڻ ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ جيڪو ڊائنامزم گهرجي، ان جي اسان جي قوم ۾ اڄ سخت کوٽ آهي ۽ قومي سوال جي ايجنڊا جو هڪ نقطو ان جو سدباب بہ هجڻ گهرجي. ظاهر آهي تہ اهو سدباب فقط ڳالهين سان نہ ٿيندو. حالتن کي اقتصادي ۽ سماجي طور تبديل ڪرڻ سان ٿيندو. قومن جي بقا جي سوال جو تعلق انهن جي سياسي - جاگرافيائي "Geo_Political" حالتن سان بہ هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن قومن جون مخصوص سياسي جاگرافيائي حالتون انهن لاءِ ڀاڳ جو سبب بڻبيون آهن تہ ڪڏهن وري اهي انهن لاءِ بنهہ نياڳ بڻجي وينديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن سياسي جاگرافيائي اهميت جي لحاظ کان ڪن قومن جو بچڻ ۽ ترقي ڪرڻ عالمي طاقتن مان ڪنهن جي ضرورت ۽ مجبوري بڻجي ويندو آهي، جيئن نار جي جنگ ۾ ڪويت کي ننهن چوٽيءَ جو زور

لڳائي آمريڪا بچايو. جيتوڻيڪ قومن جي سياسي جاگرافيائي حيثيت ۽ اهميت بہ سدائين ساڳي نہ ٿي رهي. اها بہ بدلجندڙ عالمي حالتن ۾ تبديل ٿيندي رهي ٿي، پر سوال وري بہ اهو آهي تہ ڪا اسان جهڙي "مصيبتن" ۾ ڦاٿل قوم ڪهڙي طريقي سان عالمي طاقتن مان ڪنهن جو توازن پنهنجي حق ۾ استعمال يا Exploit ڪري؟ ڇو تہ سياسي- جاگرافيائي لحاظ کان موجوده عالمي حالتن ۾ سنڌ جي هرو پرو ڪا اهڙي حيثيت ناهي جو ان جو سنڌي ماڻهن جي مالڪيءَ جي حوالي سان بچڻ ڪو عالمي طاقتن منجهان ڪنهن جي حق ۾ يا ان جي مجبوري هجي.

3. مون جڏهن ان حوالي سان پنهنجي دوست ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ فلسفي جي استاد جاويد ڀُٽي سان پنهنجا ويچار ورڇيا تہ هن ان ۾ هڪ اهم نقطي جو واڌارو ڪيو. هن جو خيال هو ۽ بلڪل بجا هو تہ قومن جي بحرانن مان نڪرڻ جو هڪ مکيہ سبب سندن "Homogeneity of ease" يعني قومي مقصد جي وحدت ۽ ان تي قوم جو مڪمل اتفاق بہ هوندو آهي. جڏهن قوم جي هر فرد کي معلوم هوندو آهي تہ سندن قومي منزل ۽ مقصد ڇا آهي؟ تہ اها مقصد جي چٽائي ۽ وحدت منجهن نہ رڳو زبردست اتساهہ ۽ سگهہ پيدا ڪري ٿي پر سندن سوڀ جو سبب بہ بڻجي ٿي. مثال طور جيئن ڏکڻ آفريڪا آهي. تاريخي طور طاقت جو ٻيو ڪو مکيہ توازن سندن حق ۾ نہ هو پر قوم جو منزل ۽ مقصد تي اتفاق هو ۽ ان ڳالهہ منجهن ايڏي تہ سگهہ پيدا ڪئي جو نہ رڳو هو فنا نہ ٿي سگهيا پر پاڻ سوڀارا ٿيا. ان حوالي سان بہ سنڌ جو ڪيس ڪمزور آهي. يعني قومي طرح اسان جو ڪنهن بہ هڪ مقصد ۽ منزل تي اتفاق ناهي. هر سطح تي سنڌ هڪ ورهايل قوم آهي. سماجي، ثقافتي، نسلي، توڙي سياسي لحاظ کان اسان وٽ رڳو نفاق ۽ ويڇا آهن. سنڌي قوم ۾ اتساهہ ۽ اميد پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان ۾ مقصد جي وحدت ۽ هڪ جهڙائي پيدا ڪجي، ڇو تہ اهو ئي اتساهہ ۽ اميد کين اها سگهہ بخشيندا، جيڪا قومن کي بحرانن مان ڪڍي سگهي ٿي. منهنجو دوست ابرار قاضي ان حوالي سان هن خيال جو آهي تہ طاقت جون اهي سڀ امڪاني صورتون في الحال سنڌ جي حوالي سان اسان جي حق ۾ ناهن. يعني نہ تہ سنڌ وٽ اقتصادي طاقت جو توازن آهي ۽ نہ ايندڙ ڇڱي وقت تائين اهڙو امڪان نظر اچي ٿو. سنڌي ماڻهوءَ کي ڊائنمڪ ٿيڻ لاءِ بہ زمانا گهرجن. عالمي حالتن/ جو توازن بہ گهٽي ڀاڱي سنڌ جي حق ۾ ناهي ۽ نہ ايندڙ ويجهي مستقبل ۾ اهڙي ڪنهن ڇال (Break Through) جو امڪان نظر اچي ٿو. ان ڪري هن سڄي مسئلي جو هڪڙو حل اهڙو آهي جيڪو سنڌ جي بقا ۽ ترقيءَ جا گهڻا امڪاني رستا کولي سگهي ٿو ۽ اهو هيءُ آهي تہ سنڌ جو سياسي اقتدار هڪ اهڙي سياسي ڌر کي ملي، جيڪا واقعي بہ تبديليءَ ۽

قومي بقا توڙي ترقيءَ جي سوال تي سنجيده هجي پر اها ڳالهہ بہ ايتري سولي ناهي تہ آخر اها ڳالهہ ويجهي مستقبل تائين ڪيئن ممڪن بڻبي تہ سنڌ جو اقتدار وڏيرڪي طبقي کان کسجي مڊل ڪلاس جي قيادت ۾ هلندڙ سنڌ سطح جي ڪنهن اهڙي ڏر جي حوالي ٿئي جيڪا پنهنجي ڪردار ۾ صاف هجي ۽ تبديليءَ لاءِ سنجيده بہ هجي.

مٿي ڪيل سموريءَ ڳالهہ جو سادن لفظن ۾ تَتُ ۽ مطلب هيءُ ٿيو تہ هيءُ جيڪو اسان عمومن رويو اختيار ڪندا آهيون تہ ڇاڪاڻ تہ اسين صحيح آهيون، حق تي ۽ مظلوم آهيون، ان ڪري اسان کي بچڻ بہ گهرجي، بچايو وڃي ۽ پس و پيش بچي بہ ويندا سون، اهو ذهني سادگيءَ جي بنياد تي قائم ڪيل تصور بظاهر تہ سُٺو ۽ حقي واجبي آهي پر تاريخ ۾ قومن جي تقديرن جو فيصلو اهڙي ”درويشاڻي سادگيءَ“ بجاءِ طاقت ڪري ٿي. جزوي طور جنهن جي مختلف صورتن بابت مختصر ڳالهہ مٿي ڪري آيا آهيون ۽ اهي اجا بہ وڌيڪ ٿي سگهن ٿيون ۽ ظاهر آهي تہ آهن ۽ ضرور هونديون. مطلب تہ اهي سمورا فرد، گروهہ ۽ پارٽيون جيڪي هن سوال تي سنجيده آهن ۽ ان لاءِ پاڻ پتوڙيندڙيون رهن ٿيون، انهن کي هاڻي ذهني سادگيءَ يا خود فريبيءَ مان نڪري حقيقت پسنديءَ واري عملي سوچ اختيار ڪرڻي پوندي ۽ انهن سمورن پاسن جي حوالي سان ڏگهي سوچ ويچار کانپوءِ ڪنهن اهڙي نتيجي تي پهچڻو پوندو، جيڪو ڪنهن بنيادي ”ڇال“ (Break Through) جو سبب بڻجي سگهي ۽ سنڌ جي قومي وجود جي بقا ۽ ترقيءَ جي سوال تي تصوراتي ۽ اختراعي دنيا مان نڪري حقيقي حل جي رستي ڏانهن گامزن ٿي سگهي.

---

روزاني ڪاوش 1998ع

# اچو تہ ڊيم کي نئين سر رد ڪريون!

وزيراعظم ميان نواز شريف پاڪستان جي تاريخ جي سيني ڪان وڏيڪ تڪراري منصوبي يعني ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جو فيصلو ۽ اعلان ڪري نہ رڳو في الحال سڄي ملڪ کي حيران ڪري ڇڏيو آهي پر ننڍين صوبن ۽ خاص طرح سنڌ ۽ سرحد جي عوام کي سخت چيڙائي وڌو آهي. "وڏي مينڊيٽ" جو "هاٿي" پهرئين ڏينهن کان پنجاب کان سواءِ ننڍين صوبن جي عوام جي قومي مفادن ۽ حقن جا "ٻوڙا" لتاڙيندو رهيو آهي ۽ ٽريجڊي اها آهي جو ان کي في الوقت جهڻ تہ ڪوبہ جهلڻ پلڻ وارو ڪونهي. ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جي اعلان شرط هڪ طرف پنجاب ۾ نواز شريف جي مقبوليت جو گراف چوٽ چڙهي ويو آهي تہ ٻئي طرف ننڍين صوبن خاص طور سنڌ ۽ سرحد ۾ ميان صاحب جي مقبوليت جو گراف هڪدم اسٽاڪ ايڪسچينج جي شيئرس وانگر ناپسنديدگيءَ جي حد تائين وڃي ڪِريو آهي ۽ ان سڄي ردعمل عمل جي نتيجي ۾ ميان صاحب جي رويي مان لڳي ٿو تہ ڪيس شايد هاٺي پنجاب ۾ مقبوليت ۽ ٻگري مينڊيٽ ايترو تہ مست ڪري ڇڏيو آهي جو ڪيس ننڍين صوبن ۾ پنهنجي سياسي مقبوليت جي وڌڻ يا گهٽجڻ جي ڪابہ پرواهہ نہ رهي آهي. ضياءَ دؤر ۾ اُڀري آيل نواز شريف ٻہ دفعا ملڪ جو وزيراعظم ٻڻجڻ باوجود پنهنجو ذهن سياسي ۽ جمهوري بنيادن تي ٺاهي نہ سگهيو آهي. جي ايئن نہ هجي ها تہ هو ضرور پاڻ کي هڪ صوبي بدران سڄي ملڪ جو وزيراعظم سمجهي ها ۽ ڪوبہ فيصلو ڪرڻ وقت ملڪ جي سمورن صوبن جي عوام جي مفادن ۽ جمهوري راءِ جو لحاظ ۽ خيال ضرور ڪري ها. يعني جنهن منصوبي جي پنجاب کان سواءِ ٽنهي صوبن جو عوام گذريل 15 سالن کان هر سطح تي مخالفت ڪندو رهيو آهي، سندن چوندبيل اسيمبلين بار بار ان خلاف ٺهراءُ پيئي

بحال ڪيا آهن ۽ جنهن بابت وقت جي هر حڪومت اهو رينگٽ جاري رکندي پئي آئي آهي ته ”اهو ڊيم چئني صوبن جي اتفاق راءِ کان سواءِ نه ٺاهيو ويندو.“ انهن سمورين ڳالهين باوجود ميان نواز شريف پاران ڪنهن به صوبي سان صلاح ڪرڻ کان سواءِ ڊيم بابت سنڌ توڙي سرحد صوبن جي اعتراض تي غور ڪرڻ ۽ ڪين مطمئن ڪرڻ کان سواءِ ايئن هڪ طرفو اعلان ڪرڻ دراصل پنجاب جي حڪمران طبقي جي ان مخصوص سوچ جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪا پنجاب کي ئي ملڪ سمجهي ٿي ۽ ان جي (جائز ناجائز) مفادن کي ملڪ جو مفاد سمجهي ٿي. دراصل اها ئي سوچ آهي، جنهن ننڍن صوبن جي عوام کي وفاق ۽ ملڪي معاملن کان بيزار ڪري ڇڏيو آهي، جو هو سمجهن ٿا ته هن ملڪ جو مطلب پنجاب ۽ ان جا مخصوص مفاد آهن. حڪومت طرفان ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جي اعلان کان پوءِ پيدا ٿيندڙ صورتحال ۽ ان جي امڪاني نتيجن تي غور ڪرڻ کان اڳ اچو ته مختصر طور ان جي پس منظر ۽ سببن تي به ڳالهائيندا هلون. جيتوڻيڪ هاڻي ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه رهيو آهي ته هيءُ منصوبو نه رڳو ٽيڪنيڪي، معاشي، تاريخي، توڙي اخلاقي ۽ سياسي لحاظ کان به غلط ۽ نقصانڪار ثابت ٿي چڪو آهي ته پوءِ هن رٿا بابت پنجاب ۽ موجوده حڪومت جي بدنيتي بلڪل واضح ٿي چڪي آهي. پڙهندڙن جو ذهن هن رٿا بابت بلڪل صاف ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ڊيم بابت سنڌ جي ڪيس جون بنيادي ڳالهيون هتي واضح ڪيون وڃن ۽ ان کان پوءِ ئي موجوده صورتحال جو جائزو ورتو وڃي.

حقيقت ۾ ڪالاباغ ڊيم ڪو پهريون موقعو ۽ منصوبو ناهي، جنهن تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جي حوالي سان تڪرار شدت سان اُڀريو هجي. سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جو مسئلو تمام پراڻو آهي. خاص طور تي جڏهن 1843ع ۾ سنڌ کي ۽ 1847ع ۾ پنجاب کي انگريزن فتح ڪيو ۽ سنڌو درياهه جي پاڻيءَ جي استعمال جو سرشتو وضع ڪيو، تڏهن کان اهو مسئلو پيدا ٿيو. ان زماني کان ويندي اڄ تائين اهو تڪرار مختلف صورتن ۾ هلندو اچي. ڪالاباغ ڊيم جو منصوبو به سنڌ جي پاڻيءَ تي پنجاب جي ”ميري نظر“ جي ان تاريخ جو تسلسل آهي. هيءُ منصوبو 1984ع ۾ واپڊا طرفان ڊزائن ڪيو ويو ۽ پهرئين ڏينهن کان وٺي تڪراري رهيو. هن منصوبي کي ويتر تڪراري واپڊا ۽ پنجاب سان واسطو رکندڙ مختلف دؤرن جي حڪومتن منصوبي متعلق هر روز بدلجندڙ متضاد بيان ڏئي بڻايو. سڀ کان پهرين چيو ويو ته ملڪ کي بجليءَ جي توانائيءَ جي ضرورت آهي ۽ ڪالاباغ ڊيم ذريعي 3.600 MW بجلي پيدا ٿي سگهندي. ٻيو سبب اهو ڄاڻايو ويو ته تربيلا ۽ منگلا ڊيمن جي تيزيءَ سان لَتجڻ سبب ڪالاباغ ڊيم ذريعي پاڻيءَ جو وڏو ذخيرو

تي سگهندو. اڳتي هلي وري اهو انڪشاف ڪيو ويو تہ ايريگيشن لاءِ ليفٽ ۽ رائٽ بينڪ ڪئنال ٺاهڻ جو منصوبو پڻ رٿيو ويو آهي. انهن شڪن شبهن جو هڪ سبب چشما ـ جهلم لنڪ ڪئنال پڻ آهي. 21000 ڪيوسڪس جي ڪئنال، جيڪا چشما، بيراج ۽ جهلم نديءَ کي پاڻ ۾ ملائي ٿي، تنهن لاءِ اهو طئي ڪيو ويو هو تہ اها سال ۾ صرف اُن وقت کولي ويندي، جنهن وقت سنڌو درياهہ ۾ اضافي پاڻي هوندو، پر هاڻي تہ ٻارهوئي کولي وڃي ٿي، توڙي جو سنڌو درياهہ ۾ پاڻي بہ نہ هوندو آهي. انهن سمورين ڳالهين هن منصوبي بابت شڪ شبها وڌايا. جيستائين ڪالاباغ ڊيم بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ٺاهڻ جي رٿا جي ڳالهہ آهي تہ پيو تہ ٺهيو پر خود ميان نواز شريف بہ رڪارڊ تي آهي تہ هاڻي پاڪستان ان ۾ خود ڪفيل ٿي چڪو آهي. هن وقت ملڪ ۾ بجليءَ جي پيداوار 12000 MW آهي، جنهن ۾ 2000 MW اضافي آهي. جڏهن تہ ڪالاباغ ڊيم ذريعي شروع ۾ صرف 2400 MW ۽ اڳتي هلي 3600 MW بجلي پيدا ڪري سگهبي. هاڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڊيم بابت اهو دليل ڪيترو نہ واڻڙو ۽ غلط بيانيءَ تي مبني آهي.

حقيقت اها آهي تہ پنجاب طرفان هن منصوبي جو اصل مقصد سنڌو درياهہ جو پاڻي چورائڻ / ڦٻائڻ ۽ خالص ايريگيشن جي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ آهي. پنجاب چاهي ٿو تہ هن ڊيم ذريعي ميانوالي، خوشاب ۽ جهلم ضلعن جي ٿي لک اسي هزار ايڪڙ بنجر زمين آباد ڪرڻ لاءِ ڊيم ذريعي هڪ ڪئنال ڪڍيو وڃي، جيڪو 15 هزار ڪيوسڪس پاڻي ڪالاباغ ڊيم مان ڪڍي سگهي، جيڪو سال ۾ 6 MAF پاڻيءَ جي برابر ٿئي ٿو. ان جو ڪجهہ حصو زمين کي آباد ڪرڻ لاءِ خرچ ٿيندو ۽ 4.5 MAF جهلم نديءَ ۾ وڌو ويندو. جيڪڏهن ان پوريءَ رٿا کي وسيع النظريءَ سان ڏسبو تہ ڪالاباغ ڊيم مان سنڌو نديءَ منجهان جهلم نديءَ ۾ منگلا ڊيم جي هيٺان اهو پاڻي وجهي پنجاب جي مٿئين حصي کي سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ سان ڳنڍي سگهبو. پنجاب جي وچئين حصي ۾ چشما – جهلم لنڪ ڪئنال مان اڳي ئي 21 هزار ڪيوسڪ پاڻي سنڌو نديءَ مان مستقل بنيادن تي چشما بئراج منجهان ڪڍي جهلم نديءَ ۾ اُڇلايو پيو وڃي. پنجاب جي هيٺئين حصي ۾ وري تونسا پنجند بيراج تائين مستقل بنيادن تي وهائجي رهيو آهي. اهڙيءَ طرح سڄي پنجاب کي سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ سان سيراب ڪرڻ جي عملي رٿا مڪمل ٿي ويندي. ان جو هڪ انتهائي خطرناڪ پهلو اهو بہ آهي تہ چشما جهلم لنڪ ڪئنال تي هڪ ريگيوليٽر اڳي ئي ٺهرايو ويو آهي، جنهن جي ذريعي گريٽر ٿل ۽ صحرا ۾ بہ لک ويهہ هزار ايڪڙ زمين سيراب ڪرڻ جو منصوبو ڪنهن وقت بہ شروع ڪري سگهجي ٿو.

حقيقت اها آهي تہ پنجاب جو سچو موقف غلط انگن اکرن تي ٻڌل آهي. ان ڏس ۾ سنڌ جو موقف اهو آهي تہ سنڌوءَ ۾ 6.1 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ ٻن ڪئنالن کي هلائڻ لاءِ 12 ملين ايڪڙ فوٽ جيترو اضافي پاڻي ناهي. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن ڦُليلي يا روهڙي ڪئنال سڄو سال بہ وهن تہ بہ 3 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي مس کڻندا. انهيءَ لحاظ کان 6 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي انهن ٻنهي ڪئنالن ۾ سڄو سال وهندڙ پاڻيءَ جيترو مس ٿيندو. سنڌ جو موقف اهو آهي تہ سنڌو نديءَ ۽ ان ۾ ڇوڙ ڪندڙ ندين جي ڪُل پاڻيءَ جو مقدار انتهائي غير يقيني آهي. مثال طور 1974-75ع انڊس رور سسٽم ۾ 100 ملين ايڪڙ فوٽن کان گهٽ پاڻي موجود هو جڏهن تہ 1984-85ع ۾ تمام وڏي مقدار ۾ يعني 186 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي موجود هو. جيڪڏهن 1922ع کان 1994ع تائين وارن 72 سالن جي سراسري ورتي وڃي تہ اهو 138 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿو. حقيقت اها آهي تہ عام طور تي 5 کان 4 سالن، يعني وقت جي 80 سيڪڙو عرصي ۾ انڊس بيسن ۾ 123 ملين ايڪڙ فوٽن کان مٿي پاڻي ناهي رهيو. جڏهن تہ واپڊا ۽ پنجاب غلط انگن اکر ڇاڻائي اهو اعلان پئي ڪيو آهي تہ هن وقت 145 ملين فوٽ پاڻي موجود آهي. سو سنڌ جو پهريون اعتراض تہ اهو آهي تہ سنڌو درياهہ ۾ ايترو واڌو پاڻي موجود ئي نہ آهي. سنڌو درياهہ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان سنڌ کي گهڻا ۽ سنجيده اعتراض آهن. هڪ تہ ڪڇي جو علائقو جيڪو درياهہ جي ٻنهي پاسي سراسري طور 8 ملين تي ٻڌل آهي، تنهن ۾ 19 لک ايڪڙ زمين آهي، جنهن مان 6 لک ايڪڙ گهاٽن ٻيلن تي مشتمل آهي ۽ باقي حصو تمام زرخيز زمينن ۽ چراگاهن تي مبني آهي. انهن زمينن، ٻيلن ۽ چراگاهن جي زندگيءَ جو انحصار سنڌوءَ جي سيلابن تي آهي. جيترو پاڻي گهٽ ايندو اترو ئي اهي علائقا جيڪي سال جا ٽي مهينا يعني جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر پاڻيءَ هيٺ هوندا آهن، انهن کي اها قدرتي نمي ۽ طاقت ميسر نہ ٿيندي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ انهيءَ علائقي جا معاشي عنصر پوريءَ سنڌ تي پاڇين، دالين، ڪاٺ ۽ چوپائي مال جي حيثيت سان تمام وڏو اثر رکن ٿا ۽ لڳ ڀڳ 13 لک ماڻهن جي گذر سفر جو ذريعو پڻ آهن.

اڳتي هلي سنڌوءَ جو اهو پاڻي جتي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو اتي 6 لک پنجاهہ هزار ايڪڙن جو گهاٽو سامونڊي تمر جو ٻيلو آهي. هن ٻيلي جو معاشي مُلهہ تمام گهڻو آهي، جو مڇيءَ خاص طور پلي ۽ جهينگن جو وڏو تعداد هن ٻيلي ۾ پلجي ٿو يعني ٻين لفظن ۾ اهو ٻيلو مڇيءَ جي نرسري آهي. ان کان علاوه سنڌ جي ڏکڻ جي عام جانور يعني اُٺن جو وڏو چراگاهہ پڻ آهي ۽ اتان جي ماڻهن جي لاءِ ٻارڻ جو وڏو ذريعو آهي. هن پوري علائقي ۾ لڳ ڀڳ 20 لک ماڻهن جو گذر سفر

ساموندي ۽ مٺي پاڻيءَ جي ميڄ، ڪاٺ، چوپائي مال ۽ ٻارڻ تي آهي. ان ڪري ڪالاباغ ڊيم جي نتيجي ۾ سنڌ جو اهو نقصان تلافيءَ جوڳو نہ هوندو.

سنڌو نديءَ جي پيٽ بدلائڻ جي تاريخي عمل جي ڪري ڪيترين ڍنڍين سنڌ ۾ جنم ورتو آهي، مثال طور ڪينجهر، چوٽياري، منڇر وغيره. انهن وڏين ڍنڍين جو پرجڻ جو دارومدار سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ تي آهي. هنن ڍنڍين ۾ ۽ تمر جي ٻيلن ۾ ڪيترين ئي جيوتن جو جياپو آهي، جيڪو عام طور ڳڀ ۾ نہ ٿو آندو وڃي. انهيءَ ڪري ڪالاباغ ڊيم جي نتيجي ۾ سنڌو درياهہ ۾ جيڪا پاڻيءَ جي هترادو کوٽ ٿيندي، اها سنڌ جي ڍنڍين ۽ ان جي سڄي زندگيءَ کي تباهہ ڪندي.

هڪ ڳالهہ جيڪا عام طور ڪالاباغ ڊيم جي باري ۾ ظاهر نہ ڪئي ويندي آهي، سا اها آهي تہ ڪالاباغ ڊيم پنجاب جي مشهور کيوڙي جي لوڻ جي کاڻين جي وچ ۾ آهي. مستند محققن جي لکيل رپورٽن ۽ انگن اکرن موجب اٽڪ ۽ ڪالاباغ ڊيم جي وچ ۾ پاڻي تمام لوڻياٺو ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم ٺهيو تہ ڪروڙين ٽن پاڻيءَ جي وزن جي ڪري زمين هيٺان لوڻياٺو مادو ٻرندڙ جبل جيان ٻاهر نڪري ايندو ۽ ڪالاباغ جي پاڻيءَ سان رلجي ويندو. ڪالاباغ ڊيم کان هيٺ جن بہ زمينن کي اهو پاڻي ملندو، اهي سڀ ٽيهن سالن اندر ايترين لوڻيائيون ٿي ويندڙيون جو اهي پوک جي قابل نہ رهنديون. ڪالاباغ ڊيم جو هنڌ لوڻيائين کاڻين کان علاوه هڪ وڏو مسئلو آهي. چيو وڃي ٿو تہ Land Set Setellite جي تصويرن مطابق هن علائقي ۾ زلزلن اچڻ جو وڏو امڪان آهي، دنيا جي ڊيمن جا ماهر ڪو اهڙو مستند فارمولو تيار نہ ڪري سگهيا آهن تہ ڪروڙين ٽنن جو بار اهڙن هنڌن تي ڪهڙو اثر قائم ڪري سگهي ٿو تنهن ڪري سنڌ کي خدشو آهي تہ ڪالاباغ ڊيم ٺاهڻ جي ”شوق“ ۾ پنجاب جا ”ماهر“ ۽ حڪمران اها ڳالهہ بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن انهن ڳالهين کي نظرانداز ڪري ڊيم ٺاهيو ويو ۽ اهي خدشا اڳتي هلي درست ثابت ٿيا ۽ ڪنهن زلزلي سبب ڪالاباغ ڊيم ٽُٽو تہ نتيجي ۾ ڪالاباغ کان عربي سمنڊ تائين 25 فوٽن جي پاڻيءَ جي هڪ زبردست لهر اُٿندي، جيڪا پنهنجي راهہ ۾ ايندڙ هر وسندي ۽ بيراج کي لوڙهي ويندي.

سنڌو نديءَ ۾ پاڻيءَ جي گهٽ مقدار وهڻ جو هڪڙو سڌو اثر پاڻيءَ جي گدلاڻ (Pollution) سبب انسانن جي صحت تي پيو آهي. پاڪستان ۾ استعمال ٿيندڙ لڳ ڀڳ 25 هزار ٽن جيت مار دوائن جو مادو ۽ اثر بہ سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت درياهہ ۾ پوي ٿو. ان سان گڏ لڳ ڀڳ 2 ڪروڙ ماڻهو سنڌو نديءَ جي مٿان وڏن شهرن ۾ آباد آهن. مثال طور ڊيرا اسماعيل خان، ڊيرا غازي خان، چشما، سکر، روهڙي، حيدرآباد، ڪوٽڙي وغيره. انهن سڀني شهرن جو گندو پاڻي پڻ سنڌو نديءَ ۾ ڇوڙ

ڪري ٿو سو جيڪڏهن ڪالاباغ ڊيم ٺهيو ۽ درياهہ ۾ پاڻيءَ جي ڪوٽ سبب وهڪري جي تيزيءَ ۾ ڪمي آئي تہ ان سان پاڻيءَ جي گدلاڻ سبب سنڌ جي سموري زندگي سخت متاثر ٿيندي.

ٻئي طرف پنجاب ۾ پنج نديون آهن ۽ ان جو زيرِ زمين پاڻي گهڻو ڪري مٺو آهي, جتان هو 40 MAF پاڻي, 3 لک 50 هزار ٽيوب ويلن ذريعي استعمال ڪندا آهن. ان جي اُبتڙ سنڌ سمنڊ جهڙي کاري پاڻيءَ مٿان بيٺل آهي ۽ سنڌو نديءَ جو واحد زراعت توڙي پيئڻ جي پاڻيءَ جو ذريعو آهي. ان ڪري بہ سنڌ کي ڪالاباغ ڊيم يا ٻئي ڪنهن بہ ڊيم بابت سخت اعتراض آهن, جتان پاڻي زراعت لاءِ چوري ڪري سگهجي.

انهن سمورين حقيقتن باوجود ڪنهن بہ صوبي سان ٻيو تہ ٺهيو پر رسمي صلاح بہ ڪرڻ کان سواءِ ايئن ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو اعلان ڪرڻ سچ پچ بہ ملڪ جي سالميت سان کيڏڻ برابر آهي. وزيراعظم جو اهڙو فيصلو نہ رڳو تاريخي, قومي, معاشي, فني توڙي سياسي ۽ اخلاقي لحاظ کان پر خود آئيني ۽ قانوني لحاظ کان بہ غير قانوني ۽ نامناسب آهي.1992ع ۾ پارليامينٽ جي ايڪٽ تحت IRSA (انڊس رِور سسٽم اٿارٽي) جو قيام عمل ۾ آندو ويو هو, جنهن جو مقصد انڊس رِور سسٽم ۾ پاڻيءَ جي چڪاس ۽ ورهاست تي نظر رکڻ هو. اٿارٽيءَ ۾ هر صوبي مان هڪ ميمبر کنيو ويو هو ۽ ان جو چيئرمين قانون موجب صوبن جي نالن جي الفابيٽ تحت واري واري سان مقرر ٿيندو آهي. 30 ڊسمبر 1996ع تي ان جو جيڪو اجلاس ڪوٺايو ويو هو , ان ۾ پنجاب کان سواءِ ٽنهي صوبن جي نمائندن ڊيم جي ڊزائن ۽ جڳهہ تي سخت اعتراض ڪيا هئا ۽ مخالفت ڪئي هئي. جڏهن تہ پارليامينٽ جي ايڪٽ ۾ طئي ڪيو ويو هو تہ IRSA جا سمورا فيصلا اتفاق راءِ سان ڪيا ويندا. ٻيءَ صورت ۾ ڪوبہ صوبو يا صوبا جن کي فيصلي سان اختلاف هوندو, سي گڏيل مفادن جي ڪائونسل ( Council of Common Interests CCI) جنهن ۾ چئني صوبن جا وڏا وزير ميمبر هوندا آهن, ۾ وڃي سگهڻ جا مجاز هوندا. جيڪڏهن اتفاق سان "سي سي آءِ" بہ اهو مسئلو اتفاق راءِ سان حل نہ ڪري سگهي تہ پوءِ پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ معاملو ويندو ۽ اهو فورم ئي ڪنهن حتمي فيصلي جو مجاز هوندو. هاڻي ان لحاظ کان ڏسي سگهجي ٿو تہ جنهن منصوبي بابت ملڪ جي صوبن وچ ۾ سخت تڪرار هجي, ٽن صوبن جي اسيمبلين اٺ دفعا ان خلاف ٺهراءُ پاس ڪيا هجن, ٽن صوبن جي لڳ ڀڳ سمورين جمهوريت پسند ۽ عوام دوست سياسي, سماجي, پروفيشنل تنظيمن ۽ مجموعي طرح عوام ان خلاف پنهنجي نااتفاقيءَ جو کُليل اظهار ڪندو رهيو هجي,

ان بابت ايئن ابهرائيءَ ۾ انتهائي غير ذميواراڻي انداز سان ڪنهن بہ صوبي جي صلاح ۾ راضپي ڪان سواءِ هڪ طرفو فيصلو ڪري ڇڏڻ ڪيترو نہ غير اخلاقي ۾ ملڪ جي سالميت سان ڪيڏڻ جي مترادف آهي! هڪ اهڙو ملڪ جنهن ۾ اڳ ئي ملڪ جي چئني صوبن وچ ۾ اڪيچار اختلاف، ناپسنديدگيون، ويڇا ۾ مسئلا هجن، اتي ڪالاباغ ڊيم جهڙي نهايت حساس منصوبي بابت وزيراعظم جو فيصلو پنجاب خلاف باقي ٽن صوبن جي تحفظات کي ان حد تائين وٺي وڃڻ جو سبب بڻبو، جتي ملڪ جا سياسي معاهدا (Contracts) پنهنجي وقعت ۾ موجودگيءَ جا جواز وڃائي ويهندا آهن. ان ڳالهہ جو ثبوت اهو ردعمل آهي، جيڪو ٽنهي صوبن جي عوام، سياسي پارٽين توڙي عوامي نمائندن ڏيکاريو آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر سنڌ ۾ مسلم ليگ جي حڪومت جي وڏي وزير بہ ڊيم خلاف سخت موقف اختيار ڪندي ان فيصلي کي رد ڪيو آهي. سنڌ تہ هن موقعي تي مثالي ٻڌيءَ جو ثبوت ڏنو آهي، يعني هن اشوءَ تي نہ رڳو سنڌ جو عوام هڪ راءِ جو آهي پر خود حڪومت، مخالف ڌر، قومپرست توڙي ايم ڪيو ايم ڪالاباغ ڊيم خلاف گڏيل ۾ هڪ جهڙو ردعمل ظاهر ڪيو آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ لاءِ هيءُ معاملو ڪيترو حساس آهي. اُصولي طور تہ وفاقي حڪومت کي اخلاقي طرح پنهنجي غلطي تسليم ڪندي اهو فيصلو جلد ۾ غير مشروط طور واپس وٺڻ گهرجي پر جيڪڏهن ايئن نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ اهو ملڪ جي ٽنهي صوبن خاص طور تي سنڌ ۾ ان جي سمورين ڌرين لاءِ چئلينج آهي تہ اهي ڪيئن ٿيون پنهنجي آواز ۾ ايتري سگهہ پيدا ڪن جو رضا خوشيءَ سان نہ تہ مجبوريءَ ۾ دٻاءُ ۾ ئي سهي، حڪومت اهو فيصلو واپس وٺڻ تي مجبور ٿئي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 18 جون 1998ع)

# ڪوٽا سسٽم:
# قانون سازيءَ جي ضرورت

تازو قومي اسيمبليءَ ۾ پ پ پ جي ايم اين اي نويد قمر ۽ ٻين جي گڏيل پيش قدميءَ ۾ ڪوشش سان ڪوٽا سسٽم جي مُدي ۾ واڌ لاءِ هڪ ٺهراءُ پيش ٿيو ۽ اهو مخالف ڌرين سرڪاري ڌر جي گڏيل سهڪار سان بحال ٿيو. اڄڪلھ چاڪاڻ تہ ملڪ جو وڏو اشو ڪالاباغ ڊيم بنيل آهي. تنهن ڪري اسيمبليءَ مان بحال ٿيل ان ٺهراءُ ڪي ڪا گهڻي پذيرائي نہ ملي آهي. ان ڏس ۾ سومر ڏينهن يعني 6 جولاءِ تي هڪ ٻي پيش رفت ٿي آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ جي هڪ بينچ چيف جسٽس رشيد اي خان جي سربراهيءَ ۾ سي ايس ايس-96ع جو امتحان پاس ڪندڙ سنڌ رورل جي هڪ نوجوان پاران ڪوٽا سسٽم بابت داخل ڪيل پٽيشن جي جواب ۾ سندس حق ۾ فيصلو ڏيندي حڪومت کي اجازت ڏني آهي تہ اها سي ايس ايس لاءِ پرٿيون مڪمل ميرٽ بجاءِ ڪوٽا سسٽم موجب ڪري. جڏهن تہ ساڳي لاهور هاءِ ڪورٽ جسٽس احسان الحق چوڌريءَ جي سربراهيءَ ۾ سي ايس ايس 96ع جي امتحان ۾ ناپاس ٿيندڙ پنجاب سان تعلق رکندڙ هڪ اميدوار جي داخل ڪيل درخواست جي جواب ۾ 3 نومبر 1997ع تي فيصلو ڏيندي نہ رڳو ڪوٽا سسٽم کي غير قانوني قرار ڏنو هو پر حڪومت کي سختيءَ سان هدايت ڪئي هئي تہ اها سي ايس ايس – 96ع جي ڪامياب اميدوارن جا آرڊر جاري نہ ڪري، چاڪاڻ تہ انهن ملازمتن جا اشتهار ڪوٽا سسٽم موجب ڏنا ويا هئا. جنهن جي آئيني حيثيت 1995ع ۾ ختم ٿي چڪي آهي. ساڳئي فيصلي ۾ هاءِ ڪورٽ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن کي پڻ هدايت ڪئي تہ اڳتي ملازمتن جي ڀرتي ۽ سفارش خالص ميرٽ جي بنياد تي ڪئي وڃي.

3 نومبر 1997ع تي لاهور هاءِ ڪورٽ جي ان فيصلي بعد پنجاب کان سواءِ ٽنهي صوبن جي عوام ۾ سخت پريشانين ۽ مونجهارن جنم ورتو ۽ قومي اسيمبليءَ ۾ سيد خورشيد شاهه، نويد قمر، مير هزار خان بجاراڻي، مير حاصل بزنجو ۽ ٻين جي گوڙ ڪرڻ تي 9 نومبر 1997ع تي مسلم ليگ حڪومت جي پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ياسين وٽو قومي اسيمبليءَ ۾ اعلان ڪيو هو ته حڪومت چاهي ٿي ته ڪوٽا سسٽم جو مُدو وڌيڪ 20 سالن لاءِ وڌايو وڃي. سُتت ئي وري 16 نومبر تي حڪومت جي ڊپٽي اٽارني جنرل شير زمان خان لاهور هاءِ ڪورٽ کي ٻُڌايو هو ته حڪومت ان ڏس ۾ هڪ آئيني ترميمي بل پارليامينٽ ۾ پيش ڪرڻ واري آهي، جنهن جي نتيجي ۾ لاهور هاءِ ڪورٽ فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن کي 1996ع جو امتحان منعقد ڪرائڻ جي اجازت ڏني. ان وچ ۾ 11 نومبر 1997ع تي آئيني ترميم ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويو. جيتوڻيڪ آئيني طرح ڪوٽا سسٽم ته آگسٽ 1993ع ۾ ختم ٿي چڪو هو پر ان جي باوجود سي ايس ايس جي 93، 95ع جي بيچز کي آرڊر ڏنا ويا ۽ ان کانپوءِ به 18 نومبر 1997ع تي ڏنل اشتهار موجب فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن پاران مختلف کاتن جهڙوڪ ڊائريڪٽر جنرل IOP (انسٽيٽيوٽ آف آپٽرنڪس)، ڊائريڪٽر JPMC ڪراچي، ڪارپوريٽ لا اٿارٽي، فنانس ڊويزن ۽ وزارتِ دفاع سميت ڪيترن ئي ادارن جي اعليٰ ملازمتن لاءِ ڪوٽا موجب درخواستون گهرايون ويون (۽ ظاهر آهي ته پريون پڻ ويون هونديون)، پر سي ايس ايس-96ع جي بيچ جي چئني صوبن مان پاس ٿيل 185 ڪامياب اميدوارن کي آرڊر نه ڏنا ويا ۽ اهي بدستور انتظار ۾ ويٺل آهن. تازو وري قومي اسيمبليءَ مان ٺهراءُ بحال ٿيڻ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جي سندن حق ۾ ڏنل فيصلي اميد پيدا ڪئي آهي ته اهو مسئلو حل ٿي ويندو، پر اٽارني جنرل چوڌري محمد فاروق سومر تي هاءِ ڪورٽ ۾ اهو به چيو آهي ته اهو معاملو بنيادي حقن جي زمري ۾ اچي ٿو پر 28 مئي تي ملڪ ۾ نافذ ڪيل ايمرجنسيءَ سبب بنيادي حق معطل آهن. اٽارني جنرل جي ان بيان مان واضح اشارو ملي ٿو ته حڪومت ايمرجنسيءَ جي نفاذ تائين لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي کي مڃڻ کان لنوائڻ چاهي ٿي. ساڳئي وقت اٽارني جنرل اهو به مڃيو آهي ته وفاق کي هلائڻ ۽ سمورن صوبن جي حقن جو لحاظ ڪرڻ خاطر ڪوٽا سسٽم بهرحال بحال ڪرڻو ئي پوندو. سندس ئي چوڻ موجب جيڪڏهن سي ايس ايس-96ع جي بيچ کي ڪوٽا سسٽم موجب آرڊر نه ڏنا ويا ته 195 سيٽن مان 148 سيٽون ته صرف پنجاب کٽي ويندو، جڏهن ته ٽنهي صوبن، فاٽا ۽ آزاد ڪشمير سميت سمورن علائقن کي صرف 47 سيٽون ملي سگهنديون (يعني سرحد 27، سنڌ 12، بلوچستان 2، فاٽا 3 ۽ آزاد ڪشمير 3). جڏهن ته ڪوٽا

سسٽم موجب پنجاب کي صرف 96 سيٽون ملي سگهنديون. حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته وفاق ۾ ملازمتن ۽ ٻين معاملن ۾ صوبن جي پنهنجي پنهنجي حساب سان ڪوٽا رکڻ کانسواءِ قصو هلي نه سگهندو. جيڪڏهن ائين ٿيو ته بلوچستان ۽ فاٽا خاص طور ۽ سنڌ توڙي سرحد به اڳتي اچي نه سگهندا. ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ ترقيءَ جي سطح ۽ وسيلن جي ورڇ جي حساب سان وتائي فقير واري ورهاست به ڪانه ٿيل آهي. هڪ ته پنجاب جي ڀيٽ ۾ ٻيا صوبا ۽ علائقا اڳ ئي تمام پوئتي پيل آهن، ويتر جو ڪوٽا سسٽم به ختم ٿي وڃي ته پوءِ ته زندگيءَ جي ڪنهن به شعبي ۾ پٺتي پيل علائقن جو اڳتي اچڻ لڳ ڀڳ ناممڪن ٿي ويندو.

هن ملڪ جي هڪ عجيب رسم آهي ته اهي معاملا جن کي مسئلن جي صورت اختيار نه ڪرڻ گهرجي ۽ معمول موجب حل ٿي وڃڻ گهرجن، سي هتي گذريل پنجاهه سالن کان وڏي ۾ وڏا مسئلا رهيا آهن ۽ جيڪي مسئلا ڪنهن به ملڪ ۽ معاشري لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا، تن کي ته هتي مسئلو ئي نه سمجهيو ويندو آهي. مثال طور هڪ گهڻ قومي رياست ۾ قومن جي آزاد ۽ خودمختيار وجود کي نه رڳو تسليم ڪرڻ گهرجي پر کين سمورا تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي حق تحفظ جي ضمانت سميت آئيني طور ملڻ گهرجن، پر هتي ته اڌ صدي گذرڻ باوجود به صوبائي خودمختياري هڪ وڏو مسئلو آهي. هن ملڪ ۾ انصاف ۽ ڪنهن به قسم يا سطح جو حق ملڻ وڏو مسئلو آهي ۽ جي ملي پوي ته پوءِ اها مراعت ليکبي. سُٺي تعليم بلڪ رڳو تعليم جو ملڻ هتي وڏو مسئلو آهي. صحت جون بنيادي سهولتون، ٻيو ته ٺهيو پر پيئڻ جو صاف پاڻي به هتي وڏو مسئلو آهي. زندگيءَ جي ڪنهن به شعبي جو هتي رڳو فضيلت سان هلڻ به هڪ وڏو مسئلو آهي. ٻئي پاسي ملڪ به اڌ ٿي ويو پر اهو حڪمران طبقي لاءِ مسئلو ئي ناهي، دهشتگردي ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي پر واڳ ڌڻين لاءِ اهو مسئلو ناهي جو دهشتگرد سندن دادلا رهيا آهن. مذهبي، سياسي، نسلي ۽ ثقافتي فرقه پرستي معاشري کي پست حال ڪري ڇڏيو آهي پر اهو به هن ملڪ جو مسئلو ناهي. ڪالاباغ ڊيم جي معاملي ملڪ جي سالميت ۽ وحدت کي داءَ تي لڳائي ڇڏيو آهي پر اهو ملڪ ۽ (پس و پيش پنجاب) جي حڪمران طبقي لاءِ ڪو مسئلو ناهي. ائين جي اهو فرق واضح ڪبو ته ڳالهه ڊگهي ٿي ويندي، اهڙيءَ طرح ڪوٽا سسٽم هجڻ به هن ملڪ ۾ وڏو مسئلو بڻجي ويو آهي، جڏهن ته اُصولي طور اهو معاملو ڪو مسئلو هجڻ ئي نه گهرجي. 1973ع ۾ جڏهن آئين ۾ صوبن وچ ۾ آباديءَ جي تناسب جي حساب سان ۽ صوبن اندر شهرن توڙي ٻهراڙين وچ ۾ ڪوٽا سسٽم متعارف ڪرايو ويو هو ته ان پويان ڪوبه سياسي، نسلي يا علائقائي متڀيد جو

تصور نہ هو. سادن لفظن ۾ تصور اهو هو تہ صوبن وچ ۾ وفاقي ملازمتن ۽ وسيلن ۾ آباديءَ جي تناسب جي حساب سان ڪوٽا رکيو ويجي ۽ صوبن ۾ ڳوٺاڻن تہ شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ ترقيءَ جي سطح ۽ وسيلن توڙي سهولتن جي صورتحال ۾ وڏو فرق آهي، تنهن ڪري هڪ وقت ۽ مقرر مُدي لاءِ ڪوٽا رکي وئي هئي تہ جيئن ان عرصي دوران شهرن ۽ ٻهراڙين وچ ۾ فرق کي گهٽايو/ ختم ڪيو وڃي. جيئن تہ هن ملڪ ۾ اعلانن ۽ وعدن جي تاريخ ڏاڍي مايوس ڪندڙ رهي آهي، تنهن ڪري ڪوٽا سسٽم تہ جهڙو تهڙو هلندو رهيو پر ان دوران شهرن ۽ ٻهراڙين وچ ۾ سهولتن جي فرق، وسيلن ۽ ترقيءَ جي موقعن جي حساب سان اهڙي ڪابہ سنجيده پيش رفت نہ ٿي سگهي، جنهن سان ان "فرق" ۾ ڪو فرق اچي سگهي ها.

سنڌ جي پسماندگيءَ جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ سنڌ انگريزن جي دؤر کان وٺي ترقيءَ جي عمل کان پاسيري ۽ خاص طور شهري زندگيءَ جي وسيلن، شعبن ۽ موقعن کان محروم ۽ ڪٽيل رهي آهي. انگريزن جي زماني ۾ جڏهن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ Infra Structure ٺهيو تہ بہ سنڌي ماڻهو (خاص طور تي سنڌي مسلمان) ان کان پاسيرو رهيو يا ان کي رکيو ويو. ايئن ورهاڱي کان اڳ تائين بہ سنڌ جي ملازمتن ۾ پنجاب وارن جو تسلط رهيو. (انهن تفصيلن لاءِ علي محمد راشديءَ جون تحريرون پڙهي سگهجن ٿيون) ورهاڱي وقت پاڪستان جي فوج ۽ سول بيورو ڪريسيءَ ۾ سنڌي هئا ئي ڪونہ. پوءِ اهو Status_Quo برقرار رکڻ لاءِ سنڌين کي ڄاڻي واڻي پوئتي رکڻ جي ڪوشش بہ ڪئي وئي. ون يونٽ جي قيام کان پوءِ تہ سنڌ ڄڻ وڏي صوبي جي حڪمران طبقي جي ڪالوني بڻجي وئي. جيتوڻيڪ ون يونٽ جي قيام وقت وعدو ڪيو ويو هو تہ اولهہ پاڪستان (هاڻوڪي پاڪستان) ۾ ملازمتن جي سلسلي ۾ پنجاب کي 40 سيڪڙو ۽ باقي ٽن صوبن کي 60 سيڪڙو حصو ڏنو ويندو پر پوءِ ان کان انڪار ڪيو ويو. نہ رڳو زباني طور انڪار ڪيو ويو پر عملي طور بہ سنڌين کي ملٽري توڙي سول بيورو ڪريسيءَ ۾ اچڻ نہ ڏنو ويو. ان حوالي سان وري بہ ٿوري گهڻي تبديلي ذوالفقار علي ڀٽي جي اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ آئي. ڪوٽا سسٽم بہ ڀٽي صاحب ان ڪري نافذ ڪرايو تہ جيئن سنڌ سميت ننڍن صوبن جا ماڻهو بہ اعليٰ ملازمتن ۾ اڳتي اچي سگهن. حقيقت اها آهي تہ ان سڄي عرصي دوران ڪوٽا سسٽم تي بہ نہ صوبن جي وچ ۾ ۽ نہ صوبن اندر صحيح عمل ڪرايو ويو آهي پر وري بہ اهو ننڍن صوبن لاءِ اڳتي اچڻ جو هڪ امڪاني رستو هو جنهن بابت بہ هينئر صورتحال واضح ناهي تہ ان باري ۾ ڇا ٿيندو؟ هيءَ معاملو 1993ع ۾ وري شدت سان تڏهن اُڀريو جڏهن آگسٽ 1993ع ۾ ڪوٽا سسٽم جو آئيني طور مُدو پورو ٿي ويو ۽ تڏهوڪي پ پ حڪومت ان معاملي تي هڪ

ترميم بل ناهيو جيڪو سينيٽ جي اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ کي پيش ڪيو ويو هو، جنهن ۾ تجويز ڪيو ويو هو تہ ڪوٽا سسٽم جو مُدو وڌيڪ 20 سالن لاءِ وڌايو وڃي. اهو بل پوءِ ايئن ئي ڪاغذي ڪاررواين جي ور چڙهي ويو، جيئن پاڪستان جي سياسي ۽ انتظامي ڪلچر جو دستور آهي. جيتوڻيڪ ڪوٽا سسٽم جو مُدو آئيني طرح 1993ع ۾ پورو ٿي ويو هو پر پوءِ بہ سي ايس ايس سميت سمورا معاملا ڪوٽا سسٽم تحت ئي طئي ٿيندا رهيا. ڪوٽا سسٽم جي موجوده هلندڙ مونجهارو تڏهن ئي حل ٿي سگهي ٿو جڏهن ان سلسلي ۾ مستقل قانون سازي ڪئي وڃي، ڇو تہ ايئن ايڊهاڪ تي هيءَ معاملو گهڻو وقت هلي نہ سگهندو. ان ڏس ۾ اهو بہ چيو پيو وڃي تہ موجوده حڪومت جي ايم ڪيو ايم سان معاهدي جو هڪ نقطو اهو بہ آهي تہ وفاق ۾ بين الصوبائي (Inter Provincial) ڪوٽا سسٽم تہ بحال ڪيو وڃي پر صوبن اندر شهرن ۽ ٻهراڙين وچ ۾ (Intra Provincial) ڪوٽا سسٽم کي ختم ڪيو وڃي، جڏهن تہ اها سراسر ناانصافي ٿيندي. ان معاملي کي سمجهڻ لاءِ هيٺين ڳالهين کي سمجهڻ ضروري آهي.

(الف) وفاق ۾ صوبن جي ڪوٽا جو مقصد اهو هو تہ وفاق ۾ شامل صوبن جي آباديءَ جي شرح ۽ ترقيءَ جي سطح ۾ ڇاڪاڻ تہ وڏو فرق آهي، ان ڪري صوبن جي ڪوٽا وفاق ۾ اهڙيءَ ريت مقرر ۽ متعين ڪئي وڃي جو ڪنهن بہ صوبي سان آباديءَ توڙي ترقيءَ جي سطح جي حوالي سان ناانصافي نہ ٿي سگهي ۽ انهن کي وفاقي ادارن جي ملازمتن توڙي ٻين معاملن ۾ گهربل ۽ جائز حصو ملي سگهي.

(ب) جڏهن تہ صوبن اندر شهرن ۽ ٻهراڙين جي ڪوٽا مقرر ڪرڻ جو مقصد اهو هو تہ شهرن ۽ ٻهراڙين جي عوام کي زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ ساڳيون ۽ هڪ جيتريون سهوليتون ميسر ناهن. ڪوٽا سسٽم جو مقصد اهو هو تہ هڪ مخصوص مُدي تائين انهن علائقن جي تعليمي ادارن ۾ داخلائن توڙي ملازمتن ۾ ڪوٽا رکي وڃي تہ جيئن ان دوران سهوليتن جي ورڇ جي ان فرق کي ختم يا گهٽ ڪري سگهجي. هاڻي ايم ڪيو ايم يا ڪنهن ٻئي جي چوڻ تي ان کي ختم ڪرڻ سراسر غلط ٿيندو، ڇو تہ ڪوٽا سسٽم تہ بذات خود ڪو مقصد نہ هو. ڪوٽا سسٽم تہ عارضي حل هو. مقصد تہ اهو هو تہ ان عرصي دوران ٻهراڙين کي سهوليتن جي حوالي سان شهرن جي سطح تي آندو ويندو پر ايئن ڪونہ ٿيو. جڏهن ايئن نہ ٿيو تہ پوءِ شهرن ۽ ٻهراڙين وچ ۾ ڪوٽا سسٽم جو جواز ۽ Justification اڃا تائين موجود آهي. تازو پلاننگ ڪميشن جي ڊپٽي چيئرمين ڊاڪٽر حفيظ پاشا جي سربراهيءَ ۾ ماهرن جي هڪ ٽيم پاڪستان جي مڙني ضلعن ۾ موجود ۽ ميسر اقتصادي ۽ سماجي سهوليتن جي اڀياس ڪرڻ کانپوءِ رپورٽ تيار ڪئي آهي،

جنهن ۾ واضح ڪيو ويو آهي تہ سنڌ اندر سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ سراسري سطح کان بہ هيٺ آهي. اها رپورٽ جيڪا سرڪار جي پلاننگ ڪميشن جي تيار ڪيل آهي، سا خود سنڌ اندر ڪوٽا سسٽم جي بحاليءَ ۽ موجودگيءَ کي حقي ۽ واجبي قرار ڏئي ٿي.

مٿي ذڪر ڪيل سمورين ڳالهين مان اهو ئي واضح ٿئي ٿو تہ ڪوٽا سسٽم صوبن وچ ۾ توزني صوبن اندر نهايت ضروري آهي ۽ ان جو حل ان ڏس ۾ مستقل قانون سازيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ نہ ٿو ٿي سگهي. جيتوڻيڪ تازو قومي اسيمبليءَ مان ٺهراءُ پاس ڪرائڻ ۾ سرڪاري ڌر بہ سهڪاري ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اٽارني جنرل بہ سومر تي لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ تسليم ڪيو آهي تہ فيڊرل Polity لاءِ لازمي آهي تہ ڪوٽا سسٽم بحال رکيو وڃي پر حڪومت جا رويا ان حوالي سان ڏاڍا منجهائيندڙ ۽ تبديل ٿيندڙ رهيا آهن. جنهن جي ثابتي هيٺين ڳالهين مان بہ ملي ٿي.

(1) موجوده حڪومت جنهن وٽ ڪنهن بہ آئين سازيءَ جي قطعي اڪثريتي مينڊيٽ آهي، سا پنهنجين اوليتن ۽ مفادن موجب 14هين ترميم جهڙا بل تہ منٽن ۾ پاس ڪري وٺي ٿي پر اها هن معاملي تي بار بار ڪيل اعلانن باوجود مستقل قانون سازيءَ کان لنوائي رهي آهي.

(2) تازو 23 جون تي ٿيل قومي اسيمبليءَ ۾ بحث جي جواب ۾ رانا تنوير (پارلياماني سيڪريٽري) ڪوٽا سسٽم جي باري ۾ ڪوبہ واضح جواب ڏيڻ کان انڪار ڪري ويو.

(3) 96ع سي ايس ايس جي هلندڙ ڪيس ۾ ڊپٽي اٽارني جنرل 8 جون 1998ع تي ڪورٽ آڏو اهو موقف رکيو تہ حڪومت ڪوٽا سسٽم جي خاتمي جي پاليسيءَ جو ارادو ڪري چڪي آهي.

(4) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان منتخب ٿيندڙ ڊاڪٽرن ۽ ليڪچرارن کي بہ ڪوٽا سسٽم جي نہ هجڻ ڪري نوڪريون ڪونہ پيو ڏنيون وڃن. جڏهن تہ تازو 12 جون تي فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن طرفان نوڪرين لاءِ ڇپيل اهو اشتهار آهي جنهن ۾ 35 نوڪرين لاءِ درخواستون گهرايون ويون آهن پر انهن ۾ ڪوٽا جو ڪوبہ حوالو نہ ڏنو ويو آهي، جڏهن تہ ايف پي ايس سي اهو ادارو آهي، جيڪو هميشہ ڪوٽا جي بنيادن تي نوڪرين جو اعلان ڪندو آهي. ان ڪري قومي اسيمبليءَ مان ڪوٽا سسٽم جي مُدي ۾ واڌ لاءِ بحال ٿيل ٺهراءُ ۽ لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪافي ناهي. ڇاڪاڻ تہ ساڳي اسيمبلي اڳ بہ اهڙو ٺهراءُ بحال ڪري چڪي آهي ۽ ساڳي ڪورٽ اڳ ان جي اُبتڙ فيصلو ڏئي چڪي آهي،

تنهن ڪري ضرورت آهي تہ هن معاملي تي اسيمبليءَ ۾ ايترو دٻاءُ پيدا ڪيو وڃي جو حڪومت قانون سازيءَ لاءِ مجبور ٿئي. ان ڏس ۾ سنڌ اسيمبليءَ کي بہ فوري طور هڪ گڏيل ٺهراءُ بحال ڪرڻ گهرجي. اهڙي اڳيرائي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پ پ پ ڪري سگهي ٿي. ساڳئي وقت خود مسلم ليگ جي سنڌي ميمبرن جو بہ اهو فرض آهي تہ اهي "اتفاق گروپ" جا ملازم ٿيڻ بدران پنهنجن ماڻهن جا نمائندا ۽ سندن مفادن جا نگهبان ٿين ۽ هن نهايت اهم اشوءَ تي واضح موقف اختيار ڪري هڪ آئيني ترميم وسيلي مستقل قانون سازي ڪرائڻ لاءِ گهربل ڪردار ادا ڪن.

---

(روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 11 جولاءِ 1998ع)

# آدم شماريءَ جا نتيجا
# سنڌ کي ڇو منظور ناهن؟

5 جولاءِ واري روزاني ڪاوش ۾ ڇپيل پنهنجي مضمون ۾ مون اهو خدشو ڏيکاريو هو تہ حڪومت ڪالاباغ ڊيم جي اشوءَ تي پيدا ٿيل صورتحال کي ڪو نئون رُخ ڏيڻ لاءِ آدمشماريءَ جا ننڍين صوبن لاءِ اڻ وڻندڙ نتيجا پڌرا ڪري ڪا اهڙي حڪمت عملي اختيار ڪري سگهي ٿي، جنهن سان هڪ ٻيو وڏو اشو پيدا ڪري، ڪالاباغ ڊيم واري مسئلي کي ثانوي ڪري سگهجي. هيءَ فقط ڪالاباغ ڊيم تان ڌيان هٽائڻ جي ڳالهہ بہ ناهي، هيءَ تہ هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪرڻ واري حڪمت عملي آهي. تازو حڪومت پاران آدمشماريءَ جا پڌرا ڪيل نتيجا ڏسي نہ رڳو ان جي تصديق ٿئي ٿي پر اهو بہ ثابت ٿئي ٿو تہ پنجاب جو حڪمران طبقو هاڻي پنهنجين هٺ ڌرمين ۾ ارهہ زوراين جا سڀ ليڪا لتاڙي چڪو آهي. حڪومت پاران پهرين اوچتو ڪالاباغ ڊيم جو معاملو اُٿارڻ ۽ هينئر وري هڪڙي خاص صورتحال ۾ آدمشماريءَ جي مخصوص نتيجن جو اشو سامهون آڻڻ مان لڳي ٿو تہ هي سڀ ڪجهہ هڪ اڳ ئي طئي ٿيل ”ايجنڊا“ جو حصو آهي. محسوس ايئن پيو ٿئي تہ ”حڪمت عملين“ جا ماهر هڪ ئي وقت ايڏا وڏا اشو اُٿاري ننڍين صوبن جي عوام کي نہ رڳو سياسي طرح پر ذهني طور بہ بلڪل ٿڪائڻ گهرن ٿا. سندن اها حڪمت عملي وقتي طور تي ڪامياب وڃي سگهي ٿي پر اها وقتي ڪاميابي ڪوتاهہ نظر آهي. ان جي نتيجي ۾ ننڍين صوبن جي عوام منجهہ جيڪا مايوسي ۽ جنهن سطح جي بي يقيني پيدا ٿي رهي آهي، اها هن ملڪ جي سياسي معاهدي (هر گهڻ قومي ملڪ هڪ سياسي معاهدي تحت ئي هلندو آهي) تي خراب اثر وجهي سگهي ٿي.

حڪومت پاران آدمشماريءَ جي ظاهر ڪيل نتيجن جي ”ساک“ کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ رڪارڊ تي موجود انگن اکرن ۽ پڌرين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ان تي هڪ نظر وڌي وڃي.

(1) سڀ کان پهرين ڳالهه تہ ملڪ جي مجموعي آباديءَ ۾ واڌ جي شرح تمام گهٽ ڏيکاري وئي آهي. 1981ع واري تڪراري آدمشماريءَ ۾ بہ ملڪي آباديءَ ۾ ساليانيِ واڌ جي شرح 3.06 سيڪڙو هئي، جڏهن تہ هاڻي اها 2.61 سيڪڙو ڏيکاري وئي آهي.

ٽين دنيا جي لڳ ڀڳ سمورن ملڪن جي آباديءَ ۾ واڌ جي شرح ۾ تيزيءَ سان اضافو هڪ وڏو مسئلو رهيو آهي. جيتوڻيڪ پاپوليشن ڪنٽرول تي اڪثر ملڪن ۾ تمام وڏو خرچ پڻ ڪيو ويجي ٿو پر پاڪستان جهڙن ملڪن ۾ تہ اهي رقمون رڳو ڪاغذي ڪارروائين ۾ ئي خرچ ٿيل ڏيکاريون ويندیون آهن. سوال اهو آهي تہ مجموعي آباديءَ ۾ واڌ جي شرح انهن 17 سالن ۾ وڌڻ بجاءِ حيرت انگيز طور 0.45 سيڪڙو تائين آخر ڪيئن گهٽجي وئي؟

(2) آدمشماريءَ جي نتيجن ۾ پنجاب جي آدمشماري نہ رڳو سيني کان وڌيڪ ڏيکاري وئي آهي پر ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ ان جي آباديءَ ۾ اضافي جي شرح بہ وڌيڪ ڏيکاري وئي آهي. جڏهن تہ ماضيءَ جو رڪارڊ ان جي اُبتڙ آهي. 1981ع جي آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب صوبن ۾ آباديءَ جي واڌ جي شرح هن ريت هئي: پنجاب 2.25 سيڪڙو سرحد 3.32 سيڪڙو سنڌ 3.56، بلوچستان 7.6 سيڪڙو ۽ فاٽا 1.46 سيڪڙو. انهن انگن اکرن موجب جيڪي سرڪار جا پنهنجا پڌرا ڪيل آهن، پنجاب جو مجموعي گروٿ ريٽ نہ رڳو ملڪ جي سراسري گروٿ ريٽ کان 0.46 سيڪڙو گهٽ آهي پر اهو سنڌ کان بہ 0.81 سيڪڙو گهٽ هو. ان ڪري آباديءَ ۾ اضافي جي ان فرق موجب گڏريل ڏهاڪي ۾ ٻنهي صوبن جي آباديءَ جي شرح ۾ جيڪا تبديلي آئي هوندي، ان جو تصور يا حساب ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌ ۽ پنجاب ۾ Female Fertility Rate جي شرح ۾ بہ فرق رهيو آهي. پنجاب ۾ اها شرح 3.005 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ اها 3.40 سيڪڙو آهي.

ٻئي طرف پنجاب ۽ سنڌ جي آبادين ۾ حقيقت ۾ اُڀري آيل ۽ نتيجن ۾ ظاهر نہ ڪيل فرق جو هڪ ٻيو ۽ نوس سبب پنجاب جي ماڻهن جو پنهنجي صوبي مان ٻين صوبن ڏانهن روزگار واسطي لڏي وڃڻ آهي، جڏهن تہ سنڌ سان اها صورتحال لاڳو ناهي. 1991ع جي هڪ سرڪاري سروي موجب صوبن ۾ رهندڙ غير قانوني مقامي (ڏارين) ماڻهن جو تناسب هن ريت آهي: پنجاب 5.2 سيڪڙو سنڌ 13.9 سيڪڙو بلوچستان 44.3 سيڪڙو ۽ سرحد 5.8 سيڪڙو. جيتوڻيڪ انهن انگن اکرن ۾ بہ سنڌ جي حقيقي صورتحال واضح نہ ڪئي وئي آهي پر ان جي باوجود بہ پنجاب جو تناسب سنڌ جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي.

آدمشماريءَ جي هاڻوڪن نتيجن ۾ پنجاب جي آبادي جنهن ريت وڌيڪ ڏيکاري وئي آهي ۽ ان جو گروٿ ريٽ به باقي ٽنهي صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڏيکاريو ويو آهي ۽ ان جي حقيقت معلوم ڪرڻ لاءِ رڳو 1951ع کان وٺي 1981ع تائين جي آدمشماريءَ جا انگ اکر ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته ان ۾ ڪيترو نه وڌاءُ ڪيو ويو آهي. 1951ع جي آدمشماريءَ موجب پنجاب جي آدمشماريءَ جو تناسب ملڪ جي آباديءَ جي لحاظ کان 6.8 سيڪڙو هو ۽ اهو 1972ع جي آدمشماريءَ ۾ 6.1 سيڪڙو وڃي بچيو. ايئن جي 1981ع توڙي 1991ع جي رد ڪيل نتيجن جي روشنيءَ ۾ شمارياتي تجزيو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته اهو تناسب بتدريج گهٽجندو رهيو آهي.

(3) هاڻوڪي آدمشماريءَ جي نتيجن مان ظاهر آهي ته سنڌ سان سراسر زيادتي ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ 1981ع جي آدمشماريءَ جا نتيجا (هاڻوڪا انجنيئرڊ نتيجا جن جي پوئيواري ڪن ٿا) به نه رڳو اصل حقيقتن جي اُبتڙ هئا پر سنڌ لاءِ ڪنهن به طور قابل قبول نه هئا. جڏهن ته ضياءَ شاهيءَ جي آمريتي دؤر ۾ ٿيل 1981ع واري آدمشماري هر لحاظ کان غلط، تڪراري ۽ غير منصفاڻي هئي. اها ڳالهه ملڪ جا مستند ڊيموگرافر به مڃين ٿا ۽ ان کي اڳوڻين آدمشمارين جي انگن اکرن جي تناظر ۾ به ثابت ڪري سگهجي ٿو. حقيقت اها آهي ته ضيائي آمريت سان پنهنجي سخت نفرت سبب نه رڳو آدمشماريءَ ۾ پر رياست جي هر معاملي ۾ سنڌي ماڻهن جي دلچسپيءَ جو گراف ڪريل رهيو. تنهن ڪري سمورا ڊيموگرافر ان ڳالهه تي متفق آهن ته 1981ع جي آدمشماريءَ ۾ سنڌ جا 30 سيڪڙو ماڻهو ڳڻپ کان رهجي ويا. جيڪڏهن آباديءَ جي تناسب کي صحيح معنيٰ ۾ ڏسڻو آهي ته پوءِ ان کي 1951ع کان وٺي 1971ع جي آدمشمارين جي تناسب جي تناظر ۾ ڏنو وڃي ۽ سنڌ جي ساليانو گروٿ ريٽ سان حساب ڪندو وڃجي ته اصل صورتحال واضح ٿي ويندي. جيتوڻيڪ اسان عام طور تي 1951ع جي آدمشماريءَ کي بنياد بڻايون ٿا پر حقيقت ۾ ان جا نتيجا به درست نه هئا، ڇو ته ان آدمشماريءَ ۾ ڪراچي مرڪز جي حوالي هئڻ سبب سنڌ جي ڳڻپ ۾ نه آيو هو. ساڳيءَ ريت خيرپور رياست کي ان ۾ شامل ۽ شمار نه ڪيو ويو هو. ان هوندي به جيڪڏهن 1951ع جي آدمشماريءَ جي نتيجن کي بنياد بڻائبو تڏهن به هينئر صورتحال اها نه بيهندي جيڪا تازو پڌري ڪئي وئي آهي. 1981ع ۾ به سنڌ سان آدمشماريءَ ۾ وڏي زيادتي ڪئي وئي هئي ۽ ان جي انگن اکرن کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ 1951ع کان 1981ع تائين سنڌ جي آباديءَ ۾ واڌ جي شرح تي هڪ نظر وجهڻ ڪافي ٿيندو. 1951ع کان 1961ع تائين سرڪاري طور سنڌ جي آباديءَ ۾ واڌ

جي شرح 38 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي. 1961ع کان 1972ع تائين اها شرح 69 سيڪڙو پڌري ڪئي وئي ۽ تعجب جي ڳالهه اها آهي تہ 1972ع کان 1981ع تائين اها شرح حيرت انگيز طور گهٽائي صرف 34 سيڪڙو ظاهر ڪئي وئي. سوال آهي تہ آخر ان ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ڪهڙا طوفان، زلزلا، ٻوڏون، ڏڪار يا تباهيون آيون جو آباديءَ ۾ واڌ جي شرح ايتري گهٽجي وئي؟

آدمشماريءَ جي هاٽوڪن نتيجن ۾ تہ سنڌ سان ڏني وائني زيادتي ڪئي وئي آهي، يعني 1981ع واري سخت تڪراري آدمشماريءَ ۾ بہ سنڌ ۾ آباديءَ جي واڌ جو جيڪو تناسب 3.76 سيڪڙو ڏيکاريو ويو هو سو 17 سالن گذرڻ کان پوءِ گهٽائي 2.71 سيڪڙو پڌرو ڪيو ويو آهي. موجوده آدمشماريءَ جي انگن اکرن موجب سڄي ملڪ ۾ آباديءَ جي واڌ گهٽ ۾ گهٽ تناسب بلوچستان ۽ سنڌ ۾ ڏيکاريو ويو آهي. مثال طور پنجاب ۾ آباديءَ جي واڌ جي شرح 1981ع جي آدمشماريءَ موجب 2.7 سيڪڙو هئي ۽ هينئر اها 2.5 سيڪڙو ڏيکاري وئي آهي، جنهن جو مطلب ٿيو تہ پنجاب ۾ آباديءَ جي واڌ جي شرح صرف 0.18 سيڪڙو گهٽ ٿي آهي. سرحد ۾ اڳ جيڪو تناسب 3.32 سيڪڙو هو اهو هاڻي 2.75 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ آباديءَ جي واڌ جي شرح 0.85 گهٽائي ڏيکاري وئي آهي، يعني سنڌ ۾ نہ رڳو ٻاهرين آباديءَ جي اچڻ جو تناسب سڀ کان وڌيڪ آهي پر Female Fertiltiy Rate بہ پنجاب کان وڌيڪ آهي، تنهن هوندي بہ بلوچستان کان پوءِ آباديءَ ۾ واڌ جو تناسب سڀني کان گهٽ سنڌ جو ڏيکاريو ويو آهي.

مٿي جاڻايل سموري صورتحال مان واضح ٿئي ٿو تہ پنجاب جو حڪمران طبقو هر صورت ۾ پنهنجي آئيني ۽ سياسي بالادستي قائم رکڻ لاءِ ڪابہ اهڙي صورتحال قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي جنهن ۾ سندس ناجائز قطعي اڪثريتي حيثيت کي ڪو خطرو لاحق ٿي پوي. هاٽوڪي آدمشماريءَ جا نتيجا نہ رڳو ماضيءَ جي ڊيموگرافڪ انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ غلط ۽ گمراهہ ڪندڙ آهن پر خود حڪومت جي منجهائيندڙ روين بہ انهن کي ويتر مشڪوڪ بڻايو آهي. مثال طور:

(1) چيو ويو آهي تہ فوج جا نتيجا بہ ساڳيا حڪومت جي ظاهر ڪيل نتيجن جهڙا ئي آهن ۽ انهن ۾ ڪوبہ فرق نہ آيو آهي. سوال آهي تہ جي ايئن آهي تہ پوءِ آخر فوج جا گڏ ڪيل نتيجا چو ساڳئي وقت ظاهر نہ ڪيا ويا آهن؟

(2) آدمشماريءَ جو مقصد ئي اهو هوندو آهي تہ نہ رڳو سموري (قانوني توڙي غير قانوني) آباديءَ جو حقيقي انگ ڳڻيو وڃي پر ان جي ڳڻپ درجابنديءَ تحت ڪئي وڃي تہ جيئن معلوم ٿي سگهي تہ ملڪ جي مجموعي آبادي ڪيتري آهي؟

صوبن/ رياستن جي مجموعي آبادي ڪيتري آهي؟ ان ۾ مستقل ۽ اصلوڪن رهواسين جو تناسب ڇا آهي؟ عارضي طور رهائش پذير ماڻهن جو انگ ڪيترو آهي؟ غير قانوني پرڏيهين جو تناسب ڇا آهي؟ دراصل اصل معلومات گڏ ڪرڻ لاءِ ئي آدمشماري ڪرائي ويندي آهي، پر هن آدمشماريءَ ۾ اهڙا ڪي به تفصيل پڌرا نه ڪيا ويا آهن. اهو به نه ٻڌايو ويو آهي ته خود صوبن اندر مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ آبادين جو تناسب ڇا آهي؟

(3) آدمشماريءَ جا نتيجا پڌرا ڪندي ناٽي جي وفاقي وزير سرتاج عزيز پنهنجي پريس ڪانفرنس ۾ اهو به واضح ڪيو آهي ته نئين آدمشماريءَ جي نتيجن جي روشنيءَ ۾ اين ايف سي ايوارڊ ۽ قومي اسيمبليءَ جي نئين تڪ بنديءَ جي ڪابه ضرورت نه آهي. جڏهن ته آدمشماري ڪرائي ئي انهن ٻن مقصدن لاءِ ويندي آهي.

(4) اسان وٽ جيئن ته آدمشماري صوبن وچ ۾ نهايت تڪراري معاملو آهي. تنهن ڪري ان جي انعقاد کان اڳ ئي ننڍن صوبن خاص طور سنڌ اهي خدشا ڏيکاريا هئا ته نتيجا پنجاب جي مرضيءَ ۽ مخصوص مفادن تحت ٺاهي پڌرا ڪيا ويندا. ان ڪري هر سطح تي اهو مطالبو ڪيو ويو هو ته ڳڻپ جي عمل کي شفاف رکڻ لاءِ غير جانبدار ملڪي توڙي پرڏيهي ساک رکندڙ ڊيموگرافيءَ جي ماهرن کي ان ۾ شامل ڪيو وڃي پر ان جو ڪوبه نوٽيس نه ورتو ويو ۽ نتيجا واقعي به اهڙا ئي ظاهر ڪيا ويا آهن جن جو اڳ ئي خدشو ظاهر ڪيو ويو هو.

ڪالاباغ ڊيم جي معاملي تي اڳ ئي پنجاب ۽ ننڍن صوبن وچ ۾ سخت تڪرار هلندڙ آهي. هينئر وري آدمشماريءَ جا نتيجا اهڙا ظاهر ڪيا ويا آهن جن کي ننڍن صوبن خاص طور سنڌ ۽ بلوچستان رد ڪيو آهي. پاڪستان ۾ پنجاب ۽ ننڍن صوبن وچ ۾ ڇڪتاڻ جي اهڙي سنگين صورتحال اڳ نه هئي.

”قومي ايجنڊا“ جي پينڊورا باڪس مان آهستي آهستي اهي سڀ بلائون ٻاهر نڪري رهيون آهن، جن کي پنجاهه سالن کان پاليو ۽ تاتيو ويو آهي. جيئن پنجاب جو حڪمران طبقو پنهنجن ڦورو مفادن لاءِ هڪ رٿابندي ۽ ”ايجنڊا“ تحت ڪم ڪري رهيو آهي تيئن هاڻي ننڍين قومن جي ليڊرشپ کي به پنهنجن جائز حقن ۽ مستقل مفادن جي بچاءُ لاءِ ڪا رٿابندي ۽ ”ايجنڊا“ تيار ڪرڻي پوندي. ٻيءَ صورت ۾ حڪمران طبقي جي ”ميري اک“ جو وسيهر هر شيءِ ڳڙڪائي ويندو.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 14 – جولاءِ 1998ع)

روزاني عبرت حيدرآباد، 2اپريل 2011ع

# آدمشماري – سنڌ جو ڪيس

ملڪ جي ڇهين آدمشماريءَ جو پهريون مرحلو جيڪو 1991ع ۾ نواز شريف جي تڏهوڪي حڪومت دوران مڪمل ٿيو هو اهو پنجاب لاءِ سنڌ جي اڻ وڻندڙ نتيجن سبب رد ٿيو ان جو ٻيو مرحلو بنا ڪنهن سبب جاڻائڻ جي ملتوي ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ 1994ع ۽ 1996ع ۾ حڪومت جي باضابطه اعلان باوجود به آدمشماريءَ جو انعقاد ٿي نه سگهيو. هينئر وري اعلان ڪيو ويو آهي ته مارچ جي پهرئين هفتي کان آدمشماري شروع ڪئي ويندي. ايڏي وڏي حساس ۽ تڪراري مسئلي لاءِ حڪومت جي هاڻوڪي رويي، سرگرميءَ ۽ انتظامن مان ته لڳي ٿو ته حڪومت ڪنهن به ريت آدمشماريءَ جي معاملي ۾ سنجيده نه آهي. سنڌ جي سياسي حلقن ۾ ته ان خدشي جو اظهار به ڪيو پيو وڃي ته ڪٿي ايئن ته نه ٿيندو ته اڳ ئي ڊزائن ڪيل ۽ طئي ٿيل نتيجا پڌرا ڪيا ويندا!

هونئن ته آدمشماري دنيا ۾ هڪ معمول جي سرگرمي سمجهي ويندي آهي ۽ ان جو سبب ڪنهن به ملڪ يا علائقي جي ترقياتي رٿابنديءَ لاءِ آباديءَ جو حقيقي انگ ۽ ان ۾ بتدريج واڌ جو تناسب معلوم ڪرڻ هوندو آهي پر بدقسمتيءَ سان پاڪستان ۾ هر ٻئي معاملي وانگر آدمشماريءَ جو معاملو به تڪراري ۽ حساس بڻجي ويو آهي يا بڻايو ويو آهي. اهو مسئلو رڳو پاڪستان سان ئي نه پر دنيا جي اڪثر گهڻ قومي ملڪن سان لاڳو آهي. پاڪستان جي مخصوص رياستي ڍانچي ۽ سياسي حالتن ۾ هيءُ مسئلو عام طور سڄي ملڪ لاءِ ۽ خاص طور سنڌ لاءِ ان ڪري به اهم ۽ حساس بڻجي ويو آهي جو ان ئي بنياد تي پارليامينٽ ۾ صوبن جي نمائندگيءَ جو تناسب ٺهندو آهي. رڳو اهو ئي نه پر مرڪزي کاتن ۾ صوبن جي نوڪرين، مالي وسيلن ۽ مجموعي پيداوار مان حصي جو تعين ٿيندو آهي. سنڌ لاءِ

هيءُ معاملو ان ڪري بہ نهايت اهم ۽ حساس بڻجي ويو آهي جو سنڌ کي ان ڏس ۾ بہ وڏا چئلينج سامهون آهن. هڪ تہ سنڌ تي ڪجهہ حڪمران طبقا ميري نظر رکن ٿا ۽ انهن جي هر صورت ۾ اها ڪوشش آهي تہ سنڌ جي اقتصادي وسيلن ۽ سياسي استحقاق تي استحصالي ڌرين جو آئيني ۽ پارلياماني تسلط قائم رهي. 1991ع ۾ آدمشماريءَ جي ٿيل پهرئين مرحلي جي نتيجن کي ان ڪري تسليم نہ ڪيو ويو هو جو ان جي نتيجي ۾ وڏي صوبي کي پنهنجي آئيني ۽ سياسي بالادستي خطري ۾ نظر آئي. ان حوالي سان سنڌ جو ٻيو مسئلو سنڌ اندر سنڌين کان علاوه ٻين آبادين جو آهي، جيڪي في الامڪان پنهنجو انگ وڌائي پيش ڪري پاڻ کي سياسي ۽ اقتصادي طور مضبوط ڪري سنڌ ۾ سنڌين کي ثانوي فيڪٽر ظاهر ڪرڻ چاهين ٿيون.

آدمشماريءَ جو مسئلو ننڍي کنڊ ۾ گهڻين قومن، آبادين جي گڏجي رهڻ سبب شروع کان وٺي سخت تڪراري رهيو آهي. خاص طور تي پاڪستان ۾ بہ پهرئين ڏينهن کان وٺي ان معاملي کي چاڙهي واڙهي مُنجهايو ويو پر ان وقت اهو تڪرار هاڻوڪي پاڪستان جي صوبن وچ ۾ گهٽ پر اڳوڻي اوڀر پاڪستان (هاڻوڪي بنگلاديش) ۽ اولهہ پاڪستان جي وڏي صوبي پنجاب وچ ۾ هو ڇاڪاڻ تہ پنجاب جو حڪمران طبقو اوڀر پاڪستان جي جائز اڪثريتي حيثيت کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ هو. عجب ڳالهہ آهي تہ جيستائين اوڀر پاڪستان اسان سان گڏ هو ۽ ان ۾ پنجاب جي آئيني ۽ سياسي حيثيت هڪ ننڍي صوبي واري هئي تہ اولهہ پاڪستان جي ليڊرشپ صوبن وچ ۾ Parity جي ڳالهہ ڪندي هئي، جنهن ڏينهن اوڀر پاڪستان جدا ٿي ويو، تنهن ڏينهن کان وٺي ڇاڪاڻ تہ Parity پنجاب جي مفادن کي Suit نہ ٿي ڪري، تنهن ڪري ان کي لاڳو نہ ٿو ڪيو وڃي. ان منجهان ئي حڪمران طبقي جي بہ اکيائيءَ واري پاليسيءَ جي پڪ ٿئي ٿي. آدمشماريءَ جي حوالي سان ملڪ ۾ پهرئين ڏينهن کان وٺي وڏي زيادتي ٿيندي رهي آهي. پاڪستان ٺهڻ کان اڳ 1941ع ۾ جيڪا آدمشماري ٿي هئي، ان ۾ سنڌ صوبي ۾ سنڌي ماڻهن جو تناسب 97.9 سيڪڙو هو. ڪنهن صوبي ۾ هڪ ئي آباديءَ جي ايڏي Homogenity جو مثال سڄي ننڍي کنڊ ۾ نہ هو. 1940ع جي ٺهراءَ ۾ بہ ان ڳالهہ جي ضمانت ڏني وئي هئي تہ صوبن ۽ ان جي اصلوڪن ماڻهن (Indigenous People) جي سياسي Sovereignty برقرار هندي پر پوءِ پاڪستان جا گذريل 50 سال واضح ۽ ثابت ڪن ٿا تہ ايئن ٿي نہ سگهيو. 1941ع ۾ سنڌ ۾ سنڌي ماڻهو 97.7 سيڪڙو هئا، 1951ع جي آدمشماريءَ ۾ اهو تناسب وڃي 88 سيڪڙو ٿيو. 1961ع جي آدمشماريءَ ۾ سنڌ ۾ سنڌي آباديءَ جو تناسب

78 سيڪڙو وجي بيٺو ۽ ايئن 1981ع ۾ اهو وجي 52 سيڪڙو تائين پهتو. ان ڪان وڌيڪ ڪنهن قوم سان ٻي ڪهڙي زيادتي ٿي سگهي ٿي؟ جڏهن تہ حقيقت ۾ اهو تناسب ايئن ناهي. اڄ بہ جڏهن موجوده سنڌ اسيمبليءَ ۾ 72 سيڪڙو سنڌي ميمبر وينا آهن تہ ان جو مطلب اهو ٿيو تہ سنڌ ۾ سنڌي آبادي گهٽ ۾ گهٽ 72 سيڪڙو تہ هر صورت ۾ آهي پر ان حقيقت کان پنهنجن مخصوص مفادن تحت لنوايو ٿو وڃي. 1991ع جي آدمشماريءَ جا نتيجا بنا ڪنهن سبب ڇاٽائڻ جي رد ڪيا ويا پر غير سرڪاري طور انهن کي رد ڪرڻ جو سبب ۽ تاثر اهو ئي ڏنو ويو تہ سنڌ جي آباديءَ جو انگ وڌيڪ رڪارڊ ٿيو آهي. منهنجي خيال ۾ بهتر ٿيندو تہ ان معاملي تي بہ جذباتي طرح نہ پر دليلن ۽ انگن اکرن جي حوالي سان نظر وڌي وڃي. تڏهن ئي ڳالهہ واضح ۽ صاف ٿيندي. جيتوڻيڪ پنجاب ماضيءَ ۾ سنڌ جي ڀيٽ ۾ پڪ سان آباديءَ جي لحاظ کان وڏو صوبو رهيو آهي، پر هاڻي صورتحال ايئن ناهي. هاڻي ٻنهي صوبن جي ڊيموگرافيءَ ۾ گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن ۽ انهن جو خاص پسمنظر ۽ سبب آهي، جن مان ڪجهہ هن ريت آهن:

(1) ان ڏس ۾ سڀ کان پهريون ۽ بنيادي مسئلو ٻنهي صوبن ۾ آباديءَ جي وڌڻ جي مختلف شرح جو آهي. 1981ع جي سرڪاري ڊيٽا موجب ملڪ جو مجموعي گروٿ ريٽ 3.21 سيڪڙو آهي. جڏهن تہ صوبن جي آباديءَ ۾ اضافي جي شرح ترتيبوار هن ريت آهي: پنجاب 2.25 سيڪڙو، سرحد 3.32 سيڪڙو، سنڌ 3.56 سيڪڙو، بلوچستان 7.6 سيڪڙو ۽ فاٽا 1.46 سيڪڙو. انهن انگن اکرن جيڪي سرڪار جا پنهنجا پڌرا ڪيل آهن، موجب پنجاب جو گروٿ ريٽ نہ رڳو ملڪ جي مجموعي سراسري شرح پيدائش کان 4.6 سيڪڙو گهٽ آهي، پر اهو سنڌ کان بہ 8.1 سيڪڙو گهٽ آهي، ان ڪري آباديءَ ۾ اضافي جي ان فرق موجب گذريل ڏهاڪي ۾ ٻنهي صوبن جي آباديءَ جي شرح ۾ جيڪا تبديلي آئي هوندي، ان جو تصور يا حساب ڪري سگهجي ٿو. ساڳيءَ طرح سنڌ ۽ پنجاب ۾ Female Fertitlity Rate جي شرح ۾ بہ فرق آهي. پنجاب ۾ اها شرح 3.005 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ اهو 3.40 سيڪڙو آهي.

(2) ٻنهي صوبن ۾ آباديءَ جي اُڀري آيل فرق جو هڪ ٻيو ۽ نئون سبب پنجابين جو پنهنجي صوبي مان ٻين صوبن خاص طور سنڌ ۽ نار جي ملڪن ڏانهن روزگار واسطي لڏي وڃڻ آهي. جڏهن تہ سنڌ سان اها صورتحال لاڳو ناهي. هڪ طرف سنڌي ماڻهو پاڻ ٻين صوبن ۾ تمام گهٽ وڃن ٿا تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ هر سال ٻاهرين آبادين جو وڏو انگ داخل ٿئي ٿو. 1991ع جي سرڪاري سروي موجب صوبن ۾ رهندڙ غير مقامي (ڌارين) ماڻهن جو تناسب هن ريت آهي: پنجاب 5.2

سيڪڙو سنڌ 9.13 سيڪڙو بلوچستان 44.3 سيڪڙو ۽ سرحد 8.5 سيڪڙو رڳو انهن انگن اکرن کي ڏسڻ سان ئي معلوم ٿي ويندو تہ ٻنهي صوبن ۾ آيل ڊيموگرافي تبديليءَ جا اصل سبب ڪهڙا آهن.

(3) ان حوالي سان پنجاب جو ٽيون ۽ آخري دليل اهو رهيو آهي تہ 1981ع جي آدمشماريءَ جي نسبت سان سنڌ جي آباديءَ جو مجموعي انگ گهٽيو آهي. جڏهن تہ اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ ضياءَ شاهيءَ جي آمريتي دؤر ۾ ٿيل 1981ع واري آدمشماري هر لحاظ کان تڪراري ۽ غير منصفاڻي هئي. مستند ڊيموگرافر بہ مڃين ٿا تہ اها ڳالهہ ملڪ جي سرڪاري Demographic Statistics مان بہ ثابت ڪري سگهجي ٿي. ان جو اصل سبب هيءَ آهي تہ ضيائي آمريت سان پنهنجي سخت نفرت سبب نہ رڳو آدمشماريءَ ۾ پر رياست جي هر معاملي ۾ سنڌي ماڻهن جي دلچسپيءَ جو گراف ڪريل رهيو. آدمشماريءَ واري معاملي سان بہ ساڳي ڳالهہ لاڳو ٿئي ٿي. جيڪڏهن آباديءَ جي تناسب کي صحيح معنيٰ ۾ ڏسڻو آهي تہ پوءِ ان کي 1951ع کان وٺي 1971ع تائين جي آدمشماريءَ جي تناسب جي تناظر ۾ ڏٺو وڃي ۽ سنڌ جي ساليانی گروٿ ريٽ سان حساب ڪجي تہ سچي صورتحال واضح ٿي ويندي. جڏهن تہ 1951ع جي آدمشماريءَ جنهن کي اسان بنياد بڻايون ٿا، اها خود بہ درست ناهي، ڇو تہ ان ۾ ڪراچي مرڪز جي حوالي هئڻ سبب سنڌ جي ڳڻپ ۾ نہ آئي هئي ۽ ساڳيءَ طرح خيرپور رياست کي بہ ان ۾ شامل ۽ شمار نہ ڪيو ويو هو. پر جيڪڏهن وري بہ 1951ع کي بنياد بڻائبو تڏهن بہ صورتحال ٻي وڃي بيهندي. مثال طور 1981ع واري Figure کي غلط ثابت ڪرڻ لاءِ 1951ع کان 1981ع تائين سنڌ جي آباديءَ جي واڌ جي شرح تي هڪ نظر وجهڻ ئي ڪافي ٿيندو. 1951ع کان 1961ع تائين سرڪاري طور سنڌ جي آباديءَ ۾ واڌ جي شرح 38 سيڪڙو پڌري ڪئي وئي ۽ عجيب ڳالهہ تہ وري 1972ع کان 1981ع تائين اها شرح 34 سيڪڙو پڌري ڪئي وئي، سوال آهي تہ آخر ان ڏهاڪي ۾ سنڌ ۾ ڇا ٿيو؟ ڪهڙا طوفان، زلزلا، ٻوڏون آيون جو آباديءَ جي واڌ جي شرح ايتري گهٽجي وئي؟ ڊيموگرافيءَ جي مڃيل اُصولن تحت اها شرح فطري طور وڌڻ ئي گهرجي. ان ڪري ثابت ٿئي ٿو تہ 1981ع وارا انگ اکر ڪنهن بہ طور درست نہ هئا. اهي سڀ حقيقتون حڪمران طبقو بہ ڄاڻي ٿو پر اهو انهن تبديلين ۽ نين حقيقتن کي ان ڪري تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي جو ان جي نتيجي ۾ ”بزرگن“ جي اها بالادستي خطري ۾ پئجي سگهي ٿي، جنهن جي زور تي باقي ٽن صوبن جا حق تينوال ڪيا ويندا رهيا آهن.

هينئر صورتحال اها آهي تہ جي صوبن ۽ خاص طور تي سنڌ جا صحيح نتيجا تسليم ڪيا وڃن ٿا تہ پوءِ وڏي صوبي جي ملڪ مٿان آئيني، سياسي ۽ پارلياماني

بالادستي خطري ۾ پئجي ويندي. 1974ع جي Act on Delimitation موجب ملڪ جي قومي اسيمبليءَ جون ڪُل سيٽون 216 رکيون ويون، جن ۾ پنجاب جون 115، سرحد 26، سنڌ 43، بلوچستان 7، فاٽا 9، عورتن جون مخصوص سيٽون 10 ۽ اقليتن لاءِ 6 سيٽون رکيون ويون. ان تناسب سان ڪجهه معمولي تبديليون به آيون. 1978ع کان پنجاب ٽنهي صوبن جي مجوعي انگ کان مضبوط پوزيشن ۾ آهي ۽ پارليامينٽ اندر پنجاب کي آئيني طرح جيئن ته قطعي اڪثريت آهي، جنهن سبب موجوده پارليامينٽ ۾ اهڙي ڪابه قانون سازي ممڪن نه آهي، جنهن سان ملڪ تي هڪ صوبي جي حاڪم طبقي جي حاڪماڻي حيثيت کي ڪو لوڏو اچي سگهي.

پوءِ ان تناسب ۾ ڪجهه معمولي تبديليون به آيون. 1978ع ۾ جنرل ضياءَ اقليتن جون سيٽون 6 مان وڌائي 8 ڪري ڇڏيون. 1984ع ۾ هن وري اقليتن جون سيٽون 8 مان وڌائي 10 ڪيون ۽ گڏوگڏ عورتن لاءِ به مخصوص سيٽن جو انگ 10 مان وڌائي 20 ڪيو جڏهن ته ساڳئي وقت بلوچستان جون 4 ۽ سنڌ جون به مرڪز ۾ 3 سيٽون وڌايون ويون ۽ 1998ع ۾ فاٽا جون سيٽون 8 مان 5 ڪيون ويون ۽ چئني صوبن جي هڪ هڪ سيٽ بي به وڌائي وئي. هينئر صورتحال اها آهي جو جيڪڏهن سنڌ ۽ پنجاب جي صحيح آدمشماريءَ جا انگ اکر تسليم ڪيا وڃن ته پوءِ صورتحال جون زميني حقيقتون گهٽو بدلجي وينديون ۽ اوير پاڪستان جي عليحدگيءَ کان پوءِ ملڪ جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو وڏي صوبي جي اڪثريتي حيثيت کي زبردست ڌڪ رسندو. اُصولي طور نئين تڪ بندي آدمشماريءَ کان پوءِ ٿيڻ گهرجي ۽ جي ائين ٿيو ته نين ڊيموگرافڪ تبديلين جي روشنيءَ ۾ پنجاب کي خطرو آهي ته سندس 22 سيٽون گهٽجي وينديون ۽ ساڳئي وقت سنڌ جون مرڪز ۾ 26 سيٽون وڌي وينديون. پنجاب جي اڪثريتي حيثيت هونئن به آهستي آهستي گهٽجي رهي آهي، جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته 1951ع جي آدمشماريءَ موجب پنجاب جي آدمشماريءَ جو تناسب ملڪ جي آباديءَ جي لحاظ کان 6.8 سيڪڙو هو ۽ اهو 1972ع جي آدمشماريءَ ۾ وڃي 6.1 سيڪڙو بچيو ته پوءِ 1981ع کان پوءِ پنجاب جي اڳ ئي بحث هيٺ آيل صورتحال کان پوءِ هينئر اصل صورتحال ڇا وڃي بيني هوندي، ان جو اندازو لڳائڻ گهٽو ڏکيو نه آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪو پنجاب اڳ آدمشماريءَ تي تمام گهڻو زور ڏيندو هو، سو هاڻي مختلف بهانن سان ان کان ڪن لاتار ڪري رهيو آهي ۽ سندس ڪوشش آهي ته ڪنهن طرح پنهنجي اڪثريتي واري تاثر ۽ پوزيشن کي برقرار رکي سگهي.

آدمشماريءَ جي حوالي سان سنڌ جي نسبت سان ڪجھ ٻيا معاملا ۽ مسئلا به اهم آهن، جن جو حل ٿيڻ ضروري آهي. ٻيءَ صورت ۾ سنڌ سان انصاف ٿي نه سگھندو. بهتر ٿيندو ته ان تي به ترتيب وار ڳالھ ٻولھ ڪجي.

(1) سنڌ ۾ هڪ وڏو مسئلو غير قانوني پرڏيهين جو به آهي. هڪ اندازي موجب سنڌ ۾ لڳ ڀڳ 30 لک غير قانوني پرڏيهي رهن ٿا. سوال اهو آهي ته آدمشماريءَ ۾ انهن کي ڪٿي Accommodate ڪيو ويندو؟ جي اهي شهريت جي حق طور رجسٽرڊ ڪيا وڃن ٿا ته اها ڳالھ سراسر ناجائز ٿيندي، ٻئي طرف جي اهي ڳڻيا نه ٿا وڃن ته به مسئلو اهو آهي ته اهي سنڌ ۾ رهڻ ڪري اسان جي اقتصادي، سياسي، سماجي توڙي ماحولياتي وسيلن ۽ حقن مان غير قانوني طور ٿي سهي پر حصو وٺن ٿا. ان ڪري بهتر ايئن ٿيندو ته انهن کي ڳڻيو ضرور وڃي پر غير قانوني پرڏيهي طور ڳڻيو وڃي ته جيئن هڪ طرف اهي سنڌ جا مستقل شهري نه ٿي سگھن ته ٻئي طرف سنڌ کي مرڪز مان انهن جي آباديءَ جو مالياتي حصو به ملي سگھي.

(2) آدمشماري چاڪاڻ ته هڪ تڪراري مسئلو بڻجي چڪي آهي، ان ڪري اها ٻئي ڪنهن اداري بدران عدليه جي نگرانيءَ ۾ ڪرائڻ گھرجي ۽ ان ۾ ساک رکندڙ بين الاقوامي ادارن جهڙو گڏيل قومن جو ادارو، سارڪ، يورپين ڪميونٽي، انساني حقن جي ڪميشن وغيره جي نمائندن کي مبصر طور شامل ڪيو وڃي ته جيئن اها سمورن صوبن لاءِ قبولڻ جوڳي ٿي سگھي.

(3) آدمشماريءَ لاءِ جيڪو فارم جاري ڪيو ويو آهي ان ۾ ٻولين جي خاني ۾ صرف انگريزي، اردو ۽ عربيءَ کي شامل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته اهي ٽئي ٻوليون ملڪ جي ڪنهن به آباديءَ جي وڏي حصي جون مادري ٻوليون ناهن. بهتر ايئن ٿيندو ته ٻولين جي خاني ۾ سنڌي، پنجابي، پشتو بلوچي، سرائيڪي ۽ هندڪو سميت سمورين ٻولين جو اندراج ڪيو وڃي.

(4) آدمشماريءَ جي معاملي ۾ اهو چيو ويو آهي ته فارم پينسل سان ڀريا ويندا. هڪ معاملو جيڪو اڳ ئي سخت تڪراري آهي، ان بابت اهڙو فيصلو مسئلي کي وڌيڪ منجھائيندو ۽ وڌيڪ تڪرار جو سبب بڻبو.

(5) آدمشماريءَ جي عمل کي جنهن ٻئي فيصلي وڌيڪ منجھايو آهي، اهو هيءُ آهي ته چيو ويو آهي ته نتيجا 3 مهينن کان پوءِ ۽ سو به اسلام آباد مان پڌرا ٿيندا. آدمشماريءَ جي عمل کي Transparent (شفاف) رکڻ لاءِ ضروري آهي ته فارم پينسل بدران پين سان ڀرايا وڃن ۽ انهن جو ابتدائي اعلان ضلعي سطح تي ڪيو وڃي ۽ هر ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ۾ ان رڪارڊ جي هڪ ڪاپي هر

صورت ۾ رکي وڃي تہ جيئن ڪابہ Public Body (عوامي ادارو) يا ايجنسي ان کي چيڪ ڪرڻ چاهي تہ ڪري سگهي.

(6) سنڌ جا ڪجھ علائقا جهڙوڪ ٿر، ڪاڇو ڪوهستان، دريائي ٻيلا ۽ سامونڊي ٻيٽ ۽ ڪڇي جا علائقا اهڙا آهن، جتي آدمشماريءَ لاءِ خاص انتظام ڪرڻا پوندا. پر حڪومت اڃا تائين ان بابت ڪابہ سنجيدگي نہ ڏيکاري آهي. خود سنڌ ۾ ڀيل، ميگھواڙ، ڪولهي ۽ ڪيترائي خانہ بدوش نسل آهن جيڪي پنهنجن روزگار جي روايتي ذريعن سبب سڄو سال سفر ڪندا رهن ٿا. ان ڪري ان ڳالھ جو بہ خصوصي انتظام ٿيڻ گهرجي تہ جيئن صدين کان آباد سنڌ جا اهي مستقل باشندا بہ آدمشماريءَ ۾ شامل ٿي سگهن.

(7) آئيني طرح اهو طئي ٿيل آهي تہ آدمشماري هر 10 سالن کان پوءِ ٿيندي ۽ قومي مالياتي ايوارڊ جو تعين بہ ان بنياد تي ئي ٿيڻ گهرجي. هڪ تہ 1991ع واري آدمشماريءَ جي نتيجن کي تسليم نہ ڪيو ويو، ٻيو تہ اڃا آدمشماريءَ ٿئي ئي ٿئي تيسين گذريل عبوري حڪومت بنا مينڊيٽ جي غير ضروري تڪڙ ۽ عجلت کان ڪم وٺي قومي مالياتي ايوارڊ 1981ع واري آدمشماريءَ جي بنياد تي طئي ڪري ڇڏيو ۽ سنڌ حڪومت کي جيڪو حصو ملي رهيو آهي اهو 1972ع واري آدمشماريءَ جي بنياد تي ۽ سو بہ قسطن ۾ ملي رهيو آهي. ان ڪري اُصولي طور ٿيڻ ايئن گهرجي تہ درست ۽ شفاف آدمشماري ڪرائي، هاڻوڪو غير آئيني مالياتي ايوارڊ رد ڪري نئين آدمشماريءَ جي بنياد تي نئين سر قومي مالياتي ايوارڊ جو تعين ڪيو وڃي.

جيتوڻيڪ آدمشماريءَ سان ٻيا بہ ڪيترائي مسئلا لاڳو آهن پر ٿلهي ليکي بنيادي معاملا اهي ئي آهن جن تي مٿي روشني وڌي وئي آهي. اها ڳالھ ضرور سمجهڻ گهرجي تہ پاڪستان ۾ جتي اڳ ئي صوبن ۾ مختلف آبادين وچ ۾ سخت تڪرار، اختلاف ۽ تضاد اُڀريل آهن اتي جيڪڏهن آدمشماريءَ جهڙي حساس مسئلي کي بہ سياسي طرح Exploit ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ ان جا نتيجا ڪنهن بہ طور ملڪ جي حق ۾ نہ هوندا. پاڻ اهي ويتر صوبن ۽ مختلف آبادين وچ ۾ وڌيڪ اختلافن ۽ ڇڪتاڻ جو سبب بڻبا. هيءُ فيصلو اسان لاءِ ان ڪري بہ وڌيڪ حساس ۽ اهم آهي جو اهو پنهنجي وطن ۾ اڪثريتي حيثيت ۽ ان جي تاريخي مالڪيءَ جو مسئلو بہ آهي.

---

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 23 جنوري 1998ع

# سنڌ جا اشوز ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو ڪردار

جيتوڻيڪ موجوده سنڌ اسيمبليءَ توڙي حڪومت مان سنڌ جي عوام کي ڪا گهڻي اُميد نہ آهي تہ اها سندن مسئلن جي حل ۽ مفادن جي تحفظ لاءِ ڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪندي، جو ماڻهن کي هن اسيمبليءَ توڙي حڪومت جي جمهوري طريقي سان چونڊجي اچڻ جي "ساک" تي ڪوبہ اعتبار نہ آهي. هيءُ ڪو پهريون پيرو بہ نہ آهي جو سنڌ جي ماڻهن کي سنڌ جي اسيمبليءَ توڙي حڪومت کان ڪا چڱائيءَ جي اُميد نہ آهي. گذريل ڏهاڪي کان سنڌ ۾ جيڪي بہ اسيمبليون يا حڪومتون آيون، انهن بہ سنڌ جي ماڻهن جي سُک ۽ سلامتيءَ لاءِ ڪک پيجي ڀڃڻو نہ ڪيو. ان ڪري جيڪڏهن ماڻهن جي گهڻائي حڪومت يا اسيمبليءَ مان پُراُميد نہ آهي تہ ان جو کين پورو حق پهچي ٿو. اسيمبليون، جمهوري حڪومتن ۾ رياستن ۾ قانون سازيءَ ۽ پاليسي سازيءَ جا ادارا هونديون آهن ۽ انهن جو ڪم پاليسي سازي ۽ قانون ناهڻ هوندو آهي. جڏهن تہ اسان وٽ اسيمبليون مراعات يافتہ ۽ ڦورو طبقي ۽ فردن جي اوطاقن ۾ تبديل ٿي ويون. سنڌ جا ماڻهو انهن ادارن مان ان ڪري بہ مايوس ٿيا جو هنن ڏٺو تہ سندن مسئلا هڪڙا هئا ۽ اسيمبلين ۽ حڪومتن جي ايجنڊا تي اشوز ٻيا هئا.

ان سموريءَ صورتحال جي باوجود سنڌ اسيمبليءَ جي گذريل ٻن ڏينهن جي اجلاس ۾ سنڌ جي هڪ اهم اشو يعني ناڻي جي ورهاست (اين ايف سي ايوارڊ) بابت مخالف توڙي سرڪاري ڌر جو گڏيل موقف ۽ هڪ ٻئي سان سهڪاري رويو بهرحال هڪ سُني ڳالهہ آهي، جنهن کي سنڌ جي عوام ساراهيو آهي ۽ ماڻهو چاهين ٿا تہ اها روايت اڳتي بہ جاري رهي. حقيقت اها آهي تہ سنڌ هن وقت نهايت

ڏکين حالتن مان گذري رهي آهي. سنڌ ۾ غربت جو گراف تمام مٿي چڙهيل آهي. سنڌ ايتري غربت پنهنجي تاريخ ۾ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. سنڌ ۾ آپگهاتن جو وڌندڙ سلسلوان جو وڏو ثبوت آهي. سنڌ ۾ گذريل ٽن چئن سالن کان پاڻي کونهي، جنهن هاريءَ تہ ڇا پر وچولي زميندار کي بہ پنڻ جهڙو ڪري ڇڏيو آهي. زمينون ويران ٿي رهيون آهن. زرعي ۽ فروٽ فارم تيزيءَ سان تباهہ ٿي رهيا آهن. سنڌ ۾ زرعي جنسن جو اگهہ کونهي. ڪمند جي صورتحال هينئر سپنيءَ جي سامهون آهي. ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي نہ وهڻ سبب هڪ طرف تمر جا ٻيلا تباهہ ٿي ويا آهن، مڇيءَ جا نسل گهٽجي رهيا آهن تہ ٻئي طرف سمنڊ جي مسلسل چاڙهہ سبب سنڌ جا بہ ضلعا ٺٽو ۽ بدين کارو چاڙ ۾ تبديل ٿي رهيا آهن. ان تي گهربل ريسرچ ٿئي تہ سمورا انگ اکر سامهون اچي ويندا. بيروزگاريءَ ماڻهن مان زندگيءَ جو ويساهہ کٽائي ڇڏيو آهي. بي لغام ڇڏيل ڌاڙيلن سنڌ جي سماجي ۽ معاشي زندگيءَ کي ويران ڪري ڇڏيو آهي. قبائلي دهشتگردي ان کان الڳ آهي، جنهن سنڌ جي پنجن ضلعن جي عوام جو ساهہ نپوڙي ڇڏيو آهي. ان سموريءَ صورتحال ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو جهڙو تهڙو ئي سهي پر بهرحال وجود عمل ۾ آيو آهي. هن اسيمبليءَ ۾ بہ سموريون ڌريون عوام جون بار بار آزمايل آهن ۽ حڪومت تہ هر فيصلي لاءِ ”اسلام آباد“ مان ”خاص هدايتن“ جي انتظار ۾ هوندي آهي. تنهن هوندي بہ ناٽي جي ورڇ جي معاملي تي اسيمبليءَ ۾ ڪجهہ ڪڙڪو ٿيو آهي. ڏسجي تہ اسلام آباد مان ان ڏس ۾ ”هدايتن“ باوجود سرڪاري ڌرين جا ميمبر اها ساڳي ٻولي ڳالهائين ٿا يا اوچتو ”قومي مفادن“ جي ٻلي ٻاهر نڪري ايندي ۽ اسيمبليءَ ۾ ”مياٺون مياٺون“ ڪرڻ لڳندي.

سنڌ اسيمبليءَ کي سنڌ جي جن اشوز تي واضح اسٽينڊ وٺڻ گهرجي ۽ ان لاءِ سختيءَ سان نهراءُ بحال ڪرڻ گهرجي ۽ وفاق کان مطالبا ڪرڻ گهرجن، ان ۾ اوليت وارا ڪجهہ بنيادي اشوز هي آهن:

(1) صوبائي خودمختياري صوبن جو هڪ بنيادي مسئلو آهي، پاڪستان جي قيام وقت سنڌ سميت ننڍن صوبن ان ڪري بہ پاڪستان ۾ شموليت لاءِ راضپو ڏيکاريو هو جو کين 1940ع جي نهراءُ ۾ ۽ ويندي ان کان پوءِ وڏيڪ خودمختياريءَ جو يقين ڏياريو ويو هو پر پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ صوبائي خودمختياريءَ جو سوال کڻڻ تہ پري جي ڳالهہ پر ٻُڌڻ بہ گوارا نہ ٿي ڪئي وڃي. جيڪي نالي ماتر انڌا منڌا اختيار صوبن کي حاصل هئا، اهي بہ اختيارن جي ورڇ ۾ ضلعي حڪومتن جي نالي ۾ عملي طور کسيا ويا آهن. ضلعي حڪومتن جي قيام جو جواز اهو ڏنو ويو تہ پهرئين مرحلي ۾ صوبن جا اختيار ورچي ضلعن کي ڏنا ويندا ۽ ٻئي مرحلي ۾ وفاق

جا اجايا اختيار ورچي صوبن کي ڏنا ويندا. هاڻي جڏهن ضلعي حڪومتون عمل ۾ آهن ته صوبن جا اختيار ته ضلعن کي ورهائي ڏنا ويا آهن، پر وفاقي اختيارن جي صوبن جي سطح تائين ورڇ جو ذڪر ئي گم آهي. معنيٰ هيءُ سڄو ميلو مچايو ئي صوبن جا اختيار کسڻ لاءِ ويو هو. نه رڳو اهو پر ضلعن کي به وري سڌيءَ ريت مرڪز يعني وفاق جي ماتحت ڪيو ويو آهي. ان جو عملي نتيجو ۽ مطلب ڇا؟ معنيٰ صوبن جا اڌو گابرا ڪجھ اختيار به ختم. ان ڪري سنڌ اسيمبليءَ کي گهرجي ته اهو مسئلو وفاق آڏو اوليت سان هيئن کڻي جو هڪ ته ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪري وفاق جا اجايا اختيار صوبن جي سطح تائين ورهايا وڃن يا ضلعي حڪومتون ختم ڪري صوبن کي پنهنجا کسيل اختيار واپس موٽايا وڃن. 1973ع جي آئين ۾ طئي ٿيل هو ته اڳتي هلي ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪئي ويندي پر ان تي ڪڏهن به عمل نه ٿيو. نه مارشلائن ۾ فوجي حڪومتن ۾ ۽ نه وري سول ۽ چونڊيل حڪومتن ۾. جيڪي صوبائي اسيمبليون پنهنجي صوبي جي اختيارن ۽ خود مختياريءَ لاءِ نٿيون ڳالهائي سگهن، انهن جي وجود جي پوءِ ڪهڙي معنيٰ ٿي سگهي ٿي؟ متحده چونڊبن کان اڳ 1940ع کان گهٽ ڳالهه ئي نه ٿي ڪئي، هاڻي جڏهن ان جو وقت آيو آهي ته اها ڪٿي گم آهي؟ سنڌ جا اشوز نام نهاد "نوگو ايرياز" ناهن پر خودمختياري ۽ وسيلن جي مالڪي آهن.

(2) سنڌ جو هن وقت وڏي ۾ وڏو مسئلو پاڻيءَ جي چوري ۽ ڪوٽ جو آهي. سنڌ جي پاڻيءَ تي ڌاڙي ۽ ان جي ڪوٽ هاڻي ڪو لڪل يا ڍڪجهو سوال نه آهي. سنڌ جا ماڻهو زمينون، جانور، پکي، وڻ، ماحول ۽ غربت جو رڪارڊ وڌندڙ گراف سڀ ان جا شاهد آهن. سنڌ جا ماڻهو احتجاج ڪري ڪري ساڻا ٿي پيا آهن پر وفاق ان جو جواب اهو ڏنو آهي جو ٿل ڪئنال اجا نهي پيو ۽ جيڪو ٿو گهران اُتي سو سنڌ جي ماڻهن جي جذبن جي توهين ڪرڻ لاءِ ڪالاباغ ڊيم جو راڳ آلاپڻ شروع ٿو ڪري. پاڻي ۽ درياهه سنڌ جي زندگي آهن ۽ ان جي چوري سنڌ جي زندگي ۽ جياپي جو حق کسڻ برابر آهي. سنڌ کي 1991ع وارو هٿ ٺوڪيو پاڻي ٺاهه به منظور نه هو ۽ ان وقت سنڌ جي مزاحمت جو سمورو رڪارڊ موجود آهي پر هاڻي ته ان تي به ڪو عمل ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. سنڌ اسيمبليءَ کي گهرجي ته سمورين ڌرين جي نمائندن تي مشتمل هڪ ڪميٽي يا ڪميشن ناهي جيڪا پاڻيءَ جي اشوءَ تي هڪ رپورٽ به تيار ڪري ۽ ان ڏس ۾ ان بنياد تي هڪ بل به تيار ڪري، اسيمبليءَ ۾ پيش ڪري، جنهن ۾ سنڌ جو ڪيس واضح نموني ۽ جرئت سان رکيو وڃي. گڏوگڏ سنڌ اسيمبليءَ کي فوري طور گريٽر ٿل ڪئنال جي ناجائز اڏاوت کي روڪرائڻ لاءِ هڪ اٿرائتو نهراءُ پيش ڪري منظور ڪرڻ گهرجي ۽ سوال رڳو

رسمي طور ڪو ٺهراءُ بحال ڪرائڻ جو ناهي پر اسيمبليءَ کي لڳاتار ۽ سمورن وسيلن ۽ طريقن سان دٻاءُ وجهي گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت روڪرائڻ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. رڳو ٿل ڪئنال نہ پر سنڌ کي واپڊا جي ويزن 2025ع کي رد ڪرڻ گهرجي جو سڄي فساد جي جڙ اها آهي. جيڪڏهن سرڪاري ڌر ان ۾ ان سطح تي حصو نہ وٺي تہ پ پ کي اها پيش قدمتي پاڻ ڪرڻ گهرجي. ڏسجي تہ متحده, ايس ڊي اي ۽ نيشنل الائنس وارن جون سنڌ تان قربان وڃڻ جون دعوائون ڪٿي ٿيون دنگ ڪن؟

(3) سنڌ اسيمبليءَ ۾ ناڻي جي ورڇ بابت اهو مؤقف اختيار ڪيو ويو آهي تہ اها آباديءَ جي بنياد تي نہ پر پيداوار ۽ آمدنيءَ جي بنياد تي ٿيڻ گهرجي. اهو مؤقف اُصولي طور درست آهي پر گڏوگڏ آباديءَ جي سوال کي بہ بدليل حالتن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي. مثال طور بار بار آدمشماري ٿيڻ باوجود ان جا نتيجا قبول نہ ٿا ڪيا وڃن. آدمشماري سرڪار پنهنجن رياستي ادارن معرفت ڪرائيندي آهي, جي اهي بہ قبول نہ ٿا ڪيا وڃن تہ پوءِ اها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ پنجاب جي هاڻي اڳوڻي اڪثريتي حيثيت نہ رهي آهي ۽ جيڪڏهن سنڌ جي آباديءَ جا حقيقي انگ اکر تسليم ۽ پڌرا ڪيا وڃن تہ پوءِ هاڻي سنڌ ۽ پنجاب جي آبادين ۾ گهڻو فرق نہ ٿو بچي, ان ڪري سنڌ اسيمبليءَ کي جتي ناڻي جي ورڇ پيداوار ۽ آمدنيءَ جي بنياد تي ڪرڻ جو مطالبو ڪرڻ گهرجي اتي اها ڳالهہ بہ اثرائتي انداز سان رکڻ گهرجي تہ آدمشماريءَ جا انگ اکر تسليم ڪيا وڃن يا اها نئين سر ڪرائي وڃي. چاڪاڻ تہ هڪ طرف ناڻي جي ورهاست پيداوار ۽ آمدنيءَ جي بنياد تي نہ ٿي ڪئي وڃي تہ ٻئي طرف آدمشماريءَ جا نوان انگ اکر بہ تسليم نہ ٿا ڪيا وڃن. ناڻي جي ورڇ آمدنيءَ بدران آباديءَ جي بنياد تي ۽ اهو بہ 20 سال پراڻي آباديءَ جي بنياد تي. ان ڪري سنڌ اسيمبليءَ کي ٻئي اشوز آدمشماريءَ جا انگ اکر بہ تسليم ڪيا وڃن ۽ اها ايمانداريءَ سان نئين سر ڪرائي وڃي ۽ اهي نتيجا تسليم بہ ڪيا وڃن.

(4) پاڪستان ۾ نالي ۾ تہ وفاق آهي پر عملي طرح ان جو ڪو وجود نہ آهي. هڪ صوبي يعني پنجاب جي سرڪار ان جي اڇي ڪاري جي مالڪ آهي. سبب اهو آهي تہ سمورن وفاقي ادارن توڙي رياستي ادارن مثال طور فوج, سول بيورو ڪريسيءَ, واپڊا مطلب تہ هر اداري ۾ اڪثريت هڪ صوبي جي آهي. ويندي پارليامينٽ ۾ بہ قطعي اڪثريت هڪ صوبي جي آهي. يعني جيڪڏهن ٽئي صوبا چاهين تہ بہ اهي هڪ صوبي آڏو ٿورائيءَ ۾ آهن ۽ ڪوبہ فيصلو ڪرڻ جا مجاز نہ هوندا. وفاق جي موجوده بيهڪ ۾ اهو ڪنهن ريت ممڪن نہ آهي, ان ڪري

جيستائين فوج، بيورو ڪريسي، پارليامينٽ سميت سمورن وفاقي ادارن ۾ صوبن جي هڪ جيتري نمائندگي نہ هوندي تيستائين وفاق جو مطلب عملي طرح هڪ صوبي جي ٻين ٽن صوبن مٿان بالادستيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندو. سنڌ اسيمبليءَ جو اهو فرض آهي تہ اها واضح لفظن ۾ گهُر ڪري تہ سنڌ جي ماڻهن کي فوج، سول بيورو ڪريسي ۽ پارليامينٽ سميت سمورن وفاقي ۽ رياستي ادارن ۾ هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور واپڊا نالي ۾ هڪ وفاقي ادارو آهي پر ان جو عملي ڪردار هڪ صوبي جي مفادن ڏانهن جانبدار رهڻ کان سواءِ ٻيو ڇا آهي؟ پاڻيءَ جي قُدرتي رستائن ناهڻ ۾ واپڊا جو ڪيترو ڪردار آهي؟ ٻيو تہ ٺهيو اهڙين رٿائن (جهڙوڪر ٿل ڪئنال، ڪالاباغ ڊيم، ويزن 2025ع وغيره) جي نتيجي ۾ صوبن ۾ ويڇا پيدا ڪرڻ ۾ ان جو ڪردار آهي؟ گريٽر ٿل ڪئنال هڪ تڪراري رٿا آهي پر واپڊا طرفان ان جي اڏاوت جو ڪم جاري آهي. اهو سڀ ان ڪري آهي جو واپڊا ۾ ٻين ننڍن صوبن جي ڪابہ حقيقي نمائندگي نہ آهي. سڄيءَ دنيا ۾ پاڪستان جا سفير مقرر ٿين ٿا. سوال آهي تہ ان مان گهڻن جو تعلق سنڌ ۽ سنڌين سان هوندو آهي؟ فوج ۾ سنڌي گهڻا آهن؟ سول بيورو ڪريسيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌين جو تناسب ڇا آهي؟ ان کان سواءِ سوبن وفاقي کاتا آهن، انهن ۾ سنڌ جي جائز نمائندگي ٿورائيءَ ۾ رهجي وئي آهي، جنهن جو وڏو مثال موجوده سنڌ حڪومت جي جوڙجڪ آهي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ جيڪي بہ باضمير ميمبر آهن، انهن جو فرض آهي تہ اهي سوال اسيمبليءَ ۾ بلن جي صورت ۾ پيش ڪن ۽ ان کي پاس ڪرائڻ لاءِ سمورين توانايون سيڙائن. سپر هاءِ وي سميت جن بہ شعبن جا ٺيڪا مرڪز جي نالي ۾ فوج کي ڏنا ويا آهن، اهي واپس سنڌ کي ملڻ گهرجن.

(5) سنڌ قدرتي وسيلن سان هڪ مالامال صوبو آهي پر پوءِ بہ غربت ۽ محتاجي ان جو مقدر بڻيل آهي. سبب سؤلو آهي تہ سنڌ کي پنهنجن وسيلن تي مالڪي نہ آهي. قدرتي وسيلن جي مالڪي تہ پري جي ڳالهہ، هاڻي تہ سپر هاءِ وي جي ٽيڪس جهڙا وسيلا بہ سنڌ کان کسيا ويا آهن. سنڌ ۾ تيل ۽ گئس جي پيداوار هاڻي پاڪستان ۾ سڀني کان مٿي آهي، رڳو بدين ضلعي جي پيداوار ٻين صوبن کان مٿي آهي پر اڳوڻي صوبائي وزير حفيظ شيخ جي رپورٽ موجب بدين هيئنر ٿر کان پوءِ سنڌ جو غريب ترين ضلعو آهي. سامونڊي بندر، تيل، گئس، ڪوئلو سنڌ جا قدرتي وسيلا آهن، جيڪي هزارين ۽ لکين سالن کان سنڌ کي ورثي ۾ مليا آهن. پر انهن تي سنڌ جي ڪا مالڪي نہ آهي. پاڪستان جي قيام وقت اهو ڪٿي چيو ويو هو تہ صوبن کي پنهنجن وسيلن تي مالڪي بہ نہ هوندي. سنڌ ۾ گهڻ قومي ڪمپنيون تيل ۽ گئس جي ڳولا لاءِ اجازت بہ مرڪز کان ٿيون وٺن تہ معاهدا بہ ان

سان ٿيون ڪن. دنيا ۾ ايئن ڪٿي بہ ڪونهي. ان ڪري سنڌ اسيمبليءَ کي اهو بل پاس ڪرڻ گهرجي تہ سنڌ کي پنهنجن سمورن قدرتي ۽ معدني وسيلن تي مالڪيءَ جو حق هئڻ گهرجي ۽ اها رائلٽي سنڌ کي ملڻ گهرجي.

(6) سنڌ ۾ ڳُجهين ايجنسين سنڌ جي سياسي ڪلچر کي ڪرپٽ ڪري، سنڌ جي خلاف هڪ ڏنڊي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي حڪومتي، انتظامي ۽ سياسي معاملن ۾ انهن جو ڪردار ايترو تہ وڌي چڪو آهي جو هاڻي عملي طرح جڙ تہ فيصلا اهي ڪن ٿيون. اسيمبليون، حڪومتون يا انتظاميا نالي ماتر آهن. رڳو چونڊن کان اڳ ۽ پوءِ انهن جي ڪردار کي ڏسجي تہ سڀ ڪجهہ سامهون پيو آهي. چونڊن کان اڳ ضلعن ۽ تڪن جو سمورو چونڊن جو انتظام ”پردي پٺيان ڏرين“ وٽ هو جن ”پنهنجن“ ماڻهن کي ڇيڪ ڇڏي ڏنو تہ جيڪو وٽين سو وجي ڪن. نتيجا پنهنجي مرضيءَ موجب آڻين. پر فيصلا سندن مرضيءَ سان ڪن. چونڊن کان پوءِ حڪومت جي ٺهرائڻ ۾ سمورو ڪردار انهن جو هو. هر ماڻهوءَ کي وزارت ۽ وڏ وزارت جا آسرا ڏنائون ۽ پوءِ انهن مان جن جو وڌيڪ ”حق“ هو، انهن کي ”ڪارڪردگي“ ۽ ”ميرٽ“ جي بنياد تي ”حق“ وٺي بہ ڏنائون. وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ اسيمبليءَ جا باضمير ۽ فرض شناس ميمبر، اهي اشوز اُٿارين، مون اهو سوال سنڌ جي اڳوڻي گورنر دائود پوٽي سان روبرو اُٿاريو هو پر هن واضح طور چيو تہ هو بي وس آهي ۽ ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهي.

ان کان علاوه سنڌ اسيمبليءَ کي سنڌ جي انهن اشوز تي بہ قانون سازيءَ لاءِ تيزي ڪرڻ گهرجي، جيڪي سنڌ لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا. مثال طور ڪارو ڪاريءَ جي معاملي سنڌ کي نہ رڳو هتي پر سڄيءَ دنيا ۾ بدنام ڪيو آهي پر سنڌ ۾ قاتلن جي ڪٽڪن کي ڇيڪ ڇڏيو ويو آهي تہ اهي بيگناهہ نياڻين ۽ نوجوانن جو خون پاڻيءَ جيان وهائين. دراصل اهو ڪلچر جي وحشت کان وڌيڪ قانون جي عدم موجودگي ۽ رياستي بي حسيءَ جو نتيجو بہ آهي. سنڌ اسيمبليءَ کي فوري طور ڪارو ڪاريءَ بابت قانون سازي ڪرڻ گهرجي. قاتل، قاتل آهي، پوءِ اهو غيرت جي واهيات تصور جي نالي ۾ خون ڪري يا پيشہ ور ڌوهاريءَ جي حيثيت ۾. اهڙيءَ ريت سنڌ ۾ هارين ۽ پورهيتن جي حقن جي تحفظ خاطر قانون يا تہ آهن ڪونہ، جي آهن تہ اڻ پورا ۽ مُدي خارج آهن. ٽيننسي ايڪٽ کان پوءِ اسان وٽ هاري ۽ زميندار جا رشتا ٽيڪنالاجيءَ ۽ ٻين سماجي سببن ڪري گهڻو بدلجي چڪا آهن. انهن بدليل حالتن ۽ رشتن جي روشنيءَ ۾ هارين ۽ پورهيتن بابت نئين سر قانون سازي ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي تعليمي ۽ صحت پاليسي بہ ايترائي اهم اشوز

آهن، هارين، پورهيتن ۽ شاگردن سان گڏ سنڌ ۾ ٻارن ۽ عورتن جي حقن بابت خاص طور قانون سازي ٿيڻ گهرجي.

سنڌ اسيمبليءَ جا جيڪي وطن دوست ۽ عوام دوست ميمبر ان ڏس ۾ پيش قدميون ڪندا ۽ ورچي ويهڻ بدران مسلسل ڪردار ادا ڪندا انهن کي پڪ هئڻ گهرجي تہ سنڌ جو عوام ۽ سنڌ جا باشعور ليکڪ، ان ڏس ۾ ساڻن هر موقعي ۽ هر سطح تي گڏ هوندا. ٻيءَ صورت ۾ اسيمبلي پنهنجو استحقاق وڃائي ويهندي.

---

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 30 جنوري 2003ع)

# اسيمبلي سنڌ جي پاڻيءَ جو
# ڪيس ڪيئن ٿي ڪٽي؟

اها هڪ اتساهيندڙ ڳالهه آهي ته سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر گريٽر ٿل ڪئنال جو اشو اُٿارڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ان حوالي سان ڪي ٻه ٻه رايا نه آهن ته اها وقت جي اولين ضرورت آهي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو بنيادي فرض به آهي ته اها گريٽر ٿل ڪئنال جي ناجائز اڏاوت جو اشو ترجيحي بنيادن تي کڻي، جو اهو سنڌ جي زندگيءَ ۽ جياپي جو سوال آهي پر ضرورت آهي ته گريٽر ٿل ڪئنال جو اشو سنڌ جي پاڻيءَ جي ڪيس جي تناظر ۾ ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن سان گڏ کنيو وڃي. ٻيءَ صورت ۾ ڪوبه نتيجو سامهون نه ايندو. پاڻيءَ جو بحران ۽ ان حوالي سان پاڪستان جي چئني صوبن ۽ خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ تڪرار ٻه ڏينهون ڏينهن تيز ٿيندو پيو وڃي. هاڻي ته اها راءِ به پختي نموني سان سامهون اچي رهي آهي ته جيڪڏهن پاڪستان مان صوبن جو ويساهه کڄي ويو ته ان جو وڏو سبب اهو پاڻيءَ جو تڪرار ئي هوندو. جنهن کي جائز طرح ۽ انصاف جي بنيادن تي حل ڪرڻ ۾ مرڪز مڪمل طور ناڪام رهيو آهي. ملڪ ۾ قومپرست سياست جو محور به هاڻي پاڻيءَ جو تڪرار ٿيندو پيو وڃي. جنهن جو سبب اهو آهي ته ويجهي ماضيءَ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ سبب سنڌ جي زراعت ۽ معاشي سگهه نه رڳو سخت متاثر ٿي آهي پر ذري گهٽ تباهه حاليءَ جي ڪنڌيءَ تي اچي پهتي آهي. گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ جي رستن تي ٿيندڙ احتجاجن جا گهڻي ڀاڱي نعرا پاڻيءَ سان ئي وابسته رهيا آهن. سنڌو درياهه جي سموري تاريخ ۾ پهريون دفعو اهڙو وقت به آيو جو سياسي پارٽين پنهنجا احتجاج جلسا ۽ مظاهرا درياهه جي سُڪل پيٽ ۾ ڪري دنيا کي اهو نياپو ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته سنڌ جي جياپي جو اڪيلو تاريخي

وسيلو يعني سنڌو درياهہ چورايو ۽ سُڪايو ويو آهي. ان ڪري اهو نقصان فقط پاڻيءَ جو ناهي پر هڪ پوريءَ قوم، ان جي جياپي، تاريخ، تهذيب، حال ۽ مستقبل جو آهي. پاڻيءَ جي ان تڪرار جو ئي سبب آهي جو سنڌ ڪالاباغ ڊيم کان وٺي گريٽر ٿل ڪئنال تائين سمورن اهڙن منصوبن جي سخت مخالفت ڪندي رهي آهي، جيڪي سنڌوءَ جو ساهہ سُڪائڻ لاءِ جوڙيا وڃن ٿا.

پاڻيءَ جو تڪرار سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ تمام پراڻو آهي، ان جو سادو مثال هيءُ آهي تہ هن وقت تائين ان حوالي سان ڇهہ ڪميشن جُڙي چڪا آهن، جن اهو تڪرار حل ڪرڻ لاءِ سفارشون ترتيب ڏنيون پر تڪرار پنهنجي جاءِ تي اڄ تائين نہ رڳو جيئن جو تيئن موجود آهي پر ڏينهون ڏينهن وڌي ۽ تيز ٿي رهيو آهي. 1935ع ۾ اينڊرسن ڪميشن جوڙي وئي، 1941ع ۾ انڊس رائو ڪميشن جڙي، 1968ع ۾ اختر حسين ڪميشن ٺاهي وئي، 1970ع ۾ فضل اڪبر ڪميشن ترتيب ڏني وئي، 1981ع ۾ انوارلحق ڪميشن جو قيام عمل ۾ آيو. 1983ع ۾ حليمان ڪميشن ٺهي، پر پاڪستان ۾ صوبن ۽ خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جو تڪرار حل نہ ٿيو. 1991ع جي پاڻي معاهدي جي نتيجي ۾ انڊس ريور سسٽم اٿارٽيءَ يعني ”ارسا“ جو قيام بہ ان ڪري عمل ۾ آندو ويو هو تہ اها اٿارٽي پاڻيءَ جي ٺاهہ موجب پاڻيءَ جي صحيح ورڇ ڪي يقيني بڻائي تڪرار ڪي حل ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪندي پر ان جي اُبتڙ نہ رڳو پاڻيءَ جي ورڇ انصاف جي تقاضائن موجب نہ ڪري سگهي پر واپڊا جيان اها بہ پنجاب حڪومت جي هٿن ۾ ڪيڏندي رهي ۽ بدستور ڪيڏندي رهي ٿي.

گريٽر ٿل ڪئنال جو منصوبو مشرف سرڪار بہ سال اڳ 30 ارب روپين جي ماليت سان واپڊا جي سفارش تي شروع ڪيو. سنڌي ۽ سرائيڪي عوام جي سخت مخالفت ۽ مزاحمت باوجود منصوبي جي اڏاوت شروع ڪئي وئي، جيڪا هينئر بہ جاري آهي. گريٽر ٿل ڪئنال جي منصوبي بابت سنڌ جا جيڪي شديد اعتراض هئا ۽ آهن، اُهي هي آهن:

(1) سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ هيءُ منصوبو هڪ اهڙي دؤر ۾ ۽ اهڙيءَ حڪومت طرفان شروع ڪيو ويو، جنهن کي ماڻهن جو ڪوبہ مينڊيٽ نہ هو. هونئن بہ پاڪستان ۾ پاڻيءَ ۽ ناڻي جي ورهاست جهڙا منصوبا هميشہ غير نمائنده ۽ فوجي حڪومتن ۾ شروع ڪيا ويندا آهن. ٻيو تہ گريٽر ٿل ڪئنال جي منصوبي کي CDWP ۽ ECNEC جهڙن واسطيدار ادارن کان منظور ڪرائڻ کان سواءِ ئي منظور ڪيو ويو، ويندي اڄ تائين جڏهن ان منصوبي جي اڏاوت کي لڳ ڀڳ بہ سال ٿي چڪا آهن پر سنڌ حڪومت کي اڄ تائين ان جي PC_I بہ ڏيڻ جي زحمت

گوارا نہ ڪئي وئي آهي. سنڌ اسيمبلي سنڌ حڪومت تي دٻاءُ وجهي تہ اها PC_I اسيمبليءَ ۾ پيش ڪئي وڃي ۽ سنڌ حڪومت ان تي واضح موقف اختيار ڪري. هاڻي اها اڏ اڪري ٻولي ڳالهائڻ جو سلسلو بند ٿيڻ گهرجي.

(2) ڇيو وڃي ٿو تہ گريٽر ٿل ڪئنال جو منصوبو 1991ع جي پاڻي معاهدي ۾ اڳ ئي طئي ٿيل هو. سنڌ جي پاڻيءَ جي ماهرن بار بار اها ڳالهہ رڪارڊ تي آندي آهي تہ 1991ع جي پاڻي معاهدي ۾ گريٽر ٿل ڪئنال جهڙي ڪنهن منصوبي جو ڪوبہ ذڪر نہ آهي پر ان ڪان قطع نظر خود 1991ع جو پاڻي معاهدو بہ ڄام صادق جي غير نمائندا حڪومت معرفت سنڌ تي زوريءَ مڙهيو ويو هو. سنڌ جي ماهرن ۽ عوام توڙي سياسي پارٽين ان وقت جيڪا ان جي سخت مخالفت ڪئي هئي، ان جو سمورو رڪارڊ اڄ بہ موجود آهي پر هاڻي پنجاب حڪومت توڙي وفاق ان تي بہ عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. مثال طور 1991ع جي پاڻي معاهدي موجب جيستائين ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي ڇڏڻ جو معاملو طئي نٿو ٿئي، تيسين پاڻيءَ جي ورڇ سان وابستہ ڪوبہ منصوبہ انڊس تي ٺاهي نٿو سگهجي پر ان جي باوجود هڪ طرف 1991ع ڪان وٺي معاهدي موجب ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ ڇڏڻ بابت ڪابہ اسٽڊي نہ ڪرائي وئي آهي ۽ نہ ئي وري طئي ٿيل پاڻي ڇڏيو ويو آهي، جنهن جي ڪابہ قانوني حيثيت نہ آهي. نتيجي ۾ ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي نہ ڇڏڻ ڪري سمنڊ جي چاڙهہ سبب سنڌ جا بہ ضلعا بدين ۽ ٺٽو لڳ ڀڳ تباهہ ٿي ويا آهن. لکين ايڪڙ آباديءَ لائق زمين ڪاري ٿي نہ رڳو آباديءَ لائق نہ رهي آهي پر ماحولياتي گدلاڻ پيدا ڪرڻ جو سبب بڻجي وئي آهي. نہ رڳو اهو پر ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي نہ ڇڏڻ سبب سنڌ جي اوڀيهہ لک ايڪڙ زمين تي مشتمل ڪچو تباهہ ٿي رهيو آهي. خود انڊس ڊيلٽا ۾ جيڪي تمر جا ٻيلا آهن، اهي بريءَ طرح مسلسل تباهہ ٿي رهيا آهن. ڇيو وڃي ٿو تہ اهي دنيا جا ڇهون نمبر وڏا ٻيلا آهن، جيڪي 650,000 ايڪڙن تي مشتمل آهن. 1991ع ۾ IUCN پڻ ان ڏس ۾ اڀياس ڪري هڪ رپورٽ پڌري ڪئي هئي تہ انڊس ڊيلٽا جو بچڻ ۽ وڌڻ سنڌ جي ماحوليات، معيشت ۽ ترقيءَ لاءِ بيحد ضروري آهي. گذريل ڏهن سالن ڪان ڪوٽڙيءَ ڪان هيٺ پاڻي نہ وڃڻ سبب اهي ٻيلا مسلسل تباهہ ٿي رهيا آهن ۽ صورتحال بدستور ايئن رهي تہ ڪجهہ سالن اندر دنيا جو اهو ڇهون نمبر وڏو قديم ڊيلٽا مڪمل طور تباهہ ٿي ويندو، جنهن جو وڏو حصو اڳ ئي پاڻيءَ جي کوٽ، سمنڊ جي چاڙهہ ۽ سمنڊ ڏانهن مٺي پاڻيءَ جي رسد بند ٿيڻ سبب تباهہ ٿي چڪو آهي. سنڌو درياهہ جي ٻنهي پاسي ڪچي ۾ سراسري اوڀيهہ لک ايڪڙ زمين آهي، جنهن مان ڇهہ لک ايڪڙ گهاٽن ٻيلن تي مشتمل رهي آهي ۽ باقي حصو تمام زرخيز زمينن ۽ چراگاهن تي مبني رهيو آهي،

جيڪو پڻ هاڻي تيزيءَ سان تباهيءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. انهن زمينن، ٻيلن ۽ چراگاهن جي زندگيءَ جو انحصار سنڌوءَ جي سيلابن تي رهيو آهي. جيترو پاڻي گهٽ ايندو ايترو ئي اهي علائقا سال جا ٽي مهينا يعني جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر پاڻيءَ هيٺ هوندا آهن، انهن کي اها قدرتي نمي ۽ طاقت ميسر نہ ٿيندي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڀاڄين، دالين، ڪاٺ ۽ چوپائي مال جي حوالي سان بہ اهي عنصر تمام وڏي معاشي سگهہ رکن ٿا ۽ لڳ ڀڳ ٽيرنهن لک ماڻهن جي گذر سفر جو ذريعو پڻ آهن. اڳتي هلي سنڌوءَ جو اهو پاڻي جتي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو اتي ڇهہ لک پنجاهہ هزار ايڪڙن جو گهاٽو سامونڊي تمر جو ٻيلو هو. جيڪو هاڻي ڇيو وڃي ٿو تہ هڪ لک ايڪڙ تائين وڃي بچيو آهي. هن ٻيلي جو ماحولياتي ۽ معاشي مُلهہ تمام گهڻو آهي، جو مڇيءَ، جهينگن ۽ پلي جي ڄڻ تہ اهو نرسري آهي. ان کانسواءِ سنڌ جي ڏکڻ جي عام جانور خاص طور اُٺن جو وڏو چراگاهہ پڻ آهي ۽ اتان جي ماڻهن جي لاءِ ٻارڻ جو وڏو ذريعو آهي. هن پوري علائقي ۾ تقريبن ويهہ لک ماڻهن جو گذر سفر سامونڊي ۽ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ، ڪاٺ، چوپائي مال ۽ ٻارڻ تي آهي، هاڻي اهي سڀ املهہ وسيلا پاڻيءَ جي کوٽ سبب تباهہ ٿي رهيا آهن.

(3) ڇيو وڃي ٿو تہ گريٽر ٿل ڪئنال هڪ فلڊ ڪئنال هوندو. سنڌ کي ان بيان تي ڪوبہ اعتبار نہ آهي ۽ ماضيءَ جي تلخ تجربن جي روشنيءَ ۾ سنڌ کي پنجاب حڪومت توڙي مرڪزي سرڪار جي اهڙن واعدن تي ڪوبہ اعتبار نہ ڪرڻ جو مڪمل حق پهچي ٿو. مثال طور چشما-جهلم ۽ تونسہ-پنجند ڪئنالن لاءِ بہ اهو ئي ڇيو ويو هو. 1960ع جي انڊس واٽر ٽريٽي تحت ٺهيل ستن لنڪ ڪئنالن ۾ چشما-جهلم ۽ تونسہ-پنجد بہ هئا، جن لاءِ ڇيو اهو ويو هو تہ ٻوڏ جي ڏينهن ۾ واڌو پاڻي انهن ڪئنالن ۾ ڇڏيو ويندو پر پوءِ اسان ڏٺو تہ انهن کي معاهدي جي ڀيڪڙي ڪندي 21000 ڪيوسڪس جي ڪئنال، جيڪو چشمہ بئراج ۽ جهلم نديءَ کي پاڻ ۾ ملائي ٿو. کي ريگيولر ڪئنال طور رهايو ويو ۽ اهي اڄ تائين ايئن ئي ٻارهو ئي وهي رهيا آهن. 12 سيپٽمبر تي سنڌ مان اسان صحافين جو وفد جڏهن ٿل کان ڪالاباغ تائين دوري تي ويو هو تہ اسنا پاڻ اهي ڪئنال وهندي ڏٺا هئا ۽ موقعي تي موجود انجنيئرس پاڻ مڃيو هو تہ اهي سڄو سال وهن ٿا. سوال آهي تہ ڪهڙي ضمانت آهي تہ ٿل ڪئنال بہ انهن ڪئنالن جيان ٻارهو ئي ريگيولر ڪئنال طور نہ وهندو؟ تربيلا ۽ منگلا ڀيري بہ سنڌ سان ويساهہ گهاتي ٿي. ساڳيءَ طرح پنجاب پنهنجا جيڪي ٽي درياهہ ڀارت کي وڪيا، انهن تي سنڌ جو تاريخي حق هو پر سنڌ کي سڄي ڊيل کان ٻاهر رکيو ويو ۽ نہ رڳو سنڌ کي ان جي

Compensation نہ ملي پر سنڌ جي پاڻيءَ جي وڏيڪ ڦرلٽ جو سلسلو مختلف رٿائن جي نالي ۾ تيز ٿيو.

(4) پاڻيءَ جي موجودگيءَ بابت هر سطح تي متضاد ۽ ڪوڙا انگ اکر پيش ڪيا ويندا رهيا آهن. تيئن ئي هڪ طرف ملڪ ۾ پاڻيءَ جي کوٽ جو راڳ پيو آلاپيو وڃي تہ ٻئي طرف منصوبين مٿان منصوبا ٺهي رهيا آهن. حقيقت اها آهي تہ پنجاب جو سڄو موقف شروع کان غلط انگن اکرن تي ٻڌل رهيو آهي. جيئن هاڻي چيو وڃي ٿو تہ گريٽر ٿل ڪئنال ۾ واڌو پاڻي وهايو ويندو. (جڏهن تہ اهو موجود ئي نہ آهي) تيئن ڪالاباغ ڊيم لاءِ بہ اهو ئي دليل ڏنو ويندو آهي، جڏهن تہ سنڌ جو موقف اهو رهيو آهي تہ سنڌوءَ ۾ 6.1 MAF پاڻي ذخيرو ڪرڻ ۽ ٻن ڪئنالن کي هلائڻ لاءِ 12 ملين ايڪڙ فٽ جيترو اضافي پاڻي موجود ئي ناهي. حقيقت اها آهي تہ جيڪڏهن ڦليلي يا روهڙي ڪئنال سڄو سال بہ وهن تہ بہ 3 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي مس کڻندا. انهيءَ لحاظ کان 6 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي انهن ٻنهي ڪئنالن ۾ سڄو سال وهندڙ پاڻيءَ جيترو مس ٿيندو. سنڌ جو موقف اهو رهيو آهي تہ سنڌو ندي ۽ ان ۾ ڇوڙ ڪندڙ ندين جي ڪُل پاڻيءَ جو مقدار انتهائي غير يقيني آهي. مثال طور 75-1974ع ۾ انڊس رِور سسٽم ۾ 100 ملين ايڪڙ فٽ کان گهٽ پاڻي موجود هو. جڏهن تہ 85-1984ع ۾ تمام وڏي انگ ۾ 186 ملين ايڪڙ فٽ پاڻي موجود هو پر جيڪڏهن 1992ع کان 1994ع تائين وارن سالن جي سراسري ورتي وڃي تہ اهو 138 ملين ايڪڙ فوٽ ٿئي ٿو. حقيقت اها آهي تہ عام طور تي 4 کان 5 سالن يعني وقت جي اسي سيڪڙو عرصي ۾ انڊس بيسن ۾ 123 ملين ايڪڙ فٽ کان مٿي پاڻي رهيو ئي ناهي، جڏهن تہ واپڊا غلط انگ اکر ڏئي چوندي رهي تہ سراسري طور 145 MAF پاڻي موجود رهيو آهي. سوال آهي تہ جي ايترو پاڻي آهي تہ پوءِ سنڌ اُڃ ڇو پئي مري؟ سنڌ جون زمينون، ٻيلا، ڪڇو ۽ ڊيلٽا تباهہ ڇو پيا ٿين؟ ان ڪري جنهن اضافي پاڻيءَ جي مفروضي جي بنياد تي ڪالاباغ ڊيم جو رينگٽ اڃا جاري آهي ۽ ٿل ڪئنال ٺهي پيو اهو پاڻي عملي طرح موجود ئي نہ آهي. ظاهر آهي تہ اهو پاڻي سنڌ جو کنيو پيو وڃي، اڳتي بہ کنيو ويندو جيئن ماضيءَ ۾ ٿيندو رهيو آهي.

(5) هن سڄي معاملي ۾ واپڊا جو ڪردار انتهائي جانبدار ۽ سنڌ جي مفادن جي خلاف رهيو آهي. واپڊا، پاڪستان واٽر ۽ پاور ايڪٽ 1958ع تحت ٺاهي وئي هئي. 1958ع کان وٺي اڄ تائين واپڊا، جيڪي بہ منصوبا ٺاهيا آهن يا پاليسيون ٺاهيون آهن، انهن ۾ اهو ثابت ٿيندو رهيو آهي تہ واپڊا ڪو وفاقي ادارو نہ پر پنجاب سرڪار جي هدايتن ۽ مفادن تحت ڪم ڪندڙ ادارو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هاڻي پنجاب سرڪار سان گڏ واپڊا تي ڪنهن کي بہ اعتبار نہ آهي.

ڪالاباغ ڊيم ڪان وٺي ويندي گريٽر ٿل ڪئنال تائين سڀ تڪراري منصوبا واپڊا جي ”فخريه پيشڪش“ آهن. واپڊا ۾ جنرل ذوالفقار جي اچڻ شرط Vision_ 2025 نالي هڪ وڏو منصوبو جوڙيو ويو، جيڪو سڄو تڪراري آهي. هن منصوبي تحت ملڪ ۾ واٽر سيڪٽر پراجيڪٽس ۽ 12 هائيڊرو پاور منصوبا عمل هيٺ آهن. جيڪڏهن اهي سڀ منصوبا عمل ۾ آيا ته سنڌ ۾ پيئڻ لاءِ به ڦڙو پاڻيءَ جو نه هوندو. واپڊا صوبن جي ٽيڪس مان هلي ٿو ۽ سواءِ پنجاب جي انهن خلاف ئي ڪم ڪري ٿو. وقت اچي ويو آهي ته اسيمبليون ان باري ۾ آواز اُٿارين ۽ گريٽر ٿل ڪئنال سان گڏ واپڊا جي Vision_2025 منصوبي کي رد ڪرائڻ لاءِ زور وجهن.

(6) گريٽر ٿل ڪئنال جي حوالي سان سرائيڪي عوام کي به سخت تحفظات آهن. انهن ته اهو مطالبو ڪيو آهي ته ”No Further Cut on Indus“، يعني سنڌوءَ کي هاڻي ڪنهن به منصوبي ذريعي ڪوبه بند نه ٻڌو وڃي. ان سلسلي ۾ اسان ڪيترن فورمن تي سرائيڪين سان گڏ ويهي انهن جو موقف ٻڌو آهي. پي اين آر ڊي پي (PNRDP) جو جيڪو گذريل سال ملتان ۾ ملڪي سطح جو سيمينار ٿيو هو، ان ۾ سرائيڪي ماهرن ۽ اڳواڻن واضح موقف رکيو هو ته: (1) پنجاب کي تاريخي طور درياهه تي ڪوبه حق نه آهي. (2) گريٽر ٿل ڪئنال، جيڪو 15 لک ايڪڙ زمين آباد ڪرڻ لاءِ ناهيو پيو وڃي، اها زمين پنجابي فوجين کي الاٽ ڪئي وئي آهي، ان ڪري ان منصوبي سان سرائيڪين جي ڊيموگرافي بدلجي ويندي. (3) گريٽر ٿل جي زمين وارياسي آهي ۽ ان ۾ پاڻيءَ کي روڪڻ جي فطري صلاحيت نه آهي، نتيجي ۾ سم ۽ ڪلر وڌندو. چشما، پنجاب جهلم ۽ تونسا ـ پنجند جي ڪري اڳ ئي هزارين ايڪڙ زمين ڪلرائي ٿي چڪي آهي. (4) ٿل جي زمين ناهموار آهي ۽ وڏين واريائسين پٽن تي مشتمل آهي. (5) هن ڪئنال مان نه رڳو مقامي سرائيڪي عوام کي ڪو فائدو نه آهي پر اهو سندن مفاد خلاف آهي.

ان ڪري گريٽر ٿل ڪئنال جي منصوبي کي سنڌ جي مجموعي پاڻيءَ جي ڪيس جي روشنيءَ ۾ ڪٽڻ جي ضرورت آهي. سنڌو درياهه سنڌ جي جياپي جو واحد ذريعو آهي، ٻئي طرف پنجاب ۾ پنج نديون آهن ۽ ان جو زيرِ زمين پاڻي به منو آهي، جتان 40 MAF پاڻي 3 لک 50 هزار ٽيوب ويلن ذريعي استعمال ڪيو ويندو آهي. ان جي اُبتڙ سنڌ سمنڊ جهڙي کاري پاڻيءَ مٿان بيٺل آهي ۽ سنڌو ندي سنڌ جي زراعت ۽ پاڻيءَ جي ٻئي واهپي جو واحد ذريعو آهي. ٻئي طرف ڪينجهر، چوٽياري، منڇر وغيره انهن وڏين ڍنڍن جي پرجڻ جو دارومدار به سنڌو نديءَ تي ئي آهي پر اڄ ان سنڌوءَ ۾ واري پئي اُڏامي، اها درياهه جي نه پر سنڌ جي سينڌ جي سُڄَ آهي. ان جي زمينن، ٻيلن، ماڻهن، پکين، مڇين، جانورن، خوابن، خوشحاليءَ جي

اُميدن ۽ آئيندي جي سُج آهي. سنڌو سنڌ جو ساهه آهي، اچو تہ ان کي بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪريون ۽ درياهه ايندڙ نسلن کي سلامتيءَ سان امانت طور موٽائي ڏيڻ جو وچن ڪريون. ظاهر آهي تہ اهو سڀ ڪجهه لڳاتار ۽ سگهاري جدوجهد کان سواءِ ممڪن نہ آهي، ڏسجي تہ سنڌ اسيمبلي ان ڏس ۾ ڇا ٿي ڪري!

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد، 22 فيبروري 2003ع

# تنهن عشق کي شاباس،
# جنهن محبتي ميڙيا!

اسان جا ڀاڳ ڀلا جو خيرن سان ملڪ ۾ سينيٽ جون چونڊون به ٿي ويون ۽ چئني صوبن منجهان ”معتبر“ سياستدانن جو چڱو موچارو انگ سينيٽ ۾ پهچي ويو آهي. ان کري جيڪا ڪسر قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ رهجي وئي هئي، اها هاڻي سينيٽ ۾ پوري ٿي وئي. قومي اسيمبليءَ جيان سينيٽ ۾ به مسلم ليگ (ق) کي سرسي حاصل آهي، جنهن جا پختا امڪان اڳ ئي موجود هئا. سنڌ سان چونڊن کان اڳ ۽ پوءِ جيڪو ”پوڳ“ ٿيو هو سينيٽ جي چونڊن ۾ اهو نه رڳو ورجايو ويو پر وڌيڪ ”ذميواريءَ“ سان ورجايو ويو. پ پ پ به ان ۾ ”گهربل ڪردار“ ادا ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽايو. آخر موجوده ڏکين حالتن ۾ سينيٽ ۾ سنڌ جي نمائندگيءَ جو معاملو هو ان ۾ غير ذميواريءَ جو مظاهرو ته پ پ پ نه ٿي ڪري سگهي. ظاهر آهي جهڙا تهڙا ماڻهو ته سينيٽ ۾ ڪونه مليا. سنڌ جون حالتون جيتريون ڳنڀير آهن، ان ۾ سينيٽ جهڙن ايوانن ۾ ماڻهو به سگهارن ادارن جي آشيرواد وارا سگهارا گهرجن. افسوس جو نفيس صديقيءَ جهڙو سنڌ جو ”سگهارو“ ماڻهو هارائي ويو پر سنڌ کي هرو ڀرو پريشان ٿيڻ نه گهرجي. سنڌ جي اڳوڻي گورنر محمد ميان سومري، نثار ميمڻ، بابر غوري، علامه عباس، آصف جتوئي، مولانا نوراني، انوار بيگ، فاروق نائڪ ۽ رخسانه زبيريءَ جهڙا ”سگهارا آواز“ سينيٽ ۾ پهچي چڪا آهن. هاڻي سينيٽ ۾ سنڌ جي ڪيس کي ڪوبه لوڏو نه آهي.

مجال آهي جو هاڻي اين ايف سي ايوارڊ سنڌ جي مرضيءَ جو نه ٿئي. اهو ته ٿي نٿو سگهي جو ٿل ڪئنال جي تعمير جاري رهي سگهي، ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو ڪو نالو به کڻي سگهي. ممڪن ناهي جو سنڌ جا نوجوان بيروزگاريءَ کان تنگ

اڇي خودڪشيون ڪن، سنڌ کي خود مختياري نہ ملي. هاڻي قومپرست جماعتن، سنڌي پريس ۽ دانشورن کي گهڻو گوڙ نہ ڪرڻ گهرجي، سينيٽ ۾ سنڌ جا ايڏا ”سگهارا“ ماڻهو گڏ ٿيا آهن تہ هرو ڀرو ٻاهر ايڏو گوڙ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ ڀلا محمد ميان سومرو ذاتي مفادن لاءِ تہ بئنڪ ڇڏي سنڌ جو گورنر نہ ٿيو هو ۽ نہ وري هو ايئن اجايو سياست ۾ سينيٽ ۾ داخل ٿيو آهي. گورنريءَ جي منصب تي هوندي هن سنڌ جي جيڪا ”خدمت“ ڪئي، اها ڪنهن کان ڳجهي آهي؟ ڪهڙو عقل جو انڌو ان کان انڪار ڪري سگهندو؟ انهن عالم آشڪار ”خدمتن“ جي عيوض ۾ انعام طور تہ ڪيس مسلم ليگ (ق) طرفان سنڌ جي نمائندگيءَ لاءِ سينيٽ ۾ اُماڻيو ويو آهي. مشرف سرڪار تہ ڪائنس ايترو متاثر ٿي آهي جو ڪيس سينيٽ جي چيئرمينيءَ لاءِ نامزد ڪرڻ تي بہ غور ٿي رهيو آهي. چيو وڃي ٿو تہ ان سان سنڌ ۾ محروميءَ جو احساس بہ گهٽ ٿيندو. سنڌ ۾ محروميءَ جو احساس تہ چونڊبن ڪان پوءِ سنڌ جي ادارن ۾ نمائندگي ۽ خاص طور تي سنڌ ۾ سگهاري حڪومت جي قيام سان ئي گهڻيءَ حد تائين گهٽجي ويو هو باقي رهيل ڪسر اها هئي، جيڪا بہ سينيٽ ۾ سنڌ جي نمائندگيءَ سان پوري ٿي وئي آهي. ساڳيءَ طرح نثار ميمڻ بہ هرو ڀرو تہ ”ريفارمرس“ ڪونہ ٿاهي هئي. ان جو مقصد بہ سنڌ ۾ محروميءَ جو احساس گهٽائڻ هو. مشرف سرڪار جي ڪابينا ۾ نثار ميمڻ جيڪي جوهر ڏيکاريا، اهي سنڌ ڪيئن وساريندي؟ هو سينيٽ ۾ بہ هاڻي ”وسان“ نہ گهٽائيندو، هو هڪ ”باصلاحيت“ ٽيڪنوڪريٽ آهي. متحده بہ هاڻي خيرن سان قومپرست آهي ۽ سينيٽ ۾ ان جيڪي ماڻهو موڪليا آهن، اُهي محرومي تہ ڇا پر سنڌ ۾ هر قسم جو احساس ئي ختم ڪري ڇڏيندا. ”نہ هوندو بانس ۽ نہ وڄندي بانسري“ اجايو اسان جا اديب ۽ دانشور علي احمد بروهي، آغا سليم، قمر شهباز اڻ تڻ ۾ هئا تہ ايوانن ۾ سنڌ جي نمائندگي متحده معرفت هو ڪن، جيڪڏهن اهو ڪم بہ سنڌي دانشور ڪن تہ پوءِ ”ڪن ڪتا، لنگڙا ۽ ڪاڻا“ ڪيڏانهن ويندا؟ متحده بہ ڪين اجايو تڪليف ڏيڻ گوارا نہ ڪئي. ڀلا سعيد صديقي، مسز تنوير، عابد سيف، علامہ عباس ڪميلي، بابر غوريءَ، نگهت مرزا ڪو سنڌ ۾ محروميءَ جو احساس گهٽائڻ لاءِ گهٽ ڪندا؟ سنڌ جي ماڻهن کي اجايو بي اعتباري آهي. ”قومپرست“ روز ڀيا ساڪ ڏين تہ الطاف حسين سنڌ جو عظيم اڳواڻ آهي، ان ڪري هن جا نامزد ڪيل ماڻهو ڀلا ڪي گهٽ قومپرست هوندا؟ پ پ پ بہ سينيٽ جي چونڊبن ۾ پنهنجي مولا بخش چانڊيي جهڙن ڪارڪنن يا تاج حيدر جهڙن ٽيڪنوڪريٽس کي اجايو تہ نہ ڪاوڙايو آهي. رضا رباني تہ اشراف ماڻهو آهي. هونئن ئي پيو اندر ٻاهر ڳالهائي پر ٻيا جيڪي ماڻهو سينيٽ ۾ موڪليا ويا آهن،

انهن جي رڳو ايوان ۾ ويهڻ سان ئي ماڻهن جا سنڌ لاءِ بدنيت ارادا هن فاني دنيا مان برقعو مٿائي ويندا ۽ محروميءَ جي احساس کي کهڙي مجال آهي جو هاڻي سنڌ سان گهٽي ڪؤنس ڪري سگهي! محروميءَ جي احساس کي بہ هاڻي پنهنجي وزن جو پتو پوندو تہ گهٽي ويهين سئو آهي.

سيني ڏرين گڏجي سنڌ کي سينيٽ ۾ ڀرپور نمائندگي ڏني آهي. انهيءَ سامهون هاڻي پلا محروميءَ جو احساس ڇا ٻيهي سگهندو؟ باقي رهيو اهو اعتراض تہ انهن ۾ سنڌي ٿورائيءَ ۾ آهن تہ ان جو هاڻي کهڙو تعلق آهي؟ متحده وارا ۽ ٻيا اردو ڳالهائيندڙ سنڌي ڪونهن ڇا؟ جيئن سنڌ جو گورنر سنڌي آهي. تيئن سينيٽ ۾ بہ گهٽائي سنڌين جي آهي. پراڻن سنڌين جو حال ڪونهي. هاڻي نون سنڌين کي موقعو ملڻ گهرجي. سون تي سهاڳو جو سندن نمائندگي بہ متحده جهڙي ”قومپرست“ جماعت وٽ آهي. سينيٽ ۾ سنڌ جي نمائندگي ڏسي مان تہ هاڻي رليڪس ٿي ويو آهيان. مٿان وري جي سينيٽ جي چيئرميني محمد ميان سومري کي ٿي ملي تہ پوءِ تہ سوچيان ٿو تہ وڃي ڪنهن ٻئي ڪم سان لڳجي. محروميءَ جو احساس تہ پوءِ هونئن ئي سنڌ ۾ شرم وچان آپگهات ڪري ڇڏيندو. حقيقت اها آهي تہ سنڌ جي عوام کي انهن سمورين ڌرين جو ٿورائتو ٿيڻ گهرجي. جن ڪين سينيٽ ۾ اهڙي نمائندگي ڏني آهي. تنهن عشق کي شاباس. جنهن محبتي ميڙيا.

بهرحال سنڌ کي سينيٽ ۾ ڀرپور ”نمائندگيءَ“ لاءِ لک لک مبارڪون هجن. هاڻي محروميءَ جي احساس جي ”جن“ کي سنڌ مان پڇڻ لاءِ تياريون ڪرڻ گهرجن. ايئن نہ ٿئي جو ايوانن ۾ جڏهن ”ڌمالون“ شروع ٿين تہ ڪيس دڳ ئي هٿ نہ اچي.

---

روزاني ڪاوش حيدرآباد. 26 فيبروري 2003ع

# سنڌ اسيمبليءَ ۾ قانون سازيءَ لاءِ
# ڪجھ ضروري تجويزون!

موجوده سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌ حڪومت جي ساک تي سنڌ جي ماڻھن جا تحفات پنھنجيءَ جاءِ تي پر سنڌ اسيمبليءَ جي گذريل اجلاسن ۾ بھرحال سنڌ جي اشوز تي ٺڪو پئسو ڳالھ ٿي آھي، جنھن جو ڪريڊٽ مخالف ڌر ڏانھن وڃي ٿو. ھاڻي مخالف ڌر جي رڪيوزيشن تي وري اجلاس 22 فيبروريءَ تي سڏايو ويو آھي، جنھن ۾ امڪان آھن تہ گريٽر ٿل جي ناجائز اڏاوت روڪرائڻ سميت بنيادي اشوز تي ڳالھايو ويندو ۽ ٺھراءَ پاس ڪيا ويندا. ھن ملڪ ۾ ھاڻي ننڍين صوبن جون اسيمبليون ڪيئن چونڊجن ٿيون، انھن مان حڪومتون ڪيئن ۽ ڪھڙن معيارن ۽ مفادن تحت ٺھن ٿيون، اھو ھاڻي ڪو راز نہ رھيو آھي. ھيءَ اسيمبلي ۽ سنڌ حڪومت تہ ان جو ھڪ "نادر نمونو" آھي. اھو ئي سبب آھي جو ھاڻي اھڙين اسيمبلين جي پاس ڪيل ٺھرائن جي بہ "متي" ڪا وقعت نہ آھي. مثال طور سنڌ اسيمبليءَ ٽي دفعا ٺھراءَ بحال ڪري ڪالاباغ ڊيم کي رد ڪيو پر اڄ تائين ڪالاباغ ڊيم بابت صوبن جي "اتفاق راءِ" جو رينگٽ جاري آھي. تازو سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌ مان رينجرز جي واپسيءَ جي رڳو ڳالھ ٿي آھي تہ ملڪ جي وزارت داخلا تحرڪ ۾ اچي وئي ۽ "ھدايتون" آيون تہ سنڌ حڪومت پنھنجي "دائري" ۾ رھي، رينجرز جي سنڌ کي وڏي ضرورت آھي، يعني صوبو چوي تہ رينجرز نہ کپي پر مٿان ھدايتون اچيو وڃن تہ نہ توھان کي ان جي ضرورت آھي. سو باوجود ان جي تہ سنڌ اسيمبليءَ جي ٺھرائن کي متي ڪيترو ٻڌو ويندو ۽ سنڌ حڪومت سنڌ جي اشوز تي ڪيترو وقت بيھي سگھندي، پوءِ بہ ان مان ھٿ ڪڍڻ نہ گھرجي. سنڌ اسيمبلي جھڙو تھڙو ئي سھي پر بھرحال ھڪ چونڊيل ادارو آھي

(مان ان کي جمهوري نہ ٿو سمجهان. جو ضروري نہ آهي تہ جڳاڙ ۾ چونڊجي آيل ادارا جمهوري بہ هجن). جيڪڏهن ان جي نهرائن بحال ڪرڻ سان ”مٿي“ اثر نہ ٿئي تہ بہ ان ذريعي سڌي توڻي اڻ سڌيءَ ريت سنڌ جي ماڻهن ۽ بيءَ دنيا کي محسوس ڪرائي سگهجي ٿو تہ سندن چونڊيل يا چونڊرايل اسيمبليءَ جي آواز ۽ موقف جي ملڪ ۾ ڪيتري حيثيت ۽ وقعت آهي!؟

موجوده سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر يعني پ پ کي اهم ۽ طاقتور حيثيت حاصل آهي. ان ڪري جيڪڏهن اُن پنهنجي روايتي غير ذميواري ۽ بي راهہ رويءَ جي روش کي پاسيرو ڪري (جو اُها مڪمل طور ڇڏڻ شايد سندس وس ۾ نہ هجي. جو هڪ تہ اُها پاليسيءَ جو معاملو آهي ۽ ٻيو تہ اُها پ پ جو ڪلچر ٿي چڪي آهي) سنجيدگيءَ سان اسيمبليءَ ۾ ڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪرڻ جي رٿابندي ڪئي تہ مان سمجهان ٿو تہ اها اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي پر ان لاءِ رٿابندي ۽ سنجيدگي لازمي شرط آهن. (جن سان پ پ جي ازلي دشمني آهي) پ پ کي اسيمبليءَ ۾ وڏو پروليج اهو آهي تہ ان جي سامهون هڪ ڪمزور حڪومت آهي. حڪومت اختيارن جو نالو آهي پر موجوده سنڌ حڪومت کي عملي طور ڪيترا اختيار آهن ۽ اُها ڪيتري بااختيار آهي؟ اهو تہ سنڌ جا ٻار بہ ڄاڻن ٿا. ها البتہ اهو ضرور چئي سگهجي ٿو تہ هو بي اختياريءَ ۾ مٿين حڪمن جي بجا آوريءَ لاءِ بااختيار آهي. موجوده سنڌ حڪومت جي وڏي پارٽنر متحده آهي، متحده مشرف سرڪار جي پاليسين کان ٻاهر وڃي، اهو سوال ئي نہ ٿو پيدا ٿئي. متحده کان سواءِ باقي سنڌ حڪومت ۾ جيڪي ننڍا گروپ آهن، انهن لاءِ رڳو وزارتن (ڀلي اهي نالي ماتر ۽ بي اختيار ئي ڇو نہ هجن) تي ويهي اسلام آباد جي سياسي (نمائندگي) ڪرڻ ئي وڏي ڳالهہ آهي. ان ڪري مخالف ڌر لاءِ هيءَ رهيل ۽ اخلاقي طور ڪمزور حڪومت سولو ڪاج آهي، شرط اهو آهي تہ مخالف ڌر اسيمبليءَ اندر پنهنجو ڪردار ڪيئن ٿي متعين ڪري؟ سرڪاري ڌر جا ڪجهہ ميمبر ۽ وزير ڀل تہ ڪيترو بہ اهو تاثر ڏين تہ اُهي سنڌ جي اشوز تي ڪردار ادا ڪندا پر ڀوءِ بہ انهن تي ڀاڙي نٿو سگهجي. انهن جي موقف ۽ سياسي ڪردار جي پاڙ نڪريءَ تي آهي. مثال طور رينجرز جي واپسيءَ جي اشو تي مرڪز جي هدايتن کان پوءِ هاڻي سرڪاري ڌر ڪٿي آهي؟ پهرين چيائون تہ رينجرز سنڌ تي بار آهي، پوءِ چيو ويو تہ سنڌ پنهنجي رينجرز ٺاهيندي ۽ هاڻي چون ٿا تہ اُها سنڌ لاءِ انتهائي ضروري آهي. سرڪاري ڌر جو هر اشوءَ تي رويو اهڙو هوندو. گريٽر ٿل ڪئنال جي اشوءَ تي ايندڙ اجلاس ۾ سڄي صورتحال واضح ٿي ويندي.

منهنجي خيال ۾ مخالف ڌر يعني پ پ پ کي سنڌ اسيمبليءَ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ٻه ڪم ضرور ڪرڻ گهرجن. ٻيءَ صورت ۾ مڙئي اسيمبليءَ ۾ گوڙ پيو ٿيندو پر ڪو عملي طرح ڪڙ تيل نه نڪرندو. اُهي ٻه تجويزون هي آهن:

(1) مخالف ڌر کي اسيمبليءَ اندر پنهنجو پنجن ميمبرن تي مشتمل هڪ ”پاليسي گروپ“ ٺاهڻ گهرجي. پاليسي اشوز انتهائي سنجيده ۽ حساس معاملا ٿين ٿا. سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر جي ميمبرن جي گهڻائيءَ جي قابليت پوري ساري آهي، اُهي ڪنهن به اشوءَ تي گوڙ گهمسان ته ڪري سگهن ٿا پر پاليسيءَ جي حوالي سان ڪنهن اشوءَ کي ڪيئن اُٿارجي؟ ان تي ڪهڙو موقف اختيار ڪجي؟ ڪو ٺهراءُ يا تجويز ڪيل قانون آرٽيڪيوليٽ ڪيئن ڪجي؟ اهي سڀ معاملا عام ميمبرن جي تجربي ۽ قابليت جي سطح کان مٿي جا معاملا آهن. هر اشوءَ تي اسيمبليءَ ۾ رڳو گوڙ ڪري ۽ رڙيون ڪرڻ سان ڪو مقصد حاصل نه ٿيندو. ان لاءِ گهربل قابليت ۽ تياري گهرجي. هر سنجيده اشوءَ تي ڪنهن به تياريءَ ۽ رٿابنديءَ کان سواءِ رڳو گوڙ ڪرڻ سان ڪم ته ”مٿين“ جو ٿيندو، جو ان سان اشوز جي سنجيدگي هلي ويندي. ان ڪري بيحد ضروري آهي ته مخالف ڌر اسيمبليءَ ۾ پنجن ميمبرن تي مشتمل هڪ ”پاليسي گروپ“ تشڪيل ڏي، جيڪو اشوز تي گهربل هوم ورڪ به ڪري ۽ اسيمبليءَ ۾ ٺهراءُ، موشن يا قانون تجويز ڪرڻ لاءِ صرف اهو ئي مجاز آهي. ٻيا ميمبر ان پراسيس مان سکن ۽ سهڪار لاءِ هجن يا رڳو پنهنجن تڪن جا مسئلا پيش ڪن، وڏا ۽ حساس معاملا کڻڻ هر ميمبر جو ڪم نه هئڻ گهرجي. سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخالف ڌر طرفان وڏن پاليسي اشوز کڻڻ يا ڊيل ڪرڻ صرف ان ”پاليسي گروپ“ جو استحقاق هئڻ گهرجي.

(2) مخالف ڌر کي گهرجي ته اسيمبليءَ اندر جيڪو اعليٰ سطحي پاليسي گروپ ٺاهي، ان سان سنڌ جي چونڊ ماهرن ۽ دانشورن جي پاليسي اشوز تي مشاورت جو بندوبست ڪري. سڄيءَ دنيا ۾ سياسي پارٽيون نه رڳو پارٽين اندر پنهنجا پاليسي گروپ ۽ ماهرن جا اسٽرڪچر ٺاهينديون آهن پر سماج جي ٿنڪ ٽينڪس سان به لهه وچڙ ۾ هونديون آهن. انهن جي مختلف شعبن ۾ مهارت مان ڀرپور فائدو وٺنديون آهن ۽ پاليسيون انهن جي صلاح سان ترتيب ڏينديون آهن پر اسان وٽ اڃا اهو ڪلچر اُسري نه سگهيو آهي. اهو صحيح آهي ته سنڌ ۾ ڪي گهڻا ٿنڪ ٽينڪس ڪونهن پر ايئن سُڄ به ڪونهي. معيشت، زراعت، سماجيات، تعليم، قانون، ڊولپمينٽ، سماجي ترقي، سياست ۽ مختلف شعبن ۾ اسان وٽ سُٺا ماهر آهن. جن کي پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ تجربو ۽ مهارت آهي پر انهن کي اڄ تائين پاليسي سازيءَ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي. ضرورت آهي ته پ پ پ جيڪو

اسيمبليءَ اندر پاليسي گروپ ناهي، ان سان انهن ماهرن جي مشاورت جو ڪو مستقل بندوست هجي ته جيئن اسيمبليءَ ۾ جيڪي اشوز اُٿن، انهن تي انگ اکرن سان گهربل هوم ورڪ ٿيل هجي. مون اهڙي تجويز بينظير ڀٽو کي به موڪلي آهي.

سوال آهي ته پ پ پ ماضيءَ توڙي حال جي غلطين کان سکي، هيترا نقصان کٽي هاڻي ڪو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي يا نه؟ ماضي ته ٿهيو پر هن دفعي پ پ پ چونڊن کان اڳ توڙي پوءِ جيڪو واڻڙو ڪردار ادا ڪيو ان سنڌ جي ماڻهن کي بيحد مايوس ڪيو آهي. ان جا نتيجا رڳو سنڌ لاءِ نه پر پ پ پ لاءِ به خراب سامهون آيا آهن. جي اڃا به ان اک نه پٽي ته پوءِ سياڻي سنڌن ڇا صورتحال هوندي، ان جو تصور ڪرڻ گهڻو ڏکيو نه آهي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 16 فيبروري 2003ع

# سنڌ ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ڀوڳي رهي آهي؟

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ هاڻي چونڊن ۽ ان جي نتيجن جو چوٻول ٿڌو ٿي چڪو آهي پر جيئن تہ ان جا ڏينهن جي تارن جهڙا ”نتيجا“ سنڌ ۽ ان جي نڌڻڪي ۽ بي آواز عوام کي اجا ڀوڳڻا آهن. ان ڪري سنڌي توڻي اڻ سنڌيءَ ريت انهن کان لاتعلق رهي نٿو سگهجي. سنڌ کي جيڪڏهن غير چونڊيل ۽ آپيشاهي حڪومتن ۾ وڌيڪ هاڃا رسندا آهن تہ ان کي فائدو چونڊيل حڪومتن ۾ بہ نہ ٿيندو آهي پر هن دفعي جنهن انداز سان ۽ جنهن ”ماحول“ ۾ چونڊون ڪرايون ويون، جنهن انداز سان ان جا نتيجا سامهون آندا ويا ۽ پوءِ ان بنياد تي جنهن ”رٿابنديءَ“ سان سنڌ ۾ ”حڪومت“ جوڙي وئي آهي، ان مان سنڌ سان ”ڪاري ڏاند“ جي مالڪن جي روش ۽ سوچ بہ پروڙي سگهجي ٿي تہ ساڳئي وقت سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ ايندڙ ڏکين ڏينهن جو بہ تصور ڪري سگهجي ٿو.

هن ملڪ ۾ چونڊون تہ هونئن بہ هاڻي پنهنجو ويساهہ ۽ وقار وڃائي چڪيون آهن ۽ عام ماڻهن کي چونڊن مان هونئن بہ ڪا اُميد نہ هوندي آهي پر هن دفعي تہ چونڊن ۾ سنڌ سان جيڪا روش اختيار ڪئي وئي، ان ۾ تہ ڏاڍائي بہ فضيلت سان نہ ڪئي وئي آهي. مان تہ ذاتي طور ان راءِ جو آهيان تہ سنڌ کي اجا تائين 1983ع جي تحريڪ جي سزا پئي ملي. شهرن ۾ دهشتگردي ۽ ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جا بي لغام ڪٽڪ پيدا ڪرڻ تہ ان جو سڌو جواب هو پر اسٽيبلشمينٽ ان جو سيني کان حساس ۽ خطرناڪ جواب سنڌ کي سياسي ميدان ۾ ڏنو. 1983ع ۾ سنڌ جي عوام اسٽيبلشمينٽ جي نمائندگي ڪندڙ وڏيرن، سردارن، پيرن ۽ جاگيردارن کي پوئتي اُڇلائي، سنڌ جي سياسي نمائندگي سڌيءَ ريت ڪئي ۽ دنيا کي اهو نياپو ڏنو تہ

سنڌ پنهنجو سماجي مزاج ۽ سياسي سفر تبديل ڪري رهي آهي. اسٽيبلشمينٽ هيستائين رڳو گهٽي پاڳي پنهنجي ئي اشاري تي هلندڙ "سورمن" جا ناٽڪي نعرا ٻڌا هئا پر جڏهن ان عوام جي اکين ۾ واقعي اها ڪاوڙ ۽ نفرت ڏٺي، جيڪا قومن جا مزاج ۽ ڪردار تبديل ڪري ڇڏيندي آهي ته ان کي بيحد سنجيدگيءَ سان ورتو ويو. سنڌ ۽ سنڌ جو عوام اڄ تائين خاص طور ان جي ئي سزا ڀوڳي رهيا آهن. سنڌ جي تاريخي طور مرندڙ ۽ زوال ڏانهن ويندڙ وڏيرڪي ۽ جاگيردار طبقي جي رڳن ۾ نئون سماجي، معاشي ۽ سياسي رت وجهي ان کي هڪ نئين زندگي ڏيڻ ۽ عوام کي هر لحاظ کان نڌڻڪو ڪري، صديون پوئتي ڌڪڻ، ان ئي رٿابنديءَ ۽ حڪمت عمليءَ جو حصو هو. سنڌ ۾ وڏيرڪي طبقي جو نه رڳو مضبوط هجڻ پر اڇي ڪاري جو مالڪ هجڻ ئي اسٽيبلشمينٽ جي مفاد ۾ آهي. سنڌ جي عوام تي اها تهمت اجائي آهي ته اهو ڪو وڏيرڪي مُدي خارج سرشتي سان گڏ آهي. تاريخي طور سنڌي عوام ان طبقي کي نه رڳو لتاڙي اڳيان نڪري چڪو هو پر ان ڏانهن پوئتي مُڙي نهارڻ لاءِ به تيار نه هو. ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت 1988ع جون چونڊون ۽ سنڌ ۾ ان جا نتيجا هئا. سنڌ جو ڪهڙو نواب، سردار، پير ۽ مير هو جنهن کي ماڻهن، مڊل ڪلاس جي ماڻهن جي مقابلي ۾ تاريخي شڪست نه ڏني هئي؟ يعني 1983ع ۾ ماڻهن کي موقعو مليو ته اُهي وڙهيا ۽ وڏيرن نه پر پنهنجي زور تي وڙهيا. 1988ع ۾ کين موقعو مليو ته هنن وڏيرڪي طبقي کي منهن ڏيڪارڻ جي قابل نه ڇڏيو پر اڄ سنڌ جي ڇا صورتحال آهي؟ سنڌ کي مڪمل طور ان طبقي جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن کي عوام 1988ع ۾ تاريخ جي ڊسٽ بن ۾ ڦِٽو ڪري چڪو هو. سوال آهي ته ڇا اهو سڀ ڪجهه ايئن پاڻ مرادو ٿيو آهي؟ ڇا ان جي پٺيان اعليٰ سطح جي رٿابندي ۽ وڏا ناجائز مفاد نه آهن؟ مثال طور، سنڌ جا شهر آهن، جن ماڻهن نفرت ۽ تعصب جي سياست ڪئي ۽ سياست جي نالي تي پنهنجن مفادن جي بازار گرم ڪئي، جن ماڻهن تي سوين سنگين نوعيت جي ڏوهن جا اڻ ڳڻيا ڪيس داخل آهن، ڇا انهن منجهان اڄ تائين ڪنهن هڪ کي به ان جي سزا ملي؟ ظاهر آهي ته جڏهن فقط ڪنهن هڪ ڏوهه يا قتل جي به ڪنهن کي سزا نه ملندي ۽ اسٽيبلشمينٽ کين پنهنجو دادلو ٻار ڪري هلائيندي ته پوءِ اهي اڇي ڪاري جا مالڪ ڇو ڪونه ٿيندا؟ ڇو ووٽ نه کٽندا؟ ۽ ڇو نه اها سگهه حاصل ڪندا، جيڪا سدائين سنڌ جي سياسي ۽ معاشي ساهه نپوڙڻ لاءِ استعمال ٿي آهي؟ بينظير ۽ نواز شريف واپس نه ٿا اچي سگهن، پر ڊاڪٽر عشرت العباد تان سمورا ڪيس هڪ ڌڪ سان نه رڳو واپس ٿي سگهن ٿا پر صدر ۽ وزيراعظم کان وٺي ويندي سنڌ جي وڏي وزير تائين سڀ ساڻس ملاقاتون به ڪن ٿا ته ان جو سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت

مطلب ڇا؟ ساڳيءَ ريت سنڌ جي عوام سان اسٽيبلشمينٽ جو اهڙو رويو ڇو آهي؟ ۽ سنڌ جا سردار، پير، مير، وڏيرا ۽ جاگيردار ان کي ايڏا پيارا ڇو آهن؟ جو ڪين سنڌ چئي ته سياسي جاگير طور انهن "خدمتن" جي انعام طور ڏني وئي آهي، جيڪي خدمتون اهو طبقو صدين کان پنهنجي پنهنجي هم عصر دؤر جي اسٽيبلشمينٽ کي آڇيندو رهيو آهي؟ جواب سولو آهي. اهو طبقو "نه" ڪرڻ سکيو ئي نه آهي. ان طبقي کي آقائن جي رڳو جُتين ۾ جاءِ ملي، اهو سڀ ڪجهه وڪڻي سگهي ٿو سڀ ڪجهه! وڪڻي سگهي ٿو ڇا؟ ان ته هيستائين سڀ ڪجهه وڪيو آهي. اهو طبقو اسان جي سادن ماڻهن کان دابي ۽ اٽڪلن سان ووٽ وٺندو آهي ۽ پوءِ سياسي بازار ۾ هو نه رڳو ان ووٽ کي وڪڻندو آهي پر چئي ته سنڌ جي مفادن جو به سودو ڪندو آهي ۽ نهايت ئي سستي اگهه تي سودو ڪندو آهي. سنڌ جي ان طبقي جو بس اهو ئي هڪڙو خواب هوندو آهي ته ان جي گاڏيءَ تي اقتدار جو جهنڊو لڳل هجي. پوءِ ان جهنڊي جهولڻ جي عيوض ڪيس ڪيترو هيٺ جهُڪڻو پوي ٿو ان جي پرواهه ڪير ٿو ڪري؟ هو رڳو اقتدار جو جهنڊو چاهي ٿو اختيار ڪيترا هجن ان جي ڪيس ڪابه پرواهه ناهي. سنڌ ۾ حڪومت ۽ وڏ وزارت جو فيصلو لاهور جا چوڌري اچي ڪن ۽ ايوان صدر جي هڪ آفيسر کي اهڙن فيصلن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ موڪليو وڃي ته پوءِ باقي ڇا ٿو بچي؟

مان جڏهن ان طبقي جي ڳالهه ٿو ڪريان ته پ پ پ کي ان کان ڌار نه ٿو سمجهان. پ پ پ به هاڻي اسٽيٽسڪو جي پارٽي آهي. جيڪڏهن اسٽيبلشمينٽ پ پ پ کان خائف رهي آهي يا ان کي ٽوڙڻ لاءِ سڀ وسيلا ڪتب آڻيندي رهي آهي ته ان جو اهو مطلب ڪو ٿورو ئي آهي ته پ پ پ ۾ ڪي شينهن مڙس ويٺا آهن، جن کان اسٽيبلشمينٽ جا لڱ ٿا ڏڪن. مون هڪ دفعي ڪراچيءَ جي هڪ سيمينار ۾ آفتاب شعبان ميراڻي، سيد خورشيد شاهه، اعتزاز احسن ۽ نثار کهڙي سميت پ پ پ جي سڄي ليڊرشپ کي روبرو چيو هو ته اسٽيبلشمينٽ پ پ پ کان هرگز نه ٿي ڊڄي. اها عوام کان ٿي ڊڄي، جنهن جي گهڻائي اڃ محبت ۽ هاڻي مجبوريءَ ۾ پ پ پ سان گڏ رهي آهي. دراصل پ پ سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ کي، پنهنجيءَ حڪمت عمليءَ کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ سڄو ميدان تيار ڪري ڏنو. 1988ع جون چونڊون ۽ ان جا نتيجا سنڌ ۾ هڪ خاموش انقلاب هو جيڪو پ پ پ وڏيءَ فرض شناسيءَ سان وڃائي ڇڏيو. پ پ 1988ع کان پوءِ سنڌ ۾ روشن خيال ۽ محب وطن مڊل ڪلاس کي مٿي آڻي سگهي پئي ۽ وڏيرڪي طبقي جي تاريخي طور ڊهندڙ ديوار کي آخري ڌڪو ڏئي سگهي پئي، پر پ پ ان جي اُبتڙ ڪيو ۽ اڄ اسين ان جا نتيجا ڀوڳي رهيا آهيون. جن ڪارڪنن ۽ اڳواڻن 1983ع

جي تحريڪ ۾ پنهنجو الهہ تلهہ وڃايو ۽ خوشيءَ سان وڃايو اڄ انهن جي اڪثريت ڪٿي آهي؟ انهن مان گھڻا پ پ جي اڳواڻن وارين صفن ۾ موجود آهن؟ اڳواڻن جي صفن ۾ وڃڻ جي تہ ڪابہ ضرورت ناهي پر حالت اها آهي جو اهي ڳالهيون بہ رپورٽ ٿيون تہ ايم آر ڊي جي جيل ڀريو تحريڪ جا ڪجهہ اسير بينظير ڀٽو جي ٻئي حڪومتي دؤر ۾ بہ جيل جون هوائون کائي رهيا هئا!!

ذوالفقار علي ڀُٽي جون هونئن ڀل تہ ڪيتريون بہ ڪمزوريون ۽ غلطيون هجن پر اهو هن جو سچ پچ بہ وڏو ڪارنامو هو تہ هن سياست کي محلن ۽ ڊرائينگ رومن مان ٻاهر ڪڍي سوڙهين گهٽين ۽ عوامي ميدانن ۾ آندو هو پر پ پ پنهنجين پاليسين ۽ روين سان اهي تيز ”ڏنڊين“ کي موٽائي ڏنا ۽ جيڪي چار وڃي بچيا آهن، اهي ڪانئن هاڻي زوريءَ کسجي رهيا آهن. هنن چونڊن جي نتيجن مان ڇا ظاهر ٿيو؟ سنڌ جي ماڻهن کي وري برادرين، سردارن، پيرن ۽ وڏيرن ڏي ڌڪيو ويو. هن دفعي تہ ضلعا ورهايل هئا. ٿر اربابن جو آهي، ٺٽو شيرازين جو آهي، سانگهڙ پير صاحب جي ماڻهن جو آهي، نوشهروفيروز جتوئين جو آهي، گهوٽڪي مهر سردارن جو آهي ۽ کهڙو ضلعو هو جيڪو برادرين ۽ وڏيرن ڏي موٽايو نہ ويو؟ ڇا هيءَ سنڌ جي عوام کي 1988ع جي چونڊن جي نتيجن جي سزا نہ آهي تہ هن اها گستاخي ڪيئن ۽ ڇو ڪئي هئي؟ ڇا اسٽيبلشمينٽ جي ان راند کي ميدان سولو ڪري ڏيڻ ۾ پ پ پ جو ڪردار نہ آهي؟ چونڊن کان پوءِ پ پ پ ڇا ڪيو؟ مرڪز ۾ توڙي سنڌ ۾؟ سنڌ ۾ بہ مهينا گذري ويڻ ۽ اسپيڪر جي چونڊن بعد بہ پ پ پ سنڌ ۾ وڏ وزارت لاءِ پنهنجو اميدوار واضح نہ ڪري سگهي هئي ۽ ٻيو تہ ان سڄيءَ ڊيل ۾ ذاتي مفادن ڪانسواءِ جمهوريت ۽ سنڌ سان لاڳاپيل بنيادي پاليسي اشوز ڪٿي هئا؟ پاڻيءَ جو سوال ڪٿي هو؟ ٿل ڪئنال جي اڏاوت روڪرائڻ لاءِ دٻاءُ ۽ شرط ڪٿي هئا؟ سبب ڇا بہ هجن، پر نتيجو اهو هو جو پ پ هڪ نهايت غير ذميوار پارٽيءَ طور ڊيل ڪيو ۽ نتيجي ۾ پنهنجي توڙي سنڌ لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهي. اهو درست آهي تہ اهو سڄو ڪم اسٽيبلشمينٽ وڏيءَ رٿابنديءَ سان ڪيو پر سوال آهي تہ سنڌن ڪم کي سولو ڪنهن بڻايو؟

هنن چونڊن جي نتيجي ۾ جڏهن سنڌ جو مينڊيٽ ورهائجي ويو آهي تہ اهو ڪنهن وڏيڪ بهتر متبادل ڏانهن وڃڻ بدران اسٽيبلشمينٽ جي وڏيڪ ويجهو ۽ ڳيجهو رهندڙ ننڍين ڌرين وٽ ئي ويو آهي ۽ اهو ئي ”اسلام آباد“ چاهيو ٿي. ڄام صادق جي حڪومت ان ڏس ۾ پهريون ڪامياب تجربو هو يعني سنڌ ۾ اڪثريتي وڏي پارٽيءَ کي پاسيرو ڪري ايم ڪيو ايم ۽ ننڍن گروپن تي مشتمل سنڌ حڪومت. سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ جي ”مفادن“ جي لحاظ کان اهو ڪامياب ترين

ماڊل هو. ان ڪانپوءِ مظفر شاهه، لياقت جتوئي، غوث علي شاهه ان ئي ماڊل جو تسلسل هئا. علي محمد مهر جي وڏ وزارت بہ ساڳيو ئي تسلسل آهي. ارباب يا امتياز شيخ اچن ها تہ بہ ڪو خاص فرق نہ پوي ها. ماڊل ۾ مفاد ساڳيا هجن ها. متحده جيڪا سڄو ڏينهن چوويهہ ڪلاڪ جاگيردارن جون زباني طور ڪڇيون ٻوٽيون پئي ڪائيندي آهي، اها بہ "روحاني سڪون" انهن ئي جاگيردارن ۽ سردارن سان اقتدار ۾ گڏ ويهڻ ۾ محسوس ڪندي آهي. يعني تہ سڀ ٽيڙ بہ ڪٽبا ۾ ڦُرئي واٽئي واريون دانهون بہ ڪبيون، مان ان لاءِ بہ پ پ پ کي گهٽيءَ حد تائين ذميوار سمجهان ٿو ڇو تہ متحده ڪجهہ سيٽون کٽي بہ سينني پاليسين تي اثرانداز ٿئي ٿي، پر پ پ جون وائڙيون پاليسيون ۾ رويا سنڌ جي ماڻهن جي ووٽ جو وزن ئهڻ ئي نٿا ڏين. "جي تون ڏيندين تہ من واهه واهه، جي نہ ڏيندين تہ بہ واهه واهه" جي پاليسي سنڌ جي سياسي ووٽ کي پ پ معرفت بي وزن ڪري ڇڏيو آهي. متحده جي سياست ڪهڙي بہ هجي ۾ ڇا بہ هجي پر هنن وٽ پنهنجن مفادن جا واضح پاليسي اشوز آهن. پ پ وٽ ملڪ توڙي سنڌ جي حوالي سان ڪهڙا ڇتا پاليسي اشوز آهن؟ سياست ۾ عوام ۾ قومي مفادن جا پاليسي اشوز نہ رهن تہ پوءِ اها ڇا وڃي بچندي ۾ ڪنهن جي ڪم جي هوندي؟ حقيقت اها آهي تہ پ پ سنڌ جي عوام کي هن دفعي اڳ کان بہ وڌيڪ مايوس ڪيو آهي.

متحده جيتوڻيڪ وڏ وزارت جي ڪرسي سنڌ جي "عظيم مفادن" ۾ ڇڏي ڏني پر ڪير نٿو ڄاڻي تہ سنڌ ۾ حڪومت جون اصل ۾ مڪمل واڳون ۾ اختيار عملي طور متحده وٽ ئي هوندا. سنڌ ۾ وڏي وزير جي حوالي سان علي قاضيءَ جي هڪ پيش ڪيل آئيڊيا تي وڏو بحث ٿيو هو. سنڌ ۾ وڏي وزير جي چونڊ تي تہ مون علي قاضيءَ کي چيو تہ اسٽيبلشمينٽ توهان کي "شعر" جو جواب "شعر" ۾ ڏنو آهي. توهان سنڌ لاءِ باصلاحيت وڏو وزير گهريو هو. توهان کي هاڻي نہ رڳو "باصلاحيت" پر نوجوان وڏو وزير ڏنو ويو آهي. سنڌ جي وڏي وزير نائن زيرو تي وڃي متحده کي پنهنجي وفاداريءَ جي پڪ ڏياري ۾ سنڌ جي ٿيندڙ گورنر اسلام آباد مان ئي چيو آهي تہ اهو متحده جي قيادت کي مايوس نہ ڪندو. يعني هڪڙي ڳالهہ تہ واضح آهي تہ سنڌ جو وڏو وزير توڙي گورنر سنڌ جي عوام بدران بنيادي طور متحده ڏانهن ذميوار هوندا ۾ متحده ڪنهن ڏانهن ذميوار آهي؟ اهو هاڻي ڪو لڪل سوال نہ آهي. متحده اسٽيبلشمينٽ جي ڪيترو خلاف آهي، ان جو اندازو اهڙن ئي سياسي موقعن تي وڌيڪ ٿيندو آهي. متحده گذريل ٻن سالن کان سنڌ دوستيءَ جون دعوائون ڪندي رهي آهي ۾ ان پاڻ کي سنڌين جي اڳواڻ قومپرست پارٽيءَ طور مڃرائڻ لاءِ بہ وڏيون ڪوششون پئي ڪيون آهن. متحده جي "قومي جذبي" جي

عشق ۾ سنڌ جي ڏسٽن وائسٽن ماڻهن جون هنبوچيون اجا جاري آهن پر هاڻي جڏهن متحده سنڌ ۾ حڪومتي سطح تي گهڻن اختيارن جي مالڪ هوندي، تڏهن انهن دعوائن جي پرک جو وقت هوندو، جيڪي متحده گذريل ٻن سالن کان سنڌ جي عوام آڏو هر سطح تي ڪندي رهي آهي.

اڄ جي سنڌ جو پيش منظر ڇا آهي؟ سنڌ ۾ اڪثريتي پارٽي حڪومت کان ٻاهر، ٻهراڙين ۾ ڌاڙيلن جو راڄ، سياست وڏيرن، پيرن ۽ سردارن حوالي، پ پ جي واڱڙي ليڊرشپ ۽ عوام جي ساهه جي رڳن ۾ سوبن معاشي، سماجي ۽ سياسي ڪوڙڪيون وڌل، ڇا اهو سڀ سنڌي عوام کي 1983ع جي ارڏائيءَ جو جواب ۽ مسلسل ملندڙ سزا نه آهي!؟

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 29 ڊسمبر 2002ع

# سنڌ کي اڪيلائيءَ مان
# ٻاهر ڪيئن ڪڍجي!؟

گذريل ڪيتري عرصي کان سنڌ جي ساڃاهه وندن وٽ اهو موضوع بحث هيٺ رهيو آهي تہ سنڌ ويجهي ماضيءَ کان هر طرح تي ڪُنڊائتي ٿي وئي آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ سنڌ جو آواز ۽ حقيقي اشوز بہ پاسيرا ٿي ويا آهن. اسان وٽ جيئن تہ هر موضوع بابت سنجيده ۽ سائنسي بحث مباحثن جي روايت نهايت ڪمزور آهي، ان ڪري ٻين موضوعن وانگر هيءُ بنهہ حساس ۽ بنيادي موضوع بہ سطحي سوچن ۽ روين جو شڪار ٿيندو رهيو آهي. مان سمجهان ٿو تہ موجوده حالتن ۾ هن سوال جي تمام وڏي ۽ بنيادي اسٽريٽجڪ اهميت آهي ۽ ان سوال کي سمورن شعبن جي حوالي سان قومي سطح تي کڻڻ ۽ محسوس ڪرڻ جي ضرورت آهي. هي اهي اسٽريٽجڪ سوال آهن، جن کي مختلف شعبن جي ليڊرشپ اڳواٽ محسوس ڪندي آهي ۽ وڏي سنجيدگيءَ ۽ رٿابنديءَ سان انهن جا حل ڪڍندي آهي پر بدقسمتيءَ سان سواءِ هڪ اڌ شعبن ۽ ڪجهہ فردن جي مجموعي طور اسان وٽ اها ليڊرشپ اڃا تائين پيدا ٿي نہ سگهي آهي، جيڪا پنهنجي محدود ذهني ۽ سماجي دائرن کان نڪري آئيندي جو ادراڪ رکندي، ڪا ٺوس ۽ قابل عمل رٿابندي ڪري سگهي.

منهنجيءَ نظر ۾ اهو سوال گهڻ ۾ گهڻ هاڻي سنڌ جي حوالي ۽ نسبت سان بحث جوڳو نہ آهي تہ سنڌ ويجهي ماضيءَ ۾ هر سطح تي ۽ هر سطح سان آئسوليٽ ٿي نہ، پر ڪئي وئي آهي. ان ڪري مٿين سطح تي اهو شايد حڪمت عمليءَ جو نہ، پر پاليسيءَ جو معاملو آهي. ان ڪري اسان کي بہ هيءُ سوال قومي طور پاليسي ۽ حڪمت عملي ٻنهي حوالن سان کڻڻو پوندو. ٻيءَ صورت ۾ نہ تہ پنهنجي هانوَ تي

ڇنڊبو هٽڻ واري ڳالهه ٿيندي پر ان جو ڪو عملي ۽ ٺوس شڪل ۾ ڪڙ تيل به نه نڪرندو. سڀ کان اڳ ۾ اچو ته انهن سببن ۽ محرڪن تي ٿورو غور ڪريون، جن هن موجوده صورتحال کي پيدا ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي

(1) سنڌ جي موجوده حالتن کي پيدا ڪرڻ ۾ جيتوڻيڪ اسان جي اڪيچار اندرين سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ تاريخي ڪمزورين جو به عمل دخل آهي، پر مان سمجهان ٿو ته ان ۾ بنيادي هٿ اسٽيبلشمينٽ جو آهي ۽ اهو ڪو محض اتفاق نه آهي. منهنجيءَ نظر ۾ اهو سڄو سيڪڙو مٿين سطح تي پاليسيءَ جو معاملو آهي. اولهه پاڪستان جي بنگلاديش بڻجڻ کان پوءِ اڪيلو سنڌ صوبو هو جنهن ۾ ڪنهن غير معمولي سگهه رکندڙ قومي تحريڪ جا نه رڳو محرڪ موجود هئا/ آهن پر سنڌ جون معروضي حالتون تاريخ کي مجبور ڪري اوڏانهن وٺي وڃن ها. ان ڪري ڏاڪي به ڏاڪي، ان کان پوءِ سنڌ جي امڪاني قومي تحريڪ جا محرڪ ۽ ان لاءِ موجوده حال کي خراب ڪيو ويو. سنڌ جي قومي سياست جي وڏي حصي کي ڪرپٽ ۽ ڪرمنل بڻائي ان کي هڪ اهڙي ڏنڊي ۾ تبديل ڪيو ويو جنهن سنڌ سنڌ ڪندي عملي طرح چوويهه ڪلاڪ سنڌ خلاف پڻ ڪم ڪيو. مان سمجهان ٿو ته اهو به پاليسيءَ جو معاملو هو جو سنڌ ۾ صنعتڪاريءَ کي اڳتي وڌڻ نه ڏنو ويو. مڊل ڪلاس ٺهڻ جا سمورا جائز سماجي ۽ معاشي رستا بند ڪيا ويا. تعليم تباهه ڪئي وئي. سنڌ جا شهر سنڌين کان کسي سنڌ ۾ فطري طور ٿيندڙ اربنائيزيشن کي نه رڳو روڪيو ويو، پر جي اها ٿي ته به سنڌين جي مفادن وٽان نه هئي. اهائي صورتحال ڪارپوريٽ ۽ بزنس سيڪٽر جي رهي. هڪ طرف سنڌ جي تعليم هٿ وٺي هيٺين کان مٿين سطح تائين تباهه ڪئي وئي، نتيجي ۾ سنڌ ۾ جيترو ڪارپوريٽ سيڪٽر وڌيو، اهو سنڌين جي نه رڳو ڪنهن ڪم جو نه رهيو پر سنڌين خلاف استعمال ٿيو. مطلب ته اهي سڀ امڪاني رستا جن ذريعي سنڌ ماڻهو بحيثيت هڪ قوم جي پنهنجي روايتي محدود دائرن کان ٻاهر اچي سگهيو ٿي، اهي شعوري طور بند ڪيا ويا ۽ اهو لازمي طور پاليسيءَ جو معاملو هو جنهن جا نتيجا اسين اڄ ڀوڳي رهيا آهيون.

(2) مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن گذريل ٽن ڏهاڪن جي سنڌي سماج جو ڪنهن به لحاظ کان جائزو وٺبو ته ان ۾ سنڌ ۾ پ پ جي ڪردار کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. يعني ڀنهي حوالن سان پ پ جي جائز Contributions جي حوالي سان به ۽ ان جي تباهه ڪارين جي حوالي سان به.

گذريل ٽن ڏهاڪن کان سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جي اڪثريت جو مينڊيٽ پ پ وٺ رهيو آهي. سوال آهي ته پ پ اهو غير معمولي مينڊيٽ بنيادي طور سنڌ کي

اڳتي آڻڻ، ان جي جائز مفادن جي بچاءَ لاءِ استعمال ڪيو يا سنڌي عوام جي گڏيل سگهه کي جڏهن ۽ مُڏو بڻائي ان جو عملي طرح ڏنگ ڪيڏي ڇڏيو؟ تي ڏهاڪا سنڌي ماڻهو هڪ ڏر پويان اکيون پوري هلندا رهيا ۽ اها ڪين ٿلهو هڪ وچٽري جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند سياسي پارٽيءَ جو ڍانچو بہ ڏئي نہ سگهي. پ پ کي اڄ پيل تہ ووٽ عوام ڏئي پر بنيادي طور اها عوام جي نہ ۽ عوام لاءِ نہ. پر سنڌ جي وڏيرڪي طبقي جي طبقاتي مفادن جي بچاءَ جو هڪ هٿيار آهي. اڄ ملڪ ۾ پ پ تي ڪوبہ اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي، ان ڪري اڄ جڏهن پ پ پاڻ اخلاقي ۽ سياسي سطح تي پنهنجو وزن وڃائي ويٺي آهي تہ ان اڻ سڌيءَ ريت سنڌ جي ماڻهوءَ جو بہ وزن ڪيرائي ڇڏيو اهي. پ پ جي ليبرشپ ڪڏهن بہ هن ملڪ جا بنيادي تضاد سمجهي تہ ڇا پر سمجهڻ جي ڪوشش بہ گوارا نہ ڪئي ۽ ڏاهپ ۽ آئيندي جي ادراڪ جو سندن ليبرشپ سان ڇڙ تہ پري جو بہ واسطو نہ آهي. پ پ سرائيڪين، بلوچن ۽ پٺاڻن سان ڪڏهن بہ نهي هلڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. ان اسٽيبلشمينٽ جي خوشنوديءَ لاءِ سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيو ۽ هن ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ڪنهن سان نهي آهي، جو ساڻن نهي ها. پ پ سنڌ ۾ تہ رڪارڊ جي پورائي خاطر سنڌ جي اشوز تي جزوي اسٽينڊ ورتو پئي، پر ان ڪڏهن بہ پنجاب ۾ ۽ ملڪي سطح تي انهن کي نہ ڪنيو. ان ڪري سنڌي ماڻهن جو ميئڊيٽ جنهن ڏر وٽ تي ڏهاڪا مقيد رهيو. ان جي وائڙي ۽ بي روح سياست بہ سنڌ جي آواز کي ڳنڊائتو ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي.

(3) قومن جي سياسي قيادت جڏهن ڳهربل نتيجا ڏئي نہ سگهندي آهي، تڏهن ان قوم جا دانشور ۽ اديب قوم جا سفير بڻجي ڳهربل تاريخي ڪردار ادا ڪندا آهن. بدقسمتيءَ سان ڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترو فردن کان سواءِ سنڌ مجموعي طور دانشورن ۽ اديبن جي لحاظ کان اهڙا اها جنس ئي پيدا نہ ڪئي آهي، جيڪا سماج يا قومن جي اخلاقي ۽ فڪري اڳواڻيءَ جو ڪم ڪندي آهي. هندستان ۾ هڪڙو ٽيگور سڄي ننڍي کنڊ کي دنيا ۾ مُک ڏارا ۾ وٺي آيو هو ۽ اڄ هڪ ارونڌتي راءِ سڄي ملڪ جي ضمير جو آواز بڻي بيٺي آهي. اسان جي اديبن کي ضياءَ جهڙو آمر اهل قلم ڪانفرنس جي دعوت موڪليندو هو تہ راڄ اديب درزين وٽ واسڪوٽيون سبرائڻ پهچي ويندا هئا. غلام رباني آگري کي ڪهڙن ڪارنامن جي بدلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو "مالڪ" بڻايو ويو آهي؟ اهي ئي ساڳيا ڪارناما آهن، جن عيوض محمد ميان سومرو سينيٽ جو چيئرمين بڻيو ۽ نثار ميمڻ سينيٽر، جيڪي ان ڏيڻ ۾ ڦاسڻ کان بچي ويا، اهي بدقسمتيءَ سان پنهنجو ڪو ڪردار طئي نہ ڪري سگهيا. سنڌ ۾ چڱن ماڻهن جو هڪ وڏو لڏو آهي، جيڪو وري محروميءَ جي

رومانس ۾ ورتل آهي. دنيا تہ ٺهيو پر سنڌي اديب ۽ دانشور ملڪ اندر بہ پنهنجو اهو وزن پيدا نہ ڪري سگهيا جو ڏکين وقتن تي سنڌ جا ڏٽي ٿي بيهن ها تہ ان جو ڪو نوٽيس ورتو وڃي ها. بنگال ۾ سياسي ليڊرسپ پوءِ پيدا ٿي هئي، پهرين اديبن ۽ دانشورن قومن جي اڳواٽي ڪئي هئي. ورهاڱي کان اڳ اولهہ بنگال ۾ بہ ايئن هو. راجا رام موهن راءِ، وويڪانند سوامي ۽ راج اديب، دانشور هئا. جيڪي بنگال تہ ڇا سڄي هندستان جا ڏٽي هئا. سنڌ جو الميو اهو آهي تہ ٺڳ سرگرم آهن ۽ چڱا ماڻهويا بي داغ ماڻهو هوا ۾ لغڙن جيان پيا اُڏامن. جي اڄ سنڌ ۾ ڪي چار وڏا وزندار ۽ بهادر دانشور ۽ اديب پنهنجو ڪو ڪردار اُڀاري چڪا هجن ها ۽ پنهنجي ساک برقرار رکي سگهن ها تہ سنڌ هيئن اڪيلي ۽ ڱُنڊائتي نہ هجي ها. جڏهن محمد ابراهيم جويو ڪنهن ٽئين درجي جي سياستدان جي پويان هلڻ لڳي تہ ان کي الميو نہ چئجي تہ ٻيو ڇا چئجي؟ جويو صاحب جديد سنڌ جا خواب تخليق ڪندڙ دانشور ۽ سڄي سنڌ جو فڪري استاد آهي، هن کي تہ پنهنجي دؤر جو ڏٽي ٿيڻ گهرجي. مُدي خارج ليڊرسپ جي پويان هلڻ سان سگهہ ڪنهن کي ملندي؟ مان سمجهان ٿو تہ اڄ سنڌ ان ڪري بہ پسمنظر ۾ هلي وئي آهي جو سنڌي دانشورن ۽ اديبن جو ڪو اثرائتو ۽ غير معمولي ڪردار ڪونهي.

هاڻي اچو تہ ٿورو انهن پاسن تي بہ غور ڪريون، جيڪي امڪاني طرح اسان کي هن اڪيلائيءَ واري حالت مان ڪڍڻ لاءِ محرڪ طور ڪم اچي سگهن ٿا.

(1) مان سمجهان ٿو تہ ٽين دنيا ۾ اسان جهڙين قومن جو ڇوٽڪارو غير معمولي مزاحمتي عوامي/ قومي تحريڪن کان سواءِ ممڪن نہ آهي. ان ڪري سنڌ جي عوام جي سياسي سگهہ کي ڪنهن وڏي مزاحمتي تحريڪ ۽ تنظيم جي شڪل ڏيڻ کان سواءِ اسان وٽ ٻي ڪا واٽ نہ آهي. پ پ پنهنجو اهو اوج ماڻي چڪي، هاڻي سندس اهو اڳوڻو دؤر وري موٽندي نظر نہ ٿو اچي. اسٽيبلشمينٽ جي پوري پوري ڪوشش آهي تہ اهو خال سنڌ ۾ يا تہ سندس فرمانبردار وڏيرا خاندان پرين يا سندن اشارن تي قومي سياست جو ناٽڪ رچائيندڙ ڏريون. مان سمجهان ٿو تہ اها سنڌ لاءِ وڏي بدترين ۽ تباهيءَ جي واٽ هوندي. اهي ٻئي طريقا سنڌ جي عوام جي بي پناهہ سگهہ کي سندس ئي مفادن جي خلاف استعمال ڪرڻ جي مترادف آهن. سنڌ جي عوام جي سگهہ نہ مُدي خارج ۽ اسٽيبلشمينٽ جي فرمانبردار وڏيرڪن خاندانن وٽ وڃڻ گهرجي ۽ نہ ڏوهارين وٽ. تاريخي طور اها سگهہ سنڌ جي مفادن لاءِ ڪنهن حقيقي مزاحمتي تحريڪ ڏانهن وڃڻ گهرجي. جيڪا اڳتي هلي ڪنهن وڏي منظم پارٽيءَ جي بنياد جو ڪم ڏيندي. بهرحال اها ڳالهہ طئي آهي تہ ڪنهن وڏي سياسي جدوجهد کانسواءِ سنڌ اڪيلائيءَ مان نڪري نہ

سگهندي. سنڌ جي اشوز کي هينئر شعوري طور غير اهم مسئلن Non Issues هينئان دٻايو ويو آهي. سنڌ جا حقيقي اشوز پس منظر ۾ ويندا تہ يقيني طور سنڌ جا مفاد بہ پس منظر ۾ ويندا.

نہ رڳو سنڌ جا اشوز پس منظر ۾ نہ وڃڻ گهرجن پر انهن کي سنڌي ماڻهن جي هٿ ۾ رهڻ گهرجي. چاڪاڻ تہ هڪ عرصي کان اها بہ حڪمت عملي عمل هيٺ آهي تہ ناٽڪ ڪري سنڌ جي اشوز جي نمائندگي سنڌين کان کسي وڃي. اهو تمام حساس اسٽريٽجڪ معاملو آهي.

(2) هڪ طرف جيڪڏهن هن ملڪ اندر پاليسيءَ طور سنڌين لاءِ اڳتي وڌڻ جا رستا روڪيا ويا آهن تہ ٻئي طرف اهو ڏسڻ گهرجي تہ دنيا تيزيءَ سان وڏيڪ Open ٿي رهي اهي. ان اسپيس جو ڀرپور فائدو وٺڻ لاءِ اسان کي رٿابندي ڪرڻي پوندي. مثال طور رڳو سنڌي ميڊيا ان جو فائدو ورتو آهي تہ ان جا نتيجا اسان جي سامهون آهن. هڪڙي ڳالهہ ويجهي مستقبل تائين تہ چٽي آهي تہ دنيا ۾ رياستن جو ڪردار ڏينهون ڏينهن گهٽبو ۽ سماج ۾ مارڪيٽ جو ڪردار وڌيڪ اُڀرندو. مان ان کي ٽين دنيا جي مخصوص حالتن جي تناظر ۾ هڪ ترقي پسند ڳالهہ سمجهان ٿو. اسان کي هڪ قوم جي حيثيت ۾ ان ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪرڻي پوندي. اسان کي مختلف شعبن ۾ ادارا ناهڻا پوندا. پر اسان ادارا ناهڻ بجاءِ ڦٽائڻ جا ماهر آهيون. رڳو سنڌي ماڻهن هڪ ادارو زيبسٽ (Zabist) ناهيو آهي تہ ان جا نتيجا ڏسي سگهجن ٿا. ادارن ناهڻ ۽ هلائڻ لاءِ اسان کي نهايت قابل ۽ پروفيشنل ماڻهن جي ضرورت آهي. جيڪي اسان جا روايتي ادارا پيدا ڪرڻ جي قابل نہ آهن. اسان جي سياسي دانشورن، اديبن، صحافين ۽ مختلف شعبن جي پروفيشنل ماڻهن کي روايتي رويا ۽ سوچون ترڪ ڪري جديد ۽ تخليقي سوچ سان اڳتي اچڻو پوندو. اسان وٽ گهڻا دانشور، سياستدان، صحافي، ليکڪ ۽ ٽيڪنوڪريٽ اهڙا آهن. جن کي بين الاقوامي فورمس تہ ٺهيو پر رڳو ملڪي سطح جي وڏن فورمن تي اعتماد سان بيهاري سگهجي؟ رڳو دانهن سان ڪجهہ نہ ورندو. ان لاءِ گهربل ماڻهو پيدا ڪرڻا پوندا. انهن کي اڳتي آڻڻو پوندو. پر اسان وٽ هڪ تہ ماڻهو آهن گهٽ ۽ جي آهن تہ هر ڪنهن جو ٻئي جي پاڇي ۾ هٿ آهي. ان ڪري اسان کي في الحال انڌا منڊا ئي صحيح پر ادارا ناهڻا پوندا. هر فورم ۾ وڃڻو پوندو. سنڌ جي آواز کي اثرائتي انداز سان اڳتي آڻڻو پوندو. رڳو سنڌي اخبارن ۾ فضول بحث ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کي متاثر ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو. گذريل ڪجهہ ڏهاڪن کان جيڪي چند سنڌي ماڻهو مختلف شعبن ۾ پيدا ٿيا. انهن پنهنجي پويان ٻيا گهڻا ماڻهو پيدا ڪيا؟ اسين ثقافتي طور تي تہ قوم آهيون پر شايد سياسي ۽ سماجي

معنيٰ ۾ قوم ٻڌجڻ ۽ ان جي عملي اظهار ڪرڻ لاءِ اسان ڪي اڃا وقت گهرجي ۽ اهو سڀ تڏهن ممڪن آهي جڏهن سنڌي ماڻهو شهري سماج ڏانهن وڌندو ۽ جديد ترقي پسند سماجي رويا اختيار ڪندو.

مان سمجهان ٿو ته سنڌ جيڪڏهن وڏيڪ ڪجھ عرصو ايئن اڪيلائيءَ جو شڪار رهي ته سنڌ جي قومي مورال کي هاڃو رسائيندي. سنڌ کي جن روايتي دائرن ۾ مقيد ڪري ان کي ڳنڍاڻتو ڪيو ويو آهي، مان سمجهان ٿو ته غير روايتي انداز سان سنڌ کي ان مان مڪمل طور ڪڍي سگهجي ٿو ۽ ڪيئن گهرجي. اڃو ته اسان مان هر هڪ سوچي ته اسين ان ۾ ڪيئن ۽ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهون ٿا؟

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 11 مئي 2003ع

# ڇا سنڌ ڪنهن اُٿل پٿل
# جي موڙ ۾ آهي؟

گذريل ڇڳي وقت کان سنڌ سياسي طور غير يقينيت، مونجهه ۽ ماتار جو شڪار رهي آهي. هڪ ته جڏهن به پ پ جي حڪومت (جنهن کي چونڊائڻ ۾ سنڌ جو بنيادي ڪردار هوندو آهي) کي الزامن جي طويل فهرست هٿ ۾ ڏئي روانو ڪيو ويندو آهي، تڏهن سنڌي ماڻهن مٿان ڇڳي وقت تائين جڻ ته هڪ صدمي جي ڪيفيت طاري هوندي آهي. ان ڪري جو شايد بينظير ڀٽو سان عوام جي اُنسيت سبب سنڌي ماڻهو محترمه جي اقتدار ۾ رهڻ ڪري جڻ ته ذهين طور پاڻ کي محفوظ ۽ مالڪيءَ وارو سمجهندو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي ته اها به اسان جي عوام جي ذهني خود فريبي، سادگي ۽ پورڙائپ ئي چئبي، پر بهرحال آهي اها حقيقت. سو سنڌي ماڻهو اڃا ان صدمي جي ڪيفيت ۾ ئي هو جو نين چونڊن جي نتيجي ۾ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم ۽ ننڍن گروپن جي اهڙي حڪومت اچي وئي، جنهن زندگيءَ جي هر شعبي ۾ سنڌين کي پوئتي رکڻ ۽ هڪ مخصوص گروهه کي "سڀ ڪجهه" ڏيڻ ۾ وسان نه گهٽايو آهي. ٻئي طرف مرڪز ۾ مسلم ليگ جي حڪومت اچڻ شرط هزارين سنڌي نوجوانن کي بيروزگار ڪري ڪين ويتر مايوس ۽ بدظن ڪيو ويو آهي.

سنڌي ماڻهن ويجهي عرصي ۾ اهڙي مثالي نڌڪائي اڳ نه ڏٺي هئي، ٻئي طرف مخالف ڌر يعني پ پ ماڻهن کي مايوسيءَ مان ڪڍڻ ۽ سندن ترجمانيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ڪڏهن به سنجيدگي نه ڏيکاري. اهي قومي سياست ڪندڙ ننڍيون پارٽيون ۽ گروهه جن جو اسيمبلين ۾ ڪو ماڻهو يا ڪردار ناهي، انهن جي ڳالهه کي ڪو گهڻو وزن نه ٿو ڏنو وڃي. ٿوري عرصي ۾ تمام گهڻي مهانگائيءَ جي

وڌڻ ۽ ٻئي پاسي روزگار ۽ آمدنيءَ جي وسيلن جي نه هجڻ ۽ مٿي ذڪر ڪيل انهن سمورين ڳالهين گڏجي سنڌي ماڻهن تي نڌڻڪائي، مايوسي، بدظني ۽ مانار جي ڪيفيت طاري ڪري ڇڏي. ٻئي پاسي وري اهو به ٿيو جو پنجابي، بلوچن ۽ اردو ڳالهائيندڙ ماڻهن جي نمائنده ڌرين طرفان سنڌين کان شعوري طور پري رهڻ ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ويجهو رهڻ جي رويي ۽ پاليسيءَ سبب سنڌي ماڻهو سياسي طور به ملڪ ۾ جڻ ته اڪيلو ۽ ويڳاڻو ٿي ويو پر خبر ناهي ته ميان نوازشريف جي من ۾ ڇا آيو جو هن هڪدم هٽي ڪالاباغ ڊيم جي تعمير جو اعلان ڪري وڌو ۽ عام طرح سڄي ملڪ جي پر خاص طور سنڌ جي صورتحال رات وچ ۾ تبديل ٿي وئي آهي.

ملڪي سطح تي پنجابي ۽ بلوچن سنڌين ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو آهي ته سنڌ ۾ به عجيب ماحول جُڙي رهيو آهي. عجيب ان معنيٰ ۾ جو گذريل چند ڏينهن ۾ سياسي طور وڏا چال آيا آهن. پ پ ان اشو تي قومپرستن سان ويهڻ لاءِ تيار ٿي وئي آهي ۽ ايم ڪيو ايم ڊيم خلاف بظاهر Stand ورتو آهي. ان سموريءَ صورتحال ۾ سنڌي عوام جيڪو جڻ ته مايوسيءَ ۽ مانار جي حالت ۾ هو ان به ڪالاباغ ڊيم خلاف زبردست ٻڌيءَ ۽ رِدعمل جو اظهار ڪيو آهي. عرصي کان پوءِ سنڌ ۾ شهرن توڙي ٻهراڙين ۽ ننڍن شهرن ۾ ساڳئي اشو تي ساڳئي وقت تي سنڌين توڙي اردو ڳالهائيندڙن گڏجي ڊيم جي مخالفت ڪئي آهي. جي سنڌ ۾ اها روايت پئي ۽ ان جتاءُ به ڪيو ته ان جا سياسي نتيجا سُٺا نڪرندا. مطلب ته جيڪا سنڌ ملڪي سطح تي ويڳاڻپ جو شڪار هئي، اها ان ويڳاڻپ مان نڪتي آهي ته اندروني طور سنڌ ۾ وري ڪنهن سياسي تحرڪ ۽ اُٿل پٿل جو ماحول جُڙي رهيو آهي. شايد سنڌ جي عوام جي وڏي عرصي کان گڏ ٿيل ڪاوڙ ۽ بيچيني هاڻي ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار آهي. شرط وري به اهو آهي ته ان کي سياي طور ڪيئن ٿو مينيج ڪيو وڃي؟ يعني ٻين لفظن ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف پيش ٿيل ٺهراءُ جي رٿ کي رد ڪري ڊيم جي حمايت ڪئي آهي. جنهن اشوءَ تي سنڌ جي عوام ۾ سئو سيڪڙو اتفاق هجي ۽ اهو فقط ڪو رسمي سياسي اشو نه پر سنڌ جي زندگيءَ ۽ موت جو سوال هجي، ان تي پ پ کان سواءِ اسيمبليءَ ۾ موجود ٻين سمورين ڌرين طرفان عوامي مفادن ۽ راءِ جي اُبتڙ اهڙي ڪردار ادا ڪرڻ کان پوءِ حقيقت ته اها آهي ته موجوده حڪومت توڙي اسيمبلي سنڌ جي ترجمانيءَ جو حق ۽ سياسي Rationale (اُصولي بنياد/ جواز) قطعي طور وڃائي چڪي آهي. جمهوريت جو اهو قطعي مطلب ناهي ته ڪا حڪومت عوام جي ووٽن تي چونڊجڻ کان پوءِ ان جي مجاز آهي ته اها ان جي مفادن ۽ راءِ جي اُبتڙ فيصلا ڪندي رهي. اها عجيب و غريب ”جمهوريت“ هتي جي

جمهوريت دشمن حڪمران طبقي جي تخليق ڪيل آهي، جنهن جو عوامي راڄ جي حقيقي تصور جي روح سان ڪو جزوي تعلق بہ ناهي. سنڌ جي انيڪ اپاڳن مان هڪ اهو بہ آهي تہ جنهن سنڌ اسيمبليءَ کي سنڌ جي عوام جي جذبن جي ترجمان ۽ مفادن جي نگهبان هئڻ گهرجي، اها زمانن کان اهڙن ماڻهن وٽ يرغمال رهي آهي جن کي نہ پنهنجن پيشيوراڻن فرضن جو احساس آهي ۽ نہ عوام جي مفادن جو لحاظ. اهو ئي سبب آهي جو جيڪي اسيمبليون ۽ ادارا قومن جون زبانون، اکيون ۽ ڪنَ هوندا آهن، اهي زمانن کان مصلحتن ۽ ناجائز مفادن جي چور نگاهن وٽ مقيد آهن. هڪ طرف سنڌ کي ملڪ جي قيام جي پهرئين ڏينهن کان وٺي حقيقي معنيٰ ۾ خودمختياري نہ ملي سگهي آهي تہ ٻئي طرف اسان جي اسيمبلي ميمبرن جو اهو محدود ڪردار بہ ان وقت مسخ ۽ مجروح ٿي ٿو وڃي، جڏهن سنڌ اسيمبلي سنڌ جي عوام جي جذبن ۽ مفادن جي ترجماني ڪرڻ بدران اسلام آباد جي ڳيجهو ٿيڻ کي ترجيح ڏئي ٿي. ان ڪري جڏهن بہ سنڌ جي هن بدنصيب دؤر جي تاريخ لکي ويجي تہ ان ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبرن جي اهڙي ڪردار کي ضرور سامهون رکيو ويجي. اها ئي سنڌ اسيمبلي هئي، جنهن ۾ ون يونٽ جي قيام جي حق ۾ ٺهراءُ بحال ڪيو ويو هو ۽ اها ساڳي اسيمبلي آهي جنهن ۾ ان جي ڪثريت ڪالاباغ ڊيم خلاف پ پ پ طرفان پيش ٿيل ٺهراءُ جي رٿ رد ڪري ڇڏڻ تہ ڊيم جي حمايت جو واضح اعلان ڪيو ويو آهي. يعني زمانا گذري ويا پر سنڌ اسيمبليءَ جو اهو ”ڪردار“ نہ بدليو. سبب اهو ئي آهي تہ سنڌ جي سياست ۽ اسيمبلي جنهن طبقي وٽ يرغمال بڻيل آهي، ان جي خمير ۾ شايد وطن دوستيءَ جو عنصر اٽي ۾ لوڻ جيترو بہ نہ آهي.

سنڌ جي موجوده سياسي منظرنامي جي حوالي سان ڪجهہ ڳالهين تي غور ڪرڻ ضروري آهي.

(1) سياسي حوالي سان مختلف اقليتي گروپن تي مشتمل، سنڌ جي موجوده حڪومت سنڌ جي ماڻهن کي قطعي طور مايوس ڪيو آهي. ٻين سمورين ڳالهين ۽ تحفظات سان گڏ تازو خاص طور تي ڪالاباغ ڊيم جي حوالي سان سنڌ حڪومت جي ادا ڪيل ڪردار عملي طور سرڪار تان ماڻهن جو ويساهہ کڻائي ڇڏيو آهي. موجوده حڪومت جون واڳون سنڌ ۾ قومپرستيءَ جي حوالي سان وڏي قدآور ڪردار طور مشهور جهوني سياستدان عبدالحميد خان جتوئيءَ جي ”پڙهيي لکيي“ فرزند وٽ آهن. سندس ڪابينا ۾ شهيد فاضل راهو جهڙي سنڌ جي املهہ انسان جو پُٽ اسماعيل راهو بہ ويٺل آهي. جناب جي. ايم. سيد جو پوٽو ۽ پارلياماني سياست جي حوالي سان (شايد) سندس سياسي جانشين جلال محمود شاهہ حڪومت جو

اتحادي ۾ ڊپٽي اسپيڪر آهي. پاڻ کي ”ڏهيسر“ سڏائيندڙ جناب ممتاز علي ڀُٽي جو فرزند امير بخش ڀٽو بہ حڪومت جو اتحادي ۽ حمايتي آهي. هي سڀ اهي ماڻهو آهن جن سدائين قومپرستيءَ جي حوالي سان وڏا وڏا نعرا هنيا آهن، پر انهن جو اسيمبليءَ ۾ موجوده ڪردار عوام کي مايوس ۽ بدظن نہ ڪندو تہ ٻيو ڇا ڪندو؟ ان سياست تہ مورڳو ماڻهن جو اهڙي ”قومپرستي“ تان ارواح کٽائي ڇڏيو آهي. جي سنڌ جي وڏي وزير لياقت علي جتوئيءَ کي هر حال ۾ اقتدار ئي بچائڻو هو تہ ان جو ٻيو امڪاني رستو بہ هو. جيڪڏهن سنڌ جو وڏو وزير سنڌ جي عوام جي جذبن جي ترجماني ڪندي اسيمبليءَ ۾ پاڻ ڊيم خلاف ٺهراءُ پيش ڪري پاس ڪرائي ها ۽ واضح موقف اختيار ڪري فلور تي بيهي مرڪز وٽ سنڌ جي عوام جي جذبن جي ترجماني ڪري ها تہ مان نہ ٿو سمجهان تہ موجوده صورتحال ۾ وفاقي حڪومت کيس هٽائڻ جو ساهس ساري سگهي ها. پاڻ سندس سياسي قد ۾ وزن گهٽو وڌي ها. ان طريقي سان سندس حڪومت تہ بچي وڃي ها پر شايد سنڌ جو وڏو وزير وفاق جي اها ”خوشنودي“ وڃائي ويهي هائي، جنهن لاءِ سنڌ جو وڏيرڪو طبقو پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري سگهي ٿو. سنڌ حڪومت جي موجوده ڪردار هڪ ٻيءَ ڳالهہ کي بہ واضح ڪيو آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ ۾ بہ حڪومتون اهڙيون آيون، جيڪي سياسي حوالي سان اقليتي گروپن تي مشتمل هيون، يعني ڄام/ مظفر شاهہ حڪومت ۽ موجوده لياقت جتوئيءَ جي حڪومت. سنڌ جي عوام ۾ اهو احساس پيدا ٿي ويو آهي تہ جڏهن جڏهن سنڌ ۾ اقليتي گروپن تي مشتمل ”جڳاڙي“ حڪومتون اچن ٿيون، تڏهن جڻ تہ سنڌ جي مفادن تي واڪ اوور ڏنو وڃي ٿو.

(2) موجوده وقت ۾ سنڌ ۾ اُڀري آيل هڪ اهم ڳالهہ پ پ جو سنڌ ۾ سرگرم ڪردار ۽ سندس روين ۾ جزوي تبديلي بہ آهي. هڪ طرف پ پ سنڌ ۾ خاص طور تي ڪالاباغ ڊيم تي واضح مؤقف وٺي سرگرم ڪردار ادا ڪري رهي آهي تہ ٻئي طرف ان جي سياسي روين ۾ بہ فرق ۽ بهتر تبديلي محسوس ڪئي پئي وڃي. مثال طور اها ٻين تنظيمن سان سهڪاري رويا رکيو پئي اچي. جيتوڻيڪ ان ۾ پ پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙي جون ذاتي ڪوششون ۽ ڪردار وڏيڪ آهي پر جي پارٽيءَ جي حوالي سان اهي روايتون ۽ رويا برقرار رکيا ويا تہ اها سنڌ جي سياست لاءِ هڪ مثبت ۽ اتساهيندڙ ڳالهہ هوندي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ پ پ کي ڊيم خلاف اها سرگرمي صرف سنڌ ۾ ئي نہ پر ملڪي ۽ عالمي ليول تي بہ ڏيکارڻ گهرجي، جو پ پ پ فقط سنڌ سطح جي نہ پر ملڪي سطح جي بين الاقوامي طور اثر رکندڙ پارٽي رهي آهي.

(3) سنڌ اسيمبليءَ ۾ حڪومت ۽ سندس اتحادين پاران ڊيم خلاف پيش ٿيل ٺهراءُ جي رد رد ٿيڻ ڪانپوءِ متحدهجي ڪردار ۽ پاليسين بابت هڪ دفعو وري سوال اُٿيا آهن. تازو جڏهن متحده ۽ جسقم وچ ۾ بظاهر ظاهر ڪيل ٽن نقطن تي اتحاد ٿيو هو تہ متحده ۽ جسقم جي سياست بابت سمورن تحفظات باوجود ان ڳالهہ کي سياسي توڙي عوامي سطح تي هڪ حد تائين پسند ڪيو ويو هو. جيتوڻيڪ ان اتحاد بابت ڪيترا سوال تشنہ هئا ۽ آهن, پر ان باوجود ان تبديليءَ کي سنڌ جي سياست لاءِ سُٺو سنوڻ تصور ڪيو ويو. سومر تي سنڌ اسيمبليءَ ۾ ڪالاباغ ڊيم خلاف پيش ٿيل ٺهراءُ جي رٿ کي رد ڪرائڻ ۾ متحده بہ ڪردار ادا ڪيو ۽ ظاهر آهي تہ ڊيم جي حق ۾ ووٽ ڪيو. جڏهن تہ جسقم سان سندس اتحاد جي نقطن ۾ اهو نقطو بہ شامل آهي تہ متحده هن اشو تي سنڌ جي مفادن جي ترجماني ڪندي ان جي مخالفت ڪندي. سومر ڏينهن ان جي اُبتڙ ٿيو. جنهن ان اتحاد کي اُٿندي ئي بي معنيٰ ثابت ڪري ڇڏيو آهي. اُصولي طور سندس اتحادي تنظيم جسقم کي ان ڏس ۾ واضح اسٽينڊ وٺي متحده کان پڇا ڪرڻ گهرجي ۽ سنڌ جي عوام آڏو پنهنجو مؤقف پڌرو ڪرڻ گهرجي. خود سنڌ اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر ۽ قومپرست سمجهئي ويندڙ جلال محمود شاهہ جي حوالي سان بہ ڪجهہ سوال اُٿي رهيا آهن. موجوده حڪومت جي پهرئين ڏينهن کان وٺي سيد جلال محمود شاهہ جو چوڻ تہ پنهنجو هڪ گروپ رهيو آهي, جيڪو حڪومت سان گڏ بہ وينو آهي ۽ ان سان ڪڏهن ڪڏهن رڪارڊ جي پورائيءَ خاطر اُلجهي بہ پوندو آهي, پر سومر تي اجلاس ۾ سندس ”گروپ“ جي ڪنهن بہ ميمبر ڊيم خلاف ووٽ نہ ڏنو. ٻي ڳالهہ تہ جيڪا حڪومت ڪالاباغ ڊيم جهڙي اسوءَ تي سنڌ جي عوام جي ترجمانيءَ بدران اسلام آباد جي ”نوڪري“ کي ترجيح ڏئي ٿي, اهڙي حڪومت ۾ شامل رهي ڇا هو پاڻ بابت اهو تاثر برقرار رکي سگهندو تہ هو سنڌ جي مفادن تي واضح اسٽينڊ وٺڻ وارو ميمبر ۽ بدستور قومپرست آهي؟

(4) سنڌ جي سياست ۾ هڪ بظاهر ننڍڙي پر حقيقت ۾ وڏي اهميت واري ڳالهہ اها ٿي آهي جو تازو سنڌ ۾ رهندڙ پنجابي آباديءَ جي ڪجهہ همراهن منير رنڌاوا ۽ محمد افضل گجر ۽ ٻين ڪالاباغ ڊيم خلاف ايڪشن ڪاميٽي جوڙي هڪ پريس ڪانفرنس ذريعي پڌرو ڪيو آهي تہ اهي ڪالاباغ ڊيم جي معاملي تي سنڌي عوام سان گڏ آهن ۽ هو ان ڏس ۾ پنهنجو واضح اسٽينڊ وٺڻ لاءِ تيار آهن. منهنجي خيال ۾ سنڌ جي مخصوص سياسي حالتن ۾ اها ڳالهہ پنهنجي اهميت رکي ٿي. سنڌ جي عوام ۽ سجاڻ ماڻهن جي هميشہ کان اها خواهش ۽ گهر رهي آهي تہ سنڌ ۾ مستقل طور آباد آبادين کي سنڌ جي مفادن سان وفادار ۽ واڳيل رهڻ

گهرجي. بدقسمتيءَ سان سنڌ ۾ اهڙن روين جي سدائين کوٽ رهي آهي. سنڌ ۾ آباد پنجابي آباديءَ منجهان جيڪڏهن اهڙا ماڻهو ءِ رويا اُڀرن تہ انهن جي آجيان ٿيڻ گهرجي.

بهرحال لڳي ايئن ٿو تہ ڪالاباغ ڊيم جي اشوءَ نہ رڳو هڪ طرف ملڪي سطح تي حڪمران طبقي کي اڪيلو ءِ اُگهاڙو ڪري ڇڏيو آهي پر ان ساڳئي وقت سنڌ ۾ آباد مستقل رهواسين توڙي سندن ترجمان سياسي ڌرين کي بہ امتحان ۾ وجهي ڇڏيو آهي تہ اهي تاريخ جي صفحن تي پنهنجو ڪهڙو ڪردار ٿيون رڪارڊ ڪرائين.

---

30 جولاءِ 1998ع، روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، سنڌ.

# سنڌين جي سياسي ويڳاڻپ:
# پس منظر ۽ پيش منظر

سنڌي سماج اڄڪلهه هڪ وڏي هيجاني، مضطرب ۽ غير يقينيت جي دؤر منجهان گذري رهيو آهي. اهو هيجان ۽ غير يقينيت ته اُن نهج کي وڃي رسيو آهي، جو اهڙيءَ حالت ۾ سماج يا ته منظر تي نوان جنم وٺندا آهن يا ته بنهه مايوس ۽ ذهني توڙي سماجي ۽ سياسي انتشار ۽ انارڪيءَ (نراجيت) جو شڪار ٿي، وڃي پستيءَ جي اونهاين ۽ پاتال ۾ ڪرندا آهن. اڄڪلهه اسان به هڪ اهڙي بحراني دؤر منجهان گذري رهيا آهيون. ان صورتحال جي پيش منظر تي ڳالهائڻ کان اڳ بهتر آهي ته مختصر طور اُن جي پس منظر تي نظر وجهجي.

ورهاڱي کان پوءِ سنڌ هڪ نئين سياسي سفر جو آغاز ڪيو. هڪ اهڙو سفر، جيڪو ڪوتاهه نظر وڏيرا شاهيءَ ۽ تاريخ جي جبر سنڌ تي مڙهيو هو. ورهاڱي جي نتيجي ۾ هندستان جي جن قومن سڀ کان وڏيڪ قيمت ادا ڪئي ۽ پوڄيو اُنهن ۾ سنڌ سيني کان اڳتي هئي. پوءِ آهستي آهستي ڪجهه اهي گهاوَ به ڀرجڻ لڳا ۽ ڪجهه اسان جي سڄاڻ ماڻهن جي محنت ۽ آدرشي نيتن رنگ لاتو ۽ سنڌي سماج روي پير کڻڻ شروع ڪيا. سٺ جي ڏهاڪي ۾ اُن جا ٿُلهي ليکي بنياد پيا ۽ ستر توڙي اسي جي ڏهاڪن ۾ سنڌ سياسي طور ايترو اڳتي آئي جو بقول اسان جي دوست امان شيخ جي، مرحوم بزنجو چوندو هو ته پنجاب ٻين صوبن کان اقتصادي ۽ سماجي ترقيءَ جي لحاظ کان پنجاهه سال اڳتي آهي، پر سنڌ سياسي طور باقي ملڪ کان سئو سال اڳتي آهي. اها واقعي حقيقت هئي. ستر ۽ اسيءَ جي ڏهاڪن ۾ سنڌ ۾ ايترو ته سياسي ادب لکيو ۽ پڙهيو ويندو هو جو ٻين صوبن ۾ اُن جو تصور به موجود نه هو. اڄ حالت اها آهي جو جيڪڏهن ملڪ ۾ سيني کان وڏيڪ نڌڻڪا،

پريشان حال ۾ ويڳاڻپ جو شڪار آهن تہ اُهي سنڌي ماڻهو آهن. اڄ سنڌي ماڻهو پاڻ کي سيني ڪان وڏيڪ ويچارو، نڌڻڪو، بي واهو ۽ مايوسين جي ڏهڻ ۾ ڦاٿل محسوس ڪري ٿو. ويجهڙائيءَ ۾ اها مايوسي ايتري وڏي آهي جو اها نراجيت (Anarchy) جي حدن کي ڇُهڻ لڳي آهي. اڄ جو بنيادي سوال اهو ناهي تہ اسان جي صورتحال ڪيئن آهي؟ ڇو تہ اُن ۾ ڪوبہ مونجهارو ناهي. سوال اهو آهي تہ اها صورتحال ڇو ۽ ڪيئن پيدا ٿي آهي ۽ هاڻي سماج کي اُن مان ڪيئن ڪڍي سگهجي ٿو؟ ويجهڙائيءَ ۾ پاڪستان جي سياسي حقيقتن ۾ گهڻو ڦيرو آيو آهي. سرد جنگ جي خاتمي جيئن سڄيءَ دنيا ۾ سياسي رشتن ۽ تضادن جون نوعيتون ۽ شدتون تبديل ڪري ڇڏيون آهن. تيئن اسان وٽ بہ اُن جا اثر لازمي طور پيا ۽ غير محسوس طريقي سان گهڻيون تبديليون اچي چڪيون آهن. اها ڳالهہ مان اُن ڪري ٿو ڪرن چاهيان تہ اسان جي اڄوڪي صورتحال لاءِ اهي تبديليون بہ ذميوار آهن. بدقسمتيءَ سان اسان جي سياسي پارٽين ان ڏس ۾ ڪابہ اڳواٽ رٿابندي نہ ڪئي ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن ۾ سنڌ کي ڪٿي بہ Acoomodate (هنڌائتو) نہ ڪري سگهيون. مثال طور ڪالهہ پناڻ، پنجاب جي مقابلي ۾ سنڌ ۽ سنڌين کي ويجهو هئا. نعپ ڪان وٺي عوامي نيشنل پارٽيءَ تائين اهي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ملڪ جي ننڍيين قومن ۽ خاص طور تي سنڌ ۽ سنڌين سان گڏ هئا. پر اڄ پناڻ نہ رڳو ملڪي سطح تي پنهنجون اوليتون تبديل ڪري پنجاب جي حڪمران طبقي سان ملي چڪا آهن، پر سنڌ ۾ بہ اُهي سنڌين جي پيٽ ۾ ايم ڪيو ايم سان گڏ آهن. 1995ع ۾ اڪادمي ادبيات جي بين الاقوامي ڪانفرنس جي موقعي تي مون جڏهن هڪ نامور پناڻ دانشور سان ان بابت ڳالهايو تہ هن معذرت وارو رويو اختيار ڪرڻ بدران پنهنجي پوريءَ سنجيدگيءَ سان اهو چيو تہ "اسان اهو سڀ ڪجهہ شعوري طور ڪيو آهي. سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ ملڪ جي مجموعي صورتحال کي سامهون رکندي اسان پنهنجو مختلف ڪردار متعين ڪيو. چاليهہ سال اسان اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجاب جي خلاف نعرا هنيا، اسان کي ڪجهہ نہ وريو. هاڻي اسان پاور ڪاريڊورز ۾ داخل ٿي پنهنجا حق وٺنداسين." جيتوڻيڪ پناڻن جو اهو ڪردار پل تہ اسان کي موقعي پرستاڻو لڳي، پر ڏنو وڃي تہ هنن پنهنجون پاليسيون ضرور تبديل ڪيون آهن، پر سندن اوليتون ساڳيون آهن. هو پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ ڪامياب ويا. اڄ پناڻ ملڪ جي ٻي وڏي قوت آهي. بلوچن جو مثال اڳيان آهي. بلوچ جيڪي ملڪي سياست ۾ ڪا قوت نہ رکندا هئا ۽ سندن ڪو وڏو ڪردار نہ هو، هنن بہ پناڻن وانگر پنهنجي پاليسي تبديل ڪئي، پر اوليتون تبديل نہ ڪيون. اڄ بلوچن جي آواز کي ملڪ ۾ وزن ڏنو وڃي ٿو. ڪالهہ

جا باغي ڪردار مينگل، بگٽي ۽ حئي بلوچ اج پاور ڪاريڊورز ۾ هڪ حيثيت رکن ٿا. اج نوازشريف جي هڪ پاسي اجمل خٽڪ آهي ته ٻئي پاسي اڪبر بگٽي آهي. منهنجو اهو چوڻ ناهي ته ڪو سنڌين کي ٻه سڀ ڪجهه ڇڏي پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي هنج ۾ ويهڻ گهرجي. هرگز نه. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته پٺاڻن ۽ بلوچن وٽ هڪ واضح رٿابندي هئي. هنن پنهنجون اوليتون ساڳيون رکيون، رڳو پاليسيون تبديل ڪيون. ٻئي طرف اسان جي سياسي پارٽين پاليسيون ساڳيو رکيون، پر گهڻي ڀاڱي اوليتون تبديل ڪري ڇڏيون. اج ڀل ته اجمل خٽڪ نوازشريف سان گڏ ويهي ٿو پر اها هنن جي پنهنجن قومي مفادن سان سچائي آهي، جو نوازشريف چاهڻ جي باوجود ڪالاباغ ڊيم جي حمايت جي جرئت نٿو ڪري سگهي.

سنڌ جي سياست جون ٻه ڌارائون رهيون آهن. هڪڙي وفاقي سياست، جنهن جي نمائندگي پ پ پ پئي ڪئي آهي ۽ ٻي قومي تحريڪ، جيڪا مختلف نظرياتي پس منظر رکندڙ گروپن تي مشتمل رهي آهي. لڳ ڀڳ ٽيهن سالن جي سياسي سفر ڪانپوءِ اج جيڪڏهن نتيجا اخذ ٿا ڪريون ته سخت مايوسي ٿئي ٿي. ٻنهي ڌارائن جي سياسي قيادتن پنهنجي پنهنجي سياست ۾ پاڻ کي گهڻو اهل، ذميوار ۽ مدبر ثابت نه ڪيو آهي. پ پ پ، جنهن کي سنڌي ماڻهن لڳ ڀڳ ٽي ڀيرا اقتدار ڏنو ۽ پنهنجون بي لوث محبتون ۽ توانائيون ارپيون، مطلب ته سياسي الهه تلهه اُن جي حوالي ڪيو. انهيءَ موٽ ۾ سنڌي سماج ۽ ماڻهن سان وفا نه ڪئي ۽ سنڌ جي بنيادي مفادن ۽ حقن جي تحفظ کان پاڻ کي جيئن لاتعلق ثابت ڪيو آهي، ان جو ڪٿي به مثال ڪونه ٿو ملي. اُن ڪري سنڌي ماڻهن جي هن صورتحال جو سڀ کان وڏو ذميوار مان پ پ کي سمجهان ٿو. اها ڳالهه مون پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙي کي تازو سنڌ ڊيموڪريٽس گروپ جي آفيس ۾ هڪ گڏجاڻيءَ دوران روبرو به چئي هئي. هڪڙي پارٽي، جنهن کي هڪڙي سڄي ساري قوم پنهنجو سڀ ڪجهه ارپيو، جنهن کي ان بنياد تي اقتدار جا مسند مليا ۽ اها ان قوم جي بنيادي معاملن ۾ پاڻ کي ايترو لاتعلق، غير ذميوار ۽ نااهل ثابت ڪري ته ان کي ان قوم جو مياري نه چئبو ته ٻيو ڇا چئبو؟ پنهنجن ڪارڪنن ۾ سائيڪلون ورهائڻ ۽ عارضي نوڪريون ڏيڻ ڪو بنيادي ڪم ناهي. مان ڀٽي صاحب کي ان ذمري ۾ نٿو آڻيان، ڇو ته ڀٽو صاحب هڪڙي دُورانديش نگاهه رکندڙ ماڻهو هو ۽ هن سنڌ کي گهڻو ڪجهه ڏنو. هن سنڌ کي ادارا ڏنا، ماڻهن ۾ اعتماد پيدا ڪري سنڌن مورال مٿي ڪيو. مان پ پ پ جي ضياءَ واري مارشل لا ڪانپوءِ جي دؤر جي ڳالهه ٿو ڪريان. ڪمزورين ۽ تاريڪ پهلو ڀٽي صاحب جا به هئا، پر هو مجموعي طرح هڪڙو غير معمولي، ذميوار

۾ وڏو ماڻهو هو. محترمہ پنهنجي مزاج ۾ هيٺين سطح تي جوڙيل اوليتن سبب سڄي ملڪ جي ماڻهن ۾ خاص طور تي سنڌي ماڻهن کي سخت مايوس ڪيو آهي. جمهوريت جي سرواڻ محترمہ پنهنجي پارٽيءَ ۾ جمهوري رويا ۾ قدر متعارف ڪرائي، ان کي هڪ سياسي اداري ۾ تبديل نہ ڪري سگهي. پ پ پ جي تاريخ هڪ ڏگهو بحث آهي، پر هتي منهنجو چوڻ فقط اهو ۾ ايترو آهي تہ پ پ پ ۾ خاص طور تي ان جي قيادت، سنڌ جي سياسي قوت کي ذاتي ۾ پنهنجن مخصوص سياسي مفادن خاطر استعمال ڪري هڪ طرف سنڌ کي نقصان ڏنو تہ ٻئي طرف سنڌي سماج جي اوسر کي پوئتي ڌِڪي، سنڌ کي سياسي طور ويڳاڙو ڪري ڇڏيو آهي. ڪالهہ جيڪو سنڌي وڏيرو ٿرَ جي صوبيدار کان ڊڄندو هو اڄ اُهو ضلعي جي اعليٰ عملدار کي بہ گاهہُ نٿو وجهي. اها قوت وڏيري کي ٻيو ڪنهن بہ نہ پر پ پ پ بخشي. پ پ پ سنڌ ۾ هڪ ”Neo_Feudalism“ (جديد جاگيرداريت) کي جنم ڏنو. ٻئي طرف ان اهڙا سياسي رويا اختيار ڪيا، جو اڄ جڏهن اها پنهنجي اڳوڻي اوڄ تان ڪِري آهي تہ سنڌي ماڻهو سياسي رُڃ ۾ اڪيلو ۾ ويڳاڙو بيٺو آهي، جنهن جو ڪو ڌڻي سائين ڪونهي.

اسان جي سياست جي ٻي ڌارا قومي تحريڪ هئي. عام طور اهو چيو ويندو آهي تہ سنڌ جي قومي تحريڪ ان ڪري ڪي وڏا نتيجا نہ ڏئي سگهي جو اُن وٽ وسيلا ۾ طاقت محدود هئي. ظاهر آهي تہ قومي تحريڪ جو گهڻو لاڙو اسان جي ”جهڙي تهڙي“ مڊل ڪلاس تي مشتمل هو ۾ سنڌي سماج جي هاڻوڪي بيهڪ ۾ مڊل ڪلاس اقتدار ۾ اچي نہ ٿو سگهي، پر ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ قومي سياست ڪندڙ ڌريون ڪو وڏو ڪردار ادا نہ ٿي ڪري سگهيون. اهو سراسر غلط آهي. هر سماج ۾ هڪڙيون ڌريون پاپولر سياست ڪري عوامي سگهہ حاصل ڪنديون آهن تہ ٻيون ڌريون سماج جي بنيادي مفادن جون نگهبان هونديون ۾ سندن روح ۾ Rationale جون ترجمان هونديون آهن. سوال اهو ناهي تہ اسان جي قومي سياست ڪندڙ ڌرين ڇا حاصل ڪيو؟ سوال اهو آهي تہ انهن پنهنجا جيڪي مقصد متعين ڪيا هئا، اُهي انهن سان مخلص ۾ ذميوار رهيون؟ اُنهن اِن ڏِس ۾ ڪا رٿابندي ڪئي؟ هڪڙن نعرا آزاديءَ جا هنيا ۾ عملي طور هڪ ڪرمنل سياسي ڪلچر سان سنڌ جي تعليم کي تباهہ ڪيو ٻين ”انقلاب“ جي ڳالهہ ڪئي. اڄ سندن سياسي ڊڪشنريءَ ۾ انقلاب جي جاءِ جمهوريت اچي ورتي آهي. جڏهن تہ نہ انقلاب اهڙين هٿ ٺوڪين جمهوريتن سان ايندا آهن ۾ نہ اهڙيون نام نهاد جمهوريتون انقلاب جون راهون هموار ڪنديون آهن. مان نٿو سمجهان تہ هن ملڪ ۾ ڪا جمهوريت آهي يا رهي آهي. البتہ هتي چونڊيل حڪومتون ضرور هونديون

آهن. جنهن جي چوندڙ سرشتي کي بہ شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو ويندو آهي. ڳالهہ ڪُٺائڻي، مقصد تہ قومي تحريڪ جي دعويدار ڌرين بہ پنهنجي پنهنجي مقصد سان ڪا گهربل سنجيدگي ۽ نتيجہ خيز وابستگي ثابت نہ ڪئي. نتيجي ۾ اڄ جڏهن ملڪ جي سياست ۾ سياسي Equations (معاملات) ۽ طاقت جو توازن تبديل ٿيا آهن تہ سنڌ سياسي ويڳاڻپ جي ميدان ۾ هڪ اهڙي هنڌ اچي بيٺي آهي، جتي ڪو سندس ڌڻي ڪونهي. سنڌ جي ڪامورن جي قومي شعور ۽ فضيلت جو اهو حال آهي، جو ايم ڪيو ايم انهن جي ئي هٿان سنڌ جي پيرنگ پٽي ڪري، پر ڪنهن بہ هڪ ڪاموري اُتي ايئن ڪرڻ کان انڪار نہ ڪيو آهي. سنڌ حڪومت ۾ جيڪي "اسان جا" همراهہ ويٺل آهن. اُنهن جا حال سامهون آهن. سنڌ جي وڏ وزارت جي منصب کي هڪ معمولي ڪلارڪ ۽ ڪمدار ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ظاهر آهي تہ اهڙيءَ صورتحال ۾ ماڻهن ۾ مايوسي ۽ ويڳاڻپ پيدا نہ ٿيندي تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟ حد تہ اها آهي جو اُن هوندي بہ پ پ پ، جنهن وٽ اڄ مرڪز توڙي سنڌ ۾ سنڌي ماڻهن جو مينڊيٽ آهي، ڪو مضبوط ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. محترمہ يا تہ ٻاهرين دورن ۾ پوري آهي يا وري ڪراچيءَ جي سينٽرل جيل ۾ آصف زرداريءَ سان ملاقاتن ۾ مصروف آهي. ٻيون قومي سياست ڪندڙ ڌريون ٿيهن سالن ۾ ٻيو تہ ٺهيو ايترو اثر بہ پيدا نہ ڪري سگهيون جو رڳو انهن جي ڳالهہ کي "مٿي" سنجيدگيءَ سان ٻُڌي، اُن جو نوٽيس ورتو وڃي.

قصو ڪوتاهہ- سنڌي ماڻهن جي اها ويڳاڻپ ۽ هيجاني ڪيفيت ڏينهون ڏينهن وڌندي وڃي. ملڪ بہ لڳي ٿو تہ ڪنهن "منطقي انجام" ڏانهن وڌي رهيو آهي، يوسف لغاري ڏاڍي سُٺي ڳالهہ چوندو آهي تہ "ٻيڙو" سمنڊ ۾ ٺُٺي پيو آهي. هر قوم ڪونہ ڪو اهڙو "تختو" حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي، جيڪو کين سلامتيءَ سان ڪناري تائين رسائي. اسان جي حالت وچ سِير ۾ غوطا کائڻ واري جيان آهي. ڇا اسان جي سياسي تنظيمن ۽ رهنمائن کي ادراڪ آهي تہ ملڪ ڪيڏانهن پيو وڃي؟ ۽ ان ۾ ڪهڙو "تختو" سنڌ کي سلامتيءَ سان پار پُڄائي سگهندو؟

---

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 12 ڊسمبر 1997ع

# بدلجندڙ ملڪي حالتن ۾ سنڌ ڪٿي بيٺل آهي؟

پاڪستان پنهنجي تاريخ جي نهايت ڏکئي ۽ عجيب دؤر مان گذري رهيو آهي، جنهن ڪي ملڪ اندر توڙي ٻاهر هر ڌر نه رڳو پنهنجيءَ پنهنجيءَ "نظر" سان ڏسي ۽ پرکي رهي آهي پر ان صورتحال کي پنهنجي پنهنجي مفاد آهر ايڪسپلائيٽ به ڪري رهي آهي. اڄ جڏهن پاڪستان بابت ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر، بنيادي نوعيت جا بحث مباحثا ٿي رهيا آهن ۽ ملڪ اندر هر ڌر ان بحران ۾ پنهنجن مفادن جي تحفظ ۽ تدبيرن بابت سوچي رهي آهي. تڏهن ضرورت آهي، ته سنڌ جي عوام کي به نه صرف موجوده صورتحال جي سمورن بنيادي پاسن کان آگاهه ڪيو وڃي پر ان سوال جو به جائزو ورتو وڃي، ته ان سڄي صورتحال ۾ سنڌ جي مستقل قومي مفادن جي تحفظ جو سوال ڪيترو واضح آهي؟

جيتوڻيڪ ملڪ ۾ فوجي حڪومت آهي ۽ سياسي عمل وقتي طور تعطل ۽ جمود جو شڪار آهي پر هن دفعي فوجي حڪومت مختلف نوعيتن جي مسئلن ۽ بحرانن جي اهڙي ڏهڻ ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿي، جتان بظاهر آسانيءَ ۽ سلامتيءَ سان نڪرڻ جي ڪا واٽ نظر نه ٿي اچي. جنرل ضياءَ يارنهن سال ان ڪري ڪڍي سگهيو هو جو افغانستان جي صورتحال ۽ ان ۾ پاڪستان جي جڙندڙ "اثرائتي" ڪردار سبب جنرل ضياءَ جي فوجي حڪومت جو تحفظ آمريڪا جي مفادن وٽان هو پر هاڻي ته صورتحال بنهه بدلجي چڪي آهي. ڏکڻ ايشيا جي ريجنل سياست توڙي جيو-پوليٽيڪل حيثيت جي لحاظ سان پاڪستان پنهنجي اهميت ۽ "وزن" وڃائي چڪو آهي. هندستان سان نه رڳو آمريڪا گڏ آهي ۽ اها ڪيس پاڪستان جي پيٺ ۾ تمام گهڻي اهميت ڏئي ٿي پر روس به وڏي واڪي هڪ دفعو وري

هندستان جي حمايت ڪي بين الاقوامي ايجنڊا تي آندو آهي. بنگلاديش ۽ نيپال اڳ ئي هندستان جي ڪيسي ۾ پيا آهن. ٻئي طرف پاڪستان جو واحد پراڻو ۽ پاڙيسري ملڪ چين بہ جڻ تہ عملي طور پاڪستان مان هٿ ڪڍي چڪو آهي. اسلامي ملڪن جي بلاڪ جو وڏو ۽ اهم ترين حصو آمريڪا جي حڪمن ۽ پاليسين جو مطيع ۽ غلام آهي. ان ڪري اهو ڪنهن بہ ڏکئي وقت ۾ پاڪستان جي پاسي بيهڻ بدران پنهنجي روايتي آقا آمريڪا جي ”اوليتن“ کي اوليت ڏيندو. يورپ جي وڏين طاقتن لاءِ بہ پاڪستان هاڻي هڪ Non_Issue آهي. عالمي مالياتي ادارا ڇاڪاڻ تہ بنيادي طور آمريڪا جا ”پاليل“ آهن. ان ڪري پاڪستان جي مختلف حڪومتن طرفان بار بار سندن اطاعت جي اعلانن باوجود، عملي طور هاڻي اهي پاڪستان کي ”مٿي چاڙهڻ“ جي موڊ ۾ نظر نہ ٿا اچن. جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ پاڪستان کي ”ڪرائي جي گوريلي“ بڻائڻ سبب، ان جي جيڪا اهميت ۽ حيثيت جڙي هئي، بدليل بين الاقوامي حالتن ۾ پاڪستان پنهنجو اهو جيو-پوليٽيڪل ڪردار بہ وڃائي چڪو آهي. نتيجي ۾ وڏين سياسي طاقتن جي چارتي هئڻ جي حيثيت ۾ سندن مالياتي ادارن کان قرض وٺي جيڪي عياشيون ڪيون ٿي ويون، اهو دؤر في الحال تہ گذري چڪو آهي ۽ ڏکڻ ايسيا جي بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن ۾ پاڪستان لاءِ انهن وڏين طاقتن طرفان ڪنهن بہ ”اسائنمينٽ“ (Assignment) جي گنجائش نڪرندي نظر نہ ٿي اچي، ٻئي طرف اندروني طور بہ ملڪ انتهائي ڏکين حالتن مان گذري رهيو آهي. ٻيو تہ ٺهيو پر اڳ جيڪو اسٽيبلشمينٽ ۽ فوج توڙي عدليہ کي مقدس ڳئون سمجهي، انهن تي ڳالهائڻ کي عملي طور ممنوع سمجهيو ويندو هو هاڻي نہ رڳو انهن تي نهايت کليل نموني ڳالهايو ۽ بحث مباحثو ڪيو وڃي ٿو پر سندن ڪردار تي بہ مسلسل ۽ هر طرف کان آڱريون کڄي رهيون آهن. گهٽ ۾ گهٽ ملڪ ۾ ڪوبہ ادارو يا موضوع بحث مباحثي ۽ چندبہ چاڻ لاءِ هاڻي ممنوع ناهي. پاڪستان جي نظرياتي بنيادي يعني بہ قومي نظريي ۽ نظريہ پاڪستان تي بہ هر سطح تي کليل بحث مباحثا ٿي رهيا آهن، انهن جو مورڳو (Rationale) (اُصولي ۽ منطقي بنياد) کي ئي چيلينج ڪيو پيو وڃي. جن موضوعن تي گذريل اڌ صديءَ کان ڪک رکيا پئي ويا، انهن بابت نہ رڳو وڏا وڏا بحث هلي رهيا آهن پر بنيادي نوعيت جا دستاويز پڌرا ٿي رهيا آهن. جنهن حمودالرحمان ڪميشن کي ٽيهہ سال عوام کان لڪايو ويو اها ”آزاديءَ“ جي ڏينهن جي موقعي تي هندستان ۾ پڌري ٿي وئي. جنگ گروپ جي ٻن اهم اخبارن (روزاني جنگ ۽ The News) هٿيارن جي خريد ۾ فوجي جنرلن پاران ڪيل ڪرپشن ۽ ورتل ڪميشن جا اڇا ڪارا پڌرا ڪري ڇڏيا آهن. ايم ڪيو ايم بہ قومي نظريي

کي رد ڪندي موربگو هندستان جي ورهاڱي کي ئي تاريخ جو وڏو الميو قرار ڏئي اڻ سڌيءَ طرح پاڪستان جي قيام جي ئي مخالفت ڪري رهي آهي. يعني هڪ طرف مها پاڪستانيت ۽ مها اسلاميت جي علمبردار اردو ڳالهائيندڙن جي ليڊرشپ پنهنجي نظرياتي حڪمت عملي تبديل ڪئي آهي، تہ ٻئي طرف اڌ صديءَ کان مضبوط مرڪز جي وڪالت ڪندڙ پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ سياسي قيادت بہ عملي طور صوبائي ۽ پنهنجي ”قومي مفادن“ جي سياست کي اوليت ڏئي ٿي. دراصل هن سموريءَ صورتحال کي ڏٺو وڃي تہ اها گذريل 53 سالن جي خودفريبين، ويساهہ گهاتين، عوام ۽ جمهوريت دشمنين، نڱين ۽ سامراجي دلاليءَ جو نتيجو آهن. پاڪستان اڄ پنهنجي تاريخ جي جنهن سنگين ترين نظرياتي، سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي بحران جي بنيادن ۾ حڪمران طبقي جي اڌ صديءَ جي تاريخ ۽ عوام سان ڪيل ويساهہ گهاتين، ملڪ سان ڪيل مسلسل غدارين ۽ سامراجي قوتن جي ڪيل دلالين جي نهايت ”سنجيده سيڙپ“ ٿيل آهي. اڄ پاڪستان جنهن سنگين بحران مان گذري رهيو آهي، جي ان جي مهانڊن (Features) کي واضح ڪبو تہ هي بنيادي نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا.

(الف) سڀ کان پهريون نتيجو اهو ڪڍي سگهجي ٿو تہ پاڪستان پنهنجا نظرياتي بنياد وڃائي چڪو آهي. يعني جنهن نام نهاد بہ قومي نظريي کي پنهنجو بنياد ڄاڻايو ويو ان ڏينهن تاريخ جو ردعمل ان صورت ۾ سامهون آيو آهي، جو اڌ صدي گذرڻ باوجود پاڪستان هڪ قوم بڻجي نہ سگهيو آهي. سردار شوڪت حيات خان ان کي ”The Nation that lost its soul“ (قوم جيڪا پنهنجو روح وڃائي ويٺي) جي لفظن سان تعبير ڪيو هو يا جنهن کي لاهور جي هڪ روشن خيال صحافي نجم سيٺي هڪ ”ناڪام قوم“ (Failed Nation) سڏيو هو. ٻيو تہ ٿيو پر جيڪو ”مها پاڪستاني ۽ مها اسلامي“ اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقو سدائين نام نهاد ”بہ قومي نظريي“ جي وڪالت ڪندو هو اهو بہ پنهنجن جائز توڙي ناجائز مفادن جو تحفظ انهيءَ نظريي جي نفيءَ ۾ سمجهي ٿو جنهن جو ثبوت ايم ڪيو ايم جي قيادت جا تازا بيان آهن (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ منهنجي خيال ۾ سندن اهو روپ سندن اڳوڻي روپ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ آهي ۽ جيئن هنن ”مها پاڪستانيت ۽ مها اسلاميت“ کي پنهنجن ناجائز مفادن جي تحفظ لاءِ نظرياتي هٿيار طور پئي استعمال ڪيو تيئن ان جي نفي جي رويي کي ساڳين مقصدن لاءِ اڳ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ طريقي سان استعمال ڪندا ۽ جيڪو هو ڪري بہ رهيا آهن) اڳ انهيءَ نڙڪ نڱيءَ واري بہ قومي نظريي خلاف صرف سنڌي يا ڪنهن حد تائين بلوچ ۽ پٺاڻ ڳالهائيندا هئا پر هاڻي هر سطح تي اها نظرياتي نڱي رَئي

تي ڇڪي آهي. پيو تہ ٿيو پر جنهن قسم جي مضبوط مرڪز ۽ وفاق جي ڳالهہ ڪي ذري گهٽ مقدس سمجهيو ويندو هو ان جا بنياد عملي طور لُڏي چڪا آهن. پاڪستان جي تاريخ ۾ اوائلي مسلم ليگ کان پوءِ پ پ پ واحد پارٽي هئي، جيڪا پنهنجي مزاج ۾ وفاقي سياسي پارٽي هئي/ آهي پر ان کي بہ عملي طور مجبور ڪيو ويو آهي تہ اها وفاقي سياست تان هٿ ڪڻي وڃي. جڏهن تہ نوازشريف جي مسلم ليگ تہ هونئن ئي ننهن کان چوٽيءَ تائين پنجابي شائونسٽ رهي آهي. ان ڪري نہ رڳو پاڪستان هڪ قوم بڻجي نہ سگهيو آهي پر ان لاءِ جنهن قسم جي ننڍين قومن جي وجود ۽ مفادن کان انڪاري نام نهاد ۽ هوا ۾ لٽڪيل وفاقي سياست جي تبليغ ڪئي ويندي هئي، اها بہ پنهنجي وقعت وڃائي ويٺي آهي. جنهن ملڪ ۾ حقيقي طور اسٽيبلشمينٽ وفاقي نہ هجي، حڪومتون وفاقي نہ هجن، پارليامينٽ وفاقي نہ هجي، فوج وفاقي (معنيٰ چئن صوبن تي مشتمل) نہ هجي، اُتي سياسي پارٽيون ڪيئن وفاقي ٿي سگهن ٿيون؟ هن سڄيءَ ڳالهہ جو حاصل مطلب اهو آهي تہ پاڪستان پنهنجو نظرياتي (Rationale) عملي طور وڃائي چڪو آهي.

(ب) جڏهن ملڪ اهڙن سنگين بحرانن ۾ هوندا آهن، تہ پوءِ ڪين سندن جمهوري سياسي نظام بحرانن جي ڏيڻ مان نڪرڻ جا محرڪ ۽ سبب بڻبا آهن پر هن ملڪ ۾ ان جي بدنيت ۽ نهايت ڪوتاهہ نظر حڪمران طبقي جي ئي پاليسين، سازشن ۽ روين سبب ڪو فضيلت پريو، سمورين قومن ۽ سياسي ڌارائن کي پاڻ سان گڏ کڻي هلندڙ جمهوري سياسي نظام جڙي، اُسري ۽ پاڙون هڻي نہ سگهيو آهي، يعني هڪ اهڙو ملڪ جنهن ۾ هڪ طرف، گهڻيون قومون رهنديون هجن ۽ انهن جا نہ رڳو پاڻ ۾ اندروني تضاد (Intra Provincial) هجن پر انهن جا بين الاصوبائي تضاد (Inter Provincial) بہ شديد هجن ۽ ساڳئي وقت انهن جي گهڻائي وفاق کان بہ سخت ناراض ۽ بدظن هجي، تہ ٻئي طرف ان ملڪ ۾ آئين جي حيثيت ٽُڏن ۾ بار بار لتاڙجندڙ هڪ دستاويز کان وڌيڪ نہ هجي ۽ جتي ڪوبہ سيني لاءِ قابل قبول جمهوري نظام موجود نہ هجي، تہ پوءِ تصور ڪري سگهجي ٿو تہ اهي سمورا تضاد ۽ پيچيدگيون ميچوئر ٿي ڪيڏانهن وينديون ۽ ملڪ کي ڪهڙي موڙ ڏانهن وٺي وينديون؟ هن ملڪ ۾ حقيقي جمهوري سرشتو اُسرڻ ان ڪري نہ ڏنو ويو آهي، جو اهو هڪ Process ۾ ملڪي نظام کي اهڙي رُخ ڏانهن وٺي وڃي ها، جنهن ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي جي ناجائز مفادن جو پورائو موجوده حالتن ۾ ممڪن بڻجي نہ سگهي ها يا ٻين لفظن ۾ اهو قصو گهڻو وقت هلي نہ سگهي ها، ان ڪري هميشہ ان طبقي پاران حقيقي جمهوريت جي روح ۽ تقاضائن توڙي قدرن جي نفي ڪئي وئي آهي، ان کي ڪڏهن بہ پاڙون هڻڻ نہ ڏنيون ويون آهن. پر مسئلو اهو آهي

تہ اج ملڪ جنهن گهڻ طرفي بحران جي ڏُبڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي، ان کي اهو ئي جمهوري نظام بچائي سگهيو ٿي، جنهن کي ڪڏهن بہ پاڙون هڻن نہ ڏنيون ويون آهن.

پاڪستان جهڙي بيشمار سماجي، قوميتي، ثقافتي تضادن ۾ ورتل ملڪ، جنهن کي حڪمران طبقي جي ڪوتاهہ نظر ۽ ملڪ دشمن روين اڳ ئي هر طرح سان تباهہ حاليءَ جي ڪناري پهچائي ڇڏيو هجي، تہ ان کي هڪ حقيقي جمهوريت ئي بچائي پئي سگهي پر ايئن نہ ٿيڻ جي صورت ۾ نيٺ ان جو نتيجو ملڪ جي ٻن حصن ۾ ورهاڱي ۽ بنگلاديش جي قيام جي صورت ۾ ٿيو. باقي بچيل پاڪستان کي بہ خطرو ٻيو ڪنهن کان نہ پر اسٽيبلشمينٽ ۽ ان جي اسٽيٽسڪو جي ترجمان ۽ محافظ سياسي روين ۽ قوتن کان آهي. هڪ اهڙو ملڪ جيڪو اڳ ئي تضادن، اختلافن بداعتمادين جي ٽائيم بم تي ويٺل هجي، ان کي جيڪا شيءِ گهٽ ۾ گهٽ بچائي سگهي ٿي، اها حقيقت پسند رويا ۽ هڪ هاڙو سياسي جمهوري نظام ٿي سگهي ٿو جنهن کي سڀ ڌريون پنهنجي ترجمانيءَ ۽ مفادن جي بچاءُ جو فورم سمجهن، پر ٻئي طرف تلخ حقيقت اها آهي تہ نہ رڳو پاڪستان ۾ بدقسمتيءَ سان اهڙو ڪو نظام موجود نہ آهي پر ان ڏانهن ڪا سنجيده وِک کڄندي بہ نظر نہ ٿي اچي. ان ڪري هڪ طرف ملڪ ۾ اندروني طور موجود معروضي تضاد وڌيڪ شدت سان اُڀري رهيا آهن تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ اهڙو ڪوبہ فضيلت ڀريو ۽ سمورين ڌرين لاءِ اعتماد جوڳو سياسي جمهوري نظام پنهنجي ڪهن ابتدائي شڪل ۾ بہ موجود نہ آهي، جنهن ۾ انهن تضادن کي فطري طور حل ڪرڻ جي صلاحيت هجي.

(ت) هن سموريءَ صورتحال جو اقتصادي طرح طرح گهٽ Collapse ٿيڻ طرف وڃي رهيو آهي. عالمي مالياتي ادارن وٽ پاڪستان هڪ طرف ڊيفالٽ ڪري چڪو آهي، تہ ٻئي طرف بدليل سياسي حالتن ۾ پاڪستان جي غير اهم جيو-پوليٽيڪل ڪردار سبب عالمي مالياتي ادارا بہ عملي طور ملڪ مان "هٿ" ڪڍي رهيا آهن. هاڻي پاڪستان انهن جي اوليتن ۽ ترجيحن جي ايجنڊا تي ناهي. اندروني طور تہ ڪڏهن پاڪستان کي اقتصادي طور مضبوط ڪرڻ ڏانهن سوچيو ئي نہ ويو. هر حڪمران جي ترجيح اها رهي تہ اهو عالمي طاقتن وٽ پنهنجي دلاليءَ لاءِ گنجائش پيدا ڪري قرض وٺندو رهي، جنهن مان سندن بہ "پلو" ٿئي ۽ ملڪ ۾ بہ عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ منصوبا سامهون آندا وڃن، پر هيءَ شيءِ جي هڪڙي حد آهي، جنهن کان پوءِ فطرت پنهنجو ڪم ڏيکاريندي آهي. هاڻي جڏهن عالمي سياسي مارڪيٽ ۾ حڪمران طبقي جي دلاليءَ جا شيئرز ڊائون آهن، تہ ملڪ کي مٽي تي هٿ اچي ويا آهن. اج پاڪستان پنهنجي تاريخ

جي سنگين ترين اقتصادي بحران جو شڪار آهي. ملڪ ۾ خودڪشين جو ريشو تمام وڌي ويو آهي. جيڪي ماڻهو سرنديءَ وارا آهن، اهي پاڻ کي غير محفوظ سمجهندي ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڊوڙ ۾ رڌل آهن. وڏن ملڪن جي روز گذ ٿيندڙ هجومن کي ڏسي ان صورتحال جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ملڪ جي اقتصادي بحران جو هڪ ٻيو لازمي نتيجو اهو نڪرندو، جو جيئن جيئن اهو بحران تيز ٿيندو، تيئن تيئن اهو ملڪ جي اندروني قوميتي تضادن کي به تيز ڪندو. ڇاڪاڻ ته ان جو نزلو به پس و پيش ننڍين قوميتن ۽ اڳ کان ئي مظلوم عوام ۾ تي پوندو. جيئن تازو پاڻيءَ جو بحران ٿيو. جيڪو موسمي لحاظ کان فطري به هو پر ڇاڪاڻ ته پنجاب کي ان ۾ پنهنجي حصي کان به وڌيڪ پاڻي مليو. ان ڪري پاڻيءَ جي فطري بحران به غير منصفاڻي ورڇ سبب سنڌ ۽ پنجاب جي لاڳاپن کي ويتر خراب ڪيو. تازو ارسا وري فيصلو ڪيو آهي ته هن سال ربيع فصل لاءِ سنڌ کي 28 سيڪڙو گهٽ پاڻي ملندو. جڏهن حڪومت سرڪاري طور 29 سيڪڙو گهٽ ڏيڻ جي ڳالهه ڪري ته پڪ سمجهڻ گهرجي ته عملي طور اهو پنجاهه سيڪڙو کان به گهٽ ملندو. ان ڪري ملڪ ۾ هي جيڪو اقتصادي بحران ڏينهون ڏينهن شديد ٿي رهيو آهي، اهو پنجاب جي روين، اسٽيبلشمينٽ جي پاليسين سبب ملڪ اندر موجود تضادن کي اڃا به وڌيڪ شدت ڏيندو ۽ اهو اقتصادي بحران ميچوئر ٿي وري سياسي بحران کي تيز ڪندو، جنهن کي فضيلت سان حل ڪرڻ يا گهٽ ڪرڻ لاءِ ڪو به جمهوري نظام ملڪ ۾ موجود ئي نه آهي.

پاڪستان جي بدليل ۽ بدلجندڙ علائقائي صورتحال ۾ ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ اهميت جو سوال شروع ۾ ئي بحث هيٺ اچي چڪو آهي. ان ڪري ملڪي صورتحال جي سنگينيءَ جو سوال ته هاڻي ڪو لڪل، مبهم يا ڳُجهو نه رهيو آهي. هر ”ڌر“ ان کان چڱيءَ طرح واقف آهي. ان ڪري اصل سوال اهو آهي ته جڏهن ان سموريءَ صورتحال ۾ اندروني طور ملڪ ۾ هر ڌر پنهنجو اثرائتو ڪردار متعين ڪري پنهنجي پنهنجي ”مفاد“ کي تحفظ ڏيڻ جي ڪوشش ۾ آهي. هڪڙي ڳالهه ته واضح آهي ته پاڪستان جو موجوده ڍانچو سؤلي سنڌيءَ ۾ ڏٺي وٺي بيٺو آهي. پنجاب ۽ ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ هاڻي مڪمل طور ايڪسپوز ٿي چڪا آهن. ملڪ جي 1971ع ۾ ورهاڱي جي ذميواري به پنجاب تي مڙهجي ۽ واضح ٿي چڪي آهي. ان کان علاوه ڇاڪاڻ ته پاڪستان ۾ پاور هميشه مڪمل طور پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ وٽ رهيو آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ ملڪ هن تباهه حاليءَ کي اچي رسيو آهي، ان ڪري هن سموري بحران جي ذميواري به بنيادي طور ان تي عائد ٿئي ٿي. ننڍيون قومون پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود ڇاڪاڻ ته ”پاور“ جي

ليڪي ڪان ٻاهر بيٺل رهيون آهن. ان ڪري ملڪ جي هن بحران جي ذميواري ته بهرحال انهن مٿان عائد نه ٿي ڪري سگهجي.

يعني هڪ طرف پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ ان جي نتيجي ۾ هاڻي اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪمزور حالت ۾ ۽ دفاعي پوزيشن ۾ نظر اچن ٿا، ته ٻئي طرف پٺاڻ، بلوچ، سرائيڪي ۽ ويندي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي نمائنده قوت صورتحال مان پنهنجي پنهنجي ”مطلب“ ۽ نوعيت جو فائدو حاصل ڪري رهيون آهن ۽ اهو ئي سبب آهي جو ملڪي سياست ۾ انهن جو وزن اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيل ۽ ڳرو نظر اچي ٿو. پٺاڻ فيڪٽر هينئر ٻٽي پاليسي اختيار ڪيل نظر اچي ٿو. يعني اهو مظلوم قومن جي ڌارا ۾ به سياسي طور رهڻ چاهي ٿو ۽ اسٽيبلشمينٽ توڙي پنجاب کان مڪمل طور ڇڄڻ به نه ٿو چاهي. اهو پنجاب ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ڪمزوريءَ مان فائدو وٺي ان تي پنهنجو دٻاءُ وڌائڻ به چاهي ٿو ۽ ان کان لاتعلق رهي ڪٽجڻ به نه ٿو چاهي، سؤلي سنڌيءَ ۾ اهو روئي سنڌ سان گڏجي ٿو ۽ کائي پنجاب سان گڏجي ٿو.

منهنجي خيال ۾ نئين ڪنڊ ۾ بظاهر بنهه غير ڊپلوميٽڪ لڳندڙ پٺان قوم کان وڌيڪ ڊپلوميٽڪ قوم مون کي نظر نه ٿي اچي. پٺاڻ فيڪٽر پاڪستان ۾ توڙي هن سڄي خطي ۾ ڪوبه معمولي يا سادو فيڪٽر نه آهي. ان جي بدليل حالتن ۾ مڪمل اسٽڊي ٿيڻ گهرجي. خاص طور تي اهو اسان سنڌين لاءِ به هڪ اهم فيڪٽر طور اُڀري رهيو آهي. پٺاڻ هاڻي ڪراچيءَ کي پنهنجو وڏي ۾ وڏو شهر ۽ مرڪز قرار ڏين ٿا ۽ جنهن تيزيءَ سان اهو فيڪٽر سنڌ ۾ عوامي سطح تي لڏپلاڻ ۽ واپار تي حاوي ٿيڻ طرف وڌي ۽ مضبوط ٿي رهيو آهي، اهو اڳتي هلي وڏو مسئلو بڻبو اها ڳالهه ان ڪري به وڌيڪ حساس بڻجي ٿي جو اهو سنڌ ۾ سنڌين مان هٿ ڪڍي ايم ڪيو ايم سان ويجهو ٿيو آهي. اي اين پيءَ جي ٽُٽڻ وقت به ولي خان اها ڳالهه واضح ڪئي هئي ته بدليل حالتن ۾ پٺاڻن ۽ سنڌين جا مفاد ملڪ اندر توڙي سنڌ ۾ متضاد ٿي رهيا آهن. ان ڪري سنڌي ۽ پٺاڻ شايد گهڻو وقت گڏ نه ٿا هلي سگهن. حالتون ۽ انهن جا رخ ولي خان جي ان ڳالهه جي تصديق ڪري رهيا آهن. منهنجو مطلب اهو ناهي ته پٺاڻن سان گڏ نه هلڻ يا اتحاد نه هجڻ گهرجي پر نقطو اهو آهي ته پاڪستان جي بدلجندڙ صورتحال ۾ پٺاڻ فيڪٽر کي به نين حقيقتن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻو پوندو ۽ ان ڏانهن اهي رويا ۽ پاليسيون اختيار ڪرڻيون پونديون، جيڪي سنڌ جي مستقل مفاد ۾ هجن. جيستائين بلوچن جو تعلق آهي ته جيتوڻيڪ بلوچ مجموعي طور ملڪ جي هڪ پسمانده ۽ مظلوم قوم آهن پر سندن نمائندگي گهڻي ڀاڱي رڳو سردارن وٽ آهي، جيڪي پاڻ کي قومپرست به قرار ڏين ٿا. بلوچستان ۾ بلوچ مڊل ڪلاس اڃا سياسي طور ٻانبڙا پائڻ جي حيثيت ۾ به نه آهي. ان ڪري ان

جو ڪو سياسي ڪردار جُڙي نہ سگھيو آهي. جڏهن تہ سردار قومپرست اڳواڻ پاڻ ڪي مظلوم قوم بہ سڏين ٿا ۽ ان جي قومپرست قيادت بہ قرار ڏين ٿا پر سياست ان لاءِ نہ ٿا ڪن تہ ان مان بلوچ عوام جي مستقل قومي مفادن جو تحفظ ڪيو وڃي پر هنن جي سياست جو محرو پنهنجو سياسي وزن وڌائڻ آهي. اها صورتحال بلڪل ايئن آهي جيئن سنڌ ۾ پ پ جو ڪردار آهي. يعني اها سنڌ جي مينڊيٽ جي بنياد تي پنهنجي سياسي قوت تہ وڌائي ٿي يا ان کي استعمال ڪري ٿي پر ان کي سنڌ جي مستقل قومي مفادن جي تحفظ لاءِ قطعي بہ استعمال نٿي ڪري. ساڳيءَ طرح اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي سياسي ليڊرسپ جيڪا ايم ڪيو ايم جي صورت ۾ موجود آهي، بہ بدلجندڙ حالتن ۾ صورتحال کي پنهنجن ناجائز مفادن لاءِ اڳ کان وڌيڪ ايڪسپلائيٽ ڪري رهي آهي. اها ماڻهن کي وڏي غلط فهمي آهي تہ ايم ڪيو ايم اسٽيبلشمينٽ جي خلاف ڳالهائڻ يا بہ قومي نظريي کي رد ڪرڻ جي نتيجي ۾ ڪا وڏي ترقي پسند يا اشراف ڏر ٿي وئي آهي. فرق صرف اهو آهي تہ ڪالهہ جڏهن پنجابي ۽ پناهگير حڪمران طبقن جي پاڻ ۾ سياسي Equation ٺهيل هئي، تڏهن مها اسلامي ۽ مها پاڪستاني ٿيڻ سندن ناجائز مفاد ۾ هو جو مظلوم قومن ۽ عوام جي ڦُرلٽ جا وڏي ۾ وڏا نظرياتي هٿيار اهي هئا پر هاڻي جڏهن هڪ طرف اهي نام نهاد نعرا پنهنجي وقعت بنهہ وڃائي ويٺا آهن ۽ اسلام توڙي مها پاڪستانيت جي آڙ ۾ ننڍين ۽ مظلوم قومن جي ڦُرلٽ اڳ جيان سؤلي نہ رهي آهي تہ انهن بہ پنهنجي حڪمت عملي تبديل ڪئي آهي. ان جو مطلب اهو هرگز نہ آهي تہ ايم ڪيو ايم يا اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي سياست قيادت ڪا لبرل يا ترقي پسند يا حقيقت پسند ٿي وئي آهي پر حقيقت اها آهي تہ ڪالهہ جڏهن مها پاڪستاني ۽ اسلام جي ٺيڪيدار ٿيڻ سان سندن ناجائز مفادن جو پورائو ٿيندو هو تہ اهي ان جا نمائندا نظر ايندا هئا ۽ هاڻي جڏهن سندن ناجائز مفادن جو پورائو مها پاڪستانيت ۽ اسلام جي ٺيڪيداريءَ کي رد ڪرڻ ۾ آهي تہ اهي انهن روين جا علمبردار آهن. بنيادي سوال انهن روين جو ناهي، ڇاڪاڻ تہ اهي تہ حڪمت عمليون آهن پر اصل سوال سندن ”مقصد“ جو آهي. حڪمت عمليون تہ بدليل حالتن آهر تبديل ٿينديون رهنديون آهن، ان ڪري حڪمت عملين جو سوال ثانوي ۽ سندن مقصد جو سوال بنيادي آهي. جيئن جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ روس ۾ افغانستان جي ڪري ڪٽر اسلامي ملڪ ٿيڻ اسٽيبلشمينٽ جي مفاد ۾ هو جو آمريڪا پاڪستان جو اهڙو ئي ڪردار چاهيو ٿي، تہ جنرل ضياءَ اسلام جو ٺيڪيدار رهڻ جو تاثر ڏيندو رهيو. اڄ آمريڪا مسلم انتها پسنديءَ ۽ ڪٽرپڻي جي روبي جي خلاف نظر ٿو اچي تہ پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ پاڻ کي لبرل

ثابت ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. جنرل مشرف پاڻ کي ڪمال اتاترڪ سڏائڻ ۾ خوشي محسوس ٿو ڪري. ان ڪري سوال بنيادي طور حڪمت عملين جو نہ آهي، جو اهي تہ بدليل حالتن آهر تبديل ٿيندڙيون رهنديون آهن. سوال بنيادي مقصدن ۽ مفادن جي محور جو آهي. ايم ڪيو ايم سمجهي ٿي تہ هاڻي مها پاڪستانيت ۽ اسلام جي ٺيڪيداريءَ جي روين سان سندن "مفاد" Serve ڪونہ ٿيندا، ان ڪري سندن حڪمت عملين ۾ تبديلي نظر اچي رهي آهي. هاڻي جيستائين ان سڄيءَ صورتحال ۾ سنڌ جو سوال آهي تہ ان سان لاڳاپيل بنيادي معاملن تي غور ڪرڻ نهايت ضروري آهي. تبديليون ماڻهن جي خواهشن جو نہ انتظار ڪنديون آهن ۽ نہ انهن جون محتاج هونديون آهن. اصل سوال انهن تبديلين سان پنهنجن مفادن کي هم آهنگ ڪرڻ جو هوندو آهي. اڄ کان اڌ صدي اڳ جڏهن ننڍي کنڊ جو ورهاڱو پئي ٿيو، تڏهن بہ سنڌ جي ليڊرشپ کان اها تاريخي غلطي ٿي جو ان پنهنجو ڪردار سنڌ جي مستقل مفادن جي تحفظ جي رخ ۾ متعين نہ ڪيو. سنڌ جو اڪيلو ڏاهو شخص محمد ابراهيم جويو ئي هو، جنهن " Save Sindh Save th Continent" (سنڌ بچايو ـ کنڊ بچايو) جي عنوان سان هڪ تاريخي دستاويز لکي سنڌ جي اُن وقت جي سياسي ليڊرشپ تي واضح ڪيو هو تہ ننڍو کنڊ ورهائجي رهيو آهي ۽ بنيادي نوعيت جا فيصلا ٿي رهيا آهن. ان تبديليءَ جي Process ۾ قومن جي ڪردار ۽ حيثيتن جو نئين سر تعين ٿي رهيو آهي، ان ڪري ضروري آهي تہ سنڌ جي قيادت جيڪو بہ فيصلو ڪري ان ۾ سنڌ جي مستقل قومي مفادن جو لحاظ رکيو وڃي. ان ڪتاب ۾ جويي صاحب انهن سمورين ڳالهين جي فارموليشن بہ ڏني پر افسوس جو سنڌ جي ان وقت جي سياسي قيادت ڪوتاهہ نظريءَ کان ڪم ورتي، ان طرف ڪو ڌيان نہ ڏنو ۽ سنڌ جي مستقل تاريخي، قومي مفادن جو ڪو لحاظ نہ رکيو جنهن جو نتيجو اسان اڄ پوڳي رهيا آهيون. ماڻهو رڳو هڪ گهر جو سودو ڪري ٿو تڏهن بہ ان جو لکت ۾ معاهدو ڪري ٿو پر هڪ پوري قوم ۽ ان جي وطن جو سودو ڪنهن بہ لکيل معاهدي تحت نہ ڪيو ويو. اڄ اسان وٽ رڳو 1940ع جي ٺهراءَ جون چار سٽون آهن، جن کي ڪو پڇڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي.

مٿي ذڪر ڪيل هن سموري بحث جو حاصل مطلب بہ اهو آهي تہ هاڻي وري هيءُ خطو تبديلين جي ڪنهن نئين مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو آهي، جنهن جا خدوخال هينئر واضح ناهن پر اها ڳالهہ يقيني آهي تہ هاڻي تبديلين کان سواءِ هيءُ ملڪ توڙي هيءُ خطو ايئن هلي نہ سگهندا ۽ پاڪستان جي هر قوم ۽ هر ڌر ان جي روشنيءَ ۾ پنهنجو ڪردار متعين ڪري رهي آهي ۽ پنهنجن پنهنجن جائز توڙي ناجائز مفادن جي تحفظ لاءِ پتوڙي رهي آهي پر نظر ايئن پيو اچي تہ ان ۾ سنڌ ۽

سنڌي ماڻهوءَ جو ڪو اثرائتو ڪردار جُڙندي نظر نہ ٿو اچي. سنڌ جي ڏي ۾ وڏي ڏر
پ پ پ آهي، جنهن کي جيڪڏهن تاريخ جو فهم هجي ها تہ اڄ سنڌ جون حالتون
هيءَ نہ هجن ها ۽ سنڌ ملڪي سياست ۾ هينئن نڌڪي ۽ غير اهم نہ هجي ها. ٻئي
طرف سنڌ جي هڪ وڏي پارٽي ايم ڪيو ايم آهي، جنهن جي ڪردار تي ڪنهن
عقل ڪان انڌي ماڻهوءَ کي ئي ابهام ٿي سگهي ٿو تہ اها پس و پيش ڪهڙي مفاد ۽
مقصد لاءِ ڪم پئي ڪري؟ جيستائين سنڌ جي قومپرست ۽ وطن دوست سياست
جو تعلق آهي تہ اها موجوده صورتحال تي پنهنجو بنيادي نوعيت جو Influence
وجهڻ جي پوزيشن ۾ نظر نہ ٿي اچي ۽ اها خود بہ فڪري طور سخت تضادن جو
شڪار آهي. خود ايم ڪيو ايم جي سوال تي بہ اها ورهايل نظر اچي ٿي. سنڌ جي
مستقل مفادن جي لحاظ ڪان جنهن قسم جي سياسي ۽ قومي سوچ جي
Homogenity جي ضرورت آهي، ان ۾ تمام وڏيون فڪري، سياسي، سماجي ۽
ٻيون رڪاوٽون آهن. سنڌ جو دانشور/ لکندڙ يا تہ سياسي طور بلڪل ٻاراڻي سطح
جو آهي يا جي ان جو ڪجهہ حصو سرگرم بہ آهي تہ ان جو Issues ڏانهن رويو
سطحي ۽ ر وايتي آهي. نتيجي ۾ ان جو بہ ڪو وڏو اثرائتو ڪردار نہ پيو جُڙي
لکندڙ جي گهٽائي يا تہ اڃا تائين زلفن ۽ بادلن جي چڪر ۾ ڦاٿل آهي يا وري ان
جي سطح بنهہ روايتي ۽ هلڪي آهي. منهنجو مطلب ڪا مايوس ڪندڙ صورتحال
سامهون آڻڻ نہ آهي پر سنڌ جي سمورن ساڃاهہ وند ماڻهن جي ايجنڊا تي اهو سوال
آڻڻ آهي تہ ان سوال کي وڏيءَ اهميت سان ڪنيو وڃي تہ بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن ۾
سنڌ جو ڪردار ڪهڙو ۽ ڪيئن متعين ٿيڻ گهرجي؟

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 5 آڪٽوبر 2000ع

# سنڌ جون حڪومتون ڪيستائين يرغمال رهنديون؟

سنڌ ۾ حڪومت نالي ڪا شيءِ موجود آهي يا نه؟ اهو سوال پنهنجيءَ جاءِ تي پر بهرحال ارباب غلام رحيم جي وَڏ_وزارت هيٺ جنهن سيٽ اپ کي سنڌ حڪومت چيو وڃي ٿو ان گذريل ڏينهن ۾ هڪ وقتي پر سنگين بحران کي منهن ڏنو. بظاهر اهو بحران ”اسلام آباد“ مان هدايتون ڏئي ۽ ”ڏي_ وَٺ“ ذريعي حل ڪيو ويو آهي پر عام تاثر اهو آهي ته جن ڌرين هيءُ بحران پيدا ڪرايو ۽ جن مقصد تحت ڪرايو ان جو ”حل“ به ان ئي بنياد تي مينيج ڪيو ويو. اچو ته ان حوالي سان ڪجهه بنيادي سوالن ۾ نقطن تي گهرائيءَ سان ۽ ماضيءَ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ غور ڪريون.

## 1. سنڌ حڪومت جو موجوده بحران ڪيئن ۽ ڇو پيدا ٿيو؟

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته سنڌ حڪومت جي اصل مضبوط ڌر ايم ڪيو ايم آهي ۽ موقعي پرست سنڌي وڏيرن جي سياسي حمايت سندن سياسي جهوليءَ ۾ وجهي کين سنڌ ۾ اڇي ڪاري جو عملي طور مالڪ بڻايو ويو آهي. ڄام صادق جي دؤر کان وٺي گهڻي ڀاڱي ۾ ٿوري ٿوري وقفي کان سواءِ اهو سلسلو هلندو اچي. ٻئي طرف ”اسلام آباد“ کي سنڌ ۾ اهڙو ماڻهو کپندو هو، جيڪو هڪ طرف جنرل مشرف جي ايجنڊا تحت سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي به راضي ڪري ته سنڌي وڏيرن کي به ننڍين گروهن جي صورت ۾ پ پ پ جي متبادل طور اُڀاري ۽ هلائي. علي محمد مهر کي هٽائي ارباب غلام رحيم کي وڏ_وزارت جو قلمدان ڏيڻ جو مقصد به اهو ئي هو. ان ڪري هڪ طرف علي محمد مهر توڙي ارباب غلام رحيم ايم ڪيو ايم کي سنڌ جو الهه تهه ڏيڻ ۾ وسان نه گهٽايو ته ٻئي طرف سندن ايم ڪيو ايم سان اختيارن ۾

مفادن جا اختلاف بہ هر وقت موجود رهيا. علي محمد مهر بنهه ڪمزور هئڻ سبب ان بابت عوامي سطح تي ڪُڇندو ئي نہ هو تہ وري ارباب رحيم هڪ حد تائين ڪُليل نموني ان جو جزوي ۽ محتاط اظهار بہ ڪندو رهيو آهي. پر ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ مشرف دؤر ۾ ٻنهي وڏن وزيرن سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي عملي طور سنڌ جو سياسي ۽ معاشي الهه تلهه ڏئي ڇڏيو آهي. اهو ئي ارباب غلام رحيم هو جنهن ايم ڪيو ايم جي مرضيءَ موجب سنڌ جا ضلعا ورهائي وڏن شهرن کي سنڌن ڪالونيون بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. اها ئي سرڪار هئي جنهن ايم ڪيو ايم جي ڪارڪنن تان ڏوهن ۽ دهشتگرديءَ جا سوين ڪيس واپس ورتا. چوندڻ ۾ ڪين هر قيمت تي ۽ زوريءَ ڪٽڻ لاءِ انتظامي ۽ قانوني طور واڪ اوور ڏنو. ڪين اربين روپين جي ماليت جا سرڪاري پلاٽ ۽ زمينون پُگڙن مُٽ تي ڏنيون. پر ٻئي پاسي ڪيترن ذاتي ۽ سياسي معاملن تي سنڌن جزوي اختلاف بہ رهندا آيا آهن. جيتوڻيڪ وقفي وقفي سان اهي اختلاف منجهن پيدا ٿيندا. اُيرندا ۽ عوام جي سامهون ايندا رهيا آهن پر هن دفعي اختلافن جا هينيان سبب ڄاڻايا ويا.

- ايم ڪيو ايم سنڌ ۾ نوڪرين جي ڪوٽا جو اڌو اڌ (50٪) تي گهريو.
- ايم ڪيو ايم پنهنجن "ڪمن" جو ٽڪڙو ۽ غير مشروط اُڪلاءُ تي چاهيو.
- ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ جي غير رجسٽرڊ سنڌي ڳوٺن کي ڍاهڻ تي چاهيو ۽ وڏي وزير جو ان ۾ ڪوبہ ڪردار نہ هئڻ گهرجي.
- ايم ڪيو ايم جو الزام هو تہ وڏو وزير سنڌن وزيرن سان "سهڪار" نہ ٿو ڪري.

اهي تہ اُهي سبب هئا جيڪي ميڊيا ۾ عوام آڏو ظاهر ڪيا ويا پر ميڊيا ۾ اهو پڻ بار بار آيو تہ ايم ڪيو ايم جي نوي مطالبن جو چارٽر هو جيڪو ان ارباب غلام رحيم. طارق عزيز ۽ مشرف حڪومت کي (جنهن جو هوءَ پاڻ حصو آهي) پيش ڪيا. ٻئي طرف هن تڪرار يا بحران بابت ارباب غلام رحيم جيڪي سبب ڄاڻايا اُهي ٿُلهي ليکي هي هئا:

- ايم ڪيو ايم وڏي وزير کان غير قانوني ڪم وٺڻ چاهي ٿي.
- ايم ڪيو ايم جا وزير چاهين ٿا تہ سنڌن سمريون وڏو وزير بنا ڏسڻ ۽ جاچڻ جي اکيون ٻوٽي پاس ڪري ڇڏي.
- ايم ڪيو ايم ڪراچيءَ جي سنڌي ڳوٺن کي غير قانوني ڄاڻائي ڍاهڻ چاهي ٿي.
- ايم ڪيو ايم جا وزير ۽ گورنر وڏي وزير جي صوبي جي چيف ايگزيڪيوٽو جي حيثيت کي عملي طور نہ ٿا مڃين.

## ڇا بحران پيدا ڪرڻ ۾ "اسلام آباد" جو هٿ نہ هو؟

جيتوڻيڪ بظاهر هيءَ بحران سنڌ حڪومت اندر ۽ سنڌ جي سطح تي پيدا ٿيو پر گهڻا ماڻهو هن بحران کي ”اسلام آباد“ طرفان پيدا ڪرايل سمجهن ٿا. گهڻن مونجهارن باوجود هڪڙي ڳالهه واضح آهي تہ سنڌ حڪومت جي ٻنهي ڌرين يعني ايم ڪيو ايم توڙي ارباب غلام رحيم (يا پي ايم ايل-ق) پنهنجي مضبوط هٿ جنرل پرويز مشرف جو آهي. ايم ڪيو ايم ۽ مشرف تہ هونئن ئي اسٽريٽجڪ حوالي سان هڪ مفاد، هڪ سوچ ۽ هڪ شيءِ آهي پر ساڳئي وقت سنڌ ۾ ارباب غلام رحيم بہ مشرف جي ئي ٽيڪ تي ويٺل آهي. چاڪاڻ تہ ارباب کي تہ پنهنجي پارٽيءَ جي ليڊرشپ بہ پسند نہ ٿي ڪري ۽ ارباب- امتياز تڪرار پيري اهو بلڪل واضح ٿي ويو هو. ان ڪري جنرل پرويز مشرف جي مرضيءَ کانسواءِ اهو تڪرار ۽ بحران پاڻ مرادو ايئن شدت سان اُڀري اچي، اهو ڪوڙو لڳي ئي نہ ٿو. ڪهڙي شيءِ ۽ ڳالهہ آهي جيڪا هونئن سنڌ ۾ توڙي مرڪز ۾ ايم ڪيو ايم جي نہ مڃي وئي آهي ۽ خود ارباب غلام رحيم نہ مڃي آهي؟ ضلعا توڙي ايم ڪيو ايم کي سنڌ جا وڏا شهر حوالي ڪرڻ کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي حساس ڳالهہ هئي، جيڪا ارباب نہ مڃي؟ ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ سنڌ حڪومت جي ٻنهي ڌرين وچ ۾ مفادن ۽ اختيارن جي سرد جنگ پهرين ڏينهن کان هلندڙ هئي ۽ آهي پر اها هڪ خاص وقت تي ۽ ان سطح تي عوام آڏو ظاهر ڪئي وڃي، ان جا سبب يقينن خالص سياسي ۽ اسٽريٽجڪ هئا. ان کي سمجهڻ لاءِ اهو ڏسڻ ئي ڪافي آهي تہ اهو وقتي بحران حل ڪيئن ۽ ڪهڙي انداز سان ٿيو؟

## سنڌ حڪومت جو بحران ڪيئن ۽ ڪنهن حل ڪيو؟

جيتوڻيڪ ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ سنڌ کي حقيقي معنيٰ ۾ نمائنده ۽ بااختيار حڪومت جي قيام جي حق کان گهڻي عرصي کان عملي طور محروم رکيو ويو آهي، پر هن دفعي تہ هن وقتي بحران سنڌ ۾ حڪومت جي بااختيار حيثيت جا سڀ اڄا ڪارا پڌرا ڪري ڇڏيا. چوندا آهن تہ مُلان جي ڊوڙ مسيت تائين، سو هن دفعي بہ ٻنهي جي ڊوڙ ايوانِ صدر ڏانهن هئي ۽ ايوانِ صدر جو هڪ ڪامورو سنڌ حڪومت جي بحران کي مشرف جي هدايتن تحت حل ڪري رهيو هو. ايوانِ صدر جو هڪ ڪامورو سنڌ حڪومت بابت فيصلا ڪري تہ پوءِ اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ حڪومت ڪيتري مضبوط ۽ خودمختيار آهي؟ چيو وڃي ٿو تہ علي محمد مهر کي بہ ان ساڳئي ڪاموري سنڌ جو وڏو وزير ڪرايو هو. سنڌ جي حيثيت هڪ سياسي بينڪيت ۽ ڪالونيءَ جي بڻائي وئي آهي ۽ ان بابت ”اسلام آباد“ مان فيصلا بہ ايئن ئي ٿين ٿا، جيئن پنهنجين فتح ڪيل بينڪيتن بابت آقا ڪندا

آهن. هن بحران جي پڄاڻيءَ جا نتيجا ڪهڙا سامهون آيا، ڏسڻ گهرجي ته اُهي ڪنهن جي مفاد ۾ ويا؟ سڀ ڪان پهرين ڳالهه ته ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي عوام آڏو نمبر ناهڻ ۾ ڪامياب ويون. ايم ڪيو ايم اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي اهو شدت سان محسوس ڪرايو ته اُها سندن "مفادن" لاءِ ڪيئن ۽ ڪيترو وڙهي ٿي؟ ٻئي طرف ارباب غلام رحيم به سنڌي عوام آڏو پاڻ کي ايئن پيش ڪيو ڄڻ اهو پهرين ڏينهن کان ايم ڪيو ايم سان مزاحمت ڪندو اچي ۽ هو سنڌ جي حقن تي ڪا سوديبازي نه ڪندو. ٻنهي ڌرين جي اها ڇڪتاڻ ۽ صورتحال مشرف سرڪار کي اسٽريٽجڪ حوالي سان Suit ڪري ٿي. مشرف کي ايم ڪيو ايم ۽ ان جا مفاد هر حال ۾ پورا ڪرڻ پر ساڳئي وقت هن کي اهو به گهرجي ٿو ته پ پ کي ڪُنڊائتو ڪرڻ لاءِ سندس ئي من پسند ۽ پيدا ڪيل پارٽي اها جاءِ والاري، خاص طور تي اليڪشني ۽ اقتداري سياست جي حوالي سان.

ايوانِ صدر جي ڪاموري طارق عزيز ٺياڪڙي ڪري جن "نقطن" تي سندن "ناهه" ڪرايو انهن تي غور ڪرڻ سان ئي خبر پئجي ويندي ته بحران جا محرڪ ڇا هئا؟ طئي ڪيو ويو ته سنڌ ۾ چاليهه سيڪڙو نوڪريون ايم ڪيو ايم کي ملنديون ۽ باقي ٻين اتحادي ڌرين کي ملنديون. سوال آهي ته جي سڀ نوڪريون ايم ڪيو ايم ۽ وڏيرن کي ملنديون ته پوءِ عام سنڌي ماڻهو ڪيڏانهن ويندو؟ سنڌ جا ساڃاهه وند ماڻهو هڪ عرصي کان اِهو چوندا اچن ته اسٽيبلشمينٽ جي اها حڪمت عملي آهي ته سنڌ جا ماڻهو ايم ڪيو ايم ۽ سندن من پسند ڀڳجهو وڏيرن وٽ ئي يرغمال رهن. اِها ڳالهه ته هونئن به پڌري پٽ پئي آهي پر هن ناهه ۾ نُقطي ته ان کي مڪمل طور واضح ڪري ڇڏيو آهي. ڇا سرڪاري نوڪريون ڪڏهن حڪومتي پارٽين ۾ ايئن ناهه ڪري ورهائبيون آهن؟ ٻيو نُقطو اهو طئي ٿيو آهي ته 1985ع کان اڳ وارا ڳوٺ نه ڏاٺا ويندا، البته ان کان پوءِ وارا سڀ سنڌي ڳوٺ، جن کي شهري حڪومت غير قانوني قرار ڏئي ٿي، اُهي ڏاٺا ويندا. ڇا اهو ناهه ۾ نقطو سنڌي ماڻهن جي مفاد وٽان آهي؟ گذريل ويهن سالن ۾ لکين سنڌي روزگار جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا آهن. اڳ ڪراچيءَ ۾ سنڌي رڳو سرڪاري نوڪرين جي ڪري ايندا هئا پر گذريل ڏهاڪي کان ڪراچيءَ ۾ سنڌين جو وڏو انگ غير سرڪاري نوڪرين ۾ روزگار جي متبادل ذريعن سبب به آيو آهي. ڪراچيءَ جون تيزيءَ سان اُڀرندڙ ۽ ٺهندڙ سنڌي وسنديون ان ئي لقاءَ جو سماجي اظهار آهن. پر اها صورتحال انهن ڌرين کي هرگز پسند نه آهي، جيڪي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ماڻهن کي ڪنهن مضبوط شڪل ۾ ڏسڻ نٿيون چاهين. سنڌي ڳوٺن کي ڍاهڻ پنيان به اهي ئي سبب ۽ محرڪ آهن. 1985ع ۾ ڪراچيءَ جي آبادي 60 لک جي لڳ ڀڳ هئي ۽ اڄ اها ڏيڍ ڪروڙ ٻڌائي وڃي ٿي.

سوال آهي تہ جڏهن بين لکين غير قانوني پرڏيهين توڙي ڏيهين جي آبادڪاريءَ تي ڪنهن کي اعتراض نہ آهي تہ آخر سنڌين جي آبادڪاري کين اکين ۾ ڪنڊي وانگر ڇو ٿي چُڀي؟

ان ڪري جيڪڏهن ايم ڪيو ايم ۽ ارباب غلام رحيم ۾ ناهہ ان بنياد تي ٿيو آهي تہ 1985ع کان پوءِ ٿهيل سنڌي وسنديون ڊاهيون وينديون تہ اهو فيصلو سراسر سنڌي ماڻهن جي سياسي ۽ معاشي سگهہ تي وار برابر آهي ۽ ارباب غلام رحيم اِها هام نہ ٿو هڻي سگهي تہ هن اِهو ناهہ ڪري ڪا ڪيپ ڪٽي آهي. حقيقت ۾ جي ان تي عمل ٿيو تہ نہ رڳو ان سان سنڌي ماڻهن جي سياسي ۽ معاشي قومي سگهہ کي سخت ڌڪ لڳندو پر ان سان سنڌ اندر سياسي ٽڪرار بہ شديد ٿيندا، جيڪي ڪنهن جي بہ حق ۾ نہ آهن. نہ سنڌي عوام جي ۽ نہ اردو ڳالهائيندڙ عوام جي ۽ نہ ئي وري مجموعي طور سنڌ جي. ناهہ جو ٽيون نقطو اهو پڌرو ڪيو ويو آهي تہ ايم ڪيو ايم وڏي وزير جي اٿارٽيءَ ۽ حيثيت جو احترام ڪندي ۽ وڏو وزير موٽ ۾ ساڻن ”سهڪار“ ڪندو. سوال آهي تہ ان سهڪار جو مطلب ڇا آهي؟ جائز ڪمن لاءِ تہ ڪنهن سهڪار جي ڪا ضرورت نہ آهي ۽ جي ڪم ناجائز آهن تہ پوءِ مرڪزي حڪومت طرفان وڏي وزير کي ايم ڪيو ايم سان ”سهڪار“ جي پارت جو مطلب ڇا آهي؟

ان ڏس ۾ سڀ کان اهم ڳالهہ اِها آهي تہ ايم ڪيو ايم جيڪي نوي شرط ۽ مطالبا وڏي وزير ۽ صدر مشرف آڏو رکيا هئا، اُهي ڪهڙا هئا ۽ انهن بابت ناهہ ۾ ڇا طئي ٿيو؟ اهو سڄو ذڪر ئي گم ڪيو ويو آهي. اُصولي طور حڪومت کي هر ناهہ عوام آڏو پڌرو ڪرڻ گهرجي جو اهو ڄاڻڻ عوام جو حق آهي پر هميشہ جيان هن دفعي بہ ان کي ڳُجهہ ۾ رکيو ويو آهي. ماضيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جنهن بہ حڪومت سان جيڪي بہ لکت ۾ يا زباني ظاهر توڙي ڳجها ”ناهہ“ ڪيا آهن، انهن جا مطالبا سنڌ ۽ سنڌي عوام جي مفادن سان سخت ٽڪراءَ ۾ رهيا آهن. پ پ پ جو 1988ع وارو دؤر هجي يا ڄام صادق جو دؤر، وينڌي اچوڪي دؤر تائين ايم ڪيو ايم هميشہ حڪومت ۾ هوندي اهڙن ئي ناهن معرفت سنڌ ۽ سنڌي عوام جي تاريخي مفادن تي وار ڪيا آهن. هن دفعي اهو ناهہ يا اهي نوي مطالبا عوام کان ڳُجها رکيا ويا آهن. موجوده دؤر جنهن ۾ هڪ طرف مرڪز ۾ اڇي ڪاري جو مالڪ ايم ڪيو ايم جو حمايتي صدر مشرف ويٺو آهي، ٻئي طرف مرڪز ۽ سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم حڪومت جو اهم حصو آهي. تڏهن سندن مطالبا ڇا هوندا ۽ اُهي ڪيترو انصاف پسند، قانوني، جائز ۽ سنڌي عوام جي قومي مفادن سان هم آهنگ هوندا، ان جو تصور ڪري سگهجي ٿو.

## سنڌ ۾ حڪومتون ڪيستائين يرغمال رهنديون؟

هن سڄي منظرنامي ۾ بنيادي سوال اهو آهي تہ سنڌ ۾ حڪومتون آخر ڪيستائين ايئن بليڪ ميلنگ جو شڪار ٿي يرغمال رهنديون؟ سنڌ ۾ اها هڪ مضبوط راءِ آهي تہ ايم ڪيو ايم کي ضياءَ شاهيءَ طرفان ٺاهيو ۽ اُڀاريو ئي ان لاءِ ويو هو تہ جيئن سنڌ ۾ هڪ طرف جمهوري قومي سياست آڏو بند ٻڌجن تہ ٻئي طرف سنڌ ۾ ڪابہ آزاد ۽ سنڌي عوام جي ترجمان حڪومت يا تہ ٺهي نہ سگهي ۽ جي اتفاق سان ٺهي بہ وڃي تہ اها عملي طور هلي نہ سگهي. اهو نتيجو ايم ڪيو ايم جي قيام کان وٺي اڄ تائين واضح طور ڏسي سگهجي ٿو. ايم ڪيو ايم هڪ طرف سنڌ جي قومي جمهوري سياست جي اڀُسر کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي تہ ٻئي طرف ان جي قيام کان پوءِ ڪابہ حڪومت سنڌي عوام جي قومي مفادن موجب ڪم نہ ڪري سگهي. حڪومت ڪهڙي بہ هجي، ان ۾ ايم ڪيو ايم شامل هجي يا نہ پر هر حڪومت ٻنهي صورتن ۾ وٽن عملي طور يرغمال بڻيل آهي ۽ ان ۾ ايم ڪيو ايم جي اسٽريٽجڪ اتحادي اسٽيبلشمينٽ آهي. سنڌ جي وطن دوست، عوام دوست قومي توڙي جمهوري پارٽين لاءِ اهو سڀ کان وڏو چئلينج آهي تہ اهي سنڌ کي ايم ڪيو ايم ۽ اسلام آباد جي ڳيجهو وڏيرن جي ناجائز اتحاد ۽ قبضي کان سياسي طور ڪيئن ٿا آزاد ڪرائين؟

---

پندرنهن وار ”افيئر“، 2006ع

# ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کان
# پوءِ سنڌ ڇا ڇا پوڙيو!؟

## ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ جا عوامي محرڪ ڪهڙا هئا؟

1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي مزاحمتي تحريڪ نه رڳو ويجهي ماضيءَ جي پر سنڌ جي سياسي تاريخ جي هڪ سگهاري ۽ اهم ترين عوامي مزاحمتي تحريڪ هئي. رسمي ۽ مٿاڇري حقيقتن جي اک سان ڏسبو ته اها مختلف سياسي پارٽين جي اتحاد "ايم آر ڊي" پاران ضيائي آمريت خلاف هلايل هڪ تحريڪ هئي، جيڪا ڪنهن به واضح نتيجي ڪانسواءِ پڄاڻيءَ کي پهتي، پر جيڪڏهن تاريخي نظر ۽ عوامي محرڪن جي خيالن کان هن تحريڪ کي ڏسبو ۽ پروڙبو ته ان جا محرڪ، سبب توڙي نتيجا مختلف انداز سان سامهون ايندا. افسوس جو سنڌ جي سياسي تاريخ جي هن اهم موضوع تي گهرائيءَ سان بنهه گهٽ لکيو ويو آهي. هن مضمون ۾ ايم آر ڊيءَ جي 1983ع جي تحريڪ جي واقعن ۽ وارتائن تي گهٽ پر ان کانپوءِ انهن ڊگهي مُدي وارن نتيجن تي نظر وڌي وئي آهي، جيڪي سنڌ کي نه رڳو تحريڪ کانپوءِ پوڳڻا پيا پر پوڳڻا جو اهو سفر بدستور جاري آهي.

1983ع ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ۾ سنڌي عوام جي سگهاري مزاحمتي جدوجهد دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو. جنهن سنڌي قوم جي سڃاڻپ سهپ، درويشي، سستي ۽ مانيٽا رويا هئا، اها اجتماعي چرڪ پري، سياسي اکيون مهتي اُٿي پئي. اها هٿين خالي سنڌي قوم وحشي لانگ بوٽن ۽ بي رحم بندوق جي نالين سان مهاڏو اٽڪائي بيهي رهي. جيتوڻيڪ سائين جي. ايم. سيد ان کي ڪفن چورن جي تحريڪ سڏيو پر دنيا ڏٺو ته سنڌ جي عوام نئين دؤر ۾ پنهنجي هڪ نئين سڃاڻپ جا نقش تخليق ڪيا. يعني مزاحمتي سنڌ، جمهوريت جي سرواڻ

سنڌ، اسٽيبلشمينٽ مخالف عوامي جدوجهد جي اڳواڻ سنڌ. سنڌ جي عوام پنهنجي جدوجهد ۽ اورچائيءَ سان، قربانين ۽ مزاحمت سان سنڌ جي ڳاٽ اوچي ڪرڻ جا نوان حوالا تحرير ڪيا.

حقيقت ۾ تحريڪون ۽ اتحاد تہ عوامي جدوجهدن جا آبجيڪٽو سبب بڻجن ٿا پر عوامي جدوجهدن جا پنهنجا معروضي محرڪ ٿين ٿا ۽ دراصل انهن ئي عنصرن جو حادثو نتيجن جو سبب بڻجي ٿو. منهنجيءَ نظر ۾ 1983ع ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کي بہ ايئن ۽ ان تناظر ۾ ڏسڻ گهرجي. جڏهن بہ ڪنهن تحريڪ ۾ عوام جي گهڻائي پنهنجيءَ پوريءَ سگهہ سان شامل ٿئي ۽ قربانين جي حد تائين مزاحمت ڪري تہ ان کي مٿاڇري ۽ سطحي انداز سان ڏسڻ نہ گهرجي. منهنجيءَ نظر ۾ هن تحريڪ ۾ سنڌي عوام جي ڀرپور مزاحمت ۽ جدوجهد جا هيٺيان ٿي سبب هئا:

## (الف) ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت:

ذوالفقار علي ڀٽي جي سياست ۽ فڪر سان ڀل تہ دانشور ۽ سياسي پارٽيون اختلاف رکن (جن مان ڪيترا جائز بہ آهن) پر ان حقيقت کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ ڀٽو سنڌي عوام جو ديوَمالائي هيرو هو. ڀٽي صاحب کان اڳ سنڌ جي عوام ڪڏهن پاپولر عوامي سياسي اڳواڻ ڏٺو ئي نہ هو. ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت سنڌي عوام لاءِ هڪ گهرو گهاءُ صدمو هو. روحاني هاڃو هو. جنهن جي مزاحمتي اظهار آڏو سندس ئي پارٽيءَ جي اڳواڻن بند ٻڌا پر عوام ان صدمي کي وساري نہ سگهيو. شرير ۾ اجتماعي ڊپريشن ۽ پ پ پ جي وائڙي ڪردار سبب هڪ اجتماعي مزاحمت، دانهن ۽ نفرت عوام جي دلين ۾ ڪنهن تاريخي گهڙيءَ جي اوسيئڙي ۾ هيون ۽ 1983ع ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ معروضي ۽ موضوعي طرح اها گهڙي ثابت ٿي. ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت جي موقعي تي عوام جون اڻ اظهاريل پيڙائون عوام کي چرين جيان رستن تي وٺي آيون. عوام کي ان ڳالهہ ۽ سبب جي بہ پرواهہ نہ هئي تہ ڪو هيءُ رد عمل انهن پيڙائن جو هو جيڪي سندن گهاءَ تحت الشعور ۾ ڪنهن برندڙ جبل جيان پچي رهيون هيون. جيتوڻيڪ 1983ع جي ايم آر ڊي جي تحريڪ جي ايجنڊا ۾ ڪٿي بہ ڀٽي جو رڳو ذڪر بہ نہ هو پر عوام جي تحت الشعور ۾ ڀٽي جي شهادت جو گهرو گهاءُ ڏک ويٺل هو جيڪو جڻ تہ ڪنهن سڏ ۽ ڪوڪ جي انتظار ۾ هو. 1983ع جي تحريڪ عوام لاءِ اهو سڏ ثابت ٿيو ۽ عوام مزاحمتي جدوجهد جي روپ ۾ ان سڏ کي ماناائتي ۽ شاناائتي موٽ ڏني ۽ دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو.

### (ب) جنرل ضياءُ الحق سان سنڌي عوام جي شديد نفرت:

1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ۾ سنڌي عوام جي غير معمولي مزاحمتي جدوجهد جو هيو اهم محرڪ سنڌي عوام جي جنرل ضياءُ الحق سان اٿاهه نفرت بہ هئي. ذوالفقار علي ڀُٽي جي شهادت, نظير عباسيءَ ۽ نوڙهي ڦاٽڪ تي سنڌي شاگردن جي شهادت, اُگهاڙي, عوام دشمن آمريت, مڪر, ڪوڙ, ٺڳيءَ ۽ منافقيءَ سبب جنرل ضياءُ الحق سنڌي عوام لاءِ بڇڙائيءَ ۽ نفرت جي علامت بڻيل هو. سنڌي عوام هن کي پنهنجي محبوبن, آزاديءَ, جمهوريت ۽ انساني حقن جو قاتل ٿي سمجهيو. جڏهن 1983ع ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ضياءُ الحق مخالفت جي نالي ۾ شروع ٿي تہ پوءِ سنڌي عوام کان وڌيڪ ٻيو ڪير هو جنهن کي ضياءُ الحق سان اٿاهه نفرت هئي؟ پ پ پ تہ ضياءُ الحق جي مخالف هئي پر سنڌي عوام لاءِ تہ ضياءُ الحق هڪ بدترين دشمن هو. عوام جي دشمني ۽ نفرت ڪيئن ۽ ڇا هوندي آهي ۽ اها بہ وري سنڌي عوام جي؟ ان جو عملي اظهار دنيا سنڌ ۾ 1983ع ۾ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ۾ ڏٺو.

### (پ) سنڌي عوام سان زندگيءَ جي هر شعبي ۾ بہ اڪيائي:

ذوالفقار علي ڀُٽي سنڌي عوام کي رڳو اڳتي وڌڻ لاءِ اٿاهه اعتماد ۽ اتساهه ئي نہ ڏنو پر ان جا مضبوط ۽ ٺوس بنياد بہ فراهم ڪيا. سنڌي مڊل ڪلاس جي اوُسر جا نوان ۽ سگهارا بنياد پيا, سنڌي عوام سرڪاري نوڪرين ۾ وڏي انگ ۾ آيو. عام سنڌي نوجوان وڏن شهرن ۾ وڏي انگ ۾ آيو. سنڌي ماڻهن جو مجموعي طرح مورال مٿي ٿيو پر ضياءُ الحق جڻ تہ سنڌي عوام لاءِ نياڳ جي علامت ٿي اُڀريو. سنڌي ماڻهن لاءِ زندگيءَ جي سمورن شعبن جا در بند ٿيڻ شروع ٿيا, ساڻن هر سطح تي بہ اڪيائي پنهنجي بدترين روپ ۾ سامهون آئي. سنڌي عوام عملي تجربن مان محسوس ڪرڻ شروع ڪيو تہ ضياءُ الحق متعصب آهي, سنڌين جو بدترين ويري آهي ۽ ساڻن هر سطح تي ٿيندڙ بہ اڪيائيءَ جو بنياد ۽ محرڪ آهي. ان ڪري 1983ع ۾ جڏهن ايم آر ڊيءَ جي ضياءَ مخالف تحريڪ شروع ٿي تہ سنڌي عوام ان کي اڻ سڌي توڙي سڌيءَ ريت پنهنجن حقن جي بچاءُ جي تحريڪ پڻ سمجهيو ۽ نتيجي طور سموري جدوجهد ۾ هڪ اڳواڻ دستي طور سامهون آيو.

### اسٽيبلشمينٽ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کي ڪيئن ڏٺو!؟

1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کي مختلف رخن کان ڏسي سگهجي ٿو. مثال طور ايم آر ڊيءَ جي وڏي ۾ وڏي ڌر پ پ پ پاران جتوئي صاحب جو مقصد ڪا ڏگهي عوامي مزاحمت نہ پر بارگيننگ جي ڪا صورتحال پيدا ڪرڻ هئي. سنڌ ۾

عوامي تحريڪ ان ۾ پنهنجي تنظيمي ۽ سياسي سگهه مڃرائڻ توڙي عوام سان گڏجي جدوجهد ڪرڻ جي خيال کان پرپور حصو ورتو. جڏهن ته عوام طرفان تحريڪ ۾ غير معمولي حصي وٺڻ جا محرڪ اسان مٿي ڄاڻائي آيا آهيون، پر اسٽيبلشمينٽ ان کي بلڪل ٻيءَ اک سان ڏٺو. اسٽيبلشمينٽ ايم آر ڊيءَ ۾ شامل سياسي ڌرين کان نه ٿي ڊني پر ان سنڌي عوام جي مزاحمتي سياسي رويي جو سخت ۽ سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو. اسٽيبلشمينٽ کي معلوم هو ته بنگال کانپوءِ ڪنهن به وڏي قومي/ عوامي جمهوري تحريڪ لاءِ سگهارا محرڪ سنڌ ۾ ئي موجود هئا ۽ جيڪڏهن سنڌي عوام ان سطح جي مزاحمتي رويي ۽ سگهه جو اظهار ڪري سگهي ٿو ته پوءِ ان کي ايم آر ڊيءَ کان اڳتي وڏي حقيقي قومي/عوامي جمهوري جدوجهد جي واٽ وٺڻ ۽ ان رخ ۾ وڃڻ کان ڪير به روڪي نه سگهندو. چيو وڃي ٿو ته حالتن کي ڏسي محسوس ڪري سگهجي ٿو ته اسٽيبلشمينٽ نه رڳو ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کان پوءِ سنڌ بابت هڪ مڪمل Strategy ٺاهي ۽ ان تي پيشه ورانه انداز سان ڏينهن رات ڪم ڪيو ۽ اڄ ان جا نتيجا اسان جي سامهون آهن.

## اسٽيبلشمينٽ ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کان پوءِ سنڌ بابت ڪهڙي حڪمت عملي جوڙي؟

1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کان پوءِ سنڌ جو سياسي، سماجي ۽ معاشي منظرنامو اسان کي ڏاڪي به ڏاڪي بلڪل بدليل نظر ايندو. ظاهر آهي ته اهي سڀ فيڪٽر جيڪي 1983ع جي تحريڪ کان پوءِ سنڌ ۾ اُڀري آيا، اهي پاڻ مرادو ڪونه اُڀريا پر اهي ان حڪمت عمليءَ جو نتيجو هئا، جيڪا اسٽيبلشمينٽ سنڌ کي "ڊيل" ڪرڻ لاءِ جوڙي هئي. اچو ته ٿورو مختصر انداز سان انهن فيڪٽرس تي هڪ نظر وجهون.

### 1. ڌاڙيل فيڪٽر:

1983ع جي تحريڪ ۾ سنڌي عوام مزاحمتي شڪل اختيار ڪئي ۽ سڄيءَ دنيا کي مجبور ٿي سنڌ ڏانهن نهارڻو پيو. اسٽيبلشمينٽ سنڌي عوام جي اسٽيٽسڪو کان چڙ، ڪاوڙ ۽ نفرت سياسي طور مزاحمتي شڪل اختيار ڪئي ۽ سڄيءَ دنيا کي مجبور ٿي سنڌ ڏانهن نهارڻو پيو. اسٽيبلشمينٽ سنڌي عوام جي سياسي مزاحمت جو چهرو مسخ ڪرڻ لاءِ ۽ سنڌ جي باري ۾ بڇڙو تصور اُڀارڻ لاءِ حڪمت عمليءَ طور ڌاڙيل فيڪٽر کي پيدا ڪيو. نه رڳو ڌاڙيل فيڪٽر کي پيدا ڪرڻ لاءِ سازگار حالتون پيدا ڪيون ويون پر ڪين سنڌ جا "هيرا" ڪري پيش ڪيو ويو. ساڳيءَ طرح سنڌ جي قومي تحريڪ جي سگهاري حصي يعني شاگردن

جي اڪثريت کي سياست کان لاتعلق ڪرڻ ۽ سنڌ جي تعليم تباهہ ڪرڻ لاءِ تعليمي ادارن ۾ پڙهندڙ ڌوهارين ۽ ڌوهاري ذهنيت جو زهر پريو ويو.

1983ع جي تحريڪ کان پوءِ ڌاڪي بہ ڌاڪي ڌسندي ئي ڌسندي سنڌ ۾ سماج جو ڌوهاري تاثر اُڀرڻ لڳو جيڪو اتفاق نہ هو پر هڪ شاطر ۽ بيرحم حڪمت عمليءَ جو نتيجو هو. نورالهدي شاهہ تہ اهو لکت ۾ اعتراف ڪري چڪي آهي تہ ڪيئن نہ کانئن اڻ چاٽائيءَ ۾ اهڙا ڊراما لکرايا ويا. جن مان سنڌي سماج جو منفي تاثر اُڀاري سگهجي. اها تہ نورالهدي شاهہ جي ضمير جي سچائي آهي، جو جڏهن هن کي اهو احساس ٿيو تہ هن لکت ۾ ان جو اعتراف ڪيو.

ضياءَ جي دؤر ۾ سياسي سرگرمين لاءِ جڏهن پنجاهہ ماڻهو گڏ ٿي نہ ٿي سگهيا، اُتي ڌاڙيلن جا ڪٽڪ آزاديءَ سان هر هنڌ ڦري رهيا هئا. جڻ تہ ڪين سنڌ تي واڪ اوور ڏنو ويو هو. ظاهر آهي تہ اسٽيبلشمينٽ جي اها حڪمت عملي گهڻيءَ حد تائين ڪامياب بہ ٿي ۽ اڄ تائين سنڌ پاڻ بابت ان اُڀاريل تاثر ۽ تصور مان جند آجي ڪرائي نہ سگهي آهي. ان ڪري سنڌ جي سڃاڻ ماڻهن ۽ ڌرين جي شروع کان اها سنجيده راءِ رهي آهي تہ ڌاڙيل فيڪٽر ۾ ڪو اتفاق يا پاڻ مرادو اُڀريل فيڪٽر نہ هو پر حڪمت عمليءَ طور پيدا ڪيل عنصر هو. سوال آهي تہ ڇا فوج، رينجرس ۽ پوليس کان چند ڌاڙيلن جا ٽولا وڏيڪ سگهارا هئا ۽ آهن جو اهي ان جو خاتمو نہ ٿي ڪري سگهيا. حقيقت ۾ ڌاڙيل فيڪٽر سنڌ ۾ اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي ضرورت هئي ۽ آهي.

## 2. سنڌ جو سماجي چهرو مسخ ڪيو ويو:

انگريزيءَ ۾ چوندا آهن تہ: "Gove a dog name and hang him". اسٽيبلشمينٽ سنڌ بابت بہ اهڙي ئي ڪِريل حڪمت عمليءَ تي عمل ڪيو. سنڌي عوام پنهنجين قربانين ۽ جدوجهد سان پنهنجو جيڪو بهادر ۽ يادگار سياسي مزاحمتي اميج ٺاهيو اسٽيبلشمينٽ ان جو توڙ ڳولڻ لاءِ حڪمت عمليءَ جي وڏي اُصول "Indirect Approach" تي ڪم ڪيو. ان جو مطلب هو تہ سنڌ کي سماجي طرح ايترو بڇڙو ڪري پيش ڪيو وڃي جو ان جي سياسي مزاحمت يا روين کي بہ ان تناظر ۾ ڏٺو وڃي. 1983ع جي تحريڪ کان پوءِ ڌسندي ئي ڌسندي قبائلي ۽ ذاتين جي بنياد تي سماجي تنظيمون ٺهڻ شروع ٿيون. ماڻهن کي برادرين، قبيلن ۽ ذاتين ۾ ورهائڻ لاءِ حالتون سازگار بڻائي ڏنيون ويون. وڏيراشاهيءَ کي اڳي کان بہ وڌيڪ مضبوط ڪرڻ جا انتظام ڪيا ويا. سنڌ ۾ ڌسندي ئي ڌسندي ڪارو ڪاريءَ جا واقعا وڌڻ لڳا. ڪوڙيون ڊاڪيومينٽريز ٺاهيون ويون تہ سنڌي قرآن سان نياڻين جون شاديون ڪرائين ٿا. يعني هڪ طرف ڌاڙيل فيڪٽر پيدا ڪيو ويو ۽ ٻئي طرف لاقانونيت کي هوا ڏئي، بڇڙاين کي وڌائڻ لاءِ ماحول

سازگار ٻڌائي، سنڌ جو سماجي چهرو بگاڙيو ويو. جيڪا سنڌ امن جي ڌرتي سڏبي هئي، جنهن جا انسان دوست ۽ مهمان نواز قدر سندس سڃاڻپ هئا. جنهن 1983ع ۾ جدوجهد ذريعي پنهنجو وڏيڪ شاناٿتو اميج اُڀاريو ان کي هڪ وحشي روپ ۽ قدرن جي سنڌ ڪري پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ڌاڙيلن، ڌوهارين، انسان دشمن وڏيرن ۽ ڪوڙهيل قدرن جي نمائنده جاگيردارن جو راڄ هجي. ميڊيا جو به ان ڏس ۾ ڀرپور استعمال ڪيو ويو. اڄ تائين سنڌ ان جا نتيجا ڀوڳي رهي آهي. منهنجي خيال ۾ سنڌي ميڊيا جي ٻين بهتر ڪارنامن سان گڏ اهو ان جو دانسته يا نادانسته وڏو ڏوهه ليکبو جو اها پڻ ان ۾ هڪ مهري طور استعمال ٿي ۽ سنڌ جو سماجي چهرو مسخ ڪيو. سنڌي ميڊيا لاءِ سنڌ ۾ مثبت سرگرميون غير اهم آهن پر هر ناڪاري ڳالهه جو نيوز ويليو وڏيڪ آهي.

## 3. سياست ۾ دهشتگرديءَ کي متعارف ڪرايو ويو:

1983ع جي تحريڪ ڪانپوءِ جيئن حڪمت عمليءَ طور ڌاڙيل فيڪٽر کي پيدا ڪري ۽ وحشي قدرن جي وڏيرڪي نظام کي سگهارو ڪري سنڌ جي سماجي چهري کي مسخ ڪيو ويو تيئن سياسي ميدان تي دهشتگرد ڪلچر کي متعارف ڪرايو ويو جنهن جو وڏي ۾ وڏو تحفو ”ايم ڪيو ايم“ آهي. هاڻي اها ڳالهه ڪو لڪل راز نه آهي ته ايم ڪيو ايم کي 1983ع جي تحريڪ ڪانپوءِ اسٽيبلشمينٽ حڪمت عمليءَ طور اُڀاريو. اسٽيبلشمينٽ 1983ع ۾ سنڌي عوام جي نگاهن ۾ روين مان سمجهي ورتو هو ته جي عوام جو اهو رويو ڪنهن وڏي سياسي تحريڪ ۾ Process ۾ ويو ته ان جا نتيجا اسٽيبلشمينٽ لاءِ ڪيترا ڳرا هوندا؟ اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عمليءَ جي ماهرن کي خبر هئي ته جيڪڏهن هڪ طرف سنڌ جو سماجي چهرو ڌاڙيلن، ڌوهارين ۽ انسان دشمن ريتن ذريعي بگاڙيو وڃي ۽ ٻئي پاسي دهشتگرديءَ کي حڪمت عمليءَ طور سنڌ جي سياسي ڪلچر ۾ متعارف ڪرايو وڃي ته سڄو طاقت جو توازن بگڙجي ويندو ۽ نيٺ بدقسمتيءَ سان ايئن ئي ٿيو. ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ اُڀاريو ئي ان ڪري ويو هو ته جيئن سنڌ ۾ سنڌي عوام جي حقيقي قومي/ عوامي ۽ جمهوري سياست اڳتي وڌي نه سگهي ۽ ڪڏهن به آزاد ۽ صحتمند مقابلي واري فضا ۾ ساهه کڻي نه سگهي. گذريل ٻن ڏهاڪن ۾ ايم ڪيو ايم جي سياست انهن يقينن جهڙن خدشن کي سئو سيڪڙو درست ثابت ڪيو. ايم ڪيو ايم سنڌ جي پُرامن قومي/ جمهوري سياست جي نڙيءَ تي اسٽيبلشمينٽ جو رکيل ننهن آهي. 1983ع جي تحريڪ ڪانپوءِ ايم ڪيو ايم ذريعي سنڌ جي قومي/ جمهوري سياست جي پُرامن راهه تي دهشتگرديءَ جو اهڙو بند ٻڌو ويو آهي، جيڪو سنڌ جي عوام جي سياسي سگهه تي هڪ اسٽريٽجڪ وار آهي.

## 4. سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي ڪرپٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي:

اڄ جيڪڏهن اسان کي سنڌ ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو اهو ڀرپور مزاحمتي ۽ قومي/ عوامي/ فڪري ڪردار نظر نه ٿو اچي ته اهو به تاريخ جو ڪو اتفاق نه آهي. 1983ع کان پوءِ ضياءَ شاهيءَ سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي پنهنجي "قومي ۽ فڪري وڳ" کان ڌار ڪرڻ لاءِ بلڪ Counter Productive بڻائڻ لاءِ مراعتن جا در کوليا. اسلام آباد ۾ اهلِ قلم ڪانفرنسون ٿيڻ لڳيون ۽ سنڌي اديبن ۽ شاعرن توڙي دانشورن به واسڪوٽيون پائي اسلام آباد ياترائون ڪرڻ کي پنهنجو معراج سمجهيو. چوندا آهن نوريئڙي جي مهماني به ٻير ـ سو سنڌي اديبن ۽ دانشورن لاءِ اسلام آباد ۾ اسٽيبلشمينٽ جي هٿ لوڌ ئي ڪافي هئي. اڪادمي ادبيات ۾ رباني آگري کي پرتي ڪيو ويو جنهن جو ڪم ئي سنڌي اديبن ۽ دانشورن کي "اسلام آباد" جي ويجهو آڻڻ هو. سنڌي اديب به ٻاهرين ثقافتي وفدن ۾ وڃڻ لڳا. (ان ۾ ڪا به خراب ڳالهه نه آهي، جي ماڻهو پنهنجو ٻُت جهلي سگهي ته!) اسلام آباد ۾ ان حڪمت عمليءَ جو سولو ڪاڄ عوام کان ڪٽيل مڊل ڪلاس جا اڪثر اديب ۽ دانشور ٿيا. ون يونٽ جي زماني جا مزاحمتي اديب 1983ع کان پوءِ آهستي آهستي "شرفا" ۾ شامل ٿيندا ويا ۽ پوءِ هنن لاءِ پنهنجي عوام ۽ جدوجهد سان گڏ بيهڻ عيب جي ڳالهه هئي. بلڪل ايئن جيئن ذوالفقار علي ڀُٽي به وڏيءَ چالاڪيءَ سان سنڌي اديبن جو "ڏنگ ڪيڏڻ" لاءِ وسان نه گهٽايو تيئن ضياءَ شاهي ان کان به اڳتي وڌي منجهن موجود موقعي پرستيءَ کي وڌڻ ۽ ويجهڻ لاءِ "سڀ موقعا" فراهم ڪيا. اڄ اسان جي "وڏن" اديبن ۽ دانشورن جي وڏي گهڻائي چوويهه ڪلاڪ "ٻئي در واجهائڻ" ۽ پنهنجي عوام جي اُپري سيري قومي ۽ جمهوري جدوجهد مان وڏون ڪيڏڻ جي ڪم سان لڳل آهي. انهن مان اڪثر الطاف حسين جي سڏ تي ضرور ويندا پر پنهنجي عوام جي جدوجهد کان پاسيرو رهڻ ۾ عاقبت محسوس ڪندا.

"ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه چڪيو."

(شاهه)

## ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کان پوءِ "جمهوريت پسنديءَ" ۽ "قومپرستيءَ" جي دعويدار ڌرين جو عملي ڪردار ڇا رهيو؟

1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ ڪانپوءِ جتي اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عملين ۽ ان جي نتيجن کي ڏسڻ ضروري آهي، اتي سنڌ ۾ جمهوريت پسنديءَ ۽ قومپرستيءَ جي دعويدار ڌرين جي ڪردار ۽ ان جي نتيجن کي به پرکڻ تمام ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته 1983ع کان پوءِ جي سنڌ جي حالتن ۾ انهن جو به بنيادي ڪردار آهي.

## (الف) جمهوريت پسنديءَ جي دعويدار ڌرين جو ڪردار:

سنڌ ۾ جمهوريت پسنديءَ جي وڏي ۾ وڏي دعويدار ڌر پ پ پ آهي، جنهن کي عوام جي وڏي حصي جي ہن ڏهاڪن کان حمايت حاصل رهي آهي. ايم آر ڊيءَ ۾ بہ هيءَ ڌر وڏي اثرائتي هئي، اها ہي ڳالھ آهي تہ ڪارڪنن ڪانسواءِ پارٽيءَ جا اڪثر اڳواڻ جدوجهد کي اڌ ۾ ڇڏي ميدان مان پڇي ويا هئا. ان ۾ بہ ڪو شڪ نہ آهي تہ اسٽيبلشمينٽ بہ هن ڌر کي خاص طور 1983ع کان پوءِ ڪمزور ڪرڻ ۽ ماڳهين ختم ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. ان جو سبب ڪو پارٽيءَ جو ڪمال نہ هو پر اسٽيبلشمينٽ ان عوام کان ڊنل هئي، جيڪو هن پارٽيءَ جي جهنڊي هيٺ متحد هو. اسٽيبلشمينٽ لاءِ پ پ پ جي صورت ۾ سنڌ جي عوام جي اها ہڌي خطري جي گهنٽي هئي، پر اها بہ حقيقت آهي تہ ہئي طرف خود پ پ پ بہ پنهنجي موقعي پرستيءَ ۽ اسٽيٽسڪو سان ٺهي هلڻ جي رويي سبب اسٽيبلشمينٽ جي ان سازش کي ڪامياب ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو ۽ بدستور ڪري رهي آهي.

1983ع جي تحريڪ کانپوءِ پ پ پ جن روين سان سياسي عمل ۽ عوامي سگهہ کي ڪاپاري ڌڪ رسيو اهي ٺلهي ليکي هي هئا:

1. مڊل ڪلاس بدران وڏيرا شاهيءَ کي مضبوط ڪيو ويو.
2. جمهوريت لاءِ جدوجهد جو لاپ عوام بدران ان جي ويري قوتن يعني وڏيرا شاهيءَ کي ڏنو ويو.
3. ڪارڪنن کي هٿ وٺي ڪرپٽ ڪيو ويو ۽ کين پارٽيءَ ۾ اُپرڻ جو ڪوبہ موقعو نہ ڏنو ويو.
4. روشن خيال مڊل ڪلاس کي شعوري طور سياسي عمل ۽ تنظيم ۾ Space نہ ڏنو ويو.

هاڻي ڏسي ۽ پروڙي سگهجي ٿو تہ اهي سپ رويا ۽ نتيجا ڪنهن جي مفاد ۾ هئا؟ سنڌي عوام جي يا ان اسٽيبلشمينٽ جي، جيڪا جمهوريت، سنڌي عوام ۽ عوامي سياسي عمل خلاف سندرو ہڌي بيٺي هئي؟

## (ب) قومپرستيءَ جي دعويدار ڌرين جو ڪردار:

سنڌ ۾ قومپرستيءَ جي نالي ۾ بہ سنڌ سان وڏا هاڃا ٿيندا رهيا آهن ۽ بدستور ٿين پيا. سنڌ ۾ جتي 1983ع کانپوءِ اسٽيبلشمينٽ وڏيءَ حڪمت عمليءَ سان آپريٽ ڪيو ۽ جيئن جمهوريت جي دعويدار وڏي ۾ وڏي ڌر پ پ پ سنڌ جي عوام کي مايوس ڪيو تيئن قومپرستيءَ جي دعويدارن بہ سنڌ سان قومپرستيءَ جي نالي ۾ ڪِيس ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو. مثال طور:

1. سنڌي عوام لاءِ ضياءُ الحق هڪ اُگھاڙو دشمن هو پر ”قومپرستن“ ان سڄي دؤر ۾ ضياءَ جي خلاف ڪجھ بہ نہ ڪڇيو. حد تہ اها آهي جو عوام ۽ جمهوريت جي دشمن ضياءُ الحق کي شريف النفس سڏيو ويو.
2. جنهن دؤر ۾ ضرورت ضياءُ الحق ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف قوتن جي ساٿ ڏيڻ جي هئي، ان دؤر ۾ ”قومپرستن“ (؟) جو سڄو زور ضياءَ ۽ اسٽيبلشمينٽ مخالف قوتن خلاف ڪم ڪرڻ تي هو.
3. ڌاڙيلن کي ايجنسين سنڌ ۾ پيدا ڪري اُڀارڻ ٿي چاهيو ۽ ”قومپرستن“ جا انهن ڏوهاري عنصرن سان ناتا ڪنهن کان بہ ڳُجها نہ هئا ۽ آهن. اڪثر ڌاڙيل تہ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رهندا هئا.
4. ڏوهارين کي سياسي پناهہ ڏئي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ ڏوهارين جو راڄ قائم ڪري سنڌ جي تعليم ۽ نوجوان نسل کي تباهہ ڪيو ويو. جنهن جي قيمت سنڌي نہ رڳو اڄ ڀوڳي رهيا آهن پر اڃا زمانن تائين ڀوڳيندا.
5. اسٽيبلشمينٽ ايم ڪيو ايم کي سنڌ ۾ اُڀارڻ جي حڪمت عملي ٺاهي تہ سنڌ ۾ ان جا پهريان حمايتي ۽ سياسي باڊي گارڊ اهي ”قومپرست“ (؟) هئا. اها صورتحال اڄ تائين برقرار آهي.
6. سنڌ جي سياسي ڪلچر کي ڪرمنلائيز ۽ ولگرائيز ڪيو ويو ۽ عوام جو ”قومپرست“ سياست مان اعتبار کڄي ويو.

سوال آهي تہ اهي سڀ رويا ۽ نتيجا پس و پيش ڪنهن جي مفاد ۾ هئا ۽ آهن؟ ان ڪري اڄ جڏهن اسان 1983ع جي تحريڪ کانپوءِ جي نتيجن کي ڏسون ٿا تہ ان ۾ رڳو اسٽيبلشمينٽ جي حڪمت عملين ۽ ڏوهن جو ئي نہ پر ”پنهنجن“ جي ”ڪارنامن“ جو بہ وڏو عمل دخل آهي ۽ انهن تي بہ اوترو ئي غور ڪرڻ گهرجي. سنڌ جي هيءَ سڄي تباهي رات وچ ۾ نہ ٿي آهي ۽ ان ۾ ڪير ڪير استعمال ٿيو آهي ۽ ڪيئن ڪيئن استعمال ٿيو آهي، ان جو بہ حساب ٿيڻ گهرجي.

---

پندرنهن وار رسالو ”افيئر“، 2006ع

# سنڌ کي ڪجهه چرين جي ضرورت آهي!

مون ۾ گهڻن شعبن بابت ڄاڻ رکڻ، بنهه مختلف ۽ متضاد شعبن جي علمن بابت ڪتاب پڙهڻ ۽ پنهنجيءَ ﭘﺮِ ۾ تمام گهڻين شين بابت ڪوجنا ڪندو رهڻ جي عادت ننڍپڻ کان آهي. اها عادت اڄوڪي دؤر ۾ ﺑﻪ چڱي آهي يا نه ـ ان جو اثر ان ڪري قبول نه ڪندو آهيان جو اهي ”خفا“ ڪرڻ منهنجي عادت ۽ ان کان ﺑﻪ وڏيڪ شوق آهي ۽ شوق جو مُلهه ته آهي ئي ڪونه. ماڻهو شوق ۾ ڪڪڙ پالين ٿا، معصوم جانورن کي ڊوڙائي ڊوڙائي شوق ۾ انهن جو شڪار ڪن ٿا. ڪُتا ۽ سوئر پالي انهن کي ويڙهائين ٿا ۽ ٻيو ڇا ڇا نٿا ڪن؟. ”شوق“ ۾ ڏاڙا هڻن ٿا، لئہ لاءِ نام نهاد ڪوڙي غيرت ۾ اچي معصوم عورتن ۽ نياڻين کي ڪاري ڪري مارين ٿا، ”شوق“ ۾ دهشتگرديون ڪن ٿا، پيتا وٺن ٿا، نوان نوان خطرناڪ هٿيار وٺن ٿا ۽ ”شوق“ ۾ ئي انهن جو بي دريغ استعمال ڪن ٿا. ”شوق“ ۾ ڪوڙ ڳالهائين ٿا، ٺڳيون ۽ ويساهه گهاتيون ڪن ٿا، ضمير وڪڻن ٿا، پنهنجن ماڻهن ۽ وطن لاءِ عذاب آڻين ٿا – سو جنهن سماج ۾ اهڙا شوق ٿيندا هجن، اُتي اسان جهڙن ماڻهن کي ﺑﻪ ايترو ته حق پهچي ٿو جو ”شوق“ ۾ پڙهڻ، سوچڻ ۽ ان حوالي سان عجيب و غريب ”خفا“ ڪرڻ جا شوق پالين. سائنس ته گهڻو اڳتي هلي پڙهياسون، پر ”سائنسيت“ (Scientficality) منهنجيءَ طبيعت ۾ شروع کان رهي آهي. اها ان ٻاراڻي ۽ بنهه ٻاراڻي عمر جي ڳالهه ٿو ڪريان، جڏهن منهنجي تحت الشعور جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ﺑﻪ نه هو ته ڪو مان اڳتي هلي فزڪس يا فلسفي جي شعبن ۾ ويندس يا مون کي ذهني طور انهن شعبن لاءِ چاهه آهي. مون کي ياد آهي ته 1976ـ77ع ۾ مان پنهنجي شهر قمبر پرسان علي خان جي پرائمري اسڪول ۾ پڙهندو هئس. ٻالڪپڻ جي زماني جو اهو هڪڙو ننڍڙو اسڪول، منهنجي زندگيءَ جو هڪ پورو دؤر آهي.

سنڌي غزل جو بادشاهہ شاعر استاد پيرل ”قمبر“ اسان جو استاد هوندو هو. جيڪو اڳتي هلي دل گهُريو دوست بہ بڻجي ويو. استاد پيرل واقعي بہ هڪ درويش ماڻهو هو. هڪ ننڍڙي شهر جي رواجي پرائمري اسڪول جي ٻارن کي ”غالب“ ۽ ”مومن“ جا غزل پڙهائيندو هو ۽ آئون سندس مٿو کائي ويندو هئس. جو اُهي غزل سمجهڻ چاهيندو هئس، پر اِهي سِٽون پنهنجي مفهوم سميت سمجهہ جي آسمان تان تيز ۽ ڏور اُڏامندڙ پکين جيان هڪڙو ڌنڌلو تصور ڇڏي الوپ ٿي ونديون هيون. ڇا تہ زمانو هو ۽ بي پرواهہ زندگي هئي! سو اسڪول ۾ استاد پيرل جا غزل پڙهيا هئا ۽ شام جو اسان جو پنهنجيءَ پر ۾ سائنسدانن جو جيڪو گروپ ٺهيل هو سو ويهي تجربا ڪندو هو. ”علي خان“ ۾ اُها اسان جي دوست عبدالستار هَڪڙي (جيڪو هينئر لاڙڪاڻي ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار آهي) جي جاءِ هوندي هئي، جتي اهي تجربا ڪيا هئا ۽ روز روز پاڻ کي نئين مصيبت ۾ وجهندا هئاسين. حيرت ۽ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ اها ننڍڙي ڪوٺي اڄ بہ آباد آهي ۽ ان ۾ ”ڊاڪٽر محبت اڪيڊميءَ“ جي لائبريري قائم ڪئي وئي آهي. سنڌي ادبي سنگت جون هفتيوار گڏجاڻيون بہ ان ڪوٺيءَ ۾ ٿينديون آهن ۽ مان اڄ بہ انهيءَ ڪوٺيءَ ۾ ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويندو آهيان، جو ان ڪوٺيءَ سان منهنجو هڪ خاص قسم جو روحاني تعلق آهي. ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو ۾ ويس تہ منهنجا محبوب مشغلا ٽي هوندا هئا. لائبريريءَ ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ سُٺا ڪتاب چورائڻ، ڪاليج ۾ فوجي لائيف جي روٽين جي خلاف ورزي ڪرڻ ۽ نتيجي ۾ روز سزائون کائڻ ۽ ٽيون ميوزڪ ڪلب. ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي لائبريريءَ ۾ اسان جي دوست لياقت رضويءَ جي ماتحت ڪم ڪندڙ اسان جو يار موسيٰ خان سمون اڄ بہ ان جي ساک ڏيندو تہ مون کي ڪتابن سان ڪيڏو نہ جنون جي حد تائين عشق هوندو هو. (اها بہ ڳالهہ آهي تہ جي ڪتابن جي چورين جا قصا ۽ ان ڏس ۾ هن يار جي ”سهڪار“ جو ذڪر ڇيڙيم تہ هن غريب جي نوڪري تيل ٿي ويندي). ڪيڊٽ ڪاليج پيٽارو جي اها لائبريري منهنجي پناهہ گاهہ هوندي هئي ۽ ٻيو اسٽاف روم ۾ قائم ميوزڪ ڪلب. حيدرآباد وارو مشهور استاد مڪيش ثاني اسان جو استاد هوندو هو. منهنجون شامون راندين جي ميدانن بجاءِ طبلن ۽ باجن تي گذرنديون هيون. ڪاليج جي روٽين جي خلاف ورزي ڪرڻ جي نتيجي ۾ سزائون بہ جام ملنديون هيون ۽ نيويءَ وارا استاد سزائون ڏيڻ وقت چوندا هئا، ”تو جهڙي شاگرد کي سزائون ڏيندي ڦڪائي ٿئي ٿي، پر مجبور آهيون. تون روٽين ۽ ضابطن جون پيچڪڙيون ڇو ٿو ڪرين؟“ مطلب تہ عجيب دؤر هئا ۽ انهن سيني شين پنيان منهنجي طبيعت جو بہ هٿ هو. ايئن زندگيءَ جي انيڪ ”خفن“ مان هڪ خفو مون کي ننڍپڻ کان رهيو آهي ۽ اهو

آهي پنهنجي ارد گرد جي موجود ماحول جي بڇڙاين کان سخت نفرت. اها نفرت اُن وقت بہ هئي جڏهن مون کي اها خبر نہ هئي تہ سياسي ٻوليءَ ۾ ان کي ”اسٽيٽسڪو“ (Status_Quo) چئبو آهي، يا اها نفرت دراصل هڪ نظام، ان جي سماجي ماحول، ثقافتي قدرن، نفسياتي روين ۽ اقتصادي بنيادن کان نفرت آهي. مون کي ان باري ۾ ڪابہ خبر نہ هئي، پر پوءِ بہ ان باري ۾ نفرت ۽ شديد نفرت ننڍپڻ کان موجود هئي. (محبتون ۽ نفرتون ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو سرمايو آهن. منهنجو پختو ويساهہ آهي تہ جيڪو ماڻهو شديد محبت نٿو ڪري سگهي، اهو شديد نفرت بہ نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪو نفرت نہ ڪري سگهي، اهو شديد محبت ڪري سگهي، اهو ناممڪن آهي. مون کي اها راءِ انتهائي هلڪڙي، هوائي ۽ سطحي لڳندي آهي تہ محبت ڪندڙ ماڻهو نفرت نہ ڪري سگهندا آهن يا نفرت ڪندڙ ماڻهو محبت نہ ڪري سگهندا آهن. اها راءِ شاعراڻي تہ ٿي سگهي ٿي، پر ان جو حقيت سان ڪوبہ واسطو نہ آهي. جائز نفرت محبت جي شديد احساس جي ڪُک مان جنم وٺي ٿي ۽ محبت کي پاڪيزگي ۽ Purity بہ جائز نفرت مان ملي ٿي. هڪ مالهي جيڪڏهن پنهنجي باغ، اُن جي وڻن، ٻوٽن، ٽارين، گُلن ۽ پوڙن سان بي انتها پيار ڪندڙ هوندو تہ هو ان گلشن تي ميري نظر رکندڙن سان شديد نفرت ڪيئن نہ ڪندو؟ حُسناڪين سان پيار ڪندڙ ڪوجهائپ سان نفرت ڪيئن نہ ڪندو؟ پاڪيزگيءَ سان پيار ڪندڙ گندگيءَ سان ڪرٽ ڪائيندي ان سان نفرت ڪيئن نہ ڪندو؟) ڏهہ سال اڳ جي ڳالهہ آهي، هڪ دفعي سائين جي. ايم. سيد سان سن ملڻ ويس. سائينءَ جي منهنجي والد صاحب سان سُٺي دوستي هوندي هئي، جو بابا بہ هاري ڪاميٽيءَ جي باني ميمبرن مان هو. سو مون کي ان ناتي سائين سدائين پاٽٿيو چوندو هو. هڪ دفعي ڳالهين ڳالهين ۾ چيومانس: ”سائين توهان سنڌ سان جنهن شديد عشق جي ڳالهہ يا دعويٰ ڪريو ٿا، ان تي اُن ڪري ويساهہ نٿو اچي، جو جنهن ابن الوقت ۽ سنڌي عوام جي ازلي ويري طبقي صدين کان سنڌ جي پيننگ ڪئي آهي ۽ اڄ بہ ان جي غلاميءَ ۽ تباهيءَ جو جيڪو بنيادي سبب آهي، توهان جي اکين ۽ دل ۾ اُن جاگيردار، پير، مير ۽ وڏيري حڪمران طبقي لاءِ شديد نفرت نظر نٿي اچي.“ مون کي ياد آهي تہ هميشہ نهايت شفقت ۽ پيار سان پيش ايندڙ سائين جي. ايم. سيد مون تي سخت برهم ٿيو هو ۽ چيو هئائين: ”تون ڪميونسٽ ٿو لڳين، مون کي عوام سان نہ پر سنڌ سان عشق آهي.“ مون کي عشق جو اهو منطق نہ تڏهن سمجهہ ۾ آيو هو ۽ نہ اڄ سمجهہ ۾ ٿو اچي. ڪنهن ماڻهوءَ جي محبت جي Purity ۽ شدت جو پئمانو ئي اهو آهي تہ اهو پنهنجي محبوب جي ويرين لاءِ ڪيڏي شديد نفرت ٿو رکي ۽ نہ رڳو دل ۾ نفرت ٿو رکي، پر ان جو ڪيڏو

ڪُلي اظهار ٿو ڪري. ممڪن آهي تہ اها ڳالهہ ماڻهن کي ڏکي لڳي، پر منهنجو پختو ويساهہ آهي تہ سنڌي دانشورن ۽ اديبن جي وڏي گهڻائيءَ جي ڳالهہ جو اثر ان ڪري نہ آهي جو اُها پنهنجو بنيادي ڪردار وڃائي چڪي آهي. اڄ سنڌ ۾ وڏو ادب ڪونہ پيو لکجي، تہ ان جو سبب اهو آهي جو وڏو ادب- يا تہ گهرو علم ۽ ادراڪ لکرائيندو آهي يا زندگيءَ ڏانهن حُسناڪ ۽ لطيف رويا ۽ محسوسات جو بي ساختہ دٻاءُ لکرائيندو آهي. ان ادب لاءِ اڄ سنڌ ۾ نہ اهو "علم" ٿو نظر اچي ۽ نہ اها محسوس ڪندڙ دل، جيڪا حُسناڪ ۽ لطيف بہ هجي، تہ ساڳئي وقت پهاڙي آبشارن جي پاڻيءَ جهڙي پوتر ۽ Pure بہ هجي. مان سنڌ سان محبت ۽ عشق جي ڪا وڏي دعويٰ تہ نہ ٿو ڪري سگهان، جو دعوائون احساسن جي بي ساختگي ۽ پاڪيزگيءَ جو مان گهٽائي ڇڏينديون آهن، پر پاڻ کي "سنڌ" جي سبجيڪٽ جو هڪ شاگرد ضرور سمجهندو آهيان. اُها سنڌ، جيڪا شهري نام نهاد پڙهيل لکيل ماڻهن جي ٿلهين خبرن وٽ يرغمال بڻيل آهي، اُها سنڌ، جيڪا سياست کان ادب تائين ۽ صحافت کان ڪلچر تائين هر شعبي جي بازار ۾ پُگهڙن مُٺِ تي وڪي ٿي وڃي، اُها سنڌ، جيڪا ٻهراڙيءَ جي اُن معصوم ۽ بي وس ڇوڪريءَ جيان آهي، جيڪا ٻين هٿان نہ پر خود پنهنجن "وارثن" هٿان ٽڪن تي وڪي ويندي آهي، اُها سنڌ، جنهن مارئيءَ جي زباني چيو هو: "مارن منجهہ مياس، نہ تہ ماڙين ماريس ڪي نہ ڪي." مان اُن سنڌ کي سڃاڻان، جيڪا لطيف جي سنڌ آهي، عيسي، موسي ۽ خميسي جي سنڌ آهي، ڪرڙ ڪانڌيري ۽ بصر جي سنڌ آهي. اُها سنڌ، جتي ڇوڪرين جا نالا بختاور، ڀاڳ ڀري ۽ نصيبان رکي کين ڪاري ڪري ماريو ويندو آهي، اُها سنڌ، جيڪا ننهن کان چوٽيءَ تائين جهالتن ۽ پسماندگين جي ڏٻڻ ۾ ڦاٿل هئڻ باوجود پنهنجي اندر عجيب حُسناڪيون رکي ٿي، جنهن جا ماڻهو محبتن جي انڪاري سماج ۾ بہ محبتن جا گناهہ بار بار ڪن ٿا ۽ ٻين لفظن ۾ "نفيءَ جي نفي" ڪن ٿا. اسان جو بظاهر پڙهيو لکيو ماڻهو جنهن سنڌ سان محبت جي ڳالهہ ڪري ٿو اُها سنڌ هن ڏٺي ئي ناهي. چيڪ اديب ميلان ڪنڌيرا جڏهن جلاوطن ٿيو هو تہ هن پئرس ۾ رهڻ کي ترجيح ڏني هئي، جو هن سمجهيو ٿي تہ زندگي پئرس ۾ آهي. زندگيءَ جو وڏو حصو اُتي گذاري هن لکيو: "زندگي ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي آهي." (Life is else where). سو مون کي بہ لڳندو آهي تہ سنڌ ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي آهي (Sindh is else where). جنهن جي ڪمزورين جي تہ هنن کي خبر آهي، پر ان جي حُسناڪين جي هُنن کي ڪا پروڙ ناهي. ڇا ڀتائيءَ جنهن سنڌ سان محبت ٿي ڪئي يا جيڪا سنڌ هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجن ڪردارن، قدرن، تصورن ۽ روين معرفت دريافت ڪري ڏني، ڇا اُها ڪارو ڪاريءَ واري سنڌ هئي؟

ـ نہ! لطيف وٽ اها اک هئي، جنهن ان حقيقي سنڌ جو جمال ڀَسيو هو. اُها سنڌ جنهن ۾ ميهار سان سُهڻيءَ جو ملڻ عيب نہ هو. سنڌ جي تاريخ ۾ لطيف ئي اُهو استادِ عظيم آهي، جنهن نہ رڳو هڪ "سنڌ" جي نفي ڪئي، پر ساڳئي وقت هُن هڪ نئين ۽ حقيقي سنڌ ڪي دريافت بہ تہ ڪيو. هڪ دفعي مان، ارشاد لغاري ۽ حسن درس ٽنڊي الهيار لڳ حسن درس جي ڳوٺ مشائخ هوٿي جي درگاهہ جي ٻاهرين ٿَلهي تي ويٺا هئاسين. گهاٽن وڻن ۾ هڪ وسيع قبرستان جي اندر انهيءَ درگاهہ جي ٿَلهي تي ويٺي اسان رات جا پڇاڙڪا پهر بہ اُتي گذاريا هئا. اسان جو موضوع سنڌ هئي. ارشاد پڇيو هو: "سنڌ ۾ ايتريون درگاهون ڇو آهن؟" مون ارشاد ۽ حسن کي چيو هو: "صدين کان جيئرا ۽ وڏا ماڻهو سنڌ جا ڏٽي نہ رهيا آهن، نتيجي ۾ ماڻهو پنهنجين اُميدن، آسرن ۽ احساسن جون خود فريب بارگاهون ٺاهيو ويٺا آهن. اهو جيئن تہ وڏن ماڻهن کان مايوس سنڌ جي تحت الشعور جو ردعمل آهي ۽ ظاهر آهي تہ تاريخي طور صوفين جي سنڌ اهڙو ئي ردعمل ڏيکاري سگهي ٿي. مون پنهنجيءَ سوچ ۽ سمجهہ آهر سنڌ جي تاريخي ۽ قومي پسماندگيءَ ۽ غلاميءَ جي سببن تي تاريخ جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ مسلسل غور پئي ڪيو آهي ۽ ان موضوع جي مختلف بنيادي پاسن تي لکڻ گهران ٿو. پر ان جو سڀ کان سادو ۽ مجموعي نتيجواِهو آهي تہ سنڌ کي ڏٽي ڪونهن. عام ماڻهو تبديلي چاهي تہ ٿو پر اهو تبديليءَ جي شعور کان پاسيرو ۽ محروم آهي. ٻيو تبديلين جي نالي ۾ ايترو تہ ٺڳيو ويو آهي، جو اُهو هاڻي ڪا وڏي سياسي خودفريبي ڪرڻ جي موڊ ۾ نظر نٿو اچي. سنڌ جو وڏيرو ۽ ڪامورو اجا تائين پنهنجن ماڻهن جو ڏٽي ٿيڻ بجاءِ ٻين جي جُتيءَ ۾ جاءِ ٺاهڻ کي بہ پنهنجي لاءِ ڀاڳ سمجهي ٿو. مڊل ڪلاس تمام ابتدائي ۽ ڪمزور شڪل ۾ آهي، اُن ڪري "تہ ـ پتائي" بہ وڏيڪ آهي، جو هُن کي پنهنجا مفاد تہ ـ پتائي ٿيڻ ۾ نظر اچن ٿا. مڊل ڪلاس جو جيڪو نهايت ٿورو عنصر ڳٽپ جوڳو آهي، اهو بہ هن "فاني جهان" مان برقعو مَٿائي چڪو آهي. ستر جي ڏهاڪي ۾ جيڪو سياسي ڪارڪنن جو ڪاڊر تيار ٿيو، اُن جي گهڻائي اڄڪلهہ اقتداري سياست جي سڀ کان سستي جنس آهي. جنهن قسم جي عوام دشمن ۽ سنڌ دشمن سياست سان ڪين تاريخي طور مهاڏو اٽڪائڻو هو، هو اُن جا وجي پُڄَ لٽڪائو ۽ پگهاردار ٿيا. ڪيڏانهن ڄام ساقي ۽ ڪيڏانهن عبدالله شاهہ جو صلاحڪار ۽ ڪالهہ جو اُهو "عظيم" ڪميونسٽ اڳواڻ ڄام ساقي ترقيءَ جون منزلون طئہ ڪري هاڻي خيرن سان تبليغي جماعت ۾ آهي. سڄو ڏينهن "روح رهاڻ" ۽ ون يونٽ خلاف جدوجهد جون خبرون ڪندڙ حميد سنڌي صاحب شادي شهيد پراجيڪٽ ۾ ڇهن ڪروڙن جي غبن جي الزام ۾ ٽربيونل آڏو بيان ڀيو ڏئي ۽ ظاهر آهي تہ اڳتي

ٻه پنهنجي ماضيءَ جي ”عظيم ڪارنامن“ جون خبرون وڏي طمطراق سان ڪندو ۽ بغل ۾ روح رهاڻ جا پرچا ڪڇي هلندو. آر اي شاهه ڪي ٽي دفعا سنڌ يونيورسٽيءَ کي تباهه برباد ڪرڻ جو ٺيڪو ڏنو ويو آهي ۽ هُن وڏيءَ فرض شناسيءَ سان اهو ڪم سرانجام پئي ڏنو آهي ۽ سنڌ يونيورسٽي، جيڪا پنهنجي اندر عالمن ۽ دانشورن جا لشڪر رکڻ جي شهرت رکي ٿي، اُنهن مان ڪنهن کي ٻه توفيق نه ٿي آهي ۽ نه وري سوسائٽيءَ مان ڪنهن ايئن چيو آهي ته هنن کي ٽنگيو ڇو نه ٿو وڃي؟ هنن کي ڪنهن حق ڏنو آهي ته اهي اسان جي ٻارن ۽ قوم جي مستقبل سان اها خطرناڪ راند ڪيڏن؟ سنڌ جي تباهيءَ جو هڪ وڏي ۾ وڏو سبب اِهو آهي ته هتي چڱائيءَ لاءِ جزا ناهي ۽ ڏوهه لاءِ سزا ناهي. هتي هر ڪنهن کي سنگين ترين ڏوهه ٻه ڦٻي ٿو وڃي. پوءِ ماڻهو ڏوهه ڇو نه ڪن؟ ۽ مڊل ڪلاس جو جيڪو عنصر اڃا ٻه انهن ڪمن کان بچيل آهي (يا ان کي موقعو ناهي مليو) اهو وري وڌ ۾ وڌ سنڌ جو همدرد آهي. سنڌ جو صدين کان هلندڙ الميو اهو ئي آهي ته ان کي ڌڻي ناهن. ڌڻين ڪانسواءِ جڏهن هڪ گهر نٿو هلي سگهي ته پوءِ هڪ ديس ڪيئن هلندو؟ لطيف جو ڪوبه ڪردار ٺلهو همدرد ناهي، اُهو پنهنجي پنهنجي دائري ۾ دنيا جو ڌڻي آهي. سنڌ جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي، جو سنڌ ۾ همدردن ۽ مفت مشورا ڏيندڙن جي فوج ويٺي آهي، پر جي ناهي ته سنڌ ۾ ڌڻي ناهي. ڌڻي ڇو نه آهن؟ جو جواب ٻه ڪو گهڻو ڏکيو نه آهي. جواب بنهه سؤلو آهي. ته ماڻهو ”سياڻا“ ٿي ويا آهن ۽ ڦِتل شيون ناهڻ ”سياڻن“ جي وس جي ڳالهه ڪٿي آهي؟ هيءَ دنيا هميشه ”چرين“ ناهي آهي ۽ سياڻن ڦِٽائي آهي. اُها چريائي جيڪا ماءُ ۾ هوندي آهي، محبت ڪرڻ واري جي اکين، روح ۽ دل ۾ هوندي آهي، اُها چريائي سُقراط جيان هيملاڪ زهر جو پيالو خوشيءَ ۽ اطمينان سان پيارڻ سيکاريندي آهي، جيڪا آتشِ نمرود ۾ ٽپي پوڻ تي اُتساهيندي آهي، جيڪا حضرت محمد (صلى الله عليه وسلم) جن ۾ هئي، جيڪو گڏهن تي ڪجين جو واپار ڪندي قيصر و قصري کي پيغام اُماڻيندو هو ته: ”سُڌري وڃو حق جي راهه تي اچو نه ته آئون اچان ٿو.“ اُها چريائي جيڪا ابن رشد ۽ عمر خيام ۾ هئي، جن مُلائيت جي نفي ٿي ڪئي، اُها چريائي جيڪا مارٽن ڪنگ لوٿر ۾ هئي، جڏهن هن روم جي پاپائيت جا بنياد لوڏي ڇڏيا هئا.... اُها چريائي جيڪا مارڪس، اينگلس، لينن ۽ مائوزيتنگ ۾ هئي.... اُها چريائي جيڪا ونڻ نه پر ڏيڻ سيکاريندي آهي، جيڪا پٽائيءَ جي زباني چَورائيندي آهي ته ”جي ڄاڻ ته ٻه نه ڄاڻ، ايءُ دَرُ اٻوجهن....“ دنيا جو سمورو حقيقي علم، فن، ادب، شاعري، ايجادون، عظيم تحريڪون، انقلاب ۽ سوين چريائيءَ جي پيداوار آهن. اُها چريائي جيڪا ممتا جي احساس ۾ هوندي آهي، جيڪا ڏئي، وڃائي، قربان ڪري ۽ پنهنجي نفي ڪري

خوش ٿيندي آهي. هونئن تہ انسان جانور آهي، هن جون جبلتون بہ ساڳيون جانورن واريون آهن، پر اُهي قدر، احساس ۽ آدرش، تصور ۽ رويا ئي آهن، جيڪي هن کي جانور مان سماجي جانور ۽ پوءِ ماڻهو/ انسان ۽ نيٺ وڏو ماڻهو بڻائين ٿا.

اڄوڪي سنڌي سماج ۾ جتي سڀ "سياڻا" ٿي ويا آهن، جتي ٻيو تہ ٺهيو پر "چريائي" جي پاسبان شعبن جا صاحب يعني سوچيندڙ اديب، شاعر، آرٽسٽ ۽ انقلاب ۽ محبتن جون ڳالهيون ڪندڙ ماڻهو بہ سياڻا ٿي ويا آهن، اُتي سنڌ کي صرف "چريائي" ۽ "چريا ماڻهو" ئي بچائي سگهن ٿا. مان اُن چريائپ جي ڳالهہ پيو ڪريان، جيڪا شعور ۽ ادراڪ جي بلنديءَ تي پهچي پاڻ وٽ محبتن جي حساب ڪتاب جي پاڇيءَ ۾ ٻُڙي بہ نہ رکندي آهي. سنڌ جي سياست ۾ اها باهہ ان ڪري ناهي جو اُتي نعرا تہ آهن پر "چريائي" ناهي، سنڌ جي ادب ۽ شاعريءَ ۾ احساس جي اُها روح ۽ دليون ڏوڏيندڙ شدت ان ڪري نہ آهي جو ان ۾ ٻيو "سڀ ڪجهہ" آهي پر "چريائي" نہ آهي. سنڌ جي صحافت ان ڪري رڳو پريمي جوڙن ۾ ڦاسي پئي آهي جو اُها رڳو پروفيشنل ٿي وئي آهي ۽ اُها مسيحائيءَ کي "عيب" سمجهي ٿي. سنڌ جي دانشورن تان ماڻهن جو ويساهہ ان ڪري کڄڻ لڳو آهي جو اُهي بہ سياڻا ٿي ويا آهن ۽ سنڌ جي "ڪلچر" کي پروموٽ ڪرڻ لاءِ اهڙي وڏيري جي سرپرستي قبول ڪن ٿا، جيڪو ڪاروڪاريءَ کي هن دؤر ۾ بہ جائز سمجهي ٿو، ان کي سنڌ جو ڪلچر ڪوٺي ٿو ۽ ان جو کُليل اظهار ڪري ٿو. ٺيڪ تہ ايئن ڪپندو هو تہ اِها وڏيرڪيت سنڌ جي دانش وٽ اچي پيش پوي ها ۽ فخر سان نہ بيهي ها، نظرون جهُڪائي ويهي ها ــ پر دانش جڏهن سياڻي ٿي ويندي آهي، تڏهن ايئن ئي ٿيندو آهي. جمال ابڙو، محمد ابراهيم جويو ۽ نورالدين سرڪي ڪهڙي سنڌي ڪلچر کي پروموٽ ڪندا؟ اهو جيڪو ڪاروڪاريءَ کي جائز سمجهي ٿو؟ اسان جو نسل توهان کان پُڇڻ جو اهو حق رکي ٿو تہ اهو جمال ابڙو، پشو پاشا ۽ پيراڻيءَ وارو جمال ابڙو آهي؟ محمد ابراهيم جويو اُهو ئي آهي، جنهن اڌ صديءَ تائين ڪيترن نسلن جي ذهني ۽ فڪري تربيت ان لاءِ ڪئي هئي تہ اُهي هن بدبودار سماج جي اسٽيٽسڪو سان نفرت ڪندا ۽ جويي صاحب جي "خوابن واري سنڌ" جي تعبير ڪندا؟ ۽ ڇا هي نورالدين سرڪي اُهو آهي، جنهن ٽالسٽاءِ جو "نيٺ ڇا ڪجي؟" سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو؟ اسان کي اياز سان آخر ۾ ڇو بيزاري ٿي هئي؟ ان ڪري جو هن جا نظم، گيت ۽ فڪر اسان جي سرشت ۾ وينل هئا، هو اسان جي اتساهن جو مرڪز ۽ محوَر هو، پوءِ هو جڏهن انڌين عقيدتن ۽ جهالتن جي ڏُٻڻ ۾ وڃي ڪِريو تہ اسان کان سَنو نہ ٿيو. اسان اُتي بيهي چيو تہ هي اُهو اياز ناهي، جنهن سان اسين محبت ڪريون ٿا. اسين اڄ بہ ان اياز سان محبت ڪريون ٿا، هُن تي

فخر ڪريون ٿا. جيڪو عظيم شاعر ۽ مفڪر هو جنهن سنڌ ۾ سجاڳيءَ جي لهر آنڊي ۽ فن کي معراج تي وٺي ويو. جڏهن هُن تاريخ سان مذاق ڪرڻ شروع ڪيو تہ پوءِ هُن جي ئي فڪر جي ڪُکِ مان پيدا ٿيل نسل کي اهو حق ٿي پهتو تہ اُهو ان بلنديءَ تان ڪِريل اياز جي نفي ڪري ۽ اسان اُها ڪئي. ”سياٽپ“ رکو ماڻهن کي عقيدتن وچان ڪنڌ لوڏڻ سيکاري ٿي. ”چريائي“ ماڻهوءَ کي نفي ڪرڻ سيکاري ٿي. سنڌ ۾ اجوڪي سنڌ هاڻي وڏيڪ ان ”سياٽپ“ جي متحمل ٿي نٿي سگهي. هي ماٺ جو اسٽيٽسڪو ان ڪري نٿو ٽُٽي جو ڪو ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ آهي. هر ڪو ماڻهو صلاحون ڏيڻ لاءِ تيار وينو آهي. ٺلهيون صلاحون سنڌ جي دردن جون دارون ۽ ان جو ويج ٿي نہ ٿيون سگهن. هتي هر ماڻهو پاڻ کي ”ليکي“ کان ٻاهر رکي پوءِ سوچي ۽ ڳالهائي ٿو. هتي ماڻهو رڳو سوچين ئي نہ پر ڳالهائين بہ Second Person ۾ ٿا. هر ڪو چوي ٿو تہ هيئن ٿيڻ گهرجي. ڪو بہ نٿو چوي تہ اهو آئون ڪندس ۽ جي ٻئي ڪنهن بہ نہ ڪيو تہ بہ آئون ڪندس. ايئن فقط ماءُ سوچيندي آهي. جيڪا دنيا ۾ محبتن جو معراج آهي. چون ٿا تہ هڪ بادشاهہ کي خيال ٿيو تہ پنهنجي رعيت کي پرکيان. سو هن وزير کي سڏي چيو تہ سڄي ملڪ ۾ پڙهو ڏياراريو تہ سڀاڻي سڀ شهري شاهراهن تي پيل ٻرمن ۾ کير جو هڪ هڪ وٽو وجهي وڃن. وزير ها ڪئي. اعلان ٿي ويا. شهر جي هر شاهراهہ تي وڏا ٻرمر رکجي ويا. ٻئي ڏينهن هڪڙي مون جهڙي ماڻهوءَ سوچيو تہ سڄو ملڪ تہ هونئن ئي کير کڻي ايندو سو جي مون پاڻيءَ جو گلاس وڌو تہ ڪهڙو فرق پوندو؟ نہ ڄاڻ تہ شهر جو هر ماڻهو سياڻو هو ۽ اهو سوچي آيو هو ۽ جڏهن ٻرمن جا منهن کوليائون تہ رڳو پاڻي ئي پاڻي هو. سنڌ ۾ بہ اڄ ايئن آهي. هر ڪنهن جي من ۾ سياٽپ ۽ هٿ ۾ سنڌ لاءِ پاڻيءَ جو گلاس آهي ۽ سنڌ کي جيڪو ”کير“ گهرجي. اهو ڪٿان اچي؟ جو سياٽپ صرف ”پاڻي“ ئي آڻي سگهي ٿي. پٽائيءَ چيو آهي تہ:

ڳُنـــيس ڳُـــويڇن، تـــن طبيـــب نـــہ گـــڏيا،
ڏيئـــي ڏنـــڀ ڏڌن، پاڻـــا ڏيـــلُ ڏکوئيـــو.

منهنجو ايمان آهي تہ سنڌ کي صرف اها چريائي بچائي سگهي ٿي ۽ اسان مان هر ڪو پنهنجي جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏسي تہ اُهو سياڻو آهي يا چريو؟ جي بادشاهہ واري ڳالهہ وانگر هتي بہ اسان اهو سوچيو تہ صرف آئون سياڻو ٿو ٿيان، تہ پوءِ يقينن قصو پاڻي ئي پاڻي وارو هوندو.

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد – 15 نومبر 2000ع

# ڇا سنڌي اديب پنهنجي ڪردار تان هٿ کڻي چڪو آهي؟

سنڌ جي هڪڙي ناليواري ۽ پڙهندڙن ۾ بيحد مقبول اديب عبدالقادر جوڻيجي هميشہ جيان ادبي دنيا جي بينل پاڻيءَ ۾ هڪ اهڙي نُقطي جو پٿر اُڇلايو آهي، جنهن کي جيڪڏهن نظرانداز ڪجي تہ ڳالهہ آئي وئي ٿي ويندي، پر جي اُن تي ڪنهن تخليقي ۽ سنجيده بحث مباحثي جو آغاز ڪجي تہ ممڪن آهي تہ اُن روشنيءَ ۾ اڄ جو سنڌي اديب پنهنجو ڪو بنيادي ڪردار متعين ڪري سگهي. اها بي ڳالهہ آهي تہ عبدالقادر جوڻيجو هوندئن ئي ثواب خاطر ڇهين ٻارهين مهيني ۾ ٻہ چار اهڙيون خبرون ڪري يا تہ پنهنجي ”لاُاُبالي“ دل کي خوش ڪندو آهي يا ڄاڻي واڻي هڪ ”ڊرامہ نگار“ جيان باقاعده ”پلاٽ“ تحت عجيب و غريب ڳالهيون ميدان تي لاهيندو آهي تہ جيئن ”بيروزگار“ اديب سندس ڳالهين تي مٿو کپائي وقت وڃائيندا رهن. جيئن اڳي هن اها ڳالهہ تہ ”عظيم سنڌي ڪهاڻي مري وئي آهي!“ ڪري، هڪ اهڙو بحث ڇيڙيو هو جيڪو اڄا تائين هلندو رهي ٿو ۽ ايئن عبدالقادر وقت بوقت اهڙيون خبرون ڪرڻ واري پنهنجي روايت برقرار رکندو اچي.
سنڌ جي ادبي دنيا ۾ نظر نہ ايندڙ هڪ اهڙي فيڪٽري زمانن کان اهڙيون خبرون پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندي رهي آهي، جن کي هڪ طرف نظرانداز بہ نٿو ڪري سگهجي تہ ٻئي طرف اُنهن بابت ڳالهائڻ بہ نانگن جي ٻِرَ ۾ هٿ وجهڻ برابر آهي. سنڌ جي ادبي دنيا ۾ ڪجهہ ”بادشاهہ ماڻهن“ جو اهڙو حلقو آهي، جيڪو وٽيس تہ ٻچا ڏئي، وٽيس تہ آنا ڏئي. ان حلقي کي، جي ڪنهن تي پيار اچي ويو تہ پوءِ ان کي ادبي پيِرُ بڻجڻ ۾ گهڻي دير نہ لڳندي. جيِ اِها فوج ڪنهن جي پويان پئي تہ ادب جي دنيا جا دروازا هن لاءِ هڪ ڏک سان اجنبي بڻجي ويندا. اهڙيءَ طرح

سان وري هڪ حلقو اهڙو آهي، جنهن جو ڏنڏو چوويهہ ڪلاڪ مايوسي، بدحواسي ۽ وائڙائپ ڦهلائڻ آهي. سندن من ۾ جيڪو ريچڪ آيو اُهو جڻ تہ ادبي دنيا جو فرمان بڻجي ويندو.

عبدالقادر جوڻيجو هونئن تہ سنڌي ٻوليءَ جو بهترين نثر نگار ۽ اديب آهي ۽ هن جو شمار اهڙن اديبن ۾ ٿئي ٿو جن کي ماڻهو دل سان پڙهندا آهن ۽ ساڻن پرپُٽ پيار ڪندا آهن، پر هڪ عرصي کان عبدالقادر جهڙو پختو اديب رکي رکي اهڙيون تہ عجب جهڙيون ڳالهيون لکي يا چئي ويندو آهي، جيڪي پڙهي يا ٻُڌي ماڻهو عجب ۾ پئجيو وڃي تہ سچي ڄمار قلم ۽ ذهن جو تخليقي پورهيو ڪندڙ اديب بہ اهڙيون ڳالهيون ڪري سگهي ٿو. تازو عبدالقادر جوڻيجي ”ڇا لکان؟“ جي عنوان سان اخبار ۾ هڪ ڪالم لکيو آهي، جنهن جو مجموعي تاثر هيءُ بيهي ٿو تہ سندس نظر ۾ هاڻي سنڌي سماج ۾ قلم جو ڪو ڪارج نہ رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو هن پنهنجي ڪالم ۾ هر طرح سان ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ جڏهن سندس لکڻ جو ڪو ڪارج ئي نہ رهيو آهي تہ آخر هن کي ڇو ۽ ڇا لاءِ لکڻ گهرجي؟ هن پنهنجي ڪالم جي پڇاڙي هنن لفظن ۾ ڪئي آهي تہ، ”...ڪجهہ بہ نہ ٿيندو منهنجي لکڻ سان ڪجهہ بہ نہ ٿيندو. آئون انهن ليکڪن مان تہ ناهيان، جيڪي پاڻ کي وڻ ٽڪيهر پکيءَ وانگي سمجهندا آهن. وڻ ٽڪيهر پکي رات جو ٽنگون مٿي اُڀيون ڪري سمهندو آهي، تہ جي آسمان ڪِري پوي تہ مٿان ڪرندڙ آسمان کي پنهنجن پيرن تي روڪي سگهي. نہ ئي آئون پنهنجو پاڻ کي لومڙي سمجهندو آهيان، جيڪا هڪڙي ٽنگ مٿي کڻي ٽن ٽنگن تي ڊوڙندي آهي. کيس شڪ هوندو آهي تہ جي چوٿين ٽنگ زمين تي رکيائين تہ مٿان زمين سندس انهيءَ ٽنگ جو زور جهلي نہ سگهي ۽ زمين چوٿينءَ ٽنگ جي بار هيٺان دٻجي پاتال ۾ نہ هلي وڃي. جنهن ليکڪ کي اهو وهم هجي تہ اهو ڀلي لکي.....“
عبدالقادر جوڻيجو جنهن سڄي زندگي قلمڪاري ڪئي آهي، سوچيو محسوس ڪيو ۽ فقط لکيو آهي، جي اُهو عمر ۽ تجربي جي هن حصي ۾ اچي ايئن سمجهي ٿو تہ اجوڪي سنڌي سماج ۾ سندس يا ڪنهن بہ ليکڪ جي لکڻ جو ڪوبہ ڪارج ۽ عملي ڪردار جو ڪوبہ محرڪ نہ رهيو آهي، تہ ان کي هڪ الميي کانسواءِ ٻيو ڇا ٿو چئي سگهجي؟ گهٽ ۾ گهٽ سندس ان ڳالهہ مان بہ نتيجا تہ واضح طور تي ڪڍي سگهجن ٿا. هڪ تہ سنڌ ۾ مايوسي ۽ نراسائي ماڻهن جي ذهن ۾ ايترو تہ گهر ڪري وئي آهي جو عام ماڻهو ۽ سياسي ڪارڪن تہ ٺهيو پر هاڻي ليکڪ بہ حالتن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري پنهنجي قلم کي بي معنيٰ محسوس ڪرڻ لڳا آهن، يا وري اجوڪي سنڌي سماج ۾ حالتن جو هاڻوڪو بار ۽ ڳريون ذميواريون ڏسي، اسان جو اديب ۽ سوچيندڙ ماڻهو هن باهہ ۾ ٽپو ڏيڻ بجاءِ فرار جي رُچ ۾ پنهنجي پناهہ ڳولڻ چاهي ٿو. ٻنهي صورتن

۾ بهرحال اهو الميو تہ ضرور چئبو جو ڪنهن بہ سماج جو سيني ڪان حساس ۽ سوچيندڙ حصو يا تہ پاڻ کي حالتن جي جبر آڏو بيوس محسوس ڪري ۽ پنهنجي ڪردار کي اڪارج محسوس ڪرڻ لڳي يا اُهو نِراسائيءَ جي آخري حدن کي ڇُهي، پنهنجي دؤر جي بڇڙائين آڏو رضاڪارانہ طور هٿيار ڦٽا ڪري.

سنڌي سماج هوندي بہ اهڙين حالتن ۾ پنهنجي تاريخ جي هڪ عجيب دؤر مان گذري رهيو آهي. هر طرح سان ۽ هر سطح تي اهڙي سنڌي سماج ۾ ماڻهو پاڻ کي انيڪ مسئلن، مونجهارن، بيوسين ۽ نڌڻڪائين جي مضبوط سنگهرن ۾ سوگهو ٿيل محسوس ڪري ٿو. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ افراتفري، بيزاري، بدظني ۽ بي راهہ روي نظر اچي ٿي. سماج ۾، اُن جي مختلف شعبن، ادارن، روين ۽ قدرن جي ڍهڻ ۽ ٿهڻ ۾ ڪو توازن نہ رهيو آهي. يعني هڪ طرف جتي سماج ۾ هر سطح تي ۽ هر قسم جو انحطاط ۽ بحران پنهنجي اوُج تي آهي، تہ ٻئي طرف جيڪي متحرڪ ۽ زندهہ قوتون سماج کي اهڙن بحرانن جي ڌُٻڻ مان ڪڍڻ جا سبب بڻيون آهن، اُهي اسان کي يا تہ موقعي پرستيءَ جي حمام ۾ بلڪل الف اُگهاڙيون نظر اچن ٿيون، تہ ٻئي طرف اُهي بنهہ ڪمزور، جهيڻيون ۽ نِبل آهن ۽ اُتي ئي اچي سڄيءَ ڳالهہ جو سُٽُ مُنجهي پوي ٿو. مسئلا، مصيبتون ۽ بحران تہ زندگيءَ جي سدا وهندڙ درياهہ ۾ لهرن ۽ موجن جيان آهن. زندگي هڪ فرد جي هجي يا هڪ طبقي، سماج، قوم ۽ پوريءَ انسانذات جي، مسئلا ۽ بحران تہ هر دؤر ۾ ۽ هميشہ اُن سان گڏ گڏ هليا آهن. انساني تهذيب ۽ جيوت جي هن ارتقا جي سفر ۾ جيڪڏهن زندگي مسئلن ۽ بحرانن کان بي نياز ۽ سنئين سڌي هجي ها تہ شايد انسان ذات اڄا ٻالڪپڻ ۾ ٻانبڙا پائيندي رهي ها. انساني تاريخ، تهذيب ۽ جيوت جي هن اٿاهہ ۽ زبردست ترقيءَ جو راز ئي اهي مسئلا، مصيبتون ۽ بحران آهن. جن هڪ فرد کان وٺي هڪ سماج تائين انسان کي سوچڻ، لوچڻ، پورهيو ڪرڻ، نوان تخليقي گس ڳولهڻ ۽ جياپي جا جواز پيدا ڪرڻ تي مجبور ڪيو ۽ ڪيس جسماني توڙي ذهني طور ان قابل بڻايو تہ اهو ثابت ڪري تہ ماڻهو بهرحال مسئلن ۽ مصيبتن کان وڏو آهي ۽ هو جي پنهنجيءَ تي اچي تہ زمانن جو ضمير بڻجي، تاريخ جا گس ۽ پيچرا تبديل ڪري سگهي ٿو. اسان بنيادي طور هڪ ڪمزور سماج آهيون ۽ پسمانده سماج جون ذهني، روحاني ۽ فڪري پسماندگيون سندن هر ڳالهہ مان پيون ٻکنديون آهن. فقط فطرت ۽ تاريخ جو سائنسي فهم آهي، جيڪو ماڻهوءَ کي ايتري سگهہ بخشي ٿو جو هو وقتي بحرانن آڏو ڍهي پوڻ بدران اُن جو سونهون ٿي پنهنجي دؤر کي، ٻارن جيان فهم ۽ ادراڪ جي چِيچَ مان جهلي، اِتهاس ۾ اڳتي وٺي وڃي سگهي ٿو. سنڌ ۾ سَٺ ۽ سَتر جي ڏهاڪن ۾ جيڪو اَپرو سَپرو مڊل ڪلاس، سياست توڙي ادب جي

ميدان ۾ پنهنجي شعور جي ڪارج جون راهون ڳولهيندو ۽ متعين ڪندو رهيو آهي، اُن ڪلاس پنهنجي تخليقي شعور ۽ محسوسات جو اظهار بہ انهن شعبن معرفت ڪيو تہ ساڳئي وقت ان جي ذهني ۽ سماجي مزاحمت جا محور بہ اُهي ہہ شعبا رهيا. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ اڄ سنڌ ۾ هيءُ جيڪو سياسي ۽ ادبي شعور ڏسجي پيو ۽ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ جيڪا انڌي منڊي افرادي قوت ڏسجي ٿي، اُها ان ئي لقاءُ جو نتيجو آهي. قومن جي تاريخ ۾ هڪڙا مرحلا ۽ دؤر اهڙا بہ ايندا آهن، جڏهن سندن سيني کان متحرڪ ۽ تخليقي سمجهيا ويندڙ حصا بہ وقتي طور حالتن جي جبر آڏو پاڻ کي بيوس، ناڪام ۽ نراس سمجهي، پنهنجي ڪردار تان ڪڏهن لاشعوري طور تہ ڪڏهن شعوري طور هٿ کڻي ويندا آهن. سنڌ ۾ گذريل ڏهاڪي کان اهڙو ئي واءُ هُليل آهي. سنڌ ۾ اهڙن سياسي ڪارڪنن جو هڪ وڏو لڏو آهي، جيڪو وڏا آدرش، تصور، خواب ۽ خيال کڻي سياست جي ميدان تي آيو ۽ اڄ اُنهن جي گهڻائي يا تہ حالتن جي جبر آڏو گوڏا کوڙي نراسائين جي پاتال ۾ گم ٿي وئي آهي يا منجهانئن ڪيترا تہ سياسي بازار ۾ پنهنجا اگهہ مقرر ڪيو گهمندا وتن. ايئن ئي ادب جي ميدان تي بہ ٿيو. سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪن ۾ سنڌي اديبن جيڪو ڪردار ادا ڪيو ۽ اُهي جن روايتن ۽ آدرشن جا امين بڻجي، پنهنجي زماني ۽ وقت جو ضمير ٿي اُڀري بيٺا، اڄ اُنهن جي گهڻائي پنهنجي جيئري ئي پنهنجي ڪردار تان هٿ کڻي چڪي آهي. جيئن ڪالهہ جي پُرجوش ۽ زمانن کي بدلائڻ ۽ هر قسم جي غلاميءَ جا زنجير ٽوڙڻ جون دعوائون ڪندڙ سياسي ڪارڪن، اڄ گهڻي ڀاڱي پنهنجو ڪردار بحال ڪرڻ تہ ٺهيو پر پنهنجي ماضيءَ جا گَس ۽ پيچرا ڳولهڻ جي بہ قابل نہ رهيو آهي. تيئن اسان جو اڄ جو اديب، جنهن ڪالهہ پنهنجي ادب ۽ شعور سان سماج جي روح ۾ زندگيءَ جو جوهر ٿي اوتيو، اڄ اُهو ان ساڳئي سماج کي مايوسين ۽ نِراساين جي ڏُٻڻ مان ڪيڍڻ بدران، کيس پنهنجي دؤر جي جبر سان مزاحمت بجاءِ ان آڏو سرنگون ٿيڻ جا سبق ڏئي رهيو آهي. جڏهن حالت وڃي اها ٿئي جو عبدالقادر جوڻيجي جهڙو باهہ جي کُورن مان پڄي نڪتل اديب بہ پنهنجي قلم ۽ شعور جي اظهار کي فضول، بي معنيٰ ۽ اَڪارج سمجهڻ لڳي تہ پوءِ منهنجي خيال ۾ ان ڳالهہ جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس وٺڻ گهرجي تہ ڇا اهو سنڌي مڊل ڪلاس، جنهن کي هن دؤر جي سنڌي سماج جو هر سطح تي ڏٽي ٿيڻ کپندو هو ۽ جنهن کي نهايت ڏکيءَ صورتحال ۾ بہ فرار جا گَس ڳولهڻ بجاءِ هن دؤر جي ذلتن، وحشتن، گندگين ۽ هر قسم جي بڇڙائين ٽوڙي غلامين خلاف سراپا احتجاج ۽ مزاحمت بڻجڻ گهربو هو، اُهو جڏهن اهڙيون خبرون ڪرڻ لڳي تہ پوءِ ان رويي کي ڇا ٿو چئي سگهجي؟

ڳالهہ بنهہ سولي ۽ سادي آهي تہ اج تائين دنيا ۾ ڪوبہ اهڙو سماج ۽ ڪابہ اهڙي قوم پنهنجو وجود نٿي رکي، جنهن پنهنجيءَ تاريخ ۾ ڪڏهن بہ ننڍا توڙي وڏا، رواجي توڙي غير معمولي مسئلا ۽ بحران نہ ڏٺا هجن. فرد هجي يا سماج، جتي جتي زندگي آهي، اُتي مسئلا ۽ مصيبتون زندگيءَ سان گڏ گڏ هلن ٿا. تاريخ اڄ تائين مسئلن کي ڪڏهن بہ پنهنجي اندر وڏي جاءِ نہ ڏني آهي. تاريخ ۾ فقط اُهي ئي قدآور ليکيا وڃن ٿا، جيڪي مسئلن ۽ بحرانن جي سدباب جا امين بڻجن ٿا. اڄ جي سنڌي سماج جي مُهندار يعني مڊل ڪلاس آڏو بہ اهو ساڳيو سوال ڳرُ ڪٽي بيٺو آهي تہ ڇا اُن جي ذهني، فڪري ۽ روحاني غيرت ۽ اَنا اهو گوارا ڪندي تہ اهي هن دؤر جي هر قسم جي بُڇڙائين ۽ بِدعتن جي پيرن ۾ پنهنجا ذهني هٿيار ۽ آدرش ڦٽا ڪن ۽ سنڌس اسٽيٽسڪو سان نهي وڃن؟ چون ٿا تہ هڪڙي بادشاه پنهنجي رعيت جي ايمان کي آزمائڻ خاطر اعلان ڪرايو تہ هر شهري هڪ وڏي شاهي حوض ۾ کير جو هڪ هڪ گلاس وجهي وڃي. ٻئي ڏينهن هر شهري اهو سوچي حوض ۾ پاڻيءَ جو گلاس وجهي ويو تہ ٻيا سڀ ماڻهو تہ يقينن کير جو گلاس کڻي ايندا ۽ جي هن هڪڙو گلاس پاڻيءَ جو وڌو تہ ڪهڙو فرق پوندو؟ ٻئي ڏينهن جڏهن اهو حوض کوليو ويو تہ ان ۾ کير بجاءِ رڳو پاڻي ئي پاڻي هو. نہ ڄاڻ تہ ملڪ جي هر شهريءَ اهو ئي سوچيو هو تہ ٻيا سڀ کير آڻيندا ۽ هن جي ننڍڙي بي ايمانيءَ سان ڪهڙو فرق پوندو؟ اڄ جو سنڌي سماج بہ ان ئي رويي جو مظهر آهي. اڄ اسان مان هر ماڻهو پوءِ چاهي اُهو ڪهڙي بہ شعبي سان تعلق رکندو هجي، اُهو هن موجوده بحران تي مٿاڇرا ڳوڙها تہ ڳاڙهي ٿو پر پاڻ کي اخلاقي طور ان جو پابند نٿو ٻڌائي تہ اهو بہ سنڌي سماج کي هن همہ گير بحران مان ڪڍڻ لاءِ پنهنجي پتيءَ جو ڪردار ادا ڪري. سوال آهي تہ هڪ طرف اسان زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پستيءَ ۽ زوال جي ڏيڍ ڏانهن وڃي رهيا آهيون ۽ ٻئي طرف جي سياست ڪار (اڳواڻ توڙي ڪارڪن) فرض شناس سياست ڇڏي ڏي، استاد پڙهائڻ ڇڏي ڏي، شاگرد علم سان نفرت ڪرڻ لڳي، پورهيت جو پورهئي تان ارواهہ کڄي وڃي، والدين پنهنجي اولاد جي تربيت ڪرڻ بدران سندن بي راهہ رويءَ جو سامان کين پاڻ مهيا ڪري ڏين ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ جي قلمڪار ۽ اديب پنهنجي قوم ۽ سماج سان ڪمٽمينٽ تان هٿ کڻي، پاڻ ئي پنهنجي ذهن، ضمير، روح ۽ ان جي اظهار کي بي معنيٰ سمجهڻ لڳي تہ پوءِ سوال آهي تہ آخر ڪير آهي، جيڪو آسمان تان لهي، هن نڌڻڪي ۽ بيواهي سماج جو ڏٽي ٿيندو؟ هن کي ٻيو نہ پر اها ٽيڪ ۽ اتساهہ ڏيندو هڪ قوم ۽ سماج طور اسان کي دنيا ۾ وقار سان جيئڻ جو حق آهي ۽ اهو حق اسان وٽ سدائين رهندو ۽ ان وقار جي بحاليءَ لاءِ اورچ جدوجهد سندس هر فرد جو بنيادي فرض آهي.

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، سومر 1 مارچ 1999ع

# سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو مزاحمتي ڪردار ڇو نٿو جُڙي؟

سنڌي ماڻهو مجموعي طور جنهن قسم جي بدترين اندروني ۽ ٻاهرين غلاميءَ جي سنگهرن ۾ ڦاٿل ۽ سنگين مسئلن ۽ حالتن جي دٻاءُ هيٺ آهي، اها ڳالهه هاڻي ڪنهن کان به لڪل يا ڳُجهي نه آهي. قومون جڏهن تاريخي طور اهڙي دٻاءُ هيٺ هونديون آهن، جڏهن انهن سان رڳو مسئلا نه هجن پر ماڳهين سندن هزارين سالن جو قومي وجود پڻ خطري ۾ پئجي وڃي، تڏهن قوم جي هر طبقي ته ڇا پر هر حصي ۽ فرد جو نهايت ذميوراڻو قومي ڪردار جُڙڻ لازمي هوندو آهي. دراصل زنده قومون پنهنجي قوم هجڻ جو ثبوت به اهڙيءَ ريت ئي ڏينديون آهن. سنڌ جون موجوده حالتون به قوم جي هر باشعور حصي ۽ فرد کان اهڙي ئي قومي ڪردار جي تقاضا ڪن ٿيون. ڪنهن به قوم جا اديب، آرٽسٽ ۽ دانشور جيئن ته ان جي روح، فڪر، ضمير، ثقافت، علم ۽ ادب جا ترجمان ئي نه پر سرجڻهار، سُونهان ۽ سنڀاليندڙ هوندا آهن، ان ڪري انهن جو ڪردار بنيادي اهميت رکندڙ هوندو آهي. داغستان جي اديب رسول حمزا توف ان ڪري ئي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي "باهه" جا رکوالا سڏيو هو. ان حوالي سان اڄوڪي سنڌ تي نظر وجهون ٿا ته نه چاهيندي به شديد مايوسي ٿئي ٿي. اسان جي دوست انعام شيخ به تازو پنهنجي ڪالم ۾ ان نُقطي تي زور ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو يقيني طور اسان جي موجوده دؤر جو اهم ترين سوال آهي.

اڄوڪي دؤر ۾ جيترو اجتماعي طور وائڙو مُنجهيل ۽ بي عمليءَ وارو ڪردار سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو آهي، شايد ئي قوم جي ڪنهن ٻئي حصي جو هجي.

هڪ ليڪڪ طور مون گذريل پندرهن سالن کان پنهنجي ان ”لڏي“ جو اهو انفرادي ۽ اجتماعي ڪردار، رويا، سوچن ۽ تصورن جو معيار نهايت ويجهڙائيءَ کان ڏٺو پرکيو ۽ محسوس ڪيو آهي. نتيجو اهو آهي تہ هاڻي ڪڏهن ڪڏهن تہ ڇا، بلڪ اڪثر اجتماعي حوالي سان ليڪڪ سڏائيندي بہ شرم محسوس ٿيندو آهي. اديب، ليڪڪ، شاعر ۽ دانشور پنهنجي سوچ، تصورن، محسوسات، ادب، علم، فن ۽ فڪر جي مختلف رنگن جي ڌاڳن ۽ بلند ڪردار جي سُئيءَ سان گڏ پري ڪڏهن قومن جي وجود کي روحاني ۽ فڪري حُسناڪيءَ جا ويس ڍَڪائيندا آهن تہ ڪڏهن ادب، فن ۽ فڪر جي سُرن سان پنهنجي عمل جا ساز ڇيڙي، سُتل قومن کي اگهور ننڊ مان جاڳائيندا آهن. ضرورت پوڻ تي ثقافتي ۽ فڪري محاذ سنڀالي پنهنجي قوم جي وجود جي جنگ وڙهندا آهن. اڄ ڪهڙي مصيبت ۽ ڏُٺ آهي، جيڪو اسان جي ڳچيءَ ۾ نہ آهي؟ ڪهڙو ظلم ۽ عذاب آهي جيڪو اسان جي وجود مان تسڪين نہ ٿو وٺي. ڪهڙي رسوائي ۽ ذلت آهي، جنهن جو منهن فارسي شاعر انوريءَ وانگر اسان ڏانهن نہ آهي؟ ڪهڙي جاءِ آهي، جتي بي وسيءَ، اويساهيءَ ۽ نڌڻڪائيءَ جو واسينگ ڦڻ ڪڍيو نہ بيٺو هجي؟ ۽ ڪير آهي جيڪو ان کان ڏنگيو نہ ويو هجي؟ پر ڇا ان سموريءَ صورتحال ۾ ڪو هلڪو تصور يا محسوسات بہ آهي تہ هن قوم ۾ اديب، شاعر ۽ دانشور بہ رهن ٿا؟ جي آهن تہ پوءِ هيءَ قوم جيڪي ذلتون ۽ محروميون ۽ نڌڻڪايون روز تہ ڇا هر گهڙيءَ محسوس ڪري ٿي، اهي هن قوم جو اديب، شاعر ۽ دانشور ڇو نہ ٿو محسوس ڪري؟ ۽ جي ڪري ٿو تہ پوءِ اها ”باهہ“ ڪٿي آهي، جيڪا انهن ذلتن مان نجات جو ذريعو هوندي آهي؟ اهو درد ڪٿي آهي، جيڪو ادب ۽ علم کي قومن جون تقديرون ۽ دؤر تبديل ڪرڻ جي سگهہ تخليق ڪندو آهي؟ اها تکي ذات ۽ ڏاهپ ڪٿي آهي، جيڪا قومن جي چوڌاري بچاءُ جا فڪري ۽ روحاني بند ٻڌندي آهي؟ ون يونٽ جي زماني ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو هڪڙو ڪردار هو. انهن ادب، علم ۽ ادبي تحريڪ وسيلي سنڌ ۾ وڏي سجاڳي آندي، مزاحمت ڪئي ۽ قومي شعور پيدا ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو. پر پوءِ اهو سڄو لڏو سواءِ هڪ اڌ ماڻهوءَ جي پنهنجي اُبتڙ ڪردار ۾ تبديل ٿي ويو. پوءِ اهو مراعت يافتہ طبقو بڻجي ويو. جنهن لاءِ ڪک ڀڃي ٻيڻو ڪرڻ عيب هو. جن جي حيثيت پوءِ بس ”قوم جي محسنن“ جي هئي. اڄ بہ ان نسل وٽ گهٽي ياڱي رڳو ماضيءَ ۾ پنهنجي ڪيل ”عظيم جدوجهد“ جا نہ کُٽندڙ داستان آهن. سنڌ ۾ هر ماڻهو بہ ڏينهن فضيلت سان ڪم ڪري، پوءِ سڄي ڄمار ان جو مفت جو کٽيو کائڻ ۽ مراعتون ماڻڻ چاهي ٿو. ان ۾ اديبن ۽ دانشورن تہ سيڻيءَ کان گوءِ کنئي آهي ۽ بدنام رڳو اجايو سياستدان ۽ سياسي ڪارڪن آهن.

هر سُٺي يا خراب سماجي لقاءَ جا مخصوص سبب ۽ محرڪ ٿين ٿا. سماجي شعور ۾ سائنسيت گهٽ هجڻ ڪري، اسان عام طور رڳو نتيجن تي نگاهه وجهون ٿا پر ان جا سبب معلوم ڪرڻ تي ڌيان نه ٿا ڏيون. جڏهن ته ”نتيجن“ جون پاڙون ”سببن“ ۾ هجن ٿيون. جنهن کي فلسفي جي ٻوليءَ ۾ ”Cause and Effect“ (سبب ۽ نتيجا) چئجي ٿو. سنڌ ۾ اديبن ۽ دانشورن جو اهڙو وائڙو ۽ ٻي عمليءَ وارو ڪردار ڇو آهي؟ ان جا به لازمي طور هڪ سماجي لقاءَ جي صورت ۾ ڪي نه ڪي ٺوس سبب هوندا. جيستائين اهي معلوم نه ڪبا، تيسين هيءَ ڳالهه ڳُجهارت ئي رهندي ۽ نه ئي وري اڳتي لاءِ ڪي راهون کُلي سگهنديون. منهنجيءَ نظر ۾ ان جا چار بنيادي سبب آهن، جن تي غور ٿيڻ گهرجي.

(1) اسان جي اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائيءَ جو لاڳاپو ٿُلهي ليکي وچئين طبقي سان آهي، ان ڪري جيستائين سندن ڪردار کي ان طبقاتي پسمنظر ۾ نه ڏسبو تيسين اهو پوريءَ ريت سمجهي به نه سگهبو. منهنجي گهڻي وقت کان اها سوچيل سمجهيل راءِ آهي ته سنڌي سماج جو اڄوڪو مڊل ڪلاس جيئن ته پيداواري ذريعن ۽ رشتن جي مٿا سٺا ۽ مارڪيٽ مان نه اُسريو آهي ۽ سماج کان وڌيڪ رياستي ادارن جي پيداوار آهي. ان ڪري اهو پنهنجي مزاج، مفادن ۽ ڪردار ۾ حقيقي مڊل ڪلاس نه آهي. رياستي ادارن جي پيداوار هجڻ سبب هن جا مفاد تبديليءَ بجاءِ اسٽيٽسڪو سان ۽ سماج بجاءِ رياست سان وابسته آهن. دراصل اهي ئي مفاد هن جي سماجي ڪردار جو تعين ڪن ٿا، نتيجي ۾ هڪڙي ڪاغذي مڊل ڪلاس جي ڪُکِ مان اُسريل اديب ۽ دانشور لاڏو شعور ته تبديليءَ جو رکي ٿو پر مفاد ان جي اُبتڙ رکي ٿو ۽ اهو تضاد هن جي گهربل فڪري ۽ مزاحمتي ڪردار کي اُڀرڻ نه ٿو ڏئي. جيتوڻيڪ ان لڏي ۾ مثالي ڪردار رکندڙ فرد به هئا ۽ آهن، پر ڳالهه سندن مجموعي ڪردار جي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄوڪو سنڌي اديب ۽ دانشور گهڻي ڀاڱي موقعي پرستيءَ جو شڪار آهي. هو ڪا به قرباني ڏيڻ جي قابل نه آهي. هن جي روين مان ڪمٽمينٽ جو اظهار نه ٿو ٿئي، يعني مجموعي طور اڄوڪي سنڌي مڊل ڪلاس جو جيڪو وائڙو، موقعي پرستيءَ وارو، مُنجهيل ۽ فڪري ياڙيائپ وارو ڪردار نظر اچي ٿو سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي ڪردار تي ان جا ڇٽا اثر صاف نظر ايندا.

(2) تاريخ ۾ فردن جو غير معمولي ڪردار بنيادي طور به شيون طئي ڪن ٿيون. يعني اٽڪر سماجي مجبوريون يا علمي طور گهرو سماجي ۽ تاريخي شعور. ان حوالي سان جيڪڏهن سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائيءَ کي ڏسبو ته سندن علمي ۽ فڪري بنياد نهايت ڪمزور ۽ وچٽرا آهن. سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائي اڄا

تائين علمي حوالي سان سادي شعور کان مٿي اُسري تاريخ ۽ سماج توڙي فطرت جي پيچيده ۽ گهري شعور جو پنڌ نہ ڪري سگهي آهي. قدر (Values) سدائين سادا ٿين ٿا، پر فڪر (Human Thought) هميشہ پيچيده ٿئي ٿو. سنڌي اديبن ۽ دانشورن جو زور هيستائين فڪر بجاءِ گهٽي پاڳي رڳو قدرن جي پرچار ۽ ويساهہ تي رهيو آهي. فرانس توڙي سڄي يورپ ۾ جيڪڏهن اديبن ۽ دانشورن جو نشاط الثانيہ ۾ ڪردار هو تہ ان پنيان بہ سندن فڪر هو. خود هندستان ۾ نئين سجاڳيءَ جو دؤر آيو تہ راجا رام موهن راءِ ۽ سوامي وويڪانند جي تحريڪ بنيادي طور هڪڙي فڪري تحريڪ هئي. ورهاڱي کان اڳ نئين ڪنڊ ۾ ترقي پسند ادبي تحريڪ زور ورتو تہ ان پنيان بہ فڪر هو. ان حوالي سان ڏسبو تہ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي گهٽائيءَ جا علمي بنياد نهايت ڪمزور ۽ فڪري لاڙا وائڙا نظر ايندا. تاريخ، سائنس، فلسفي ۽ سماجي سائنسن جا علم اسان وٽ مجموعي طور تمام گهٽ متعارف ٿيل آهن ۽ جي ٿيا آهن تہ بہ نهايت سطحي انداز سان. موجوده دؤر ۾ تہ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي گهٽائيءَ پڙهڻ بلڪل ڇڏي ڏنو آهي. اڄوڪو هم عصر عالمي دؤر علمي ۽ فڪري طور ڪٿي بيٺل آهي؟ اهو ڇا ۽ ڪيئن ٿو سوچي؟ هم عصر عالمي دؤر جا فڪري ۽ تاريخي تضاد ڪهڙا آهن؟ انهن سان اسان جو تعلق ڪيئن آهي؟ هن جديد دؤر ۾ قومن جي بقا، عروج ۽ زوال جا محرڪ ڪهڙا آهن؟ ان سڄي پس منظر ۾ سنڌي سماج ڪٿي بيٺل آهي؟ اهڙا ۽ ٻيا انيڪ بنيادي سوال اسان جي اديبن ۽ دانشورن جي گهٽائيءَ جي ايجنڊا تي بہ نہ آهن. ساڳين ساڳين ڳالهين ۽ سطحي لفاظيءَ سان رڳو هڪ ٻئي کي متاثر ڪرڻ جي روايت ڏهاڪن کان هلندي اچي. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ علمي ۽ فڪري بنيادن جو ڪمزور هجڻ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي گهٽائيءَ جي وائڙي ڪردار جو بنيادي سبب آهي. جيستائين ان صورتحال ۾ ڦيرو نہ ايندو، تيستائين ان جي ڪردار ۾ ڪابہ وڏي تبديلي اچڻ ممڪن نہ آهي. علمي ۽ فڪري طور ڪمزور ماڻهو نہ رڳو گهٽو اڳتي ڏسي نہ سگهندو پر بہ وڪون ڪٽي پيهي رهندو ۽ اسان وٽ ائين ئي ٿيو آهي ۽ ٿئي پيو.

(3) ڏاهپ ۽ روحاني سگهہ ماڻهوءَ کي يا تہ گهرو علم ڏئي ٿي يا لڳاتار عمل ۽ اهي ٻئي ڳالهيون هڪٻئي سان لاڳاپيل بہ آهن. علم ۽ فڪر ماڻهوءَ کي عمل لاءِ اُتساهي ٿو ۽ عمل ماڻهوءَ کي ادراڪ ڏئي ٿو جيڪا فڪر جي بہ اُتاهين منزل آهي. اڄوڪي سنڌي سماج ۾ اديبن ۽ دانشورن جي گهٽائيءَ کي ڏسبو تہ اهي نہ رڳو علمي ۽ فڪري طور ڪمزور نظر ايندا پر بي عمليءَ جو بہ شڪار نظر ايندا. اسان جو مٿين سطح تي وينل اديب ۽ دانشور گهٽي پاڳي پنهنجي عوام کان ڪٽيل آهي،

ان ڪري هو ان جو درد بہ محسوس نہ ٿو ڪري سگهي. هو پنهنجي هم عصر سماجي ۽ سياسي تحريڪن کان بہ ڪٽيل ۽ لاتعلق آهي. عمل جو مطلب اهو هرگز نہ آهي تہ سنڌي اديب ۽ دانشور جهنڊا کڻي نعرا هڻندا وتن، پر عوام جي ويجهو رهڻ، سندن درد کي محسوس ڪرڻ، هم عصر دؤر جي سماجي ۽ سياسي لقائن کان ڪٽيل نہ هجڻ، زندگيءَ سان گڏ هجڻ، ان کي محسوس ڪرڻ ۽ ان لاءِ ذهني ۽ روحاني زندگيءَ جو سامان تخليق ڪرڻ، پنهنجي دؤر جي تضادن کي سمجهڻ ۽ ان ۾ پنهنجي ڪردار جو تعين ڪرڻ- اهي سڀ ڳالهيون هڪ اديب ۽ دانشور جي تخليقي عمل جو حصو آهن. ڪنهن زماني ۾ علي بابا ۽ امر جليل جي ڪهاڻي ماڻهن جي اندر ۾ وڏ وجهي ڇڏيندي هئي. اياز بخاري ۽ امداد جا گيت ۽ نظم ماڻهن جي زندگيءَ ۾ روح ڦوڪي ڇڏيندا هئا. لکيل لفظ جو سماج تي ايترو اثر ڇو هو؟ ان ڪري جو اهو اُتساهہ عوام مان هو ۽ اهو عوام لاءِ هو. اڄ سنڌ ۾ لکيل لفظ جو اهو تاثر ۽ اثر ڇو نہ آهي؟ ان ڪري جو لفظ بي روح ٿي ويا آهن ۽ اسان جي اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائي زندگيءَ کان ڪٽيل آهي. خيال، احساس ۽ ماڻهو ادب ۽ فن جو روح هوندا آهن. اديب ۽ دانشور انهن ٽنهي شين کان پاسيرو ٿي وڃي تہ پوءِ اهو ٺپ ٿيندو آهي، جيڪو اسان وٽ ٿئي ٿو.

(4) جيتوڻيڪ اها راءِ اختلافي بہ ٿي سگهي ٿي پر منهنجو ان ڳالهہ تي پختو ويساهہ آهي تہ ٽئين دنيا جي مخصوص حالتن ۾، جنهن ۾ سموريون قومون مجموعي طور ڪنهن نہ ڪنهن طرح غلام آهن، اتي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن لاءِ پختو سياسي شعور لازمي آهي، نہ تہ سندن فڪري محرڪ نہ رڳو وائڙا هوندا پر عوام تي اثر بہ ڪونہ ڇڏيندا. هونئن تہ ارسطوءَ چيو هو تہ جيڪو ماڻهو سياسي نہ آهي اهو پاڻ کي انسان سڏائي نہ ٿو سگهي، پر ٽئين دنيا جي مخصوص حالتن ۾ اديبن ۽ دانشورن لاءِ پختو سياسي شعور نهايت لازمي آهي. رڳو 20هين صديءَ جي وڏن شاعرن تي نظر وجهبي تہ اها ڳالهہ صاف نظر ايندي. پيبلو نرودا، محمود درويش، نذرالاسلام، اقبال، فيض، اياز- اهي سڀ شاعر پنهنجي پنهنجي دؤر جو پختو سياسي شعور رکندڙ بہ هئا. ساڳي صورتحال نثر ۾ بہ آهي. ان ڪري منهنجيءَ نظر ۾ اڄوڪي دؤر ۾ سنڌي اديبن ۽ دانشورن جي گهربل ڪردار نہ جُڙي سگهڻ جو هڪ وڏو سبب منجهن پختي سياسي شعور جي کوٽ بہ آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ سنڌ ۾ آڪاش ۽ حليم باغيءَ کي ايڏي عوامي مڃتا ڇو ملي؟ ان جو وڏو سبب سندن سياسي شعور بہ هو. اديب، شاعر ۽ دانشور جيڪڏهن سياسي شعور کان وانجهيل هوندو تہ هو پنهنجي دؤر جي تضادن کي سمجهي نہ سگهندو ۽ جڏهن هو پنهنجي

دؤر جي تضادن کي سمجهي نہ سگهندو تہ هن جي فڪر ۾ اها وسعت ۽ گهرائي نہ ايندي، جيڪا لکيل لفظ جون سماج ۽ زندگيءَ ۾ پاڙون هٽندي آهي.

هن سڄيءَ ڳالھ جو مطلب رڳو ڪا مايوس ڪندڙ صورتحال پيش ڪرڻ نہ آهي، پر سمجهڻ ۽ اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش آهي تہ جيستائين اهي سبب برقرار رهندا، تيسين نتيجن جو اسٽيٽسڪو بہ برقرار رهندو. فردن، طبقن يا قومن جا ڪردار رڳو تلهين خواهشن سان تبديل نہ ٿيندا آهن، ان لاءِ اهو ٻيو ”فهم“ گهرجي، جيڪو پرينءَ کي پسڻ جا پيچرا ڳاهيندو آهي. ڇا سنڌي اديب ۽ دانشور اڄوڪي صورتحال ۾ پنهنجو گهربل فڪري ۽ مزاحمتي ڪردار ڪرڻ لاءِ تيار آهي؟ اهو سوال مان سنڌ جي سمورن ساڃاهہ وند ماڻهن آڏو رکان ٿو ۽ جواب هر ڪنهن کي پاڻ کي ڏيڻو آهي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 11 جنوري 2003ع

## چوٿين مارچ جو ڏينهن:

# سنڌ کان هڪ نئين قومي ۽ مزاحمتي ڪردار جي تقاضا ڪري ٿو!

اڄ چوٿين مارچ جو ڏينهن آهي، جنهن کي سنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي نسبت سان سنڌ جي هڪ قومي ڏينهن طور ياد ڪيو ۽ ملهايو ويندو آهي. اهو تاريخ جو عجيب الميو آهي ته چوٿين مارچ جي ”هيرن“ جي اڪثريت هاڻي نه رڳو سنڌ جي قومي بقا ۽ اؤسر جي جدوجهد جي پاسي نه آهي پر ان کان لاتعلق ٿي بيٺي آهي. ان جي باوجود هر ڏينهن جي پنهنجي دؤر جي نسبت سان هڪ خاص اهميت هجي ٿي ۽ چوٿين مارچ جي ڏينهن جي اهميت پنهنجي دؤر جي نسبت سان اڄ به قائم آهي. ماڻهو بدلجي سگهن ٿا، مري سگهن ٿا، وڪامي سگهن ٿا، بدبودار ۽ مُڏي خارج ٿي سگهن ٿا پر حقيقتون پنهنجي پنهنجي دؤر جي نسبت سان تاريخ ۾ زنده رهن ٿيون ۽ اُهي هڪ خاص وقت کانپوءِ ماڻهن جون محتاج به نه ٿيون رهن. جيتوڻيڪ 4 مارچ جو ڏينهن، هر سال روايتي انداز سان ملهايو ويندو آهي پر هاڻي ضرورت آهي ته اهڙن ڏينهن کي غير روايتي ۽ تخليقي انداز ۾ ملهائڻ جي روايت پوڻ گهرجي. قومي ڏينهن کي ملهائڻ جو مطلب اهو نه آهي ته پنهنجي حال ۽ آئيندي کان لاتعلق ٿي وڃجي.

جيتوڻيڪ اهو جملو بار بار ۽ رسمي طور به ورجايو ويو آهي پر مان سمجهان ٿو ته اها هڪ اڻ وٽندڙ ۽ نظرانداز نه ڪري سگهندڙ حقيقت آهي. سنڌ واقعي اڄ پنهنجي تاريخ جي بنهه بدترين دؤر مان گذري رهي آهي. هيءُ دؤر ۽ سنڌ جي وجود ڏانهن ڪجندڙ ميريون نگاهون ۽ وکون سنڌ جي قومي وجود سان هڪ سنگين ۽ بچڙو مذاق ٿي اُبريون آهن ۽ سنڌ جي هر ماڻهوءَ جي مزاج ۾ هيءُ جيڪو بي پناهه چِڙ جو عنصر هڪ رويي طور تيزيءَ سان اُبريو آهي، اهو شايد ان جو نراجيت پسند

ردعمل آهي. اهو ردعمل نراجيت پسند چو آهي ۽ اهو اُميد پسند ۽ اُتساهيندڙ چو نہ آهي؟ ان جو سبب مون کي سمجهہ ۾ هيءَ ٿو اچي تہ اهو کم سياست ۽ ذميوار سياست کندي آهي ۽ بدقسمتيءَ سان سنڌ جي قومي سياست اهو کردار گهربل حد تائين ادا نہ کري سگهي آهي. سنڌ جون موجوده قومي حالتون سنڌ جي هر ان فرد, جيکو پاڻ کي ڌرتيءَ جو حلالي ڄائو/ ڄائي سمجهي ٿو/ ٿي, کان اها تقاضا کن ٿيون تہ اهو نہ رڳو حالتن جو ادراک رکي پر ان ڏس ۾ پنهنجو گهربل کردار بہ متعين کري. لازمي طور هر ماڻهوءَ کي اهو کردار پنهجي پنهنجي شعبي جي نسبت سان متعين کرڻو پوندو, پر ان جا محرک واضح هئڻ گهرجن ۽ ان جو واضح رخ هئڻ گهرجي, جيکو ظاهر آهي تہ سنڌ جي قومي بقا, آجپو اؤسر ۽ باوقار حيثيت ئي ٿي سگهي ٿو.

منهنجيءَ نظر ۾ سنڌ جي سمورن ساڃهہ وند ماڻهن کي اڄ جن بنيادي ڳالهين تي نهايت سنجيدگيءَ سان غور کرڻ گهرجي, اُنهن ۾ مکيہ هي آهن:

(الف) جيتوڻيک گهٽ حوالن سان دنيا اها ئي ۽ اهڙي ئي ساڳي آهي, جهڙي اُها هزارن ۽ لکن سالن کان هئي ۽ ان ۾ گهٽ حوالن سان ويجهي ماضيءَ ۾ وڏا ڦيرا ۽ تبديليون بہ آيون آهن. ان کري دنيا هکڙن حوالن سان هوبهو ماضيءَ جهڙي آهي ۽ ٻين حوالن سان بنهہ نرالي ۽ مختلف بہ آهي. هم عصر عالمي دؤر کيترين ئي ڳالهين جي حوالي سان تاريخ جو اهم ترين دؤر آهي, جيئن فطري طور موسمن جا ڦيرا اچن ٿا ۽ موسمون بدلجيو وڃن, تيئن تاريخ ۾ بہ سماجي ۽ سياسي توڙي فکري تبديلين جا ڦيرا اچن ٿا. تبديليءَ جو عمل تہ تاريخ ۾ سدائين جاري رهي ٿو پر آئون بنيادي تبديلين جي ڳالهہ ٿو کريان. هم عصر عالمي دؤر بہ بظاهر بحرانن جو دؤر نظر اچي ٿو پر جي تاريخ جي شعور جي اک سان ڏسبو تہ انهن بحرانن جي گرڀ ۾ وڏيون تبديليون ۽ اُنهن جا سياسي, سماجي ۽ فکري محرک پلجي رهيا آهن. دنيا هک دفعو وري نئين صف بنديءَ جي دائرن ۾ وڃي رهي آهي ۽ دنيا جون سگهاريون قومون ۽ سماج ان ۾ پنهنجي پنهنجي مقامي ۽ عالمي لاڙن ۽ دائرن جو تعين کري رهيا آهن. سنڌ جو الميو اهو آهي تہ اها صدين کان هکڙو دنيا کان کٽيل ۽ گُندڙائتو سماج رهي آهي. سنڌ قومن جي ان عالمي ڌارا جي قطار کان ٻاهر بيٺل آهي, جيکي انهن تبديلين تي اثرانداز ٿين ٿيون يا ماڻهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجو کو کردار متعين کن ٿيون ۽ ان ۾ پنهنجي نسبت ثابت کن ٿيون. تاريخ ۾ اهو دؤر گذري چکو آهي جڏهن مقامي ۽ عالمي لقائن ۾ ايڏيون وٿيون هونديون هيون. هاڻي دنيا ۾ کا بہ شيءِ ۽ کو بہ لقاءُ رڳو مقامي يا نلهو عالمي ٿي نہ ٿو سگهي. هر عالمگير شيءِ مقامي ٿي چکي آهي ۽ هر مقامي معاملو

عالمگير بہ آهي ۽ ٿي سگهي ٿو. ان سڄي پس منظر ۾ سنڌ جي حالتن يا سنڌي قوم جي قومي ڪردار جو جائزو وٺبو تہ صورتحال ڪا اتساهيندڙ نظر نہ ٿي اچي، جيتوڻيڪ ان جا انيڪ تاريخي ۽ معروضي سبب آهن پر بهرحال نتيجو اهو آهي. منهنجي سڄيءَ ڳالهہ جو تَتُ اهو آهي تہ جنهن شيءِ کي اڄ دنيا ۾ گلوبل وليج يعني عالمي ڳوٺ چئجي ٿو سنڌ کي بہ ان "ڳوٺ" ۾ پنهنجي ڪا "پونگي" اَڏڻي پوندي. سنڌ جي ماڻهن کي دنيا کان لاتعلق رهڻ جي رِوش هاڻي تبديل ڪرڻي پوندي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ۽ ان جون تبديليون اسان کان لاتعلق نہ آهن. اسين انهن کان اثرانداز ٿيون ٿا. اسان مجموعي طور محروميءَ کان شديد نفرت بجاءِ ان جي رومانس ۾ ورتل آهيون. گهٽ ۾ گهٽ اسان جي قوم جي سڄاڳ حصي (جنهن ۾ سياسي پارٽيون، ميڊيا، اديب، دانشور، وڪيل، استاد، شاگرد ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا) کي پنهنجي سوچ ۽ روش تبديل ڪرڻي پوندي. اسان کي دنيا کي محسوس ڪرائڻو پوندو تہ اسين ڪهڙو تاريخي ۽ تهذيبي پس منظر رکندڙ قوم آهيون ۽ اڄ ڪهڙي حال ۽ ويڌن ۾ آهيون ۽ ان جو تدارڪ ڪيئن ممڪن آهي؟ رڳو گهر ۾ ويهي پاڻ کي مظلوم سمجهڻ سان قومن جو آجپو ۽ ترقي ٿي سگهي ها تہ شايد سنڌي ماڻهو دنيا جي تمام سگهاري قوم هجي ها. گلوبلائيزيشن جي ڪميونيڪيشن جي انقلاب تہ هاڻي دنيا جي ننڍين قومن ۽ سماجن لاءِ اهڙو اسپيس بہ پيدا ڪيو آهي، جيڪو اڳ ۾ اهڙيءَ صورت ۾ ڪڏهن بہ موجود نہ هو. ان اسپيس جو ڀرپور فائدو نہ وٺڻ اسان جي قومي بدنصيبي هوندي. ايئن بہ ناهي تہ سڄيءَ دنيا ۾ ويٺل چار ڪروڙ سنڌين وٽ بحيثيت هڪ قوم جي ان لاءِ گهربل وسيلن جي ٻنهہ اڻ هوند آهي. جيتوڻيڪ ان لاءِ گهربل سماجي، سياسي، سفارتي، ثقافتي وسيلا ڪنهن حد تائين موجود آهن پر سڀ کان وڏو وسيلو روين جو آهي، سوچ ۾ تبديليءَ جو آهي، خواهشن ۽ شعور جو آهي. هڪڙي ڳالهہ طئي آهي تہ جيستائين سنڌ دنيا سان پنهنجي نسبت ثابت نہ ڪندي، پنهنجن مسئلن لاءِ دنيا کي باخبر نہ ڪندي، دنيا سان گڏ هلڻ جون گهٽ ۾ گهٽ گهرجون پوريون نہ ڪندي، تيسين ان جي موجوده صورتحال ۾ ڪو وڏو ڦيرو اچي نہ سگهندو.

(ب) ٻيو اهم معاملو جنهن تي اسان کي تمام سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي، اُهو اِهو آهي تہ پاڪستان ۾ سنڌ ويجهي ماضيءَ کان وڏي Isolation ۾ هلي وئي آهي. ان صورتحال تمام خراب نتيجا سامهون آڻڻ شروع ڪيا آهن ۽ جيڪڏهن ان جو ڪو سدِباب نہ ٿيو ۽ صورتحال بدستور ايئن رهي تہ آئينديءَ اجا بہ وڌيڪ هاڃيڪار نتيجا سامهون اچڻ جا امڪان آهن. اها صورتحال خاص طور گذريل ڏهاڪي ۾ اُڀري سامهون آئي آهي. پ پ پ جنهن وٽ سنڌي

ماڻهن جي گهڻائيءَ جو مينڊيٽ رهيو آهي ۽ جنهن جي معرفت سنڌي ماڻهو ملڪ جي اڳين سياسي ڌارائن ۾ اچي سگهيو ٿي، ان رڳو اهو گهربل ڪردار ادا نہ ڪيو پر ماڳهين پنهنجين پاليسين، ناڪامين ۽ ڪوتاهہ نظريءَ سبب ملڪي سياست ۾ پاڻ کي ڱنڍائتو ڪرڻ جو سبب بڻي. ٻيو وڏو سبب اهو بہ آهي تہ گڏريل ڍاڪي ۾ پناڻن ۽ بلوچن سنڌين بدران سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم سان ٺهڻ ۽ گڏ هلڻ کي ترجيح ٿي ڏني. گڏريل سڄي ڍاڪي کان پناڻن ۽ بلوچن جو رويو بنيادي معاملن تي سنڌي ماڻهن سان گڏ بيهڻ وارو نہ پر ٺلهو انهن کي استعمال ڪرڻ وارو آهي. سنڌي دانشور پنهنجي محدود، خود فريب ۽ هر شيءِ کان لاتعلقيءَ جي رويي جي دائري کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. سنڌ جي قومي مفاد جي سفارتڪاري ان جي سوچيندڙ ماڻهوءَ جو ڪم آهي پر اهو پنهنجي محدود دائري کان نڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جي سنڌي دانشور، اديب ۽ ساڃهہ وند ماڻهو ملڪي سطح تي مختلف فورمن ۾ ويندو هجي ها، ٻين صوبن جي سول سوسائٽيءَ سان لاڳاپي ۾ هجي ها ۽ انهن تي پنهنجو اثر ڇڏي ها تہ سنڌ جي قومي اڪيلائپ واري صورتحال هيءَ نہ هجي ها. هن موجوده ملڪي ٻيهڪ ۽ نظام ۾ سنڌ ۾ ڪا فضيلت ڀري حڪومت اچڻ تہ هڪ خواب آهي. ڳولي ڳولي سنڌ جا ٻي وزن ۽ وِڪائو ماڻهو آڻي سنڌ حڪومت جي مسند تي ويهاريا وڃن ٿا. سنڌ کي ايئن ٽريٽ ڪيو ٿو وڃي ڄڻ اها پنجاب جي حڪمران طبقي جي ڪالوني يا جاگير هجي. اهو سڀ ڪجهہ ان ڪري بہ ممڪن ٿي سگهيو آهي جو سنڌ ملڪ ۾ ايتري ڱنڍائتي ٿي وئي آهي جو ان جي آواز کي وزن نہ ٿو ڏنو وڃي. وري بہ سنڌي ميڊيا ڪنهن حد تائين ان اڪيلائپ کي ٽوڙيو آهي پر جيستائين ان جو ڪو سياسي حل نہ نڪرندو تيستائين صورتحال ۾ ڪو بنيادي ڦيرو نہ ايندو. سنڌ کي قومي طور ان Isolation مان ڪڍڻ لاءِ ڪو گَسُ نہ مليو تہ پوءِ اها صورتحال اڃا وڌيڪ ڀَنڀير ٿيندي. سنڌ جي سياسي پارٽين، دانشورن، اديبن، ميڊيا ۽ مجموعي طور سول سوسائٽيءَ کي ان ڏس ۾ وڏو بنيادي ۽ تيزيءَ سان سرگرم ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. نہ رڳو اهو پر سنڌ جي عوام ۽ سول سوسائٽيءَ کي انهن قوتن جو بہ احتساب ڪرڻو پوندو، جيڪي سنڌ جي ان قومي اڪيلائپ لاءِ بنيادي طور ذميوار آهن.

(ت) سنڌ معاشي طور بہ پنهنجي تاريخ جي بدترين دؤر مان لنگهي رهي آهي. سنڌ صدين کان جي گهڻو امير نہ تہ بہ هڪڙو سُکيو ستابو خطو رهيو آهي ۽ سنڌ وٽ ان سُکيي ستابي هجڻ لاءِ تمام گهڻا معاشي محرڪ ۽ وسيلا رهيا آهن ۽ بدستور آهن. ان ۾ سنڌ جي سامونڊي پٽيءَ کان ويندي سنڌو درياهہ تائين ۽ سنڌ جي معدني وسيلن کان ويندي سنڌ جي زراعت تائين سڀ عنصر اچي وڃن ٿا. اهي

سمورا وسيلا اُهي آهن جيڪي سنڌ جي اڄوڪي نسل پيدا ڪونہ ڪيا آهن، اهي وسيلا هزارن سالن تائين سنڌ جي سمورن گذري ويل نسلن طرفان سنڀاليل ۽ ايندڙ هزارين سالن جي نسلن جي امانت آهن. پر بدقسمتيءَ سان ورهاڱي کانپوءِ هن ملڪ جي حڪمران طبقي جنهن بدنيتيءَ ۽ بيدرديءَ سان انهن جي ”مفت جو مال“ سمجهي ڦيل ڪئي آهي، ان جو ڪو مثال نہ ٿو ملي. منهنجي خيال ۾ هيءُ مسئلو تمام اهم ۽ حساس آهي. سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن جي قومي وجود جو انهن جي جياپي جي انهن وسيلن کانسواءِ نہ وجود آهي ۽ نہ ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن سنڌ پنهنجا اهي تاريخي وسيلا بچائڻ ۾ ناڪام ٿي وڃي تہ پوءِ اهو اسان جو اجتماعي آپگهات هوندو. سنڌ کي رڳو سياسي طور ئي نہ پر معاشي طور بہ تباهہ ڪرڻ جي سازش پنهنجي عروج ۽ بي حيائيءَ جي بلنديءَ تي آهي. سنڌ جي حقيقي قومي تحريڪ جي ايجنڊا سنڌ جي قومي سالميت، ساورنٽي ۽ ان جي تاريخي معاشي وسيلن جو بچاءُ هئڻ گهرجي. ان ڪري آئون سمجهان ٿو تہ سنڌ جي معاشي تباهيءَ جي سوال کي وڏي ۾ وڏو سياسي سوال ڪري کڻڻ جي ضرورت آهي. ان سڄي بحران جو وڏي ۾ وڏو محرڪ هاڻي پاڻيءَ جو اِشو آهي، جنهن تي سنڌ جي زندگي ۽ موت جو دارومدار آهي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا اَسي سيڪڙو معاشي وسيلا ان سان مشروط آهن ۽ پاڻيءَ جو مسئلو پيدا ڪرڻ وارن بہ هڪ ڌڪ سان سڀ شڪار ڪرڻ چاهيا آهن. ”نہ هوندو بانس نہ وڄندي بانسري.“

سمنڊ اسان لاءِ قدرت جي هڪ انمول نعمت آهي پر هاڻي پاڻيءَ جي پيدا ڪيل کوٽ سبب نہ رڳو سنڌ پنهنجو لکين سالن جو اهو وسيلو وڃائي رهي آهي پر اهو ماڳهين اسان لاءِ عذاب ۾ تبديل ٿيندو پيو وڃي. يعني هڪ طرف سنڌ جو املهہ وسيلو وڃي رهيو آهي تہ ٻئي طرف اهو اسان جي انڊس ڊيلٽا جي تباهيءَ جو سبب بڻجندو پيو وڃي. جنهن تيز رفتاريءَ سان سمنڊ چڙهندو پيو اچي، جي اهو سلسلو ايئن جاري رهندو تہ ايندڙ 15 سالن ۾ سنڌ جا ٻہ نهايت قيمتي ضلعا بدين ۽ ٺٽو سمنڊ جي مسلسل چاڙهہ سبب ڪاري زمين جي بيابان ۾ تبديل ٿي ويندا، ۽ نہ رڳو اُهي پاڻ تباهہ ٿيندا پر سنڌ جي ماحولياتي زندگيءَ کي بہ تباهہ ڪندا. ڊرينيج جي ناقص ۽ غلط نظام (جنهن جو مثال LBOD ۽ RBOD) سنڌ جي زمين کي هونئن ئي تباهہ ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جون ڍنڍون سنڌ جي معيشت ۽ ماحولياتي زندگيءَ لاءِ ڪرنگهي جي حيثيت رکن ٿيون، اُهي تيزيءَ سان نہ رڳو تباهہ ٿي رهيون آهن پر گندن نالن ۾ تبديل ٿي فاعدن بدران اُبتو نقصان ڏئي رهيون آهن. جنهن جو وڏو مثال منڇر ڍنڍ آهي. اهي ڍنڍون جيڪي سنڌ جا قدرتي وسيلا آهن، جيڪي هزارين ۽ لکين سالن ۾ ٺهيا آهن ۽ جيڪي ظاهر آهي تہ وري ٺاهي بہ نہ ٿا سگهجن. ساڳيو حال

سنڌ جي زراعت ۽ پوک لائق ٻنيءَ جو آهي. سنڌ مان نڪرندڙ تيل ۽ گئس مان سنڌ کي هونئن ئي ڪو حصو پتي نہ ٿو ملي. هيءُ داستان تمام ڊگهو آهي، پر ٿُلهي ليکي ڳالهہ هيءَ آهي تہ سنڌ جي وجود جو ان جي معاشي ۽ قدرتي وسيلن کان سواءِ تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي ۽ اُهي مسلسل ۽ تيزيءَ سان ڦُريا، لُٽيا ۽ تباهہ ڪيا پيا وڃن. انهن جي بچاءُ ۾ ناڪامي سنڌ جي تاريخي ۽ قومي وجود تان هٿ کڻڻ جي مترادف هوندو. ان سلسلي ۾ پاڻيءَ جو اِشو سنڌ جو وڏي ۾ وڏو اِشو آهي. سنڌ جي ان زميندار طبقي جو بہ احتساب ٿيڻ گهرجي، جيڪو صدين کان ان زمين جي هنج مان جهوليون ڀري ناڻو کڻي ٿو ۽ ڌرتيءَ جي ڇاتين جو کير پيئي ٿو ۽ اُن ناڻي، داڻي ۽ ٿڃ جو فرض نڀائڻ لاءِ تيار نہ آهي. سنڌ جي وارثي ان ابن الوقت ۽ ڌرتيءَ جو سودو ڪندڙ طبقي کان هر صورت ۾ کسڻ گهرجي. اڌ صدي گذري وئي آهي ان ابن الوقت طبقي ڏانهن نهاريندي. ان مان اڳ ڇا وريو آهي جو هاڻي ورندو؟ سنڌ جي سياسي اڳواڻي ان مُردار طبقي کان کسڻ کانسواءِ سنڌ پنهنجن وسيلن ۽ وجود جو بچاءُ نہ ڪري سگهندي.

(ج) ان سڄيءَ صورتحال ۾ ان ڳالهہ تي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ اُهي ماڻهو جن کي سنڌ جو ساڃهہ وند طبقو چيو وڃي ٿو، ان جو ڇا ڪردار آهي؟ 4 مارچ جو ڏينهن جنهن کي اسان ويجهي ماضيءَ جي نسبت ۽ مزاحمت جي حوالي سان سنڌ جو هڪ قومي ڏينهن ڪري ملهائيندا رهيا آهيون، ان ڏينهن تي اسان کي هن سوال جو جائزو ضرور وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جون اڄوڪيون حالتون ان ننڍڙي مزاحمت کان گهڻو ۽ تمام گهڻو وڌيڪ ۽ وڏي توڙي گهڻ طرفي مزاحمت جون گهرجائو آهن. اسان وٽ جيڪي ماڻهو زندگيءَ ۾ سنڌ جي حوالي سان ڪي چار چڱا ڪم ڪن ٿا تہ پوءِ انهن کي سڄي زندگي ”دادلو ٻار“ ڪري هلايو ٿو وڃي. سنڌ لاءِ جيڪڏهن ڪنهن بہ فرد يا ڌر ڪوبہ ڪم ڪيو آهي يا ڪندي رهي آهي تہ اهو سنڌ تي ڪو انهن جو ٿورو نہ آهي. اِها هڪ ننڍڙي فرض ادائگي آهي، جنهن جو سڄي زندگي ڪٿيو ڪائڻ بدران پنهنجي ان قومي فرض شناسيءَ جو رويو جاري رکڻ گهرجي.

گذريل سڄي عرصي کان جيترو سنڌ جون حالتون ڳنڀير، نازڪ ۽ پيچيده ٿينديون ويون آهن، اوترو سنڌ جي ساڃهہ وند طبقي جو ڪردار پنهنجن بنيادي معاملن کان لاتعلقيءَ وارو رهيو آهي. ان ڳالهہ بہ سنڌ جي قومي جدوجهد جي مورال کي هاڃو رسايو آهي. اديبن ۽ دانشورن جو جيڪو نسل اڄ تائين پنهنجي ون يونٽ خلاف جدوجهد جا داستان بغل ۾ کنيو هلي، ان جي وڏي اڪثريت نہ رڳو اڄ سنڌ کان لاتعلق ويٺي آهي پر ماڳهين گهٽن حوالن سان ان کي نقصان رسائڻ ۾ حصدار رهي آهي. هيءُ سنڌ جا ادارا جن تباهہ ڪيا، انهن جي گهٽائي ڪير آهي؟ ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ ماضي پرستيءَ جي اها روايت هاڻي پوري ٿيڻ گهرجي. گذريل 30

سالن کان ماڻهو ماضيءَ جو ڪٿيو ڪائيندا رهيا آهن. انهن ماڻهن ڪالهہ ڇا ڪيو آهي؟ رڳو اهو ڪافي ناهي، جنهن بنياد تي ماڻهن ڪي دادلو ٻار ڪري ڪلهن تي ڪڻي گهمايو وڃي، پر ماڻهو اڄ ڇا ٿو ڪري؟ سڀاڻي لاءِ ڇا ٿو سوچي؟ ۽ رڳو ڪنهن مخصوص وقت تي نہ پر پل پل ڇا ٿو ڪري؟ سنڌ جو هيءُ دؤر سنڌ جي عوام سان گڏ ان جي پڙهئي لکيي، سڄاڻ ۽ ساڃهہ وند طبقي کان هڪ نئين، وڌيڪ ذميوار، سگهاري ۽ تخليقي توڙي مزاحمتي ڪردار جي تقاضا ڪري ٿو. اسان وٽ اڄ بہ هر ڳالهہ لاءِ ون يونٽ جي دؤر جا مثال ڏنا وڃن ٿا، ڇا هيءُ دؤر ان کان وڌيڪ حساس، نازڪ ۽ خراب ناهي ۽ ڇا سنڌ اڄ ان دؤر کان وڌيڪ خطري ۾ نہ آهي؟ ڇا سنڌ جي عوام ۾ ان دؤر کان وڌيڪ فرسٽريشن نہ آهي؟ ڇا سنڌ جا وسيلا، ساورنٽي ۽ آئيندو اڄ وڌيڪ خطري ۾ نہ آهي؟ جي ها تہ پوءِ سنڌ جي ساڃهہ وند طبقي جو اهو ڀرپور ڪردار ڪٿي آهي، جنهن جو اڄ فخر سان مثال پيش ڪري سگهجي؟ سنڌ جو وڏيرڪو طبقو تہ اڄ بہ فضيلت سکڻ لاءِ تيار نہ آهي، جڏهن سنڌ جو درياهہ چورائجي ويو آهي. ان لاءِ هن ملڪ جي بي معنيٰ ۽ نام نهاد جمهوري اسيمبلين ۾ وڃي اوٻاسيون ڏئي ۽ سنڌ جي سوديبازي ڪرڻ کان مٿي ڪا روش موجود نہ آهي. سنڌ جو عوام گهڻو ئي ڪڙهي ٿو پر ان کي تبديليءَ جو ڪو گس ۽ ان لاءِ ڀرپور قوتون نہ ٿيون سُجهن. تنهن پاسي سنڌ جو مڊل ڪلاس يا ساڃهہ وند طبقو آهي، جي اهو بہ نلهو رڪارڊ جي پورائيءَ لاءِ نلها قوم دوستيءَ جا ڊراما ڪندو ۽ عملي طور ڪکُ بہ ڀڃي ٻيڻو نہ ڪندو تہ پوءِ سنڌ کي ظاهر آهي ملائڪ تہ اچي ڪونہ بچائيندا.

سنڌ جو هيءُ دؤر، ان جون حالتون، ان کي درپيش خطرا، سنڌ جي جوانيءَ جي مايوسي ۽ خودڪشيون، درياهہ جو سُڪل پيٽ ۽ مجموعي طور سنڌي قوم جي بي وسي ۽ نڌڻڪائي ان جي ساڃاهہ وند طبقي کان هڪ نئين ۽ وڌيڪ سگهاري تخليقي ۽ مزاحمتي ڪردار جي تقاضا ڪري ٿي. اڄ چوٿين مارچ جو ڏينهن آهي، ڇا سنڌ جو اهو طبقو جيڪو پنهنجي ادب، افساني، شاعري، مضمون، ڪالمن ۽ محسوسات ۾ سنڌ جي آجپي، بقا، تبديليءَ ۽ خوشحاليءَ جا خواب ڏسي ٿو ڇا اهو ان جي تعبير لاءِ پنهنجو ڪو ڪردار متعين نہ ٿو ڪري سگهي؟ ڇا اهو هن ملڪ جي حڪمران طبقي جو احتساب ڪرڻ کان اڳ پنهنجو احتساب نہ ٿو ڪري سگهي؟ ڇا اهو هن سموري توهين ۽ تذليل جي دؤر جي نفي نہ ٿو ڪري سگهي؟ ڇا اهو هڪ اهڙي دؤر کي جنم نہ ٿو ڏئي سگهي، جنهن ۾ سنڌ هيئن غلام، نڌڻڪي، لاوارث ۽ بي وس نہ هجي. اچو تہ سڀ پنهنجي اندر ۾ ان سوال جو جواب ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون.

---

روزاني "عبرت" حيدرآباد، 4 مارچ 2002ع

# سچائين کي مسخ نہ ڪيو وڃي!

ڪڏهن ڪڏهن عجيب واقعا ٿي ويندا آهن. ڪالم لکڻ لاءِ موضوع جي چونڊ جو فيصلو ڪري ويهندو آهيان تہ اوچتو ڪا اهڙي ڳالهہ يا واقعو ٿي ويندو آهي جو مجبور ٿي موضوع تبديل ڪرڻو پوندو آهي. تازو سنڌ ڪوارٽرليءَ ۾ ڊاڪٽر جاويد لغاريءَ جو مضمون "March towards the 21st Century" (ايڪيهين صديءَ ڏانهن پنڌ) پڙهيم. جنهن ۾ هن سنڌي ماڻهن جي حوالي سان ان موضوع تي ڏاڍا ڪارائتا ويچار پيش ڪيا آهن. سوچيو هئم تہ ان مضمون جي نسبت سان پنهنجا خيال پيش ڪندس. هونئن بہ منهنجو خيال آهي تہ اسان قلمڪارن کي روايتي ۽ بار بار ورجايل موضوعن کان هٽي ڪري، اهڙن موضوعن جي چونڊ ڪرڻ گهرجي، جيڪي Value System تحت عوام جي ذهني اوسر ۽ تربيت لاءِ نهايت ضروري آهن. پر اوچتو 12 اپريل جي عوامي آواز ۾ علي احمد بروهي صاحب جو "سخي جام صادق علي مرحوم" جي عنوان تحت لکيل تاثر پڙهيم. مان هڪ سينئر قلمڪار جي حيثيت ۾ بروهي صاحب جو احترام ڪندو آهيان ۽ اهو اسان جو اخلاقي فرض بہ آهي، پر بروهي صاحب جام صادق بابت جيڪو تاثر ڏنو آهي، اهو پنهجن نتيجن ۽ جوهر جي لحاظ کان ڪنهن طرح بہ درست ناهي. ان ڪري ان حوالي سان ڪجهہ ڳالهيون رڪارڊ تي آڻڻ ضروري ٿو سمجهان.

اسان جي هڪ وڏي بدقسمتي ٿي اها آهي، جو اسان وٽ اجا تائين اجتماعي مفادن جو لحاظ ڪرڻ واري گڏيل سوچ پيدا ٿي سگهي ئي ناهي. جاگيراري دؤر جي غلاماڻي ۽ ڪمزور نفسيات مان اجا سنڌي سماج جندُ ڇڏائي نہ سگهيو آهي. جام صادق بابت بروهي صاحب جو لکيل هيءُ تاثر بہ ان نفسيات جو چٽو مظهر آهي.

ڪنهن سان بہ نہ ڦٽائڻ، چٽي، صاف ۽ ٽُڙ ڳالهہ نہ ڪرڻ ۽ نندڙن ئي سهي پر ڪجهہ چگّن پاسن ڏانهن نہ ڏسڻ ۽ ڳالهہ کي وڌائي پيش ڪرڻ جاگيرداري اخلاقيات جا مکيہ عنصر آهن. بروهي صاحب جو تاثر پڙهي لڳي ٿو تہ ڪمپيوٽر ايج ۾ رهندي بہ پاڻ بنيادي طور رجعت پسند اخلاقيات/ نفسيات کان پوريءَ طرح جند ڇڏائي نہ سگهيو آهي. اهو رڳو علي احمد بروهي صاحب جو ئي نہ پر اسانجن گهڻن بزرگ ليکڪن جو الميو آهي. ليکڪ ۽ ويچارڪ پنهنجي سماج جو ضمير هوندا آهن. اهي زندگيءَ جي تلخ سچاين جا امين هوندا آهن. ايترو ئي نہ پر اهي سماج جا سُونهان ۽ رهبر بہ هوندا آهن. برٽرانڊ رسل چوندو هو تہ ليکڪ ۽ دانشور سماج جي، هڪ ٻار وانگر تربيت ڪندا آهن ۽ جي غور ڪجي تہ اهو تمام وڏو حساس منصب ۽ ذميواري آهي پر اسان وٽ تہ گهڻن ليکڪن ۾ سمجهہ جي اها سطح پيدا ٿي نہ سگهي آهي، جنهن جي بنياد تي هو سچ پچ بہ، پنهنجي سماج ۽ دؤر جي ذهني پرورش ۽ رهبري ڪري سگهن. هونئن تہ بروهي صاحب سميت ڪنهن بہ ليکڪ کي ڪنهن بہ فرد يا موضوع تي قلم کڻڻ جو پورو پورو حق آهي پر ان حق جو غلط استعمال يا ناانصافي تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن واسطيدار حوالي سان کي بنيادي سچايون مسخ ڪيون وڃن ٿيون ۽ منهنجيءَ نظر ۾ پنهنجي ان تاثر ۾ بروهي صاحب جهڙي سينيئر قلمڪار بہ ساڳي روش ورجائي آهي. مضمون/ تاثر پڙهي ايئن لڳو جڻ ڪنهن پختي ۽ ذميوار ليکڪ نہ پر جام صادق جي ڪنهن "وفادار" جو لکيل هجي. سڄي مضمون جو مجموعي تاثر هيءُ آهي تہ جيتوڻيڪ هر انسان وانگر جام صاحب ۾ بہ ڪي انساني ڪچايون ۽ ڪمزوريون ضرور هيون پر بنيادي طور هو وڏو سخي ڏاتار ۽ ڏاهو ماڻهو هو. جام صادق علي ذهني، سياسي، سماجي ۽ انساني طور ڇا هو؟ سندس زندگيءَ جو ڪارج ڇا ۽ ڪهڙو هو؟ هن سنڌ کي ڪهڙا ناقابلِ تلافي نقصان ڏنا؟ ۽ پنهنجيءَ سوچ، ڪم، ڪارج ۽ ڪردار جي حوالي سان هو تاريخ ۾ پنهنجي ڪهڙي جاءِ والاريندو؟ يا والاري چڪو آهي ـ انهن ۽ اهڙن ٻين بنيادي سوالن کان شعوري طور لنوائيندي بروهي صاحب سندس شخصيت جي انهن معمولي پاسن کي اُڀاريو آهي، جيڪي سندس ڪيل تاريخي، سياسي ۽ بدترين انساني ڏوهن آڏو ڪا معنيٰ نہ ٿا رکن. تاريخ جي حوالي سان فردن جي ذاتي خوبين ۽ خامين جي بنيادي اهميت ٿيندي آهي يا سندن ڪردار ۽ ڪارج جي؟ بروهي صاحب بہ هن تاثر ۾ ان مُدي خارج روايت ۽ سوچ جي تقليد ڪئي آهي، جنهن سڄيءَ دنيا اندر انسان کان ڪوڙي تاريخ لکرائي. درباري تاريخ نويس بہ تہ اهو ئي ڪندا آهن تہ بادشاهن ۽ حاڪم طبقن جي فردن جون ذاتي ۽ معمولي ڳالهيون ڪمال ڪاريگريءَ ۽ فن سان وڌائي پيش ڪجن ۽ اصل حقيقتن ۽

سچاين کي مسخ ڪري ڪين رڪارڊ تي نہ آندو ويجي. ان ڪري ئي تہ سموري لکيل انساني تاريخ جو گهڻو حصو فقط حاڪم طبقن جي ثلهي ثنا خواني ۽ سوچ جي لحاظ کان گند جو ڍير آهي. انهن مرٽينگ ۽ عوام دشمن روايتن جي تخليق سان اسان پنهنجي سماج ۾ دوڙ کي ڇا ڏيڻ چاهيون؟ بروهي صاحب دليل بہ اهڙا پيش ڪيا آهن. جو هن جهڙي ماڻهوءَ جي منهن تي بنهہ پون ئي ڪونہ ٿا. پنهنجي تاثر جي شروعات ئي سنڌي عوام کي اها اپيل ڪرڻ سان ڪئي اٿس تہ سنڌ ڄام صادق کي معاف ڪري ۽ کيس يقين جهڙي اُميد آهي تہ سنڌ ايئن ضرور ڪندي. لکي ٿو "مون اڪثر ماڻهن واتان هيءَ فتويٰ عام پئي ٻڌي آهي تہ ڄام مرحوم کي سنڌ هرگز معاف نہ ڪندي. ساڳيءَ ريت اهڙيون عالمگير فتوائون ڪجهہ عرصو اڳ کهڙي، راشديءَ ۽ قاضيءَ خلاف پڻ جاري ڪيل هيون پر پوءِ نہ فقط سنڌ سيني کي بخشيو پر ماڻهن بہ کين معاف ڪري ڇڏيو. مون تازو هڪ سنڌي رسالي ۾ موتي پرڪاش جو هڪ تحقيقي مضمون پڙهيو. جنهن ۾ نائون مل جي بخشش لاءِ اپيل ۽ وڪالت ڪيل هئي. دليل ۾ هيءَ ڄاڻايل هو تہ نائون مل پنهنجي پيءُ هوتچند سان ڪيل عقوبت جو وير وٺڻ لاءِ ٽالپرن جي حڪومت جو ٽپو اونڌو ڪيو هو. جنهن ۾ هو حق بجانب هو. بلڪ موتي پرڪاش صاحب هيءُ پڻ ڄاڻائي ٿو تہ ٽالپر خاندان ڪو سنڌي تہ نہ هئا پر اوپرا ماڻهو هئا! جيڪڏهن ڪسوٽي اها آهي تہ پوءِ ڄام صاحب بہ پ پ کي آڪيڙا چاڙهيا ۽ ڪو سنڌ سان دغا تہ ڪونہ ڪئي هئي. ۽ نہ وري پ پ مان مراد ڪو سنڌ ئي آهي. سنڌ تہ صدين کان سخي پئي رهي آهي ۽ هر سمي سومري کي معاف پئي ڪندي رهي آهي ۽ اُميد تہ ڄام کي بہ معاف ڪندي."

هاڻي بروهي صاحب جي ان ڳالهہ کي ڪنهن طرح قومي مفادن جي پس منظر ۾ حقي واجبي قرار ڏئي سگهجي ٿو؟ يعني ماڻهو جيئري کهڙيون بہ عوام دشمنيون ۽ رهزنيون ڪري، ڪيڏا بہ غلط رويا ۽ بنياد وجهي، سماجي ترقيءَ جي عمل کي ڪيڏو بہ ڇيهو رسائي، انساني حقن جي ڪيڏي بہ بي درد لتاڙ ڪري، قوم جي تاريخي ۽ بنيادي حقن سان ڪيڏي بہ ويساهہ گهاتي ۾ جُٽ ڪري، پر بروهي صاحب جهڙا "دانشور" عوام کي "صدين جي سخاوت" جا واسطا وجهي سندن ڪيل غدارين ۽ ناقابلِ تلافي ڏوهن مٿان پردا وجهي کين معاف ڪرڻ جون تلقينون ڪن. ڇا اهو ڪنهن بہ طرح درست عمل آهي؟ جي موتي پرڪاش غلط ڳالهہ ڪري تہ لازمي آهي تہ سندس ڳالهہ کي بنياد بڻائي بروهي صاحب بہ ڄام جي "سياسي ڪردار" کي Justify ڪري؟ يعني بروهي صاحب جي نظر ۾ ڄام صاحب فقط پ پ کي آڪيڙا چاڙهيا هئا ۽ سنڌ سان ڪابہ غداري نہ ڪئي هئي. سڄي سنڌ، اسلام آباد ۽ ايم ڪيو ايم حوالي ڪرڻ، هزارين سنڌين کي

نوڪرين مان ڪيڻ، سپ اهم ۽ مُک ڪاتا ايم ڪيو ايم جي دهشتگردن حوالي ڪرڻ، پاٽيءَ ۽ ناٽي جهڙا سخت هاچيڪار ناهہ ڪرڻ ۽ هزارين بيگناهہ سنڌي نوجوانن کي سياسي ساڙ تحت الذوالفقار جي آڙ ۾ عقوبت خانن ۾ اذيتون ۽ ذلتون ڏئي تباهہ ڪرڻ، جي سنڌ سان غداري ناهي تہ پوءِ خبر ناهي بروهي صاحب غداري ڇا کي ٿو چئي؟ ۽يو ڇا پ پ ماڻهن جي نہ پر جنن جي پارٽي آهي؟ جنهن کي ڄام صادق آڪيڙا چاڙهيا ۽ بروهي صاحب اُنهن کي فخر سان بيان ڪيو آهي. ڇا ڄام جي انهن ڏوهن جي ڪا تلافي ٿي سگهي ٿي؟ جن ۾ هن سنڌ جي سوين مائرن جي جهولين کي خالي ۽ ويران ڪيو. سنڌ جي نوجوان سياسي ڪارڪنن جون حياتيون محض ان ڪري تباهہ ڪيون ويون، جو انهن جو تعلق پ پ پ سان هو؟ سنڌ جي سياسي ماحول ۽ ڪلچر کي جيترو ڄام صاحب بگاڙيو، دہايو، خراب ۽ ڪرپٽ ڪيو اُن جا سنڌ تي ڪهڙا اثر پيا آهن؟ بروهي صاحب انهن تي قلم ڇو نہ کنيو آهي؟ باقي منافقتن جي بلندين کي پهچي، پنهنجي مفاد خاطر ڪجهہ مخصوص ماڻهن کي پيرين پئي ملڻ، سرڪاري خزاني (جيڪو عوام جي پورهيي ۽ پگهر مان جُڙي ٿو) مان پنهنجي ناجائز سياسي مفاد ۽ وڏيرڪي انا جي تسڪين لاءِ ڪجهہ بي ضمير ۽ عوام دشمن وڏيرن ۽ ڪامورن جون دعوتون ڪرڻ، سندن لاءِ شباب، شراب ۽ طعام جا بندوبست ڪرڻ، ڪين سوکڙيون پاکڙيون ڏيڻ کي جي بروهي صاحب ڄام جي ڏاهپ سان تعبير ٿو ڪري، تہ پوءِ وڏيڪ ڇا چئجي!!؟

ٺيڪ تہ ايئن گهرجي ها تہ بروهي صاحب پنهنجي سماج ۽ قوم جي ضمير جي ترجماني ڪري، پنهنجي علمي، ادبي ۽ دانشوراڻي منصب جو احساس ۽ لحاظ ڪندي، ڄام صادق جي شخصيت جي سيني پاسن تي عالماڻي نظر وجهي ها ۽ ان ڳالهہ جو ڇيد ڪري عوام کي سمجهائي ها تہ تاريخ ۾ اهڙن فردن جي ڪهڙي جاءِ ٿيندي آهي؟ پر افسوس جو هن پنهنجي ذميواري ۽ منصب کي نہ سمجهندي، سندس غدارين ۽ ڏوهن کي شعوري طور لڪائيندي، سندس انهن معمولي پاسن کي وڌائي پيش ڪيو آهي، جيڪي سندس بڇڙي تاريخي ڪردار آڏو ڪا وقعت نٿا رکن. ايئن تہ تاريخ جو بڇڙي کان بڇڙو ڪردار بہ ڪن انساني چڱائين ۽ شخصي خوبين کان خالي نہ هوندو. ڇا هٽلر ۽ مسوليني ۾ ڪي بہ شخصي خوبيون ۽ چڱايون نہ هيون؟ تازو لکين بيگناهہ ماڻهن کي اجل جو شڪار بڻائيندڙ درندو جارج بش ذاتي طرح ڪن بہ خوبين ۽ چڱاين جو مالڪ نہ هوندو؟ پر ڇا ان سان سندن انسان دشمن ڪردار ثانوي ٿي ويندو؟ سندن انهن ڪجهہ شخصي پاسن کي ايترو اُڀارجي ۽ سندن ڏوهن کي شعوري طور ايترو نظرانداز ڪجي جو اُن سان بنيادي سچايون مسخ ٿيڻ لڳن؟ جنهن ماڻهوءَ کي انساني قدرن جو لحاظ ناهي،

جيڪو زندگيءَ جي سچائين ۽ ممتائن جي معصوم جذبن جو احترام نٿو ڪري، جيڪو عوام جي گڏيل مفادن کي تين وال ڪرڻ ۾ ”سخاوتون“ ٿو ڪري ۽ جنهن کي پنهنجيءَ قوم ۽ ڌرتيءَ سان ترِ جيترو به لڳاءُ ۽ پيار ناهي، اُن انسان مان ڪهڙين فضيلتن، چڱائين ۽ اخلاق جي توقع ڪري سگهجي ٿي!؟ نائون مل، چنيسر، راشديءَ، کهڙي ۽ چام کي معاف ڪرڻ جو اسان مان انفرادي طرح ڪنهن کي به حق ناهي. اهو حق تاريخ هميشه پاڻ وٽ محفوظ رکندي آهي. ممڪن آهي ته چام، بروهي صاحب تي ذاتي طرح ”مهربان“ رهيو هجي، پر انهن مهربانين جو حق سنڌ جي روح کي رنجائڻ جي صورت ۾ ادا نه ٿيڻ گهرجي. بس گذارش فقط ايتري آهي.

---

هفتيوار ”سنڌو“ حيدرآباد، 21_27اپريل 1993ع

# هڪ خواب جي خودڪشي!!

سنڌ جي سماجي ۽ معاشي حالت اهڙي تہ ڏتڙجي وئي آهي جو روز ڪيترن دردناڪ واقعن جون اڪيچار ذهني ۽ روحاني طور ايذائيندڙ خبرون اخبارن جي صفحن تي سماج جي آئيني طور موجود هونديون آهن. ڌاڙا، قتل، اغوائون، قبائلي تڪرارن جون انسان دشمن ۽ انڌيون خونريزيون، عورتن ۽ ٻارن سان جنسي ڏاڍايون، ڪارو ڪاريءَ جي نالي ۾ معصوم ۽ محبت ڪندڙ عورتن ۽ مردن جا نہ ڪُٽندڙ بي رحم قتل، بيروزگاري ۽ ذهني طور پريشان حال نوجوانن جون روز روز خودڪشيون رياست جي بي حسي ۽ سماج جي بي وسي- اهي سڀ اجوڪيءَ سنڌ جي سماجي زندگيءَ جا اولڙا آهن، جيڪي اسين روز روز اخبارن جي صفحن ۾ پنهنجي چوڌاري ڏسون ٿا. هر روز اهي خبرون ڪنهن بہ حساس ماڻهوءَ جو جيءُ جهورڻ لاءِ ڪافي هونديون آهن. اهڙين حالتن ۾ جتي سماج جا اجتماعي بحران فردن جي انفرادي پيڙائن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن، اتي اجتماعي پيڙائون بہ انفرادي ايبنارمل روين جي صورت ۾ پڌريون ٿينديون آهن. سنڌ ۾ روزانو ٿيندڙ اهڙا اذيتناڪ واقعا بہ دراصل اسان جي اجتماعي بحران، پيڙا ۽ انهيءَ جو اظهار آهن.

شاهپور چاڪر جي هڪ ڳوٺ جي غريب گهر جي معصوم ڇوڪري عابده پروين، جيڪا سنڌ يونيورسٽيءَ جي آخري سال جي شاگردياڻي هئي، تنهن جو آڳهات بہ رڳو هن ڳلن جهڙي شاگرديائيءَ جو نہ، پر اسان جي سڄي سماج جو الميو آهي. بظاهر تہ ڳالهہ تمام معمولي هئي، جو هن وٽ يونيورسٽيءَ جي امتحان جي فارم ڀرائڻ جيترا پئسا نہ هئا. هن ڪان اهو سَنو نہ ٿيو ۽ هن آڳهات ڪري ڇڏيو پر ڳالهہ ايتري سادي نہ هوندي. هڪ ٻنهہ غريب گهر جي ڳوناڻي ڇوڪريءَ کي يونيورسٽيءَ جي زندگيءَ دوران پنهنجي غربت سبب جيڪي پل پل پيڙائون

محسوس ٿيون هونديون. انهن هن جي ذهني سهپ ۽ روحاني سگهه جا سپ بند ڀڃي ڇڏيا هوندا. پنهنجي اندر ۾ ڪنهن ڪچيءَ مٽيءَ جي رانديڪي جيان هوءَ ته اڳ ئي ڀڄي ۽ ڀُري چڪي هوندي. امتحان جي في نه هجڻ ته بس هن لاءِ هڪ بهانو ٿي آيو هوندو. يونيورسٽيءَ جي سموري زندگي هوءَ پنهنجو پاڻ سان وڙهي هوندي. هن پنهنجو پاڻ کان بيشمار سوال پڇيا هوندا. هن هر جاءِ تي پاڻ کي دل ئي دل ۾ مِس فِٽ محسوس ڪيو هوندو. هن پنهنجي ارد گرد نگاهن ۾ روين جا طعنا سَٺا هوندا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن پنهنجي ابي امڙ جي اکين ۾ بي انت بي وسي ڏٺي هوندي. هن سڄيءَ ڪائنات ۾ پاڻ کي اڪيلو ۽ هيڻو محسوس ڪيو هوندو. مون کي ويساهه آهي ته هن آپگهات جو فيصلو هڪ گهڙيءَ ۾ نه ڪيو هوندو. هن کي خودڪشيءَ جا خيال بار بار آيا هوندا ۽ هن انهن کي ٽاريو هوندو. جڏهن ماڻهو خوش ٿيڻ چاهي، ٺهڪ ڏيڻ چاهي، زندگيءَ کي محسوس ڪرڻ چاهي، ان جا ڏٺل ۽ اڻ دريافت ڪيل لطف ماڻڻ چاهي، جڏهن هو جيئڻ چاهي، پڙهڻ ۽ اڳتي وڌڻ چاهي، جڏهن هو پنهجي حياتيءَ جي رلهي خوشين ۽ رنگن جي ٽُڪَ سان سبڻ چاهي ۽ ان ۾ خوابن ۽ مستين جا ستارا ٽاڪڻ چاهي، پر موٽ ۾ هر طرف پيڙائون ۽ مايوسيون ڏسي، زندگيءَ جون وحشتون ڏسي ۽ مائٽن جي اکين ۾ مايوسين ۽ اويساهيءَ جي خاموش رُڄ ڏسي، ٻيو ته ٺهيو پر امتحان جي فارم جي في به گڏ نه ڪري سگهي ته پوءِ ڪابه ”عابده“ اهڙو قدم کڻي سگهي ٿي. هيءَ ڀٽائيءَ جي اُها سنڌ آهي، جتي هن چيو هو ته:

**ڪيف ڏاران ڪوءِ، جيئي ڪونه جهان ۾.**

پر لطيف! تنهنجي ديس ۾ جيڪڏهن ڪيف ڪُفر هجي، جڏهن ڪا ڇوڪري محبت ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڪاري ڪري ڳيا ڳيا ڪئي وڃي ۽ هر گهڙيءَ روز روز ڪئي وڃي، جڏهن ڪا عابده پروين غربت ۽ بي وسيءَ سان نه وڙهي سگهي ۽ آپگهات ڪرڻ ۾ ئي آجپو سمجهي ته پوءِ؟ سنڌ جي ڪروڙين هارين ۽ غريب ماڻهن جي گهرن ۾ لکين عابدائون رهن ٿيون. جن جي زندگي خوف وچان گهٽجي ويل ڪنهن سُڏڪي ۽ قتل ٿي ويل ڪنهن سپني کان گهٽ نه آهي. هونئن ته سنڌ ۾ روز اهڙا دردناڪ واقعا ٿين ٿا پر عابده جي خودڪشي منهنجي محسوسات ۽ دل ۾ ڪنهن ڪانءَ جيان کُتل آهي. مون کي ايئن لڳو جڻ هوءَ منهنجي پنهنجي هئي، منهنجي گهر جو ڪو ٻار هئي يا ننيڙي ڀيڻ هئي. هن ته ڪو انگل به نه ڪيو هو. هن ته رڳو امتحان جي في گهُري هئي، سچي ڳالهه اها آهي ته مون دل ئي دل ۾ پاڻ کي مجرم محسوس ڪيو. هڪ سماج جتي روز محفلن تي لکين روپيا لُٽايا وڃن ٿا، اُتي عابده امتحان جي في نه ڏئي سگهڻ جي احساس ۾ آپگهات ڪري ڇڏي. هن آپگهات نه

ڪيو آهي، سچي سماج کي چرڪ پرائي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن هر ان دل جي دروازي تي دستڪ ڏني آهي، جيڪا دستڪ اها دل محسوس ڪري سگهي ٿي، جنهن جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ اڃا بہ ضمير سُتل آهي.

عابده ان سماج ۾ غربت ۽ بي وسيءَ وچان آپگهات ڪيو آهي، جنهن جا حڪمران اقتدار جي ايوان کي اوطاق سمجهن ٿا. جتي جا ڪيترائي چونڊيل ميمبر اسيمبليءَ کي ضمير فروشيءَ جي منڊي سمجهن ٿا، جتي جي اديبن جي روحن ۽ دانشورن جي ضميرن تي بي حسيءَ جا زنگ چڙهي ويا آهن. جنهن جي سياسي ڪارڪنن کي پيتاگيريءَ ۽ گاڏيون چورائڻ کان واندڪائي نہ آهي، جنهن جا وڏيرا وڇون ۽ واسينگ بڻجيو سماج کي ڇهتيل آهن ۽ جنهن جا نام نهاد ساڃاهہ وند مڊل ڪلاس جا ماڻهو مداري هجن. عابده تہ هڪ معصوم ٻار هئي. هن کي تہ مزاحمت جي معنيٰ جي بہ خبر نہ هئي، ان ڪري هن کي تہ هاڻي ميار بہ ڏئي نہ ٿي سگهجي، پر اهي سڀ جيڪي هن نظام کي ڏاهڻ جي ڳالهہ ڪن ٿا ۽ هنن سماجي وحشتن جي اسٽيٽسڪو کي زباني طور قبول نہ ٿا ڪن ـ اهي ڪٿي آهن؟ هنن کي جاڳائڻ لاءِ اڃا ڪيترين ”عابدائن“ جا آپگهات گهرجن؟ عابده جي خودڪشي اسان کان سوال ڪري ٿي تہ سنڌ کي بدلائڻ ۽ آزاد ڏسڻ جو جنون ڪٿي آهي؟ بي وسيءَ جو وسيهر هر شيءِ کي ايئن چو ڳڙڪائي رهيو آهي؟ مون کي تہ ايئن محسوس ٿيو جڻ منهنجي ڪنهن ڌيءَ يا پيڻ امتحان جي في نہ هجڻ سبب هر طرف نگاهہ ڪٽي ڏٺو ۽ هن پاڻ کي اڪيلو ۽ بي وس ڏسي آپگهات ڪري ڇڏيو ۽ مان سچ پچ بہ پاڻ کي ڏوهاري محسوس ڪري رهيو آهيان تہ اسين چو ڪجهہ نہ پيا ڪري سگهون؟ هڪ ديس پلا پيو ڪيئن ٻُڌائي تہ اهو ڪيترو نہ ڏکيو بي وس ۽ نڌڻڪو بڻايو ويو آهي، جو هاڻي هن جا ٻار بہ خودڪشيون ڪري رهيا آهن. هوءَ تہ ڪنهن وڏي ٿهڪ جيان هئي. هاڻي هوءَ هڪ ڏکهي اُداس خاموشيءَ ۾ تبديل ٿي وئي آهي، هوءَ جنهن زندگيءَ لاءِ ڪيترا خواب ڏٺا هوندا. پاڻ بہ جڻ تہ ڪنهن معصوم خواب جيان هئي ۽ مان سمجهان ٿو تہ هن جو آپگهات هڪ خواب جي خودڪشي آهي! ڇا خوابن جي خودڪشي بہ اسان کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي نہ آهي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 3 جنوري 2003ع

# اڃا تہ هڪ ”ننڍڙي سنڌ“ کي بچايون!

هونئن تہ سڄي ملڪ ۾ قانون ۽ ٻين رياستي ادارن جو حال ساريو پيو آهي پر سنڌ ۾ تہ جڻ قانون نالي ڪا بہ شيءِ پنهنجو وجود نہ ٿي رکي. رياستي ادارا پنهنجو استحقاق وڃائي ويٺا آهن. رياست ۽ ان جي ادارن جو ڪم ماڻهن جي زندگي، عزت ۽ وسيلن جي سلامتيءَ کي يقيني بڻائڻ آهي پر لڳي ٿو تہ سنڌ ۾ تہ ڪجهہ بہ ۽ ڪو بہ سلامت نہ آهي. جڏهن سنڌ جو درياهہ سلامت نہ هجي، ٻنيون، ٻيلا، ڍنڍون ۽ ڍورا، معدني وسيلا سلامت نہ هجن، انصاف ۽ انسان جا ڪي بہ انساني حق سلامت نہ هجن تہ پوءِ ماڻهن جي تحفظ لاءِ جُڙيل ادارن جو ڪهڙو استحقاق باقي رهي ٿو؟

ڪاوش جي هائيڊ پارڪ ۾ خيرپور جي هڪ نياڻيءَ پاران لکيل خط حساس ماڻهن جون دليون ڏوڏي ڇڏيون. ڳوٺ امداد شر تعلقي نري ميرواهہ سان واسطو رکندڙ سنڌ جي هڪ نهايت اعليٰ تعليم يافتہ ۽ سڄاڻ نوجوان، جيڪا خيرپور ضلعي اسيمبليءَ جي ڪائونسلر بہ آهي، ڪاوش ۽ ضلعي ناظم نفيسا شاهہ ڏانهن موڪليل هڪ خط ۾ پاڻ سان ٿيل حد درجي جي غير انساني ۽ وحشي سلوڪ جون وارتائون بيان ڪندي يقيني خدشو ڏيکاريو آهي تہ ڪيس ”ڪاري“ ڪرڻ جو ڊرامو رچائي قتل ڪيو ويندو. سنڌ جي ڪجهہ ضلعن ۾ ڳوٺاڻين مظلوم نياڻين کي نام نهاد ۽ واحيات الزامن تحت قتل ڪرڻ تہ هونئن بہ هڪ معمول بڻيل آهي پر نور خاتون شر پاران لکيل خط موجب هوءَ هڪ اعليٰ تعليم يافتہ، سياسي، سماجي ۽ ادبي شعور رکندڙ ڇوڪري آهي، جيڪا ڪائونسلر ٿيڻ کان اڳ شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ استاد بہ رهي چڪي آهي. هڪ اهڙي سڄاڻ ۽ سماج سڌارڪ سان جيڪي عقوبتون ڪيون ويون آهن ۽ ڪيس جيڪي وحشتون ڀڄيون ويون آهن، انهن جي وحشت ۽ درد فقط هوءَ ئي محسوس ڪري سگهي ٿي. هن

جيڪا دردناڪ دانهن سڄي سماج جي آڏو رکي ۽ سنڌ جي ضمير کي پنهنجي سلامتيءَ جا واسطا وڌا، ان بنياد تي اسان جي سرڪاري ادارن کي ٻين اهڙي قسم جي ڪيسن ۾ فوري طور هي قدم کڻڻ گهرجن:

(1) سڀ کان پهرين ڳالهه ته سنڌ هاءِ ڪورٽ کي بنا ڪنهن دير جي Suo_ Moto پاڻ مرادو قدم کڻي اهڙي ويل ۾ آيل نياڻيءَ کي پنهنجي تحويل ۾ وٺڻ گهرجي، جو انهن جي حياتي سخت خطري ۾ آهي.

(2) جن پنهنجن عزيزن (پيءُ، ڀاءُ يا مڙس) مان ان کي خطرو هجي ته انهن سمورن ماڻهن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي.

اهي بنيادي اُپاءُ ته فوري هنگامي بنيادن تي سندس حياتي بچائڻ لاءِ کڻڻ گهرجن پر سوال رڳو سندس حياتي بچائڻ جو ناهي. جيڪڏهن بروقت اهي قدم کڄڻ سان هوءَ جسماني طور بچي به وئي ته به سندس ذهني اذيت ۽ روحاني موت جو حساب ڪيڏانهن ويندو؟ سنڌ جي هڪ نياڻي، جنهن سڀ قيد ۽ بند ٽپي تعليم حاصل ڪئي، پنهنجي آئيندي جا خواب ڏٺا، انهن خوابن جي ساڀيان لاءِ يونيورسٽيءَ تائين پهتي، هن بين الاقوامي لاڳاپن جي شعبي ۾ گريجوئيشن ڪئي، اردو ادب ۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ ماسٽرس ڪئي، ايم فِل ۾ داخلا ورتائين، يونيورسٽيءَ ۾ استاد طور خدمتون سرانجام ڏنائين، ”نور ويلفيئر“ نالي هڪ سماجي تنظيم ٺاهيائين ۽ ضلعي اسيمبليءَ ۾ ڪائونسلر طور چونڊجي آئي، ان سموريءَ جدوجهد ۽ سندس خوابن جو نتيجو اڄ سندس اها دانهن آهي ته ڪيس ”ڪاري“ ٿيڻ کان بچايو وڃي. سندس خط موجب هن کي بازار جي جنس جيان وڪيو ويو ۽ لڄالٽ لاءِ هڪ وحشي صفت جي حوالي ڪيو ويو. هوءَ چوي ٿي ته مٿس تشدد ڪري سندس ننهن ڪڍيا ويا ۽ سندس چهري تي تيزاب هاريو ويو آهي. ان ڪري اهڙي قسم جي ڇوڪرين کي رڳو جسماني طور بچائڻ جو سوال ناهي. سوال سندن روحاني موت ۽ اذيت جي حساب جو به آهي. جيتوڻيڪ اهڙيءَ اذيت مان گذرندڙن لاءِ ڪوبه قدم انهن سان انصاف نه ٿو چئي سگهجي ۽ نه ئي انهن جي درد جو ڪو درمان ٿي سگهي ٿو پر پوءِ به انهن جي هڪ هڪ ڏوهاريءَ کي قانون موجب سزا ملڻ گهرجي.

نور خاتون جهڙيون ڇوڪريون سنڌ جون بهادر ۽ سجاڳ ڌيئرون هجن ٿيون. ڪيتريون ئي اهڙيون ڇوڪريون پنهنجي پاران انفرادي طور سڀ ممڪن قدم کڻن ٿيون، پر اهي پنهنجن خوابن، آئيندي ۽ عزت کي بچائي نه ٿيون سگهن. وحشتن جي واسينگن ۾ وڪوڙيل اهڙيون نياڻيون جڏهن پنهنجي دانهن سنڌ جي ضمير آڏو رکن ٿيون، سو به اهڙيءَ حالت ۾ جڏهن انهن جا پنهنجا گهر وارا ۽ مائٽ انهن جا

وارث ٿي نہ سگھن، تڏھن سڄيءَ سنڌ کي انھن جو ڏٽي ۽ وارث ٿيڻ گھرجي. اھي سنڌ جي ھر ان گھر جون نياڻيون آھن، جنھن ۾ شعور آھي، جنھن جو ضمير اڃا زندھہ آھي ۽ جيڪو جاگيرداراڻي سماج جي واھيات نہ پر انسان دوست غيرت ۾ ويساھہ رکي ٿو. نور خاتون جھڙيون ڇوڪريون رڳو ڪي بيوس ۽ مظلوم نياڻيون نہ ٿيون ھجن پر اھي ھڪ تمثيل ھجن ٿيون. اھي اڄوڪي سنڌ جي درد ۽ نڌڻڪائيءَ جي علامت ھجن ٿيون. نور خاتون ۽ ان جھڙيون ڇوڪريون بہ تہ ھڪ نئيڙي سنڌ آھن. معصوم، بيگناھہ، نڌڻڪي، گھايل ۽ مظلوم. سنڌ بہ تہ ھن ڌرتيءَ جي مظلوم نياڻي آھي، جنھن بہ ڪو ڏوھہ نہ ڪيو آھي پر تاريخ ۾ چڙھ تہ ڪيس ”ڪاري“ ڪري ”ماريو“ پيو وڃي. مون کي نور جي دانھن سنڌ جي روح جي دانھن لڳي، ڇا اسان اھڙين بي وس ڇوڪرين جا وارث ۽ ڏٽي ٿي نہ ٿا سگھون؟ ڇا اسان انھن کي بچائي نہ ٿا سگھون؟ ۽ ڇا اسان انھن جو قانوني ۽ اخلاقي طور حساب نہ ٿا وٺي سگھون؟ اڄ سنڌ ۾ وحشتون اُگھاڙو ناچ نچي رھيون آھن پر سنڌ جو ضمير ڪٿي آھي؟ وحشتن کي سنڌ جي اھڙين بھادر ۽ معصوم نياڻين جو گناھہ قبڻ نہ گھرجي. اھڙيون ڇوڪريون جسماني طور موت جون گھڙيون ڳڻي رھيون آھن پر اھي روحانيءَ طور اڳ ئي قتل ڪيون ويون آھن. ڳيا ڳيا ڪيون ويون آھن. ڇا اسان انھيءَ نئيڙي سنڌ کي بچائي نہ ٿا سگھون؟ اھي سڀ جيڪي سنڌ کي بچائڻ جي جدوجھد جي دعوي ڪن ٿا، نورخاتون جھڙين ڇوڪرين جو ڪيس انھن لاءِ امتحان آھي. جيڪي اين جي اوز پاڻ کي سول سوسائٽي سمجھن ٿيون، ھي انھن لاءِ سول سوسائٽيءَ جو ڪيس آھي. جيڪي تنظيمون عورتن جي حقن لاءِ جدوجھد جي ھام ھڻن ٿيون، ھي انھن لاءِ ھڪ مظلوم عورت جو ڪيس آھي. جيڪي سياسي پارٽيون سنڌ لاءِ جدوجھد جي دعوي ڪن ٿيون، ھي انھن لاءِ ھڪ ”نئيڙي سنڌ“ جي سلامتيءَ جو ڪيس آھي. انساني حقن جي پاسبانيءَ جي دعويدارن لاءِ ھن کان وڌيڪ انساني حقن جو ٻيو ڪھڙو ڪيس ھوندو ۽ پروفيشنل ميڊيا لاءِ ھيءُ ھڪ آبجيڪٽو اشو آھي، ڪيس جو فالو اپ جنھن جا سمورا پاسا رپورٽ ٿيڻ گھرجن ۽ توڙ تائين ھن ڪيس جو فالو اپ ٿيڻ گھرجي. اديبن ۽ دانشورن لاءِ ھن کان وڌيڪ حساس معاملو ٻيو ڇا ھوندو تہ لکين ساڃاھہ وندن وچ ۾ ڪنھن تعليم يافتہ ۽ سڄاڻ عورت جي عزت ۽ زندگيءَ کي ھيئن سرِ بازار نيلام ڪيو ويو ھجي ۽ ھن کي ”ڪاري“ ڪري مارڻ جو خوف ھجي.

نورخاتون کي نہ رڳو عدالت ذريعي ان ”قيد“ مان آجو ڪرائي سندس زندگي بچائڻ گھرجي پر سندس ڪيس کي ھر سطح تي کنيو وڃي تہ جيئن ملوث ماڻھن کي قانون موجب سزائون ملن ۽ ڪنھن ٻيءَ نورخاتون سان اھڙين ڏاڍاين جا امڪان

گهتجي سگهن. سنڌ ۾ وحشتون ان ڪري بہ چڙواڳيءَ سان وحشي ناچ نچي رهيون آهن، جو ڪين بي لغام ۽ چيڪ ڇڏيو ويو آهي. جڏهن روز روز اهڙا سنگين ڏوهہ ٿيندا ۽ ڏوهارين جو وار بہ ونگو نہ ٿيندو تہ پيين ڏوهارين کي ڪهڙو نياپو ملندو؟ هي سڀ ان ڪري بہ ٿيو آهي جو رياستي ادارن ۽ انصاف وارن ادارن بہ پنهنجو ڪم ڇڏي ڏنو آهي. ڪم ڇڏي ڇا ڏنو آهي پر پين حوالي ڪري ڇڏيو آهي. انصاف وارا ادارا اهڙن معاملن ۾ پاڻ مرادو قدم ڇو نہ ٿا کڻن؟ خود سماج ۾ بہ بي حسي آهي. انساني حقن ۽ عورتن لاءِ ڪم ڪندڙ ادارن جو زور بہ رڳو رسمي ڪارروايون، سيمينارن ۽ ورڪشاپن تي آهي. هنن اشوز تي مزاحمت گهرجي، عملي قدم کڻڻ لاءِ پيش قدميون ۽ اُپاءَ گهرجن. اهڙا واقعا روز روز ان ڪري ورجائجن ٿا جو ڏوهارين کي سزائون نہ ٿيون ملن. رياستي ادارا عملي طور موجود ڪونہ آهن ۽ سماجي طور قاتلن ۽ ڏوهارين کي بچائڻ جا پنجاهہ طريقا ايجاد ڪيا ويا آهن. اهڙن اشوز تي رياست جون اکيون ۽ ڪن بند آهن ۽ سماج گهربل سطح جو ردعمل نہ ٿو ڏيکاري ۽ دٻاءُ نہ ٿو وجهي، جنهن جو پس و پيش نتيجو سنڌ ۾ ”نور“ جهڙيون ناريون آهن.

---

(روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 18 مارچ 2003ع)

# رڳو ”هيٺ“ نہ پر ”مٿي“
# بہ مڙسي ڏيکاريو!

سنڌ جي هڪ صوبائي وزير سردار منظور پنهور جيڪو پ پ پ ”پيٽرياٽ“ ۾ وڃڻ باوجود بدستور پاڻ کي پ پ جو سڏائي ٿو، جو سنڌ جي ساڃهہ وند ماڻهن جي شعور جي ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ جهڙو هڪ بيان بہ ڏينهن اڳ اخبارن ۾ شايع ٿيو آهي. صوبائي وزير چيو آهي تہ هو نہ رڳو قبيلائي جرڳا سسٽم کي درست سمجهي ٿو پر ان کي قانوني ۽ آئيني حيثيت ڏيارڻ لاءِ پڻ ڪوششون وٺندو، جيڪي هن 1990ع ۾ بہ ورتيون هيون. ساڳيءَ طرح موصوف اهو بہ فرمايو آهي تہ، ”ڪارو ڪاريءَ جي رسم ۾ ڪوبہ عيب نہ آهي، سنڌ ۾ ڪارو ڪاريءَ جا اسي سيڪڙو واقعا درست ٿين ٿا، ان ڪري ”غيرت“ ۾ اچي قتل ڪندڙن کي قانوني طور رعايت ملڻ گهرجي.“ سنڌ جي موجوده حالتن ۾ جڏهن هڪ طرف قبيلائي دهشتگرديءَ سنڌ کي سماجي طور مرٽينگ ڪري ڇڏيو آهي ۽ نتيجي ۾ جرڳن جو ڏنڌو عروج تي آهي، ٻئي طرف ڪارو ڪاريءَ ۾ نام نهاد غيرت جي هڪ غير انساني تصور جي نالي ۾ سنڌ ۾ روز ڪيترين ئي بيگناهہ نياڻيون ڳيا ڳيا ٿين ٿيون ۽ محبتن جو سرعام قتل ٿئي ٿو. هڪ صوبائي وزير جو اهو مؤقف سنڌ جي ساڃاهہ سان سنگين مذاق جي برابر آهي ۽ ان جو سول سوسائٽيءَ جي حيثيت ۾ سخت اخلاقي نوٽيس وٺڻ گهرجي. صوبائي وزير جي اهڙي مؤقف تي ڳالهائڻ کان اڳ ضروري آهي تہ اهو سوال اُٿارجي تہ سنڌ آخر ڪنهن جي آهي؟ ڇا اها چند مُدي خارج ذهنيت رکندڙ ۽ ناجائز مفاد رکندڙ ڪجهہ سؤ وڏيرن، سردارن، پيرن، ميرن ۽ جاگيردارن جي آهي يا اها اُن ساڍا ٽي ڪروڙ عوام جي آهي، جن جي جيئڻ جا سمورا انساني، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي حق سلب ڪيا ويا آهن، جن جا سمورا مفاد چند سئو ماڻهن وٽ مقيد آهن ۽ جن کي روين، ذهنيتن ۽ مفادن جون سموريون وحشتون ٻڇيون ويون

آهن؟ جيڪڏهن سنڌ ۾ پٽائي، اياز ۽ بخاريءَ جا اهي هزارين ۽ لکين وارث ساڃاهه وند بہ رهن ٿا، جن سدائين انساني آزادين، محبتن ۽ جذبن جي حُسناڪين جا پنهنجي ديس لاءِ نہ رڳو خواب ڏٺا ۽ ڏيکاريا پر انهن جذبن جي حُسناڪين ۽ انساني آزاديءَ جي روح جي نفي ڪندڙ قدرن ۽ تصورن جي نفي ۽ مزاحمت بہ ڪئي. ان ڪري جڏهن بہ ڪو وڏيرو، پير، مير، سردار، مخدوم ۽ جاگيردار سنڌ جي ناجائز وارثيءَ جي نشي ۾ مست ٿي ان ڪي غليظ قدرن ۽ قانونن جي سنگهرن ۾ سوگهو ڪرڻ جو تصور بہ ڪري تہ ڪيس اهو تہ ضرور معلوم هئڻ گهرجي تہ سنڌ سندن وڏيرڪي قبيلي جي چند سؤ قورو ۽ ويڪائو ماڻهن تي مشتمل ناهي، پر اها اُن پٽائيءَ جي سنڌ آهي، جنهن سهڻيءَ کي سورمي قرار ڏنو هو جيڪا ميهار سان ملڻ لاءِ درياهہ اُڪري ويندي هئي، (ڇا توهان سُهڻيءَ کي ڪاري سڏڻ جي همت ڪندؤ؟) سنڌ ۾ جيڪڏهن گذريل ڏهاڪي ڪان سردار، پير، مير، وڏيرا ۽ جاگيردار وري سگهارا ٿي اُڀريا آهن تہ ان جو اهو مطلب ٿورو ئي آهي تہ اهو پاور کين مڪمل طور سنڌ جي عوام ڏنو آهي، اها اُڏاري ۽ مقاطعي تي ڏنل سگهہ کين رياستي ادارن ”بخشي“ آهي تہ جيئن سنڌ جي مفادن جو سودو ڪندڙ ليڊرشپ سندن پنهنجي هجي ۽ سندن ئي پڳهار ۽ مقرر ڪيل اگهن تي اهو سودو ڪري. سنڌ جا وڏيرا، مير، پير، سردار ۽ جاگيردار جيڪڏهن پنهنجن ڳوٺن ۽ راڄن ۾ مضبوط بڻايا ويا آهن تہ اهو صرف ان ڪري جو اُهي ”مٿي“ ڪمزور آهن. جڏهن اهي ”مٿي“ پاڻ ”ڪمداري“ ڪن ٿا، تڏهن هيٺ سندن چڱ-مڙسي قائم آهي. ان جو ان ڪان وڏو پيو ثبوت ڪهڙو هوندو تہ ڪ وڏيرو، جاگيردار ۽ سردار توڙي پير سنڌ جي حقن لاءِ ڳالهائڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ جو مٿن راضپو ان ڪري آهي، جو اهي سنڌ توڙي مرڪز ۾ سندن مفادن جا ڪمدار آهن. سنڌ ۾ قبائليت کي فروغ ڇو پيو ڏنو وڃي ۽ قبيلائي سردارن جي چڱ-مڙسيءَ کي ڇو پيو وڌايو وڃي؟ اهو دراصل پاليسيءَ جو معاملو آهي. اهو سڀ ان ڪري پيو ڪيو وڃي تہ جيئن سنڌ برادرين ۽ قبيلن ۾ نہ رڳو ورهايل رهي پر تڪرارن ۾ بہ رهي ۽ ان جو ڪوبہ گڏيل قومي سياسي ڪردار جُڙي نہ سگهي. عدالتن جي هوندي جرڳن جو مطلب ڇا آهي؟ انتظاميہ کي جرڳن ۾ ويهارڻ جو مطلب ڇا آهي؟ معنيٰ جيئن عوام کي ٻُڏائي ۽ محسوس ڪرائي سگهجي تہ رياستي ادارا سندن پاليل سردارن ۽ وڏيرن جي ڪيسي ۾ پيا آهن. سردار، پير، مير ۽ وڏيرا پنهنجي ان چڱ-مڙسيءَ جي قيمت مٿين ادارن ۾ ادا ڪن ٿا، جتي سندن چپ ماٺ ۽ مصلحت سان سبيل هوندا آهن. منجهانئن ڪوبہ سنڌ جي اشوز تي ڳالهائڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. ”هيٺ“ عوام آڏو دٻدٻو کين ان قيمت تي ملي ٿو جنهن جي ”ڪمداري“ هو ”مٿي“ ڪن ٿا ۽ قيمت چُڪائين ٿا.

ڪارو ڪاريءَ جي حوالي سان بہ ساڳي صورتحال آهي. هڪ تہ اها رسم بنيادي طور غير انساني ۽ انسان دشمن تصور ۽ روين تي مبني آهي. ٻيو تہ سنڌ ۾ جيڪي ان رسم جي نالي ۾ وحشياڻا قتل ٿين ٿا، اهي 99 سيڪڙو ان آڙ ۾ ٻين سببن ۽ مفادن ڪري ٿين ٿا. سنڌ ۾ ان نالي ۾ قتل ۽ غارت جو ڌنڌو عروج تي آهي، جيڪڏهن سنڌ اسيمبليءَ قبيلائي جرڳن بابت قانون سازيءَ جو رڳو تصور بہ يڪو ۽ ڪارو ڪاريءَ جهڙي وحشي رسم، جيڪا هاڻي معصوم انسانن جي قتل ۽ غارت جي ڌنڌي ۾ تبديل ٿي چڪي آهي، کي جسٽيفاءِ ڪرڻ بابت راضپو تہ ڇا پر رڳو خاموشي بہ ڏيکاري تہ سنڌ جا ساڃاهہ وند ماڻهو هن اسيمبليءَ کي اخلاقي طرح هلڻ ئي ڪونہ ڏيندا. اسيمبلي پنهنجو اخلاقي جواز ۽ استحقاق وڃائي ويهندي. سنڌ اڃا گدڙن کانہ ڪاڏي آهي. سنڌ جا وڏيرا، سردار، پير، مير اڃايو اهو وساري ٿا ويهن تہ سنڌ رڳو سندن اُن وڏيرڪي قبيلي تي مشتمل ناهي، جن کي اسٽيبلشمينٽ پنهنجن مفادن لاءِ پاليو ۽ تاتيو ويني آهي.

هڪ صوبائي وزير کي جيڪو عوامي ايوان جو ميمبر آهي، اهڙا سنڌ جي عوام ۽ ساڃاهہ وند ماڻهن جي شعور جي ڦٽن تي لوڻ ٻرڪڻ وارا بيان ڏيڻ کان اڳ ۾ هزار دفعا سوچڻ گهرجي. اسٽيبلشمينٽ، رياستي ادارا سندن ڪيسي ۾ وجهي پِل تہ سندن ببر شينهن هجڻ جو ناٽڪي تاثر ڏئي، پر سنڌ جي عوام ۽ شعور جي سگهہ آڏو اها ناٽڪي ۽ هوا ڀريل طاقت ڪابہ جٽادار سگهہ نہ ٿي رکي. ان ڪري اسان کي پنهنجن ڪپڙن مان ٻاهر نہ نڪرڻ گهرجي. گڏوگڏ سنڌ اسيمبليءَ جي سمورن باضمير ميمبرن کي ان جو سختيءَ سان نوٽيس وٺڻ گهرجي. سردارن جي مڙسي تڏهن مڃجي جڏهن اهي اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جي ڪمداري ڇڏي سنڌ جي مفادن لاءِ پنهنجا سبيل چپ کوليندا ۽ رڳو "هيٺ" نہ پر "مٿي" بہ مڙسي ڏيکاريندا. نياڻيون ۽ بيگناهہ ماڻهو مارڻ يا مارائڻ ۾ ڪهڙي غيرت آهي؟ ڇا اهو غيرت جو سوال نہ آهي تہ سنڌ نڌڻڪي آهي؟ ان جا نوجوان آپگهات ٿا ڪن. سنڌ ۾ پاڻي ڪونهي، درياهہ ۾ سُڄ واڪا پئي ڪري؟ سنڌ جون زمينون، اُميدون ۽ خواب ويران پيا ٿين؟ سنڌ جي سردارن کي ان تي غيرت ڇو نہ ٿي اچي تہ سنڌ کي خودمختياري ناهي؟ اها غلامن جي غلام آهي؟ ان کي پنهنجن وسيلن تي مالڪي نہ آهي؟ سنڌين کان سنڌ جو حقِ حاڪميت کسيو ويو آهي ۽ کين ان لاءِ مهري طور استعمال ڪيو ويو. مرڪز سنڌ کي ڪالونيءَ طور ڊيل ٿو ڪري؟ سنڌ حڪومت کي ڪوبہ اختيار ناهي. سڀ فيصلا مٿان اچن ٿا ۽ سنڌ حڪومت جي حيثيت سياسي پوسٽ آفيس واري آهي. سنڌ کي نياڻيون قتل ڪندڙ ۽ وحشي نام نهاد "غيرت" نہ گهرجي، ان کي پنهنجن مفادن ۽ حقن جي پاسبانيءَ جي غيرت گهرجي.

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 11 فيبروري 2003ع

# هيءَ ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي!

سنڌ يونيورسٽي هڪ دفعو وري بحران جو شڪار ٿي وئي آهي. امتحان ملتوي ڪيا ويا آهن ۽ يونيورسٽي گرمين جي موڪلن بهاني ٻن مهينن لاءِ بند ڪئي وئي آهي. شاگرد ايڪشن ڪميٽي مطالبن جي لسٽ ڪنيو بک هڙتالون ۽ پنهنجيءَ پر ۾ تحريڪ هلائي رهي آهي، جنهن جو گهٽي ۾اڳي مقصد سندن ”مطالبن“ کي گهربل ريسپانس نه ڏيندڙ وائيس چانسلر کي هٽرائڻ آهي. يونيورسٽي استادن جي هڪ وڏي تنظيم به هن سڄيءَ صورتحال جو ڪو سنجيده نوٽيس وٺڻ بدران موقعي جو فائدو وٺي، روايتي طرح شايد کين مطمئن نه ڪندڙ وائيس چانسلر کي صورتحال جو اڪيلو ذميوار ڄاڻائي مٿس دٻاءُ وجهي رهي آهي ته جيئن انتظاميه ساڻس سندن مرضيءَ موجب سندن Terms تي اچي. ٻئي طرف يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر جي ”سوچ“ ۽ ”سطح“ جو اهو حال آهي جو هو هن سڄيءَ صورتحال بابت اهو Stand وٺي رهيو آهي ته ڪيس پورو پگهار (سمورين جائز ناجائز مراعتن سميت) ملي رهيو آهي ۽ سندس ڪوبه ذاتي نقصان نه ٿي رهيو آهي. ان سموريءَ صورتحال ۾ معاشرو، جنهن جي ايندڙ نسلن ۽ آئيندي جو هن يونيورسٽيءَ سان مشروط لاڳاپو آهي، اهو به شايد روز جا سور سهي سهي ڄڻ ته بي حس ٿي چڪو آهي ۽ اهو به هن سڄيءَ صورتحال کان لاتعلق ٻٽيل آهي. هن سڄي ”رڄ“ مان رڳو هڪ فضيلت پرئي شخص ۽ يونيورسٽيءَ جي استاد عباد راشديءَ اخبار ۾ بيان ڏئي سنڌ جي ساڃهه وند ماڻهن کي اپيل ڪئي آهي ته اهي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن اڻ وڻندڙ صورتحال جو نوٽيس وٺن ۽ ڪو ڪردار ادا ڪن پر هيترا ڏينهن گذري وڃڻ باوجود به سندس سڏ تي ڪنهن ورنايو ناهي ۽ يونيورسٽيءَ جي حالت بدستور غير يقينيءَ جو شڪار آهي.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هيءَ صورتحال نہ تہ ڪو اڄ پيدا ٿي آهي ۽ نہ ئي ڪو اوچتو پيدا ٿي آهي ۽ لڳ ڀڳ اها ئي صورتحال سنڌ جي سمورين يونيورسٽين جي آهي، جن ڪي مختلف صورتن ۾ موجود مافيائون هلڻ نہ ٿيون ڏين. هتي مان خاص طور سنڌ يونيورسٽيءَ بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو ۽ اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ٿوري فرق سان انهن ڳالهين ۽ سببن جو اطلاق باقي سمورين يونيورسٽين تي بہ ٿئي ٿو. ٻيو تہ مان خود ان يونيورسٽيءَ جو شاگرد رهيو آهيان ۽ مون يونيورسٽيءَ جو اهو بتدريج زوال اکين سان پٽي ڏٺو آهي. يونيورسٽيءَ جو تصور سڄي ملڪ ۾ تمام خراب ٿي چڪو آهي. يونيورسٽيءَ جي گريجوئيٽس کي ڪوبہ سُٺو ادارو پاڻ وٽ رکڻ لاءِ تيار ناهي. ٻيو تہ ٿهيو پر تازو ڪراچيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اڳوڻي وائيس چانسلر سيد غلام مصطفيٰ شاهہ سان ملاقات ۽ ڪچهري ٿي تہ هن بہ اهو رايو ڏنو تہ سنڌ يونيورسٽي هاڻي اهڙا قابل نوجوان پيدا ئي نہ ڪري رهي آهي، جيڪي سُٺن ۽ ساک وارن ادارن ۾ وڃي پنهنجو ۽ قوم جو آئيندو سنوارين. هڪ طرف اسانجين يونيورسٽين جو اهو حال آهي تہ ٻئي طرف هيءَ دؤر تيزيءَ سان بدلجي رهيو آهي. سياسي سفارشن جي بنياد تي نڪمين سرڪاري نوڪريون ملڻ جو دؤر بہ ختم ٿي رهيو آهي. هر ايندڙ ڏينهن معيار، قابليت ۽ چٽا ڀيٽيءَ کي اوليت ڏئي رهيو آهي ۽ اهڙي دؤر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ قابل افرادي قوت يونيورسٽيون ۽ ادارا پيدا ڪندا آهن، پر هن اڳ ئي محرومين جي ماريل مرٽينگ قوم جي جياپي ۽ واڌاري جي واحد امڪان يعني ان جي اعليٰ تعليمي ادارن کي پستين جي کُنَ ۾ ڪيرائي، حقيقت ۾ ان جي جياپي ۽ اؤسر جون واٽون بند ڪيون ويون آهن. قومن جي تعمير قابل ماڻهو ڪندا آهن ۽ اُهي ادارا پيدا ڪندا آهن پر هتي يونيورسٽين کي فقط ٻمي ڊگرين ڏيڻ تائين محدود ڪيو ويو آهي، جيئن مون مٿي چيو تہ هيءَ صورتحال ڪو اوچتو پيدا ڪانہ ٿي آهي. ان جو هڪڙو ڊگهو پس منظر ۽ سببن جي طويل فهرست آهي ۽ جيستائين ان ۾ ڪو بنيادي ڦيرو نہ ٿو اچي، تيستين ظاهر آهي تہ صورتحال ۾ بہ ڪو ڦيرو اچي نہ ٿو سگهي. چو تہ سببن ۽ نتيجن "Causes and Effects" جو پاڻ ۾ مشروط لاڳاپو هجي ٿو. اچو تہ ان جي بنيادي سببن تي مختصر طور روشني وجهندا هلون.

(1) عام طور رسم آهي تہ هر برائيءَ جو بنياد ۽ ذميوار فقط سرڪار ۽ ان جي مشينريءَ کي ڄاڻايو ويندو آهي. عام طور اهو درست بہ آهي پر هر جاءِ تي حقيقتون ايئن هجن اهو هرو ڀرو ضروري بہ ڪونهي. مون کي اسان جي يونيورسٽين ۽ خاص طور سنڌ يونيورسٽيءَ جي هن زوال ۾ مختلف دؤرن ۾ ڪرپٽ ۽ نااهل انتظاميائن ۽ سرڪاري پاليسين جي ڪردار تي ڪوبہ مونجهارو ناهي ۽ ان فيڪٽر تي بہ

ڳالهائبو پر منهنجي ايمانداراڻي راءِ آهي تہ ان ۾ سڀ کان پهرين ۽ اهم ترين بڇڙو ڪردار ان نام نهاد شاگرد قومپرست سياست جو آهي. جيڪا سياست جي نالي ۾ غنڊا، لوفر، پيشہ ور ڌوهاري پالي ٿي ۽ اهڙن ڪرمنل ماڻهن کي تعليمي ادارن تي شاگرد اڳواڻ طور مڙهي ٿي. جن جو بنيادي طرح تعليم ۽ قومي مفادن جي حقيقي سوچ سان ڪو تعلق ئي نہ هوندو آهي. اهڙي سياست جو آغاز 70 جي ڏهاڪي ۾ ٿيو جنهن ۾ ان وقت جي حڪمران جماعت بہ پنهنجي شاگرد تنظيم ناهي ڪين ڇڙواڳ ڇڏي اهڙي تعليم ۽ عوام دشمن سياست کي زور وٺرايو. اهو دؤر هو جنهن ۾ هن سڄي تباهيءَ جا بنياد پيا. عوام دوست شاگرد سياست جو رومانس تباهہ ڪيو ويو. اعليٰ تعليمي ادارا ڏاڙيل ڪشمير خان ۽ ٻين حوالي ٿيا. جڏهن يونيورسٽيون شاگردن بدران ڌوهارين حوالي ٿيون تہ ادارن ۾ ڪتابن بجاءِ هٿيارن جا انبار گڏ ٿيڻ شروع ٿيا ۽ پوءِ اُن زماني ۾ يونيورسٽيءَ ۾ جيڪي هٿيارن جا بي دريغ استعمال ٿيا، جهيڙا ۽ فساد ٿيا هئا تن جو سمورو رڪارڊ موجود آهي. اهو ئي سبب هو جو شاگرد سياست جي نالي ۾ ڪرمنل عنصر تعليمي ادارن تي قابض ٿي ويا. شيخ اياز، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ مظهرالحق صديقيءَ جهڙن قابل ماڻهن کي هلڻ نہ ڏنو ويو. ان سڄي عرصي ۾ جيڪي روشن خيال ۽ ترقي پسند شاگرد سياست جا عنصر اُڀرندا هئا، انهن کي ڌوهارين پاران ڏنڊي جي زور تي اُڀرڻ نہ ڏنو ويندو هو. اها نام نهاد قومپرست شاگرد سياست ضياءَ شاهيءَ جي زماني ۾ (شايد حڪومت جي پاليسين سبب) پنهنجي عروج کي پهتي. مثال طور انهن ويهن سالن ۾ جيڪي نام نهاد قومپرست شاگرد اڳواڻ رهيا آهن، انهن جي لسٽ ڪٽي ڏسبي تہ خبر پوندي تہ اهي اسان کي گهڻي ڀاڱي نامي گرامي ڪرمنل ماڻهو نظر ايندا، جن کان نہ عام شاگرد محفوظ هوندو ۽ نہ استاد. ايئن بہ ٿيو تہ ڏهہ ڏهہ ۽ پندرهن سال اهي ماڻهو يونيورسٽين ۾ شاگرد اڳواڻ رهيا، جڏهن تہ يونيورسٽين جي تعليم ڇئن سالن جي آهي. اسان جي زماني ۾ ڪجهہ شاگرد اڳواڻ اهڙا بہ هئا، جن جا وار اڇا ٿي چڪا هئا ۽ سندن پُٽ يونيورسٽيءَ ۾ پهچي چڪا هئا. جيتوڻيڪ هاڻي صورتحال گهڻي بدلجي چڪي آهي ۽ وقتي طرح اهڙيءَ سياست ۾ جهَڪائي بہ آهي پر گذريل ڪجهہ سالن کان اهڙي ڪرمنل سياست وري ڳَرَ ڪنيا آهن. جن جو ان کان سواءِ ڪو ڪم ناهي تہ پيتا وٺجن، عام شاگردن کي دهشت وسيلي پنهنجي زير ڪجي، استادن کان غنڊہ گرديءَ وسيلي زوريءَ مارڪون وٺجن ۽ ڪين پنهنجيءَ مرضيءَ موجب هلائجي. جي ڪو ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪري تہ پروفيسر اعجاز قريشيءَ وانگر مٿس تشدد ڪري ڪين ”سيڪٽ“ ڏجي. انتظاميا تي دباءُ وجهي ڪانئن اهم شعبن جون سيٽون وٺي وڪڻجن ۽ جي ڪو ايئن نہ ڪري تہ پوءِ ”تحريڪون“

هلائجن ۽ مجموعي طرح اهو تہ ڪيئن بہ ڪري يونيورسٽيءَ کي فضيلت سان هلڻ نہ ڏجي. ظلم اهو آهي جو اهو سمورو ”ڏنڏو“ شاگرد ۽ اهو بہ قومپرست سياست جي نالي ۾ ڪيو وڃي ٿو ۽ ڪنهن ۾ همت آهي جو ہن ڏهاڪن کان هلندڙ هن فراڊ ۽ سنگين جرم جو پردو چاڪ ڪري ۽ اهو ڏنڏو بند ڪرائي؟

حقيقت اها آهي تہ هاڻي گهڻو ٿيو. هيءَ اڳ ئي تباهہ حال قوم هاڻي هن مصيبت جو بار وڌيڪ سهڻ جي متحمل ٿي نہ ٿي سگهي. نہ رڳو سڄي معاشري جو فرض آهي پر خود انهن تنظيمن اندر جيڪي فضيلت پريا ماڻهو ۽ عنصر آهن، انهن جو بہ اخلاقي ۽ قومي فرض ٿئي ٿو تہ اهي اهڙي ”سياست“ جي مزاحمت ۽ نفي ڪن. وقت اچي ويو آهي تہ سنڌ ۾ اها مهم هلڻ گهرجي تہ شاگرد سياست توڙي مجموعي سياست کان ڏوهاري ۽ ڪرمنل عنصر ٻاهر ڪيڍي وقت جي ڊسٽ بن ۾ ڦٽا ڪيا وڃن. سياست کي صاف، شفاف، فضيلت پريو ۽ دائمي قومي توڙي عوامي مفادن جو نگهبان ۽ نجات جو ذريعو هئڻ گهرجي. هر اها سياست جيڪا ڪهڙي بہ نالي ۾ ٿئي، جي اها سياست بدران ڏوهارين جي پناهہ گاهہ آهي تہ ان کي ڏڪارڻ گهرجي، ان ڪري سڄيءَ ڳالهہ جو مطلب اهو آهي تہ اسان جي يونيورسٽين ۽ خاص طور تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي تباهيءَ جو هڪ اهم ترين سبب اهڙي سياست بہ آهي ۽ ان جو هاڻي سدِباب ٿيڻ گهرجي.

(2) هن سڄيءَ صورتحال جو ٻيو اهم ترين سبب وقت جي حڪومتن جون مجرمانہ پاليسيون ۽ تعليمي ادارن جي سربراهن جي ميرٽ تي نہ پر خالص سياسي بنيادن تي پرتي آهي. جڏهن هڪڙو وائيس چانسلر ڪنهن شفاف طريقي سان ۽ خالص ميرٽ جي بنياد تي نٿو اچي تہ پوءِ ان جون پنهنجون اوليتون ٻيون ٿي وڃن ٿيون. اهو پنهنجو بنيادي ڪم ڪرڻ بجاءِ رڳو اهو ٿو سوچي ۽ ڪري تہ ڪيئن بہ ڪري سيٽ بچائجي. ڪرپشن، نااهلي، بدانتظامي ۽ غير ذميواريءَ جي سڄي بدعت شروع ئي تڏهن ٿئي ٿي. بدقسمتيءَ سان هڪ طرف اسانجين يونيورسٽين ۾ هڪ تہ ايماندار، قابل ۽ وڏي ڏور رس نگاهہ ”Vision“ رکندڙ ماڻهو نہ ٿا آندا وڃن، ٻيو وري جي ايئن ڪڏهن ڪڏهن ڊاڪٽر بشير شيخ ۽ رجب ميمڻ جهڙا ماڻهو اچي بہ وڃن ٿا تہ کين مافيائون ڪم ڪرڻ نہ ٿيون ڏين.

انتظاميا جي حوالي سان سنڌ يونيورسٽي هڪ وڏي عرصي کان بدنصيبيءَ جو شڪار رهندي پئي آئي آهي. اهڙي بحراني حالت ۾ جنهن سطح جي قابل، ايماندار، فرض شناس ۽ جديد دؤر جي تقاضائن کي سمجهندڙ ماڻهن جي ضرورت آهي، ان جي اُبتڙ جيڪي ماڻهو آندا وڃن ٿا، انهن جي ڪارڪردگي اسان جي سامهون آهي جو سنڌ يونيورسٽيءَ جو موجوده وائيس چانسلر بي خوفيءَ سان چوي

ٿو تہ ڪيس پوري پگھار ملي رهي آهي، ان ڪري سڄي تباهيءَ ۾ ڪيس ذاتي طرح ڪوبہ نقصان نہ پهچي رهيو آهي. جڏهن ادارن جي سربراهن جون سوچون ان حد تائين وڃي ڪرنديون تہ پوءِ ادارا تباهہ ڇو نہ ٿين؟ هيءُ سڀ نتيجو آهي هڪ اهڙي ڪرپٽ ۽ اقربا پرور سرشتي جو جنهن ۾ قابل ۽ فرض شناس ماڻهو ميرٽ تي نہ ٿا آندا وڃن. ادارن جا انتظام هلائڻ ۽ انهن کي ترقي وٺرائڻ جي علم جي هاڻي پوري هڪ سائنس آهي. هاڻي تہ دنيا ۾ Institutional Building يعني ادارن ٺاهڻ جي سائنس نالي هڪ پورو سبجيڪٽ دنيا جي وڏين يونيورسٽين ۾ پڙهايو وڃي ٿو پر اسان وٽ اعليٰ منصب جو ملڻ معنيٰ ڪيئن بہ ڪري پنهنجي پيٽ پرڻ ۽ ڪرپشن جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃائڻ آهي.

(3) اسانجين سمورين يونيورسٽين جي عام طرح ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ جي خاص طرح هن اڄوڪي پستيءَ جو هڪ سبب استادن جي وڏي انگ جو قابل نہ هجڻ ۽ استادن جي ٽريڊ يونين ٽائيپ ڏنڏوڙي سياست بہ آهي. استاد ڇا ٿيندو آهي؟ ان جو معيار ۽ ڪردار ڇا هئڻ گهرجي؟ ان جي منصب جون پيشيوراڻيون تقاضائون ڇا هئڻ گهرجن؟ اهي سمورا سوال سامهون رکي جي اسان پنهنجين يونيورسٽين ۾ ان سوچ تحت استاد ڀرتي ڪيا تہ اهي هرو ڀرو سنڌي هجن ۽ لازمي طور انهن ادارن جا ئي پڙهيل هجن. اها ئي نفسيات هئي جنهن هڪ طرف قابل ماڻهن جي اهليت جي بنياد تي ادارن ۾ اچڻ نهايت ڏکيو بڻائي ڇڏيو ۽ ٻئي طرف جي ڊاڪٽر عيسيٰ دائود پوٽي، ڊاڪٽر فيروز احمد، ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ وغيره جهڙا ماڻهو اتفاق سان ادارن ۾ اچي بہ ويا تہ ساڻن جُنيون ڪري کين مجبور ڪيو ويو تہ اُهي يا تہ اسٽيٽسڪو سان نهي وڃن يا ميدان خالي ڪري وڃن. نتيجي ۾ اُهي اسٽيٽسڪو سان تہ نهي نہ سگهيا، جنهن ڪري ڊاڪٽر عيسيٰ دائودپوٽي کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ چريو چوندا هئا، اهو جڏهن هتان ويو تہ هن کي آمريڪا جي تمام وڏي اداري NASA کنيو. ڊاڪٽر فيروز احمد مون کي پاڻ ٻُڌايو تہ مون کي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ٽيبل ڪرسي بہ نہ ڏيندا هئا، اهو جڏهن هتان ويو تہ هن کي هارورڊ يونيورسٽيءَ وڏي اعزاز سان پروفيسر ڪري کنيو. جڏهن هن نڪمي سماج ۾ ڪو ماڻهو ڪجھہ نہ ڪرڻ جي اسٽيٽسڪو کي ٽوڙي ڪم ڪري ٿو تہ اهو ان بيمار ماحول جو اڻ وڻندڙ شخص بڻجي وڃي ٿو. اڄ اسان جي حالت اها آهي جو يونيورسٽيءَ جي استادن جي چڱي انگ کي پيو تہ نهيو پر انگريزي بہ درست لکڻ ۽ ڳالهائڻ نٿي اچي. مون کي ٽنڊو ڄام يونيورسٽيءَ جي هڪ قابل استاد ٻُڌايو تہ گذريل ڪجھہ سالن ۾ " Agricultural Research Program" Arp_II معرفت يونيورسٽيءَ جي سورنهن استادن کي ڊاڪٽريٽ ڪرڻ لاءِ اسڪالرشپس مليون ۽ انهن کي آمريڪا ۽ برطانيا جي مختلف يونيورسٽين ۾ موڪليو ويو. پر انهن مان صرف ٽي ڄڻا ڊاڪٽريٽ پوري ڪري آيا ۽ باقي

تيرنهن ڄڻا رڳو ان ڪري فيل ڪيا ويا جو ڪين ڪم ڪيڻ جيتري Functional انگريزي بہ نٿي آئي. هاڻي جتي استادن جي قابليت جو معيار اهو هجي تہ پوءِ اعليٰ تعليم جو معيار ڪيئن وڌي؟ يونيورسٽيون فقط بار پڙهائڻ لاءِ ڪونہ هونديون آهن. اتي تہ زندگيءَ جي هر شعبي بابت ريسرچ ڪئي ويندي آهي. اسان وٽ ريسرچ جو معيار اهو آهي جو حال ساريا پيا آهن. مون گذريل سال هڪ تحقيقي ڪم جي سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ڊپارٽمينٽ جي ريسرچ جنرل "ڪينجهر" جا سڀ شمارا نظر مان ڪڍيا. مون کي اهو ڏسي نهايت افسوس ٿيو تہ ان ۾ هڪ بہ ڪو معياري تحقيقي مقالو شامل نہ هو. ظاهر آهي تہ جيڪي ڪچيون ڦڪيون لکڻيون انهن ۾ شايع ٿيل هيون، ان بنياد تي استادن کي پروموشن ڏنا ويا هوندا. اهو آهي اسان جي يونيورسٽين ۾ ريسرچ جو تصور ۽ معيار. مون کي احساس آهي تہ اهڙيون ڪڙيون حقيقتون شايد ٻُڌڻ بہ پسند نہ ڪيون وڃن پر ڇا ڪجي، جي مرض جي صحيح تشخيص ڪرڻي آهي تہ پوءِ اسان کي مصلحت پسنديءَ جو رويو ترڪ ڪرڻو پوندو. ادارا ان ڪري بہ تباهہ ٿين ٿا جو معاشرو انهن کان لاتعلق رهي ٿو. اهي سمورا ادارا ۽ انهن ۾ ڪم ڪندڙ سمورا ماڻهو عوام جي پورهئي ۽ پگهر جي ڪمائيءَ تي پلجن ٿا، انهن جو بي رحميءَ سان پڇاڻو ٿيڻ گهرجي. ايئن بہ ناهي تہ اسان جي يونيورسٽين ۾ قابل ماڻهو ڪونہ آهن. يقينن آهن پر اتي استادن جي سياست جو نمونو ۽ مزاج اهڙو آهي جو جيستائين ڪو ماڻهو پل تہ اهو ڪيترو بہ قابل چو نہ هجي پر جي اهو اهڙي بي سود ۽ مفاد پرست ٽريڊ يونين ٽائيپ سياست ۾ نٿو اچي تہ پوءِ اهو Isolation ۾ هليو ٿو وڃي ۽ ان کي اڳتي اچڻ نٿو ڏنو وڃي. نتيجي ۾ قابل ۽ نااهل ماڻهو وچ ۾ فرق بہ واضح نٿو ٿئي. استادن جون تنظيمون ڪڍهن بہ ماڻهن کي ان بنياد تي اڳتي نٿيون آڻين تہ اهو قابل آهي پر انهن جو معيار خالص سياسي نوعيت جو هجي ٿو.

مطلب تہ انهن سمورن عوامل "Factors" ۽ سببن گڏجي اسان جي تعليمي ادارن کي عام طور ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي خاص طور هن حال تي رسايو آهي. ڏک جي ڳالهہ آهي تہ اهي بدعتون جنهن ديده دليريءَ سان پنهنجو ڏنڊو جاري رکيو اچن ٿيون، سماج جون چڱيون قوتون ۽ فرد ان ڏس ۾ خاموش تماشائي بڻيل آهن. سڀ ڪجهہ ڏسندي ۽ سمجهندي مات رهڻ بہ ڏوهہ کي همٿائڻ برابر آهي. وقت اچي ويو آهي تہ هن اهم ترين ۽ حقيقي "قومي مسئلي" جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو وڃي تہ هيءَ ڪنهن جي بازار پئي لُٽجي؟

روزاني "ڪاوش" – 7 جون 1998ع

# سنڌي پريس سنڌ جي ترجمان آهي

تازو ڪالاباغ ڊيم خلاف سنڌ جي عوام جي جذبن ۽ ويچارن جي ترجماني ڪندي، سنڌي پريس جنهن قابليت ۽ ذميواريءَ سان سنڌ جو ڪيس ملڪ ۽ دنيا آڏو پيش ڪيو آهي، ان سان سنڌي پرنٽ ميڊيا هڪ دفعو وري سنڌ جي ماڻهن جو زبردست اعتماد حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب وئي آهي. زندگيءَ جو ڪوبہ شعبو جيڪو سماج ۾ ڪم ڪري ٿو سو ظاهر آهي تہ سماج يعني ماڻهن جي اعتماد ڪانسواءِ نہ تہ هلي سگهي ٿو ۽ نہ اُسري ۽ سگهارو ٿي سگهي ٿو. سنڌي پريس جي اهڙي ڪردار هڪ دفعو وري جتي سنڌي ماڻهن جي مورال کي مٿي ڪيو آهي اُتي حڪمران طبقي جي ”بدنيت“ اکين ۾ ڪنڊي جيان چُڀي رهيو آهي. ٻُڌڻ ۾ آيو آهي تہ ”پاور ڪاريڊورس“ جي ڪجهہ حلقن ۾ ان ڳالهہ تي بہ سنجيدگيءَ سان ويچاريو پيو وڃي تہ ڪهڙي طريقي سان سنڌ جي هن سگهاري ترجمان شعبي کي ”مُڏو“ ڪري سگهجي ٿو. جيئن 1980ع جي ڏهاڪي تائين سنڌ ۾ سياست هڪ طاقتور شعبي طور اُڀري رهي هئي پر پوءِ وڏيءَ حڪمت عمليءَ سان ان جو ”ڏنگ“ ڪيڙڻ جي رٿابندي ڪئي وئي ۽ ان ۾ گهڻيءَ حد تائين ڪاميابي بہ ٿي، تيئن هلندڙ ڏهاڪي ۾ وري سنڌ ۾ ميڊيا هڪ سگهاري قوت طور اُڀري آهي ۽ اجا بہ اُڀري رهي آهي. ملڪ جي حڪمران طبقي لاءِ اهو برداشت ڪرڻ نهايت ڏکيو آهي تہ هن ملڪ جي ڪنهن بہ سطح تي ڪو اهڙو شعبو خود مختياريءَ سان مضبوط ٿي اُڀري، جيڪو سنڌن مفادن جو مطيع نہ پر عوام جو ترجمان هجي، ويتر جي اها ترجماني سنڌ جي هجي تہ پوءِ تہ اهو برداشت ڪرڻ بنهہ ڏکيو آهي.

اسان جنهن انساني سماج جي ڳالهہ ڪريون ٿا يا جنهن ۾ رهون ٿا، اهو دراصل انسان جي باهمي مفادن، رشتن ۽ رابطن جي پيداوار ۽ ان جو ئي ثمر آهي. ان ڪري

ٿي سماجي سائنسدان انساني رشتن (ذاتي، خانداني، سماجي، ثقافتي، اقتصادي توڙي سياسي) کي سماج جو بنياد ۽ انسان جي باهمي رابطن کي سماجي ترقيءَ جو ذريعو قرار ڏيندا آهن. سماج جي ترقي بہ انساني رشتن ۾ رابطن جو بدلجندڙ صورتن يعني ان جي ارتقا سان گڏ گڏ سفر ڪيو آهي. ٻين لفظن ۾ سماجي رشتا، لاڳاپا ۽ رابطا سماجي ترقيءَ جو بنياد آهن. هاڻي تہ دنيا ۾ ڪنهن بہ سماج جي سطح ۽ ترقيءَ جو پيمانو ئي ان کي سمجهيو ويندو آهي تہ ان جا اندروني سماجي رشتا ڪيترا مضبوط ۽ رابطا (هر سطح تي ۽ هر قسم جا) ڪيترا وسيع ۽ تيز آهن. دنيا ۾ ميڊيا ۽ ان جي تاريخ بہ دراصل ان ئي سفر جي ڪهاڻيءَ جو هڪ باب آهي.

دنيا جي اڳتي وڌيل ملڪن ۽ معاشرن ۾ ميڊيا جي اُسرڻ، ان جي اهميت ۽ ڪردار بابت ايترو ڪجهہ لکيو ويو آهي جو هاڻي اهو موضوع ڪو اڻ ڇهيل يا تشنہ نہ رهيو آهي. البتہ سنڌ ۾ ميڊيا يا ٻين لفظن ۾ سنڌي پريس جي اُسرندڙ شعبي، ان جي ڏينهون ڏينهن وڌندڙ اهميت ۽ اثرائتي ڪردار تي حقيقت پسنديءَ سان نظر گهٽ وڌي وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪڏهن سنڌي پريس بابت تمام تنگ نظريءَ سان ۽ ڪڏهن وڏاءُ واري تنقيد ڪئي ويجي ٿي تہ ڪڏهن وري ان جي اُبتڙ مبالغہ آرائيءَ وچان ان جي حد کان وڌيڪ تعريف ڪري ان کي بنهہ ”قومي جدوجهد“ جو ”مورچو“ قرار ڏنو ويجي ٿو. سنڌ ۾ ميڊيا خاص طور پرنٽ ميڊيا جي ڪردار ۽ ڊسيپلين بابت اجا ڪو واضح ۽ حقيقت پسنداڻو تصور بہ اُڀري نہ سگهيو آهي. شايد اهو ئي سبب آهي جو زندگيءَ جو هر شعبو پرنٽ ميڊيا کي بہ سماجي زندگيءَ جو هڪ آزاد ۽ خودمختيار شعبو تسليم ڪرڻ بدران ان بابت پنهنجيءَ سوچ ۽ مفادن آهر نہ رڳو عجيب و غريب تصور رکي ٿو پر ڪڏهن ڪڏهن تہ ان کان اجايون ۽ اهڙيون توقعائون رکيون وڃن ٿيون، جيڪي پوريون ڪرڻ پرنٽ ميڊيا جي پيشيوراڻي دائري ۾ ئي نٿيون اچن. يعني پرنٽ ميڊيا هڪ طرف رياست ۽ ان جي حڪمران طبقي ۽ سندن ”ادارن“ جي خود سماج ۽ ان جي نمائنده فردن توڙي ادارن جي غير حقيقت پسنديءَ وارن روين ۽ دٻاءُ جو شڪار رهي ٿي. ساڳئي وقت اهو خود سنڌي پريس لاءِ بہ هڪ چئلينج آهي تہ اها هڪ طرف ڪيئن ٿي پنهنجين اندروني ڪمزورين کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ۽ ٻئي طرف پاڻ کي انهن دٻائن جي گهيري ۾ هڪ خودمختيار، مضبوط ۽ آزاد شعبي طور ڪيئن ٿي وڌيڪ اڳتي آڻي؟

جيتوڻيڪ سنڌي پرنٽ ميڊيا جي هن جديد دؤر کي ڪو گهڻو وقت نہ ٿيو آهي ۽ اهو بہ ظاهر آهي تہ زندگيءَ جو ڪوبہ شعبو ايئن هڪدم فقط خواهشن سان بلوغت تي پهچي نہ ٿو سگهي. هر شيءِ ۽ شعبي جي وجود ۾ اچڻ، ان جي پلجڻ،

اُسرڻ، بالغ ۽ جوان ٿيڻ جا پنهنجا فطري مرحلا هوندا آهن. ان ڪري ظاهر آهي تہ سنڌي پرنٽ ميڊيا کي بہ اهي سمورا مرحلا فطري طرح لازمي طور طئي ڪرڻا آهن ۽ اها ان پروسيس ۾ آهي. ان ڪري سنڌي پرنٽ ميڊيا جي حيثيت ۽ ڪردار بابت اسان کي Hypothetical (فرضي) رويو اختيار ڪرڻ بدران حقيقت پسنديءَ سان ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ سنڌي پرنٽ ميڊيا پنهنجين پيشيوراڻين ڪمزورين سميت سنڌي سماج ۾ نہ رڳو هڪ سُنو ۽ سگهارو ڪردار ادا پئي ڪيو آهي پر تيزيءَ سان اها ان ڏس ۾ اڳتي وڌي رهي آهي. سڄي سماج ۽ ان جي هر شعبي جي ذميواري آهي تہ اها ان کي اڳتي وڌائڻ ۾ مددگار ٿئي. منهنجيءَ نظر ۾ ان جي هيٺين ڪاميابين کي ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجي:

(1) سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ پرنٽ ميڊيا سنڌ ۾ هڪ صنعت طور اُڀري آهي. هڪ اهڙي صنعت جنهن نہ رڳو هزارين ماڻهن کي روزگار مهيا ڪيو آهي پر شايد اها واحد صنعت آهي جيڪا اَڀري سڀري ئي سهي پر سنڌي ماڻهن جي پنهنجي ڪنٽرول ۾ آهي. سنڌي ماڻهو اڄا دنيا جي جديد شهري زندگيءَ جي شعبن ۾ پوريءَ طرح داخل نہ ٿيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اهو نہ رڳو صنعتي ميدان ۾ پر شهري زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پوئتي پيل آهي. سنڌي پرنٽ ميڊيا سنڌي ماڻهن جو اهڙو پهريون تجربو آهي ۽ اهو تجربو يقينن ڪامياب ويو آهي.

(2) هن شعبي جو ٻيو اهم ڪردار اهو آهي تہ پرنٽ ميڊيا سنڌي ماڻهن جي سياسي، سماجي ۽ بين الاقوامي حالتن جي شعور کي بيدار ڪرڻ ۽ اُڀارڻ ۾ وڏو اثرائتو ڪردار ادا ڪيو آهي. سڄيءَ دنيا ۾ ميڊيا جي ان ڪردار کي وڏي اهميت ڏني وڃي ٿي. هاڻي تہ "Role of Media in Development" (ترقيءَ جي عمل ۾ ميڊيا جي ڪردار) کي دنيا ۾ هڪ سبجيڪٽ جي حيثيت ڏني وئي آهي، جنهن جو ڪم ئي اهو آهي تہ سماج جي ترقيءَ جي عمل ۾ ميڊيا جي ڪردار کي واضح ڪيو وڃي. ظاهر آهي تہ سماج ماڻهو ئي ناهين ۽ هلائين ٿا. ان ڪري ان جو سماج جي ترقيءَ جي عمل ۾ بہ سڌو توڙي اڻ سڌو ڪردار جُڙي ٿو. جيتوڻيڪ پل تہ اهو ميڊيا جو پنهنجي طرفان ڪو طئي ٿيل ڪردار نہ بہ هجي تہ ان کي عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ لاءِ مشنري (تبليغي) ٿي ڪم ڪرڻو آهي ۽ ميڊيا پل تہ پنهنجو پروفيشنل ڪم پيشيوراڻين حدبندين تحت ئي ڪري پر ان جي نتيجي ۾ ايئن ٿئي ضرور ٿو. ان ڪري عوام ۾ جيترو شعور خاص طور تي جديد سنڌي صحافت جي هن موجوده دؤر پيدا ڪيو آهي، ان جو اڳ اسان کي قومي زندگيءَ ۾ ڪو مثال نٿو ملي.

(3) سنڌي پرنٽ ميڊيا جو هڪ ڪردار جنهن کي عام طور ليکي ۾ نہ آندو ويندو آهي، اهو آهي تہ ان سنڌي سماج جي روايتي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي

استيتسڪو کي ڪنهن حد تائين ٽوڙڻ نہ تہ بہ لوڏڻ ۾ ضرور اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ جيئن جيئن سنڌي پرنٽ ميڊيا مضبوط ٿيندي، تيئن تيئن سندس اهو ڪردار بہ پختو ٿيندو. ان ڳالهہ کي هيئن واضح ڪجي تہ سياسي ۽ سماجي سطح تي سنڌي پرنٽ ميڊيا سماج جي نين قوتن کي اڳتي آڻڻ ۾ هڪ مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي. ثقافتي سطح تي سماج جي انيڪ ڪارو ڪاري جهڙين واهيات رسمن کي نہ رڳو ان جي سمورين بڇڙاين ۽ انسان دشمن روين سبب Expose (نروار) ڪيو آهي پر ان کي حقارت سان رد پڻ ڪيو آهي.

(4) سنڌ جو حقيقي آواز جيڪو حقي واجبي هجڻ سان گڏ دنيا تائين پهچڻ جي سلسلي ۾ ڏاڍو ڪمزور رهيو آهي، ان کي جديد سنڌي پرنٽ ميڊيا وڏي سگهہ بخشي آهي. گهٽ ۾ گهٽ هاڻي پرنٽ ميڊيا جي صورت ۾ سنڌ وٽ ڪو تہ اهڙو فورم آهي جنهن جي ڳالهہ نہ رڳو سنڌ پر ملڪي سطح تي Noticed وجي ٿي. سنڌ ۾ وچئين طبقي جي روشن خيال سياست کي هڪ طرف ڪرمنل عنصرن نقصان رسايو تہ ٻئي طرف ان کي پ پ جي موقعي پرست سياست سخت ڌڪ رسايو. نتيجي ۾ سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي مثبت سياست اجا ايتري مضبوط نہ ٿي سگهي آهي جو ان جي ڳالهہ ملڪ توڙي ملڪ کان ٻاهر اثرائتي نموني ٻُڌي وڃي پر هاڻي سنڌي پرنٽ ميڊيا ضرور اهڙي حيثيت ۾ آهي جو ان ذريعي اُٿندڙ آواز هوا ۾ لٽ ثابت ٿيڻ بدران ٻُڌو بلڪ ڏيان سان ٻُڌو وڃي ٿو. خود هن ملڪ جو حڪمران طبقو بہ هاڻي اهو آواز ٻُڌڻ ۾ ڪنهن حد تائين ان جو اثر قبول ڪرڻ تي مجبور آهي.

(5) سنڌي پرنٽ ميڊيا جو منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڏو ۽ اهم ترين ڪردار اهو آهي جو ان سنڌ جهڙي ڪُنڊائتي، دنيا کان ڪٽيل ۽ ڄاڻ جي غربت جي ور چڙهيل سماج ۾ سنڌ لاءِ دنيا جي ڄاڻ جا در کوليا آهن. پُٺتي پيل سماج جو بنيادي الميو معلومات جي غربت ۽ ذهني ويڳاڻپ هوندو آهي پر جديد سنڌي ميڊيا ٻنهي حوالن سان سنڌ ۾ وڏو مثبت ۽ ڪارائتو ڪردار ادا ڪيو آهي. ميڊيا جي اهڙي ڪردار کي سڄيءَ دنيا ۾ ۽ خاص طور پُٺتي پيل ملڪن ۾ وڏي اهميت ڏني ويندي آهي ۽ ان کي "Mass Education through Mass Media" (عوامي ميڊيا وسيلي عوامي تعليم) بہ چيو ويندو آهي. سنڌي ماڻهو صدين کان نہ رڳو سياسي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي پر خود ذهني ويڳاڻپ جو شڪار رهيو آهي ۽ نتيجي ۾ ٻين ڪمزورين سان گڏ معلومات جي غربت جي شرح بہ هتي گهٽي رهي آهي. سنڌي پرنٽ ميڊيا ان حوالي سان بہ سنڌ ۾ وڏو Break through (ڇال) ڪيو آهي. اڄ سنڌ جو ٻنهہ عام ڳوٺاڻو ماڻهو بہ اخبار پڙهڻ يا ٻُڌڻ (سنڌ ۾ اخبار ٻُڌي ويندي آهي، جو اڻ پڙهيل ٻين کان پڙهائي اخبار ٻُڌندا آهن) ذريعي نہ رڳو سنڌ، پر

ملڪ ۽ دنيا بابت ڄاڻ رکي ٿو. جيتوڻيڪ اڄ سنڌ ۾ اخبارن جا موضوع هڪ مخصوص دائري ۾ ڦرن ٿا ۽ اخبارن کي هاڻي آهستي آهستي اهو دائرو وڌائڻ گهرجي- خاص طور اسپورٽس، سائنس، صحت ۽ اقتصاديات جي شعبن جي معلومات ڏانهن بہ ڌيان ڏيڻ گهرجي. اسان وٽ پرنٽ ميڊيا جو دائرو گهڻي ڀاڱي رڳو سياست تائين محدود آهي، جڏهن تہ ان جو دائرو زندگيءَ جي سمورن ۽ اهم بنيادي شعبن تائين هجڻ گهرجي. ان حوالي سان مان هڪ ٻي ڳالهہ ڏانهن بہ ڌيان ڇڪائڻ چاهيان ٿو. سنڌ ۾ اڄڪلهہ اخبارن ڪيڻ جو رجحان تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، جيڪا يقينن چڱي ڳالهہ آهي پر ذاتي طور مون کي ان رجحان ۾ بہ غلط لاڙا نظر اچي رهيا آهن. هڪ تہ سڀ اخبارون ساڳي طرز تي ڪيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، بهتر اهو ٿئي تہ مختلف نوعيتن ۽ مزاجن جون اخبارون ڪييون وڃن يا نيون نڪرندڙ اخبارون ساڳئي اسٽائل جي ورجاءُ بدران ٻين شعبن مثال طور اسپورٽس، شوبز، اقتصاديات، سائنس وغيره کي بہ ڳور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن. سو هڪ تہ اهو رجحان نيڪ ناهي جو ان سان ڪا نواڻ يا بهتر تبديلي نٿي اچي، ٻيو تہ اخبارون هڪٻئي سان صحتمند پروفيشنل چٽاڀيٽي ۽ پنهنجو معيار وڌائڻ بدران هڪٻئي جا ترا ڪيڻ جي ڊوڙ ۾ مصروف ٿي وڃن ٿيون. اهو لاڙو جي وڌيو تہ ان ۾ نہ ڪنهن جو بہ فائدو ناهي، نہ اخبارن جو ۽ نہ مجموعي طورپرنٽ ميڊيا جو ۽ ان سماج جو جنهن ۾ اهو شعبو ڪم ڪري ٿو. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ هر سطح تي پروفيشنل اختلاف ۽ چٽاڀيٽي لازمي طور هوندي آهي پر جي اها چٽاڀيٽي پنهنجو معيار وڌائڻ ۽ ان بنياد تي ٻئي مقابلو ڪرڻ بدران هلڪڙائپ تي لهي اچي تہ پوءِ اهو چڱو رويو ناهي. ڳالهہ جو مطلب هيءُ آهي تہ پرنٽ ميڊيا جي شعبي ۾ نوان نوان ادارا بلڪل نهڻ گهرجن. اهي معيار ۽ ميرٽ جي بنياد تي هڪٻئي سان صحتمند مقابلي جو ماحول بہ پيدا ڪن پر ان ۾ فضيلت، توازن ۽ تدبر جو هجڻ لازم آهي. سنڌ ۾ ڪو تہ اهڙو شعبو بچڻ گهرجي، جنهن ۾ اجائي ڇنڊاڇاڻ ۽ فشري بازيءَ بدران فضيلت ڀري چٽاڀيٽيءَ وارو ماحول جُڙي سگهي. منهنجو تہ خيال آهي تہ جيڪڏهن سنڌي اخبارون هڪٻئي سان صحتمند پيشيوراڻو مقابلو جاري رکندي، ساڳئي وقت سهڪاري رويي سان منظم ٿي ڪو گڏيل ڪردار ادا ڪن تہ ان سان نہ رڳو سنڌي پرنٽ ميڊيا کي هڪ شعبي طور وڌيڪ اهميت ۽ سگهہ ملندي پر خود "واچ ڊاگ" لاءِ بہ سنڌي اخبارن کي ايئن نظرانداز ڪرڻ آسان نہ هوندو اهو ان ڪري بہ ضروري آهي جو سنڌي پرنٽ ميڊيا هاڻي پنهنجي طاقتور ڪردار سبب ڏينهون ڏينهن ملڪ جي حڪمران طبقي لاءِ اک جو ڪنڊو بڻجندي پئي وڃي ۽ هن ملڪ جي حڪمرانن تي ڪو اعتبار ناهي تہ اهي ڪڏهن سنڌي

پرنٽ ميڊيا جي سگهہ ڏسي سٽ نہ سهي ان کي عتاب هيٺ آڻڻ جو خيال دل ۾ آڻين ۽ سنڌي پرنٽ ميڊيا کي ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پون.

سنڌ ۾ پرنٽ ميڊيا هڪ زبردست ۽ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ ان جو هڪ شعبي طور مضبوط ٿيڻ دراصل سنڌي سماج جي سگهہ جو وڌڻ آهي. ڪيڏو نہ بهتر ٿئي جو اهو شعبو اندروني طور هڪٻئي سان سخت ۽ صحتمند چٽاڀيٽي ڪرڻ سان گڏ مجموعي طور هڪ پيشيوراڻي ايڪي (Professional Entity) طور اڀري اچي ۽ اهڙي سگهہ ۽ حيثيت حاصل ڪري جو نہ سماج جي منفي قوتن جي اجائي دٻاءَ ۽ بليڪ ميلنگ ۾ اچي سگهي ۽ نہ وري ملڪ جي حڪمران طبقي لاءِ ان کي ڪمزور ڪرڻ يا چيڀاٽڻ ممڪن رهي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد. 1998ع

# سنڌ ۾ هڪ نئون سماجي ڪلچر پيدا ٿيڻ گهرجي!

جيڪي ڳالهيون انسانذات لاءِ سدائين چئلينج رهيون آهن، اُنهن ۾ هڪ اهم بنيادي مسئلو پسماندگي بہ آهي. پوءِ اها سياسي ۽ معاشي هجي يا سماجي، پر اُنهن ۾ بہ سڀني کان اهم ذهني پسماندگيءَ کي سمجهيو ويندو آهي- جو باقي سڀ پسماندگيون دراصل اُن جي ئي پيداوار آهن. بدقسمتيءَ سان اسان جو سماج بہ جتي سياسي، معاشي ۽ سماجي پسماندگيءَ جو شڪار آهي، اُتي اهو بنيادي طرح ۽ سڀ کان وڏيڪ ذهني پس ماندگيءَ جو ئي شڪار رهيو آهي ۽ بدستور آهي. ذهني غربت ۽ پسماندگي ڪنهن بہ معاشري جو سڀ کان بنيادي ۽ اهم مسئلو هوندو آهي ۽ ايئن جي پنهنجي حوالي سان ڳالهہ ڪبي تہ بہ اِها حقيقت سامهون ايندي تہ اسان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ۽ ڪمزوري آهي ئي ذهني غربت. جيئن اقتصاديات جو سمورو علم دراصل صدين کان انسان جي معاشي غربت خلاف ويڙهہ جي تجربن جو نتيجو ۽ نچوڙ آهي، جيئن سمورين فطري سائنسن جا علم، دراصل انسان جي فطرت کي سمجهڻ ۽ اُن جي محتاجيءَ مان نڪرڻ جي جُهد جو نتيجو آهن، جيئن سمورو طبي علم انسان جي بيمارين سان ويڙهہ جي صدين جي تجربن جو حاصل آهي، تيئن انسان جي سموري فڪري ۽ فلسفياڻي تاريخ بہ دراصل ذهني پسماندگيءَ ۽ غربت خلاف انسانذات جي صدين کان هلندڙ جاکوڙ جو ئي نالو آهي. جيتوڻيڪ اِگ جي پيٽ ۾ انسان ذات مجموعي طرح ذهني حوالي سان گهڻو اُسري آئي آهي، پر اُن جي باوجود اڃا ڪيترا انساني سماج پنهنجين مخصوص تاريخي، سياسي، معاشي، ثقافتي، طبعي، جاگرافيائي ۽ ماحولياتي حالتن سبب ذهني اوسر جي لحاظ کان پنهنجن بين همعصر سماجن کان صديون پوئتي آهن. ان ڪري

جيستائين دنيا جا سمورا انساني سماج پنهنجيءَ ارتقا ۽ اوسر جا بنيادي ڏاڪا چڙهي مٿي نٿا اچن، تيسين مجموعي انساني سماج جو اتهاسڪ سفر اڻ پورو ۽ اڌورو ئي ليکبو. افسوس اهو آهي تہ مغربي دنيا جا بظاهر مجيل سماجيات جا ماهر بہ مجموعي انساني سماج تي لکن ٿا ۽ ان جو تجزيو ڪن ٿا تہ هنن جي سامهون بہ فقط اولهہ جو سرمائيدار سماج ئي هجي ٿو. هو پنهنجي ڀرپاس وقت ٿين دنيا جي اُنهن سوين ۽ هزارين انساني سماجن جي نهايت پسمانده حالت کي جڻ تہ ليکي ۾ ئي نٿا آڻين. اُن ڪري ئي منهنجو پختو ويساهہ آهي تہ ادب هجي يا سياست، سماجيات هجي يا ڪلچر، اُن بابت اولهہ جا اسڪالر ۽ ماهر پنهنجن تجزين ۽ تَڪَ تورَ ۾ بدديانتي ڪن ٿا.

بهرحال مون ڳالهہ تي ڪئي ذهني غربت ۽ پسماندگيءَ جي. اسان پنهنجي جنهن قوم ۽ ڪلچر جي ”ڏند ڪٿائي“ عظمت جي تصور تي فخر ڪندا رهيا آهيون، اُن جو جيڪڏهن سماجي نفسيات جي نقطئہ نظر سان ڀرپاس ڪبو ۽ سماجي توڙي نفسياتي روين جي بنياد تي نوس نتيجا اخذ ڪبا تہ معلوم ٿيندو تہ دراصل حقيقي عظمت جون بلنديون اسان کان گهڻو گهڻو پري آهن ۽ دراصل اسان جو شمار بہ اهڙن سماجن ۾ ٿيندو، جيڪي شديد ذهني غربت ۽ پس ماندگيءَ جو شڪار آهن ۽ جي واقعي بہ اسان چاهيون ٿا تہ اسان بہ حقيقي معنيٰ ۾ هڪ عظيم قوم بڻجون تہ ان لاءِ اسان کي تبديلين جي انيڪ مرحلن مان گذري وڏا فاصلا طئي ڪرڻا پوندا. ايئن خود فريبيءَ وچان ۽ پنهنجي ذهني اختراع جي بنياد تي قومون ۽ سماج، عظيم بڻجي سگهن ها تہ پوءِ دنيا جي هر قوم ۽ هر سماج اڄ عظمت جي بلندين تي هجي ها. چوندا آهن تہ خواهشن کي پيرَ هجن ها تہ اِهي گهوڙا بڻجي پون ها. حقيقت اها آهي تہ اسان هڪ بنهہ پس مانده سماج آهيون. اُن ۾ جتي تاريخ جي جبر جو عمل دخل آهي تہ ساڳئي وقت اسان جون پنهنجون ڪمزوريون بہ آهن، پر نتيجو اهو ئي آهي. مون اڳ ۾ لکيو هو تہ سنڌ کي سماجي نشاط الثانيہ (Social Renaissance) گهرجي، چو تہ جيستائين سنڌ جي سماجي، ثقافتي ۽ نفسياتي بنيادن ۽ روين ۾ ڦيرو نہ ايندو، تيسين سياست ۽ اقتصادي تبديلي بہ رڳو هڪ خواب ۽ خيال ئي رهندي.

جيتوڻيڪ سماجي تبديليءَ جو سوال تہ تمام وڏو ۽ همہ گير آهي. ان سوال جي دائري ۾ گهڻا معاملا اچي وڃن ٿا، پر هن مضمون ۾ مان ان جي هڪ پاسي تي لکڻ گهران ٿو ۽ اهو هيءُ آهي تہ سنڌ جي سماجي ڪلچر ۾ تبديلي اچڻ گهرجي يا ٻين لفظن ۾ سنڌ ۾ هڪ نئون ۽ صحتمند سماجي ڪلچر متعارف ٿيڻ گهرجي. مون پنهنجي گذريل مضمون ۾ بہ اهو لکيو هو تہ جڏهن سماج بحرانن جو شڪار ٿيندا

آهن تہ اُهي پنهنجي مونجهہ، جمود ۽ ايبنارملٽيءَ جو اظهار پنهنجن سماجي ۽ نفسياتي روين سان ڪندا آهن. اهڙن روين ۾ خود فريبي، نِراجيت، هر شيءِ جي نفي، هر ڳالهہ کان بيزاري، رواداري ۽ سهپ جو ناپيد ٿيڻ، اختلاف ۽ دشمنيءَ ۾ فرق نہ ڪرڻ عام طور ظاهر ٿيڻ لڳندا آهن. منهنجي راءِ بہ اِها آهي تہ اسان بہ اڄ اهڙي ئي هنڌ بيٺل آهيون. سياست کان وٺي ادب تائين، صحافت کان وٺي سماجي روين تائين اسان کي اهڙي ئي صورتحال نظر اچي ٿي. هر ماڻهو ڄڻ تہ پنهنجي بُت مان بيزار نظر اچي ٿو. هر ڪو هڪٻئي جي نفي ۽ تذليل ڪرڻ ۾ فرحت محسوس ڪري ٿو. روز اخبارن ۾ جهيڙن، قتل و غارت، ڪاروڪاريءَ جي واقعن، سياستدانن ۽ اديبن جي هڪٻئي خلاف ڄُڻبا پِٽَ ۽ اهڙي نوعيت جون بيون خبرون اخبارن ۾ نٿيون اچن تہ ماڻهو چون ٿا تہ اخبارن ۾ مزو ئي ڪونهي. مسلسل ڊپريشن، غير يقينيت ۽ ناڪامين جي ڪري اسان ڄڻ تہ هڪ اذيت پسند معاشرو ٿي چڪا آهيون. ويجهي عرصي ۾ اسان کي سنڌ ۾ خودڪشين جو رجحان وڌيل نظر اچي ٿو ۽ اِها صورتحال ان ڪري بہ وڌي آهي جو هڪڙن ماڻهن ڄڻ تہ بدحواسيءَ، فراريت، اَنارڪيءَ ۽ مايوسي ڦهلائڻ کي پنهنجو ڌنڌو ڪري ڇڏيو آهي. سندن قلم جو ڪارج ئي اهو وڃي رهيو آهي جو هڪڙي اڳ ئي بدحال ۽ مونجهارن ۾ ڦاٿل قوم کي ويتر بدحواسين، فراريت ۽ انارڪيءَ جي ڏهڻ ۾ ڪيرائي ڇڏجي. مثال طور ڪجهہ عرصو اڳ مون، علي قاضيءَ، آغا سليم ۽ ڪجهہ ٻين دوستن ”نيٺ ڇا ڪجي؟“ جي عنوان سان هڪ سنجيده بحث ڇيڙيو. جنهن ۾ ڪافي نوان ۽ تخليقي خيال سامهون آيا ۽ جي اِهو بحث سنجيدگيءَ ۽ حقيقت پسنديءَ سان هلندو رهي ها تہ اڄ ان جا ڪافي پاسا واضح ٿي سامهون اچن ها ۽ ذهني جمود جي اجوڪي حالت ۾ اڳتي وڌڻ جو ڪو ڳس نڪري ها، پر پوءِ ان بحث کي ايترو تہ چسپائيءَ تي آندو ويو جو بحث ۽ موضوع جي سنجيدگي وقتي طور برقرار رهي نہ سگهي. اهو ايئن آهي ڄڻ صاف ۽ سُٺي کيرَ جي اڌ سيرَ ۾ بہ سيرَ گندو پاڻي ملائي ڇڏجي. تازو سنڌ ايڊيوڪيشن ٽرسٽ پاران منعقد ڪرايل هڪ ليڪچر ۾ مون ادب ۽ ان پس منظر ۾ موجوده سنڌي ادب بابت پنهنجا ويچار سامهون آندا، تہ ڄڻ طوفان اُٿي کڙو ٿيو. عبدالقادر جوڻيجي جهڙي سينيئر اديب بہ ان راءِ سان سنجيده ۽ فضيلت ڀريو اختلاف رکڻ بدران اهڙي ”ٻولي“ ۾ جوابي ڪالم لکيو، جيڪا هن جهڙي سينيئر ماڻهوءَ کي تہ ڇا پر ڪنهن نئين سيکڙات ۽ جذباتي نوجوان کي بہ نہ سُونهين. سنڌ ۾ ڪنهن بنيادي اهميت جي موضوع تي سنجيدگيءَ سان لکڻ يا راءِ ڏيڻ جو مطلب آهي ڪاريهر تي پير رکڻ. ادب هجي يا سياست، جيڪي زندگيءَ جا بہ بنيادي اهيمت وارا شعبا آهن، اُنهن بابت هڪ عجيب ۽ ”هوائي“ ماحول پيدا

ڪيو ويو آهي. انهن بابت ڪنهن سنجيده راءِ ڏني ناهي، جو ”هوائي خبرون“ ڪرڻ وارن جي فوج جي پُڇ تي لَت اچي ويندي ۽ پوءِ اُن سنجيده بحث کي ايترو تہ ڇسپائيءَ جي سطح تي ڪٽي اچبو جو عقليءِ سنجيده ڳالهہ ڪرڻ هڪڙو مسئلو ٿي پوندو. شل نہ ڪو ماڻهو روايتي سوچ جي ڪنهن بہ ڏارا ۾ اسٽيٽسڪو کي ڏڪ هڻي. قلمڪار_مکين جو پورو مانارو مٿس پُون پُون ڪري چڙهي ويندو ۽ اهڙو تہ طوفانِ بدتميزي اُٿاريو ويندو جو ”پلئہ پايو سچ آچيندي لَڄ مران“ واري صورتحال ٿي پوندي.

هيءَ جيڪا مون سنڌ ۾ هڪ نئين سماجي ڪلچر متعارف ڪرائڻ جي ڳالهہ ڪئي، اِن جو مطلب بہ اهو آهي تہ سنڌ ۾ زندگيءَ جي هر شعبي بابت روايتي طور موجود Status_quo کي ٽُٽڻ گهرجي. صحتمند ۽ سنجيده بحث ٿيڻ گهرجن ۽ اِهي ڪنهن عقيده پرستيءَ ۽ ڳيجهو ذهنيت سان نہ پر تخليقي روين، عقليت پسنديءَ ۽ سنجيدگيءَ سان ٿيڻ گهرجن. هي جيڪي بہ دنيا ۾ علم، فن، سياست، سماجي ۽ اقتصادي نظام ۽ مجموعي طرح انساني سماج اُسريا، نسريا ۽ اڳتي وڌيا آهن، اِهي مربوط، منظم ۽ مضبوط ٿيا آهن تہ اُن جو سبب ئي خيالن جي ويڙهہ آهي. انسان جي سموريءَ تاريخ ۾ خيالن، قدرن ۽ سوچن جي مسلسل ۽ ڪڏهن بہ نہ ختم ٿيندڙ يعني دائمي ويڙهہ نہ هجي ها تہ نہ انسان جي تهذيب ايترو اُسري سگهي ها ۽ نہ مجموعي طور انساني سماج. مختلف ۽ اُبتڙ خيالن ۽ اُنهن جي ڏارائن جي ويڙهہ ۽ حادثن جي نتيجي ۾ ئي تاريخ جي شعور جو ڦيٿو اڳتي وڌندو رهيو آهي ۽ اڳتي وڌندو رهندو. خود ادب ۾ تنقيد کي بہ تخليق جيتري ئي حيثيت ڏني ويندي آهي. تنقيد جي علم ۽ فن کان سواءِ ادب مڪمل ٿي ئي نٿو سگهي. دنيا جا سمورا فلسفا خيالن جي ويڙهہ جو مظهر ئي تہ آهن. خود سياست سميت سموريون سماجي سائنسون تنقيد، اختلاف ۽ خيالن توڙي تصورن جي ويڙهہ کانسواءِ اڄوڪي هن اوڄ کي رسي سگهن ها ڇا؟ ان ڪري ئي مون اها ڳالهہ ڪئي تہ سنڌ ۾ هڪ نئون سماجي ڪلچر متعارف ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ تنقيد ۽ اختلاف کي معيوب ۽ هڪٻئي جي تذليل جو ذريعو نہ پر هڪ نهايت ضروري، سنجيده ۽ ذميوارانو ڪم سمجهڻ گهرجي. هڪ اهڙو سماج، جنهن جو هر فرد اندر ۾ پڃري رهيو هجي، جتي ماڻهو اندر ۾ نفرتن، مايوسين، حسرتن، اڻ ڇاتل ڇڙَ ۽ بيزاريءَ جا بارَ کنيو گهمن، جتي سخت ۽ Chronic سطح جي ذهني پس ماندگي هجي، اُتي ماڻهن کي ڇڏجي تہ پل ڳالهائين، بحث ڪن، هڪٻئي سان خيالن ۽ ويچارن جي ويڙهہ ڪن، بظاهر غلط، ڪمزور ۽ ڪچا ئي سهي، پر پنهنجا ويچار سامهون آڻين. يونان ڇو اڄ تائين دنيا ۾ ڏاهپ جي علامت بڻيل آهي؟ ان ڪري جو اُتي ماڻهو ڳالهائيندا هئا،

هڪٻئي سان سچ جي جستجوءَ لاءِ بحث ڪندا هئا. اسپين ۾ چو مسلمانن غير معمولي ترقي ڪئي؟ اُن ڪري جو صدين کان پوءِ ماڻهن ڳالهايو ۽ تاريخ جي طويل خاموشين جا بندَ ڀڳا. يورپ ۾ نئين سجاڳي تڏهن آئي جڏهن تلوارن سان وڙهڻ بجاءِ ماڻهن ڳالهايو ۽ تاريخ جي غير معمولي خيالن ۽ فڪرن جا پاڙ ۾ ٽڪراءَ ٿيا. اُن ڪري سنڌ ۾ هڪ نئون سماجي ڪلچر متعارف ٿيڻ گهرجي. شرط وري بہ اهو آهي تہ ان جا بنياد فضيلت، رواداريءَ ۽ عقليت پسنديءَ تي ٻڌل هجن.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 17 اپريل 1998

# اچو تہ وقت ڏانهن ذميوار ٿيون!

21هين صديءَ جي پهرين سال جو سِجُ اُلهي چڪو آهي. 20هين صديءَ جو آغاز بہ دنيا ۾ وڏين اُٿلن پٿلن، جنگين، تڪرارن جي تيز ٿيڻ ۽ دنيا جي نئين سِر سياسي ۽ فڪري حد بندين سان شروع ٿيو هو ۽ 21هين صديءَ جي پهرين سال جي واقعن جو وچور بہ اهڙوئي ڏَسُ ڏئي ٿو. گذريل ڏهاڪي جا سُتل سوال نيڻ مهٽي، جڻ هڪ وڏو چرڪ پري جاڳي پيا آهن. دنيا جي سياسي تڪرارن جي گرپ ۾ وڏو مانڌاڻ متل آهي. بظاهر گذريل سجو سال، سنڌ ۽ ننڍي کنڊ سميت سڄيءَ دنيا لاءِ وڏن بحرانن جو سال هو. متاچري نظر سان ڏسبو تہ گذريل سال دنيا ۾ رڳو بحران ئي بحران هئا، ڪوبہ اُتساهيندڙ عنصر وڏيءَ سگهہ سان اُڀري نہ سگهيو۔ پر تاريخ جي شعور جي اک سان ڏسبو تہ بحران رڳو تباهيون ۽ مايوسيون نہ آڻيندا آهن پر بحران سڏيءَ توڙي اڻ سڏيءَ ريت وڏين تبديلين جو سبب ۽ محرڪ پڻ بڻجندا آهن. گذريل سال جي صورتحال پل تہ بظاهر مايوس ڪندڙ هجي پر هڪڙي ڳالهہ ضرور اُتساهيندڙ آهي تہ دنيا ۾ سياسي، معاشي ۽ فڪري توازن ۽ حدبندين جو استيٽسڪو ضرور ٽُٽو آهي ۽ اها بظاهر بحراني ۽ مايوس ڪندڙ صورتحال ڪنهن وڏي عالمي تبديليءَ جو پيش خيمو بہ بڻجي سگهي ٿي.

سنڌي سماج دنيا جو هڪڙو بيحد پُٺتي پيل، ڪُنداڻتو ۽ غلامين جي انيڪ تهن هيٺ دٻيل سماج آهي، ان ڪري اهو پنهنجي هاٺوڪي حالت ۾ دنيا تي تبديلين جي حوالي سان اثرانداز ٿي سگهندو يا نہ۔ اهو هڪ وڏو سوال آهي پر اسان پنهنجي باري ۾ تہ البتہ ضرور سوچ ويچار ۽ رٿابندي ڪري سگهون ٿا. نئين سال کي سڄيءَ دنيا ۾ مختلف قومون، معاشرا، تهذيبون ۽ فرد مختلف نموني ملهائيندا رهيا آهن ۽ هيل بہ ملهائيندا. هونئن تہ نئين سال جو سوال ڪا بہ معنيٰ نہ

ٿو رکي. جيڪڏهن اهو رسمي طور ملهائجي يا پنهنجي چوڌاري خوشيءَ جي خودفريبيءَ جا ويهي جارَ اُٺجن. نئين سال جو سوال جيڪڏهن ڪا معنيٰ رکي ٿو يا رکي سگهي ٿو تہ اُها ئي ٿي سگهي ٿي تہ اسان پنهنجي اجتماعي ڪاميابين، ناڪامين جو حساب ڪتاب ڪريون ۽ وقت ڏانهن هڪ ذميوار رويو اختيار ڪرڻ جو بنياد وجهون. وقت کي صدين، سالن، مهينن، ڪلاڪن، سيڪنڊن ۽ هاڻي تہ تصوراتي ايڪاين (Imaginary Units) تائين بہ ورهايو ويو آهي، پر وقت ان ورهاست جو محتاج نہ آهي. ان جو واهڙ ڪائنات ۾ هميشہ کان وهندو رهيو آهي ۽ هميشہ وهندو رهندو. وقت جون بہ شاعريءَ جيان اڪيچار تشريحون ڪيون ويون آهن پر ان جي حتمي وصف اڄ تائين ڪوبہ بيان ڪري نہ سگهيو آهي. فزڪس وٽ ان جي پنهجي وصف آهي، فلسفي وٽ پنهنجي آهي ۽ تاريخ وٽ وقت جي معنيٰ ٻي آهي، پر هڪڙي ڳالهہ تي سڀ متفق آهن تہ وقت ڪائنات جي لڳاتار، مسلسل ۽ نہ بيهندڙ وِڪَ جو نالو آهي- مسلسل تبديليءَ جو نالو آهي. تبديلي- جيڪا زندگيءَ ۽ بقا جو واحد راز آهي ۽ نہ رڳو بقا جو راز آهي پر ڪائنات ۾ بقا آهي بہ فقط ۽ فقط تبديليءَ کي.

وقت کي جيڪڏهن تاريخ ۽ سماجي سائنس جي اک سان ڏسبو تہ اهو دراصل تبديليءَ جو ئي ٻيو نالو آهي ۽ هيستائين جي انساني تاريخ تي نظر ٻوڙائبي تہ قومن جي عروج ۽ زوال جا جتي ٻيا محرڪ ۽ سبب آهن، اُتي هڪ محرڪ اهو بہ آهي تہ انهن جا وقت ۽ تبديليءَ ڏانهن رويا ڪهڙا هئا.

سنڌ جي بقا، اوسر، آزاديءَ ۽ آڄپي توڙي قومي تعمير ( National Building) جي سوال ڏانهن بہ مختلف ماڻهن ۽ ڌارائن جي مختلف روِش آهي. ڪجهہ ماڻهن جو خيال ۽ رويو اهو آهي تہ چند ريشمي نعرا سنڌ کي سڀ ڪجهہ ڏئي سگهن ٿا. ڪن خود فريب خيالن جا مئخانا کولڻ ۾ وڃي پناهہ ورتي آهي. هڪڙن جهالتن جا توا پنهنجي منهن تي مکڻ بدران اهي بہ سنڌ جي نالي ۾ ڳچيءَ ۾ پاتا. هڪڙن دوستن جو خيال آهي تہ لطيف جي درگاهہ تي فقط راڳ ٻُڌڻ سان ۽ لطيف جي بارگاهہ ۾ حاضري ڀرڻ سان اهو دڳ وٺي سگهجي ٿو جيڪو سنڌ کي اڳتي وٺي وڃي سگهي ٿو. ڪن دوستن جو خيال اهو آهي تہ سنڌ جي تاريخي ماڳن تي وڃي ۽ پنهنجي تاريخي ڪردارن جي مزارن تي حاضري ڀري هڪ اتساهہ جي دنيا جو در کولي سگهجي ٿو. هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ڏانهن پنهنجي روِش هجي ٿي، پنهنجو خيال هجي ٿو ۽ ظاهر آهي تہ اهو اتساهہ بہ پنهنجي خيال جي دنيا مان وٺندو. آئون ذاتي طور سمجهان ٿو تہ اسان نئين سال جو آغاز پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائڻ سان ڪريون، پنهنجو احتساب ڪرڻ سان ڪريون، پنهنجو پاڻ سان مخاطب

ٽيڻ سان ڪريون. پاڻ کان سوال پڇڻ سان ڪريون ۽ ان جا پاڻ کان جواب وٺڻ سان ڪريون. پنٽي نهارڻ سان ڪريون. اڄوڪي حالت تي هڪ نهايت گهري نگاهه وجهڻ سان ڪريون ۽ آئيندي جي اڏاوت لاءِ پنهنجي اندر ۾ سنجيدگيءَ جي پهرين سِرَ رکڻ سان ڪريون. اسان نئين سال جو آغاز وڏي گوڙ ۽ گهمسان ۾ به ڪري سگهون ٿا ۽ اسان ان جو آغاز خود ڪلاميءَ جهڙي گهري خاموش گهڙيءَ سان به ڪري سگهون ٿا. خود ڪلاميءَ جي اُها گهڙي جيڪا اسان کي احساس ڏياري- پنهنجيءَ ذات کان سنڌ تائين ۽ سنڌ کان سڄي سنسار تائين. جو وقت تبديليءَ ۽ لڳاتار تبديليءَ جو نالو آهي ۽ ان جو جشن ماڻهو ان جي اونهي احساس سان به ملهائي سگهي ٿو.

آئون سنڌ جي حوالي سان وڏي غور ويچار کانپوءِ ان نتيجي تي پهتو آهيان ته سنڌ کي آزاد، خوشحال ۽ سگهارو ڏسڻ جي هتي خواهش ته موجود آهي پر ان لاءِ اُها گهربل رِوش موجود نه آهي. سنڌ جو اُٿاهه درد رکندڙ ماڻهو به موجود آهن پر مجموعي طور اُها رِوش موجود نه آهي، جيڪا قومن جون تقديرون بدلائڻ جي سگهه رکندي آهي. اڄوڪي سنڌ کي فقط ماءُ جو پيار نه گهرجي، ان سان گڏ هن کي ڪنڀار جا هٿ به گهرجن، لوهار جي سنداڻ به گهرجي، هن کي شاعر جو گهرو احساس ۽ درد به گهرجي ۽ ڊاڪٽر جي بي رحمي به گهرجي. سنڌ کي استاد جمن جا آلاپ ۽ انهن ۾ موجود سنڌ جي صدين جي درد جو احساس به گهرجي ۽ سنڌ کي فوجي ڊسيپلين جهڙو ضابطو به گهرجي. سنڌ کي صوفيءَ جي پنهنجي ذات جي نفيءَ واري نظر به گهرجي ته ان کي دنيا جو جديد ترين منظم شعور ۽ تيز رفتاري ٽڪڙي وِک به گهرجي. سنڌ کي ساڳئي وقت صدين تي محيط مُدي خارج تصورن، روين ۽ قدرن جون اوچيون ديوارون ڊاهيندڙ رويا به کپن ته ان کي هڪ جديد ترين شهري سماج ٺاهيندڙ تصور به کپن ۽ رڳو تصور نه پر عملي رويا. ان لاءِ هر قسم جي سيڙپ ۽ ماڻهو به کپن.

منهنجو پختو ويساهه آهي ته سنڌ کي رڳو محبت نه گهرجي، سنڌ کي اٿاهه نفرت به گهرجي- غلامين جي انهن سمورن دائرن کان، جن ۾ اُها صدين کان لاٽونءَ جيان ڦري رهي آهي. مطلب ته سنڌ کي رڳو ”روزا ۽ نمازون“ ئي نه پر اهو ٻيو ڪو ”فهم“ به گهرجي، جنهن سان پرين پَسبا آهن.

جيتوڻيڪ بظاهر هيءَ دنيا اها ئي ساڳي دنيا آهي، جيڪا هزارين ۽ لکين سالن کان ۽ ان کان به گهڻو اڳتي هلندي اچي، پر هڪڙي نئين ڳالهه اها ضرور آهي ته تاريخ ۾ قومن جي اڳتي وڌڻ توڙي چٽاڀيٽيءَ جي ڊوڙ ۾ پُٺتي رهجي وڃڻ جي رفتار اڳ جي ڀيٽ ۾ تمام گهڻو تيز ٿي وئي آهي ۽ اها ڏينهون ڏينهن اڃان تيز ٿي رهي آهي. اڳي جن قومن

۾ اڳتي وڌڻ جو افعال هوندو هو. اهي به آهستي آهستي اڳتي وڌنديون هيون ۽ جن جا لَڇڻ پوئتي وڃڻ جا هوندا هئا، اهي به تاريخ ۾ گهلجي گهلجي پوءِ آخر ٽڏو ساهه پرينديون هيون پر هاڻي تاريخ ۾ تبديليءَ جي رفتار تيز ٿي چڪي آهي. هاڻي جن قومن ۾ آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ سان رهڻ جا جيترا وڌيڪ گُڻ ۽ سماجي، سياسي ۽ معاشي افغال هوندا، اُهي تيزيءَ سان اڳتي وڌنديون، جن جا رويا ترقيءَ ڏانهن مائل ۽ تيز رفتار هوندا، اهي سمورا بند پيچي اڳتي وڌنديون ۽ ساڳئي وقت جن جا افعال پوئتي وڃڻ، ٻڌڻ ۽ غلامين توڙي پسماندگيءَ جي دائرن جي اسٽيٽسڪو ۾ رهڻ جا هوندا، اُنهيءَ کي ڪوبه بچائي نه سگهندو. سنڌي سماج به هن وقت اڳتي وڌڻ ۽ پوئتي ڏِڪجڻ جي سمورن امڪانن جي چؤواٽي تي بيٺو آهي. اسان جي قومي صورتحال بنهه مايوسيءَ واري به نه آهي جو ماڻهو سڄو ڏينهن پنهنجي تباهيءَ جا ڍنڍورا پِٽيندو وتي ۽ صورتحال ڪا اهڙي اُتساهيندڙ به نه آهي جو ماڻهو ماڳهين غير ذميوار ٿي وڃي. ان ڪري آئون سمجهان ٿو ته نئون سال وقت جي احساس ۽ تبديليءَ جو سنيهو ڪري ملهائجي ته ان کان وڌيڪ بهتر ڪو طريقو ٿي نه ٿو سگهي، نئين سال کي پيٽا ڏيڻ جو. اسان هوا ۾ لٽين هڻڻ واري قومپرستيءَ يا وطن دوستيءَ جي تصور ۾ زمانا گذاري ڇڏيا. هاڻي هڪڙي عملي قوميت ۽ وطن دوستيءَ جو دؤر شروع ٿيڻ گهرجي. سنڌ جي قومي اڏاوت لاءِ اسان کي سڀ ڪجهه گهرجي. "سِرون" ۽ "سيمينٽ" به گهرجي ته "پاڻي" ۽ "لوهه" به گهرجي. ان لاءِ "رنگ روپ" به گهرجن ته "در دريون" به گهرجن. ان لاءِ "انجنيئر" جو دماغ ۽ تخليقي تصور به گهرجي ته پورهيو ۽ پورهيت جو پگهر به گهرجي ۽ سڀ کان وڌي ڳالهه ته اُها اون ۽ ڪمٽمينٽ به گهرجي، جيڪا خالي ميدان تي وکريل سيمنٽ، سرن، لوهه، پاڻي، ڪاٺ ۽ رنگن مان هڪ عاليشان عمارت کي تخليق ڪندي آهي.

اسين بحيثيت هڪ قوم ۽ سماج جي وقت ڏانهن انتهائي غير ذميوار ماڻهن جو غير منظم انبوهه آهيون. هن دؤر ۾ وقت ۽ تبديليءَ جي سوال ڏانهن غير ذميوار ۽ غير منظم ماڻهن جا انبوهه جديد، آزاد، خودمختيار ۽ ترقي يافته قومن ۾ تبديل ٿي نه ٿا سگهن. اسان ڇڙواڳين ۽ لاپرواهين جا مزا ته زمانن کان ماڻيندا رهيا آهيون پر اسان کي هاڻي پنهنجو پاڻ تي لاڳو ڪيل ضابطن ۽ ذميوارين جا مزا ماڻڻ ڏانهن به مائل ٿيڻو پوندو. نئين سال جو سِڄُ جيڪڏهن پنهنجي جمود ۽ تبديليءَ جي امڪان جي گهري احساس جو عنوان نه ٿو بڻجي ته پوءِ اهو هڪ خودفريب روُشني جي هُلَ ۽ هڪ پَلَ کان سواءِ ٻي ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو! آزاد، باوقار، خوشحال ۽ زندگيءَ جو سڀ طرفو لطف ماڻي سگهندڙ قومون پل ته نئين سال جي آجيان هڪ وڏي ۽ بيپرواهه ٺهڪ سان ڪن، پر سنڌ جهڙي غلامن جي غلام قوم، سخت پس مانده، پل پل محتاجين ۽ محرومين ۾ گذاريندڙ قوم اها عياشي شايد خودفريبيءَ جي حد تائين به افورڊ نه ٿي ڪري سگهي.

جنهن ديس جا لکين ٻار پرهه ڦُٽيءَ وقت وهنجي سهنجي ڪتاب ڪڇ ۾ ڪٽي اسڪول وڃڻ بدران جسماني پورهيي لاءِ سنبرندا هجن. جنهن ديس ۾ جواني باغِ عدن جو ميوو هجي، جتي محبت ڪرڻ گناهه هجي، جتي ماڻهن جي اڪثريت جيئندي ئي موت جي انتظار لاءِ آهي، جتي نئين ڏينهن. سال توڙي صديءَ جو سج ماڻهن لاءِ ڪي به اُتساهيندڙ سنيها نه آڻيندو هجي، جتي پوڙهيون مائرون پنهنجي جوان ٿي ويل پُٽن هٿان ڪاريون ٿي ماريون ويندريون هجن. جتي ماڻهو آجپو آپگهات ۾ ڳوليندا هجن. سڀ کان وڏي ڳالهه ته جنهن قوم جو درياهه چورائجي ويو هجي ۽ ٻيا سڀ ٽپڙ چورائجڻ جا سانباها هجن. جتي قوم پنهنجن وسيلن جي مالڪ پاڻ نه هجي، جتي هاڻي سُٺي تعليم حق نه پر رعايت هجي- جتي اڪثريتي عوام ان احساس کان ئي بي نياز هجي ته نئين ۽ پراڻي سال جي اُپرندڙ سِجَ ۾ ڪهڙو فرق ٿيندو آهي- ڇا ان ديس ۾ نئين سال جو جشن واقعي ايئن ملهائي سگهجي ٿو جيئن پيرس، بون، لنڊن ۽ واشنگٽن ۾ ملهايو ويندو آهي؟

نئين سال جي آجيان اسان جو شاگرد اهو احساس رکڻ سان ڪري سگهي ٿو ته هن جي پورهيت ماءُ پيءُ ۽ غلام ديس جي آئيندي جو سهارو هُو ئي آهي ۽ هُو اهو بار فقط بهتر شاگرد ٿيڻ سان ئي نڀائي سگهي ٿو. نيئن سال جي آجيان اسان جو استاد علم، تعليم ۽ پنهنجي پيشي سان ڪمٽمينٽ سان ڪري سگهي ٿو. نئين سال جي آجيان هن ديس جي جواني مٿس مڙهيل مُدي خارج قدرن جي نفي ڪندي محبت جي گناهه سان ڪري سگهي ٿي. نئين سال جي آجيان هن ديس جو قلمڪار هوا ۾ لنيون هڻڻ بدران پنهنجي ڪردار جو تعين ڪرڻ سان به ڪري سگهي ٿو ۽ قوم جو سچو پچو قومي ۽ سياسي ڪارڪن پنهنجي ضمير ۽ ڌرتيءَ سان اٿاهه ارپنا ۽ بي لوث وابستگيءَ جي واعدي سان به ڪري سگهي ٿو. نئين سال جي آجيان هڪ شاعر پنهنجي دؤر جو سُتل ضمير جاڳائيندڙ ڪو گيت يا نظم لکي به ڪري سگهي ٿو. نئين سال جي آجيان هيءَ قوم پنهنجي آزاد، باوقار ۽ بيحد خوشحال ۽ محفوظ آئيندي سان اٿاهه محبت سان به ڪري سگهي ٿي ۽ پنهنجي وجود، آجپي، اُميد ۽ خوشحاليءَ جي سمورين ويري قوتن سان اٿاهه نفرت سان به ڪري سگهي ٿي. نئين سال جي آجيان هيءَ قوم فنا نه ٿيڻ جي تاريخي وچن سان به ڪري سگهي ٿي ۽ لطيف جي تصورن جي ترجماني ڪندڙ هڪ جديد ترين ۽ حُسناڪ عالمي انساني سماج ۾ تبديل ٿيڻ جي فيصلي سان به ڪري سگهي ٿي- پر اهو سڀ تڏهن ۽ فقط تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن وقت جا رسمي جشن ملهائڻ بدران اسان هڪ قوم ۽ سماج جي حيثيت ۾ ان ڏانهن ذميوار ٿينداسين.

---

روزاني "عبرت" حيدرآباد، 1 جنوري 2002ع

# سماج جا سمورا باشعور فرد
# هن رويي جو نوٽيس وٺن!

ڪجهه سنڌي اخبارن جي 14 آڪٽوبر جي اشاعت ۾ هڪ بظاهر ننيڙي پر نهايت اهم خبر آئي آهي، جنهن جو سخت نوٽيس وٺڻ گهرجي. خبر موجب: "جي يو آءِ سنڌ جي نائب امير مولانا عبدالغفور قاسمي، مولانا غلام محمد سومرو، مولانا صالح الحداد، مفتي خليل عمراڻي، مولانا محمد ڪتي، فضل الله قاضي ۽ ٻين هڪ بيان ۾ سجاول شهر ۾ 21 آڪٽوبر تي رٿيل ميوزيڪل نائيٽ واري پروگرام کي غير شرعي سڏيندي اعلان ڪيو ته اهو پروگرام ٿيڻ نه ڏنو ويندو....."

ڇا هيءُ اهو ملڪ ۽ ان ملڪ جو معاشرو آهي، جنهن جي باني محمد علي جناح ورجائي ورجائي چيو هو ته پاڪستان هڪ ٿيوڪريٽڪ اسٽيٽ (مذهبي/مُلاشاهي رياست) هرگز نه هوندو پر اهو هڪ سيڪيولر ملڪ هوندو ۽ ڇا هيءُ اها سنڌ آهي، جتي صدين بلڪ هزارن سالن کان راڳ ۽ فن، ماڻهن جي روح ۾ رچيل رهيو آهي - ۽ ڇا هيءُ اها ئي سنڌ آهي ۽ سجاول انهيءَ سنڌ جو شهر آهي، جنهن جي پنج هزار سالن جي پراڻن عظيم تهذيبي آثارن مان به ناچڻيءَ (Dancing Girl) جي مورتي نڪتي هئي؟ اڄ انهيءَ سجاول شهر ۾ راڳ جي رهاڻ کي غير شرعي ڪوٺي، ان کي فتوائن سان روڪڻ جي ڪوشش پئي ڪئي وڃي.

هڪ ملڪ، جنهن ۾ اڳي ئي ماڻهن جي زندگي حرام هجي، ماڻهن کان خوش ٿيڻ جا سڀ جواز سبب ۽ محرڪ کسيا ويا هجن، جتي ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ تي اعتبار سلامت نه رهيو هجي، ڏرتيءَ کان ويڳاڻا ماڻهو آسمانن ڏانهن نهارڻ جو ساهس به نه ساري سگهندا هجن، جتي نوجوان مستقبل جا حَسين خواب لهڻ بدران خودڪشين

جا خواب لهندا هجن. اُتي جيڪڏهن سجاول جا شهري ڪنهن روح کي راحت بخشيندڙ راڳ جي رهاڻ ۾ خوشين جون خود فريبيون ڪرڻ جهڙا جواز پيدا ڪن ٿا ته اسلام خطري ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ ماڻهن جو خوش ٿيڻ ۽ راڳ جي لئه ته جهومڻ جو حق ”غير شرعي“ بڻجي وڃي ٿو. ڪهڙو اسلام؟ اسلام ته هڪ انسان دوست مذهب آهي. ماڻهن جي بنيادي انساني حقن جي تحفظ جي ضمانت جي ڳالهه ڪري ٿو. رڳو آخرت جا سبز باغ نٿو ڏيکاري. پر انسان کي هن دنيا ۾ به مڪمل ۽ پُرسڪون ٿي رهڻ جي تلقين ڪري ٿو. اهو اسلام جيڪو حقوق الله کان وڌيڪ حقوق العباد کي مقدس ۽ بنيادي سمجهي ٿو. ان اسلام جي نالي تي ماڻهن کان خوش ٿيڻ جو حق کسبو ته ڪهڙو معاشرو جنم وٺندو؟ صدين کان اسان جي سرشت ۾ راڳ ۽ رقص ويڙهل آهي. اسان جي مولوي صاحبان ۾ همت آهي. جو شاهه لطيف. بلها شاهه.وارث شاهه ۽ بابا فريد ۽ صوفين جي انهيءَ سموري سلسلي تي آڱر کڻي سگهن. جن جو وڏي ۾ وڏو هٿيار شاعري. موسيقي ۽ رقص هو؟ سڄي اسلامي دنيا جي پُٺتي رهڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب اهو آهي. جو صدين کان هر شيءِ کي غير شرعي ڪوٺي ان جي نفي ڪئي وئي آهي. اڄ اسين جن مسلمان سائنسدانن. فلسفين. رياضيدانن ۽ ڏاهن تي فخر ڪندي ٿڪجون نٿا. انهن سان ڪهڙيون نه عقوبتون ڪيون ويون ۽ سندن ڪهڙو ڪارنامو هو جنهن کي غير شرعي نه ڪوٺيو ويو؟ سائنس کي انهن ”غير شرعي“ قرار ڏنو ايجادن کي انهن غير شرعي قرار ڏنو رياضيءَ ۽ فلسفي کي انهن الحاد ۽ غير شرعي قرار ڏنو مطلب ته ڪهڙو فضيلت پريو ڪم هو جنهن کي اسان جي هر زماني جي مولوي صاحبان ”غير شرعي“ قرار نه ڏنو؟ ننڍي کنڊ ۾ ماڻهن کي انگريزي پڙهڻ نٿي ڏنائون. ڇو ته اها به سندن فتوائن موجب ”غير شرعي“ هئي. اهو ته ڀلو ٿئي سر سيد احمد خان جو جنهن انهيءَ جهالت جا پردا چاڪ ڪيا. پر ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي صديون پوئتي ڌڪڻ ۾ انهن ئي فتوائن جو عمل دخل هو. اڄ جڏهن دنيا هڪ جديد مهذب معاشري جي تعمير ڏانهن پئي وڌي. جتي انسان ته ڇا پر جانورن. جيتن ۽ ويندي ٻوٽن جا به بنيادي حق تسليم ڪيا پيا وڃن ۽ جتي دنيا جو سڀ کان مقدس Value انساني حقن جي احترام کي تسليم ڪيو وڃي. انهيءَ دور ۾ اسان جا عالم سڳورا ماڻهن کي هڪ راڳ رهاڻ منعقد ڪري چند گهڙيون روح کي راحت ڏيڻ جو حق ڏيڻ لاءِ به تيار ناهن. سڀ کان پهرين ڳالهه ته اهو حق ڪين ڏنو ڪنهن آهي؟ پاڪستان جي آئين ۾ ڪٿي لکيل آهي ته موسيقي غير شرعي آهي؟ ڪهڙي قانون ۾ اهو ذڪر ٿيل آهي؟ اسلام آباد ۾ وڏيون وڏيون محفلون منعقد ٿين ٿيون. جن ۾ خود عالم سڳورا به موجود هوندا آهن. لاهور. ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن

۾ هر روز وڏن وڏن هوٽلن ۾ محفلون منعقد ٿين ٿيون. ملڪ جي ٽي وي تي سڄو ڏينهن موسيقي هلي ٿي، باقي جيڪو ڏڪ سو ڪاٽي جي اک ۾ جي مصداق، جي سجاول جي شهرين ڪا ميوزيڪل نائيٽ منعقد ڪرڻ جو پروگرام رٿيو آهي ته اسلام خطري ۾ پئجي ويو آهي. ڇا اسلام تي رڳو مخصوص مذهبي گروهه جو ٺيڪو آهي؟ اسلام عام ماڻهن جو ناهي؟ منهنجي خيال ۾ هن روش جو سخت نوٽيس وٺڻ گهرجي. هڪ معاشرو جتي ماڻهو رڳو مصيبتن ۽ ڏکن جي آڙاهه ۾ سڙندا هجن، اتي خوشين جو سامان پيدا ڪندڙ ماڻهن کي ته همٿائڻ گهرجي. هيءُ رڳو سجاول جي شهرين جو مسئلو ناهي پر سول سوسائٽيءَ جي بقا جو سوال آهي. ڪيٿولڪ عيسائيت جي خلاف يورپ ۾ مذهبي اصلاح پسنديءَ جي تحريڪ ڇو هلي هئي؟ اتي ڇو مذهبي بغاوتون ٿيون هيون؟ سبب اهو ئي هو ته اُتي پادرين ماڻهن جو جيئڻ حرام ڪري ڇڏيو هو. هنن معاشري جا سڀ انساني، سماجي، سياسي، ثقافتي ۽ ذهني حق سلب ڪري ڇڏيا هئا. جنتن جا سرٽيفڪيٽ پادري پئسن تي ورهائيندا هئا. ماڻهو ڪپڙا ڪهڙا پائي؟ معاشري ۾ اُٿي ويهي ڪيئن؟ شادي ڪنهن سان ڪري؟ زندگي ڪيئن گذاري ۽ ڪهڙن مذهبي ضابطن هيٺ گذاري؟ انهن جي فيصلي جو اختيار فرد ۽ معاشري کي نه پر پادري ۽ پوپ کي هو. ماڻهو تعليم ڪهڙي حاصل ڪن، اهو حق فرد ۽ معاشري کي ته ڇا حڪومت کي به نه هو. اهو فيصلو به پادري ۽ پوپ جو استحقاق هو. ماڻهن جون زندگيون انهن پادرين ۽ پوپن زهر ڪري ڇڏيون هيون. نيٺ ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟ ماڻهو بغاوت تي لهي آيا، دنيا جا سڀ مذهب، نظريا، فڪر ۽ نظام انسان کي بهتر انسان بڻائڻ ۽ معاشري کي وڌيڪ ذميوار ۽ مهذب بڻائڻ لاءِ آهن، انهن کي جي عوام جي زندگي زهر ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو ته اهو سڀ غير فطري آهي.

اسان وٽ به ٿوري فرق سان ساڳي صورتحال جنم وٺي رهي آهي. سول سوسائٽيءَ کي انتهاپسند مذهبي، نسلي، گروهي، فرقي پرست روين کان سخت خطرو لاحق ٿي ويو آهي. اسلام کي خطرو موسيقيءَ جي محفل مان ناهي، پر انهن روين کان آهي، جيڪي فرد توڙي معاشرن جي فطري حقن جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجن ٿا. معاشري کي غير فطري حد تائين بند ڪبو ته ماڻهن جا ردعمل سمورا بند پڃي ٻاهر نڪري ايندا. سوويت يونين جي معاشري ۽ رياست جي ٽُٽڻ جا جتي ٻيا انيڪ سبب هئا، اُتي اهو به هڪ سبب هو ته سڄي معاشري کي بيورو ڪريٽ روين جي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو ويو. نتيجو ڇا نڪتو؟ هڪ عالمي سپر پاور سٽ سهي نه سگهيو. اسان جي مولوي صاحبان کي به سوچڻ گهرجي ته زمانو هاڻي نه رڳو بدلجي ويو آهي پر گهڻو ۽ تمام گهڻو اڳتي نڪري ويو آهي. هيءُ تاريخ جو قديم ۽ اونداهو

دؤر نہ پر گلوبل وليج جو دؤر آهي. دنيا ۾ هر شيءِ عالمي ٿي وئي آهي. شعبا، ادارا، قدر، سوچون، سماجي رويا، رابطا، اُنهن جا هڪٻئي تي اثر، معاشري ۾ اهڙي دؤر ۾ قديم اونداهي دؤر جون خبرون ڪبيون تہ نہ رڳو ماڻهو انهن کي قبول نہ ڪندا پر اسلام جو حقيقي روح بہ مجروح ٿيندو. دنيا ۾ اسلام جو تاثر بُريءَ طرح متاثر ٿيندو. ماڻهن کي جي خوشيون ڏيڻ توهان جي ايجنڊا تي ناهي تہ انهن کان خوشين جو سامان ۽ حق کسڻ جو حق بہ توهان کي ڏئي نٿو سگهجي. اڄوڪي دؤر ۾ اسلام جي انسان دوست جوهر کي وڌيڪ واضح ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ ماڻهو قبول بہ اُهو اسلام ڪندا، جيڪو حقيقي هوندو، انسان دوست هوندو، فرد ۽ معاشري جي جائز انساني، سماجي، ثقافتي ۽ سياسي توڙي فڪري حقن جي ضمانت ڏيندو. هيءُ ڪهڙو رويو آهي تہ چار ماڻهو گڏجي راڳ رهاڻ ڪن تہ اهو عمل غير شرعي آهي ۽ اسلام خطري ۾ پئجي ٿو وڃي. اسلام رڳو مذهبي جماعتن ۽ مولوي صاحبان جو ناهي، اهو عوام جو بہ آهي. عيسي، موسي، خميسي جو بہ آهي ۽ ڪنهن کي ڪهڙو حق آهي تہ جنهن دين کي سڄي انسانيت جو دين سڏيو ويو آهي، ان تي رڳو مذهبي گروهن جو تسلط قائم ڪيو وڃي.

هيءُ ملڪ تڏهن ئي فضيلت سان هلي سگهندو جڏهن ان ۾ عوام جا جائز حق ڪنهن بہ نالي ۾ دٻايا، ڦٻايا ۽ سلب نہ ڪيا ويندا. محمد علي جناح اهو ڪونہ چيو هو تہ هيءُ ملڪ ٿيوڪريٽڪ رياست هوندو. محمد علي جناح واضح چيو هو تہ پاڪستان هڪ سيڪيولر ملڪ هوندو جتي مذهبي فرق کان قطع نظر هر آبادي ۽ سموري عوام کي سمورا انساني حق حاصل هوندا ۽ سنڌ تہ ويتر صوفين جي سرزمين رهي آهي. هيءُ ڀٽائيءَ جو ديس آهي، جنهن جي هٽ ۾ سدائين تنبورو هوندو هو. ڇا مولوي صاحبان، ڀٽائيءَ جي درگاهہ تي هر هفتي ٿيندڙ راڳ کي روڪي سگهن ٿا؟ ڇا سچل سرمست جي سرمستيءَ کي غير شرعي ڪوٺڻ جي ڪنهن ۾ همت آهي؟ ان ڪري سول سوسائٽيءَ طرفان اهو حق ڪنهن کي بہ ڏئي نہ ٿو سگهجي، تہ اهو ڪنهن بہ نالي ۽ نعري جي آڙ ۾ عوام جا بنيادي انساني حق سلب ڪري.

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، سومر 16 آڪٽوبر 2000ع

# وري اوندهہ روشنيءَ سان اُلجهڻ لڳي!

گذريل ڪالم ۾ مون هلندي هلندي هڪڙي تمام وڏي موضوع جي تلاءَ ۾ پٿر اُڇلايو هو ۽ بظاهر ڇڻ تہ اهو غير محسوس طريقي سان ڪيو هو. پر حقيقت ۾ مون اهو ڄاڻي ٻُجهي ايئن ڪيو هو. مون چاهيو ٿي تہ پهرين ان موضوع جي بيٺل تلاءَ ۾ پٿر اُڇلائي ڪجهہ جنبش پيدا ڪجي ۽ پوءِ ان جو ”سير“ ڪجي. اهو موضوع هو ”عقليت پسندي“ جي رويو جو. مان چاهيان ٿو تہ ان بابت ٿورو تفصيل سان ڳالهہ ٻولهہ ڪجي. اهو موضوع اسان لاءِ هاڻي ان ڪري بہ وڏيڪ اهميت رکي ٿو جو هڪ طرف سماج ۾ مذهبي جنونيت کي هوا ڏئي ڀڙڪايو ۽ اُڀاريو پيو وڃي، تہ ٻئي طرف معاشري جي ”بظاهر“ پڙهيل ڳڙهيل حلقن ۾ فڪري بدحواسي ۽ وائڙائپ جو فيشن وڌي رهيو آهي. هڪڙا حلقا ان بدحواسيءَ کي Justify (حقي واجبي قرار ڏيڻ) ڪرڻ لاءِ نام نهاد ”عالمي فڪري بحران“ جي نالي ۾ عذر پيش ڪري رهيا آهن تہ ٻيا وري ٺلهي رومانويت جي بنياد تي شعوري يا لاشعوري طور ايئن ڪري رهيا آهن. مقصد ۽ مطلب ٻنهي جو ساڳيو آهي، تہ ماڻهن کي وائڙو ۽ بتال ڪري سندن وڏي ۾ وڏي سماجي هٿيار يعني عقل ۽ شعور کي جڏو مُڏو ۽ بي اثر بڻائجي. انسان ڪائنات جي سڀني کان وڌيڪ حَسين، زندهہ ٻهڪندڙ متحرڪ ۽ لطيف هستي آهي ۽ سندس ان سموريءَ عظمت جو راز سندس عقل، ادراڪ، استبداد توڙي استدلال جي همہ گير صلاحيت آهي. انسان باقي سموري ڪائنات جي هر منظر ۽ وجود کان جيڪڏهن عظيم آهي تہ اهو فقط ۽ فقط پنهنجي شعور جي ڪري آهي. اڄوڪي زماني ۾ ان بظاهر سادي ۽ واضح حقيقت کي سمجهڻ ۽ قبولڻ لاءِ بہ انسان کي سوين صدين جو سفر طئي ڪرڻو پيو آهي ۽ خود اهو سفر ڪو سؤلو ۽ سادو نہ هو. هزارين ۽ لکين ڏاهن انسانن جي لوچ ۽ قربانين کان پوءِ اڄ وڃي انسان پنهنجي ان عظمت کي ڄاتو آهي پر پوءِ بہ اهو پوريءَ طرح جهالتن کان

پنهنجي جند آجي نہ ڪرائي سگهيو آهي. جڏهن انسان کي پنهنجي عقل ۽ شعور جي عظمت جو احساس ۽ ادراڪ نہ هو تڏهن هن لاءِ وهم، ڏند ڪٿائون، انڌا ويساهہ ۽ مافوق الفطرت ڳالهيون ۽ وجود ئي سڀ ڪجهہ هئا. انهن جهالتن جو انسانذات مٿان ذهني تسلط Status_quo (موجود سدا موجود) بقرار رکڻ لاءِ وري پادرين، بشپن، مُلن، ڀاون اهي فتوائون ڏنيون تہ ان "اوهام پرستي" تي عقلي طرح غور ڪرڻ دراصل "ڪفر" آهي. روشني نہ تہ اوندهہ کان ڊڄندي آهي ۽ نہ ان جي محتاج هوندي آهي، ان ڪري گڏوگڏ ان جو سفر بہ جاري رهيو. روشنيءَ مان منهنجي مراد "سائنس" آهي، جنهن جي سڄي عمارت جو بنياد خالص ۽ خالص عقل، مشاهدي ۽ تجربي تي رکيل آهي. جيتوڻيڪ "سائنس" بظاهر ڪُليل نموني اوهام پرستيءَ سان ڪو وڏو ٽڪر نہ کاڌو پر غير محسوس طريقي سان ۽ آهستي آهستي ان جا بنياد پنهنجين دريافتن، ايجادن ۽ خالص عقل جي بنياد تي واضح ڪيل اُصولن سان کوکلا ڪرڻ شروع ڪيا.

انسان جو وڏي ۾ وڏو سماجي هٿيار سندس شعور آهي ۽ اوهام پرستيءَ جو وار بہ ان تي هوءِ آهي. عوام جي قطعي گهڻائيءَ کي صدين کان حڪمران طبقن جو غلام بڻائڻ ۾ جنهن عنصر بنيادي ڪردار ادا ڪيو سا بہ اها جهالت هئي. اوهام پرستي انسان کان تخليقي سوچ ۽ تبديليءَ جو شعور کسي ورتو. مثال طور صدين جون صديون بشپن، پنڊتن، ڀاون توڙي پادرين انسانن کي ٻڌايو تہ "غربت" ڪنهن ناهموار ۽ ڦورو سماجي، اقتصادي توڙي سياسي سرشتي جي پيداوار نہ پر قدرت طرفان متعين ڪيل آهي. صدين تائين انسانن کي ٻڌايو ويو تہ قدرت جنهن تي مهرباني ٿئي ٿي، اُن کي امير بڻائي ٿي ۽ جنهن تي ڏمرجي ٿي، اُن کي غريب رکي ٿي. ڪنهن ڪائنہ اهو نہ پڇيو تہ ڀلا هيءَ جو عوام جي قطعي اڪثريت زمانن کان غربت جي چڪيءَ ۾ پئي پيڙهجي تہ آخر قدرت، اڪثريت ۽ پورهيو ڪندڙ عوام تي ڇو ٿي ڏمرجي؟ اها ظالم، ڦورو ۽ ڪوبہ پورهيو نہ ڪندڙ حڪمران طبقن تي ڇو نہ ٿي ڏمرجي؟ ايئن جي جزويات ۽ تفصيل ۾ وڃبو تہ معلوم ٿيندو تہ عوام جي صدين کان پسماندگيءَ توڙي حڪمران طبقن جي هر ننڍيءَ ۽ ڦُرلٽ کي ڪنهن نہ ڪنهن هٽ ٺوڪيي روحاني جواز تحت Justify انهيءَ اونداهہ جي سفيرن ئي پئي ڪيو آهي. مثال طور ان سوال تي غور ٿيڻ گهرجي تہ آخر دنيا ۾ هيءَ جيڪا اٿاهہ ۽ بي پناهہ ترقي ٿي آهي، اها آخر ويجهي ماضي يعني 16هين صديءَ کان پوءِ ئي ڇو ٿي آهي؟ هيترين سوين صدين کان ساڳيءَ ڌرتيءَ تي ساڳين وسلين سان انسان اها ساڳي ترقي ڇو نہ ڪري سگهيو هو؟ جواب بنهہ سؤلو آهي تہ بدقسمتيءَ سان تاريخ جو اهو طويل عرصو اوهام پرستيءَ جي انسان جي شعور مٿان اجاره داري رهي ۽ انسان جو عقل ۽ تخليقي شعور نہ گهڻو اُسري سگهيو ۽ نہ ڪو ڦل ڏئي سگهيو پر پندرهين صديءَ جي آخر ۽ سورهين صديءَ جي اوائلي تاريخ ۾ هڪڙو وڏو بريڪ ٿرو ( Break

(Through) (ٿوڙ) ٿيو ۽ اهو هو يورپ جي تنگ نظر ۽ رجعت پسند عيسائي سماج ۾ مذهبي سُڌارن جو اچڻ. اهو ئي سبب آهي جو 16هين صديءَ کي تاريخ ۾ ”مذهبي سڌارن“ (Reformation) جي صدي چيو وڃي ٿو. عيسائي سماج جيڪو صدين کان بشپن ۽ پادرين جي تسلط هيٺ هڪڙو معصوم ۽ مجبور معاشرو بڻجي ويو هو. ان کي مارٽن لوٿر ۽ ٻين جي انهن مذهبي سڌارن ڪاپاري ڌڪ هنيو. اهو تسلط ايترو ته ظالماڻو ۽ تنگ نظر هو جو هاڻي خود يورپ وارا ان کي ”اونداهي دؤر“ (Dark Age) جي نالي سان تعبير ڪن ٿا. جيتوڻيڪ ان تسلط خلاف 12هين صديءَ کان ئي وٺي هلڪو هلڪو چوٻول شروع ٿي ويو هو. پر 16هين صديءَ ۾ اهو خاص نهج تي پهچي نتيجه خيز ثابت ٿيو. انهن سڌارن جا ٻه نتيجا نڪتا. هڪ ته عيسائي معاشرو ”اوهام پرستيءَ“ جي بدترين شڪل ۽ تسلط کان ڪنهن حد تائين آجو ٿيو ۽ ٻيو ته عقليت پسنديءَ جو هيسيل ۽ دٻيل دٻيل رويو ڪجهه ڪر کڻڻ لڳو. انهن مذهبي سڌارن جو غير معمولي نتيجو اهو نڪتو جو دنيا جي سڀ کان پست حال ۽ گهٽيل معاشري منجهان ئي نئين سجاڳيءَ (Renaissance) جون اهي سگهاريون ۽ لڳاتار فڪري تحريڪون اُڀريون، جو اسان اڳ انهن جو تصور به نه ڪيو هو. 16هين صديءَ کان وٺي 19هين صديءَ تائين يورپ لڳاتار فڪري تحريڪن جي اُڀرڻ جو ڳڙهه رهيو ۽ اڄ سڄي دنيا ان دؤر جي حاصلات تي فخر ڪري ٿي، جو ان جو همه گير اثر رڳو يورپ تي نه پر سموري انسانذات ۽ عالمي معاشري تي پيو آهي. خود مهوريت، سيڪيولرازم، دنيا جو بهترين تخليقي ۽ فڪري ادب فلسفي، فلسفي جون انيڪ ڌارائون، سائنس جون عظيم دريافتون ۽ ايجادون، مصوَري، موسيقي ۽ جماليات جي تصور ۽ مزاج ۾ نواڻ، اِهي سڀ اُن دؤر جون حاصلات آهن ۽ اُن سڄيءَ ڳالهه جو راز اهو آهي ته عقليت پسنديءَ کي پير کوڙڻ جو موقعو مليو. جڏهن انڌن ويساهن ۽ عقيدن جي جاءِ عقل، دليل ۽ ڇنڊڇاڻ ۽ جستجوءَ ورتي ته انسان ذات جا وارا به نيارا ٿيڻ لڳا. فلسفي جي دنيا ۾ 18هين صديءَ کي ته سڏيو ئي وڃي ٿو ”Age of Reason“. جنهن جو مطلب اهو آهي ته عقليت پسنديءَ کي رڳو پير کوڙڻ لاءِ ”زمين“ ملي ته ٽن چئن صدين ۾ اهو ڪجهه حاصل ٿيو جيڪو انسان سوين صدين ۾ حاصل نه ڪري سگهيو هو. اُن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته اوهام پرستيءَ جا علمبردار انسانذات کي ڪيترو عرصو روڪيو ويٺا رهيا. پوءِ چاهي اهي ڪهڙي به دؤر ۾ ڪهڙيءَ به قوم، ملڪ ۽ معاشري جا هجن. خود سائنس کي آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو تڏهن مليو جڏهن وهمن جي جاءِ تي عقليت پسنديءَ جو دؤر آيو. نه ته اڳوڻن زمانن ۾ سائنسدانن سان جيڪي عقوبتون ڪيون ويندڙيون هيون، اُنهن جو اڄ تصور به نٿو ڪري سگهجي. ڇو ته هر سائنسي دريافت، ايجاد ۽ قانون ڪنهن نه ڪنهن عقيدي جي ڪوڙي طلسم کي ٽوڙي ٿي ۽ جهالت جي اونداهين مان ڇمڙا اُٿي کڙا ٿي ٿيا، جو سندن ”پڇ“ تي لت ٿي آئي.

بدقسمتيءَ سان اسان هن 20هين صديءَ جي آخري ڏهاڪي ۾ بہ هڪ اهڙي معاشري ۾ رهون ٿا، جيڪو اجا تائين سماجي سطح تي اوهام پرستيءَ جي تسلط مان جند ڇڏائي نہ سگهيو آهي. وهمن وِسوِسن ۽ فرسوده عقيدن جون جڙون اجا بہ اسان کي نہ رڳو ڇهڻيل آهن، پر اُهي پنهنجو حق سمجهن ٿيون تہ عوام کي ايئن ڇهڻيل ئي رهن. مٿان وري هن ملڪ جو رياستي ڍانچو ۽ مزاج اهڙو آهي، جو سندن من گهڻو وڏي ويو آهي. پنجاهہ ۽ سٺ جي ڏهاڪي ۾ هتي بہ اوهام پرستيءَ جي مقابلي ۾ عقليت پسنديءَ جا لاڙا متعارف ٿيڻ شروع ٿيا. سنڌ ۾ اهڙا روشن خيال عنصر اُڀري رهيا هئا، جن جي بنيادي تربيت 16هين صديءَ کان 19هين صديءَ جي اُن نئين سجاڳيءَ جي فڪر منجهان ٿي هئي، ۽ نتيجي ۾ اُنهن سنڌ ۾ بہ دنيا جي سڀ کان اڳتي وڌي ويل سائنسي شعور کي متعارف ڪرائڻ شروع ڪيو. سنڌ ۾ اُن نئين سجاڳيءَ جي سفر جو پهريون امين محمد ابراهيم جويو هو ۽ پوءِ تہ سنڌي سماج منجهان روشن خياليءَ جي هڪ زبردست لهر اُڀري. ظاهر آهي تہ روشني ايندي تہ اوندهہ ضرور پريشان ٿيندي. رجعت پسندن هڪ وڏي تحريڪ بڻجي اُن نئين ايندڙ فڪر جي تازي هوا ۽ روشنيءَ کي روڪڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي پر هوائن ۽ روشنين کي ڀلا ڪير روڪي سگهيو آهي؟ ادب ۽ علم جي ميدان تي محمد ابراهيم جويي، مولانا گرامي، رسول بخش پليجي، عثمان ڏيپلائي ۽ شيخ اياز جهڙن ماڻهن کين شڪستون ڏئي تاريخ جي ڊسٽ بن ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيو. پر هينئر جڏهن روس جي زوال کانپوءِ دنيا ۾ هڪ دفعو وري سرمائيداري حاوي ٿي آهي تہ سرمائيداريءَ انهيءَ اوهام پرستيءَ کي سڄيءَ دنيا ۾ اُڀارڻ شروع ڪيو آهي، جنهن کي شڪست بہ يورپ ۾ سرمائيدار بورجوا لبرل ازم ڏني هئي. پر هيءُ حڪمران طبقن جو جيڪو صدين جو موقعي پرستاڻو مزاج آهي، اهو هيتري جدت اختيار ڪرڻ باوجود بدلجي نہ سگهيو آهي. هينئر دنيا ۾ وڏي فڪري واڻژائپ کي ورائڻ جا سانباها پيا ٿين. ادب بہ اهو عظيم قرار ڏنو پيو وڃي، جيڪو اعليٰ ۽ گهري سائنسي شعور جي ترجماني نہ ڪري، پر ماڻهن کي واٽڙو ۽ بتال ڪري يا زندگيءَ جي بنيادي معاملن کان انسان کي لاتعلق ڪري. لازمي طور ان جا اثر سنڌ ۾ بہ پيا آهن. لاڙا ۽ نوعيتون ضرور مختلف آهن، پر بنيادي طور رجحان پس و پيش ساڳيو آهي. هڪڙو تہ اُگهاڙي اوهام پرستيءَ وري وڏي اڊمبر ۽ ڦهر وڇان ڳر ڪڻڻ شروع ڪيا آهن. 30، 40 سالن کان پوءِ وري سندن مٿل گهوڙي ۾ ساهہ پوڻ شروع ٿيو آهي ۽ ڇاڪاڻ تہ سندن بنيادي جهيڙو آهي ئي عقل، سائنسي علم، دليل ۽ مادي شعور سان، اُن ڪري سندن نشانو بہ اهڙا ماڻهو قدر ۽ رجحان آهن، جيڪي تاريخ، فطرت ۽ سماج جي مادي شعور جي ترجماني ڪن ٿا. تازو هڪ رسالي ۾ هڪ اهڙي ئي صاحب، طويل مضمون لکي پنهنجيءَ پر ۾ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌي سماج جي هن پست حاليءَ جو سبب سائنسي ۽ مادي فڪر جي ترويج آهي ۽ اُن سڄي "ڏوهہ" جو

ذميوار هن جويي صاحب کي قرار ڏئي ڪيس ”مجرم“ جي لقب سان مخاطب ڪيو آهي.
هن جديد سائنسي دؤر ۾ ايئن چوڻ تہ ڪو سائنس ۾ مادي شعور سان معاشرو پست حال ٿيندو آهي، بلڪل ايئن آهي جيئن ڪو چوي تہ روشنيءَ سان اونداهي ڦهلجندي آهي يا علم سان ماڻهو جاهل ٿيندو آهي. اهو ڪو نئون الزام ناهي. اوائلي زمانن کان ان مڪتبہ فڪر جا پرچارڪ اهڙيون ئي هوائي خبرون ڪندا اچن، جيئن چمڙن کي روشني پانءِ نہ پوندي آهي، جو اُهي روشنيءَ ۾ انڌا ٿي پوندا آهن، تيئن جهالتن جي هيراڪن کي بہ سچو علم (سائنس)، سمجهہ ۾ ساڃاهہ پانءِ نہ پوندي آهي. اُن ڪري فيض صاحب وانگر ”نہ اُن ڪي رسم نئي هي، نہ اپني ريت نئي“ اسان کي سنڌي سماج جي سائنسي بنيادن تي اڏاوت جو سفر جاري رکڻو آهي. جي رجعت پرست سمجهن ٿا تہ سندن هوائي خبرن ۾ هٿ ٺوڪين الزامن سان اسان معذرت خواهاڻو رويو اختيار ڪنداسين تہ اها سراسر ڀُل آهي. سو پرواهہ نہ آهي، هي وائڙائپ جو واءُ گهڻا ڏينهن جٽاءُ نہ ڪري سگهندو. شيخ اياز جهڙا ماڻهو پنهنجن ويساهن ۾ آدرشن تان هٿ کڻي وڃي چمڙن جي اونداهن ڏرن ۾ لڪا آهن تہ بہ خير جي ڳالهہ آهي. هر ايندڙ ڏينهن سائنس، عقل ۾ دليل جو آهي، اهو سفر جاري رهڻو آهي. اُن کي ڪو چاهي تہ بہ روڪي نہ ٿو سگهي. يورپ ۾ جڏهن ارڙهين صديءَ جي شروع ۾ ڊيڪارٽ، ڊيوڊ هيوم ۾ ڪانٽ عقليت پسنديءَ جي ڳالهہ ڪئي هئي تہ اُتي بہ ڪهرام مچي ويا هئا پر اهو سفر جاري رهيو ۾ ڏينهون ڏينهن بهتر ٿيو سڌريو ۾ سائنسيت سان سلهاڙجندو ويو. اڄ اُتي رجعت پسنديءَ جا اُهي علمبردار ڳولهيا نہ ٿا لڀن. ڊارون ارتقا جي ڳالهہ ڪئي تہ ڄڻ سڄيءَ دنيا جي جهالت پرستن جي پڇ تي لت اچي وئي. گليلو کي ڇا ڇا نہ ڇيو ويو پر اڄ هن جي عظمت انسان ذات لاءِ قابلِ تسليم آهي. سو ڀل تہ وقتي طرح بدحواسيءَ جو ماحول حاوي ٿي ويو هجي پر سائنس، سچ ۾ سونهن جو سفر جاري رهڻ گهرجي. اوندهہ روشنيءَ سان ڪيترو بہ اُلجهي اُها روشنيءَ جو رستو روڪي نہ ٿي سگهي. ڪنهن ڪيترو نہ سُنو ڇيو آهي تہ سموري دنيا جي اوندهہ گڏجي تہ بہ اُها روشنيءَ جي فقط هڪ ڪِرڻي کي ختم ڪري نہ ٿي سگهي، پر روشنيءَ جو هڪ ترورو بہ سڄيءَ دنيا جي اوندهہ ۾ ڏار وجهڻ لاءِ ڪافي آهي.

---

آچر 9 نومبر 1997ع، روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد

# ”ڪجھ نہ ڪريو“ پارٽيءَ جو فلسفو

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ اڪيچار سياسي پارٽيون آهن. ڪي ننڍيون تہ ڪي وڏيون. هر ڪنهن جو پنهنجو آئين، منشور، مقصد، پروگرام، ڪم جو ڍنگ ۽ مزاج آهي. مخصوص حالتن آهر ڪڏهن ڪنهن جي اهميت وڌيو وڃي تہ ڪڏهن ڪنهن جي. پارٽين جو ڪنهن بہ قوم يا معاشري ۾ نهڻ، ڊهڻ وري نهڻ ۽ وري ٽُٽڻ هڪ معمول جو افيئر آهي، پر سنڌ ۾ ڪجھ سالن کان هڪ تمام اهم پارٽيءَ چُپ چپات ۾ جنم ورتو آهي. بظاهر ان پارٽيءَ جو ڪو باضابطہ اعلان بہ نہ ٿيو آهي. بظاهر اُن پارٽيءَ جو ڪو جهنڊو، نعرو، تنظيم، منشور، آئين يا پروگرام بہ پڌرو نہ ٿيو آهي ۽ سڀ کان وڏي ڳالھ تہ اُن پارٽيءَ جي بظاهر ڪا اُپريل ليڊرشپ يا آفيس بہ نہ آهي. پر اُنهن سمورين ڳالهين باوجود جيڪڏهن گذريل چند سالن کان حقيقي معنيٰ ۾ ڪنهن پارٽيءَ ڪم ڪيو آهي يا بيحد سرگرم رهي آهي تہ اُها اِها ئي پارٽي آهي ۽ اُن جو نالو آهي ”ڪجھ نہ ڪريو پارٽي“. جيئن هر پارٽي مخصوص حالتن جي پيداوار هوندي آهي، تيئن هيءَ پارٽي بہ گذريل چند سالن ۾ سنڌ ۾ پيدا ٿيل بي يقينيت جي مخصوص حالتن جي پيداوار آهي. جنهن جو منشور ڪجھ نہ ڪرڻ، مايوسي ۽ بدحواسي ڦهلائڻ، ماڻهن ڪي هوائي ۽ توائي ڳالهيون ڪري وڌيڪ مُنجهائڻ، وائڙو بتال ۽ Frustrate ڪرڻ، هر ڳالھ جي نفي ڪرڻ، هر ڪم لاءِ بيزاري ۽ بُخل پيدا ڪرڻ، مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاءِ ماڻهن ڪي اُتساهڻ بدران ڪين فراريت جو شڪار بڻائي خودڪشيءَ لاءِ ترغيبون ڏيڻ، زندگيءَ ۽ سماج ۾ تِيسو ڪِروڌ ۽ ڪُپت پيدا ڪرڻ وغيره هن پارٽيءَ جا خاص ”نظرياتي“ بنياد آهن. ”ڪجھ نہ ڪريو“ هن پارٽيءَ جو خاص ”فلسفو“ آهي.

جيتوڻيڪ هر پارٽيءَ جو تنظيمي ڍانچو هوندو آهي، اُن ۾ نظم و ضبط سان گڏوگڏ اڳواڻن توڙي ڪارڪنن جو هڪ تاجي پيٽو هوندو آهي، جيڪي پاڻ ۾

لاڳاپي ۾ رهندا آهن پر هيءَ چاڪاڻ ته هڪ نرالي پارٽي آهي، اُن ڪري ان جي ڪم جو انداز ۽ ڍانچو به نرالو آهي. جيتوٽيڪ هن پارٽيءَ جا به ڪي مُهندار آهن، ته ڪي نهايت همہ جُهتي ڪارڪن آهن، جيڪي چوويهہ ڪلاڪ ڏنڌي سان لڳل آهن– يعني پنهنجي مٿي ذڪر ڪيل منشور جي ڦهلاءُ لاءِ سرگرمِ عمل آهن. هن پارٽيءَ ۾ يونيورسٽين جي ”اعليٰ تعليم يافته“ پروفيسرن کان وٺي ويندي ”چڱ وڏيل“ اديبن تائين، ”باخبر“ صحافين کان وٺي ويندي ”بي باڪ“ ڪالم نويسن تائين، مايوس اڳواڻن، ”قومي“ ۽ سياسي ڪارڪنن کان ويندي بيروزگار نوجوانن تائين، بخيل ۽ هر وقت سڄيءَ دنيا تي ڪاوڙيل تواڻي بازن کان وٺي ويندي هيئرڪٽنگ سيلون تي مفت ۾ هر ڳالهہ ھُلائيندڙ حجمن تائين سڀ ميمبر آهن. جيتوٽيڪ هن پارٽيءَ اندر چونڊ جو ”جمهوري“ سرشتو ڪونهي پر حقيقت ۾ هتي هر ڳالهہ يعني ”پارٽيءَ“ جي اڳواٽيءَ تائين پهچڻ جو بنياد فقط ۽ فقط ”ميرٽ“ آهي. ”ميرٽ“ جو سؤلو مطلب ٿيو ته جيڪو به ماڻهو ”ڪجهہ نہ ڪريو!“ جو ”پيغام“ جيترو گهڻو ۽ گهر گهر پهچائي سگهي. هڪ لحاظ کان هيءَ واحد پارٽي آهي، جنهن ۾ ”ميرٽ“ کانسواءِ ”اڳتي اچڻ“ جو ٻيو ڪوبہ رستو ناهي. ٻين لفظن ۾ اقرباپروري هن پارٽيءَ جو وَڙ ئي ناهي. ”مال“ تي ”مِنائي“ آهي. ”ڦشري بازي“ ۽ ”گلاخوريءَ“ ۾ هن پارٽيءَ جو ڪو جواب ناهي. جيئن ته هيءَ هڪ ”نظرياتي“ پارٽي آهي ۽ ان جا ”اڳواڻ“ توڙي ”ڪارڪن“ ”اُصولن“ تي سوديبازيءَ کي پنهنجو وَڙ نٿا سمجهن، اُن ڪري جيڪو ”عزم ۽ وَلولو“ هن پارٽيءَ جي همراهن ۾ آهي، اِهو اسان کي ٻئي ڪنهن هنڌ وِرلي نظر ايندو ۽ چاڪاڻ ته هن پارٽيءَ جو نيٽ ورڪ ۽ ”تنظيمي ڄار“ تمام ڳُوڙهو ۽ وسيع آهي، اُن ڪري جنهن جي پويان هيءَ پارٽي لڳي ۽ جي اِهو ”سلامت“ بچي ويو ته ڄڻ نئون ڄائو. ڪجهہ بہ ڪرڻ، پوءِ اُهو زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ هجي، اِهو هِن پارٽيءَ لاءِ سخت چِڙ ۽ ذري گهٽ گار مثل آهي. جيئن هن پارٽيءَ جا همراهہ اوهان کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ملي ويندا، اُن ڪري ڪنهن ماڻهوءَ ڪنهن سنجيده ڪم ۾ هٿ وڌو ناهي يا اهو سرگرم ٿيو ناهي، هيءَ پارٽي اُن خلاف ”روشنيءَ جي رفتار“ سان تحرڪ ۾ اچي ويندي ۽ جيسين اِهو همراهہ دل شڪستو ٿي ڪم مان هٿ نہ ڪڍي، پارٽي پنهنجن اُصولن تي سوديبازي نٿي ڪري سگهي. هر پارٽيءَ جو پنهنجو مزاج ۽ ڪلچر ٿئي ٿو ۽ ان لحاظ کان پارٽيءَ جي اڳواڻن توڙي ڪارڪنن جو ”نمونو“ بہ ان پٽاندڙ ٿئي ٿو. جيئن ڪو آتشي اکيون رکندڙ سنڌي ٽوپي پهريل، سينو ڪُليل ۽ ٻانهن جي مخصوص لوڏ سان ڌرتيءَ تي احسان ڪري هلي ته پڪ سمجهبو ته همراهہ ”قوم پرست“ ۽ ”سنڌ جو عاشق“ آهي. جيئن ڪو همراهہ ڪُٺل ڪُٺل، هوندي سوندي

بدافعالو ۾ پنهنجي پاڇي کي بہ ايجنسيءَ جو پاڇو سمجهي هلي تہ ڄاڻي وٺبو تہ همراھ ”ڪامريڊ“ آهي، جيئن ”جيالن“ جا پارَ پري کان پڌرا. تيئن هن پارٽيءَ جي همراهن کي بہ زبان مان پھرين اکر ڪيڻ شرط ۾ سندس چهري جي ريکائن مان ئي سمجهي وٺبو تہ همراھ توائي آهي. يعني جڏهن بہ ڪو توائي، پنهنجي بُت مان بيزار، سڄيءَ ڪائنات تي ڪاوڙيل، هر ڳالھ جي نفي ڪندڙ هر شيءِ مان رڳو وِڏون ڪيندڙ ازلي بيچين ۾ بخيل انسان ڏسو تہ پڪو ڄاڻُ تہ اهو همراھ ”ڪجھ نہ ڪريو پارٽيءَ“ جو ”ڪُل وقتي“ ڪارڪن آهي ۽ اِهو ڪارڪن ڪهڙي بہ شعبي ۾ ڪهڙيءَ بہ سطح تي ۽ ڪهڙي بہ منصب تي ۽ ڪهڙي بہ روپ ۾ ٿي سگهي ٿو. هن پارٽيءَ جا همراھ توهان کي گلاخوريءَ، ”ڦشري بازيءَ“ جي هر مرڪز تي ملي ويندا. يعني يونيورسٽيءَ جي ٽيچرس هاسٽلن کان ويندي چانھ جي ”ٻاڪڙا“ هوٽلن تائين، پريس ڪلبن کان وٺي ويندي اخباري آفيسن تائين، ريلن، بسن ۾ سوزوڪين کان ويندي بار ڪائونسلن تائين، اديبن جي ويھڪن کان ويندي، بيروزگار نوجوانن جي Frustrate ۾ آفيمي محفلن تائين، اخبارن جي ادارتي صفحن کان ويندي هر اُن جاءِ تي جتي چار ماڻهو گڏجي ويهن ٿا. وڏي ڳالھ تہ هن پارٽيءَ جا همراھ پنهنجو ”ڪم“ اهڙيءَ تہ معصوميت ۾ ساده دليءَ سان ڪندي نظر ايندا، جو ماڻهو پاڻئين تہ سندن ”سچائيءَ“ تي سِر گهورجي. جيئن جيئن معاشري ۾ وڃي ٿي غير يقينيت، فرسٽريشن ۾ بيوسي وڌندي، تيئن تيئن هيءَ پارٽي بہ وڃي ٿي زور وٺندي. ڏسڻ وارا ڏسن پيا تہ حالتون بدستور اهڙيون مايوس ڪندڙ رهيون ۾ هيءَ بي پاڙيءَ وَلِ جهڙي پارٽي ايئن وڌندي ۾ مقبول ٿيندي وئي تہ سنڌ کي ٻيو ڪو ٻاهريون دشمن رکڻ جي هرو ڀرو ضرورت ئي ڪانہ رهندي.

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد – 9 مئي 1998ع

# ”ڪجھ نہ ڪرڻ ڏبو“ پارٽيءَ جا بنيادي اُصول

گهڻا سال اڳ مون ڪاوش ۾ هڪ مضمون لکيو هو ”ڪجھ نہ ڪريو“ پارٽيءَ جو فلسفو جنهن جو تتُ هيءُ هو تہ سنڌ جي وڏي ۾ وڏي پارٽي ”ڪجھ نہ ڪريو پارٽي آهي“ جنهن جي بظاهر ڪا آفيس بہ نہ آهي، ان جو لکت ۾ ڪو آئين منشور بہ نہ آهي ۽ رسمي طور ان جا ڪارڪن بہ نہ آهن. پر جي غور ڪبو تہ زندگيءَ جي سمورن شعبن ۾ گهڻا نمائندا ان پارٽيءَ جا ملندا. جيڪي آهن بہ ان پارٽيءَ جا ڪُل- وقتي ڪارڪن. گذريل سڄو ڏهاڪو اها پارٽي سنڌ ۾ بيحد سرگرم رهي. ماڻهن کي سياست، ادب، اتساهہ، جدوجهد ۽ هر قسم جي اُميد پسند ڪم کان مايوس ڪرڻ ۽ چوويهہ ڪلاڪ مايوسي ڦهلائڻ ان ”پارٽيءَ“ جو ڪُل وقتي ڪم هو ۽ ان ۾ وسان نہ گهٽايو ويو.

سنڌ ۾ گهربل سطح جي تبديلي ڇو نہ ٿي اچي؟ ان ۾ جتي ٻاهريان ”سبب“ ذميوار آهن، اُتي اندروني سببن جي بہ بنهہ بنيادي حيثيت آهي. سماجي اينٿروپالاجي هڪ ايڊوانس سماجي سائنس آهي، جيڪا سماجي روين کي ترقيءَ توڙي زوال جو بنياد سمجهي ٿي. اڄڪلهہ تہ دنيا ۾ ڪلچر کي بہ سماجي روين جي روشنيءَ ۾ ڏٺو ۽ پرکيو ٿو وڃي. دنيا ۾ مختلف قومن، سماجن ۽ ثقافتن جي زوال جا اڀياس ٻين رخن سان گڏ ان بنياد تي بہ ٿي رهيا آهن. هڪڙي ڳالهہ طئي آهي تہ سماجي رويا سُٺا يا خراب، ايئن هرو ڀرو يا هوا ۾ ڪونہ جُڙندا آهن. اهي تاريخي پس منظر، لڳاتار هڪ جهڙين يا بدلجندڙ وٽندڙ توٽي اڻ وٽندڙ سماجي حالتن، معاشي سببن، محرڪن ۽ مفادن توڙي طبقن، قومن يا سماجن جي مجموعي ذهني سطح جي ”ڪيميائي عمل“ مان جُڙندا آهن. اسان وٽ اديبن ۽ دانشورن جو تہ خيرن سان ”جمِ غفير“ موجود آهي، پر سماجي سائنسدانن جي وڏي کوٽ آهي،

جيڪي فڪري تحقيق ذريعي نہ رڳو سماجي ۽ سياسي پيچيدگين جا سائنسي تجزيا ڪري سگهن پر انهن مان ٺوس ۽ درست نتيجا بہ ڪڍي سگهن تہ جيئن انهن جا حل نڪري سگهن.

جيتوڻيڪ قومن ۽ سماجن جا بہ گڏيل سماجي رويا هڪ جهڙا ٿين ٿا، پر بنيادي طور سماجي رويا طبقاتي ٿين ٿا. جو هر طبقو دراصل پنهنجي مخصوص طبقاتي سماجي دائرن ۾ رهي ٿو. سنڌ ۾ جيڪو طبقو يعني مڊل ڪلاس بظاهر تبديليءَ لاءِ گهڻا ٽپا ڏئي ٿو ان لاءِ منهنجي هڪ عرصي کان اها نهايت سوچيل سمجهيل راءِ آهي تہ اهو پنهنجي مزاج ۽ سوچ ۾ رجعت پسند آهي. اهو زباني طور ڳالهہ تبديليءَ جي ڪري ٿو ان جي خواهش بہ رکي ٿو پر ڪم عملي طور ان جي خلاف ڪري ٿو. هن جي سوچ مڊل ڪلاس هئڻ ڪري تبديليءَ جي آهي، پر هن جا ناجائز مفاد اسٽيٽسڪو سان وابستہ آهن ۽ اهو تضاد هن جو ڪوبہ واضح ڪردار طئي ڪرڻ نہ ٿو ڏئي، ان جي اهڙي ڪردار کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ ان جي سماجي روين تي غور ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ فرد هجي يا طبقو ۽ سماج اهو پنهنجيءَ سوچ ۽ مفادن جو اظهار شعوري يا لاشعوري طور سماجي روين جي صورت ۾ ڪري ٿو. ڊگهين غلامين ۽ لڳاتار محرومين جي ڪري قومون جيتوڻيڪ هڪ لحاظ کان سگهاريون بہ ٿين ٿيون پر گهڻي ڀاڱي اهي مختلف قسم جي سماجي بيمارين ۽ نفسياتي مونجهارن ۽ پيچيدگين جي ڏٻڻ ۾ ڦاسي پونديون آهن ۽ انهن مان جند ڇڏائڻ کان سواءِ اهي نہ اندروني توڙي ٻاهرين غلامين جا بند ڀڃي سگهنديون آهن ۽ نہ هڪ صحتمند سماج طور اڳتي وڌي سگهنديون آهن. سنڌ سان بہ تاريخي طور ايئن ٿيو آهي. اسان جو مڊل ڪلاس پنهنجو گڏيل ڪردار متعين ڪري نہ سگهڻ سبب جڏهن ٻين قوتن خلاف مزاحمت نہ ٿو ڪري سگهي تہ اهو پنهنجي طبقي اندر هڪ ٻئي خلاف سرگرم آهي. اسان وٽ مڊل ڪلاس ۾ گلاخوري، هڪٻئي کي نہ سهڻ، هڪٻئي جي ترقيءَ ۽ ڪاميابيءَ تي دل ۾ ارهو ٿيڻ، هڪٻئي جون پاڙون کوٽڻ، اهي سڀ ان جا نتيجا آهن. جيستائين سنڌي مڊل ڪلاس جو گڏيل طبقاتي ۽ قومي ڪردار نہ جُڙندو تيسين ان جا سماجي رويا اهڙا ئي رهندا. ڇاڪاڻ تہ تاريخي ۽ سماجي طور ان ۾ ٻين طبقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تحرڪ ۽ اڻ تڻ هجي ٿي، هاڻي جيڪڏهن ان کي گڏيل ڪردار ۽ ڪارج جو دڳ نہ ملندو تہ پوءِ اهو جيڪو ڪجهہ ڪندو، اهو سنڌ ۾ اسان ڏسي رهيا آهيون.

مون ان سڄيءَ صورتحال جو هڪ عرصي کان مشاهدي ذريعي ڳوڙهو اڀياس پئي ڪيو آهي ۽ ان جو سادن لفظن ۾ تتُ هيءُ آهي تہ سنڌي مڊل ڪلاس جي خواهش ترقي پسند ۽ عملي ڪردار رجعت پسند آهي. نتيجي ۾ ان جا عملي

سماجي رويا سنڌ ۾ تبديليءَ کي پيرَ ڪوڙڻ ئي نٿا ڏين. سنڌ ۾ ڪم نہ ڪندڙ ماڻهو اشراف آهي، پنهنجي دؤر جي فڪري ۽ سياسي تضادن ۽ تڪرارن کان شعوري طور پاسيرو رهندڙ ماڻهو جنهن کي عام ٻوليءَ ۾ غير تڪراري چيو وڃي ٿو۔ معتبر ماڻهو آهي. يعني جيڪو ماڻهو ڪو ڪم نہ ڪري، ڪک پيچي ڀيڻو نہ ڪري، پنهنجي دؤر جي فڪري ۽ سياسي تضادن مان ڪنهن پاسي نہ هجي، جنهن جي ڪا راءِ نہ هجي، جنهن جو ڪو اثرائتو ڪردار نہ هجي، اهو ٿيو سڀ کان اشراف ۽ پلو ماڻهو. اهي سڀ "ڪجھ نہ ڪريو پارٽيءَ" جا ماڻهو آهن. تضاد زندگيءَ، فطرت ۽ سماج جي وڏي حقيقت آهي. ان کان پاسيرو ماڻهو يا وائڙو ۽ بتال هوندو يا سورنهن آنا ڪمزور ۽ ٺڳ. زندگيءَ ۾ تضاد آهن، نظرين ۽ فلسفن ۾ تضاد آهن، احساسن ۽ جذبن ۾ تضاد آهن، قدرن ۽ مفادن ۾ تضاد آهن، اونداھ ۽ روشنيءَ ۾ تضاد آهي، سچ ۽ ڪوڙ ۾ تضاد آهي، محبت ۽ نفرت ۾ تضاد آهي، وقت ۾ تضاد آهي، موسمن ۾ تضاد آهي. مطلب تہ سماج ۽ فطرت تہ ڇا، سڄيءَ ڪائنات ۾ تضاد آهن. تضادن کان پاسيرو ۽ لاتعلق ڪير ٿو رهي سگهي؟ اهي بہ نہ ٿا رهي سگهن، جيڪي پاڻ کي غير جانبدار سمجهن ٿا. سنڌ ۾ جيڪو بہ ماڻهو ڪجھ نہ ٿو ڪري، اهو غير تڪراري آهي. اسان جهڙي ڪم نہ ڪندڙ سماج ۾ ڪو ماڻهو ڪم ڪري ۽ غير تڪراري هجي، اهو ممڪن نہ آهي. سنڌ ۾ هر اهو ماڻهو جيڪو ڪم ڪري ٿو، ان کي ان جو تجربو پليءَ پٽ هوندو. اسان جي سماج ۾ فقط مصلحت ۽ منافقت غير تڪراري ٿي سگهي ٿي. هاڻي اچو تہ انهن سماجي روين تي هڪ نظر وجهون، جيڪي تبديليءَ جي پيرن ۾ ونگ طور پيل آهن. مان انهن سماجي روين کي "ڪجھ نہ ڪرڻ ڏيو پارٽي" سڏيندو آهيان، اچو تہ انهن روين کي ٿورو پرکي ڏسون.

(1) سنڌ ۾ ڪهڙي بہ شعبي ۾ توهان ڪوبہ ڪم شروع ڪريو، ماڻهن جو پهريون رويو سامهون ايندو: "ادا، ٿيندو ڪجھ بہ ڪونہ!" اهو هڪڙو رويو ۽ بيان هزارين ۽ لکين معصوم ۽ سادن ماڻهن جو ان ڪم مان ويساھ ڪڍائڻ لاءِ بنيادي ڪم ڪندو تہ ادا ٿيندو ڪجھ بہ ڪونہ. هڪ سماج جتي هونئن ئي ڪم نہ ڪرڻ جو اسٽيٽسڪو قائم هجي، اتي تہ ماڻهن کي ڪجھ نہ ڪرڻ ۽ مايوس ٿيڻ لاءِ بس بهانو گهرجي. سنڌي ماڻهن کي هونئن بہ مايوسي ڳنڍ ٻڌل هوندي آهي. هر اهو ماڻهو جيڪو پاڻ نہ ڪجھ ڪري ٿو ۽ نہ ئي ٻئي کي ڪرڻ ڏئي ٿو، اهڙن ماڻهن لاءِ مايوسي ڪو فطري جذبو نہ پر اُصولي فيصلو ۽ پاليسيءَ جو معاملو هوندي آهي. هر شيءِ يا ڳالھ ۽ ڪم جا نتيجا هڪ ڊگهي ۽ لڳاتار Process کانپوءِ ئي ظاهر ٿيندا آهن. نتيجا اسان جي خواهشن جا محتاج بہ نہ هوندا آهن پر ڪنهن بہ ڪم

جي پهرين وِک تي اهو حتمي فيصلو ڏئي ڇڏڻ ته ”ٿيندو ڪجهه به ڪونه!“ معنيٰ عملي طور ماڻهن کي بي عمل ڪرڻ ۽ عمل تان سندن ويساهه کڻائڻ.

(2) هڪڙو ٻيو سماجي رويو اسان کي هر هنڌ نظر ايندو ته ”ادا سچو ڪير به ڪونهي؟“ ڪڏهن اسان اهڙي بيان جي صحت ۽ ان جي خوفناڪ نتيجن تي غور ڪيو آهي؟ حقيقت ۾ ايئن آهي به ڇا؟ سنڌ ۾ هڪڙن ماڻهن ادب، سياست، صحافت، تعليم، ثقافت، موسيقيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن ۾ پل پل پورهيو ڪري، قربانيون ڏئي، پنهنجون حياتيون ۽ سمورا ذهني ۽ ٻيا وسيلا سنڌ کي ارپيا. ٻين ماڻهن ساڳين شعبن ۾ سنڌ جي ٻيڙي ٻوڙڻ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي آهي. اهي ٻيئي ماڻهو پنهنجي جاءِ تي اهڙي پئي سچائي ۽ بي ايماني آهن. هاڻي ان صورتحال ۾ وڏي سادگيءَ سان اهو چوڻ ته ”ادا سچو ڪير به ڪونهي!“ جو عملي مطلب ۽ ڪارج ڇا؟ معنيٰ هڪ طرف نڳن جي پرده پوشي ته ٻئي طرف پنهنجي دل، من ۽ روح سان ڪم ڪندڙ ماڻهن مان عوام جو ويساهه کڻائڻ- ان مان پس و پيش فائدو ڪنهن جو ۽ نقصان ڪنهن کي؟

(3) توهان سنڌ ۾ ڪابه ڪم جي ڳالهه ڪريو ڪا پيش قدمي ڪريو چار ماڻهو گڏ ڪريو ”ڪجهه نه ڪرڻ ڏيو پارٽيءَ“ جو هڪدم بيان ايندو، ”ادا رڳو ڳالهيون ٿا ڪريو!“ معنيٰ سُٺي ڳالهه سُٺي عمل جو حصو نه آهي. ڀلا ڪوبه سُٺو عمل سُٺي ڳالهه کان سواءِ ممڪن به آهي ڇا؟ يا اهي ٻئي ڳالهيون هڪٻئي کان ڌار به آهن ڇا؟ دنيا ۾ هر سُٺي عمل جو بنياد پهرين سُٺي خيال يا ڳالهه ذريعي پيو آهي. ان ڪري ڳالهه، خيال ۽ عمل جي وچ ۾ ڪا ديوارِ چين نه آهي. دنيا ۾ فلسفين، شاعرن ۽ اديبن رڳو ڳالهيون ئي ته ڪيون آهن پر دنيا ۾ ڪوبه اهو چئي سگهندو ته دنيا جي سڀ طرفي ترقيءَ ۾ انهن جي ڳالهين ۽ خيالن جو ڪردار نه آهي؟ خيال ۽ ڳالهيون عمل کي جنم ڏين ٿا ۽ موٽ ۾ عمل خيالن ۽ تصورن توڙي ڳالهين کي تبديل ڪري ٿو. ان ڪري فقط سُٺي ڳالهه ڪرڻ به پنهنجي سر عمل جي پراسس جو حصو آهي.

(4) جيڪڏهن ڳالهين جي مخالفت باوجود ڳالهائڻ وارا مايوس نه ٿيندا ۽ ڳالهيون هر سطح تي مختلف شڪلين ۾ جاري رکندا ته وري ٻيو رويو سامهون ايندو: ”رڳو ڳالهين جو ورجاءُ ٿا ڪريو!“ غور ڪبو ته اهو به خوفناڪ نتيجن وارو رويو آهي. اسان وٽ ماڻهو سماجي روين جي گهرائيءَ ۾ وڃي، انهن جي نتيجن تي غور نه ٿا ڪن. هاڻي اچو ته هن رويي تي ٿورو غور ڪريون ته ڇا ورجاءُ خراب ڳالهه آهي؟ اسان جي توڙي سڄيءَ دنيا جي عوام جا سماج، زندگيءَ، فطرت ۽ ڪائنات بابت گهڻا خيال ان ڪري گمراهه ڪندڙ آهن، جو اهي صدين کان مذهبن، ادب، فلسفي، ڪلچر، عقيدن ۽ جهالت سبب ورجائجندا رهيا آهن. دنيا جو هر غلط ۽

گمراهہ ڪندڙ خيال اربين ڪربين ۽ اڻ ڳڻيا دفعا نسل در نسل هر دؤر ۾ ورجائجندو رهيو آهي ۽ ان مسلسل ورجاءَ سبب ئي انسان ذات جي گهڻائي ان ۾ انڌو عقيدو ۽ ويساهہ رکي ٿي. ان جي پيٽ ۾ سائنس، فلسفي، ادب ۽ شاعريءَ توڙي سياست جا صحيح خيال ڪيترو ورجايا ويا آهن يا عام ڪيا ويا آهن؟ تضاد جيان ورجاءُ (Repetation) بہ ڪائنات جي وڏي حقيقت آهي. ڏينهن ۽ راتيون ورجائجن ٿيون، موسمون ورجائجن ٿيون، وقت ۽ ڪائناتي لقاءَ ورجائجن ٿا تہ خيال ڪيئن نہ ورجائبا؟ ڇا صحيح، سائنسي ۽ سچي ڳالهہ جي مسلسل ورجاءُ ڪان سواءِ غلط خيالن، عملن ۽ مفادن سان ويڙهہ ممڪن آهي؟ ورجاءُ هڪڙو زبردست فڪري ۽ سماجي هٿيار آهي تہ پوءِ اهو جهالت ۽ ڏاڍ جون علمبردار قوتون مختلف شعبن ذريعي پلي مسلسل استعمال ڪن پر جيڪڏهن عوام ڪري يا صحيح ماڻهو استعمال ڪن تہ ان تي آگر ڪجي تہ ان جو عملي مطلب ۽ نتيجو ڇا؟ معنيٰ جهالت جو پرچار جاري رهي ۽ صحيح ڳالهہ پيرَ ئي نہ ڪوڙي. صحيح خيالن ۽ عملن جي ورجاءُ ڪانسواءِ تبديليءَ جو تصور بہ ڪري سگهجي ٿو؟ هرگز نہ!

(5) هڪ جڳ مشهور جرمن چوڻي آهي تہ، ”ڪاميابي ۽ فتح جا وارث هزارين هوندا آهن پر شڪست ۽ ناڪامي لاوارث ٿيندي آهي.“ اسان جهڙن ڪمتريءَ جي احساس ۾ ورتل سماجن ۾ ڪنهن جي ڪاميابيءَ تي ماڻهو خوش ٿيڻ بدران دل ۾ ارها ٿيندا، يا نظرانداز ڪري ڇڏيندا. پر شل نہ ڪا شيءِ جزوي يا وقتي طور ناڪام ٿئي يا گهربل نتيجا نہ ڏئي، پوءِ سچي جهان ۾ ان جو ڍنڍورو هوندو. سوال آهي تہ ڇا ناڪامين ڪان سواءِ ڪاميابيون ممڪن بہ آهن؟ جزوي ۽ وقتي ناڪامين جا جنازا ڪڍي سڄو ڏينهن ويساهہ سان وڙهبو تہ ظاهر آهي تہ وڏيڪ ناڪامين جا بنياد پوندا پر انهن مان نتيجا درست ڪيبا، سڪبو ۽ ساڳيون غلطيون ورجائجڻ کان پاسو ڪبو ۽ ڪمزورين کي درجي بہ درجي دور ڪبو تہ ناڪاميون ڪاميابين جا بنياد ثابت ٿينديون. ان ڪري ناڪامين ۽ ڪاميابين ڏانهن غير سائنسي رِوِش بہ اسان جو هڪ مکيہ ۽ منفي سماجي رويو آهي، جنهن کي بدلائڻ جي ضرورت آهي. ناڪاميون توڙي ڪاميابيون سڀ نسبتي، وقتي ۽ عارضي هونديون آهن. ناڪاميون ڪاميابين ۾ بدلجي سگهن ٿيون ۽ ڪاميابيون هڪ Process ۾ وري ناڪامين ۾ تبديل ٿي سگهن ٿيون. سوال اهو آهي تہ ان جو محرڪ مسلسل اتساهہ ۽ تحرڪ آهي يا نہ؟

(6) هڪ بيو رويو سنڌ ۾ عام آهي. ”ڪجهہ نہ ڪرڻ ڏبو پارٽيءَ“ جي ڪنهن نمائندي کي ڪنهن جي چڱي ڳالهہ يا ڪم جو سِرِ وڄائڻو هوندو تہ چوندو، ”هيءَ ڳالهہ يا فلاڻو ڪم تہ ٺيڪ آهي، پر ماڻهن جو خيال آهي تہ.....!“ سماجي رويو اهو

آهي تہ هڪڙو فرد پنهنجي ذاتي يا گروهي منفي ڳالھ کي جنرلائيز ڪري ماڻهن جي نسبت سان پيش ڪندو، جڏهن تہ گهڻائيءَ جي راءِ اها هوندي ئي ڪانہ. ماڻهو چون ٿا تہ ڪجھ ڪونہ ٿيندو، ماڻهن ٿا چون تہ سڀ مفاد پرست آهن، ڪوبہ صحيح ڪونهي، ماڻهو ٿا چون تہ اسان مايوس آهيون، ماڻهو ٿا چون تہ سياستدان سڀ نڳ آهن، ماڻهو ٿا چون تہ اديب ۽ دانشور سڀ ڪوڙا آهن، ماڻهو ٿا چون تہ صحافي سڀ ڏنڏوڙي آهن. مطلب تہ پنجاھ قسمن جا بيان آهن، جيڪي چوويھ ڪلاڪ مايوسي ڦهلائين ٿا، تبديليءَ جي عمل کي ڪمزور ڪن ٿا، اهو صحيح آهي تہ سياستدانن جي اڪثريت نڳن جي آهي، اديبن ۽ دانشورن جو گهربل ڪردار ڪونهي. صحافين جي گهڻائي واقعي ڏنڏوڙي آهي. استادن جو وڏو انگ پڙهائڻ جي اهل ناهي يا پڙهي ئي نہ ٿو پر ان کي جنرلائيز ڪري اهو قطعي نتيجو ڪڍڻ تہ هر شعبي جا سڀ ماڻهو بدمعاش ۽ ڪوڙا آهن، هڪ نهايت گمراھ ڪندڙ رويو آهي، ان ڪري پنهنجي ذاتي راءِ کي ماڻهن سان منسوب ڪري، غلط تجزيا ڪري ۽ ان مان خوفناڪ ۽ بي بنياد نتيجا ڪڍڻ جو عملي مطلب ۽ نتيجو نڳن کي رعايت ڏيڻ ۽ صحيح ماڻهن ۽ ڪمن مان ماڻهن جو ويساھ ڪٽائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ نہ آهي. اهڙيءَ طرح غير واسطيدار معاملن جي پاڻ ۾ اجائي پيٽ ڪري غلط نتيجا ڪڍڻ بہ اهڙو ئي رويو آهي ۽ اهو اسان وٽ عام آهي.

(7) هڪڙو رويو سنڌ ۾ ئي نہ پر سڄيءَ دنيا ۾ اسان جهڙن سماجن ۾ عام هوندو آهي، پر سنڌ ۾ تہ مڙئي ڪجھ سرس آهي، يعني عملي طرح ڪري سگهڻ جهڙن ڪمن کي گوڏن ڀر ويهارڻ لاءِ آئيڊيل ڳالهيون ڪرڻ. توهان سنڌ ۾ ڪوبہ پنهنجي وت، وس ۽ سمجھ آهر ۽ عملي طور ڪري سگهڻ جهڙو ڪم ڪنهن بہ شعبي ۾ شروع ڪريو اسٽيٽسڪو جا سڏا ۽ اڻ سڏا نمائندا سماجي رويا تحرڪ ۾ اچي ويندا. پهريون ردعمل هوندو "اهو ڪم اڳي نہ پيا ڪن!" معنيٰ اڳ نہ ڪري سگهياسين تہ هاڻي بہ نہ ڪريون. جي ان ڏڪ مان ماڻهو ڇڙهي ويو تہ ٻيو سوال اُٿندو "اهو تہ ٺيڪ آهي، پر "هو" ڪم نہ ٿا ڪريو!" معنيٰ جيڪو ڪم ڪرڻ واري پنهنجي سمجھ، وسيلن ۽ وت آهر ٿي ڪيو اهو ڦٽي ڪري ڇڏيو ۽ لڳو "فرمائشي پروگرام" ۽ "نيڪ صلاحن" واري جي پوياں ۽ اهو فرمائشي پروگرام هوندو آئيڊيل. جو فرمائشي پروگرام واري کي تہ ڪجھ ڪرڻو هوندو ڪونہ آهي. معنيٰ جيڪو ٽڪو پئسو ڪم ماڻهو ڪري سگهي ٿو اهو فرمائشي پروگرام جي گوڙ ۾ گم! آئيڊيل ازم هڪ زبردست Value آهي ۽ زندگيءَ ۽ اتساھ لاءِ نهايت ضروري آهي، پر جي ان کي عملي ڪم سان مشروط ڪيو ويو تہ معنيٰ قصو ختم. سنڌ ۾ بي عمل ماڻهن جي اهڙن فرمائشي پروگرامن عملي طرح ٿي سگهندڙ ڪمن

۾ پيش قدمين جو ساهه نپوڙي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ڪا اين جي او پنهنجي مخصوص ۽ محدود دائري ۾ سماجي ڪم ڪري سگهي ٿي ته ڇئبو اها انقلاب ڇو نه ٿي آڻي؟ جيڪڏهن صحافت يا ميڊيا سجاڳيءَ آڻڻ جو ڪم ڪري سگهي ٿي ته ڇئبو قومي جدوجهد ڇو نه ٿي ڪري؟ جيڪڏهن سياسي پارٽيون سياسي مزاحمت ڪن ٿيون ته ڇئبو ماڻهن جا سماجي مسئلا حل نه ٿيون ڪرائين؟ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪو ننڍو عملي ڪم ڪري سگهي ٿو ته ڇئبو هو فلاڻو (آئيڊيل) ڪم ڇو نه ٿو ڪري؟ انهن روين تي غور ٿيڻ گهرجي. ڀلا سمورن شعبن جا ڪم سڀ شعبا ڪندا ڇا؟ ان ڪري آئيڊيل خواهشن کي عملي ڪمن سان مشروط ڪرڻ عملي طرح ان ڪم کي گوڏن ڀر ويهارڻ جي مترادف آهي. ساڳيءَ طرح Perfectionsim جو رويو آهي. دنيا ۾ نه پرفيڪٽ ڳالهه ممڪن آهي ۽ نه ٿي سگهي ٿي. هر ڳالهه ۾ ڪم جا ڪي نه ڪي پاسا ڪُتل يا ڪمزور ضرور هوندا پر اسان کي ڪمزورين سان شيون قبول نه آهن ۽ پرفيڪٽ شيون دنيا ۾ ممڪن نه آهن. نتيجو ڇا؟ معنيٰ ته ڪم نه ٿئي. بلڪل ايئن اسان کي هر ڪم ۾ تريءَ تي بهشت گهرجي. جيڪو ممڪن نه آهي. هر ڪم ۽ شيءِ جو هڪ پراسس ٿئي ٿو. پاڻي پنهنجي مخصوص درجي تي ٽهڪندو، لوهه پنهنجي مخصوص درجي تي پاڻياٺ ۾ تبديل ٿيندو، پاڻي برف يا ٻاڦ ۾ تبديل هڪ مخصوص درجي تي ٿيندو. اهو اُصول فطرت تي به لاڳو آهي ۽ سماج تي به. خاصيتي (Qualtive) تبديليءَ لاءِ مقداري (Quantitative) تبديليءَ جو هڪ لڳاتار عمل گهرجي ۽ هر تبديلي پنهنجي مخصوص درجي ۾ ڏاڪي تي اچي ٿي، پر اسان کي هر ڪم تڪڙو ۽ هڪدم گهرجي، نه ته سنڌي ماڻهو مايوس ٿيڻ لاءِ آتو وينو هوندو آهي. پوءِ ٿئي ڇا ٿو؟ اسان کي خبر نه ٿي پوي ته اسان جي تبديليءَ جي خواهش ۽ غير سائنسي روش ئي تبديليءَ جي عملي طرح دشمن ٿيو پوي. ان ڪري ئي مان انهن روين جي پوري نظام (System of Social Behaviours) کي ”ڪجهه نه ڪرڻ ڏبو پارٽي“ چوان ٿو. شيون ٺاهڻ يا ڦٽائڻ لاءِ رڳو سُڻيون يا خراب نيتون ئي نه پر گهربل رويا به کپن. ٻيءَ صورت ۾ جي رويا غلط آهن ته ڪم ڦٽائڻ لاءِ چڱي نيت ئي ڪافي آهي. اچو ته اسان مان هر هڪ پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ته ڪٿي اسين ”ڪجهه نه ڪرڻ ڏبو“ پارٽيءَ لاءِ ته ڪم نه پيا ڪريون، جيڪا سنڌ ۾ تبديليءَ جي هر ڪوشش ۽ عمل کي گوڏن ڀر ويهاريو ڇڏي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 9 فيبروري 2003ع

# II

# پاڪستان جي بحراني سياست

# ....هيءَ ”ڪمپني“ نہ هلي سگهندي!!

حسن مجتبيٰ گهڻو اڳ پنهنجي هڪ ڪالم ۾ حيدرآباد کي ” City of Dogs & Dreams“ (ڪُتن ۽ خوابن جو شهر) سڏيو هو پر اسان جي بنگالي صحافي دوست سلوشيا (روزاني نيشن سان وابستہ) 11هين سيپٽمبر ڪانپوءِ اسلام آباد کي گدڙن ۽ صحافين جو شهر سڏي ٿي. ”هونئن بہ گدڙن ۽ صحافين ۾ گهڻيون ڳالهيون هڪ جهڙيون هونديون آهن. ٻئي راتين جو جاڳندا آهن ۽ ٻنهي کي هر ڳالهہ تي بي سبب ”اوناڻ“ جو شوق هوندو آهي....“ هوءَ پنهنجي مخصوص بنگالي لهجي ۾ وڏو ٺهڪ ڏيندي چوي ٿي. (بنگالين جو ڳالهائڻ تہ ٺهيو پر ٺهڪ ڏيڻ ۽ کِلڻ جو بہ پنهنجو خاص لهجو هوندو آهي. ماڻهو تاريخي حادثن سبب پنهنجو ديس جاگرافيائي معنائن ۾ تہ بدلائي سگهي ٿو پر رڳن ۾ ٻوڙندڙ رت ۾ شامل ۽ ٺهڪن مان ٻُرندڙ ديس کي ماڻهو ڪٿي ٿو ڇڏي سگهي!) ”گدڙ“ تہ اسلام آباد ۾ اڳ بہ هئا ۽ هميشہ رهن جو ”اسلام آباد“ انهن کان سواءِ شايد هلي بہ نہ سگهي. پر اسلام آباد کي اڄ ڪلهہ صحافين ۽ سفيرن جو شهر ضرور سڏي سگهجي ٿو. گذريل ٻن هفتن ۾ مان ٽيون ڀيرو اسلام آباد وڃي رهيو هئس. ايئرپورٽ کان هوٽل ڏانهن ويندي هميشہ جيان ٽيڪسي ڊرائيور کان پڇيم: ”اسلام آباد جو ڇا حال آهي؟“ هن دفعي جواب عجيب و غريب مليو ”اسان غريب ۽ پورهيت ماڻهو آهيون. اسان جي ڪهڙي راءِ؟ باقي اسلام آباد بي حس، بي ضمير ۽ ويڪائو ماڻهن جو شهر آهي. ويڪائو ۽ بي ضمير ماڻهن جون ڏهہ ٽي آڱريون گيهہ ۾ هونديون آهن. سو هتي جا ماڻهو بہ هر ڳالهہ ۾ خوش آهن. جنرل ضياءُ هجي، بينظير هجي، نوازشريف هجي يا مشرف. هنن جو ڇا ٿو وڃي؟“ هو بہ شايد ڀَريو وينو هو ۽ منهنجي پڇڻ تي ماڳهين اُٿلي پيو. هو پنهنجو نالو بشير احمد ٻُڌائي ٿو ۽ رٽائرڊ فوجي آهي. رٽائرڊ فوجي هجڻ تي مون ڪانئس وري پڇيو ”جنرل مشرف جي موجوده پاليسيءَ کي تون يا فوج ۾ هيٺين

سطح تي ماڻهو ڪيئن ٿا ڏسن؟“ هن جو جواب وري بہ غير رسمي هو. ”توهان کي شايد اعتبار نہ اچي پر مون فوج مان 8 سال اڳ رٽائرمينٽ ورتي جو مان اُتي مطمئن نہ هئس. مطمئن تہ ماڻ هاڻي بہ نہ آهيان جو هن ملڪ ۾ ايماندار ۽ سچو ماڻهو مطمئن رهي سگهي ئي نہ ٿو پر بهرحال اهو سڪون آهي تہ روز روز پنهنجي عوام کي فتح ڪرڻ جي نہ پر پنهنجي پورهئي جي ڪمائي کاوان ٿو.“ هو پنهنجي ڪيسي مان پنهنجو پرس ڪڍي ان ۾ سانڍي رکيل ذوالفقار علي ڀُٽي جي تصوير ڏيکاري ٿو ۽ ڳالهائيندو رهي ٿو. ”هن ملڪ ان ڏينهن پنهنجي مستقبل جي تباهيءَ جو بنياد رکيو جنهن ڏينهن شهيد ڀُٽي کي ڦاهيءَ چاڙهيو ويو. ڀُٽي کي هِنن نہ، آمريڪا ڦاهيءَ چاڙهيو هو. ضياءُ تہ هنن جو دلال هو. ڀُٽي کي پاڪستان کي ايٽمي طاقت بنائڻ جي سزا ڏني وئي. جنرل مشرف تہ آمريڪا کان افغان پاليسيءَ بابت سوچڻ جي مهلت بہ نہ گهري. ڇا هيءُ بہ ڪو آزاد ملڪ آهي؟ اڌ رات جو جنرل مشرف کي ننڊ مان اُٿاري ڪانئس پڇيو ويو تہ طالبان ۽ اُسامہ کي مارڻ ۾ اسان سان گڏ آهين يا نہ؟ هن کان اکيون مهٽڻ بہ وسري ويون ۽ ها ڪري ڇڏيائين.“ هو بيحد جذباتي ٿيندي چوي ٿو. ”ٺيڪ آهي، طالبان انتهاپسند هئا، غلط هئا پر ٺاهيا تہ توهان پاڻ هئا. جن ايجنسين هنن جي سرپرستي ڪئي، انهن ئي آمريڪي سي آءِ اي ۽ پينٽاگان کي هنن جا مڪمل پارَ-پتا ڏنا.“ ذوالفقار علي ڀُٽو پل تہ ”پيٽ پاليو پارٽيءَ“ وارن کان وسري چڪو هجي پر اهو هن رٽائرڊ فوجيءَ بشير احمد جهڙن لکين ۽ ڪروڙين ماڻهن کان اڄ بہ وسري نہ سگهيو آهي. اهو تاريخ جو عجيب الميو آهي تہ هر شيءِ جا وارث اڳتي هلي ٺڳ ٿيندا آهن ۽ اُهي جيڪي نہ رڳو ان سفر جا شريڪ نہ رهيا هوندا آهن پر انهن جو ان شيءِ جي روح سان بہ ڪو تعلق نہ هوندو آهي. هر گادي-پوءِ اُها نظرين جي هجي يا تحريڪن جي، وڏن ماڻهن جي هجي يا تاريخ/ سماج جي ڪنهن بہ وهنوار جي، اُها ٺهندي اڳي پوءِ ٺڳن لاءِ آهي. ان جا وارث اڳتي هلي اُهي ئي ٿين ٿا. بشير احمد کي جڏهن پڇڻ تي اِها خبر پئي تہ مان اصل ۾ سندس سياسي مرشد شهيد ڀُٽي جي ضلعي جو آهيان، تڏهن مون کان ڪرايو وٺڻ کان انڪار ڪيائين. ”مان پنهنجي دل جون باهيون ڪڍي ۽ شهيد ڀُٽي کي ياد ڪري توکان پنهنجو ڪرايو وصول ڪري چڪو آهيان.“ هو جذباتي ڪيفيت ۾ چوي ٿو. مون کي هڪ لمحي لاءِ لڳو جنهن ذوالفقار علي ڀُٽي کي پ پ پ وساري چڪي آهي، اهو هاڻي بشير احمد جهڙن جي دلين ۽ سندن کيسن ۾ پيل پرسن ۾ ئي سانڍي رکيل آهي.

اسلام آباد هن دفعي بہ اهڙو ئي هو- بي پرواهہ (ٻين کان نہ حقيقت ۾ پنهنجي عوام کان). اسلام آباد ”پاور“ جو شهر آهي ۽ شايد ”پاور“ ۽ ”پرواهہ“ هڪٻئي سان گڏ

هلي نہ ٿا سگهن. پرواهہ محبت ڪندي آهي، پاور نہ. مون کي تہ پاور جي هن شهر جي هر شيءِ بي پرواهہ محسوس ٿيندي آهي. ماڻهو، رسم، رستا، هوائون، ڏينهن، راتيون، حَسين عورتون ۽ هتي جا بدنصيب ساوا پهاڙ (جو ڪين هتي دل جي اکين سان ڏسڻ وارو ڪو ڪونهي). اهو حُسن ڪيڏو نہ بدنصيب ٿئي ٿو جنهن تي ڪا محبتي ۽ لطيف نگاهہ وجهڻ وارو ڪو نہ هجي. ڪافي پراڻي ڳالهہ آهي، هڪ دفعي مان ۽ ابرار قاضي هتي سنڌ هائوس ۾ رهيل هئاسون. اتفاق سان پليجو صاحب بہ هتي بارِيءَ (اسان جو سرائيڪي ۽ پراڻو ڪامريڊ دوست سرور باري) وٽ رهيل هو. رات جو پليجو صاحب، جي اين مغل، محمود خان اڇڪزئي ۽ عبدالرحيم مندوخيل وارا ڪچهريءَ لاءِ آيا. (اها رات ان لحاظ کان بہ يادگار آهي جو پليجي ۽ محمود خان اڇڪزئيءَ جو زبردست ۽ تِکو سياسي بحث مباحثو ٿيو هو). ڪچهريءَ کانپوءِ محمود خان وارا تہ موٽي ويا پر پليجو صاحب اسان جي ڪمري تي ئي رهي پيو. صبح جو سوير مان واڪ لاءِ تيار ٿي نڪرڻ لڳس تہ پليجي صاحب جي بہ اک کُلي وئي ۽ هن بہ گڏ واڪ ڪرڻ تي هائوڪار ڪئي. پرهہ ڦُٽيءَ جو وقت، دامنِ ڪوهہ جا ساوا ڇهڇ پهاڙ پکين جون مستيون ۽ پليجي صاحب جون نہ کُٽندڙ ڳالهيون- فلسفو، ادب، سياست، عشق ۽ دنيا جهان جون بي ترتيب خبرون. مون هڪ لمحي لاءِ سوچيو هو، "هتي ٿولهہ گهٽائڻ لاءِ تہ سوين ماڻهو روز واڪ ڪن ٿا پر هنن پهاڙن ۾ پکين سان دل جون ڳاليهون ڪرڻ لاءِ مظهرالاسلام ۽ احمد فراز کان سواءِ ٻيو هن شهر ۾ ڪير آهي؟" هن شهر جا پهاڙ ۽ پکي واقعي بدنصيب آهن، جو سندن شهر جي چؤڪن تي ميزائيل ۽ ٽئنڪون نصب ٿيل آهن ۽ شهر جي "ڏٽين" جون دليون بارود جي خالي کوکن جهڙيون آهن. خالي ۽ بدبودار!

اسان جي يار مظهرالاسلام تمثيلي معنيٰ ۾ پاڻ کي "گهوڙن" جي شهر ۾ رهندڙ اڪيلو ماڻهو سڏيو هو تہ ملڪ جي سندس قبيلي جي ڪيترن ماڻهن ڇرڪ ڀري هن ڏانهن نهاريو هو ۽ شايد اڪيلائيءَ ۾ رهندڙ مظهرَ جي اڪيلائيءَ، هن کان اهو راز فاش ٿيڻ سبب آخري دفعو موڪلايو هو. بظاهر هو هاڻي بہ اڪيلو آهي پر اڪيلائي هن شهر ۾ هن کان الڳ ٿلڳ رهڻ لڳي آهي. هن شهر ۾ اسان بہ پنهنجو هڪ ننڍڙو ۽ الڳ "شهر" ٺاهي ورتو آهي. بنهہ مختصر ۽ ٿورڙن ماڻهن جو شهر- ظفر الله خان، نجيب (پاڪستان ۾ پهريون پيرو انٽرنيٽ ريڊيو سروس متعارف ڪرائيندڙ)، توثيق حيدر، شبانہ، احمد سليم، گلمينا بلال ۽ مان هن شهر جا "ضمير غائب متڪلم" شهري آهيون. سازشن جي هن شهر ۾ اسين بہ "سازشون" ڪرڻ لاءِ ئي گڏبا آهيون. "هن ملڪ جي بدقسمتيِ اِها آهي جو هتي رڳو ٺڳ سرگرم آهن ۽ بدنيت ئي سازشون ڪندا آهن. هن ملڪ ۾ تڏهن تبديلي ايندي جڏهن سُٺا ماڻهو

۽ سرگرم ٿيندا ۽ تبديليءَ سان ڪميٽيڊ ماڻهو ۾ "سازشون" ڪرڻ لاءِ سنجيده ٿيندا." سپاهه صحابه جي ڳڙهه "جهنگ" سان تعلق رکندڙ ۽ "جهاد جرنلزم" تي تحقيق ڪندڙ اسان جو دوست ظفر الله خان اسان جي ڪچهرين ۾ ترنگ ۾ اچي اڪثر چوندو آهي. هو پنجاب جي انهن ٿورڙن روشن خيال نوجوانن مان آهي، جن رُجعت پسنديءَ ۽ مذهب جي نالي ۾ فاشزم خلاف قلم، ذهن ۽ زبان ذريعي مسلسل جنگ وڙهي. هن جي جسم ۽ ذهن تي لڳل انهن گولين ۽ گارين جا گهاوَ اڄ به سلامت آهن. هن جا حريف پل ته هاڻي ٿڌا ٿي ويا هجن پر هن جو "ڪم" اڄ به جاري آهي. بينظير ڀٽو اقتدار جي دؤران ۾ قائداعظم يونيورسٽي اسلام آباد نه وڃي سگهندي هئي پر ظفر الله خان ٿي هو، جيڪو هن کي يونيورسٽيءَ وٺي ويو هو. هو بينظير جي بنهه ويجهو به رهيو آهي ۽ هو ساڻس ڪُليل اختلاف به رکندو آهي. بينظير تازو لنڊن ۾ جڏهن هن کي هڪ دفعو وري آڇ ڪئي ته هو ساڻس گڏ ڪم ڪري ته هن ڪيس عجيب جواب ڏنو هو. "بي بي اسان کي ڀُٽي صاحب سان اهو اختلاف هو ته هن مُلن جي دٻاءُ ۾ اچي شراب تي بندش وڌي هئي ۽ تو مُلن جي دٻاءُ ۾ اچي تسبيح هٿ ۾ کنئي ۽ درگاهن جا چڪر هڻڻ شروع ڪيا. هاڻي توهان سان فقط همدردي ئي ڪري سگهجي ٿي." بينظير جيڪا فقط پنهنجي آڏو ڪنڌ ڌوڻيندڙن کي ئي پسند ڪندي آهي، اُها خبر ناهي ظفرالله خان کي پوءِ به ڇو پسند ڪندي آهي؟ هن ملڪ ۾ منهنجي شهر قمبر جي ذوالفقار قادريءَ کان وٺي جهنگ جي ظفر الله خان تائين نوجوانن جو هڪ وڏو لڏو اهڙو به هو، جنهن سوچيو هو ته هن ملڪ ۾ اهو انقلاب پ پ پ آڻيندي، جنهن جا خواب هنن ٻاروتڻ ۾ ڏٺا هئا. پ پ پ کي ته نه اهو انقلاب آڻڻو هو ۽ نه آيو پر ذوالفقار قادريءَ ۽ ظفر الله خان جي نسل جا چريا خواب رُلي ويا. هاڻي ذوالفقار قادري ٻارهين مهيني شهيد ڀُٽي جي شهادت جي ڏينهن تي مضمون لکي اخباري آفيسن ۾ ڪٽي ايندو آهي ۽ ظفر الله خان هڪ جرمن سياسي فائونڊيشن ۾ ڪم ڪري ٿو. عجيب ڳالهه اِها آهي ته بينظير ٻنهي کي پيارو گهُرندي آهي پر هن جو پيار هنن لاءِ هاڻي اتساهه جو سبب ۽ محرڪ نه رهيو آهي.

هن دفعي اسين جنهن "سازش" لاءِ گڏيا هئاسون، اُها هيءَ هئي ته "جهادي سوچ" کي ميڊيا ۾ داخل ٿيڻ کان ڪيئن روڪجي ۽ ملڪ اندر صحافت ۾ حقيقت پسنديءَ، Rationality (عقليت پسنديءَ) ۽ روشن خياليءَ جا لاڙا ڪيئن متعارف ڪرائجن؟ ڇاڪاڻ ته "جهادي سوچ" هاڻي سياست ۾ ئي نه پر صحافت ۾ به پاڙون مضبوط ڪندي پئي وڃي. "هن سيمينار ذريعي اسين صحافت ۾ فضيلت پيدا ڪري سگهنداسون يا نه_ اها مون کي خبر ناهي پر مان ته رڳو توسان ملڻ آيو

آهيان.“ منهنجو دوست ۽ پنجاهہ کان مٿي ڪتابن جو ليکڪ احمد سليم مون کي ڳڻيءَ ۾ چوي ٿو. احمد سليم، جنهن اياز کي ”جو بيجل ني آکيا“ جي عنوان سان ترجمو ڪري پنجاب ۾ متعارف ڪرايو هو جنهن کي بنگال ۾ بنگالي ۽ سنڌ ۾ سنڌي ”پنهنجو“ سمجهندا آهن پر هن کي پنجاب ۾ ڪوبہ پنجابي مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. ”تون شايد واحد پنجابي آهين جنهن کي پنجابي هجڻ تي ڪو فخر نہ آهي.“ ڪيس سيمينار جي وقفي دوران انگريزي صحافت سان وابستہ سرائيڪي صحافي ضيغم خان چوي ٿو. احمد سليم ان تبصري تي ٺهڪ ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ”مان ڦورو پنجاب سان نفرت ڪريان ٿو ۽ وارث شاهہ ۽ فيض احمد فيض جي پنجاب تي فخر ڪريان ٿو.“

ملڪ جون حالتون پل تہ رسمي معنيٰ ۾ بظاهر تبديل ٿيندي نظر نہ اچن پر اندر ئي اندر ڪا گڙٻڙ ضرور ٿي رهي آهي. مون تہ گذريل ڪجهہ مهينن ۾ فرينچ انقلاب جي دؤر جي عڪاسي ڪندڙ چارلس ڊڪنس جا ناول وري پڙهيا آهن ۽ مون انهن کي بيحد انجواءِ ڪيو آهي. تبديلي پنهنجا خدوخال تمام دير سان ۽ هڪ خاص وقت تي ظاهر ڪندي آهي پر ان کان اڳ جو دؤر تمام دلچسپ هوندو آهي. ان کي ڇا چئجي جو اڌ صدي سنڌين جناح کي گاريون ڏنيون ۽ هاڻي هن ملڪ ۾ جناح جي وارثي سنڌي ڪرڻ لڳا آهن. اقبال تي پنجاب جا ماڻهو تنقيد ڪن ٿا تہ هن ضربِ ڪليم ۾ رڳو مذهبي ”جِنگوازم“ کي هٿي ڏني آهي. رٽائرڊ برگيڊيئر عابد (جيڪو هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جي هڪ شعبي جو لاهور جو ڊائريڪٽر آهي) اسلام آباد ۾ ڪشمير تي هڪ ڊائلاگ (جنهن ۾ مان بہ شريڪ هئس) ۾ امن جي ڳالهہ ڪري ٿو ۽ اسلام آباد جو رٽائرڊ فوجي ٽيڪسي ڊرائيور فوج جي ڪردار سان نفرت جو اظهار ڪري ٿو. ڇا اهو سڀ عجيب نہ آهي تہ هن ملڪ ۾ رياستي ڪلچر ۽ مفادن پاران ناهيل نظرياتي، سياسي، اقتصادي ۽ سفارتي نڳيءَ جا ناهہ سخت بڇڙا ٿيا آهن؟ نظريہ پاڪستان جي نڳيءَ جو سِڪو هاڻي ملڪ جي نظرياتي بازار ۾ کوٽہ ٿو هلي. ماڻهو جناح کي فقط سندس 11هين آگسٽ واري تقرير جي ڪري قبول ڪرڻ لڳا آهن. (جي جناح اها تقرير نہ ڪري ها تہ تاريخ ۾ هو ڪٿي بيٺل هجي ها!؟) ملڪ جو حڪمران طبقو سڄيءَ دنيا ۾ خوار خراب ٿيو آهي. رهيل ڪم 11هين سيپٽمبر کان پوءِ جي صورتحال پورو ڪري ڇڏيو. ڪٿي آهي پنجاب جي حڪمران طبقي جي مها پاڪستانيت ۽ ڪيڏانهن وئي سندن مها اسلام پسندي؟ ”ڪشمير اسان جو مسئلو نہ آهي. اسان جو مسئلو پنهنجي ماڻهن جي غربت، جهالت ۽ ڪسمپرسي آهي. اسين ڪشمير جي نالي ۾ پنهنجي عوام جي وات مان گرهہ کسي، انهن ڌرين کي وڌيڪ پالڻ لاءِ تيار نہ آهيون. جيڪي

اڌ رات جي هڪ فون ڪال تي پرڏيهي پاليسي جوڙين ۽ بدلائين ٿا.“ لاهور جي هڪ دانشور ”نوسي“ (نصرت جميل کي لاهور توڙي سڄي ملڪ ۾ نوسي چوندا آهن) چوي ٿي. اڳي ان لهجي ۾ ماٺهوڪتي ڳالهائيندا هئا؟ ۽ اُهي بہ پنجاب مان!

چون ٿا تہ شبانہ اعظميءَ جو پيءُ ڪيفي اعظمي تمام گهڻو شراب پيئندو هو. دوستن هن سان پوڄ ڪرڻ لاءِ هڪ محفل جو اهتمام ڪيو. جنهن ۾ هر قسم جو شراب رکيو ويو هو ۽ ڪيفي اعظميءَ لاءِ امتحان اهو هو تہ هو مختلف شرابن مان ڍُڪَ پريندو وڃي ۽ ٻڌائيندو وڃي تہ اهو شراب ڪهڙو آهي. بهرحال محفل متي ۽ ڪيفي اعظمي مختلف شراب پيئندو ۽ ٻڌائيندو ٿي ويو تہ اهو شراب ڪهڙي برانڊ جو آهي. جڏهن اهڙو ”مقام“ آيو جو ڪيفي شراب سڃاڻي نہ ٿي سگهيو تہ دوستن ساڻس پوڄ ڪرڻ لاءِ ڪيس ٽڏي پاڻيءَ جو گلاس پيري ڏنو. ڪيفي ڍُڪُ پري خاموشيءَ سان ٿورو غور ڪيو ۽ چيو: ”گهڻي نشي سبب اها خبر تہ نہ ٿي پوي تہ اهو شراب ڪهڙو آهي پر اها پڪ اٿم تہ هيءَ ڪمپني نہ هلندي!“ مون کي لڳي ٿو تہ هن ملڪ جي صورتحال بہ اهڙي آهي. سياڻي چا ٿو ٿئي. ان لاءِ تہ پڪ سان في الحال ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي پر هڪڙي ڳالهہ يقين سان چئي سگهجي ٿي تہ گذريل اڌ صديءَ کان جيڪا ”ڪمپني“ هن ملڪ ۾ نڳيءَ جو جيڪو ناهہ هلائيندي رهي آهي، سا هاڻي گهڻو وقت وڌيڪ هلي نہ سگهندي.

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد. ڊسمبر 2001ع

# ”آزاديءَ“ جو ڏينهن ۽ آزاديءَ جو اوسيئڙو!

اڄ 14 آگسٽ جو ڏينهن آهي ۽ پاڪستان پنهنجي ڄمار جا 53 سال پورا ڪيا آهن. جيتوڻيڪ ملڪ جو خود فريب حڪمران طبقو اڄ به ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي درٻاري شاعرن جا چيل ملي نغما پيش ڪري، سمجهي ٿو ته هتي ”سڀ ڪجهه صحيح آهي، پر ملڪ جي 53 سالن جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته هتي گهڻو ڪجهه صحيح ناهي. پوءِ اُها ڀي ڳالهه آهي ته تاريخ ۽ اُن جي تلخ حقيقتن کي بدنيتيءَ وچان نظرانداز ۽ مسخ ڪيو وڃي ٿو. تاريخ هڪ اهڙو ريڙ آهي، جنهن کي هرڪو پنهنجن (جائز ۽ ناجائز) مفادن خاطر پاڻ ڏانهن ڇڪيندو رهي ٿو. ابوالڪلام آزاد ته ايئن به چيو هو ته ”تاريخ هڪ وئشيا آهي، جنهن کي هرڪو پنهنجي مفاد جي محل ۾ سُريت بڻائيندو رهيو آهي.“ سو جيڪڏهن پاڪستان ۾ حڪمران طبقو تاريخ جون ڪوڙيون تاويلون پيش ڪري خود فريبين جا مينار اَڏيندو رهي ٿو، ته ان ۾ عجب ناهي. زماني جي هر دؤر ۾ تاريخ بابت به متضاد رويا، رجحان ۽ نظريا هميشه رهيا آهن. ان ڪري هڪ پاسي ملڪ جي تاريخ جو هڪ نظريو اهو آهي، جنهن جا آئينه دار ريڊيو ۽ ٽي ويءَ تان نشر ٿيندڙ اهي مِلي نغما آهن، جن ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته ملڪَ ۾ خوشين، خوشحالين ۽ محبتن جا آبشار پيا وهن ۽ ٻئي پاسي اڌ صدي گذرڻ کان پوءِ ملڪ جو اهو حال آهي، جو ماڻهو بُکَ پيا مرن ۽ ملڪ قرضن ۾ ذري گهٽ گروي ٿي چڪو آهي. 1971ع ۾ ملڪ جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ جيڪو (آباديءَ جي لحاظ کان) ننڍو اڌ بچيو، تنهن جا ٽي صوبا وڏي صوبي کان بيزار ٿي ويٺا آهن ۽ هر صوبي جو عوام پنهنجي پنهنجي صوبي سان لڳندڙ پنجاب جي بارڊر تي ”تخت لاهور“ جي غلاميءَ خلاف ڌرڻا پيو هڻي. مطلب ته ملڪ پنهنجو سياسي Rationale (اُصولي بنياد) وڃائي رهيو آهي. پاڪستان جي خالقن مان

هڪ سردار شوڪت حيات خان تہ ان کي پنهنجن لفظن ۾ هيئن بيان ڪيو آهي تہ: "The Nation that lost it Soul" (هڪ قوم جيڪا پنهنجو روح وڃائي ويٺي).

ان ڪري اڄوڪي ڏينهن تي جڏهن سرڪاري ميڊيا وسيلي پاڪستان جي ڪوڙي تاريخ پيش ڪئي ويندي، تڏهن ضروري آهي تہ تاريخ جو حقيقي رڪارڊ بہ سامهون آندو وڃي. حقيقت اها آهي تہ پاڪستان جي اڄوڪي اڻ وڻندڙ ۽ مايوس ڪندڙ پيش منظر جون پاڙون سندس ان مخصوص پس منظر ۾ کُتل آهن، جنهن کي جاڻي واڻي سامهون نٿو آندو وڃي. ضروري آهي تہ ملڪي تاريخ جيِ ان مخصوص پس منظر کي سمجهيو وڃي، جنهن جا منطقي نتيجا پاڪستان جي اڄوڪين حالتن جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهن. عام طور چيو وڃي ٿو تہ هيءُ ملڪ "تحريڪِ پاڪستان" جي نتيجي ۾ وجود ۾ آيو هو جنهن جي پنيان "نظريہ پاڪستان" ڪارفرما هو ۽ اهڙيءَ طرح پاڪستان هڪ "نظرياتي اسلامي مملڪت" طور دنيا جي نقشي تي نمودار ٿيو. جڏهن تہ اها ئي پاڪستاني تاريخ سان سڀ کان وڏي جُٺ آهي، جيڪا ملڪي تاريخ جي سمورين بدعتن ۽ مونجهارن جو بنياد بڻي آهي. جيتوڻيڪ اهو صحيح آهي تہ پاڪستان لاءِ تحريڪ مسلم ليگ هلائي هئي، پر مسلم ليگ ڪنهن هڪ لابيءَ جي نمائنده پارٽي نہ هئي. مسلم ليگ هڪ اهڙو پليٽ فارم هو جنهن تي اهي سيئي قوتون اچي گڏ ٿيون هيون، جيڪي پنهنجن پنهنجن مفادن سبب ننڍي کنڊ جي ورهاڱي ۽ اُن ۾ هڪ مسلم اڪثريتي رياست جي قيام لاءِ ڪوششون ڪري رهيون هيون. مطلب هيءُ آهي تہ پاڪستان جي قيام پنيان ڪو هڪ نظريو ڪا هڪ سوچ يا ڪا هڪ نيت ۽ هڪ مفاد ڪارفرما نہ هو. اِهو هڪ تمام وڏو موضوع آهي، جيڪو ساڳئي وقت وسيع بہ آهي تہ اختلافي بہ، جنهن جو مڪمل تفصيل ڏيڻ هتي نہ تہ ممڪن ٿيندو ۽ نہ مناسب. ان حوالي سان ٿُلهي ليکي جيڪي بنيادي ڳالهيون آهن، مان اهي پڙهندڙن سان شيئر ڪرڻ چاهيان ٿو تہ جيئن اهو پسمنظر واضح ٿي سگهي، جنهن جا نتيجا اڄوڪي پاڪستان ۽ ان جي حالتن جي صورت ۾ اسان جي سامهون آهن.

ننڍي کنڊ ۾ هڪ مسلم اڪثريتي رياست جنهن کي اڳتي هلي ملڪ پاڪستان جو نالو ڏنو ويو جي قيام پنيان جن ذهنيتن ۽ قوتن ڪم ٿي ڪيو انهن کي بنيادي طرح ٽن درجن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. ننڍي کنڊ ۾ هڪ مسلم اڪثريتي رياست جي قيام جو تصور مسلم پنجاب جي حڪمران طبقي جي پراڻي خواهش هئي، جنهن پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ هندستان جي بدلجندڙ حالتن ۾ هڪ

خواهش، نظريي ۽ مطالبي جي صورت ورتي، سياسي طور سامهون اچڻ شروع ڪيو. اُن سوچ جو هڪ ٺوس ثبوت مسلم پنجاب جي حڪمران طبقي جي نمائنده دانشور ۽ ترجمان علامہ اقبال (جنهن کي پاڪستان جي قيام ڪانپوءِ ”مفڪرِ پاڪستان“ جو لقب بہ ڏنو ويو) جي اُن صدارتي خطاب مان بہ ملي ٿو جيڪو هن 29 ڊسمبر 1930ع تي الله آباد ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي هڪ ساليانې اجلاس ۾ ڪيو. اقبال واضح لفظن ۾ چيو هو تہ:

"I would like to see the Punjab, N.W.F.P, Sindh and Balochistan amalgamated into a single state. Self–government within the British Empire or without the British Empire, the formation of consolidated North West Indian Muslim state, appears to me to be the final destiny of Muslims, at least of North_West India…."

(آئون چاهيان ٿو تہ پنجاب، سرحد، سنڌ ۽ بلوچستان کي گڏائي هڪ رياست ۾ تبديل ڪيو وڃي. ننڍي کنڊ جي اُتر اولهہ جي مسلمانن جي هڪ اهڙي خودمختيار رياست جو قيام، جيڪو برطانوي شهنشاهيت اندر هجي يا ان کان ٻاهر، پس و پيش، گهٽ ۾ گهٽ اُتر اولهہ هندستان جي مسلمانن جي آخري منزلِ اها ئي هوندي.)

يعني، جڏهن پاڪستان جو تصور بہ سامهون نہ آيو هو، تڏهن بہ مسلم پنجاب جي حڪمران طبقي جي ذهن ۾ برطانوي شهنشاهيت جي اندر يا ان کان ٻاهر هڪ اهڙي رياست جو تصور موجود هو جنهن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کي پنجاب سان ضم ڪري اُتر الهہ هندستان ۾ هڪ اهڙي رياست قائم ٿئي، جيڪا پنجاب جي تسلط هيٺ هجي. ٻيو تہ ٺهيو پر ان ۾ ڪشمير کي بہ شامل نہ ڪيو ويو هو. اڳتي هلي پنجاب جي حڪمران طبقي پاڪستان جي قيام لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون، انهن جو محرڪ دراصل اهڙي ئي رياست جو قيام هو. ملڪ ۾ ون يونٽ ۽ ان کان پوءِ جي پاڪستان جي تاريخ، ويندي اڄ تائين مسلم ليگ جي اڄوڪي قيادت يعني نوازشريف جي ذهن ۾ ويٺل پاڪستان جو تصور ثابت ڪن ٿا، تہ پنجاب جي حڪمران طبقي جي ذهن ۾ جيڪو پاڪستان هو اهو سمورين قومن جو گڏيل، سيڪيولر ۽ جمهوري پاڪستان نہ پر هڪ اهڙو ملڪ هو ۽ آهي، جنهن ۾ ٻيا صوبا توڙي قومون هر صورت ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي جون ماتحت ۽ سندس تسلط هيٺ هجن.

پاڪستان جي قيام بابت پيو رويو ۽ نظريو هندستان جو يو-پي ۽ سي-پي جي مسلم قيادت جو هو. جنهن جي اهڙي خواهش جو هڪڙو ڏگهو تاريخي ۽ نفسياتي پسمنظر هو. جيتوڻيڪ گڏيل هندستان ۾ مسلمان هڪ اقليت هئا، پر تنهن هوندي بہ مغل شهنشاهيت هندستان جي ڪجھ علائقن جي مسلم آبادين ۽ خاص طور تي سندس حڪمران طبقي منجھ هڪ مخصوص "مراعتيافتہ ذهنيت" کي جنم ڏنو. ان مخصوص مراعتيافتہ ذهنيت جا سياسي ڳڙھ يو-پي، سي-پي ۽ ڪجھ ٻيا صوبا هئا. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن هندستان ۾ برطانوي راڄ جي خاتمي جي هوا گُهلي تہ هندستان ۾ اهڙي "سوچ" هڪ دفعو وري متحرڪ ٿي ۽ ان نہ رڳو هندستان جي ورهاڱي جو سوال اُٿاريو پر هڪ الڳ مسلم رياست جو تصور بہ آهستي سامهون اچڻ شروع ٿيو. جيتوڻيڪ مطالبو اهو ساڳيو ئي هو جيڪو ٿوري فرق سان علامہ اقبال بہ مسلم پنجاب جي حڪمران طبقي جي نمائندگي ڪندي، 1930ع ۾ الله آباد ۾ مسلم ليگ جي ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو هو پر ان مطالبي پٺيان يو-پي، سي-پي سان تعلق رکندڙ مسلم قيادت جا محرڪ اهي ساڳيا نہ هئا. ان لڏي جو نفسياتي مسئلو اهو هو تہ اُهي تي سئو سال مراعتيافتہ طبقو رهڻ کانپوءِ هندستان ۾ هڪ مستقل اقليت طور رهي نٿي سگهيا. دراصل هيءَ اها ئي ذهنيت آهي، جيڪا سنڌ ۾ بہ ثقافتي ۽ سياسي لحاظ کان مستقل اقليت طور رهڻ لاءِ تيار ناهي. اُن آباديءَ طرفان سنڌ جي ورهاڱي جو سوال بہ دراصل ان ساڳي ذهنيت جو آئينہ دار آهي، جنهن مستقل مذهبي اقليت رهڻ جي خوف کان هندستان جي ورهاڱي جو نعرو هنيو هو. جڏهن تہ پنجاب جي مسلم حڪمران طبقي طرفان برطانوي راڄ اندر توڙي برطانوي راڄ کان سواءِ گڏيل هندستان ۾ توڙي ان کان قطع نظر، هڪ مسلم رياست جي مطالبي جو محرڪ اهو ساڳيو نہ هو جيڪو يو-پي ۽ سي-پي جي مسلم قيادت جو هو. ان جو وڏو ثبوت اهو آهي تہ اقبال گڏيل هندستان جو ترانو بہ لکيو هو.

پاڪستان جي قيام پٺيان ٽين ۽ سيني کان ترقي پسند، پنهنجي بنيادي جوهر ۾ سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند سوچ اها هئي، جنهن جي نمائندگي سنڌ جي ڄائي محمد علي جناح ٿي ڪئي. اِها ٻي ڳالھ آهي تہ اڳتي هلي تاريخ جون اهي پيچيدگيون ظاهر ٿيون، جن جناح جهڙي سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند ماڻهوءَ کي بہ مسلم ليگ جي پليٽ فارم تان اهڙي سياست ڪرڻ تي مجبور ڪيو، جنهن کي مذهبي فرقہ پرستي (Relegio_Communalism) کانسواءِ ٻيو نالو نٿو ڏئي سگهجي. جناح جي سيڪيولير ۽ جمهوريت پسند سوچ جي ساک ٻيو تہ ٺهيو پر خود ايم اين راءِ جهڙي دانشور بہ ڏني آهي. (تفصيلن لاءِ پڙهو ايم اين راءِ جو

ڪتاب "Men I met"). حقيقت اها آهي تہ نندي ڪنڌ ۾ اُن دؤر جي حوالي سان جيڪڏهن ڪنهن اڳواڻ سان تاريخ ۾ سڀ کان وڏيڪ زيادتي ٿي آهي تہ اهو جناح آهي. ايم اين راءِ تہ ايترو بہ لکيو تہ:

"He was most maligned and misunderstood man."

(هو (جناح) سڀ کان وڏيڪ مَسخ ڪيل ۽ نہ سمجهيو ويندڙ شخص هو).

اڄوڪي پارت ۾ جناح تي نندي ڪنڌ جي ورهاڱي جو الزام رکي ڪيس "ولين" سمجهيو ويجي ٿو. پاڪستان ۾ حڪمران طبقي جناح کي پنهنجن مخصوص ۽ ناجائز مفادن خاطر هڪ سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند اڳواڻ بدران هڪ تنگ نظر ۽ ڪٽر فرقہ پرست اڳواڻ ڪري پيش پئي ڪيو آهي. افسوس جو سنڌ ۾ سائين جي ايم سيد بہ پنهنجن اختلافن ۽ شخصي ناپسنديدگيءَ سبب جناح جي شخصيت سان هڪ تاريخدان طور انصاف نہ ڪيو ۽ نئين نسل جي بدقسمتيِ اها آهي تہ انهن تائين نندي ڪنڌ جي حقيقي تاريخ جا ماخذ پهچي نہ سگهيا آهن. نتيجي ۾ نندي ڪنڌ جي ويجهي ماضيءَ جي تاريخ جي هڪ وڏي ڪردار سان ڪوبہ انصاف نہ ڪري سگهيو! حقيقت اها آهي تہ جناح بنيادي طور شروع ۾ نندي ڪنڌ جو ورهاڱو نٿي چاهيو. هن جي ذهن ۾ گڏيل هندستان جي جمهوري ۽ سيڪيولر رياست جو تصور هو. جناح ڪانگريس جو برک اڳواڻ هو. 1905ع جي ڪانگريس جي هڪ اجلاس ۾ هن ئي گانڌيءَ کي جماعت جي ٻين اڳواڻن سان متعارف ڪرايو هو. دراصل هندستان ۾ هڪڙي مخصوص سياسي، سماجي، مذهبي توڙي نظرياتي پسمنظر سبب بہ انتهاپسند ۽ متعصب ذهنيتون سرگرم هيون. هڪ مسلم شائونزم جي آئينہ دار هئي ۽ ٻي هندو شائونزم جي. ڪانگريس جهڙي بظاهر سيڪيولر جماعت تي بہ اُن متعصب هندو شائونسٽ سوچ جو غلبو هو. بدقسمتيءَ سان اهڙي ماحول ۾ جناح جهڙي سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند اڳواڻ جي سوچ ٻنهي پاسي پاڙون نہ هٽي سگهي ۽ پوءِ اڳتي هلي، هُن جڏهن سمجهيو تہ گڏيل هندستان ۾ اهڙي متعصب ۽ تنگ نظر ذهنيت جي موجودگيءَ ۾ مسلم اقليت جا مستقل مفاد محفوظ رهي نہ سگهندا تہ حڪمت عمليءَ طور هُن هڪ الڳ رياست جو نعرو بلند ڪيو. جيتوڻيڪ وري بہ مطالبو اهو ساڳيو ئي هو جيڪو پنجاب توڙي يو-پي ۽ سي-پي جي حڪمران طبقي اڳ ئي پيش ڪيو هو پر جنهن باريڪ ۽ بنيادي فرق کي سمجهڻ ضروري آهي، اهو هيءُ آهي تہ جناح جا محرڪ انهن ٻنهي ذهنيتن کان مختلف هئا. نہ رڳو اهو پر جناح جو پاڪستان پنهنجي رياستي، نظرياتي ۽ سياسي مزاج ۾ بہ قطعي مختلف هو. مثال طور 1946ع ۾ هن هڪ انٽرويوءَ ۾ واضح ڪيو تہ:

"The theory of Pakistan guaranteed that federating units… would have all the autonomy that you will find in the constitutions of the United States of Amerca, Canada and Australia… Each federating state of province would have legislative, executive and judicial systems, each of the three branches of government constitutionally separate…."

(پاڪستان جو نظريو ان ڳالهہ جي ضمانت ٿو ڏئي تہ اُن جي وفاقي وحدتن کي اها سموري خودمختياري حاصل هوندي، جيڪا آمريڪا، ڪينيڊا ۽ آسٽريليا جي آئينن ۾ مليل آهي.... هر وفاقي وحدت يا صوبي کي پنهنجا پنهنجا ڏار آئيني، انتظامي ۽ عدالتي نظام، آئيني طور الڳ الڳ حاصل هوندا....)

يعني، هڪ لحاظ کان پاڪستان جو قيام دنيا جي سياسي تاريخ جو هڪ عجيب تجربو هو، جنهن ۾ اُن جي مختلف سرگرم قوتن وٽ، اُن جي قيام جي جدوجهد جا الڳ الڳ محرڪ هئا، پر مطالبو ساڳيو هو. اِهو آهي اهو مختصر پسمنظر، جنهن ۾ پاڪستان لاءِ جدوجهد هلي.

جيڪڏهن سنڌ جي حوالي سان اُن سڄي تحريڪ کي ڏسجي ٿو تہ نهايت ڏکوئيندڙ پاسو سامهون اچي ٿو. پاڪستان جي ان سموري تحريڪ ۾ سنڌ مان جن اڳواڻن نمائندگي ڪئي يا ڪردار ادا ٿي ڪيو، انهن کي اهو ادراڪ ڪنهن طور بہ نہ هو تہ انهن تبديلين ۾ سنڌ جي مستقل مفادن جو تحفظ ڪيئن ٿي سگهيو ٿي؟ اُن زماني ۾ سنڌ مان صرف محمد ابراهيم جويو واحد دانشور هو، جنهن " Save Sindh, Save the Continent" (سنڌ بچايو، ننڍو کنڊ بچايو) جهڙو انتهائي اهم ۽ مستقبل شناس ڪتاب لکي هندستان جي روشنيءَ ۾ اڀياس ڪري سنڌ جي قيادت کي ٻُڌايو تہ ڪين ان صورتحال ۾ حالتن جو صحيح ادراڪ رکندي، ڪيئن ۽ ڪهڙو مؤقف اختيار ڪرڻ گهرجي، جنهن جو تَتُ هيءُ هو تہ سنڌ کي نئين ٺهندڙ ملڪ ۾ غير مشروط طور نہ پر هڪ لکيل معاهدي تحت شامل ٿيڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ سنڌ اها خودمختيار حيثيت وڃائي ويهندي، جيڪا ڪيس وڏين جدوجهد جي نتيجي ۾ بمبئيءَ کان عليحدگيءَ جي نتيجي ۾ حاصل ٿي هئي، پر افسوس جو اُن وقت سنڌ جي سياسي قيادت دورانديشيءَ ۽ سياسي ذميواريءَ کان ڪم نہ ورتو ۽ سنڌ کي غير مشروط طور اهڙين قوتن حوالي ڪيو، جن جي ايمانداري ۽ نيتون پهرين ڏينهن کان وٺي مشڪوڪ هيون.

بهرحال، اُن پسمنظر ۾ جڏهن گڏيل هندستان جو ورهاڱو ٿيو ۽ پاڪستان جو قيام عمل ۾ آيو تہ ايئن ئي ٿيو، جيئن فطري ۽ منطقي طور ٿيڻو هو. يعني اُهي ٿئي

قوتون ۽ ذهنيتون جن پاڪستان جي قيام لاءِ پنهنجن پنهنجن مخصوص مفادن خاطر پاڻ پتوڙيو هو سرگرم ٿي ويو ته جيئن پاڪستان کي پنهنجن مفادن ۽ تصورن جو آئينه دار بڻائي سگهن. جناح جيڪو پاڪستان جي اُن وقت جي قيادت ۾ سڀني کان وڌيڪ روشن خيال، لبرل، سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند هو ۽ جنهن پاڪستان لاءِ هڪ جديد سيڪيولر جمهوري سياست جو تصور ٿي رکيو سو ملڪ جي قيام کان پوءِ بظاهر رسمي طور گورنر جنرل ته ٿي ويو پر بدقسمتيءَ سان سٽت ئي بيمار ٿي پيو ۽ عملي طور سندس ڪردار ثانوي ٿي ويو. نيٺ هو سال اندر 1948ع ۾ فوت ٿي ويو. نتيجي ۾ باقي بہ ”ذهنيتون“ جن جي نمائندگي لياقت علي خان جي صورت ۾ يو-پي ۽ سي-پي جي مسلم حڪمران طبقي ٿي ڪئي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي صورت ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي ٿي ڪئي، تن ملڪي اقتدار کي پائيواريءَ تي ورهائي ڪنيو. ڇيو وڃي ٿو ته اُن زماني ۾ سول بيورو ڪريسيءَ ۾ 70 سيڪڙو اڪثريت يو-پي ۽ سي-پي سان تعلق رکندڙن جي هئي، جڏهن ته ملٽري بيورو ڪريسيءَ ۾ وڏي ۽ قطعي اڪثريت پنجاب جي هئي ۽ ايئن اُهو توازن ون يونٽ تائين قائم رهيو. ون يونٽ جو قيام دراصل اقبال واري مسلم رياست جي خواب جي تعبير ۽ عملي صورت هو. جيتوڻيڪ هتي اهو ممڪن ناهي ته ملڪي تاريخ تي هڪ تفصيلي تنقيدي نظر وڌي وڃي، پر ڇاڪاڻ ته جناح جي وفات سبب ملڪ تي رجعت پسند، بدنيت ۽ تنگ نظر ذهنيتون ۽ سندن آئنہ دار قوتون حاوي ٿي ويون ۽ ملڪ جي سياسي اوسر جا بنياد ئي غلط مفادن تحت رکيا ويا، تنهن ڪري اُنهن جا نتيجا اڄ صدي گذرڻ کانپوءِ اڄ هر ڪنهن جي سامهون آهن. اُنهن مان ڪجهہ ڳالهيون هي آهن:

(1) 1940ع جي ٺهراءَ جي اُبتڙ، پاڪستان کي هڪ خودمختيار سيڪيولر جمهوري رياست بدران سامراجي قوتن جو مطيع بڻائي، اِن کي آزاديءَ جي حقيقي روح کان پري رکيو ويو.

(2) پاڪستان کي جناح جي تصور موجب پنجن خودمختيار رياستن تي مشتمل هڪ جمهوري وفاق ۽ ملڪ بڻائڻ بدران ملڪ جي خالق قوتن جي وجود کان ئي انڪار ڪري اهڙو ماحول جوڙيو ويو جنهن ۾ پنجاب کان سواءِ ٻين قومن پاڻ کي ويڳاڻو ۽ غلام سمجهڻ شروع ڪيو. گهٽ ۾ گهٽ سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جي حيثيت تہ مڪمل طور غلامن واري آهي.

(3) ملڪ ۾ ڪڏهن بہ جمهوريت کي پاڙون هڻڻ نہ ڏنيون ويون آهن. ملڪ جي تاريخ جو وڏو حصو هتي سڌي آمريت رهي آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ تہ ٻين

الاقوامي سياست ۾ ملڪ پنهنجو وقار بلند رکي نہ سگھيو. تہ ٻئي طرف اهو پنهنجي مزاج ۾ هڪ جمهوري ملڪ توڙي معاشرو بہ نہ بڻجي سگھيو.

ان سڄي پسمنظر مان واضح ٿئي ٿو تہ ملڪ جي اڄوڪي بحران جا بنياد سندس اڌ صديءَ جي تاريخ ۾ پيل آهن ۽ اڄ ملڪ جيڪي سياسي، سماجي، اقتصادي توڙي سفارتي ۽ اخلاقي نتيجا ڀوڳي رهيو آهي، اهي اُن عوام دشمن، جمهوريت دشمن رويي ۽ پاليسين جي ڪُکِ مان ڦُٽي نڪتا آهن. مٿي بيان ڪيل اهي سموريون حقيقتون ثابت ڪن ٿيون تہ هن ملڪ جي عوام ۽ مظلوم قومن هڪ ڏينهن بہ آزاديءَ جي فضا ۾ ساهہ نہ کنيو آهي ۽ جنهن آزاديءَ جا خواب اڌ صدي اڳ ننڍي کنڊ ۾ مسلم عوام ۽ ننڍين قومن ڏٺا هئا، اهي اڄ بہ تشنہ آهن ۽ ڪنهن اهڙي صُبحَ جي انتظار ۾ آهن، جڏهن سندن ديس آزاد هوندا ۽ انهن ۾ حقيقي آزاديءَ جون هوائون ۽ بهارون گھُلنديون.

---

روزاني "عبرت" حيدرآباد، 14 آگسٽ 2000ع

# چا نئون سيٽ اپ ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهندو؟

جيتوڻيڪ ملڪ ۾ ميان نوازشريف جي حڪومت. پارليامينٽ ۽ چئني صوبائي حڪومتن سميت معطل ٿي چڪي آهي ۽ ملڪ جون انتظامي واڳون چيف ايگزيڪيوٽو طور فوجي سربراهه جنرل پرويز مشرف سنڀالي ورتيون آهن. نه رڳو ايترو پر جنرل پرويز مشرف ملڪ لاءِ هڪ عبوري (جيڪو خبر نه آهي ڪيستائين جاري رهندو؟) سيٽ اپ جي پيڪيج جو اعلان به ڪيو آهي، جنهن جا مڪمل تفصيل اخبارن ۾ اچي چڪا آهن ۽ گهڻ ۾ گهڻ اها ڳالهه ته واضح ٿي وئي آهي ته فوج ڪٽي سڌيءَ طرح مارشل لا جي نالي ۾ نه سهي پر قومي سلامتي ڪائونسل جي نالي ۾ پر اقتدار ۾ رهندي. ان سوال ته مستقبل ۾ ملڪ جو ڇا ٿيندو؟ يا هيءُ سيٽ اپ ملڪ کي هن سنگين بحران مان ڪڍي سگهندو يا نه؟ ڪان اڳ ضروري آهي ته موجوده تبديليءَ جي پسمنظر ۽ ان جي بنياد تي ٿوري روشني وجهجي. فوج طرفان نواز حڪومت کي برطرف ڪرڻ ۽ اقتدار جون واڳون سنڀالڻ جو جواز اهو ٻڌايو ويو آهي ته نوازشريف حڪومت فوج کي هڪ اداري طور تباهه ڪرڻ/ نقصان پهچائڻ جي سازش ڪئي هئي. جنهن جو انجنيئر آءِ ايس آءِ جو اڳوڻو سربراهه ضياءُ الدين چيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ فوج طرفان حڪومت جي برطرفيءَ جو هيءُ فيصلو اوچتو ۽ حڪومت طرفان جنرل پرويز مشرف جي معطليءَ جي اعلان جي فوري ردعمل طور ٿيو پر حقيقت ۾ نوازشريف جي حڪومت ۽ فوجي قيادت ۾ اختلافن ۽ ٽڪراءُ جو سلسلو چڱي وقت کان هلندڙ هو ۽ ان ٽڪراءُ جا ڪي شخصي يا رواجي نه پر وڏا ۽ حساس ترين سبب آهن. جيستائين ملڪ جي هاڻوڪي صورتحال کي ان پسمنظر ۾ نٿو ڏٺو وڃي، تيسين ان کي ڪنهن طرح به سمجهي نه سگهبو. هن بحران جا مکيه امڪاني سبب هي آهن:

1. پاڪستان ڪنهن طرح بہ هڪ آزاد ۽ خودمختيار ملڪ نہ آهي. ملڪ جي حڪمران طبقي پهرين ڏينهن کان وٺي پاڪستان کي هڪ اڻ لکيل معاهدي تحت آمريڪا جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيو. ان ڪري جيڪڏهن پاڪستان جي تاريخ ۽ سياست کي سمجهڻو هجي تہ ان لاءِ هن خطي ۾ آمريڪي مفادن، پاليسين، حڪمت عملين ۽ ترجيحن کي ضرور نظر ۾ رکڻ گهرجي. ملڪ جي رياستي ادارن اندر هن ڇڪتاڻ جون پاڙون بہ آمريڪي مفادن ۽ سندن بدليل پاليسين جي زمين ۾ کُتل آهن. جڏهن دنيا جي نقشي تي سوويت يونين هڪ سُپر پاور طور موجود هو ۽ افغانستان ۾ سوويت يونين جي حامي حڪومت هئي ۽ ٻئي طرف هندستان بہ سياسي ۽ سفارتي طور آمريڪا جي پيٽ ۾ روس جي ويجهو هو، تڏهن آمريڪا پاڪستان کي هڪ سياسي مورچي طور ڪم آڻڻ تي گهريو ۽ ڪاميابيءَ سان استعمال ڪيو. جنرل ضياءَ جو پورو يارنهن سالن جو دؤر ان جو بدترين مثال آهي. اُن زماني ۾ آمريڪا ۽ سندس سهڪار سان هلندڙ عالمي مالياتي ادارا پاڪستان کي سياسي رشوت طور ڳريون مددون ڏيندا هئا تہ جيئن پاڪستان عسڪري ۽ سياسي طور سندن مفادن لاءِ طاقتور حيثيت سان ڪم اچي سگهي ۽ پاڪستان کان بہ جنرل ضياءَ جي سربراهيءَ ۾ آمريڪا جي هڪ ايجنٽ وارو ڪردار ادا ڪرائي هڪ ملڪ طور سندس وقار کي ڏاڍو رسوا ڪيو ويو. پوءِ جڏهن سوويت يونين ٽُٽي ويو ۽ افغانستان ۾ نام نهاد اسلامي علمبردار اقتدار ۾ آيا ۽ انڊيا بہ سياسي طور اڳتي آيو. آمريڪا هن خطي ۾ پنهنجن بدليل مفادن تحت پاڪستان ڏانهن پنهنجا رويا ۽ پاليسيون بہ تبديل ڪيون. ان لاءِ پاڪستان تي دٻاءُ عالمي مالياتي ادارن ذريعي وڌو ويو تہ پاڪستان پنهنجا عسڪري خرچ گهٽائي، ٻين سرڪاري ادارن جيان رياستي ادارن (فوج سميت) ۾ بہ ڊائون سائيزنگ ڪئي وڃي. ان پٺيان اها ئي سوچ هئي تہ پاڪستان جو بدليل حالتن ۾ عسڪري حوالي سان مضبوط رهڻ آمريڪا جي مفاد ۾ نہ آهي. جيڪو پاڪستان حڪمران طبقي آمريڪا کي هڪ مورچي طور حوالي ڪيو هو، اهو هاڻي هڪ ڪارائتي منڊيءَ ۾ تبديل ٿئي. ان ڪم لاءِ آمريڪا جي نظر ميان نوازشريف تي پئي، جو هو گهڻن حوالن کان اهو ڪارنامو سرانجام ڏيڻ لاءِ موزون ترين ماڻهو هو. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ميان نوازشريف جي سڄي سياسي گرومنگ ۾ آءِ ايس آءِ جو هٿ ڇيو وڃي ٿو، ان ڪري اهو ڪم وڏيڪ آسانيءَ سان ٿي سگهيو ٿي. هاڻي واضح ٿيو تہ ميان صاحب کي ايڏي وڏي مينڊيٽ ملڻ جو راز بہ اهو ئي هو. ان ڪري نوازشريف جي اسٽيبلشمينٽ ۽ فوج سان ٽڪراءُ جو اهم ترين سبب اهو ئي هو تہ هن عالمي مالياتي ادارن ۽ آمريڪا جي ايجنڊا تحت آرميءَ کي سياسي طور حڪومت جي

ڪنٽرول ۾ رکڻ ۽ ان جي بجيٽ گهٽائڻ تي زور ڏنو. پر نوازشريف جي حڪومت ايڏو وڏو ڪم جنهن نااهليءَ سان ٿي ڪيو ان جو نتيجو ظاهر آهي تہ اهڙو ئي نڪرڻو هو. خاص طور تي تڏهن جڏهن اهو ڪم عوامي دٻاءَ ۽ سياسي حڪمت عمليءَ بجاءِ آءِ ايس آءِ جي ذريعي ۽ ان جي سازشي حڪمت عملين ذريعي ڪيو ٿي ويو. جڏهن ملڪ جا بنيادي ۽ وڏا فيصلا ٻاهرين قوتن جي ايجنڊا تحت ۽ عوام بجاءِ سازشي روين ذريعي ڪبا تہ پوءِ نوازشريف جيان اونڌي منهن نہ ڪِربو تہ ٻيو ڇا ٿيندو؟

ان ڪري ڳالهہ مختصر ڪجي تہ نوازشريف جي اسٽيبلشمينٽ سان ٽڪراءُ جو هڪ اهم ترين ۽ بنيادي سبب اهو هو. ميان صاحب جوا جي جيڪا راند، آءِ ايس آءِ جي پٽن سان کيڏڻ ٿي گهري، ان ۾ هن وٽ هٿين هارائڻ کان پوءِ سياسي دشڪش بہ نہ بچي آهي.

2. ميان نوازشريف جي اسٽيبلشمينٽ سان هن ٽڪراءُ جو هڪ پسمنظر ٻيو بہ آهي ۽ اهو بہ بنيادي اهميت جو آهي، جنهن کي نظرانداز نہ ٿو ڪري سگهجي. اصل ۾ پاڪستان جي سياست ۾ نوازشريف جو عروج ۽ زوال بہ هڪ دلچسپ لقاءُ (Phenomenon) آهي، جنهن کي باريڪ بينيءَ سان سمجهڻ جي ضرورت آهي. نوازشريف جي پاڪستاني سياست ۾ داخلا جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ ٿي ۽ چيو وڃي ٿو تہ هن کي مٿي آڻڻ ۾ بنيادي ڪردار ايجنسين ادا ڪيو هو. جنهن جو خاص مقصد هيءَ هو تہ پنجاب مان پاڪستان سطح جي اهڙي ليڊرشپ پيدا ڪئي وڃي، جنهن جي بنيادي Orientation جمهوري ۽ خالص سياسي نہ هجي. خاص طور تي آءِ ايس آءِ جي تڏهوڪي سربراهہ جنرل حميد گل ۽ برگيڊيئر امتياز جي باري ۾ چيو وڃي ٿو تہ انهن هڪ خاص رٿابنديءَ سان ميان نوازشريف کي سياسي طور مٿي آندو. ان ڏس ۾ پهرئين مرحلي طور نوازشريف کي پنجابي شائونسٽ جي صورت ۾ مٿي آڻي کيس پنجاب ۾ هڪ مضبوط سياسي بنياد فراهم ڪيو ويو ۽ چاڪاڻ تہ پنجاب ۾ اها سياسي لائين نئين هئي، ان ڪري ماڻهن جي وڏي اڪثريت کي ان پاڻ ڏانهن ڇڪڻ تي مجبور ڪيو. نوازشريف جڏهن پنجاب کي سياسي طور ”پنهنجو“ ڪري ڇڪو هو تڏهن راند جي ٻئي مرحلي طور نوازشريف کي وفاقي سياست ۾ رٿابنديءَ سان مٿي آڻڻ لاءِ هڪ خاص سياسي فضا ناهي وئي. اها سڄي ڳالهہ ورجائڻ جي ضرورت ان ڪري نہ آهي جو اها ويجهي ماضيءَ جي ڳالهہ آهي ۽ اهو سڄو دؤر نہ رڳو رڪارڊ تي موجود آهي پر ماڻهن کان بہ وسريو ناهي. نوازشريف جي اُڀرڻ کان اڳ پنجاب جي حڪمران طبقي جي نمائندگيءَ (۽ دراصل ملڪ) جون واڳون اسٽيبلشمينٽ وٽ هيون پر جڏهن نوازشريف جي

صورت ۾ پنجاب مان سول ۽ سياسي ليڊرشپ اُڀري ۽ اها چاڪاڻ ته پاور پاليٽڪس ۾ ٻين صوبن جي ليڊرشپ جيان اندروني طور ايترو ڪمزور نه هئي، ان ڪري اهو سوال آهستي آهستي پنهنجين سمورين پيچيدگين سان سامهون اچڻ لڳو ته ڇا پنجاب سان تعلق رکندڙ سياسي ليڊرشپ (يعني ميان نوازشريف) به ٻين جيان پاور پاليٽڪس ۾ اندروني طور اسٽيبلشمينٽ جي ماتحت ٿي ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندي يا اها ان ڏس ۾ ڪو بريڪ ٿرو ڪري سگهندي؟ ان کان اڳ چاڪاڻ ته ملڪ جي اچي ڪاري جي مالڪ پنجاب جي حڪمران طبقي جا اندروني تضاد ايترو واضح ٿي سامهون نه آيا هئا، ان ڪري ٻين صوبن جي عوام ۽ سياسي ڌرين جو ڌيان ڪڏهن پنجاب جي حڪمران طبقي جي اندرين تضادن ڏانهن نه ويو. بهرحال نوازشريف سياسي طور ملڪ جي پاور ڪاريڊورز ۾ مضبوط ٿي سامهون اچڻ ڪانپوءِ ايئن ئي ڪيو. جنهن جا گهڻا امڪان هئا ته هن طاقت ۽ اختيارن جو توازن ۽ پنجاب جي حڪمران طبقي جي نمائندگي، اسٽيبلشمينٽ کان پنجاب سان تعلق رکندڙ سول ۽ سياسي ليڊرشپ (يعني نوازشريف) ڏانهن منتقل ڪرڻ چاهيو. جنهن کي حقيقت ۾ اسٽيبلشمينٽ ڪڏهن به پسند يا گوارا نه ڪيو. ميان نوازشريف جي خودمختيار حيثيت سان سامهون اچڻ جي خواهش ۽ ڪوشش اسٽيبلشمينٽ جي خودمختيار حيثيت سان سامهون اچڻ جي خواهش ۽ ڪوشش اسٽيبلشمينٽ جي ان نيت ۽ ڪوشش کي رئي ڪري ڇڏيو. جنهن موجب ملڪ جي بظاهر سياسي ليڊرشپ به پنجاب کي ڏيڻ جي رٿابندي ڪئي وئي هئي. حڪمران طبقن کي هونئن به تاريخ جو شعور ۽ ادراڪ نه هئڻ جي برابر هوندو آهي. پاڪستان جي حڪمران طبقي جو ته هن سان ٻنهي ڪڏهن به واسطو نه رهيو آهي. ان ڪري اسٽيبلشمينٽ اهو سمجهي نه سگهي ته پنجاب سان تعلق رکندڙ سول ۽ سياسي ليڊرشپ سيني کان وڌيڪ کين ڳچيءَ ۾ پئجي سگهي ٿي. نوازشريف ۽ اسٽيبلشمينٽ وچ ۾ ان ٽڪراءُ ايڏي شدت ان ڪري به اختيار ڪئي جو پاڪستان تي آمريڪا جي دٻاءُ ۽ نوازشريف جي ذاتي آمراڻي خواهشن جو هڪ خاص دؤر ۾ ٽڪراءُ ٿيو. جيڪڏهن نوازشريف ڪو جمهوري مزاج ۽ سوچ رکندڙ سياستدان هجي ها ۽ طاقت جو توازن اسٽيبلشمينٽ جي پيٽ ۾ هن جي حق ۾ وڃي ها ته اها ڳالهه يقينن غيرمعمولي ۽ عوام جي حق ۾ هجي ها. پر حقيقت اها آهي ته نوازشريف جنهن آمريت پسند، جمهوريت دشمن، متعصب ۽ آپيشاهي ذهنيت جي کُک مان جنم ورتو هو هو سياسي طور ايترو مٿي اچڻ باوجود به ان کان پنهنجي جند آجي ڪرائي نه سگهيو. هو جمهوريت جي نالي ۾ هڪ اهڙو سول آمر ٿي اُڀريو جنهن پنهنجي سياسي طاقت جي نشي جي پيرن هيٺان ملڪ جي هر

اداري کي لتاڙڻ ۾ وسان نہ گھٽايو. اهو ئي سبب آهي جو اسٽيبلشمينٽ ۽ نوازشريف جي ان ڇڪتاڻ کي ڪڏهن بہ غير جمهوري ۽ جمهوري سوچ ۾ روين وچ ۾ تضاد جي نظر سان نہ ڏٺو ويو ۽ نہ ئي فوج طرفان نوازشريف کي معطل ڪرڻ کي هڪ دفعو وري اسٽيبلشمينٽ هٿان سياسي ۽ جمهوري عمل جي شڪست جي تناظر ۾ ڏٺو ويو آهي. اهو صحيح آهي تہ نوازشريف ملڪ ۾ موجود طاقت جي توازن واري روايتي اسٽيٽسڪو کي ٽوڙڻ ٽي گهريو ۽ ان لاءِ هن ڪيترائي انتهائي قدم بہ کنيا پر ان جي جاءِ تي هن جمهوري ۽ سياسي نظام ۾ جنهن شخصي آمريت ۽ فسطائيت جو نئون اسٽيٽسڪو قائم ٽي ڪيو اهو عوام کي اجا بہ وڌيڪ ڳچيءَ ۾ پئجي وڃي ها ۽ ان مان جان ڇڏائڻ تهائين وڌيڪ ڏکيو ٿي پوي ها. مختصر لفظن ۾ اهو تہ نوازشريف جي حڪومت جي ان زوال جو ٻيو اهم ترين سبب خود پنجاب جي حڪمران طبقي جي اندروني تضادن جو وڌيءَ سطح تي اُڀري اچڻ آهي.

3. نوازشريف جي ناڪاميءَ ۽ زوال جو وڏو سبب سندس انتهائي ناڪام اقتصادي ۽ سياسي پاليسيون بہ هيون. نوازشريف جي ناڪام اقتصادي پاليسين جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ مهانگائي، بيروزگاري، معاشي غير يقينيت جو جيڪو طوفان اُٿيو ۽ ملڪ ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي سيڙپڪاري ۽ واپار کي جيڪو ڪاپاري ڌڪ لڳو ان ٻين صوبن تہ ٺهيو پر خود پنجاب جي عوام کي بہ نوازشريف کان بيزار ڪري ڇڏيو. چيو وڃي ٿو تہ معاشي طرح نوازشريف جو هيءُ دؤر هو جنهن عوام جي چيلهہ ڇڪي ڪري وڌي هئي. عوام تہ ڇا پر خود مٿين وچين طبقي ۽ سرمائيدار ڪميونٽيءَ بہ پاڪستان ۾ معاشي لحاظ کان ايڏو ڏکيو دؤر اڳ نہ ڏٺو. ٻئي طرف نوازشريف جون ناڪام سياسي پاليسيون نہ رڳو ملڪ ۾ سياسي انارڪي، احتساب جي نالي ۾ هڪ طرفين سياسي انتقامي ڪارروايُن ۽ ننڍن صوبن ۾ محروميءَ جي سخت احساس جو سبب بڻيون پر حقيقت ۾ انهن ملڪن ۾ انڌين مندين جمهوري روايتن، سياسي فضيلتن ۽ ملڪ جي اخلاقي Rationale کي تباهہ ڪرڻ ۾ ڪا ڪسر باقي نہ ڇڏي. نوازشريف هڪ مطلعق العنان سياسي آمر جيان نہ رڳو مخالف ڌر کي ملڪي سياسي وهنوار ۾ ڪڏهن بہ شامل ٿيڻ جو موقعو نہ ڏنو نہ رڳو ننڍن صوبن کي پنهنجن متعصب فيصلن ذريعي ٻئي درجي جو شهري يا مفتوح هجڻ جو احساس ڏياريو نہ رڳو پارليامينٽ ذريعي پنهنجي وڏي مينڊيٽ کي عوامي مفادن لاءِ استعمال ڪندي بنيادي معاملن بابت ڪا بہ قانون سازي نہ ڪئي، پر خود پنهنجين اتحادي قوتن کي بہ مجبور ڪيو تہ اهي حڪومت خلاف مخالف ڌر جي ڪئمپ ۾ هليون وڃن. ظاهر آهي تہ هڪ اهڙو حڪمران جيڪو

استيبلشمينٽ سان ڇڪتاڻ جي حالت ۾ هجي، معاشي طور عالمي مالياتي ادارن جي سخت دٻاءُ ۾ هجي ۽ اهو پنهنجي ملڪ ۾ عوامي سطح تي ڪنهن به ڏر لاءِ عزت جوڳو يا قابلِ قبول به نه هجي ٿو. نوازشريف ڇاڪاڻ ته بنيادي طور تي نه ته سياسي پسمنظر ۽ تربيت جي سمورن مرحلن مان گذري مٿي آيو هو ۽ نه هن اڳتي هلي پاڻ کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، ان ڪري هن جو سياسي دؤر پاڪستان جي تاريخ ۾ ڪنهن به عوامي سياسي ليڊرشپ جي ناڪاميءَ ۽ نااهليءَ جو بدترين مثال آهي. جنهن سياسي حڪومت يا ليڊرشپ جون پاڙون عوامي حمايت جي زمين مان نڪري چڪيون هجن، پڪ سمجهڻ گهرجي ته ان جو بظاهر اوچتو پر دراصل فطري طور، ڪنهن به بهاني سان ڏهي اچي پٽ پوڻ بنهه متوقع، فطري ۽ سياسي لحاظ کان نارمل ڳالهه آهي.

4. نوازشريف جي حڪومت کي جيترو وڏو ڳرو مينڊيٽ مليل هو، ان لحاظ کان سندن ڪمزور ۽ ناڪام ترين پرڏيهي پاليسيءَ جو به ڪو مثال نظر نه ٿو اچي. ملڪ جي نهايت نازڪ معاشي صورتحال باوجود ايٽمي ڌماڪن جي نتيجي ۾ پاڪستان سياسي طور جيڪا ٿوري گهڻي سگهه حاصل ڪئي هئي، اها حڪومت ڪارگل معاملي ۾ اهڙي ته مثالي اُبهرائيءَ سان تباهه ڪئي، جنهن جو به مثال مشڪل ملندو. پاڪستان نوازشريف جي ئي حڪومت ۾ افغانستان ۾ طالبان حڪومت کي سڀ کان پهرين تسليم ڪيو ۽ اڳتي هلي ساڳي حڪومت آمريڪي دٻاءُ تحت کين دهشتگرد قرار ڏنو. هونئن به مجموعي طور جيڪا حڪومت پنهنجي ملڪ اندر وڏو ۽ مثالي مينڊيٽ انجواءِ ڪندي هجي. اها پنهنجي سموري دؤر ۾ سفارتي سطح تي ڪوبه ٻوٽو نه ٻاري سگهي ته ان کي مثالي ناڪامي ۽ نااهلي نه چئبو ته ٻيو ڇا چئبو؟

ٿُلهي ليکي اهي ئي سبب هئا، جيڪي نوازشريف جي حڪومت کي اندر ئي اندر اڏوهيءَ جيان کائي کوکلو ڪري چڪا هئا. جيتوڻيڪ ملڪ ۾ فوج طرفان کهڙي به حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي حمايت ته ڪڏهن به نه ٿي ڪري سگهجي يا ان کي جائز قرار ته ڪڏهن به نه ٿو ڏئي سگهجي پر نوازشريف حڪومت هڪ طرف مڪمل طور ناڪام ٿي ملڪ کي ذري گهٽ تباهه ڪري چڪي هئي ته ٻئي طرف ان سياسي ۽ آئيني طور حڪومتي تبديليءَ جا سڀ گس به بند ڪري ڇڏيا هئا. شايد اهو ئي سبب آهي جو پاڪستان جي تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو آهي جڏهن عوام طرفان جيڪڏهن فوج جي ان قدم کي ساراهيو نه ويو ته گهٽ ۾ گهٽ ان تي گهڻو افسوس به نه ڪيو ويو آهي. اهي ته هئا نوازشريف

جي سياسي زوال جا بنيادي محرڪ ۽ سبب پر ان جي بحران جو اهم ترين سوال مستقبل بابت امڪاني صورتحال جو جائزو وٺڻ آهي.

ميان نوازشريف جي حڪومت جي خاتمي ۽ جنرل پرويز مشرف جي ملڪ جي چيف ايگزيڪيوٽو طور ذميواريون سنڀالڻ ڪانپوءِ پهرين عام راءِ اها ئي هئي ته جيتوڻيڪ نوازشريف جي حڪومت توڙي سياست جو باب في الحال پاڪستان جي موجوده سياسي دؤر جي ڪتاب ۾ بند ٿي چڪو آهي پر فوج, عالمي دٻاءُ ۽ ملڪ جي حساس معاشي حالتن ڪري گهڻو وقت سڌيءَ طرح اقتدار تي نه ويهي پر ان ڪان پوءِ حالتون ان راءِ جي بلڪل اُبتڙ ويون آهن. ان ڪان پوءِ چيف ايگزيڪيوٽو طرفان جيڪي فيصلا ڪيا ويا آهن ۽ جيڪي Developments ٿيون آهن, انهن مان گهڻ ۾ گهڻ اها ڳالهه يقيني طور ثابت ٿي وئي آهي ته فوج جو واپسيءَ جو في الحال ڪو ارادو ناهي ۽ اڻ سڌي مارشل لا جي نالي ۾ به سهي پر نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل ۽ ٻين عارضي ادارن ذريعي اقتدار جون سياسي واڳون به پنهنجي هٿ ۾ رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ ٻن سببن ڪري فوج کي اقتدار ۾ ويهڻ لاءِ وڏو جواز ۽ مدد ملي هوندي. سڀ کان اڳ ته هيءَ پاڪستان جي تاريخ جو پهريون موقعو آهي جو عوام هڪ سياسي حڪومت جي برطرفيءَ ۽ فوج طرفان اقتدار جون واڳون سنڀالڻ جي فيصلي کي ناپسند ڪرڻ بدران ان جي مجبوريءَ ۾ ئي سهي پر بهرحال آجيان ڪئي آهي. اصل ۾ نوازشريف جي جمهوريت جي نالي ۾ شخصي آمريت ۽ Bad Governance مان عوام تمام گهڻو بيزار هو ۽ چاڪاڻ ته سياسي ۽ آئيني طور حڪومت هٽائڻ جا سڀ رستا بند ٿي چڪا هئا, ان ڪري عوام هن پيري قدرن ۽ اُصولن جو لحاظ ڪرڻ بدران ۽ نوازشريف جي عوام دشمن, ناڪام ترين ۽ عوام لاءِ جنسي عذاب بڻيل حڪومت مان جند ڇڏائڻ لاءِ وقتي ۽ مشروط ئي سهي پر بهرحال فوج جي هن غير آئيني قدم کي ناپسند به نه ڪيو آهي. ان ڪري عوام جي اهڙي موٽ به فوج کي پاور ۾ رهڻ لاءِ وڏو بنياد فراهم ڪيو هوندو. عوام کان علاوه پ پ پ سميت ٻين سياسي پارٽين جي اڪثريت به واضح طور فوج کي سپورٽ ڪيو آهي. منهنجي خيال ۾ فوج جي پاور ۾ رهڻ واري فيصلي کي ان ڳالهه وڏي هٿي ڏني آهي. ٻئي طرف جيڪو امڪاني خوف هو ته نوازشريف چاڪاڻ ته هن سڄي خطرناڪ راند کيڏڻ جو رسڪ آمريڪا ۽ آءِ ايم ايف جهڙن ادارن جي چوڻ ۽ سندن ئي آشيرواد جي زور تي ڪنيو هو ان ڪري امڪان ان ڳالهه جا هئا ته پاڪستان ۾ هن فوجي انقلاب ۽ راڄ جي مٿين سطح تي مخالفت ٿيندي, پر ٿيو ان جي اُبتڙ. نوازشريف کي هن زوالي منطقي انجام تي پهچائي آمريڪا ڪيس ايئن نڌڻڪو ڇڏي ڏنو ڄڻ ان جو هن سڄيءَ راند ۾ ڪو ڪردار ئي نه هو. نه رڳو آمريڪا پنهنجي ئي راند جي هن ناڪاميءَ جو ڏک

پڇائي نوازشريف مان هٿ ڪيي ڇڏيا آهن ۽ هن سيٽپ تي هٿ رکيو آهي پر خود آءِ ايم ايف بہ اعلان ڪيو آهي تہ پاڪستان بابت سندن پاليسين ۾ ڪا بہ بنيادي تبديلي نہ ايندي. ان کان علاوه انڊيا، سعودي عرب ۽ ٻين ملڪن بہ نوازشريف حڪومت جي خاتمي تي ڪوبہ منفي ردعمل ڏيکارڻ بجاءِ موجوده حڪمرانن ڏانهن سفارتي دوستيءَ جو هٿ وڌيو آهي. چين جنهن سان آمريڪا جي ڇوڙ تي نوازشريف حڪومت جا سُٺا لاڳاپا نہ رهيا هئا، ان بہ موقعي جو فائدو وٺندي موجوده حڪمرانن ڏانهن دوستيءَ جو هٿ وڌايو آهي. هونئن بہ هندستان سان تڪرار سبب چين شروع کان وٺي پاڪستان جي فوج سان سدا ۽ سُٺا لاڳاپا رکڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. منهنجي خيال ۾ ان سموري عالمي ردعمل ۽ فضا بہ فوج کي اقتدار ۾ رهڻ لاءِ سپورٽ ۽ جواز مهيا ڪيو هوندو. ان ڪري هاڻي ان ڳالهہ جي باري ۾ ڪو شڪ نہ رهيو آهي تہ فوج جيترو وقت بہ سياسي، سفارتي ۽ اقتصادي طور اقتدار ۾ ويهڻ کي افورڊ ڪري سگهندي، اها اقتدار ۾ ويهندي.

ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال جا دلچسپ پاسا سامهون اچي رهيا آهن ۽ انهن تي غور ڪرڻ گهرجي. 1985 کان پوءِ ملڪ ۾ مارشل لا جو خاتمو آڻي جيڪا انڌي منڊي جمهوريت آندي وئي، ان ۾ محمد خان جوڻيجي جي دؤر کي ڇڏي ڪري جو اها غير جماعتي بنيادن تي چونڊيل حڪومت هئي، ملڪ جي ٻن وڏين سياسي جماعتن يعني پ پ ۽ مسلم ليگ کي ٻہ ٻہ دفعا اقتدار مليو. ان حقيقت جي باوجود تہ ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ طرفان ڪڏهن بہ جمهوريت کي آزاديءَ سان اچڻ، هلڻ ۽ پاڙون هڻڻ جو موقعو نہ ڏنو ويو پر انهن مصيبتن باوجود جيڪي ڪم، ٻنهي وڏين سياسي پارٽين جون چارئي حڪومتون عوامي ڀلائيءَ وارا ڪم ڪري سگهيون ٿي ۽ Good Governance جا مثال قائم ڪري سگهيون ٿي، انهن پاڻ کي ان ڏس ۾ مثالي حد تائين نااهل ۽ عوام جو ڏوهي ثابت ڪيو. اڄ ان جو ئي نتيجو آهي جو عوام هڪ چونڊيل سياسي حڪومت جي برطرفيءَ، آئين جي معطليءَ ۽ فوجي راڄ جي قائم ٿيڻ تي سرهائي محسوس ڪري رهيو آهي. عوام جي اهڙن روين مان اندازو لڳائڻ وارا اڪثر سياسي مبصر اها راءِ ظاهر ڪري رهيا آهن تہ ملڪ جون ٻئي وڏيون پاور پاليٽڪس ڪندڙ سياسي پارٽيون عوام لاءِ هاڻي گهٽي ڀاڱي غير اهم ٿي ويون آهن. ان لاءِ ثبوت طور اها ڳالهہ ڪئي پئي وڃي تہ اڄ جڏهن ملڪ جون بہ وڏي ۾ وڏيون سياسي پارٽيون ڏکي صورتحال ۾ آهن، جڏهن نوازشريف جي مسلم ليگ بلڪل رئي تي وئي آهي ۽ پ پ جي چيئرپرسن بينظير ڀٽو پنهنجي واپسي ۽ سياسي عمل ۾ متحرڪ ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ فوجي قيادت کان ڪوبہ سگنل وٺڻ ۾ ڪامياب نہ وئي آهي ۽ سندن ٻئي درجي

جي قيادت توڙي ڪارڪن لڏو سياسي فرسٽريشن جو شڪار ٿي ويو آهي، تڏهن عوام جو رويو ساڻن همدرديءَ وارو بنهه نه آهي. عوام جو اهو بدليل رويو هڪ طرف الميو به آهي، ڇاڪاڻ ته جنهن عوام هن ملڪ ۾ سياسي عمل ۽ جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ بي پناهه قربانيون ڏنيون، جن سياسي پارٽين کي عوام پنهنجا مادي، سياسي، سماجي، معاشي ۽ ذهني وسيلا ته ڇا پر محبتون آڇيون، انهن جي عوام سان ڪيل مثالي ويساهه گهاتين جو نتيجو آهي جو اڄ ملڪ ۾ عوام سياسي ليڊرشپ جي احتساب لاءِ فوج جي سپورٽ ڪرڻ تي مجبور آهي. سادن لفظن ۾ جنهن سياست کي ذوالفقار علي ڀٽو ڊرائنگ رومن مان ڪڍي روڊن، رستن ۽ غريبن جي گهرن ۾ ڪٺي آيو هو اها ڪانئس پوءِ ملڪ ۾ اُڀريل ليڊرشپ جي ”ڪارنامن“ سبب وري پنهنجي اصل ماڳ ڏانهن موٽي وئي آهي. اهو واقعي به هڪ وڏو الميو آهي. ٻئي طرف اها ڳالهه ساڳئي وقت هڪ لحاظ کان اُتساهيندڙ به آهي ته عوام هاڻي سياسي پارٽين ۽ ليڊرشپ جو احتساب پاڻ به ڪرڻ شروع ڪيو آهي. عوام جا سياسي ليڊرشپ ڏانهن بدليل رويا دراصل سندن احتساب جو ئي اظهار آهن. حقيقت ۾ اهو ئي اصل احتساب آهي جو بار بار آزمايل سياسي ليڊرشپ ۽ سندن سياسي پارٽيون عوام لاءِ غير اهم ٿي ويون آهن.

عوام ڇاڪاڻ ته سياسي معاملن جي عروج ۽ زوال، ڪاميابين ۽ ناڪامين جي گهرائيءَ ۽ تفصيل ۾ نه ٿو وڃي ۽ اهو نٿو ڏسي ته اقتدار ۾ ايندڙ سياسي ڌرين کي ڪرپٽ ڪرڻ ۽ کين عوام خلاف استعمال ڪرڻ ۾ خود اسٽيبلشمينٽ جي پاليسين، روين ۽ سازشن جو ڪيترو عمل دخل آهي؟ عوام بهرحال ان ڳالهه تي خوش آهي ته جمهوري سياست جي نالي ۾ جيڪو عوام دشمن ۽ مراعات يافته طبقو مچي مواڙ ٿيو هو ۽ جنهن جي اکين ۾ عوام ۽ ان جي مفادن جي پاسداريءَ جو ڪو لحاظ ۽ حياءُ نه رهيو هو اهو هاڻي جڏهن احتساب جي ڏڀ وچان ڪوئن جيان ٻرن ۾ لڪي ويو آهي يا سندن نالا باقيدارن جي حيثيت ۾ عوام آڏو پڌرا ڪيا پيا وڃن، ان ڳالهه ۽ سوال کان قطع نظر ته احتساب ڪندڙ ڌرين جا پنهنجا هٿ ماضيءَ ۾ ڪيترا صاف رهيا آهن ۽ خود هينئر به ڪيترا صاف آهن، عوام بهرحال احتساب جي هن اڻ پوري ۽ جهڙي تهڙي ئي سهي پر ان عمل تي خوش آهي. نوازشريف طرفان نام نهاد احتساب جي عمل کي عوام ان ڪري به ناپسند ۽ رد ڪيو جو هڪ ته اهي پاڻ ڪرپٽ ۽ بدعنوان هئا ۽ ٻيو ته احتساب جي نالي ۾ سندن ڪارروايون انتهائي متعصب ۽ انتقامي نوعيت جون هيون. هاڻي جڏهن سمورين مفاد پرست سياسي ڌرين جي ليڊرشپ ۾ هٿ پيا آهن ته عوام ان عمل تي خوش نظر اچي رهيو آهي. جيتوڻيڪ احتساب سان لاڳاپيل سمورا بنيادي سوال تشنه آهن ۽ انهن بابت

مونجهارا برقرار آهن. سڀ ڪان پهرين تہ خود اهو واضح ناهي تہ احتساب ملڪ جي کهڙن کهڙن شعبن ۾، کهڙين کهڙين ڌرين جو ۽ کهڙيءَ سطح تائين ٿيندو؟ ان جو دائرو ڇا هوندو؟ ان جون حد بنديون ڪهڙيون هونديون، اهو ڪڏهن کان شروع ٿيندو؟ اهي سڀ اهڙا سوال آهن جن بابت ڪا بہ واضح ڳالهہ سامهون نہ آئي آهي. مثال طور ڇا ملڪ ۾ ڪرپشن صرف سياسي ڌرين ۽ ليڊرشپ ڪئي آهي؟ ڇا خود اسٽيبلشمينٽ ڪي ڪرپشن جي الزام کان آجو قرار ڏيئي سگهجي ٿو؟ ڇا ڪرپٽ صرف اهي آهن جيڪي بينڪن جا باقيدار آهن؟ ۽ ڇا ڪرپشن صرف پئسي جي ٿيندي آهي؟ ڇا ڪرپشن ملڪ، قوم، عوام، سياسي عمل ۽ سندن مفادن ڏانهن مجرماڻن روين، پاليسين ۽ فيصلن جي نہ ٿيندي آهي؟ ڇا ڪرپشن صرف گذريل ڏهاڪي ۾ ٿي آهي؟

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 24، 25 ۽ 26 آڪٽوبر 1999ع

# حڪمران پاڪستان کي ڪيڏانهن وٺيو پيا وڃن؟

جيتوڻيڪ پاڪستان جي گذريل 51 سالن جي تاريخ جو ڪو به اهو دؤر ناهي، جنهن کي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان بحراني چئي نه سگهجي پر هلندڙ دؤر جو بحران توڙي ان جون پيچيدگيون ضرور مختلف نوعيت جون آهن. تاريخ هڪ اهڙي زمين آهي، جنهن ۾ پوکيل هر ”ٻج“ سلا تي ضرور اُپري ٿو ان ڪري اڄ ملڪ جنهن موڙ تي اچي بيٺو آهي، ان جو ظاهر آهي ته هڪڙو ڏکوءِ ”عجيب و غريب“ پسمنظر آهي. هيءَ دنيا جيڪا بظاهر مختلف کنڊن، خِطن، ملڪن ۽ قومن ۾ ورهايل آهي، سا ساڳئي وقت هڪ ”ڳوٺ“ وانگر به آهي. دنيا جا سمورا ملڪ ۽ قومون جتي هڪ طرف فطري، ماحولياتي، موسمي، اقتصادي، ثقافتي، علمي ۽ سماجي طور هڪٻئي سان ڳنڍيل ۽ هڪٻئي تي مدار رکندڙ آهن، اتي اهي لقاءَ سياسي طور به هڪٻئي کان متاثر ٿين ٿا. خاص طور تي اڄوڪي جديد بيٺڪي نظام (Neo_Colonialism) ۾ ته دنيا جي ننڍين ۽ پسمانده قومن جي سياسي حالتن کي بين الاقوامي سياسي حالتن جي تناظر کان سواءِ سمجهي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته گهڻو ڪري هن نظام ۾ ننڍين ۽ محتاج (ٻڌايل) قومن جي تقديرن جا فيصلا اتي جي اڪثريتي عوام بجاءِ سندن اقليتي حڪمران طبقي معرفت ”وڏين طاقتن“ وٽ ٿين ٿا، ان ڪري ٿين دنيا جي لڳ ڀڳ سمون ملڪن جي سياسي ۽ معاشي حالتن کي بين الاقوامي تناظر کانسواءِ سمجهي ۽ پروڙي نٿو سگهجي. پاڪستان به دنيا جي انهن ملڪ مان هڪ آهي، جتي حڪمران طبقي ملڪ جي خودمختياري، وقار ۽ سياسي سالميت (Political Sovereignty) کي بين الاقوامي سياسي بازار ۾ هڪ جنس طور پئي وڪيو آهي. ان ڪري ملڪ جي

اڄوڪين اڻ وڻندڙ حالتن لاءِ جتي داخلي سبب ذميوار آهن اتي اوترائي ۽ شايد ان کان بہ گھڻو وڌيڪ بين الاقوامي سياسي حالتن جي حوالي سان ”ٻيا“ سبب بہ ذميوار آهن.سياست جي دنيا جا بہ واضح نظريا آهن. هڪ اهو تہ بين الاقوامي حالتن کي ڏيهي حوالي سان پرکيو وڃي ۽ ٻيو اهو تہ ڏيهي ۽ داخلي حالتن کي وري بين الاقوامي حالتن جي تناظر ۾ ڏٺو ۽ پروڙيو وڃي. انهن ٻن نظرين کي Macro Level ۽ Micro Study چيو ويندو آهي. دنيا جا ميجيل سياسي ۽ سماجي سائنسدان عام طور وڏن سرمائيدار ملڪن جو اڀياس مائيڪرو ليول اسٽڊي جي حوالي سان ڪندا آهن ۽ ٽين دنيا جي پسمانده ۽ محتاج ملڪن جو اڀياس وري ميڪرو ليول اسٽڊيءَ جي حوالي سان ڪندا آهن. ان حوالي سان پاڪستان جو ڪيس تہ تهائين وڌيڪ پيچيده آهي. جيئن مون مٿي چيو تہ پاڪستان بہ دنيا جي انهن ملڪن مان آهي، جتي حڪمران طبقي جي سامراج پرست پاليسين سبب اهي ملڪ بظاهر آزاد هوندي بہ هڪ ڏينهن بہ حقيقي خودمختياري ۽ آزادي انجواءِ نہ ڪري سگھندا آهن. اهڙي ئي صورتحال ٽين دنيا توڙي لڳ ڀڳ سمورن پسمانده ملڪن جي آهي. اهو سڄو ڪرشمو دراصل جديد آبادياتي يا سامراجي نظام (Neo_Colonialism) جو آهي، جنهن جا هٿيار بازاري معيشت ( Market Economy)، عالمي مالياتي ادارا ۽ گھڻ قومي ڪمپنيون (Multi Nationals) آهن. اهي ادارا اهڙيون جڙون آهن، جيڪي سڄيءَ دنيا ۾ غريب ۽ پوئتي پيل ملڪن جو رت پيئن ٿيون ۽ وري بازاري معيشت دراصل اهو آڪٽوپس آهي، جنهن جي چنبن ۾ سڄي ٽين دنيا ڦاٿل آهي. ان ڪري جيسين ٽين دنيا جي پسماندگيءَ ۽ محتاجيءَ جي حوالي سان اهي ميڪرو سطح جا عوامل نظر ۾ نٿا رکيا وڃن، تيسين ڳالهہ جي ڳوٺ پڄي نہ سگھبي. مثال طور ايشيا جي ڪجھہ ملڪن کي جڏهن هڪ خاص حڪمت عمليءَ طور ايشيائي ٽائيگر بڻايو ويو تہ ان جو سبب اهو قطعي نہ هو تہ ڪو آمريڪا کي انهن ملڪن جي تقدير بدلائڻ جو شوق جاڳيو هو. سبب خالص سياسي ۽ اقتصادي نوعيت جو هو تہ هن خطي ۾ چين جي وڌندڙ سياسي ۽ اقتصادي طاقت کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ ان کي ايشين ٽائيگرس جي نالي ۾ ٻلائون ٻڇيون وڃن. اها ٻي ڳالهہ آهي ۽ اهي تاريخ جا پنهنجا ليکا چوکا چٽبا جو اهي ايشين ٽائيگرس جن کي سامراجي سياسي ۽ اقتصادي اڏن طور ٺاهيو ۽ تيار ڪيو ويو اهي اڄ جڏهن ميچوئر ٿيا آهن تہ پنهنجي ئي آقا کي اکيون ڏيکاري رهيا آهن. سو آمريڪا کي عوام جي خوشحاليءَ جو ايترو ئي فڪر هجي ها تہ صورتحال ٻي هجي ها. پري ڇو وڃجي، خود آمريڪا ۾ ڪيترين ئي رياستون پسمانده آهن ۽

اُتي بہ ماٺهو بي گهر آهن ۽ اڄ بہ اتي ماٺهو گند جي ڍيرن تي ڪاڏي جون شيون چونڊيندي نظر اچن ٿا.

ٻي مهاڀاري لڙائيءَ جي خاتمي سان گڏ دنيا ۾ تاريخي طور پراڻي بينڪي نظام جو بہ خاتمو اچي ويو. برطانوي شهنشاهيت جنهن لاءِ مشهور هو تہ ان تان سج ڪڏهن بہ نہ لهندو هو. تنهن جون فوجون ننڍي کنڊ سميت سڄي جڳ جهان مان موٽي آيون. برطانوي شهنشاهيت پراڻي بينڪي نظام جي وڏي ۾ وڏي عالمي قوت هئي پر ان نظام ۾ ڏؤرجي خاتمي عالمي طور طاقتن جا محور تبديل ڪري ڇڏيا ۽ نئين بينڪي نظام ۾ آمريڪا هڪ وڏي عالمي سرمائيدار سامراجي قوت طور اُڀريو ۽ اسان جي ”آزاديءَ“ جي ڏند ڪٿا جي حقيقت بہ ڪُل اها آهي تہ هيءُ خِطو پراڻي بينڪي راڄ ۽ ان جي نمائنده طاقت يعني برطانوي شهنشاهيت جي چنبن مان نڪري نئين بينڪي نظام ۾ ان جي نمائنده عالمي قوت آمريڪا جي هٿن ۾ هليو ويو. بس اسان جي آزاديءَ جي ڏند ڪٿا جي ڪهاڻي بنھ ايتري مختصر آهي. اڄ ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ خاص طور پاڪستان جي جيڪا حالت آهي، اها دراصل ان ئي نئين بينڪي نظام جي پيدا ڪيل آهي. جنهن جي حڪمت عملي اها هئي ۽ آهي تہ فوجون موڪلي وڏيون مصيبتون سهي ملڪ فتح ڪرڻ کان بهتر آهي تہ گهر ويٺي ٽين دنيا جي ملڪن جي معيشت کي مڪمل طور محتاج ڪري ڪنٽرول ڪجي ۽ پوءِ پنهنجي مخصوص مفادن خاطر سندن سياسي ڪردار جو بہ تعين ڪجي. جيڪڏهن ان متعين ڪيل ڪردار ۾ ذرو بہ فرق اچي تہ پوءِ اقتصادي ۽ سياسي بحران پيدا ڪرڻ تہ سامراجي نظام جي کاٻي هٿ جو ڪيل آهي. مثال طور جڏهن سوويت يونين ۽ سوشلزم کي منهن ڏيڻ لاءِ افغانستان کي مورچي طور ڪم آڻڻو هو ۽ پاڪستان کان ڪمدار وارو ڪردار ادا ڪرائڻو هو تہ پوءِ جنرل ضياءَ يارنهن سال ويٺو هو ۽ ڪيس ڪوبہ بحران درپيش نہ هو. ڇو تہ بحرانن جي بہ خاص موسم ٿيندي آهي. بحران فقط ۽ فقط تڏهن ئي اچي سگهن ٿا جڏهن ان خطي ۾ سامراجي مفادن کي خطرو لاحق ٿي پوي. ان ڪري سمجهڻ کپي تہ اهي بحران دراصل سياسي دٻاءَ ۽ بارگيننگ جا ڪارڊ هوندا آهن.

پاڪستان جو موجوده بحران بہ حقيقت ۾ هڪ خاص صورتحال جي پيداوار آهي. جنرل ضياءَ يارنهن سال بظاهر نعرا تہ ”اسلام“ ۽ ”نظامِ مصطفيٰ“ جا هنيا پر حقيقت ۾ ڏنڏو اهو ئي ڪيو. جيڪو هن خطي ۾ سامراجي مفادن جي دلاليءَ وارو هو. ملڪ جي خودمختياري ۽ سياسي وقار جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو جنرل ضياءَ هو. ملڪ جي قيام کان پوءِ جنهن سامراج پرست پاليسيءَ جا بنياد لياقت علي خان وڌا، جنرل ضياءَ ان روايت کي بلند مقام تائين پهچائيندي ملڪ جي سياسي

استحقاق کي ڇڻ تہ سامراجي قوتن وٽ گروي رکي ڇڏيو. ان جو وڏي ۾ وڏو ثبوت جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ ملڪ جي پرڏيهي ۽ خاص طور تي افغان پاليسي هئي. ان ئي پاليسيءَ تحت هن خطي ۾ هٿيارن جي غير قانوني ڊوڙ شروع ٿي. سامراجي پاليسيءَ تحت سوشلزم ۽ سوويت يونين کي بنياد پرستيءَ جي بلا بڇي وئي ۽ اهو سڄو ڏنڊو خيرن سان جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ ٿيو. پاڪستان جي اڄوڪي بحران جا گهڻا سبب ان افغان پاليسيءَ جو ئي نتيجو آهن.

سياسي جاگرافيائي لحاظ کان پاڪستان جي اهميت ان ڏينهن گهٽجي وئي، جنهن ڏينهن سوويت يونين جو خاتمو ٿيو ۽ هن خطي ۾ طاقت جا توازن تبديل ٿيا ۽ ”نئين عالمي نظام“ ۾ پاڪستان جو ڪو ڪردار نٿي جُڙيو. روس جي زوال کان پوءِ ڀارت جيڪو پهرين سرد جنگ دوران روس جي پاسي هو اهو وري آمريڪا سان مليو. روس کان پوءِ هن خطي ۾ آمريڪا جو ٽارگيٽ چين وڃي رهيو ۽ ڀارت جي آمريڪي ڪيمپ ۾ وڃڻ جو هڪ سبب اهو بہ هو جو چين هن خطي ۾ توڙي عالمي طور آمريڪا ۽ ڀارت ٻنهي جو مخالف هو. هلندڙ وقت ۾ پاڪستان جي هن معاشي (۽ پڻ سياسي) بحران جو سبب اهو آهي جو هن خطي جي بدلجندڙ سياسي (Equations) ۽ توازن ۾ پاڪستان پنهنجو ڪو نئون ڪردار متعين نہ ڪري سگهيو آهي. ٻي ڳالهہ تہ ڪابہ وڏي طاقت هتان جي حڪمرانن جي اڳوڻي سياسي ڪردار سبب هاڻي مٿن اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هڪ طرف آمريڪا سرد جنگ جي خاتمي کانپوءِ ۽ نئين عالمي نظام تحت پاڪستان بجاءِ ڀارت تي هٿ رکڻ شروع ڪيو آهي، تہ ٻئي طرف چين بہ بدلجندڙ عالمي حالتن جو ادراڪ رکندي پاڪستان جهڙن ملڪن تي هٿ رکي اجايا رسڪ کڻڻ بجاءِ سڌيءَ ريت آمريڪا سان لاڳاپا درست رکڻ چاهي ٿو. تازو ڪلنٽن جي چين جي دؤري کان پوءِ تہ صورتحال گهڻو بدلجي وئي آهي. پاڪستان لاءِ باقي بچي ٿي اسلامي دنيا پر اها بہ ٻن ڪيمپن ۾ ورهايل آهي. هڪ ڪيمپ جنهن جي اڳواڻي سعودي عرب ڪري ٿو. سا اڳي ئي سامراج سان ناهہ ۾ آهي ۽ ان کي پاڪستان جو ڪو لاچار ٿئي، اهو نظر نٿو اچي. ٻئي طرف اسلامي دنيا ۾ ايران، لبيا ۽ عراق جهڙا ملڪ آهن، جن سان تعلق رکڻ جو مطلب آهي آمريڪا جي سڌي ناراضگيءَ کي منهن ڏيڻ ۽ اهڙو رسڪ گهٽ ۾ گهٽ اسان جو حڪمران طبقو کڻي نٿو سگهي.

هينئر هڪ ٻنهہ دلچسپ صورتحال پئي جُڙي ۽ پاڪستان لاءِ وڏيڪ امتحان جون گهڙيون اچڻ واريون آهن. تازو آمريڪا پاران اسامہ بن لادن بهاني سوڊان ۽ افغانستان خلاف سڌن حملن کان پوءِ صورتحال هڪ نئون رخ اختيار ڪيو آهي. حقيقت اها آهي تہ روس ۽ سوشلزم خلاف آمريڪا جنهن نيت سان بنياد پرستيءَ

ڪي هٿي ڏني، اها ڳالهه هاڻي ڪيس ڳچيءَ ۾ پئجي وئي آهي. سوويت يونين جي خاتمي ڪانپوءِ بنياد پرست قوتن جي مخالفت جو رخ هاڻي خود آمريڪا ڏانهن آهي ۽ اها بہ تاريخ جي دلچسپ ۽ عجيب حقيقت آهي تہ موجوده وقت ۾ ٽين دنيا ۾ سامراج دشمنيءَ جي وقتي نمائندگي بنياد پرستيءَ جي اها لهر ڪري رهي آهي ۽ آمريڪا ڪي سچ پچ بہ ان مان خطرو لاحق ٿي پيو آهي. جيتوڻيڪ ان جو اهو مطلب ناهي تہ مذهبي جنونيت ۽ بنياد پرستيءَ جو رجحان ڪو ٽين دنيا يا مسلم ملڪن جي مفاد ۾ آهي. اهو رجحان جي وڏيو تہ نتيجي ۾ اها انارڪي پيدا ڪري سگهي ٿو جنهن جا ڪجهہ جلوا افغانستان ۾ پسي سگهجن ٿا پر ساڳئي وقت اها بہ حقيقت آهي تہ آمريڪا هر صورت ۾ ان کي ڪمزور ڪرڻ چاهي ٿو. جنهن جو آغاز سوڊان ۽ افغانستان تي سڌن حملن جي صورت ۾ ٿي چڪو آهي. ان سڄيءَ صورتحال جي پسمنظر ۾ پاڪستان کي ڏسجي تہ اهو عجيب "مصيبت" ۽ امتحان ۾ ڦاٿل نظر اچي ٿو. جڏهن آمريڪا کي روس ۾ سوشلزم خلاف بنياد پرستيءَ جي رجحان ۽ قوتن جي ضرورت هئي تہ هن ملڪ جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ ان حوالي سان مذهبي بنياد پرستيءَ جي نرسريءَ طور تي ڪم ڪيو. اهو بہ تاريخ جو هڪ دلچسپ منظر ئي چئبو جو جنهن ملڪ ذريعي آمريڪا جي چوڻ تي مذهبي جنونيت ۽ بنياد پرستيءَ کي هٿي ڏني وئي، جڏهن آمريڪا ان کان اکيون ڦيرايون آهن تہ ساڳئي ملڪ تي دباءُ وڌو پيو وڃي تہ اهو وري بنياد پرستيءَ خلاف آمريڪا جي جنگ ۾ هڪ مورچي طور ڪم اچي. هڪ طرف ان تي دباءُ آهي تہ اهو سي ٽي بي ٽي تي صحيح ڪري تہ ٻئي طرف ان کي مجبور ڪيو پيو وڃي تہ اهو آمريڪا ۽ بنياد پرستيءَ جي هن جنگ ۾ آمريڪا جو پاسو وٺي ۽ ان لاءِ مورچي طور ڪم اچي. في الحال تہ پاڪستان ان جنگ ۾ پاڻ کي غير جانبدار طور رهڻ جو تاثر ڏئي رهيو آهي پر پاڪستاني سرحدن اندر ڪريل آمريڪي ميزائلن ۽ ان ڏس ۾ حڪومت جي روز روز بدلجندڙ موقف ان بظاهر غير جانبداريءَ کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي. بين الاقوامي سياست ۽ هن خطي جي سياسي حالتن تي نظر رکندڙن جي اها سنجيده راءِ آهي تہ ميان نوازشريف طرفان ملڪ ۾ اسلامي نظام جي نفاذ جي سلسلي ۾ تجويز ڪيل پندرهين آئيني ترميم بہ دراصل ان ئي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي. عام تاثر اهو آهي تہ اسان جا حڪمران جيئن تہ هڪ دفعو وري آمريڪا کي بنياد پرستيءَ جي خاتمي لاءِ پنهنجون خدمتون آڇڻ وارا آهن، ان ڪري ملڪ ۾ اسلامي نظام جي نفاذ جو شوشو دراصل بنياد پرست قوتن خلاف جوابي حڪمت عملي (Counter Strategy) آهي. اهڙا "مجاهداڻا اعلان" جنرل ضياءَ يارنهن سال ڪيا پر "اسلامي نظام" تہ آيو سو آيو ويتر ماڻهن جو ضياءَ واري

اسلام تان ارواح ئي ڪڍي ويو. ميان صاحب جو اسلامي نفاذ جو اعلان وري بدليل حالتن ۾ ساڳي صورتحال جو ورجاءُ آهي.

هن سموريءَ ڳالهه ٻولهه جي پس منظر مان جيڪو اهم ترين سوال اُڀري ٿو اهو هيءُ آهي ته ملڪ جي اڄوڪي صورتحال منطقي نتيجو آهي ان سامراج پرست پاليسيءَ جو. جنهن ملڪ کي باوقار ۽ خود مختيار جمهوري ملڪ بدران سامراجي مفادن جو مطيع ۽ رانديڪو بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙين پاليسين جي نتيجي ۾ ملڪ هن حال کي اچي رسيو آهي. ٻئي طرف حڪمران طبقي جي روش ۾ ڪا بنيادي تبديلي ته ٺهيو پر معمولي فرق به نه آيو آهي. اها روش ملڪ کي مستقبل ۾ اهڙي سوڙهي گهٽيءَ تائين وٺي وڃي سگهي ٿي، جتي اڳيان ڪو گس باقي نه بچي.

---

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد. 2 سيپٽمبر 1998

# وفاقي سياست جي ٻيڙي ۾ هوائن جا تبديل ٿيندڙ رُخ!

موجوده وقت ۾ پاڪستان شايد پنهنجي تاريخ جي سڀ کان ”عجيب“ دؤر منجهان گذري رهيو آهي. گهڻيون حقيقتون جن تي ڪالهه تائين ڳڪ رکيا ويندا هئا، سي پاڻ مرادو ظاهر ٿي رهيون آهن ۽ هڪ نئين دؤر جا بنياد وجهي رهيون آهن. ميان صاحب جي حڪومت کي اڃا ٻه سال به پورا نه ٿيا آهن پر اها ”ڳري مينڊيٽ“ باوجود عملي طور ڏئي وٺي ويٺي آهي. ايٽمي ڌماڪن جي نتيجي ۾ آيل اقتصادي بحران ۽ ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جي اعلان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل سياسي صورتحال ۽ گهوٽالي ميان صاحب جي حڪومت لاءِ زبردست ڏکيائيون پيدا ڪري وڌيون آهن. نتيجي ۾ نه رڳو ميان صاحب جي ”قومي ايجنڊا“ ۽ ڳري مينڊيٽ جو دٻدٻو بي اثر ٿي ويا آهن پر هاڻي ته مرڳو سندس حڪومت کي اچي سر جي لڳي آهي.

ملڪ جي موجوده بحران بابت جيڪڏهن ڪي فرد يا حلقا ايئن سمجهن ٿا ته اها صورتحال بنهه اوچتو پيدا ٿي آهي ۽ ان بحران جون پاڙون ملڪ جي ماضيءَ ۾ کُتل ناهن ته اها يا ته پورڙائي ٿيندي يا بدديانتي. جيتوڻيڪ بظاهر هر بحران بابت ايئن ئي محسوس ٿيندو آهي پر تبديلين جي سائنس اسان کي ٻُڌائي ٿي ته هر تبديلي (مثبت يا منفي) جا ”سبب“ گهڻن زمانن کان پلجي، انيڪ مرحلن مان گذري، فطري طرح اُسري، ڪنهن خاص نهج تي اچي نتيجن جا ٻڌياد ٻڌبا آهن. جڏهن ته اسان کي بظاهر ايئن محسوس ٿيندو آهي ته اهو سڀ ڪجهه اوچتو ٿيو آهي. مثال طور ماڻهو دل جي دوري جي هڪ جهٽڪي ۾ هلي پوندو آهي پر ان بظاهر اوچتي جهٽڪي جا سبب هڪ عرصي کان پيا پلجندا آهن. سماجن ۾ به

ايئن ئي ٿئي ٿو. ملڪ جو موجوده معاشي، سياسي، انتظامي ۽ سفارتي بحران دراصل نتيجو آهي حڪمرانن جي انهن احمقاڻين توڙي بدنيت پاليسين، روين ۽ سوچن جو جن ملڪ کي هر طرح سان پنهنجن ناجائز مفادن جي پورائي لاءِ هٿيار طور ڪم پئي آندو آهي. تمام گهڻا معاملا ۽ مسئلا جيڪي اندر ئي اندر پئي اُسريا اهي هڪ خاص سطح ۽ وقت تي اچي جڏهن ظاهر ٿيا آهن تہ اسان کي اهو اوچتو بحران نظر اچي ٿو. حڪمران طبقو جيترو خود فريب ۽ ڪوتاهہ نظر آهي، ان جو مثال ملڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ايٽمي طاقت جي حاصلات جو پروگرام جڏهن ڀُٽي صاحب شروع ڪيو هو تہ هن جي سامهون ڪو پارٽ يا علائقائي سياست نہ هئي. ڀُٽي صاحب اسلامي دنيا جي مدد سان پاڪستان کي ايٽمي طاقت بڻائي، عالمي سطح تي سامراج دشمن سياست ڪرڻ ٿي گهري ۽ سندس شهيد ٿيڻ جو سبب بہ اهو ئي آهي. جڏهن تہ ملڪ جو موجوده حڪمران طبقو ايٽمي طاقت جي نظريي پنيان ڪي بہ وڏا ۽ Progressive جواز پيش ناهي ڪري سگهيو. اهو ايٽم ذريعي ملڪ کي ”ڪرائي جو گوريلو“ بڻائڻ گهري ٿو. هيءَ اها ساڳي سوچ ۽ ذهنيت آهي، جنهن ملڪ کي افغانستان لاءِ مورچي طور استعمال ڪيو. ايڏن وڏن فيصلن پنيان نہ تہ ڪا رٿابندي ۽ دوررانديشي رهي آهي ۽ نہ وري هينئر ان جا ڪي آثار نظر ٿا اچن. پوءِ ظاهر آهي تہ ان جا جيڪي نتيجا نڪرندا انهن کي پلا ڪير ٿو روڪي سگهي؟ عالمي سياست جي تناظر ۾ اسان جي حڪومتن جي حيثيت جڻ تہ ڪنهن فٽبال واري رهي آهي، جن کي ڪابہ ”ٽيم“، ”راند“ لاءِ ڪڏهن بہ استعمال ڪري سگهي ٿي. ان ڪري ملڪ جو موجوده اقتصادي بحران جتي اندروني طور ماضيءَ جي غلط ۽ خود فريب پاليسين جو نتيجو آهي، اُتي اهو خارجي طور بہ اهڙي ئي ذهنيت جو آئينہ دار آهي. ملڪ جي اندروني پاليسي خودفريب ۽ پرڏيهي پاليسي جوا وانگر رهي آهي. سو هاڻي جڏهن حڪمران طبقو جوا جو داءُ هارائي ويو آهي تہ ان کي بحران جو نالو ڏنو پيو وڃي. هيءُ سجو پٽڪو ان لاءِ آهي تہ جيئن ڪين ”دشڪش“ ملي سگهي، پر لڳي ٿو تہ جوا جي هن راند ۾ ملڪ جو حڪمران طبقو پاڻ کي ايترو تہ ڪيرائي چڪو آهي جو سندس حيثيت ان هارايل جواريءَ واري بہ نہ رهي آهي، جنهن کي هارائڻ بعد ”دشڪش“ ڏئي روانو ڪيو ويندو آهي.

موجوده بحران جو ٻيو پاسو سياسي نوعيت جو آهي. حقيقت تہ اها آهي تہ معاشي صورتحال سان گڏ سياسي طور بہ اسان وارو اقتداري لڏو ڏيئي وٺي بيٺو آهي. موجوده سياسي بحران بہ ان جو ئي هڪ مظهر ۽ نتيجو آهي. هلندڙ سياسي بحران ان وقت هڪ نئون رخ اختيار ڪيو جڏهن ميان صاحب ايٽمي ڌماڪن کان پوءِ ملندڙ داد ۽ تحسين جي جوش ۾ اچي ڪالاباغ ڊيم جي اڏاوت جي هڪ طرفي

اعلان جو نئون ڏماڪو ڪري ڇڏيو. ميان صاحب جي اهڙي اعلان هن بابت اهڙي اڳ ئي موجود تاثر کي هٿي ڏني تہ هو ڇئني صوبن تي مشتمل وفاق جو نہ پر پنجاب جي حڪمران طبقي جي مخصوص شائونسٽ سوچ جو آئينہ دار ۽ فقط هڪ صوبي جو وزيراعظم آهي. ڊيم جي تعمير جي اعلان حقيقت ۾ جتي ملڪ جي سياسي ايجنڊا کي ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي، اتي وڏي صوبي خلاف ننڍن صوبن جي تحفظات جي اظهار جا بند ڀيجي ڇڏيا آهن. اها سچي فلم ميان صاحب پنهنجي ڳچيءَ ۾ پاڻ وڌي آهي. سنڌ جيڪا هن حڪومت جي اچڻ شرط سياسي طور پسمنظر ۾ هلي وئي هئي، سا هڪ دفعو وري ملڪي سياست جي اڳين صفحن ۾ اچي وئي آهي. پناڻ جيڪو ڪالهہ تائين پنجاب سان هر قيمت تي ويهڻ لاءِ تيار هو ۽ سنڌ سان Equation هن جي ايجنڊا تي ئي نہ هئي، سو نہ صرف سنڌ سان گڏ وينو آهي پر اهو سنڌ جي اڳواٽيءَ هيٺ هلڻ لاءِ آماده ٿي ويو آهي. ساڳي صورتحال بلوچن جي آهي. اڄ بلوچ سنڌ سان هر فورم تي ويهڻ لاءِ پاڻ هلي ٿو اچي. ٻيو تہ ٺهيو پر سرائيڪي قيادت فاروق لغاريءَ کان وٺي ويندي ڪانجوءَ تائين ”لاهوري تخت“ خلاف سنڌ ۾ اچي ڳالهائڻ تي مجبور ٿي آهي. يعني ڪالاباغ ڊيم جي اشو ملڪ جي سياسي هوائن جا رخ ئي تبديل ڪري ڇڏيا آهن. صورتحال جا ٻہ نتيجا نهايت اهم آهن، جن تي غور ڪرڻ گهرجي.

(1) پهريون نتيجو پ پ جي چيئرپرسن محترمہ بينظير ڀٽو جي سياسي روين ۽ اوليتن ۾ تبديلي آهي. بينظير ڀٽو ڪا معمولي ۽ هوائي سياستدان بہ ناهي. هوءَ هڪ بيحد عملي ۽ سياست جي اقتداري توڙي مزاحمتي کورن مان پچي نڪتل سياستدان آهي. هن جتي عوامي سياست جي هر رخ کي ڏٺو آهي اُتي ٻہ دفعا وزيراعظم جي مسند تي ويهڻ سبب هوءَ ”پاور ڪاريڊورز“ جي مزاج ۽ نزاڪتن کان بہ واقف آهي. هن طرفان سنڌين، بلوچن، پناڻن ۽ سرائيڪين کي ”لاهوري تخت“ جي غلاميءَ مان نجات لاءِ روڊن تي اچڻ جي دعوت ڏيڻ ۽ 10 آگسٽ تي سنڌ-پنجاب سرحد وٽ ڪالاباغ ڊيم خلاف تاريخي ڌرڻي جي اڳواٽي ڪرڻ جي فيصلي هڪ طرف موجوده ملڪي سياست جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن تہ ٻئي طرف مستقبل جي سياست جا نوان بنياد پڻ وڌا آهن. مان گذريل چڱي عرصي کان علي قاضي ۽ ٻين دوستن سان پنهنجي ان راءِ جو اظهار ڪندو رهيو آهيان تہ هاڻي وفاقي سياست پنهنجي عمر پوري ڪري چڪي آهي. ميان صاحب جي مسلم ليگ حقيقي طور ڪڏهن بہ وفاقي پارٽي نہ هئي، اها هڪ صوبي جي حڪمران طبقي جي مفادن جي آئينہ دار هئي ۽ آهي. وفاقي سياست جو پهريون ۽ آخري تجربو پ پ هئي، جنهن کي وفاقي پارٽيءَ طور هلڻ ڪڏهن بہ نہ ڏنو ويو ۽ نہ اهي پاڻ توازن

سان هليا. اهو فقط هڪ پارٽيءَ جو مسئلو بہ نہ آهي. ملڪ ۾ هڪ صوبي جي حڪمران طبقي پنهنجين ارهہ زوراين ۾ هٺ ڌرمين جي حد ڪري ڇڏي آهي. حالت اها وڃي رهي آهي جو ٻي صوبا پاڻ کي لاهوري تخت جا محڪوم سمجهي رهيا آهن ۽ اهڙو اظهار پيو ٿي. ٿهيو پر جڏهن خود بينظير ڀٽو بہ ڪرڻ لڳي آهي تہ پوءِ حالتن جي سنگينيءَ جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌيءَ جي ان پهاڪي تہ ”رُني اڳ ئي ويٺي هئي، وڃتر جو پيڪن جو نياپو آيو تہ آپي مان نڪري وئي“ جي مصداق ٻي صوبا اڳ ئي وفاق توڙي وڏي صوبي کان رُنا ويٺا هئا. پختونخواه جي نالي تي پنجاب ميان صاحب کان ناراض هئا. بلوچستان ۾ حڪومت جي خودداري وفاق کي نٿي آئڙي ۽ نيٺ اختر مينگل حڪومت جا ٽپڙ گول ڪرايا ويا. سنڌ تي تہ اڳ ئي چڙڻ واڪ اوور ڏنو ويو هو. اهڙيءَ صورتحال ۾ ميان صاحب ڪالاباغ ڊيم جو اشو اُٿاري جڙ تہ ٻرنديءَ تي تيل هاريو آهي. ان جي نتيجي ۾ حالتون جنهن ڏس ۾ وڃي رهيون آهن، انهن کي سنڀالڻ جو نہ تہ هن حڪومت ۾ افعال ٿو نظر اچي ۽ نہ گهربل دانائي. ٻين لفظن ۾ ڪالاباغ ڊيم جي اشو وفاقي سياست جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو هنيو آهي.

(2) ٻيو نتيجو اهو آهي تہ ڊيم جي اشو تي ملڪ ۾ جيڪو ماحول جڙيو آهي، اهو هاڻي فقط ڊيم جي معاملي تائين محدود نہ رهيو آهي. هن زخم ننڍين صوبن ۽ قومن جا پنجاهہ سالن جا پراڻا ڦٽ اُٿلائي ڇڏيا آهن. جن ماڻهن ڪراچيءَ ۾ ڪالاباغ ڊيم بابت ڪوٺايل ملڪي سطح جي سيمينار ۾ شرڪت ڪئي ۽ سنڌين، بلوچن، پٺاڻن ۽ سرائيڪين جون تقريرون ٻُڌيون انهن کي اندازو ٿي ويو هوندو تہ ننڍين صوبن جي اڳواڻن جي ٻوليءَ مان ڪهڙي بوءِ اچي رهي آهي. سيمينار ۾ اجمل خٽڪ کان وٺي اچڪزئيءَ تائين، رسول بخش پليجي کان وٺي نثار کهڙي ۽ قادر مگسيءَ تائين سمورن اڳواڻن جي تقريرن مان واضح هو تہ هاڻي وفاقي سياست پنهنجو Rationale (اُصولي ۽ منطقي بنياد/جواز) وڃائي چڪي آهي. هڪ طرف بينظير ڀٽو ”لاهوري تخت“ جي غلاميءَ مان نڪرڻ جون ڳالهيون ڪري رهي آهي تہ ٻئي طرف رسول بخش پليجو صوبن وچ ۾ Parity ۽ نئين آئين ساز اسيمبليءَ جي ڳالهہ ڪري رهيو آهي. ان ڪري ڳالهہ جو مطلب هيءُ آهي تہ ڪالاباغ ڊيم جي اعلان جي نتيجي ۾ جيڪا صورتحال پيدا ٿي آهي ۽ ننڍين صوبن توڙي قومن ۾ موجود محروميءَ جو احساس جيئن سياسي طور پاڻ مرادو وڌيءَ تيزيءَ سان نڪري نروار ٿيو آهي، سو هاڻي فقط ڊيم جي اعلان جي واپسيءَ تي بہ گذارو نہ ڪندو. اهي سمورا عنصر گڏجي هڪ اهڙي صورتحال کي جنم ڏئي رهيا آهن، جنهن کي بي يقينيءَ کانسواءِ ٻيو نالو نٿو ڏئي سگهجي. هڪ اهڙي بي يقيني

جنهن ۾ ملڪ جي عام ماڻهوءَ کان وٺي ”خاص“ ماڻهن تائين، مخالف ڌر کان وٺي ويندي حڪمران ڌر تائين ڪنهن کي ڪابہ خبر ناهي تہ اڳتي ڇا ٿيڻ وارو آهي. هاڻي هن ملڪ جو عوام ۽ قومون هڪ اهڙي ٻيڙي ۾ سوار آهن، جنهن جو ڪوبہ پتو ناهي تہ اهو ڪيڏانهن ويندو. اهو وچ سمنڊ ۾ ڪنهن ”جبل“ سان ٽڪرائجي پرزا پرزا ٿي ويندو يا اوچتو سندس ”هارڻ“ ختم ٿي ويندو.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 8 آگسٽ 1998ع

# موجوده عالمي بحران جا
# پاڪستان تي پوندڙ اثر

عراق خلاف جنگ جي نالي ۾ آمريڪا ۽ اتحادي ملڪن جا فوجي حملا بدستور نہ رڳو جاري آهن پر ڏينهون ڏينهن زور وٺي رهيا آهن. اها ڳالهہ آهي تہ عراقي عوام پاران آمريڪي ۽ اتحادين جي حملن جي سخت ۽ توقع کان بہ وڌيڪ مزاحمت ٿي رهي آهي. هاڻي تہ اها ڳالهہ سڄيءَ دنيا ۾ بحث هيٺ آهي تہ نہ رڳو عراق تي هڪ طرفي آمريڪي حملن جو فيصلو سراسر غلط هو پر حڪمت عملي ۽ رٿابنديءَ جي حوالي سان بہ آمريڪا ۽ اتحادي غلط ۽ ناڪام ثابت ٿيا آهن. آمريڪا ۽ اتحادين حملي کان اڳ تاثر اهڙو پيئي ڏنو جڻ تہ حملي شرط سڄو عراق سندن پيرن ۾ اچي پوندو پر صورتحال نہ رڳو مختلف بلڪ بلڪل ان جي اُبتڙ ثابت ٿي آهي. گذريل پيري جڏهن وڏي بش عراق تي حملو ڪيو هو تہ ان ۾ رڳو رياست مزاحمت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر هن پيري فوج سان گڏ سموري عوام بلڪ پوريءَ قوم سخت مزاحمت ڪئي آهي ۽ اڃا تائين آمريڪا ۽ اتحادين کي عراق جي ڪنهن بہ شهر تي قبضو حاصل ٿي نہ سگهيو آهي. ان ڪري اها راءِ هاڻي تيزيءَ سان وڌي ۽ سامهون اچي رهي آهي تہ آمريڪا عراق ۾ ويتنام جيان ڦاسي پوندو. بهرحال جيئن بہ هجي، جيڪڏهن عراقي عوام ۽ عراق جو شديد نقصان ٿي رهيو آهي تہ فائدو هيستائين آمريڪا ۽ اتحادين کي بہ نہ پهتو آهي. پهرين اها جنگ نہ پر هڪ طرفو حملو هو پر هاڻي صورتحال سچ پچ بہ جنگ ڏانهن وڃي رهي آهي ۽ هن جنگ ۾ جيڪڏهن عراق تباهہ ٿيندو تہ سستي جان آمريڪا ۽ اتحادين جي بہ نہ ڇُٽندي.

هن جنگ دنيا اندر جن سُتل تضادن کي چرڪ پرائي جاڳايو آهي، اهي عالمي سياست ۽ معيشت جي توازن جي ايندڙ دؤر تي وڏا غير معمولي اثر ڇڏيندا. اها راءِ

دنيا ۾ هاڻي پختي ٿي رهي آهي ۽ آمريڪي قيادت جا بيان ان جي ثابتي ڏئي رهيا آهن ته جيئن افغانستان کان پوءِ عراق جو وارو آيو تيئن عراق کان پوءِ ٻين ملڪن جو وارو اچي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ ته هيترو خرچ ڪرڻ ۽ دنيا ۾ خوار ٿيڻ کان پوءِ آمريڪا هاڻي راند اڌ ۾ ڇڏي ته ڪونه ويندو. هن خطي اندر ان جا جيڪي سامراجي، سياسي ۽ معاشي مفاد آهن، هو انهن جي پورائي جو مڪمل انتظام ڪرڻ کان اڳ ايئن معاملي مان هٿ نه ڪيندو. ان حوالي سان مختلف سطحن تي پاڪستان بابت به سوال اُٿي رهيا آهن ته ڇا عراق کان پوءِ پاڪستان جو وارو اچڻ وارو آهي؟ موجوده عالمي صورتحال جي باري ۾ آمريڪا ۽ يورپ جي حوالي سان مان گذريل ڪجهه مضمونن ۾ تفصيل سان لکي چڪو آهيان. اجوڪي مضمون ۾ اسان هن صورتحال جي پاڪستان تي پوندڙ ۽ مستقبل جي امڪاني اثرن بابت جائزو وٺنداسون. جيتوڻيڪ هن تڪرار ۾ پاڪستان سڌيءَ ريت ته ڌر ڪونه آهي پر ڪجهه بنيادي فيڪٽرس سبب پاڪستان ان جي غير معمولي اثرن کان بچي نه سگهندو. هڪ ته پاڪستان آمريڪا جو اتحادي ته ڇا پر سندس ”ٻالڪو“ ملڪ رهيو آهي، ٻيو ته اهو اسلامي ملڪ آهي، ٽيون ته نه رڳو اسلامي پر ايٽمي طاقت رکندڙ مسلمان ملڪ آهي ۽ چوٿين ڳالهه ته جنهن بنيادپرستيءَ ۽ مذهبي انتهاپسنديءَ کي آمريڪا پاڻ پاليسيءَ طور پاليو ۽ تاتيو هو. اسٽيبلشمينٽ اندر ئي اندر ان مان مڪمل طور هٿ ڪيڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ ان انتهاپسند مذهبي لابيءَ جو لاڙو هاڻي آمريڪا مخالف آهي. ان ڏس ۾ هڪڙو عام تاثر هيءَ آهي ته عراق کانپوءِ ايران ۽ پاڪستان جو وارو آهي. عراق تي آمريڪي حملي کان اڳ جنرل پرويز مشرف پڻ سڌيءَ طرح اهڙو واضح تاثر ڏنو هو. ان کان پوءِ حڪومت جي گول مول ۽ معذرت خواهاڻن بيانن به اهڙي تاثر کي وڌيڪ هٿي ڏني آهي. ان جو بنيادي سبب اهو پيو سمجهيو وڃي ته پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ آمريڪا وٽ پنهنجو ويساهه ۽ اعتماد وڃائي چڪي آهي. 9/11 کان پوءِ جيتوڻيڪ بظاهر ته مشرف ۽ اسٽيبلشمينٽ پنهنجي افغان پاليسيءَ ۾ هڪ سئو اسي ڊگرين جو ڦيرو کائي آمريڪا جو ساٿ ڏنو پر دراصل هن ٻٽي راند کيڏڻ جي ڪوشش ڪئي. يعني هڪ طرف اسٽيبلشمينٽ آمريڪا سان گڏ هئڻ جو واضح اعلان ڪيو ته ٻئي طرف ان اندر ئي اندر مذهبي انتهاپسند قوتن مان هٿ ڪيڻ بدران ماڳهين انهن تي هٿ رکيو. گذريل سال آڪٽوبر چونڊن ۾ اها ڳالهه ويتر ثابتيءَ سان سامهون آئي. اها ڳالهه ته هاڻي مڪمل طور ثابت ٿي چڪي آهي ته گذريل چونڊن ۾ مذهبي قوتن کي کٽائڻ ۾ اسٽيبلشمينٽ جي پاليسين، انتظام ۽ ڳُجهي مدد جو وڏو هٿ هو. خاص طور سرحد ۽ بلوچستان ۾ چيو وڃي ٿو ته آمريڪا کي پاڪستان جي

اسٽيبلشمينٽ جي اهڙي ٻٽي پاليسيءَ تي شڪ ته اڳ ئي هو پر چونڊن کان پوءِ ڪين پڪ ٿي وئي. ان ڪري آمريڪا کي اهو ويساهه ٿيو ته جنهن اسٽيبلشمينٽ تي هن گذريل اڌ صديءَ کان هٿ رکي ان کي هن خطي ۾ پنهنجي حڪمت عمليءَ جو هٿيار (Strategic Weapon) پئي سمجهيو. اها اندر ئي اندر ڪنهن سان ڪابه راند ڪري سگهي ٿي. ساڳيو حال "پاڪ چين دوستيءَ" جو به ٿيو آهي. پنجاهه سال پاڪ - چين دوستيءَ جا ترانا ڳايا ويا پر اندر ئي اندر هاڻي پاڪ -چين دوستيءَ جو ڇا حال ٿيو آهي؟ اهو ساريو پيو آهي. سبب اهو ته پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ جي هر معاملي ۾ ٻٽي راند. سياڻو ڪانءُ ٻه-ٽنگو ڦاسي جي مصداق. هاڻي لڳي ٿو ته پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ جي انهن منطقي نتيجن سامهون اچڻ جو وقت اچي ويو آهي. ان ڪري هڪڙو امڪان اهو بحث هيٺ آهي ته عراق کان پوءِ پاڪستان جو وارو ايندو پر ٻئي پاسي اها ڳالهه نظر ٿي اچي ته ڪيئن به هجي پر آمريڪا پاڪستان جهڙي ملڪ ۽ ان جي اسٽيبلشمينٽ مان هٿ ڪنهن ريت به نه ڪيندو. البته ايترو ضرور آهي ته وقتي طور پاڪستان کي "سختي" ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته جيئن اهو پنهنجي "سائيز" ۾ اچي ۽ ٻٽي راند کيڏڻ ته ڇا پر ان جو تصور به نه ڪري سگهي. مستقبل ۾ ٿيندڙ اهڙي صورتحال جي هڪ جهلڪ جو اندازو ڪالهوڪي اخبارن ۾ شايع ٿيل ان خبر مان به هڻي سگهجي ٿو جنهن تحت آمريڪا پاران پاڪستان جي ڪهوٽا ريسرچ ليبارٽريءَ سان ٻن سالن لاءِ تجارت بند ڪرڻ جو به فيصلو ڪيو ويو آهي. ائٽم بم، ابدالي ميزائيل ۽ غوري ميزائيل ناهيندڙ انهيءَ ليبارٽريءَ کي ڪابه آمريڪي ڪمپني ڪنهن به قسم جا اوزار ۽ سامان فراهم نه ڪندي. پاڪستان هوندئن به بنيادي طور آمريڪا کان منهن موڙڻ هاڻي نه ته افورڊ ٿو ڪري سگهي ۽ نه ايئن ڪري سگهي ٿو. پاڪستان ننهن کان چوٽيءَ تائين آمريڪا ۽ آمريڪي پنيرائيءَ سان هلندڙ مالياتي ادارن جي قرضن ۾ ٻُڏل آهي. ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ کي پنهنجي عوام ۾ جيڪا ساک ۽ پذيرائي آهي، اها ڪنهن کان به ڳُجهي نه آهي. اها هلي ئي آمريڪا جي سياسي ۽ معاشي مدد سان ٿي. ان ڪري جيڪڏهن هنن واقعي محسوس ڪيو ته آمريڪا ڪين سيڪٽ ڏيڻ لاءِ سانباهي رهيو آهي ته هيءُ سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا.

پاڪستان جي حوالي سان جيڪي امڪاني بنيادي نوعيت جا امڪاني نتيجا سامهون اچڻ جي صورتحال آهي، انهن مان مکيه هي آهن:

(1) پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي ڪڏهن به آزاد نه رهي آهي. ورهاڱي ٿيڻ شرط اسٽيبلشمينٽ هڪ آزاد ملڪ جي آزاد پاليسيءَ جا بنياد رکڻ بجاءِ ان کي

عملي طرح آمريڪا وٽ رڳو گروي نہ رکيو پر دراصل وڪڻي ڇڏيو. خاص طور تي پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي هڪ ڏينهن لاءِ بہ آزاد نہ رهي. ذوالفقار علي ڀُٽي ان ۾ جزوي تبديليون آڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ عبرت جو مثال بنايو ويو. پر سوال آهي تہ ڇا بدلجندڙ حالتن ۾ پاڪستان جي روايتي پرڏيهي پاليسي جيئن جو تيئن جاري رهي سگهندي؟ هينئر آمريڪا ۽ مسلم دنيا جي عوام جو زبردست تضاد سامهون اچي رهيو آهي. اهو تضاد وڌي رهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن اجا وڌيڪ اُڀرندو. پاڪستان ۾ پلي تہ ڪٽي جمهوريت جون پاڙون نہ هجن پر پوءِ بہ اهو روايتي مسلمان ملڪن جي ڀيٽ ۾ گهڻو مختلف آهي. هتي عوام جو وڏو حصو سجاڳ ۽ سياسي شعور رکندڙ آهي. ملڪ ۾ مضبوط ميڊيا آهي ۽ سول سوسائٽيءَ جو بهرحال وجود آهي. ان ڪري مستقبل ۾ عوام جا آمريڪا ۽ ان جي مفادن بابت جيڪي جذبا هوندا اهي هينئر ئي محسوس ڪري سگهجن ٿا. ان سڄيءَ صورتحال ۾ اسٽيبلشمينٽ لاءِ سامراجيت پرست پرڏيهي پاليسيءَ جو جاري رکڻ ناممڪن نہ تہ بہ نهايت ڏکيو ۽ حساس معاملو ٿي پوندو. مثال طور 9/11 کان پوءِ تہ ڪٽي پاڪستان سڌيءَ ريت آمريڪا جي حمايت جو اعلان ڪيو پر هن ڀيري وري حڪومت ۽ اسٽيبلشمينٽ ڦاسي پئي آهي. انهيءَ لاءِ عراق خلاف آمريڪا جي سڌي حمايت ڏکيو ڪم آهي. اهو ئي سبب آهي جو حڪمران رڳو اڏ اکري ٻولي ڳالهائي رهيا آهن. ان سموريءَ صورتحال ۾ پاڪستان نهايت ڏکي ۽ حساس صورتحال ۾ هوندو. هڪ طرف عوام جي زبردست دٻاءَ سبب اسٽيبلشمينٽ لاءِ سڌيءَ ريت آمريڪي جا حمايت نهايت ڏکي هوندي تہ ٻئي طرف آمريڪا بہ اسٽيبلشمينٽ جي اها اڏ اکري ٻولي ٻُڌڻ لاءِ تيار نہ ٿيندو. اهو چاهيندو ۽ هر ممڪن دٻاءُ وجهندو تہ پاڪستان سندن پاسي ٿي بيهي ۽ سڌيءَ طرح ڊٽ ٿي بيهي. هينئر تہ آمريڪا پاڪستان جي ان رويي کي ڏسي پرکي رهيو آهي پر جنهن ڏينهن هن اڻ سڌيءَ ريت کين پنهنجي پوزيشن واضح ڪرڻ لاءِ چيو، تنهن ڏينهن صورتحال ڏسڻ وٽان هوندي. ان ڪري اسٽيبلشمينٽ جي ڊبل پاليسيءَ جي "ڪمپني" ٻنهي صورت ۾ نہ هلي سگهندي. جيڪڏهن عوام جي راءِ کي سراسر نظرانداز ڪيو ويو تڏهن بہ ۽ جيڪڏهن هنن آمريڪا جي سڌي طرفداري ڪئي تڏهن بہ.

(2) هڪڙي ڳالهہ هاڻي واضح آهي تہ نہ رڳو دنيا ۾ پر خود ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ بہ وڏيون اسٽريٽجڪ ۽ طاقتن جي توازن ۾ تبديليون ايندڀون. ڏکڻ ايشيا جي حوالي سان هاڻي اهو صاف ۽ واضح آهي تہ پاڪستان جي ڀيٽ ۾ آمريڪا جي بنيادي ترجيح ڀارت آهي ۽ رهندي. آمريڪا لاءِ چين جي حيثيت وڏو مسئلو ۽

خطرو آهي. هن سڄي خِطي ۾ فقط ڀارت ئي اهو ملڪ آهي، جيڪو ڊگهي مُدي جي حساب سان ان جي متبادل بڻجڻ جي سگهه ۽ صلاحيت رکي ٿو. ڀارت آباديءَ ۾ به لڳ ڀڳ اوترو ملڪ آهي. دنيا جي وڏي جمهوريت ۽ رياست آهي. ان وٽ وڏو ڪنزيومر مارڪيٽ ۽ پورهئي جي سگهه آهي. ان ڪري هن خطي ۾ هاڻي پاڪستان جي ڀيٽ ۾ آمريڪا جي بنيادي ترجيح ڀارت آهي. ڀارت کي به سڄيءَ صورتحال جو اندازو ۽ ادراڪ آهي. ان ڪري ڀارت ان سموريءَ صورتحال جو ڀرپور فائدو وٺندي پاڪستان سان سڀ حساب ڪتاب برابر ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي. اهڙي صورتحال ۾ به روز ڀيو ايٽمي ڌماڪا ڪري، ڪيس خبر آهي ته پاڪستان کي هاڻي آمريڪا طرفان اڳوڻي مدد نه ملندي جو ويليو سسٽم ( Stretegic Value System) ۾ ان جي هاڻي اها حيثيت ۽ اهميت نه آهي. ان ڪري ڪائنس جوابي ايٽمي ڌماڪا ڪرائي ڪيس گوڏن ڀر ويهاري ڇڏجي. ڪشمير جي سوال تي به پاڪستان جي اڳوڻي پوزيشن ۽ حڪمت عملي برقرار رکڻ ممڪن نه رهندي، چين به پاڪستان تي هٿ رکڻ بدران وري به ڀارت سان پنهنجو تڪرار گهٽائي ان سان دوستاڻي ڇتاڀيتيءَ وارو ماحول چاهي ٿو. اهو به چيو پيو وڃي ته ويجهي مستقبل ۾ ڪشمير جي مسئلي جي حل جو سوال به هٿ ۾ ڪنيو ويندو ۽ آمريڪا جي ڪوشش هوندي ته ان ۾ ڀارت جي مدد ڪري پاڪستان جي مورال کي بلڪل هيٺ ڪيو وڃي. ان ڪري نئين صورتحال ۾ ڏکڻ ايشيا اندر پاڪستان پنهنجي روايتي حيثيت برقرار رکي نه سگهندو. ڇاڪاڻ ته اڳ ان جو محرڪ آمريڪا ۽ ان جا مفاد هئا پر هاڻي صورتحال بدلجي چڪي آهي. هاڻي هن خطي ۾ آمريڪي مفادن جي پورائي جي ايجنڊا تي پاڪستان جي اڳوڻي حيثيت نه آهي.

(3) موجوده عالمي صورتحال جي پس منظر ۾ اهو سوال اهم ۽ دلچسپ آهي ته پاڪستان ۾ ان جو فائدو پس و پيش ڪير وٺندو؟ ۽ جي فائدو وٺندو ته اهو ڪنهن جي مفاد ۾ هوندو؟ اهو صحيح آهي ته هڪ طرف اسٽيبلشمينٽ تمام ڏکي صورتحال ۾ آهي ته ٻئي طرف عوام جي گهڻائي آمريڪا خلاف آهي. پر سوال آهي ته ان عوامي راءِ، رويي ۽ ردعمل جو سياسي فائدو هتي ڪير حاصل ڪندو؟ ڇاڪاڻ ته جيڪي قوتون هن عوامي رويي ۽ ردعمل جو ڀرپور فائدو وٺنديون، ويجهي مستقبل ۾ انهن کي جيڪا سگهه ملندي، اها رواجي نه هوندي يا گهٽ ۾ گهٽ نظرانداز ڪري سگهڻ جهڙي نه هوندي. الميو اهو آهي ته هن وقت جڏهن عوام جي گهڻائي آمريڪا جي خلاف ٿي پئي آهي ته ملڪ جون جمهوريت پسند ۽ لبرل سڏائيندڙ ڌريون مثال طور پ پ صاف آمريڪا جي پاسي آهي. بينظير ڀٽو اڃا تائين ڪوبه واضح پاليسي اسٽينڊ نه ورتو آهي. ظاهر آهي ته اهڙي نازڪ

موقعي تي عوامي راءِ جي اُبتڙ وچڻ جا نتيجا ڇا نڪرندا؟ ترقي پسند ڌريون هڪ ته ملڪ ۾ اتي ۾ لوڻ برابر آهن ۽ ٻيو ته جي آهن ته انهن جو آمريڪا خلاف گهربل سطح جو آواز نه اُٿيو آهي. هن وقت ملڪ ۾ يا ته اين جي اوز آواز اُٿاريو آهي يا مذهبي ڌرين. اين جي اوز ڪو سياسي فائدو ته وٺي ڪونه سگهنديون. ان ڪري نظر اهو پيو اچي ته سموريءَ صورتحال ۾ عوام جي ترجماني سماجي حوالي سان مذهبي ڌريون ڪنديون ۽ ان جي نتيجي ۾ سندن سياسي سگهه ۾ وڌو واڌارو ايندو. گڏريل چونڊن ۾ به ايئن ئي ٿيو هو. يعني مذهبي ڌريون ئي هيون، جيڪي پاليسي اشوز تي واضح هيون. هنن مزاحمتي لهجي ۾ ڳالهايو ۽ منظم به هيون. جڏهن ته ٻئي پاسي روشن خيال ڌريون ته نه منظم هيون ۽ نه واضح هيون ۽ نه هنن جو لهجو عوام جي جذبن جي ترجمانيءَ وارو هو. هينئر وري اهو سڀ ڪجهه ورجائجي رهيو آهي. ان ڪري هن سموريءَ صورتحال ۾ نظر ايئن پيو اچي ته ترقي پسند، لبرل ۽ وچٿريون ڌريون وڏيڪ پاڻ وڃائينديون ۽ مذهبي ڌريون هن اشوءَ تي عوام جي ترجمانيءَ جي نتيجي ۾ وڏيڪ سگهه حاصل ڪنديون ۽ ان سگهه جي نتيجن جو ظاهر آهي ته پس و پيش عوام تي ئي اثر پوندو. ان ڪري هيءَ جيڪو عام طور سمجهيو پئي ويو ته 9/11 کان پوءِ ملڪ ۾ بنيادپرستيءَ ۽ مذهبي سياست جا تڏا ويڙهجي ويا، اهو ٺلهو مفروضو ثابت ٿيو. ان ڪري هن عالمي صورتحال جو هيءُ تضاد پاڪستان ۾ سياسي حوالي سان مذهبي ڌرين ۽ بنيادپرستيءَ کي هٿي ڏيندو، ڇاڪاڻ ته عوام جي آمريڪا دشمن رويي جي ترجماني گهربل سطح تي ٻيو ڪوبه ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي.

اهو پاسو به دلچسپ آهي ته پاڪستان جون مذهبي ڌريون بنيادي طور تي ريڊيڪل ڪونه آهن. اهي جيڪڏهن ريڊيڪل هيون ته به آمريڪا ۽ اسٽيبلشمينٽ جي زور تي هيون. پر جڏهن مٿان ئي مٿان صورتحال بدلجي وئي ته اسان ڏٺو ته قصو ان جي اُبتڙ هو. مثال طور 9/11 کان پوءِ جڏهن آمريڪا افغانستان تي حملا شروع ڪيا ته پاڪستان ۾ ان جي ڪابه مزاحمت نه ٿي. ڇا اهو محظ اتفاق هو؟ جڏهن آمريڪا چيو ته ڪشمير جي حوالي سان سرحد پار دهشتگردي (Cross Border Terror) بند ٿيڻ گهرجي ته مڪمل ماٺ ٿي وئي. ان ڪري جيڪڏهن مذهبي ڌريون هن صورتحال مان سهڳاريون ٿي مچي اچي به ويون ته به انهن کي آمريڪا سان بارگين ڪرڻ ۾ ڪا گهٽي ڏکيائي پيش نه ايندي، پر الميو اهو آهي ته عوام جي تبديليءَ جي خواهش ۽ سامراج دشمن رويي ۽ رِدعمل جو منطقي انجام اهڙو پيانڪ ٿئي، اها نهايت ائڻ وٽندڙ صورتحال هوندي.

ان ڪري بنيادي سوال اسٽيبلشمينٽ ۽ مذهبي پارٽين جو نہ آهي، نہ ئي انهن نالي ماتر جمهوريت پسندن جو آهي، جيڪي آمريڪا جي پاسي آهن. سوال ماڻهن جو آهي ۽ ان ۾ بہ اسان جو آهي. ڇاڪاڻ تہ هيستائين گذريل اڌ صديءَ کان اسان اهو ڏٺو آهي تہ ملڪ جي هر بحران جو نزلو پس و پيش سنڌ تي ڪِرندو آهي ۽ ان جا نتيجا اسان کي ڀوڳڻا پوندا آهن. پاڪستان جنهن طرف وڃي رهيو آهي ۽ جنهن صورتحال جي منهن ۾ وڃي رهيو آهي، ڇا اسان ان ۾ پنهنجا رهيل ٽپڙ بچائڻ جي پوزيشن ۾ آهيون؟ ڇا اسان جي ايجنڊا تي اهو سوال آهي؟

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 31 مارچ 2003ع

# فرقيواراڻي دهشتگردي هٿيار بند مذهبي جنونيت جو منطقي نتيجو آهي!

ملڪ ۾ سياسي بحران، سياسي سطح تي اڃا زورن تي آهي ته اوچتو فرقيواراڻي دهشتگرديءَ جي ست- مُنهين بَلا اچي منهن ڪڍيو آهي، جنهن چند ڏينهن اندر سڄي ملڪ ۾ ڪيترن بيگناهه ماڻهن کي اجل جو شڪار بڻايو آهي. اخبارون هن سڄيءَ وارتا کي فرقيواراڻا فساد سڏي رهيون آهن. جڏهن ته سياسي ڌريون ۽ تجزيہ نگار ان کي فرقيواراڻي دهشتگريءَ سان گڏ خالص سياسي پس منظر ۾ ڏسي رهيا آهن. جنهن وحشتناڪ انداز ۾ جنهن تيزيءَ سان هيءُ سلسلو شروع ٿيو آهي، ان مان ته لڳي ٿو ته فرقيواراڻي دهشتگرديءَ جي هيءَ باهه وسامڻ بدران اڃا وڌندي ۽ وڌيءَ شدت سان پڙڪندي. هن فرقيواراڻي دهشتگرديءَ جا ڏُور رَس نتيجا ڪٽي کهڙا ۽ ڪيترا بہ خراب ۽ گهڻا هجن پر حقيقت اها آهي ته جي دهشتگرديءَ جو اهو سلسلو وڌيو ته في الحال اهو حڪومت خلاف هلندڙ مخالف ڌر تحريڪ جو اثر ۽ ٽيمپو وڃائي ڇڏيندو. هن دفعي چاڪاڻ ته وارداتون هڪ خاص سياسي موسم ۾ ۽ جنهن انداز سان ٿي رهيون آهن، ان مان اها ڳالهه ته چڱيءَ طرح واضح آهي ته هي وارداتون فرقيواراڻا فساد هرگز نہ آهن پر کُليل دهشتگردي آهن، جن جو پس و پيش سياسي مقصد ٿي ٿي سگهي ٿو. اها بہ ڳالهه آهي ته جي هيءُ سلسلو وڌيو ته پوءِ عوامي نہ ته بہ مذهبي تنظيمي فسادن جي صورت ضرور اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ ظاهر آهي ته اها ڳالهه اڃا بہ وڌيڪ خطرناڪ ثابت ٿيندي. موجوده سياسي صورتحال ۾ هن فرقيواراڻي دهشتگرديءَ جا ڪجهه امڪاني پاسا ٿي سگهن ٿا، جن تي غور ڪري سگهجي ٿو.

هڪ امڪاني پاسو جنهن ڏانهن سڀ کان اڳ ذهن وڃي ٿو اهو هيءُ آهي ته موجوده حڪومت جيڪا سياسي ۽ معاشي بحران جي ڌٻڻ ۾ ڦاسي چڪي آهي ۽ ان

جي اسٽيبلشمينٽ سان اٽڪٽت بہ واضح نظر اچي رهي آهي، ڪي فرقيوارانٽي دهشتگرديءَ ذريعي وڏيڪ ڏچي ۾ وڌو ويو آهي تہ جيئن اڳ ئي سياسي ۽ معاشي بحران ڪي منهن ڏيندڙ حڪومت امن امان جي حوالي سان بي وس ٿي وڃي ۽ ان وٽ سواءِ اقتدار ڇڏڻ جي ٻي ڪابہ واهہ نہ رهي. ٻين لفظن يا عام سياسي ٻوليءَ ۾ هيءَ فرقيوارانٽي دهشتگردي حڪومت خلاف ڪنهن ڳُجهي سازش جو حصو بہ ٿي سگهي ٿي. هاڻي اها سازش ڪهڙين ڌرين طرفان ۽ ڇو ڪئي وئي آهي؟ ان جي جواب جو هڪ پاسو تہ آسانيءَ سان ڏئي سگهجي ٿو تہ هيءَ دهشتگردي حڪومت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ رٿابنديءَ سان ۽ هڪ خاص وقت تي شروع ڪئي وئي آهي. البتہ رهيو اهو سوال تہ ان جي پٺيان ڪهڙين قوتن جا هٿ آهن تہ ان باري ۾ ظاهر آهي تہ پڪي پختي ثابتي ۽ يقين سان تہ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي. ان ڏس ۾ لشڪر طيبہ جي هڪ اهم اڳواڻ، جنهن سان مون ان ڏس ۾ ويچار پئي ونڊيا، کان جڏهن پڇيو ويو تہ هن نهايت اعتماد سان چيو تہ ”ان پٺيان پارت جو هٿ آهي ۽ اهو دراصل ”ڪارگل“ معاملي جي ”جواب“ جو آغاز آهي.“ جيتوڻيڪ حڪومت بہ روايتي طور هميشہ جيان اهڙو ئي بيان ڏنو آهي پر بهرحال ان فيڪٽر کي نظرانداز بہ نٿو ڪري سگهجي. ساڳئي وقت ان امڪان کي بہ رد نٿو ڪري سگهجي تہ اهو سڀ حڪومت کي روانو ڪرڻ جي خواهش رکندڙ ”مضبوط“ ڌرين جي اشاري تي اندروني طور ڪيو ويو هجي. ان سلسلي ۾ بظاهر عجيب و غريب پر هڪ ٿيوري اها آهي تہ هيءَ دهشتگردي ڇاڪاڻ تہ بظاهر سياسي نہ پر مذهبي نوعيت جي آهي. ان ڪري اها حڪومت کي تہ ڪو وڏو سياسي نقصان نہ پهچائي سگهندي، البتہ ان جي نتيجي ۾ مخالف ڌر جي حڪومت خلاف تحريڪ ضرور ڊفيوز ٿي سگهي ٿي. خاص طور تي جي هن دهشتگردي اڳتي هلي تنظيمي يا عوامي فسادن جو روپ ورتو تہ پوءِ ان ڳالهہ جا امڪان تهائين وڌي ويندا تہ عوام جو ڌيان سياسي جدوجهد تان هٽي وڃي ۽ عملي طور مخالف ڌر جي تحريڪ تارپيڊو ٿي وڃي. مون جڏهن ان سلسلي ۾ هڪ انتهائي باخبر سياستدان کان پڇيو تہ هن ماڳهين هن صورتحال جو هڪ نئون پاسو واضح ڪيو. هن جو خيال هو تہ هن وقت مذهبي انتهاپسند ڌريون آمريڪا جي سخت خلاف آهن ۽ ساڳيءَ طرح آمريڪا کي بہ ڪائنن سخت خطرو محسوس ٿي رهيو آهي. جيئن تہ هن وقت نوازشريف جي حڪومت کي آمريڪا جو آشيرواد حاصل آهي، ان ڪري ٿي سگهي ٿو تہ آمريڪا هيءَ دهشتگردي ڪرائي ۽ ان کي جواز بڻائي موجوده حڪومت معرفت پاڪستان ۾ هن عنصر کي منهن ڏيڻ جو ڪو بندوبست ڪرڻ جو سوچيو هجي. ان ڪري سمجهڻ گهرجي تہ هيءَ دهشتگردي هڪ خاص حد ۽ سطح تائين وڌندي ۽ پوءِ ڊرامي جو ٻيو سين شروع ٿيندو، جيڪو جيڪڏهن حتمي ثابت نہ بہ ٿيو تڏهن بہ اثرائتو ضرور هوندو. جنهن ۾ ان جي

امڪاني سببن ۽ نتيجن جي بحث کان قطع نظر تہ هيءَ دهشتگرديءَ جي لهر حڪومت خلاف آهي ۽ اها مخالف ڌر جي تحريڪ کي تارپيڊو ڪندي. بنيادي ۽ اهم ترين سوال اهو آهي تہ هن هٿياربند مذهبي جنونيت جو ڇيهہ ڪٿي ٿيندو؟ دراصل پاڪستان ۾ هن بدعت جو بنياد سمورن دهشتگردن جي سربراهہ جنرل ضياءُ الحق وڏي ”دورانديشيءَ“ سان وڌو هو. جنرل ضياءَ کي خبر هئي تہ ڪوبہ مهذب ۽ متوازن معاشرو گهڻو وقت پنهنجي گروپ ۾ فسطائي روين ۽ آمريت کي وڌڻ ۽ ويجهڻ جا بنياد فراهم نٿو ڪري سگهي. سادن لفظن ۾ سول سوسائٽي ۽ آمريت گڏ گڏ نہ ٿا هلي سگهن. جيري خاطر ٻڪري ڪُهڻ جي چوڻيءَ جي مصداق جنرل ضياءَ بہ پنهنجي چئن ڏينهن جي آمريت جي دوام جي دوکي ۾ مذهبي جنونيت جي رجحان کي هٿي ڏئي ۽ سندن هٿن ۾ هٿيار ڏئي پاڪستان جي اڳ ئي ورهايل ۽ بگڙيل معاشري جي رڳن ۾ اهڙو زهر ڀري ويو جنهن هن ملڪ ۽ معاشري کي مرٽينگ بڻائي ڇڏيو آهي. ٻئي طرف افغانستان ۾ آمريڪي دلاليءَ جي ڪري بہ هتي مذهبي جنونيت جي نرسري قائم ڪري، مذهب جي نالي ۾ فاشسٽ قوتن جي وڌڻ ويجهڻ جا مضبوط بنياد وڌيا. جيتوڻيڪ هاڻي نہ تہ افغانستان ۾ آمريڪا جا مفاد ساڳيا رهيا آهن ۽ نہ ملڪ ۾ جنرل ضياءَ واري آمريت آهي پر گذريل ڏهاڪي ۾ مذهب جي نالي ۾ ٿيندڙ اسلام دشمن، انسان دشمن ۽ عوام دشمن دهشتگرد سياست جو ٻوٽو وڏي وڻ ٿي ويو آهي ۽ ان جو وڏي ۾ وڏو نشانو حڪمران طبقا نہ پر اها انڌي منڊي سول سوسائٽي آهي، جنهن جي پيرن ۾ رنگ، نسل، ٻوليءَ، مذهب ۽ سياسي سوچ جي فرق جي نالي تي تڳندڙ دهشتگردن ۽ فاشزم جا انيڪ ونگ وڌا ويا ويا آهن. ان ڪري بنيادي مسئلو اهو يقينن نہ آهي تہ مذهبي جنونيت جي ڪُک مان جنم وٺندڙ هيءَ دهشتگردي حڪومت کي نقصان رسائيندي يا مخالف ڌر کي. پر بنيادي سوال اهو ئي آهي تہ دهشتگرد ۽ فاشسٽ قوتن جي گهيري ۾ آيل هن ملڪ جي سول سوسائٽيءَ کي ڪيئن بچائجي؟ ان باري ۾ سوچڻ اڄوڪين حالتن ۾ ملڪ جي سمورن جمهوريت پسند، انسان دوست، عوام دوست ۽ روشن خيال فردن، تنظيمن ۽ ادارن جو بنيادي ۽ اولين فرض آهي.

---

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 5 آڪٽوبر 1999ع

# سياستدانن جي ”احتساب“ جي آڙ ۾ سياست جي نفي نہ ڪريو!

12هين آڪٽوبر تي نوازشريف حڪومت جي برطرفي ۽ فوج طرفان حڪومت جون واڳون سنڀالڻ ڪان پوءِ ملڪي تاريخ جي هڪ عجيب و غريب دؤر جو آغاز ڪيو ويو آهي. يعني ملڪ ۾ بظاهر ۽ رسمي طور مارشل لا بہ ناهي، آئين بہ معطل ٿيل آهي، ملڪ جا سياسي ۽ آئين ساز ادارا بہ معطل ڪيا ويا آهن ۽ حڪومت جون واڳون مخصوص سوچ رکندڙ ٽيڪنوڪريٽس جي حوالي ڪيون ويون آهن. نہ رڳو سياستدانن جو ”احتساب“ ڪرڻ جون ڳالهيون زور شور سان ٿي رهيون آهن پر هر سطح تي موجوده حڪومت طرفان سياست ڏانهن نفرت انگيز روين جو اظهار ڪيو پيو وڃي. يعني مجموعي طور تاثر اهو ڏنو پيو وڃي تہ ملڪ جي هيءَ سڄي پيڙهہ سياست ۽ سياستدانن ڪئي آهي. ملڪ جي تاريخ جي اپاڳن ۽ تباهڪارين جي تاريخ جا پيرا کڻبا تہ گهٽن ”گهرن“ جي تقدس جي اوچين ديوارن ۾ ڏار پئجي ويندا. اُصولي طور ملڪ ۾ حقيقي احتساب ٿي بہ تڏهن سگهندو جڏهن ملڪي تاريخ جي پهرين ڏينهن کان حساب ڪتاب ڪيو وڃي ۽ ان ڳالهہ جو تعين ڪيو وڃي تہ ملڪ جي ان سڀ طرفي تباهيءَ جو اصل ذميوار ڪير آهي؟ سياستدان ڇاڪاڻ تہ موجوده وقت ۾ جڳ جي جوءِ تي پيا آهن، ان ڪري هر ڪنهن جون آڱريون مٿن کڄي رهيون آهن ۽ مجموعي تاثر اهو ڏنو پيو وڃي تہ هيءَ سڄي تباهي سياستدانن جي بدعنوانين ۽ لاپرواهين سبب ٿي آهي. ان ڳالهہ کي ٻن رخن کان ڏسڻ جي ضرورت آهي. هڪ تہ ملڪ جي تاريخ جو اڌ کان بہ وڌيڪ عرصو ملڪ ۾ سڌي آمريت رهي آهي. سوال آهي تہ هڪ ٻنهہ نئين وجود ۾ آيل ملڪ کي فضيلت ۽ جمهوري طريقي سان هلڻ ڇو نہ ڏنو ويو؟ ڪير هئا جن

ملڪ ۾ عوامي ۽ ملڪي مفادن موجب جمهوري آئين ٺهڻ نہ ڏنا؟ ملڪ جي تعمير ۽ ترقيءَ لاءِ سوچيندڙ ۽ آئين سازي ڪندڙ عوام جي چونڊيل جمهوري ادارن کي ڪنهن ۽ چو هلڻ ۽ خودمختياريءَ سان ڪم ڪرڻ نہ ڏنو؟ هڪ صاف سٿري سياسي ۽ جمهوري نظام کي مفلوج ڪري ملڪ ۾ ڪرپشن جا بنياد ڪنهن وڌا؟ جيسين اهي سوال حل نہ ٿا ٿين ۽ ان ڳالهہ جي تحقيق نہ ٿي ٿئي ۽ انهن ذميوار ڌرين جو تعين نہ ٿو ٿئي تيسين نہ تہ حقيقي احتساب ٿي سگهندو ۽ نہ ئي مستقبل لاءِ چڱاين جا بنياد پئجي سگهندا. مثال طور جنرل ضياءَ جو دؤر سامهون رکجي تہ نظر ايندو تہ اڄ ملڪ ۾ جيڪي تباهڪاريون آهن، جن ملڪ کي مرٽينگ حالت ۾ پهچائي ڇڏيو آهي، انهن جا بنياد جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ پيا ۽ ظاهر آهي تہ جنرل ضياءَ ڪو هڪ فرد نہ هو پر هن ملڪ جي هڪ اعليٰ ترين اداري جي نمائندگي ٿي ڪئي. سوال آهي تہ ملڪ جي سڀ کان حساس، طاقتور ۽ اعليٰ اداري جنرل ضياءَ جي انهن فيصلن جو نوٽيس چو نہ ورتو جن ملڪ جي تباهيءَ جا بنياد ٿي وڌا؟ مثال طور مجلس شورا ۽ مختلف نالن سان جن مراعت يافتہ ماڻهن کي ملڪي وهنوار ۾ اڳتي آندو ويو ۽ جن اڳتي هلي سياست ۾ هر قسم جو گند ڪيو، انهن جي ذميواري ڪنهن تي وڌي وڃي؟ ملڪ ۾ جمهوري ادارا مفلوج ڪري، جنهن ڏنڊي جي راڄ کي متعارف ڪرايو ويو ۽ اقرباپرورين جا جيڪي مثال قائم ڪيا ويا ۽ ان جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ جيڪو نام نهاد سياسي ڪلچر جُڙيو، ان جي بنيادي ذميواري ڪنهن تي وجهڻ گهرجي؟ افغان مسئلي ۾ آمريڪا جي دلاليءَ جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ جيڪو هيروئن ۽ ڪلاشنڪوف ڪلچر متعارف ٿيو ۽ ان جا اڄ جيڪي نتيجا سامهون اچي رهيا آهن - ان جي ذميواري ڪنهن جي ڪلهن تي وجهجي؟ بينڪن مان وڏا قرض کڻڻ ۽ واپس نہ ڪرڻ جي روايت بہ جنرل ضياءَ جي دؤر ۾ وڌي وئي. حالت اها هئي جو چيو وڃي ٿو تہ مرحوم سياستدان غلام محمد مهر جڏهن صوبائي ڪابينا ۾ حلف کڻڻ کان انڪار ڪيو هو تہ کيس چيو ويو تہ يا تہ هو قرض واپس ڪري يا وزير ٿيڻ قبولي ۽ وڏيڪ قرض وٺي. اڄ جن مسئلن بابت منهن مٿو پٽيو پيو وڃي تہ ملڪ انهن جي ڪري تباهہ ٿي ويو آهي، انهن جي پسمنظر ۾ وڃبو تہ ثابت ٿيندو تہ انهن جا بنياد سياستدانن نہ پر آمريتي حڪومتن جي سربراهن وڌا هئا. اڄ جن کي سياستدان سڏي سياست جي نفي ڪئي ٿي وڃي، انهن ۾ گهڻائي دراصل انهن ئي ماڻهن جي آهي، جيڪي بنيادي طور سياسي ماڻهو نہ هئا پر انهن کي مراعتون ڏئي، سياست ۾ پرتي ڪري سياست کي خوار خراب ڪيو ويو آهي. مثال طور 1985ع ۾ چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ڪرايون ويون. سمورين جمهوريت پسند سياسي پارٽين ان جو بائيڪاٽ ڪيو ۽ نتيجي ۾ گهٽي پاڳي اها

مخلوق اسيمبلين ۾ پهچي وئي، جن جو سياست، جمهوريت ۽ عوامي مفادن جي نگهبانيءَ جي سوچ سان ڪو تعلق نہ هو. نتيجي ۾ جڏهن اها مخلوق سياسي ادارن ۾ پهچي وئي ۽ ملڪ جي مالڪ ٿي وئي تہ پوءِ اهو ئي ٿيو جيڪو اُصولي طور ٿيڻ ڪپندو هو. خود نوازشريف بنيادي طور سياسي ماڻهو نہ هو. هن کي ضياءَ جي دؤر ۾ مراعتون ڏئي مٿي آندو ويو. مسلم ليگ جو قيام بہ عوام ۾ نہ پر ان اسيمبليءَ اندر پيو هو جيڪا غير جماعتي چونڊن جي نتيجي ۾ چونڊجي آئي هئي. يعني هڪ طرف تہ ملڪي تاريخ جو وڏو عرصو ملڪ ۾ سڌي آمريت رهي آهي، پيو تہ انهن آمريتي حڪومتن ۾ بنيادي طور غير سياسي ۽ مراعت يافتہ ماڻهن کي مٿي آندو ويو. جنهن اڳتي هلي سياست جون واڳون سنڀالڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان ۾ ڪين ڪامياب ڪيو ويو. ان ڪري اها نام نهاد سياستدانن جي لاءِ بہ آمريتي دؤرن، روين ۽ پاليسين جي فخريہ پيشڪش آهي، جن سياست جي نالي ۾ ملڪ، سياست ۽ سياسي ڪلچر جي پينگ ڪئي آهي. ان ڏس ۾ اجا بہ سڀ کان وڏو سوال هيءُ آهي تہ جن دؤرن ۾ ملڪ ۾ آمريتون هيون. اهي تہ ٺهيو پر جن دؤرن ۾ بظاهر سياسي حڪومتون هيون ڇا انهن دؤرن ۾ حقيقي طور سياسي ادارا خودمختيار هئا؟ سياسي حڪومتون پنهنجون پاليسيون جوڙڻ ۽ ان جي نفاذ لاءِ آزاد هيون؟ سياست جي ناڪامي ۽ ملڪ جي هن بحران جو ذميوار مڪمل طور سياست کي تڏهن قرار ڏجي ها، جڏهن سياست، سياسي ادارا ۽ سياسي قيادت کي مڪمل خودمختياريءَ ۽ آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ ڏنو وڃي ها. چوڻ وارا تہ اهو بہ چون ٿا تہ سياسي حڪومتن کان هٿ وٺي اهڙا فيصلا ڪرايا ويا، جن ملڪ کي هن انجام تي رسايو آهي. جيڪي ڏريون بہ پاڱي ٿي کان بہ وڌيڪ اڪثريت رکندڙ سياسي حڪومت کي هڪ ڏڪ سان لاهي سگهن ٿيون، ملڪ جو آئين هڪ گهڙيءَ ۾ معطل ڪري سگهن ٿيون، ڇا اهي تڏهن بلڪل بي وس هيون جڏهن سياسي حڪومتن اهڙا ڪُڌا ڪم پئي ڪيا؟ چوڻ وارا تہ اهو بہ چون ٿا تہ سياسي حڪومتن کان غلط فيصلا ڪرائي، ڪانئن غلط ۽ عوام دشمن پاليسيون جوڙايون ٿي ان ڪري ويون جيئن سياڻي سندن ناڪامين کي جواز بڻائي اهو چئي سگهجي تہ سياست ۽ سياستدان ملڪ جي تباهيءَ جو ذميوار آهي، ان ڪري کين حڪومت هلائڻ جو ڪو حق ناهي.

هن سڄيءَ ڳالهہ جو مطلب هيءُ آهي تہ هيءُ جيڪو ملڪ جي سڄي تباهيءَ جو ذميوار صرف سياستدانن، سياسي پارٽين ۽ سياست کي قرار ڏنو پيو وڃي، اها مواليءَ جي ڳالهہ وانگر "سڌي استادي" آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هن ملڪ جي اقتداري سياست کي عوام دشمن ۽ مجرماڻو ڏنڌو بڻايو ويو آهي ۽

اقتداري سياستدانن بہ ملڪ جي سڄي ڪرپٽ سرشتي جو حصو ٿي ملڪ کي تباهہ ڪرڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي پر ان جي ذميواري صرف مٿن وجهڻ سراسري زيادتي ٿيندي. اقتداري سياستدان تہ پُتليون آهن. اصل ڏوهاري اهي آهن جن جي هٿن ۾ سندن ڏوريون رهيون آهن. ان کان علاوه موجوده دؤر ۾ جڏهن سڀ اختيار سڌيءَ ريت فوجي قيادت پنهنجي قبضي ۾ رکي ڇڏيا آهن ۽ حڪومتي وهنوار ٽيڪنوڪريٽس جي حوالي ڪيو ويو آهي تڏهن نہ رڳو شعوري طور سياستدان ۽ سياست جي تذليل ڪئي پئي وڃي پر سياست جي بطور هڪ سبجيڪٽ طور پڻ نفي ڪئي پئي وڃي. جيڪا ڳالهہ ڪنهن بہ لحاظ کان قبوليت جوڳي ۽ قابلِ فهم نہ آهي. اڄوڪي زماني ۾ ڪوبہ ملڪ سياست، سياسي پارٽين، سياسي عمل ۽ سياسي سرشتي کانسواءِ هلي سگهي ئي نہ ٿو. ٽيڪنوڪريٽس حڪومتن جا سُٺا صلاحڪار تہ ٿي سگهن ٿا پر حڪومتون هلائڻ سندن وس کان ٻاهر آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪنهن کي بہ شڪ يا اعتراض نہ آهي تہ احتساب نہ ٿيڻ گهرجي. احتساب ضرور ٿيڻ گهرجي پر رڳو سياستدانن جو نہ پر رياست جي هر شعبي جو ٿيڻ گهرجي. ٻيو تہ سياستدانن جي ”احتساب“ جي نالي ۾ سياست جي، هڪ سبجيڪٽ طور نفي قطعي نہ ڪرڻ گهرجي. ان ڪري بنيادي سوال سياسي ۽ غير سياسي قيادت جو نہ آهي، اصل سوال اهو آهي تہ سياسي عمل کي حقيقي معنيٰ ۾ آزاد ڇڏيو وڃي. ملڪ ۾ آئين جي بالادستيءَ کي هر حال ۾ يقيني بڻايو وڃي. سياسي ادارا ۽ تجارت جا هٿ پير ۽ اکيون ٻڌي کين حڪومتون نہ ڏنيون وڃن پر کين واقعي بہ آزاد ڇڏيو وڃي تہ اهي ڪم ڪري سگهن. فقط تڏهن ئي حقيقي طور اهو جاچي سگهبو تہ سياسي حڪومتون يا سياسي عمل هن ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهي ٿو يا نہ؟

روزاني ”عبرت“ حيدرآباد، 26 نومبر 1999ع

# عالمي پنجابي ڪانفرنس

تازو لاهور ۾ ”عالمي پنجابي ڪانفرنس“ جي عنوان سان انڊيا ۽ پاڪستان جي پنجابي اديبن ۽ دانشورن جي هڪ وڏي ڪانفرنس ٿي گذري، جنهن ۾ ڪيل تقريرن ۽ پيش ڪيل مؤقف جو سڄي ملڪ ۾ سياسي، عوامي ۽ ادبي حلقن ۾ سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو ويو آهي. ماڻهن لاءِ اها ڳالهه ڪنهن انڪشاف کان گهٽ نہ آهي تہ پنجاب جي اديبن ۽ دانشورن کي بہ پنهنجي ٻوليءَ سان محبت ٿي سگهي ٿي. جيتوڻيڪ ان ڪانفرنس ۾ مختلف ڳالهائيندڙن سان منسوب تمام هلڪڙيون ۽ ڇَسيون ڳالهيون بہ اخبارن ۾ رپورٽ ٿيون آهن پر مجموعي طور گذريل اڌ صديءَ کانپوءِ پهريون دفعو پنجاب جي اديبن ۽ دانشورن طرفان پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان محبت جو رويو سامهون آيو آهي. ڪانفرنس ۾ مجموعي طور جيڪو مؤقف پڌرو ڪيو ويو آهي، ان جون ڪجهہ بنيادي ڳالهيون هي آهن:

(الف) پاڪستان ۾ هڪ اقليتي ثقافتي گروهہ جي مخصوص هندستاني، لکنوي، دهلوي ثقافت جو تسلط نہ هجڻ گهرجي.

(ب) ملڪي آباديءَ جي 6 سيڪڙو حصي جي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ طور سمورن ماڻهن ۽ قومن تي ٿاڦڻ بدران ان کي فقط رابطي جي زبان قرار ڏئي، باقي ٻين سمورين يعني پنجابي، سنڌي، بلوچي، پشتو ۽ سرائيڪي ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي. جيتوڻيڪ ان کانسواءِ بہ ڪيترن اديبن ۽ دانشورن ڪي چڱيون ۽ ڪي تہ بنهہ ڇسيون ڳالهيون ڪيون آهن، جيڪي اخبارن ۾ رپورٽ ٿيون آهن پر چاڪاڻ تہ ڪانفرنس جو بنيادي مقصد ۽ موضوع مٿي بيان ڪيل نقطا هئا، ان

ڪري ٻين ڳالهين تي ڳالهائڻ اجايو ٿيندو. جيتوڻيڪ ڪنهن به قوم/سماج جي اديبن ۽ دانشورن طرفان پنهنجي ٻوليءَ يا ثقافت سان محبت جي ڳالهه نه ته نئين آهي ۽ نه ڪنهن طور به بحث جوڳي پر جيئن ته هيءَ آواز پنجاب مان اُٿيو آهي، ان ڪري پاڪستان جي مخصوص تاريخي پس منظر ۾ اها ڳالهه نه رڳو اهم آهي پر ملڪ جي سموري عوام لاءِ ڌيان طلب به آهي. ڇاڪاڻ ته پنجابي قوم جو اهو مسلم آباديءَ وارو حصو جيڪو اڄوڪي پاڪستان ۾ آهي، اهو شايد ننڍي کنڊ ته ڇا پر دنيا جي واحد آبادي آهي، جنهن جي حڪمران طبقي، اديبن ۽ دانشورن هميشه پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت ڏانهن لاتعلقيءَ جو رويو روا پئي رکيو آهي ۽ ان جا به ٺوس سبب آهن. ڪوبه سماجي رويو ٻوءِ اهو هڪ فرد جو هجي يا هڪ طبقي ۽ پوريءَ قوم جو- ان جي بنيادن ۾ پس منظر ۾ جائز/ناجائز اقتصادي مفاد لڪل هوندا آهن ۽ جيستائين انهن تي نظر نه وجهبي تيسين معاملي جي تهه تائين پهچي نه سگهبو. منهنجيءَ نظر ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي توڙي سندن وچين طبقي جي اديبن، دانشورن طرفان پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان لاتعلقيءَ جي رويي جا بنيادي سبب هيٺيان هئا ۽ آهن.

پاڪستان ڇاڪاڻ ته ڪنهن وڏي تاريخي Process جي نتيجي ۾ نه ٺهيو هو ۽ ورهاڱي کان اڳ هندستان جي مخصوص حالتن جي پيچيدگين ۽ ڪانگريس جي متعصب ۽ نام نهاد سيڪيولر هندو ليڊرشپ جي روين سبب ۽ ٿوري وقت اندر وجود ۾ آيو هو- ان ڪري نئين ٺهيل ملڪ ۾ طاقتن جو گهربل توازن ( Balance of Forces) موجود نه هو. خاص طور تي ملڪ ناهيندڙ ۽ ان ۾ شامل ٿيندڙ قومن جي قطعي گهٽائيءَ ڪي بنيادي شعبن ۽ معاملن کان پاسيرو رکي به مخصوص گروهه سڄي ملڪ جي اڇي ڪاري جا مالڪ ٿي ويا ۽ اُهي هئا پنجاب ۽ هندستان مان لڏي آيل پناهگيرن جو حڪمران طبقو جنهن کي سنڌ جي قومي سياست ۾ هڪ وڏي عرصي تائين حيدر بخش جتوئي، جي ايم سيد، رسول بخش پليجو ۽ ٻيا ”پنجابي-پناهگير مستقل مفاد“ سڏيندا رهيا آهن. ملڪ جي ملٽري ۽ سول بيوروڪريسيءَ، سمورن وفاقي انتظامي ادارن، عدليه ۽ ٻين شعبن ۾ انهن ٻن گروهن جو اهو طبقو حاوي ٿي ويو، جنهن ۾ وڏو حصو پنجاب جو هو. ان سڄي ٽولي جي اسٽيٽسڪو کي برقرار رکڻ ۽ ان کي تحفظ ڏيڻ لاءِ ”نظريه پاڪستان“ جي نالي ۾ هڪ قسم جي بي بنياد نظرياتي فضا قائم ڪئي، جنهن جا مکيه نقطا هي هئا ته هيءُ ملڪ فقط مسلمانن جو آهي ۽ فقط اسلام جي سربلنديءَ لاءِ ٺهيو آهي، جنهن ۾ پاڪستانين کانسواءِ ڪي به ٻيون قومون نه ٿيون رهن ۽ نه انهن جا ڪي پنهنجا الڳ تاريخي قومي حق آهن. مها پاڪستانيت ۽ مها اسلاميت جي نالي ۾ ملڪ جي

اصل سيڪيولر ۽ قومي جمهوري تصور کي مسخ ڪيو ويو. جڏهن تہ 1940ع جي ٺهراءَ کان وٺي 1946ع جي ٺهراءَ تائين ۽ ويندي ملڪ جي قيام ڪانپوءِ جناح جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير ۾ اهڙو ڪوبہ اشارو موجود نہ هو. نئين ٺهندڙ ملڪ ۾ ننڍا مسلم آباديءَ وارا صوبا شامل ٿي ان ڪري ٿيا هئا جو ڪين گڏيل هندستان ۾ سندن خودمختياري ڪسجڻ جو خوف هو ۽ نئين ٺهندڙ ملڪ ۾ ڪين ان جي ضمانت ڏني وئي هئي پر نتيجو ان جي بلڪل اُبتڙ نڪتو. پنجابي-پناهگير مستقل مفاد جي نمائنده ليڊرشپ پهرين ڏينهن کان ملڪ جي حقيقي تصور ۽ معاهدي جي نفي ڪئي. اردوءَ کي خاص اسلامي ثقافت جي علمبردار زبان قرار ڏئي، سڄي ملڪ تي ان ڪري زوريءَ مڙهيو ويو جو مها اسلاميت ۽ مها پاڪستانيت جي نالي ۾ جيڪو نام نهاد قومي ڪلچر متعارف ڪرايو ٿي ويو، ان جو بنياد اردو هئي ۽ اهو سڀ ان ڪري ممڪن بڻجي سگهيو جو پنجاب جي پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس ۽ حڪمران طبقي موقعي پرستيءَ جو مظاهرو ڪري ان کي نہ رڳو قبول ڪيو پر ان جو وڏو علمبردار هو ڇاڪاڻ تہ ڪين سڄي ملڪ تي جيڪا برتري حاصل هئي، ان جو بچاءُ ان ئي نام نهاد مها پاڪستاني ڪلچر ذريعي ڪيو ٿي ويو ۽ ٿي سگهيو ٿي. بنگال سڀ کان پهرين ان جي مخالفت ڪئي، سنڌ ان کي رد ڪيو پر انهن کي ٻُڏو اڻ ٻُڏو ڪيو ويو. نتيجو اهو نڪتو تہ هڪ پاسي اوپر پاڪستان بنگلاديش ٿي ويو تہ ٻئي پاسي اجوڪي پاڪستان ۾ اندروني طور انارڪي آهي ۽ قومن، صوبن ۽ آبادين وچ ۾ ڇڪتاڻ آهي. ان ڏس ۾ سڀ کان وڏي ٺڳي اها ڪئي وئي تہ جن قومن گڏيل معاهدي تحت ملڪ ٺاهيو هو ان جي هر شيءِ علائقائي سڏجڻ لڳي ۽ انهن جو ”پاڪستاني قوم“ جي ڪنهن بہ معاملي سان ڪو تعلق نہ هو. جڏهن تہ اردوءَ سان وابستہ هر شيءِ قومي سڏجڻ لڳي. يعني اها ٻولي بہ قومي، ان جو مخصوص هتي جي اصلوڪين قومن لاءِ اوپرو اقليتي ڪلچر بہ قومي، سندن ٻوليءَ ۾ نڪرندڙ تنگ نظر اخبارون بہ قومي ۽ انهن ذريعي چوويهہ ڪلاڪ ڦهلجندڙ متعصب سوچ بہ قومي، سندن 19هين صديءَ جا اردو شاعر بہ پاڪستان جا قومي شاعر پر لطيف، سچل بلهي شاهہ، وارث شاهہ، شيخ اياز ۽ ٻيا فقط علائقائي شاعر. يعني ملڪ ۾ سياسي، اقتصادي ميدانن تي ٺڳيءَ جو جيڪو ٺاهہ ٺاهيو ويو، ان جا سمورا نظرياتي بنياد ان ”قومي ڪلچر“ تي رکيا ويا. هر شيءِ کي قبول ڪرڻ يا رد ڪرڻ جو اُصولي جواز اهو نام نهاد قومي ڪلچر هو ۽ ان ۾ ان وقت جي اردو ڳالهائيندڙ قيادت کان بہ وڌيڪ ڏوهہ پنجاب جي پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس ۽ سندن حڪمران طبقي جو آهي، جنهن اهو سڀ ڪجهہ پنهنجن ناجائز سياسي ۽ معاشي مفادن خاطر نہ رڳو قبول ڪيو پر ان جو گذريل اڌ صديءَ تائين

بچاءُ پئي ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جڏهن لاهور مان فخر زمان، طاهره مظهر علي خان، امتياز عالم، عاصمه جهانگير ان ڪلچر جي نفي ڪندي پنجابي زبان ۽ پنجابي ڪلچر جي ڳالهه ڪئي آهي ته ماڻهن کي حيرت ٿي آهي. ان سڄي رويي جو نتيجو هيءُ نڪتو جو ملڪ ۾ حقيقي ۽ نمائنده قومي جمهوري ڪلچر هڪ ڏينهن لاءِ به جُڙي نه سگهيو ۽ نتيجي ۾ بنگال الڳ ٿي ويو ۽ ٻيون ننڍيون قومون اڄ تائين پاڻ کي ملڪ ۾ اجنبي محسوس ڪن ٿيون. پنجاب کانسواءِ ملڪ جون ٻيون اصلوڪيون قومون نه رڳو ملڪ ۽ رياست جي فيصله ڪن معاملن ۾ سياسي ۽ اقتصادي طور شريڪ نه آهن پر ثقافتي طور به ڪين هر گهڙي پنهنجي قومي ڪلچر جي نفي ٿيندي محسوس ٿئي ٿي. ملڪ جي سموري سرڪاري ميڊيا تي اهو 6 سيڪڙو آباديءَ جو مخصوص نام نهاد قومي ڪلچر حاوي آهي. حد تهِ اها آهي ته سنڌي اخبارون جيڪي انٽرنيٽ تي هجڻ سبب هاڻي سڄيءَ دنيا ۾ هر هنڌ پڙهيون وڃن ٿيون، اهي اڄ به علائقائي ليکيون وڃن ٿيون ۽ اهي اردو اخبارون جيڪي هڪ شهر جي دائري اندر به لبرل نه آهن، اُهي قومي اخبارون ليکجن ٿيون. اهو ئي حال ادب جو آهي. اسان جو ادب توڙي جو اهو کهڙي به معيار جو هجي ۽ ڪيڏن به عالمگير موضوعن ۽ ڪائناتي احساسن کي ڇُهندڙ هجي، اهو قيامت تائين علائقائي رهندو ۽ اردو ۾ توهان ڪا به ڄَسي لفاظيءَ ۾ بڪواس لکي ڇڏيو اها قومي ادب ليکبي ۽ مان اها ڳالهه ورجائي ورجائي چوان ٿو ته ان جو بنيادي ذميوار پنجاب جو مڊل ڪلاس ۽ حاڪم طبقو آهي. مان هتي ان تفصيل ۾ نه ٿو وڃڻ چاهيان ته اڄ صديءَ کانپوءِ پنجاب جي اديبن ۽ دانشورن کي پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافت سان محبت جو جذبو ڇو جاڳيو آهي؟ پر هڪڙي ڳالهه طئي آهي ته جيڪڏهن پنجاب ۾ اها مهم تيز ٿي ۽ ان سوچ جون پاڙون پختيون ٿيون ته اڄ صديءَ کان هلندڙ ۽ ملڪ جي عوام تي زوريءَ مڙهيل ان نام نهاد قومي ڪلچر جي تسلط مان جند ڇُٽي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته اهو مطالبو اڄ صديءَ کان ننڍن صوبن ۾ ته ٿيندو رهيو آهي پر جيڪڏهن هاڻي اهو آواز پنجاب مان طاقت سان اُڀريو ته پوءِ ان کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن نه رهندو. مثال طور عالمي پنجابي ڪانفرنس ۾ هندستان مان سِک پنجابي اديبن ۽ دانشورن کي گهرايو ويو آهي ۽ ڪانئن به تقريرون ڪرايون ويون ۽ ان ۾ ڪا به خرابي نه آهي پر اهو ڪم جڏهن سنڌي ڪندا آهن ته ڪين ملڪ دشمن ۽ اسلام دشمن سڏيو ويندو هو. ان ڪري هاڻي دلچسپ صورتحال جنم وٺندي، جنهن ۾ شروعاتي طور يقينن پنجابي شائونسٽ سوچ وڏيڪ تيزيءَ سان اُڀري ايندي، جنهن جا ٻه سبب آهن. هڪ ته بالادست قوم جي حڪمران طبقي يا مڊل ڪلاس جي قومپرستي عام طور شائونسٽ هوندي آهي

۽ ٻيو چاڪاڻ تہ پيريءَ جي شاديءَ وانگر هنن ۾ پنهنجو ثقافتي شعور هاڻ بيدار ٿيو آهي. اهو رويو شروعات ۾ وڏيڪ Excited هوندو پر مان سمجهان ٿو تہ اڳتي هلي اهو رويو قومن جي پراڻي مطالبي کي هٿي ڏيندو ۽ هڪ مخصوص ۽ نهايت ٿوري اقليت جي سڄي ملڪ مٿان مڙهيل ڪوڙو قومي ڪلچر گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندو. ان حوالي سان مان هڪ ٻي ڳالهہ بہ ڪرڻ گهران ٿو ۽ اها پنجاب جي اديبن ۽ دانشورن جي نسبت سان آهي. سوال هيءُ آهي تہ جيڪڏهن ملڪ تي اردو ٻوليءَ ۽ آباديءَ جي ڪلچر جو ناجائز تسلط غلط آهي ۽ جيڪو سچ پچ بہ غلط آهي تہ ملڪ تي هڪ صوبي يعني پنجاب جو مڪمل سياسي ۽ اقتصادي ۽ فوجي تسلط بہ اوترو تہ ڇا ان کان بہ وڌيڪ غلط ۽ ناجائز آهي. ان ڪري پنجاب جي اديبن ۽ دانشورن کي ان سوال تي بہ ڇتو ٿيڻو پوندو نہ تہ اها موقعي پرستي ۽ ڪردار جي ٻهروپيت سندن ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڌرتيءَ تي پير ڪوڙڻ نہ ڏيندي ۽ ڪي بہ نتيجا ڏئي نہ سگهندي.

---

روزاني عبرت حيدرآباد – 2001ع

# پنجاب جو سفر

## پاڪستان ۾ جمهوريت ۽ قومي سوال:

جيتوڻيڪ لاهور پاڪستان ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي جي سگهه جو مرڪز ۽ سياسي قلعو سمجهيو وڃي ٿو پر پوءِ بہ هيءُ شهر مون کي وڻندو آهي. لاهور جو مزاج بہ مختار مسعود جي نثر جهڙو آهي. نہ مختار مسعود جون سفرنامن ۾ ڳالهيون کُٽنديون آهن ۽ نہ هن شهر جون گهِٽيون ۽ گذرگاهون. هن شهر ۾ (واپڊا ۽ پنجاب جي حڪمران طبقي جهڙيون) بچڙايون ڳولهجن تہ ماڻهوءَ جو ماڻهپي کان ئي ارواح کڄيو وڃي، ۽ جي هن شهر جا فنڪار، گهاٽا وڻ، پريل ٻُٽ واريون عورتون ۽ ڪامياب ادارا ٿا ڏسجن تہ ماڻهو هن شهر جو احترام ئي نہ پر ان سان محبت ڪرڻ لڳي ٿو. مان پنجاب هڪ عرصي کان گهٽ ويندو رهيو آهيان. جو ملڪ جون علمي سرگرميون گهٽي پاڳي لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ٿينديون آهن. هن دفعي پنجاب جو سفر دلچسپ بہ رهيو ۽ منفرد بہ. لاهور ۾ اسان کي جمهوريت ۽ انساني حقن بابت هڪ ملڪي سطح جي مشاورتي اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻو هو ۽ ملتان ۾ پاڻيءَ ۽ ٿل ڪئنال جي اشوءَ تي هڪ ڊائلاگ ۾. بظاهر هن هڪ شهر جي اندر اڻ ڳڻيا ”شهر“ آباد آهن. ادب، شاعري، ڪتاب گهر، موسيقي، تعليمي ادارا، تاريخي عمارتون، ٿيئٽر هال، سئنيمائون، چٽپٽا کاڌا، صحافي، ترقي پسند دانشور ۽ سرڪاري ڪالم نويس، سياست، سازشون، هيرامنڊي، جنوني مُلان، لبرل عورتون، درگاهون ۽ رولاڪيون هن شهر جي اندر وَسندڙ مختلف ”شهرن ۽ وَسندين“ جا نالا آهن. جن مان اڃا ڪنهن تي بہ لَڙندڙ عمر جي شامَ نہ لٿي آهي. لاهور جي لباس تان اڃا انهن مان ڪوبہ رنگ نہ لٿو آهي. هن شهر جو پنهنجو مزاج آهي. رمضان جي مهيني ۾ بہ شاعر هتي شراب بليڪ تي وٺي پيئندا آهن. سياستدان بنا روزن جي

روز افطار پارٽيون ڪندا آهن ۽ هيرامنڊيءَ جون حَسيناٿون سچ پچ بہ ”ڏنڏو“ بند ڪري روزا رکنديون ۽ نمازون پڙهنديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو هر قسم جي ماڻهن لاءِ اجا لاهور جي جاذبيت نہ وئي آهي. هيرامنڊيءَ جي چڪَ ۾ ويندڙ وڏيرا هجن يا گوال منڊيءَ جي ڪاڻن جي سِڪَ ۾ ويندڙ شوقين، ترقي پسند دانشورن سان ملڻ لاءِ ويندڙ سنڌي نوجوان هجن يا باجا بغل ۾ ڪٽي لاهور جي لئہ تي سِرُ ڏيندڙ فنڪار، پُڇَ لتڪائو ۽ سازشي سياستدانن جون نوابزادي نصرالله جي ريلوي اسٽيشن واري گهر تي حاضريون هجن يا اين جي اوز جون گهٽي پاڳي فضول گڏجاڻيون، هن شهر جي جهوليءَ ۾ اجا هر ڪنهن لاءِ پنهنجي پنهنجي دلچسپيءَ جو ”سامان“ موجود آهي. اجا سيني لاءِ ”لَهور“ لَهور آهي. سو اسان بہ ڪيترا سوال ڪٽي هن دفعي لاهور پئي وياسون تہ اهو معلوم ڪجي تہ لاهور ڇا ٿو سوچي!؟

هن دفعي لاهور ۾ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ (سيپ) طرفان پاڪستان ۾ جمهوريت جي سوال بابت هڪ ملڪي سطح جو ڊائلاگ رکيو ويو هو جنهن ۾ سنڌ مان سنڌين طرفان منهنجو دوست ابرار قاضي ۽ مان وڃي رهيا هئاسون. سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ جو دنيا جي ڇهن ملڪن بنگلاديش، ڪينيڊا، ڀارت، نيپال، سريلنڪا ۽ پاڪستان ۾ نيٽ ورڪ آهي. هيءُ ادارو 1989ع ۾ قائم ڪيو ويو هو. پاڪستان ۾ ان جي انتظامي سربراهي ملڪ جي اڳوڻي مشهور ترقي پسند دانشور ۽ پروفيسر عزيزالدين احمد جو ننڍو ڀاءُ محمد تحسين ڪري ٿو. جيتوڻيڪ پاڪستان ۾ جمهوريت جو سوال هاڻي گفتگوءَ لاءِ پاپولر فيشن بڻيل آهي پر ساڳئي وقت ان موضوع تي ڪيترن علمي ۽ سياسي ادارن ۾ سنجيده ڪم بہ ٿئي ٿو. بہ سال اڳ هڪ جرمن اداري FNSt ان موضوع تي اسلام آباد ۾ هڪ پاليسي ڊائلاگ ڪرايو هو ۽ رضا رباني، شفقت محمود، مخدوم شاهہ محمود قريشي، امتياز عالم، ڊاڪٽر حميده کهڙو، سينيٽر رحمان، مون ۽ ڪيترن دوستن ان ۾ حصو ورتو هو ۽ نيٺ اسان هڪ خاڪو تيار ڪيو هو جنهن تي عملي طور وڌيڪ ڪابہ پيش رفت ٿي نہ سگهي هئي، پر هن ڀيري سيپ جو پروگرام ہي ۽ وڌيڪ عملي نوعيت جو هو. سيپ هڪ عرصي کان ان موضوع تي نظرياتي ۽ عملي حوالي سان ڪم ڪندي رهي آهي ۽ ان بنياد تي جيڪو ابتدائي خاڪو تيار ڪيو ويو هو اهو اسان کي ڏنو ويو تہ جيئن ان کي وڌيڪ مباحثي ۽ ڊائلاگ کان پوءِ نہ رڳو ڪا حتمي شڪل ڏني وڃي پر ان لاءِ عملي ڪوششون وٺڻ جي حڪمت عملي پڻ جوڙي وڃي. اهو ئي سبب هو جو ڊائلاگ ۾ چئني صوبن مان ۽ مختلف واسطيدار شعبن خاص طور سياسي پارٽين، ميڊيا ۽ اقليتن (اُصولي طور تي اقليتن جو لفظ استعمال ڪرڻ غلط آهي) مان چونڊ اڳواڻن ۽ ماهرن کي سڏيو ويو هو. مان چاهيان ٿو تہ پهرين هتي

سيپ طرفان ڏنل خاڪي جون بنيادي ڳالهيون ڏجن ٿيون ۽ پوءِ اُهي ڳالهيون جيڪي ڊائلاگ ۾ سامهون آيون يا اسان رکيون. سيپ جي ٿيسز جا نظرياتي ماخذ هي هئا:

**جمهوريت ۽ جمهوريت جا مسئلا:**

پاڪستان جو شمار دنيا جي چند انهن ملڪن/ قومن ۾ ٿئي ٿو جن ويهين صديءَ جي پڇاڙيءَ کان اڳ ئي اُنهن مسئلن کي حل ڪري ڇڏيو هو جيڪي پاڪستان اڄ پوڳي رهيو آهي. چونڊيل پارليامينٽ، آئين، آزاد عدليه، خودمختيار چونڊ ڪميشن، انصاف، تحفظ، اظهار جي آزادي ۽ اهڙا سڀ بنيادي معاملا جيڪي ڪنهن بہ مهذب، آزاد ۽ جمهوري معاشري جي ترقيءَ لاءِ لازمي عنصر هوندا آهن، اُنهن جو پاڪستان ۾ رڳو تصور ئي ڪري سگهجي ٿو.

پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين بدقسمتيءَ سان جمهوري عمل کي وڏن وڏن صدمن مان گذرڻو پيو آهي. ملڪ ۾ سمورن رياستي معاملن جي مالڪي ۽ اختيار فقط فوج وٽ ئي رهيو آهي. سياسي ۽ جمهوري عمل ۾ فوج جي مسلسل مداخلت سبب نہ تہ حقيقي جمهوري ادارا اُسري سگهيا ۽ نہ ايترا سگهارا ٿي سگهيا جو اُهي پنهنجو ۽ عوام جي جمهوري حقن جو بچاءُ ڪري سگهن ها. جڏهن بہ فوج اقتدار ۾ آئي تہ اُن پنهنجي حاڪميت کي جواز فراهم ڪرڻ لاءِ رڳو سياست، سياستدانن ۽ سياسي پارٽين کي سمورن مسئلن جو ذميوار قرار ڏنو ۽ اُنهن جي ڪردار کي حتي الامڪان مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سياست ۽ رياستي ادارن کي رڳو بي ايماني، اقتدار حاصل ڪرڻ ۽ ذاتي مفادن جي پورائي جو ذريعو بڻايو ويو. فوجي حڪومتن سياست کي ”پاڪ صاف“ ڪرڻ جي نالي ۾ غير سياسي ۽ وڏيڪ بي ايمان ۽ موقعي پرست عنصرن کي اڳتي آندو پر اُتساهيندڙ ڳالهہ اِها آهي تہ سياسي جماعتن پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود پنهنجي وجود کي نہ رڳو برقرار رکيو پر فوجي آمريتن جي خلاف مسلسل جدوجهد پڻ ڪئي آهي. اها بہ ڳالهہ آهي تہ سياسي پارٽين جمهوري روايتن موجب هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ ۽ جائز سياسي چٽاڀيٽي ڪرڻ بدران هڪٻئي کي منظرنامي تان هٽائڻ جي ڀرپور ڪوشش پڻ ڪئي آهي.

1947ع کان وٺي اڄ تائين اسان جو پارلياماني نظام اُهي اختيار حاصل نہ ڪري سگهيو جيڪي ڪنهن بہ جمهوري سرشتي ۾ پارليامينٽ کي لازمي طور حاصل هئڻ گهرجن. اسان وٽ يا تہ آئين موجود نہ رهيو آهي يا معطل رهيو آهي ۽ جي ڪن دؤرن ۾ اُهو نالي ماتر رهيو بہ آهي تہ اُهو جمهوري ادارن جي اختيارن ۽ فرضن جو بنياد نہ بڻجي سگهيو. نتيجي ۾ نہ رڳو جمهوريت مٿين سطح تي ادارن

جي حوالي سان ڪمزور ٿيندي وئي پر بتدريج عوام جو بہ اُن تان ويساهہ کڄندي نظر اچي ٿو.

جيتوڻيڪ دنيا ۾ اڪيچار سياسي ۽ معاشي نظام گڏوگڏ هلندا رهيا آهن پر ويهين صديءَ ۾ جمهوريت پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود بنيادي طور هڪ اڳتي وڌندڙ اُسرندڙ ۽ ڪامياب نظام طور نہ رڳو اڳتي آيو آهي پر گهڻي ڀاڱي تسليم بہ ڪيو ويو آهي. جمهوريت جو باشعور عوام، فرض شناس ۽ ذميوار سياسي پارٽين، مضبوط جمهوري ادارن، آئين، انصاف ۽ قانون جي حڪمراني (Rule of Law) کان سواءِ تصور بہ نٿو ڪري سگهجي، پر اسان وٽ جمهوريت لاءِ اهي لازمي سمورا عنصر نهايت ڪمزور ۽ ابتدائي شڪل ۾ آهن ۽ ڪي تہ بنهہ موجود بہ نہ آهن. جمهوريت صرف چونڊن ۽ چونڊيل نمائندن ذريعي اقتدار حاصل ڪرڻ جو نالو نہ آهي ۽ نہ ئي اُها چونڊن ذريعي مٿان کان نازل ٿيندي آهي، هڪ سياسي نظام جي حيثيت سان جمهوريت ۾ عوام کي ٻين سمورن نظامن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آزاديون ۽ حق حاصل هجن ٿا، نہ رڳو اهو پر سندن حقن جي بچاءُ لاءِ جمهوري ادارا، قانون ۽ عدالتون پڻ موجود هجن ٿيون. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اسان وٽ جمهوريت جو مطلب عوام جو تحفظ نہ پر مخصوص مراعتيافتہ طبقن جو تحفظ رهيو آهي.

**جمهوري نظام ۾:**

- عوام کي راءِ جو حق حاصل هجي ٿو جنهن جي ذريعي اُهي پنهنجا نمائندا چونڊين ٿا.
- اِهي نمائندا مقامي، صوبائي ۽ قومي سطح جون حڪومتون جوڙين ٿا.
- ماڻهن جون چونڊيل اسيمبليون قانونسازي ڪنديون آهن.
- اُنهن قانونن تحت ئي رياستي ادارا جُڙندا آهن.
- اُنهن قانونن مطابق ملڪ جا سمورا انتظامي معاملا هلايا ويندا آهن.
- جمهوريت جا ڪيترا بنيادي قدر هجن ٿا، جن کانسواءِ اُها اڻپوري رهندي آهي.

مثال طور:

- جمهوريت ۾ سمورا ماڻهو قانون آڏو ساڳي حيثيت رکن ٿا.
- ذات، پات، رنگ، نسل ۽ مذهب جي بنياد تي ڪنهن کي بہ ڪنهن تي مٿڀرائپ حاصل نہ هوندي آهي.
- سمورن شهرين کي برابريءَ جي بنياد تي ساڳيا حق حاصل هوندا آهن.
- سمورا فيصلا گهڻائيءَ جي مرضيءَ سان ڪيا ويندا آهن، پر ٿورائيءَ کي بہ قانوني طور اختلافِ راءِ جا سمورا حق ميسر هوندا آهن.
- سمورن شهرين کي روزگار ۽ ترقيءَ لاءِ هڪ جيترا موقعا ميسر هوندا آهن.

- جمهوريت ۾ سمورا معاملا ڳالهين ۽ ڊائلاگ ذريعي طئي ڪرڻ جو ڪلچر اُسرندو آهي ۽ پاڻ کان هيٺين کي به برابريءَ جي حق ڏيڻ جا قدر سگهارا ٿيندا آهن.
- سماجي سطح تي جمهوري روين، قدرن ۽ سهپ کي سگهاري ٿيڻ لاءِ هَٿي ملندي آهي.

آئين جمهوريت جو لازمي عنصر آهي، ڇاڪاڻ ته اُهو نه رڳو عوام کي برابريءَ جا حق ڏئي ٿو پر سندن ترقيءَ جي راهه ۾ رنڊڪن کي صاف ڪرڻ لاءِ طريقيڪار جي وضاحت پڻ ڪري ٿو. مثال طور، برطانيا ۾ سموري آئيني جدوجهد بادشاهه کان حق کسي اِهي اختيار ماڻهن جي چونڊيل پارليامينٽ کي منتقل ڪرڻ لاءِ ٿي ۽ نيٺ بادشاهه کي آئين جو پابند بڻايو ويو. جمهوري آئين عوام جي سگهه جي نمائندگي ڪري ٿو، جيڪو عوام کي طاقت جي هڪ هٿيءَ کان ٻاهر ڪيڻ لاءِ سندن رهنمائي ڪري ٿو. آئين جو مرڪز عوام جو اقتدار هوندو آهي ۽ جيڪو آئين ماڻهن جي سگهه کان محروم هجي، اُهو ڪڏهن به هڪ جمهوري رياست ۽ سماج جي جوڙجڪ ۾ بنيادي ڪردار ادا نٿو ڪري سگهي. پاڪستان جي آئيني تاريخ سدائين ٽڪرارن ۽ بحران جو شڪار رهي آهي. 1956ع، 1962ع، 1973ع ۾ جيڪي آئين ٺاهيا ويا، اُنهن ۾ قومي وجود کي جيڪي امڪاني خطرا هئا، اُنهن جي نه ته نشاندهي ڪئي وئي ۽ نه ان باري ۾ ڪو واضح نقطه نظر اختيار ڪيو ويو. مثال طور:

- عوام جي اقتدارِ اعليٰ ۽ اڪثريت جي حڪمرانيءَ جي حق جي هميشه نفي ڪئي وئي.
- پاڪستان کي هڪ جديد، جمهوري ۽ ترقي پسند رياست بجاءِ هڪ نظرياتي ۽ مذهبي رياست سمجهيو ۽ قرار ڏنو ويو.
- پاڪستان جي وفاقي جمهوري حيثيت کي نظرانداز ڪري، وفاق کي مضبوط ڪرڻ جي نالي تي صوبن جي حقن ۽ مفادن کي نظرانداز ڪيو ويو. وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ اختيارن جي ورڇ کي ”پاڪستان جي بقا ۽ سلامتي“ جو مسئلو ٺاهيو ويو.
- جمهوريت جي قيام، جوڙجڪ ۽ بقا لاءِ بنيادي صنعتي ۽ اقتصادي ڍانچي جي ضرورت کان انحراف ڪيو ويو.
- طاقت جي جاگيرداراڻي ڍانچي کي ٺوڙي سول ۽ فوجي نوڪر شاهي جي اقتدار ۽ اختيار کي محدود ڪري عوامي اقتدار کي يقيني نه بڻايو ويو.

- هڪ آزاد عدليا ۽ خودمختيار اليڪشن ڪميشن جي جوڙجڪ بجاءِ حڪمران طبقي پنهنجي پسند ۽ ناپسند کي اوليت ڏني.
- خِطي ۾ پاڙيسري ملڪن سان فوجي ۽ جوهري هٿيارن جي مقابلي بازي بجاءِ پُرامن اقتصادي ترقي ۽ لاڳاپن جو رستو اختيار نہ ڪيو ويو.
- اهڙي پرڏيهي پاليسي ناهڻ کان انڪار ڪيو ويو، جيڪا عوامي مفادن ۽ اُمنگن سان هم آهنگ هجي.
- جديد تقاضائن موجب هڪ سائنسي تعليمي نظام ۽ آزاد ميڊيا پاليسيءَ کان هميشہ عملي طور انڪار ڪيو ويو.
- ملڪ جو آئين شهرين جي حقن جي وضاحت تہ ڪري ٿو پر سندن حقن جي ضمانت لاءِ ڪوبہ طريقيڪار يا مُدت متعين نٿو ڪري.
- ملڪ جي آئين جا سڀ قانون اسلام موجب ناهڻ جي ناليءِ ۾ اسلامي نظرياتي ڪائونسل ۽ تعليمي نظام جي اسلامائيزيشن جهڙن ادارن کي پاليسي سازيءَ ۾ بنيادي اهميت ڏني وئي.

هڪ شخص يا هڪ گروهہ، جنهن وٽ طاقت هجي ۽ اُهو پنهنجي طاقت جي بنياد تي پاڻ کان هيٺن کي زيردست ڪري ڇڏي تہ ڇا اُها سگهہ کين حڪمرانيءَ جو حق ڏيڻ جو جواز بڻجي سگهي ٿي؟ ڇا ماڻهو پنهنجين ڪمزورين سبب مجبور ٿيندا تہ اُهي سندن حاڪميت جو حق تسليم ڪن. هڪ جمهوري رياست ۽ معاشري ۾ حڪمراني نالو آهي:

- عدل ۽ انصاف جي حڪومت قائم ڪرڻ جو.
- شهرين جي خوراڪ ۽ رهائش جون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو.
- سندن شهري معاشي، ثقافتي ۽ سياسي حقن جي پاسداري ڪرڻ جو.
- سندن جان ۽ مال جي بچاءُ جو.
- هيٺن، محرومين، اقليتن، عورتن ۽ ٻارن جي حقن جو خاص طور خيال رکڻ جو.
- هر فرد کي رنگ، نسل، نظريي ۽ جنس جي فرق کان سواءِ تعليم، علاج، سلامتي ۽ تفريح مهيا ڪرڻ جو.
- عوام جو اقتدار قائم ڪرڻ ۽ قائم رکڻ.
- شخصيتن بجاءِ جمهوري ادارن کي سگهارو ڪرڻ.
- اختلافِ راءِ کي تسليم ڪرڻ ۽ مخالف ڌرکي برداشت ڪرڻ جو.
- پنهنجين غلطين ۽ ڪوتاهين جو کُليل اعتراف ڪرڻ ۽ اُن مطابق پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪرڻ جو.
- ماڻهن ۽ ادارن آڏو پاڻ کي جوابدار سمجهڻ ۽ پيش ڪرڻ جو.

دراصل اِن جو نالو ئي جمهوريت آهي.

ڪنهن بہ جمهوري نظام ۾ سياسي پارٽين کي بنيادي حيثيت حاصل هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهو پنهنجي مرضيءَ ۽ راءِ جو منظم اظهار، سياسي پارٽين جي ذريعي ڪندا آهن. اِن ڪري سياسي پارٽين جو ٻيو ڪوبہ متبادل ٿي ئي نٿو سگهي. اڄ تائين جي سموري انساني تجربي اِن ڪي ثابت ڪيو آهي تہ سياسي جماعتن جي اڳواٽيءَ ڪان سواءِ ڪوبہ معاشرو تهذيب، تمدن ۽ انساني جمهوري قدرن جي سربُلنديءَجي اعليٰ مقام تائين پهچي نٿو سگهي. عوام ۽ سياسي پارٽيون جمهوري معاشري ۾ هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ مشروط هجن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ اُهي هڪ ٻئي کي سگهہ بخشين ٿا. حقيقي سياسي پارٽيون پنهنجي پروگرام ۽ منشور ذريعي عام ماڻهن جي ضرورتن، خواهشن ۽ اُمنگن جي ترجماني ڪن ٿيون. اِن بنياد تي ماڻهن ڪان ووٽ ذريعي حڪمرانيءَ جو اختيار حاصل ڪن ٿيون، حڪمراني ۽ اختيار کي پارليامينٽ ذريعي قانونسازي ڪري، ماڻهن جي ضرورتن مطابق سندن زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ اُنهن قانونن تي عمل کي يقيني بڻائين ٿيون. جمهوري طريقن ۽ قدرن کي نہ صرف معاشري لاءِ يقيني قانونسازي ڪري، ماڻهن جي ضرورتن مطابق سندن زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ لاءِ اُنهن قانونن تي عمل کي يقيني بڻائين ٿيون. جمهوري طريقن ۽ قدرن کي نہ صرف معاشري لاءِ يقيني بڻائين ٿيون پر پنهنجي پارٽين اندر بہ اُنهن قدرن کي فروغ ڏين ٿيون تہ جيئن پارٽين اندر فيصلا سندن ميمبرن ۽ ادارن جي معرفت ۽ مرضيءَ موجب ٿين. اُهي جمهوري رهنمائيءَ جي عمل کي سگهہ بخشين ٿيون ۽ اهڙن امڪانن لاءِ بہ دري ڪولين ٿيون تہ جيئن پارٽيءَ ۽ عوام جي رهنمائيءَ لاءِ فرد ۽ قوتون عوام مان اُسرنديون ۽ مٿي ايِنديون رهن. جمهوري پارٽين ۾ ورثي ۽ تاحيات قيادت جو ڪوبہ تصور نہ هوندو آهي.

*******

جمهوريت بابت مشاورتي اجلاس/ سيمينار ۾ سيپ طرفان پيش ڪيل خاڪي/تجزين ڪان پوءِ طويل مباحثو ٿيو جنهن ۾ ڇئني صوبن جي مختلف پارٽين جي نمائندن، دانشورن ۽ ميڊيا توڙي زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن سرگرم حصو ورتو. سنڌ مان ابرار قاضي ۽ منهنجي پيش ڪيل ويچارن جا بنيادي نقطا هي هئا:

(الف) پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ حقيقي جمهوريت نہ رهي آهي. هتي يا تہ سڌيءَ ريت آمريتون رهيون آهن يا چونڊيل غير جمهوري حڪومتون، جن عوام بجاءِ بنيادي طور حڪمران طبقي ۽ اسٽيبلشمينٽ جي مفادن لاءِ ئي پئي ڪم ڪيو آهي. پاڪستان بابت ان جي باني محمد علي جناح تصور پيش ڪيو هو تہ اهو

هڪ جمهوري سيڪيولر ملڪ هوندو ۽ ان ۾ صوبن کي خودمختياري هوندي. پاڪستان جي سموري سياسي ۽ رياستي تاريخ ان تصور جي نفيءَ جي تاريخ آهي. هيءُ اهو پاڪستان ڪنهن طور بہ نہ آهي، جنهن جو خواب ان جي قيام وقت ننڍين صوبن جي عوام ڏٺو هو يا ان جي بانيءَ ان جو تصور پيش ڪيو هو.

(ب) پاڪستان 1947ع ۾ هڪ الڳ ملڪ طور وجود ۾ تہ آيو هو پر اهو حقيقي معنيٰ ۾ آزاد نہ ٿيو هو. جيئن پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ حقيقي جمهوريت نہ رهي آهي، تيئن پاڪستان پنهنجي سموري تاريخ ۾ ڪڏهن بہ حقيقي معنيٰ ۾ آزاد نہ رهيو آهي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ دنيا ۾ جيڪا نئين سياسي صف بند ٿي، آمريڪا ان جو سامراجي لَٺِ سردار ٿي اُڀريو ۽ پاڪستان جي قيام کان پوءِ سُتت ئي لياقت علي خان ۽ اسٽيبلشمينٽ ملڪ کي عملي طور آمريڪا وٽ وِڪڻي ۽ گروي ڪري ڇڏيو. اها صورتحال بدستور قائم آهي. وچ ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جزوي طور ان ۾ تبديلي آڻڻ چاهي تہ کيس ڦاهيءَ جو ڦندو نصيب ٿيو. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي توڙي معاشي پاليسون ڪڏهن بہ هڪ آزاد جمهوري ملڪ واريون نہ رهيون آهن.

(پ) پاڪستان ۾ ڪڏهن بہ اختيار ۽ اقتدار حقيقي طور عوام ۽ ان جي نمائنده جمهوري ادارن ڏانهن منتقل نہ ٿي سگهيا آهن. شروع کان وٺي اسٽيبلشمينٽ (جنهن جو وڏو حصو پنجاب ۽ ننڍو حصو اردو ڳالهائيندڙ ۽ پٺاڻ حڪمران طبقن تي مشتمل رهيو آهي) ملڪ جي آڇي ڪاري، سياسي اختيارن، ملڪي وسيلن توڙي آمدنيءَ جي مالڪ رهي آهي. ملڪ ۾ سڌيءَ ريت آمريتي حڪومتون رهيون هجن يا وچ وچ ۾ نام نهاد جمهوريتون، اقتدار ۽ اختيار جون واڳون عملي طور اسٽيبلشمينٽ وٽ ئي رهيون آهن. ملڪ ۾ جمهوريت جي اُسري نہ سگهڻ جو هڪ بنيادي سبب اهو بہ آهي.

(ت) پاڪستان جي قيام کان وٺي ملڪ جي هر اداري تي پنجاب جي هڪ هٽي رهي آهي. فوج هجي يا سول بيوروڪريسي، پارليامينٽ هجي يا بزنس سيڪٽر، پنجاب سمورن ادارن ۽ وسيلن تي قابض رهيو آهي. يعني هڪ طرف ملڪ تي فوجي، سياسي ۽ معاشي لحاظ کان پنجاب جي هڪ هٽي رهي آهي تہ ٻئي طرف ثقافتي هڪ هٽي اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي نهايت اقليتي ڪلچر جي رهي آهي. اردو پاڪستان جي 6 سيڪڙو عوام جي بہ اصلوڪي ۽ مادري ٻولي نہ آهي پر اها قومي ٻوليءَ طور مڙهي وئي ۽ اردو ٻوليءَ جي ثقافت کي "قومي ثقافت" قرار ڏنو ويو. اردو ٻوليءَ سان لاڳاپيل صحافت هجي يا ادب، لباس هجي يا موسيقي ۽ فن- هر شيءِ کي قومي قرار ڏنو ويو ۽ اصلوڪين قومن جي هر شيءِ علائقائي ۽

ڀئي درجي جي قرار ڏني وئي. يعني متعصب ۽ محدود سوچ رکندڙ اردو صحافت ته قومي قرار ڏني وئي پر سنڌي ٻوليءَ جي معياري صحافت تي علائقائي. شاهه لطيف ۽ شيخ اياز جهڙا شاعر ٿيا علائقائي ۽ اردوءَ جا لفاظي باز ۽ سطحي شاعر به ٿيا قومي شاعر. ان ڪري جيستائين پنجاب جي سياسي، معاشي ۽ اردو ٻوليءَ ۽ ڪلچر جي ثقافتي برتريءَ جو خاتمو نه ٿو اچي، تيسين ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت جو اُسرڻ قطعي طور ناممڪن آهي. نه رڳو جمهوريت جو اُسرڻ ممڪن نه آهي پر هاڻي ته ملڪ جو وجود برقرار رکڻ به ممڪن نه آهي. اوپر پاڪستان جي عليحدگيءَ جو بنيادي سبب به اهو ئي هو.

(ج) پاڪستان جي سڄي تاريخ ۾ سمورا ملڪي وسيلا (جنهن ۾ تمام وڏو حصو سنڌ ۽ ٻين ننڍن صوبن جو رهيو آهي) جي سيڙپ رڳو پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ ٿيندي رهي آهي. پنجاب ۾ جيڪا به سيڙپ ۽ صنعتڪاري ٿي، ان ۾ سرائيڪين کي ۽ ڪراچيءَ ۾ شعوري طور سنڌين کي ان ڪان پري رکيو ويو ته جيئن اُتي صنعتي مزدور طبقو ۽ مڊل ڪلاس اُسري نه سگهي ۽ عوام جي پسماندگي ۽ مٿن وڏيرن ۽ جاگيردارن جي تسلط جو اسٽيٽسڪو قائم رهي. نتيجي ۾ ملڪي تاريخ ۾ ان غيرواجبي ۽ غير متوازن ترقيءَ نه رڳو ننڍيين ۽ مظلوم قومن کي سياسي ۽ معاشي طور وڏيڪ پوئتي ڌڪي ڇڏيو آهي پر اسٽيبلشمينٽ تي قابض پنجاب، اردو ڳالهائيندڙ پناڻ حڪمران طبقن کي وڏيڪ سگهه بخشي آهي ۽ سندس هڪ هٽي، قبضي ۽ ڦورو ڪردار کي مضبوط ڪيو آهي.

(ح) پاڪستان ۾ جمهوريت ان ڪري به اُسري نه سگهي، جو جمهوريت لاءِ جيڪو باشعور عوام ۽ روشن خيال مڊل ڪلاس گهرجي ٿو ان جي اوُسر جا رستا بند ڪيا ويا آهن. ملڪ جي سياست تي چوڌرين، جاگيردارن، وڏيرن، سردارن، خانن يا دلال سرمائيدارن جو قبضو آهي ۽ اهو اسٽيٽسڪو رياست پاران شعوري طور برقرار رکيو ويو آهي. جنهن ملڪ ۾ عوام جي تعليم تي ملڪي آمدنيءَ جو رڳو 2.5 سيڪڙو به حقيقي طور خرچ نه ٿئي، اُتي ڪهڙو باشعور عوام اُسرندو؟ ۽ جتي صنعتڪاري ۽ شهري معيشت اوليتن جي دائري کان ئي ٻاهر هجي، اُتي ڪهڙو روشن خيال ۽ سگهارو وچون طبقو اُسري سگهندو؟ پنجاب ۾ ته وري به هڪ نظر ايندڙ ۽ اثرائتو مڊل ڪلاس اُسريو آهي پر سنڌ ۾ ته عوام کي رڳو جاگيردارن، وڏيرن، ڪامورن ۽ سياست جي نالي ۾ شهري دهشتگردن جي رحم و ڪرم تي ڇڏيو ويو آهي، جن جو پنهنجن ناجائز مفادن جي ڪري جمهوريت سان ڪو پري جو به واسطو نه آهي. جاگيردار ۽ جمهوريت به اُبتڙ مفاد ۽ لقاءَ آهن. پر اسان وٽ

”جمهوريت“ جاگيردار جي داشتہ آهي. باشعور عوام ۽ سگهاري روشن خيال مڊل ڪلاس ڪانسواءِ جمهوريت ٺڳيءَ جي ٺاهہ ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

مشاورتي سيمينار ۾ اهو طئي ڪيو ويو تہ چئني صوبن جي سياسي اڳواڻن، دانشورن، صحافين ۽ سول سوسائٽيءَ جي ٻين نمائندن وچ ۾ اهو ڊائلاگ جاري رهڻ گهرجي ۽ اهو مختلف سطحن تي هئڻ گهرجي ۽ اهڙا گڏيل فورم متبادل پارليامينٽ جو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا.

*******

## پاڪستان ۾ قومي تضاد ۽ پنجاب جي ميڊيا سان ڊائيلاگ:

هن دفعي اسان جو خيال هو تہ لاهور ۾ ڪجهہ ٻين دانشورن ۽ اخبارن جي ايڊيٽرن سان بہ ملجي. گذريل سال بہ مان ايئن لاهور ۾ ڪجهہ ماڻهن سان مليو هئس. خاص طور تي روزاني جنگ لاهور جي سينئر ايڊيٽر ارشاد احمد حقانيءَ سان تفصيلي ڪچهري ٿي هئي ۽ مون ساڻس سنڌ جي صورتحال بابت ڳالهايو هو. هن دفعي ارادو هو تہ پروفيسر عزيزالدين احمد سان ضرور ملجي. پروفيسر عزيزالدين احمد پنجاب جي انهن چند ترقي پسند دانشورن مان آهي، جن ڪي نہ رڳو ننڍن صوبن ۽ خاص طور سنڌ ۾ نهايت احترام جي نظر سان ڏٺو ويجي ٿو پر ڪيس پنجاب ۾ مظلوم قومن جو سفير سمجهيو ويجي ٿو. هن جو 1987ع ۾ پاڪستان ۾ قومي مسئلي تي لکيل ڪتاب ”ڇا اسان گڏ رهي سگهون ٿا؟“ سنڌ ۾ تہ ترقي پسند سياسي ڪارڪنن ۽ ليکڪن ۾ سياسي نصاب طور پڙهيو ويو هو. محمد تحسين پروفيسر عزيز جو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ هو اسان جو ميزبان هو. رات جو اسين دعوت تي رات جي مانيءَ لاءِ سندس گهر پهتاسين تہ پروفيسر عزيز ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ، پشاور مان روزاني ڊان جو بيورو چيف، سرحد جو هڪ مشهور مزدور اڳواڻ ۽ ٻيا دوست ويٺل هئا. پروفيسر عزيز سان ملڻ جي جيتري اسان کي سِڪَ هئي، هو بہ اسان کي ڏسي ايترو ئي خوش ٿيو. گذريل سال پليجي صاحب ٻڌايو هو تہ پروفيسر عزيز گهڻي مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويو آهي، پر هن دفعي هو اسان کي هميشہ جيان اُتساهيندڙ ۽ سنڌ جي معاملن بابت گهڻو باخبر نظر آيو. هن سنڌ جي باري ۾ اسان کان وڏيءَ دلچسپيءَ سان حال احوال ورتا ۽ اسان کانئس مختلف معاملن بابت سندس رايا ورتا. مون جڏهن کانئس پڇيو تہ پنجاب ۾ هاڻي ترقي پسند سوچ ۽ قوتن جو ڇا حال آهي تہ هو ان بابت گهڻو مطمئن نہ هو. هن جو چوڻ هو تہ گذريل ڏهاڪي دوران مجموعي طور ترقي پسند سياست ۽ سوچ ڪمزور ٿي آهي ۽ پنجاب تي ان جو اچا بہ گهڻو اثر پيو جو اُتي اها سوچ ۽ سياست اڳ بہ گهڻي مضبوط نہ هئي.

گذريل سچو ڏهاڪو پاڪستان ۾ ترقي پسند سياست لاءِ واقعي تمام ڏکيو ۽ هاڃيڪار ثابت ٿيو. سوويت روس ڇا ٽُٽو- ترقي پسند سياست جا پاڪستان ۾ بنياد ئي لُڏي ويا. ڪي پارٽيون ماڳهين ختم ٿي ويون ۽ ڪيترين پارٽين ۾ ٽوڙ ڦوڙ ٿي. ترقي پسند دانشورن جو بہ ڪردار اهو نہ رهيو. ملڪ ۾ مذهبيت، مذهبي پارٽين ۽ سوچ جي وڌڻ جو هڪ سبب اهو بہ هو. پنجاب ۾ ڪٽي ترقي پسند سياست تہ عوامي سطح تي اڳ بہ مضبوط نہ هئي پر گهٽ ۾ گهٽ فيض احمد فيض، صفدر مير، عبدالله ملڪ، مظهر علي خان، پروفيسر عزيزالدين احمد، پروفيسر جميل عمر، علي عباس جلال پوري جهڙا دانشور تہ موجود هئا. هاڻي انهن مان گهڻا يا تہ گذاري ويا آهن يا غير سرگرم ٿي ويا آهن. ان ڪري اڳ جيڪو پنجاب مان ٿورو گهڻو آواز اُٿندو هو، هاڻي تہ ا هو بہ جهَڪو ٿي چڪو آهي. ڊاڪٽر عبدالحئي بلوچ جي گفتگو سيمينار ۾ توڻي هن ڪچهريءَ ۾ مون کي گهڻي ڪونہ وڻي. قومي سوال تي سندس موقف تمام وائڙو هو. ڊاڪٽر حئي بلوچ تمام پراڻو بلوچ قومپرست سياسي ڪارڪن/ اڳواڻ آهي. هو بي ايس او جو پهريون صدر هو ۽ 1973ع جي آئين تي بہ هن پارليامينٽ جي ميمبر جي حيثيت ۾ اهو چئي دستخط ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هو تہ آئين ۾ قومن جي وجود کان انڪار ڪيو ويو هو ۽ سندس قومي حقن جي ڪابہ ضمانت نہ ڏني وئي هئي. منهنجي ڊاڪٽر حئي بلوچ سان تمام پراڻي جاڻ سڃاڻ آهي ۽ شاگرد سياست جي زماني ۾ اسان جو بلوچستان اڪثر وڃڻ ٿيندو هو ۽ ڊاڪٽر حئي بلوچ سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿينديون هيون. مان هن کي گهڻو پسند ڪندو آهيان پر هن دفعي مون کي سندس موقف وائڙو ۽ بي وزن لڳو. ذاتي طور تي تمام صاف ۽ چڱو ماڻهو آهي پر سندس موقف ۾ اها اڳوڻي ڳالهہ مون کي نظر نہ آئي.

ٻئي ڏينهن سيپ جي سهڪار سان پريس ڪلب لاهور ۾ ميڊيا جي دوستن سان اسان جو ڊائلاگ رکيو ويو هو. ڊائلاگ جو تصور اهو هو تہ ننڍن صوبن جي نمائندن جي پنجاب جي ميڊيا سان اشوز تي گفتگو ٿئي ۽ اهو سلسلو جاري رهي. لاهور پريس ڪلب ۾ صحافين جي چڱي انگ ڊائلاگ ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڳالهائڻ وارن ۾ پختونخواهہ مان عوامي نيشنل پارٽيءَ جو اڳواڻ ۽ اڳوڻو اسپيڪر حاجي عديل هو. بلوچستان مان ڊاڪٽر حئي بلوچ ۽ سنڌ مان ابرار قاصي ۽ مان هئاسون. ڊائلاگ ۾ موجوده صورتحال جي حوالي سان ۽ سنڌ جي نسبت سان اسان جا بنيادي ويچار هي هئا تہ:

(الف) رياست جو بنيادي ڪم عوام جي جان، مال ۽ عزت جو تحفظ، امن امان قائم رکڻ ۽ ماڻهن جي تعليم، صحت ۽ روزگار کي يقيني بڻائڻ ۽ مجموعي طور

ماڻهن جي انفرادي ۽ گڏيل حقن ۽ مفادن جو بچاءُ ڪرڻ هوندو آهي ۽ ان لاءِ رياست مختلف شعبن ۾ پنهنجا ادارا جوڙيندي آهي. ان حوالي سان ڏسبو ته سنڌ ۾ رياست جو عملي طور ڪوبه وجود نه آهي. لاقانونيت پنهنجي عروج تي آهي، ڌاڙيل فيڪٽر ۾ ڏوهن ۾ وري اضافو ٿي رهيو آهي، قتل، ڦرون، ڌاڙا روز جو معمول بڻجي چڪا آهن. سرڪاري شعبي ۾ هر ٻئي سيڪٽر وانگر تعليمي ادارا خاص طور تي پرائمري، سيڪنڊري ۽ هائر سيڪنڊري سطح تي عملي طور ناڪام ٿي چڪا آهن. بيروزگاري هڪ مسلسل وڌندڙ وَبا جيان خطرناڪ حد تائين وڌي چڪي آهي. صوبن ۾ هر سطح تي بدانتظامي (Bad Governance) پنهنجي "مثالي" عروج تي آهي- ۽ اهو سڀ ڪجهه ايئن پاڻ مرادو ڪونه ٿيو آهي. سنڌ ۾ شعبن ۽ بنيادي شين جو اهو بتدريج زوال رياستي پاليسين، حڪمت عملين ۽ اوليتين جي نتيجي ۾ ٿيو آهي. سڄي سنڌ فوج، رينجرس ۽ پوليس حوالي آهي پر آخر انهن کان ڌاڙيلن جا چند ٽولا ڇو نه ٿا سنڀالجن؟ ڇو سنڌ ۾ تعليم بدانتظامي، ڪرپٽ عملدارن، ڪرمنل شاگرد سياست، وسيلن جي اڻ هوند، غلط پاليسين، استادن جي سياسي بنيادن تي ڀرتين ۽ ڏني وائٺي مجرمانه بي ڌيانيءَ سبب تباهه ڪئي وئي آهي؟ قدرتي، فطري، زرعي، معاشي ۽ بي پناهه انساني وسيلن، سمنڊ، درياهه، ٻيلن، ڍنڍن، زرعي زمينن ۽ شهري معيشت باوجود ڇو سنڌ ۾ غربت ۽ بيروزگاري پنهنجي عروج تي آهي؟ سنڌ جي مالياتي وزير عبدالحفيظ شيخ تازو سرڪاري رپورٽ پڌري ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ 80 سيڪڙو آبادي غربت جي سطح (Poverty Line) کان به هيٺ زندگي گذاري رهي آهي. ڇا اهو سڀ محض اتفاق آهي؟

(ب) ورهاڱي وقت ننڍا صوبا پاڪستان ۾ ان ڪري شامل ٿيا هئا جو کين صوبائي خودمختياريءَ جي ضمانت ڏني وئي هئي. ان ڏس ۾ 1940ع جو ٺهراءُ رڪارڊ تي آهي. پاڪستان ۾ وڏي نَڪَ جي پڪائيءَ سان اهو ڏينهن ته ملهايو ويجي ٿو پر ان ٺهراءُ کي تاريخ جي رديءَ جي ٽوڪريءَ جي حوالي ڪيو ويو آهي. سو نه رڳو پاڪستان ۾ صوبن کي اُها گهربل خودمختياري نه ڏني وئي پر سنڌ ۾ مسلسل ڏَمي حڪومتون ۽ حڪمران ويهارڻ جو سلسلو جاري آهي. جن ماڻهن جو سنڌ ۾ وَٽي ٿالهيءَ تي نالو ناهي ۽ جن ماڻهن کي سنڌ جي هڪ سيڪڙو آباديءَ جو به اعتماد حاصل نه آهي، انهن کي سنڌ ۾ اقتدار جي مسند تي ويهاريو وڃي ٿو. اهڙيون ڏَمي حڪومتون ۽ حڪمران دراصل سنڌ جي عوام جا نه پر پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ مرڪز جا سنڌ ۾ نمائندا هجن ٿا. انهن جو بنيادي ڪم ۽ ڪارج سنڌ جي قومي ۽ عوامي مفادن جو بچاءُ ڪرڻ نه پر سنڌ ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ نام نهاد مرڪز جي مفادن جي چوڪيداري ڪرڻ هوندو آهي. سمورا نام نهاد معاهدا

جن ۾ سنڌ جا ٽيڙ تين وال ڪيا وڃن ٿا، اهڙين ئي ڍمي حڪومتن معرفت ڪيا وڃن ٿا. مثال طور 1991ع ۾ پاڻيءَ جو معاهدو ڄام صادق جي ڍمي حڪومت معرفت ڪري سنڌ سان پاڻيءَ جي ورڇ جي معاملي ۾ تاريخي ويساهه گهاتي ڪئي وئي. ممتاز ڀٽي جي غير نمائنده حڪومت معرفت ناڻي جو ٺاهه ڪرائي سنڌ جي معاشي وسيلن ۽ ناڻي جي جائز حصي تي ڌاڙو هنيو ويو. موجوده حڪومت جو اهو حال آهي جو گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت جي سلسلي ۾ ڪائنس رسمي طور پڇڻ به گوارا نه ڪيو ويو. ويندي اڄ تائين ڪين ان جي پي سي ون (PC_I) به ڏني وئي آهي پر سنڌ سرڪار جا "لائق وزير" وري به گريٽر ٿل ڪئنال بابت اهو ئي رينگٽ لڳايو وينا آهن، جيڪو سنڌ جي عوام جي راءِ ۽ مفاد جي اُبتڙ پنجاب جي حڪمران طبقي جو ترجمان آهي.

(پ) پاڪستان ۾ فوج، سول بيورو ڪريسيءَ ۽ پارليامينٽ تي هڪ هٽي قطعي طور هڪ صوبي پنجاب جي آهي. جيستائين انهن ادارن ۾ ملڪ جي سمورين قومن کي برابريءَ جي بنياد تي نمائندگي نه ٿي ڏني وڃي، تيسين ملڪ ۾ نه ته اختيارن جو صحيح توازن قائم ٿيندو ۽ نه حقيقي معنيٰ ۾ جمهوريت جي اوسر جا امڪان پيدا ٿيندا. ان ڪري فوج ۽ سول بيوروڪريسيءَ ۾ ننڍين صوبن کي هڪ جيتري نمائندگي ملڻ گهرجي ۽ پارليامينٽ ۾ وڌيڪ اختيار سينيٽ کي ملڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته سينيٽ ۾ صوبن جي هڪ جيتري نمائندگي آهي.

(ت) ڳُجهيون ايجنسيون هونئن ته سڄي ملڪ ۾ پر خاص طور تي سنڌ ۾ سموري سياسي ڪرپشن، بدانتظامي ۽ رياستي بحرانن لاءِ ذميوار آهن. عوام جي ٽيڪس ۽ وسيلن تي پلجندڙ اهي ادارا عوام جي ئي مفادن خلاف چوويهه ڪلاڪ سرگرم آهن ۽ هاڻي ته سندن اهڙي "ڪردار" جي "شهرت" سڄيءَ دنيا ۾ ڦهلجي چڪي آهي. ايم ڪيو ايم، ڌاڙيل فيڪٽر، سياسي پارٽين ۾ ڪرپشن ۽ ڀيج ڊاهه، سياسي پارٽين ۾ ڏوهاري عنصر، سرڪاري شعبن ۾ بدانتظاميءَ انهن ئي ادارن جا سنڌ کي ڏنل "قيمتي تحفا" آهن. ان ڪري ايجنسين جو سياسي ۽ انتظامي ڪردار مڪمل طور ختم ٿيڻ گهرجي.

(ج) سنڌ کي مرڪز (جنهن تي پنجاب جي حڪمران طبقي جي هڪ هٽي آهي) هڪ فتح ڪيل علائقي يعني ڪالونيءَ جيئن ٽريٽ ڪري ٿو. نه رڳو سنڌ ۾ ڍمي ماڻهو سرڪاري سياسي منصبن (وزارتن ۽ وڏ-وزارتن) تي ڪائنن سنڌ جي مفادن خلاف ڪم ورتو وڃي ٿو پر انتظامي پوسٽن تي ۽ خاص طور حساس شعبن جي وڏن عهدن تي سنڌين بجاءِ گهڻي ڀاڱي پنجاب جا يا اردو ڳالهائيندڙ ڪامورا مقرر ڪيا وڃن ٿا. مثال طور سنڌ ۾ آءِ جي فقط هڪ دفعو سنڌي بشير صديقي اهو

۽ ڪجھ مختصر عرصي لاءِ مقرر ڪيو ويو نہ تہ پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ سنڌ جا آءِ جي پوليس يا تہ پنجاب مان رهيا آهن يا اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ منجهان. ساڳي صورتحال هوم سيڪريٽريءَ جي عهدي جي بہ رهي آهي. ان عهدي تي هميشہ غير سنڌي مقرر ٿيندا رهيا آهن. چيف سيڪريٽري ۽ فنانس سيڪريٽريءَ جي عهدن جي بہ صورتحال ساڳي رهي آهي. هاڻي تہ جنرل مشرف سڌيءَ ريت اهو جواز ۽ دليل ڏنو آهي تہ سنڌ ۾ قابل آفيسر موجود ئي نہ آهن. دراصل اسٽريٽجڪ ۽ سمورن بنيادي شعبن ۾ سنڌين کي وَس پُڄَي پوئتي رکيو ويندو آهي. سنڌ ۾ ترقي نہ ٿيڻ ۽ مثالي بدانتظامي (Bad Governance) جو اهو بنيادي سبب آهي.

ننڍين مظلوم قومن ۽ پنجاب جي وچ ۾ تضاد جي حوالي سان اسان لاهور پريس ڪلب ۾ صحافين ۽ دانشورن آڏو جيڪي ڳالهيون رکيون، ان ۾ بہ نقطا وڏيڪ اهم هئا. اسان جو چوڻ هو تہ:

(1) پنجاب جي پريس گهڻي ڀاڱي پنهنجي عوام جي خيالن ۽ مفادن جي ترجماني ڪرڻ بجاءِ پنجاب جي حڪمران طبقي جي متعصب، بدنيت ۽ غير اُصولي سوچ جي ترجماني ڪري ٿي. ان ڪري پنجاب جي ميڊيا پاڪستان جي مظلوم قومن جا خيال ۽ ويچار پنهنجي عوام تائين ايمانداريءَ سان پهچائڻ بجاءِ پيشہ ورانہ بدديانتي ڪندي نہ رڳو پنهنجي عوام کي گمراهہ پئي ڪيو آهي، پر ننڍن صوبن جي آواز ۽ مفاد کي نقصان پئي رسايو آهي. ان ڪري جيستائين ميڊيا جو ڪردار ان ڏس ۾ تبديل نہ ٿيندو، تيسين نہ رڳو ننڍن صوبن جي آواز ۽ مفاد کي وڏيڪ ڌڪ رسندو، پر پنجاب ۽ ٻين صوبن جي عوام وچ ۾ بہ ويجهڙائيءَ بجاءِ اجا وڏيڪ ويڇا پيدا ٿيندا.

(2) اسان جو موقف هو تہ هن خِطي جي سمورين قومن جي عوام اندر نہ رڳو ڪي بہ حل نہ ٿيڻ جوڳا ويڇا ۽ تضاد نہ آهن پر سندن دائمي سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي مفاد ساڳيا ۽ هڪٻئي سان ڳنڍيل ۽ هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ آهن. هن سڄي خطي جي عوام جا بنيادي مسئلا ساڳيا آهن، سندن ثقافتون، شاعري ۽ ادب توڙي فن جزوي فرقن سان هڪ جهڙا آهن، پر پنجاب جي حڪمران طبقي جي ڦورو ڪردار ۽ ڪوتاهہ نظريءَ سبب ڏينهون ڏينهن منجهن ويڇا ۽ تضاد وڌي رهيا آهن. انهن سببن ڪري اوپر پاڪستان بنگلاديش بڻجي ويو ۽ جي صورتحال بدستور ساڳي رهي تہ باقي بچيل پاڪستان بہ قائم رهي نہ سگهندو. ان ڪري ضروري آهي تہ پنجاب جو عوام ۽ خاص طور تي ان جو روشن خيال طبقو پنهنجي حڪمران طبقي جي اهڙي ڦورو ڪردار خلاف آواز اُٿاري ۽ ان کي اڪيلو ڪري تہ جيئن کيس ڪمزور ڪرڻ وڏيڪ سؤلو ٿئي.

لاهور پريس ڪلب ۾ صحافين اسان جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي تہ وڏي ڌيان ۽ خاموشيءَ سان پر سندن ردعمل تمام دلچسپ هئا. ڪجهه صحافين بلڪل روايتي پنجابي شائونزم جو مظاهرو ڪيو ۽ ٻين جن بظاهر ڏاڍي لبرل انداز سان اسان جي ڳالهه ٻڌي ۽ جواب ڏنو انهن بہ سنڌيءَ توڙي اڻ سنڌيءَ ريت پنجاب ۽ ٻين قومن جي اندر قومي تضاد کي ماڳهين قبول ڪرڻ کان ئي انڪار ڪيو.

سندن دليل ٽُلهي ليکي هي هئا:

(1) پنجاب جو عوام بہ سنڌ سميت سمورن ننڍن صوبن جي عوام جيترو ئي مظلوم آهي ۽ ننڍن صوبن جا حڪمران طبقا بہ اهڙا ئي ظالم ۽ ڦورو آهن. جهڙو پنجاب جو حڪمران طبقو. ان ڪري صرف پنجاب ۽ ان جي حڪمران طبقي کي ڏوهاري قرار ڏيڻ ڪنهن طور بہ جائز نہ آهي.

ان ڏس ۾ اسان جو موقف هيءُ هو تہ ملڪ جي اڃي ڪاري جو مالڪ پنجاب جو حڪمران طبقو آهي، جنهن ننڍن صوبن ۾ پنهنجي ڳيجهو مقامي ۽ ڦورو حڪمران طبقن معرفت سندن پيينگ ۽ ڦُرلٽ پئي ڪئي آهي. ٻيو تہ ننڍن صوبن/ قومن جي حڪمران طبقن پنهنجي عوام جي ڦُرلٽ تہ ڪئي آهي ۽ قومي وسيلن کي سياسي رشوت عيوض وِڪيو آهي پر گهٽ ۾ گهٽ پنجاب جي عوام جي ڦُرلٽ ۾ شريڪ نہ رهيو آهي. اها ٻي ڳالهه آهي تہ ان ۾ سندن فضيلت ۽ شرافت جو نہ پر مجبوريءَ جو عمل دخل رهيو آهي.

(2) پاڪستان ۾ بنيادي تضاد قومي/ قوميتي نہ پر ملٽري ۽ عوام جو آهي. سمورا وسيلا ۽ اختيار ملٽريءَ وٽ آهن ۽ موجوده پاڪستان جي سمورن نتيجن لاءِ اها ئي ذميوار آهي. ان ڪري ان کي پنجاب ۽ ننڍن صوبن وچ ۾ قومي تضاد نہ پر ملٽري ۽ عوام جو تڪرار سڏڻ گهرجي.

ان جي جواب ۾ اسان جو چوڻ هيءُ هو تہ جيتوڻيڪ رڳو ايئن نہ آهي ۽ قومي تضاد پنهنجن وسيع محرڪن سان موجود آهي پر جيڪڏهن ڪجهه دير لاءِ اِهو تسليم بہ ڪري وٺجي تہ بہ اها حقيقت آهي تہ جنهن ملٽريءَ جي تسلط جي ڳالهه ٿئي ٿي، ان ۾ نوي سيڪڙو (90%) پنجاب جو ماڻهو آهي، ان ڪري هڪ اداري جي صورت ۾ ئي سهي پر اها هڪ هٽي تہ پنجاب جي آهي.

هن سموري بحث کي محمد تحسين نهايت سُٺي انداز سان سهيڙيو ۽ هن لاهور جي صحافين جي اِن موقف کي رد ڪيو تہ ملڪ ۾ ڪوبہ قومي تضاد موجود نہ آهي. هن جو چوڻ هو تہ اوير پاڪستان لاءِ بہ ايئن چيو ويندو هو پر پوءِ اسان ڏٺو تہ اهو بنگلاديش بڻجي ويو ۽ اها بہ رڪارڊ تي موجود افسوسناڪ ڳالهه آهي تہ ان وقت جڏهن اوير پاڪستان ۾ بنگالين تي ظلمن ۽ عقوبتن جا پهاڙ ڪِري رهيا هئا تڏهن

پنجاب جو دانشور خاموش هو. ان ڪري تاريخ جو ورجاءُ ٿيڻ نہ گهرجي ۽ پنجاب جي دانشورن کي اهو قبول ڪري ڊائلاگ ڪرڻ گهرجي تہ پاڪستان ۾ پنجاب ۽ ٻين صوبن وچ ۾ قومي تضاد موجود آهي ۽ اهو هاڻي وڌيڪ شدت اختيار ڪري رهيو آهي. ان ڊائلاگ ۾ هڪ دلچسپ ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جهڙي هئي تہ پختونخواهہ مان اي اين پيءَ جي اڳواڻ حاجي عديل توڙي بلوچستان مان ڊاڪٽر حئي بلوچ پنهنجي گفتگوءَ ۾ وفاق لاءِ تہ پنهنجا تحفظات پيش ڪيا پر پنجاب جو نالو بہ نہ ڪنيو. نہ رڳو ايترو پر جڏهن اسان جو بحث تيز ٿيو ۽ پنجاب جو گهڻو ذڪر ٿيڻ لڳو تہ حاجي عديل اها وضاحت ڪئي تہ اهو موقف سنڌ جي دوستن جو آهي، جڏهن تہ مون رڳو مرڪز بابت تحفظات پيش ڪيا آهن ۽ اسان پنجاب جي ڳالهہ نہ ٿا ڪريون.

اها ڳالهہ هاڻي نہ رڳو مختلف فورمن تي پر مجموعي طور محسوس ڪئي پئي وڃي تہ پٺاڻ ۽ بلوچ قومپرست (؟) قيادت پنجاب بابت پنهنجا رويا تبديل ڪري چڪي آهي. اُهي پنجاب سان ڪنهن وڏي ڇڪتاڻ ۾ وڃڻ بجاءِ ان سان بارگيننگ تي وڌيڪ زور ڏئي رهيا آهن ۽ ساڳيءَ طرح پنجاب جو رويو بہ انهن ڏانهن "پنهنجائپ" وارو آهي. اڳي ولي خان پنجاب ۾ ملڪ دشمن ۽ هڪ غدار جو پُٽ ليکبو هو ۽ هاڻي اهو "بزرگ قومي رهنما" آهي. بلوچ سردار اڳ پنجاب لاءِ باغي هئا ۽ هاڻي اُهي "شرفاءُ" ۾ شمار ٿين ٿا. نہ رڳو ايترو پر پٺاڻ ۽ بلوچ قيادت سنڌين سان دلي طور گڏجڻ لاءِ بہ تيار نہ آهي. پونم مرڪزي سطح تي سنڌ لاءِ لفظ بہ ڪُڇڻ لاءِ تيار نہ آهي. ارسا ۾ ٻنهي صوبن جا نمائندا پنجاب جي پاسي آهن. سنڌ ۾ پٺاڻ ۽ بلوچ اڳواڻ سنڌين بجاءِ ايم ڪيو ايم کي ترجيح ڏين ٿا. ان سوال ۽ صورتحال جو سنڌ ۾ اجا پوريءَ ريت نوٽيس ورتو نہ ويو آهي پر ان تي وڏي سنجيدگيءَ سان غور ٿيڻ گهرجي. ٻيو تہ ان سوال تي بہ بحث ٿيڻ گهرجي تہ پٺاڻ هاڻي پاڪستان جي مظلوم قوم آهن بہ يا نہ؟ مان نہ ٿو سمجهان تہ پٺاڻن کي هاڻي پاڪستان ۾ مظلوم قومن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

اها ڪا نئين ڳالهہ بہ نہ آهي. گذريل ڏهاڪي ۾ پاڪستان ۾ وڏيون بنيادي نوعيت جون سياسي تبديليون آيون ۽ قومن جون سياسي Equations تبديل ٿيون. خاص طور تي بہ وڏا واضح فرق سامهون آيا. اڳ ۾ پاڪستان ۾ سياسي Equations ايئن هيون تہ پنجاب ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جا حڪمران طبقا هڪ ڌارا ۾ گڏ هئا، جنهن کي جي ايم سيد، رسول بخش پليجي ۽ ٻين سياسي دانشورن پنهنجين لکڻين ۾ "پنجابي-پناهگير مستقل مفاد" بہ پئي قرار ڏنو. ٻئي پاسي پاڪستان ۾ پٺاڻ، بلوچ، سنڌي ۽ ڪٿي ڪٿي سرائيڪي هڪ ڌارا ۾ گڏ هئا،

جن کي مظلوم قومون بہ چيو ويندو آهي پر گذريل ڏهاڪي ۾ انهن Equations ۾ بنيادي نوعيت جو فرق آيو. هاڻي پنجاب ۽ اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي حڪمران طبقن جو پاڻ ۾ اُهو لاڳاپو نہ رهيو آهي. ٻئي طرف پناڻ ۽ بلوچ سردارن جي قومپرست قيادت هڪ طرف پنجاب جي باري ۾ پنهنجو اڳوڻو اسٽينڊ تبديل ڪيو تہ ٻئي طرف اُنهن سنڌ ۾ سنڌين بجاءِ ايم ڪيو ايم سان هم آهنگي ٺيڻ کي وڌيڪ ترجيح ڏني. مون کي ياد آهي تہ عوامي نيشنل پارٽيءَ جي ٽُٽڻ وقت ولي خان اهي لفظ چيا هئا تہ "هاڻي سنڌين ۽ پناڻن جون سياسي راهون، مفاد ۽ اوليتون الڳ الڳ آهن، ان ڪري اهي ڊگهو عرصو گڏ هلي نہ سگهندا." عوامي نيشنل پارٽيءَ کان وٺي پونم تائين پناڻ قيادت جا رويا ان تبديليءَ جي تصديق ڪن ٿا. بلوچن جي سردار "قومپرست" قيادت بہ نالي ماتر تہ سنڌين کي پنهنجي پويان هلائڻ چاهي ٿي پر سندن اوليت سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم سان اتحاد کي آهي. لنڊن ۾ سردار مينگل ۽ الطاف حسين جا لاڳاپا ۽ سرگرميون هاڻي ڪو راز نہ آهن. مان سمجهان ٿو تہ اها حڪمت عملي بہ پنجاب جي حڪمران طبقي جي رهي آهي تہ پناڻ ۽ بلوچ قيادت کي مراعتون ڏئي، ڪين سنڌ کان الڳ ڪري بيهارجي. چاڪاڻ تہ سياسي طور سنڌ پنجاب جي حڪمران طبقي لاءِ وڌيڪ "ڏکي" آهي. واپڊا جو "Vision_2025" جو پروگرام ان ئي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي تہ پاڻيءَ جي سوال تي سنڌ کي بلڪل اڪيلو ڪري ڇڏجي ۽ پناڻن توڙي بلوچن کي عملي طور پاڻ سان گڏ رکجي. ظاهر آهي تہ اهي ڳالهيون سڌيءَ توڙي اڻ سڌيءَ ريت سياسي طور بہ پنهنجو اظهار ڪنديون. ان جو ٻيو ڪهڙو ثبوت هوندو تہ گريٽر ٿل ڪئنال ۽ سنڌ جي پاڻيءَ جي اشوءَ تي پناڻ ۽ بلوچ قيادت خاموش آهي. پونم جيڪڏهن مظلوم قومن جو اتحاد آهي ۽ سمورين مظلوم قومن جي مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ آهي تہ پوءِ ان جي مرڪزي قيادت ڇو نہ ٿي ٿل ڪئنال ۽ پاڻيءَ جي اشوءَ تي سنڌ جو ڀرپور ساٿ ڏئي؟ مان سمجهان ٿو تہ اها صورتحال سنڌ کي ايندڙ وقت ۾ اڃا بہ وڌيڪ اڪيلو ڪري سگهي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌ جي سمورن ساڃهہ وند ماڻهن کي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي.

********

## اُٿي سنڌ سائين جاڳ اپڻي گهاٽي ننڊر وڇون!!

سڄو ڏينهن لاهور جي صحافين سان قومي سوال ۽ پنجاب جي ڪردار تي بحث مباحثو ڪري رات جو گلبرگ ۾ ٻُندو خان جي مشهور هوٽل تي ماني کائي ابرار قاضي ۽ مان ڊائيوو ڪوچ ذريعي ملتان لاءِ روانا ٿياسين. پنجاب ۾ ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ ٽرانسپورٽ جو نظام تمام گهڻو بهتر ۽ آرامده آهي. ابرار قاضيءَ ۽

منهنجون ڪچهريون هونئن حيدرآباد ۾ به اڪثر رات جو ٻارهين ڪان پوءِ ئي ٿينديون آهن. سو ملتان ويندي رات جو ڪوچ ۾ به اسان جي ڪچهري جاري هئي. هميشه جيان منهنجو هن پيري به اِهو ئي چوڻ هو ته اسان کي سنڌ جو ڪيس رڳو سنڌ ۾ پنجاب سميت ٻين صوبن ۾ ئي نه پر سڄيءَ دنيا ۾ رکڻو پوندو. لابنگ سڄيءَ دنيا ۾ سفارتڪاريءَ ۽ عام راءِ کي پنهنجي پاسي ڪرڻ جو نهايت اثرائتو ذريعو/ هٿيار سمجهي ويندي آهي ۽ اسان قومي طور ان ۾ گهڻو ڪمزور ۽ پٺتي رهيا آهيون. سڄيءَ دنيا ۾ قومن جي فڪري، نظرياتي، ثقافتي (۽ ڪڏهن ڪڏهن سياسي پڻ) سفارتڪاري قومن جا اديب، شاعر، دانشور، اسڪالر ۽ فنڪار ڪندا آهن پر اسان جو اديب ۽ دانشور گهڻي ڀاڱي رڳو پنهنجي مقامي دائري تائين ئي محدود رهيو آهي. جي اڄ ڪان ڪجهه ڏهاڪا اڳ اسان جا اديب ۽ دانشور سنڌ کان ٻاهر ٻين صوبن ۽ ٻاهرين ملڪن تائين پنهنجا لاڳاپا وڌائي، مٿين سطح تي به اثرائتو ڪردار ادا ڪندا هجن ها ته اڄ سنڌ ايئن ڌُنڌلائتي ۽ ويڳاڻي نه هجي ها. اسان جي ناليوارن اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائيءَ جو الميو رڳو اهو نه آهي ته اُنهن جو مٿين سطح تي ڪو ڪردار جُڙي نه سگهيو. سندن ان ڪان به وڏو الميو اِهو آهي ته انهن جو هيٺين سطح تي پنهنجي عوام ۽ پنهنجي دؤر جي اڳتي وڌيل فڪري محرڪن کان به رشتو ٽُٽي ويو. اڄ اسان جي سينئر اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائيءَ جي زبان تي رڳو ماضيءَ جي ڪارنامن جا داستان آهن. اُهي اڄ ڇا پيا ڪن؟ ڇا پيا سوچين، محسوس ڪن ۽ لکن؟ ڪيتري گهرائيءَ ۽ علميت سان ٿا لکن؟ ڪنهن جي لاءِ ٿا لکن ۽ ڪيتريءَ ڪمٽمينٽ سان ٿا لکن؟ اهو سڄو ذڪر ئي گم آهي. سندن گهڻائيءَ جي ڳُلهن تي ماضيءَ جي ڪارنامن جا لاش آهن، جيڪي پيا گهلجن. گهڻا اهڙا سنڌي اديب، دانشور ۽ ليکڪ يا اسڪالر آهن، جن کي سنڌ کان ٻاهر ٻين صوبن ۽ ملڪن ۾ وزن ڏنو وڃي ٿو يا سندن ايتري مڃتا ۽ حيثيت آهي جو سندن چيل ۽ لکيل لفظن جو سنجيدگيءَ سان نوٽيس ورتو وڃي؟ رڳو ساڳين ساڳين ماڻهن ۽ هڪبئي کي متاثر ڪرڻ سان ڪو فرق پوي ها ته اڄ سنڌ ۾ ”قدآور ماڻهن“ جو وڏو قبيلو ۽ قافلو هجي ها. اهي ئي ذڪر ۽ فڪر ڪندا اسان ملتان وڃي رهيا هئاسون. رستي تي گاڏي بيٺي ۽ مون وڃي ٻاهر پڇيو ته معلوم ٿيو اهو ساهيوال جو شهر هو. مون کي نه ڄاڻ ڇو ٻُڌڻ شرط اِن شهر سان عجيب تعلق جو احساس ٿيو! ڀلا ڇو نه ٿئي ها؟ سنڌ جا به تمام وڏا ماڻهو ذوالفقار علي ڀُٽو ۽ شيخ اياز هن شهر جي جيل ۾ رهيا هئا. ڄڻ سموري سنڌ هن شهر جي بندَ ۾ رهي هئي. ڪيئن سنڀالي سگهيو هوندو هن شهر جو بنديخانو سڄيءَ سنڌ کي پنهنجي اندر! اڄ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شيخ اياز ٻئي جسماني طور زنده نه آهن پر ڪيڏي نه معنيٰ

ڏٺي ويا اُهي هن شهر ۾ ان جي بي زبان بنديخاني کي! ڇا هيءُ شهر سندن اهو احسان ڪڏهن بہ چُڪائي سگهندو؟ شايد ڪڏهن بہ نہ..... اسان جي گاڏي وري هلڻ لڳي. ملتان اڃا وڏيءَ منزل تي هو.

ملتان رَسياسين تہ صبح ٿي چڪو هو ۽ ڌُوڙ جي طوفان اسان جو استقبال ڪيو. ملتان جون درگاهون، ڌُوڙ ۽ گرمي تہ هونئن بہ مُلڪان ملڪ مشهور آهن. ڪڇيءَ پرهہ جا لِياڪا هئا، سو درگاهن جا تہ ڏيئا ۽ ڪبوتر بہ سُتل هئا. البتہ ڌُوڙ ۽ گرميءَ اسان جي سُٺي آجيان ڪئي. هن دفعي ملتان آئون وڏي زماني کان پوءِ آيو هئس. ڪنهن ڄاتل شهر ۾ دير سان وڃڻ ۾ بہ ايئن ئي خوشي ٿيندي آهي، جيئن ماڻهو پنهنجي ڪنهن ننڍپڻ جي دل گهريي دوست سان زمانن کان پوءِ ڪٿي اوچتو ملندو آهي. ڄاتل شهر بہ پراڻن سنگتين جيان ٿيندا آهن ۽ انهن سان بہ ماڻهوءَ جو تعلق ٽُٽي نہ سگهندو آهي.

ملتان ۾ اسان پاڪستان نيٽ ورڪ فار رورس، ڊيمس اينڊ پيپلز (پي اين آر ڊي پي) طرفان ٻن پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا هئاسين. پهرين ڏينهن پي اين آر ڊي پي جو پنهنجو اجلاس ٿيڻو هو جنهن ۾ سڄي ملڪ مان ان جا بنيادي ميمبر آيل هئا. سنڌ مان جي اين مغل، علي ارسلان، پروفيسر نعمان، زبيده بروائي، نظير ميمڻ، اعجاز قريشي، محمد علي شاهہ، ذوالفقار هاليپوٽي ۽ مون کي ان ۾ شريڪ ٿيڻو هو ۽ ٻئي ڏينهن پي اين آر ڊي پي جو ملڪي سطح جو گريٽر ٿل ڪئنال ۽ پاڻيءَ جي تڪرار تي سيمينار ٿيڻو هو. جنهن کي مقامي طور سنگي ڊولپمينٽ فائونڊيشن جي اسلام آباد ۾ ڪم ڪندڙ سرائيڪي دوست مشتاق گاڏهي منظم ڪيو هو. (مشتاق گاڏهي، مشهور سرائيڪي دانشور فدا حسين گاڏهيءَ جو پٽ آهي) پي اين آر ڊي پي پاڪستان ۾ انهن ماڻهن تي مشتمل هڪ نيٽ ورڪ آهي، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن طرح پاڻيءَ جي مختلف رٿائن کان متاثر ٿيا آهن. جن ۾ خاص طور منگلا، تربيلا، چشمہ جهلم، تونسہ پنجند ۽ چوٽيارين جا متاثر ٿيل ماڻهو ۽ پاڻيءَ جي اِشوءَ تي سرگرم ٽيڪنوڪريٽ ۽ ڪارڪن شامل آهن. جيتوڻيڪ ملتان جي سيمينار ۽ پي اين آر ڊي پي جا تفصيل تہ اڳ ئي اخبارن ۾ اچي چڪا آهن پر ان حوالي سان ڪجهہ بنيادي ڳالهيون مان هتي ڪرڻ چاهيندس. هن سيمينار جي سڀ کان اهم ڳالهہ اِها هئي تہ اِهو هڪ تہ گريٽر ٿل ڪئنال سميت پاڻيءَ جي تڪرار ۽ سنڌو درياهہ جي پاڻيءَ بابت هو. ٻيو تہ اهو ڊائلاگ سنڌين ۽ سرائيڪين وچ ۾ ۽ اِهو بہ ملتان ۾ تي رهيو هو.

مان سمجهان ٿو تہ سرائيڪي قومي سوال جي نہ رڳو سرائيڪين جي حوالي سان پر سنڌ جي قومي سوال جي حوالي سان بہ بنيادي اهميت آهي، ان ڪري ان

ڪي گهربل اهميت، اوليت ۽ سنجيدگيءَ سان وٺڻ جي ضرورت آهي. هڪ ته سرائيڪي قومي سوال جيتوڻيڪ پل ته اچ ايترو اُڀريل يا سگهارو نه هجي پر ان ۾ ايتري سگهه (Potential) ضرور آهي جو اهو پاڪستان ۾ پنجاب جي هڪ هٿيءَ کي وڏو ڌڪ هڻي سگهي ٿو. اها ڳالهه رڳو پنجاب جي ڊيموگرافڪ برتريءَ جي حوالي سان ئي نه پر معاشي، سماجي، سياسي ۽ گهٽڻ لحاظن کان بنيادي اهميت رکي ٿي. اسٽريٽجڪ حوالي سان اهو تمام وڏو ۽ اهم سوال آهي. ان ڪري جيترو سرائيڪي قومي سوال شدت سان ۽ منظم انداز سان اُڀرندو اوترو نه رڳو پنجاب جي هِڪَ هٿيءَ جو اسٽيٽسڪو ٽُٽندو پر ٻين مظلوم قومن جي تحريڪن کي به وڏي سياسي هَٿي ملندي. سرائيڪين سان سنڌين جي ويجهڙائي ان ڪري به ضروري آهي جو سنڌ پاڪستان ۾ سياسي طور اڪيلي ٿي وئي آهي ۽ مان اِها راءِ اڳ ئي ڏئي چڪو آهيان ته پٺاڻ ۽ بلوچ هاڻي عملي طور سنڌين کان پري ٿيندا وڃن ۽ بدليل حالتن ۾ اُهي نه رڳو پاڻ کي پنجاب سان بارگيننگ ۾ ڪٿي نه ڪٿي Accommodate ڪرڻ چاهين ٿا پر سنڌ ۾ سنڌين جي پيٽ ۾ ايم ڪيو ايم سان گڏ رهڻ چاهين ٿا. ان جو هڪ سبب هيءُ به آهي جو پٺاڻ ۽ بلوچ قومپرست ليڊرشپ/ سياست هاڻي مزاحمتي نه پر رڳو اليڪشني سياست ڪرڻ چاهي ٿي ۽ سنڌ مان پ پ پ کين پنهنجي روايتي سوچ تحت گاهه نه ٿي وجهي. ٻين قومپرست پارٽين جو اليڪشني سياست ۾ ڪو وڏو ڪردار نه آهي، ان ڪري اهي ايم ڪيو ايم سان ويجهو رهڻ چاهين ٿا، جيڪا اليڪٽورل سياست ۾ به حيثيت رکي ٿي ته اسٽريٽ پاور ۾ به. جيتوڻيڪ ڊگهيءَ نظر سان ڏسجي ته پٺاڻ ۽ بلوچ قيادت جي اها روش ۽ حڪمت عملي اُصولي طور غلط ۽ ڪوتاهه نظريءَ تي مبني آهي پر بهرحال سرِدست موجود حقيقت اها آهي. ان ڪري ئي ان سڄي پسمنظر ۾ به سرائيڪين ۽ سنڌين جي پاڻ ۾ ويجهڙائي وڏيڪ اهميت رکي ٿي. پر سرائيڪي سياست جو اليمو اهو آهي ته اُها يا ته انهن سردارن ۽ پِيرن جي حوالي آهي، جيڪي اسٽيٽسڪو جي سياست کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار نه آهن. سردار فاروق لغاري، غلام مصطفيٰ کر، مخدوم شاهه محمود قريشي، بيگم عابده حسين ۽ فخر امام وغيره ان جا مثال آهن. ٻئي طرف قومي سياست ڪندڙ ڏريون يا ته ٻنهه پنهنجي ابتدائي ڏاڪي تي آهن يا گهٽي ڀاڳي ”دو نمبري“ ماڻهن جي حوالي آهن، جنهن جو وڏو مثال پاڪستان سرائيڪي پارٽيءَ جو سربراهه تاج محمد لانگاهه آهي. سيمينار ۾ تاج محمد لانگاهه جي پارٽي واحد سرائيڪي پارٽي هئي، جنهن گريٽر ٿل ڪئنال جي حمايت ڪئي. سنڌين کي گاريون ڏنيون ۽ اهو ئي موقف پيش ڪيو جيڪو واپڊا ۽ پنجاب جو آهي، جنهن تي اسان سندس پارٽيءَ کي سيمينار ۾ واپڊا جي

زيلي تنظيم قرار ڏنو. تين سپ کان اهم ڳالهہ جيڪا سنڌين ۽ سرائيڪين کي ويجهو آڻي سگهي ٿي، اهو سنڌو درياهہ جو اِشو آهي. جيتوڻيڪ پنجاب جي حڪمران طبقي جي اها وڏي اسٽريٽجڪ ڪوشش آهي تہ پاڻيءَ جي اِشوءَ تي سنڌين ۽ سرائيڪين کي هڪٻئي کان ڌارَ ۽ نہ پر هڪٻئي جو مخالف ثابت ڪرڻ ڏانهن ڊِڪجي. ڪالاباغ ڊيم رٿا جو بہ هڪ سبب اِهو هو. تاج محمد لانگاهہ جهڙن ماڻهن ان وقت بہ ڪالاباغ ڊيم جي حمايت ڪري سنڌين ۽ سرائيڪين ۾ تضاد اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ جي آهي تہ اها حڪمت عملي بہ اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجاب جي حڪمران طبقي جي آهي، ڇاڪاڻ تہ سرائيڪين جو فطري لاڳاپو پناڻن ۽ بلوچن سان ڪونہ جُڙندو ۽ نہ جُڙي سگهيو آهي. سرائيڪين جي ثقافتي ۽ سياسي ويجهڙائي توڙي ڊگهن مفادن جي هڪجهڙائي، فطري طور سنڌين سان آهي، پر ساڳئي وقت ڪيترن معاملن ۾ سنڌين ۽ سرائيڪين ۾ تضاد پيدا ڪرڻ جا بہ جواز بنياد ۽ امڪان موجود آهن. ان ڪري سڄو دارومدار ان ڳالهہ تي آهي تہ اهو لاڳاپو ڪير ٿو ڊيل ڪري ۽ ڪيئن ٿو ڪري؟ اُتساهيندڙ ڳالهہ اِها آهي تہ هن سيمينار ۾ سواءِ تاج محمد لانگاهہ جي پاڪستان سرائيڪي پارٽيءَ جي ٻين سمورين پارٽين، اديبن، دانشورن ۽ شاعرن گريٽر ٿل ڪئنال، سنڌو درياهہ ۽ پاڻيءَ جي اِشوءَ تي اهو ئي موقف رکيو جيڪو سنڌين جو آهي يا ٿي سگهي ٿو. سرائيڪي دوستن تہ اڳتي وڌي اِها رِٽ رکي تہ هاڻي بنيادي مطالبو اهو ڪرڻ گهرجي تہ "No_ Further Cut on Indus" يعني سنڌو درياهہ تي هاڻي ڪنهن بہ رٿا، نالي، بيراج، ڊيم، ڪئنال يا اسڪيم تحت وڌيڪ ڪوبہ بند ٻڌڻ يا غير فطري طور پاڻي ڪڍڻ يا موڙڻ جو سلسلو هميشہ لاءِ بند ٿيڻ گهرجي. اِها ڳالهہ سرائيڪي دوستن گذريل سال بہ ملتان ۾ پي اين آر ڊي پي جي سيمينار ۾ ڪئي هئي، جنهن کي جي اين مغل سنڌ ۾ رپورٽ ڪيو هو. هن سيمينار ۾ سنڌ طرفان ابرار قاضي، نظير ميمڻ ۽ جي اين مغل پاڻيءَ جو ڪيس پيش ڪيو ۽ ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ تنهي دوستن وڏيءَ محنت ۽ دليلن توڙي انگن اکرن سان سنڌ جو ڪيس پيش ڪيو جنهن کي وڏي سنجيدگيءَ سان ٻُڌو ويو.

سرائيڪين ۽ سنڌين ۾ ويجهڙائيءَ جي حوالي سان مان ان راءِ جو آهيان تہ هن ڏاڪي تي اُها سياست کان وڌيڪ ثقافتي محاذ تي اثرائتي ٿيندي. سرائيڪي قومي تحريڪ هيستائين جيڪڏهن رهي بہ آهي تہ اُها گهڻي ڀاڱي سياسي کان وڌيڪ ثقافتي شڪل ۾ رهي آهي. سرائيڪي شاعري ۽ ادب تمام ايڊوانس آهي پر ان کي ملڪ ۾ اُهو Exposure ڪونهي. سنڌين ۽ سرائيڪين جا ثقافتي ۽

ادبي لاڳاپا هوندا بہ اڻ ٽُٽ آهن. سچل سرمست کان استاد بخاريءَ تائين اسان جي شاعرن جي شاعريءَ جو وڏو حصو سرائيڪيءَ ۾ آهي ۽ سرائيڪي شاعر سنڌيءَ کي جهڙوڪر پنهنجي ٻولي ۽ سنڌو درياهہ کي تہ پنهنجو محبوب سڏين ٿا. سنڌين ۽ سرائيڪين جي ثقافتي ۽ ادبي ويجهڙائي گهٽا بندَ بہ ٻڌي سگهي ٿي، گهٽا بندَ ٽوڙي بہ سگهي ٿي ۽ سندن گڏيل جدوجهدن لاءِ گهٽا دَرَ بہ کولي سگهي ٿي. ان ڏس ۾ جي اين مغل جي تجويز تي تمام سُٺي نوجوان سرائيڪي شاعر آشولال ۽ اسان کجهہ هوم ورڪ بہ ڪيو آهي تہ اهو سلسلو ڪيئن اڳتي وڌائجي. اشو لال سرائيڪيءَ جو تمام سٺو ۽ محبوب صفت ماڻهو آهي. سيمينار ۾ هن جي سنڌو درياهہ تي پڙهيل نظم ”سنڌ ساگر نال هميشان“ تہ اسان جون دليون گرمائي ڇڏيون. هن پنهنجي شاعراڻي انداز ۾ جڏهن درياهہ کي سُتل محبوب سان تشبيهہ ڏئي ڪيس ننڊ مان اُٿڻ لاءِ پئي پُڪاريو تہ سڄي هال جا لِڱ ڪاندارجي ٿي ويا ۽ مظهر لغاريءَ جي دل ان تي بي اختيار اُٿلي پئي هئي ۽ هو اُتي سگريٽ جو ڊگهو ڪَشُ هڻندي هال کان ٻاهر هليو ويو هو. مان سمجهان ٿو تہ سنڌين ۽ سرائيڪين جا گڏيل آواز ئي درياهہ جي سُتل شينهن کي جاڳائي سگهن ٿا. آشو لال کان پوءِ ملتان مون لاءِ هاڻي نئين سڃاڻپ ۽ پنهنجائپ رکي ٿو جو اهو مون لاءِ هاڻي آشولال جو شهر آهي.

---

روزاني ”عبرت“ جي 5 جُون 2002ع جي اشاعت ۾ شايع ٿيل

# صوبائي خود مختياريءَ جو مطلب ڇا آهي!؟

جيتوڻيڪ هاڻي گهڻن ماڻهن جو اهو خيال آهي تہ هيءُ ملڪ هڪ لاعلاج مريض بڻجي چڪو آهي. هن ملڪ مان هاڻي ڪنهن بهتر تبديليءَ ۽ انصاف جي توقع رکڻ وڏي خودفريبي هوندي. نئون تہ ٺهيو پر جنهن نسل هيءُ ملڪ ٺاهيو اهو مڪمل طور هن جي آئيندي مان مايوس نظر اچي ٿو. ان هوندي بہ ملڪ جا سڀ روشن خيال ۽ دوانديش ماڻهو ان ڳالهہ تي متفق نظر اچن ٿا تہ جيڪڏهن سمورين مايوسين ۽ پيچيدگين باوجود ملڪ جي باقي رهڻ ۽ هلڻ جي ڪا صورت ٿي سگهي ٿي تہ اها مڪمل صوبائي خودمختياري آهي. اها ئي ڳالهہ آهي تہ صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪي بہ هيستائين رڳو هڪ سياسي اصطلاح طور گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي پر ان جو عملي مطلب ڇا آهي؟ ان بابت ملڪ جي اڪثر سياسي پارٽين جا منشور يا تہ خاموش آهن يا وري مُنجهيل ۽ غير واضح.

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بابت تمام گهڻا غلط مفروضا، جواز ۽ دليل پيش ڪيا ويا آهن، جنهن جو تَتُ هيءُ آهي تہ پاڪستان اسلام جي نالي ۾ ٺهيو هو جڏهن تہ اصل حقيقتون ڪي ٻيون آهن. مسلم ليگ 1906ع ۾ جڏهن اولهہ بنگال جي گاديءَ جي هنڌ ڪلڪتي ۾ ٺهي هئي تہ ان وٽ ننڍي کنڊ جي ورهاڱي يا علحدگيءَ جو تصور بہ ڪونہ هو. مسلم ليگ گڏيل هندستان ۾ مضبوط مرڪز جي خلاف هئي، جنهن جو مطالب صوبائي خودمختياري هو. 29 ڊسمبر 1930ع ۾ مسلم ليگ جي ٺڏهوڪي صدر علامہ اقبال پهريون دفعو سنڌ، پنجاب، سرحد ۽ بلوچستان جي علائقن کي هڪ ڪري هندستان ۾ اُتر-اولهہ مسلمان اڪثريتي رياست (پوءِ چاهي اُها برطانوي شهنشهايت اندر هجي يا ان کان ٻاهر) جو تصور ڏنو تہ اهو ننڍي کنڊ جي مسلمانن قبول نہ ڪيو هو. ويندي اهو مسلم ليگ ۾ بہ سخت تڪراري بڻيو هو. جو ماڻهن ان

ڪي ان زماني ۾ بہ گريٽر پنجاب جو تصور ٿي سمجهيو. 1935ع ۾ جڏهن انگريزن ”گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ“ ڏنو تہ اهو هندستان جي مسلم اڪثريتي علائقن ۾ سخت تڪراري بڻيو. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ هڪ طرف سنڌ سميت ڪيترن علائقن کي صوبن جو درجو ڏنو ويو هو تہ ٻئي طرف سندن خودمختياري مڪمل طور مضبوط مرڪز جي نالي ۾ کسي وئي هئي. حقيقت ۾ هندستان جي ورهاڱي جو بنياد اهو 1935ع وارو ايڪٽ هو. ڇاڪاڻ تہ مسلم اڪثريتي علائقن جي عوام کي بمبئي پريزيڊنسيءَ جو بدترين تجربو هو. (سنڌ ان جو هڪ خاص مثال هئي). مسلم ليگ 1935ع جي ايڪٽ جي سخت مخالفت ڪئي ۽ نيٺ 1938ع ۾ ننڍي کنڊ جي مسلم اڪثريتي علائقن تي مشتمل هڪ جدا وطن جو مطالبو ڪيو. 1943ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ مان سائين جي ايم سيد مسلمانن جي آزاد قومي رياستن جي قيام جي ٺهراءُ کي اڪثريت راءِ سان پاس ڪرايو. پر اها ڳالهہ واضح هئڻ گهرجي تہ ان جو سبب 1935ع جو ايڪٽ هو ۽ سڄو مسئلو خودمختياريءَ جو هو.

تاريخ جو اليمو اهو آهي تہ جنهن مسلم ليگ گڏيل هندستان ۾ مضبوط مرڪز جي خلاف جدوجهد ڪئي ۽ 1935ع جي ايڪٽ کي رد ڪيو ان پاڪستان جي قيام کان پوءِ هڪ طرف صوبائي خودمختياريءَ جي نفي ڪئي تہ ٻئي طرف 1935ع جي ايڪٽ کي پاڪستان جي عبوري آئين جو بنياد قرار ڏنو. 1940ع جي لاهور واري ٺهراءُ ۾ بہ صوبن کي مڪمل خودمختياري ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. پر مسلم ليگ پاڪستان ٺهڻ شرط پنهنجي سموري جدوجهد ۽ واعدن سان بدترين ۽ مثالي غداري ڪئي. يعني جنهن ايڪٽ جي خلاف ان ورهاڱي جو مطالبو ڪيو ان کي ئي پاڪستان جي عبوري آئين جو بنياد بڻايو ۽ 1940ع جي ٺهراءُ کي عملي طور تاريخ جي رديءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. اڄ ملڪ جو جيڪو بہ گهڻ طرفو رياستي بحران آهي، ان جو بنياد اهو ئي آهي. اڄ پاڪستان هڪ رياست ۽ معاشري طور بدترين بحرانن جو شڪار آهي. جو هڪ طرف دنيا ۾ ان کي هڪ ناڪام رياست قرار ڏنو پيو وڃي تہ ٻئي طرف ماڻهو ڏينهن ڏينهن ان ڳالهہ ۾ پختو ويساهہ رکي رهيا آهن تہ هيءُ ملڪ هڪ سرطان آهي، جيڪو اسان جي وجود کي بہ زهر آلود ڪري رهيو آهي.

جيڪڏهن اهو مڃي بہ ونجي تہ صوبائي خودمختياري هن ملڪ جي سڀ طرفي بحران جو واحد حل ٿي سگهي ٿي تہ بہ سوال اهو آهي تہ ان جو عملي طور مطلب ڇا آهي؟ ڇاڪاڻ تہ هڪ تصور اهو آهي تہ ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪئي وڃي تہ ملڪ ۾ صوبائي خودمختياري قائم ٿي ويندي، جڏهن تہ حقيقت ۾ صورتحال ان سادي حل کان گهڻو وڌيڪ سنگين آهي. ملڪ جي اڪثريتي سياسي پارٽين جي منشور ۾ ان بابت ڪوبہ واضح خاڪو يا تصور ۽ ڍانچو نہ ٿو

ملي. صوبائي خودمختياري رڳو هڪ نعري ۽ نلهي اصطلاح طور گهڻو استعمال ٿي آهي پر ذميواريءَ سان ان کي سياسي پارٽين جي منشور ۾ نہ ڪنيو ويو آهي ۽ نہ ئي ان لاءِ ڪا مضبوط جدوجهد ٿي آهي.

اچو تہ ان ڳالهہ جو نوس انداز سان جائزو وٺون تہ جيڪڏهن صوبائي خودمختياريءَ کي ملڪ جي بحران جي حل طور پيش ڪجي تہ ان جو عملي طور مطلب ڇا هئڻ گهرجي؟

1. پاڪستان جي قيام جو بنياد 1940ع جو لاهور وارو ٺهراءُ هو. ان ئي بنياد تي سنڌ سميت مسلم اڪثريتي آباديءَ وارا صوبا پاڪستان ۾ شامل ٿيڻ لاءِ راضي ٿيا هئا. ان ٺهراءُ ۾ ملڪ ۾ شامل ٿيندڙ صوبن کي خودمختيار مملڪتن جو درجو ڏيڻ جو واعدو ڪيو ويو هو. جناح بہ ورجائي ورجائي چيو تہ پاڪستان يو ايس اي (USA)، آسٽريليا ۽ ڪئناڊا جهڙي وفاقي رياست هوندو، جنهن ۾ صوبا مڪمل طور آزاد ۽ خودمختيار هوندا. 1946ع ۾ رڳو ان ۾ هڪ جزوي ترميم ڪئي وئي تہ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ علائقا خودمختيار مملڪتون نہ پر صوبا هوندا. انهن ٻنهي ٺهرائن ۾ واضح طور چيل آهي تہ پاڪستان هڪ اهڙو جمهوري وفاق هوندو، جنهن ۾ صوبا مڪمل طور خودمختيار هوندا ۽ مرڪز وٽ رڳو ٽي کاتا هوندا. جيڪڏهن ملڪ کي فضيلت سان هلائڻو آهي تہ اهو خاڪو اڄ بہ قابلِ عمل آهي ۽ سڀني لاءِ قابلِ قبول بہ هوندو.

2. دنيا جي سمورين وفاقي جمهوري مملڪتن ۾ صوبا گڏجي طئي ڪندا آهن تہ وفاق ڪيئن ۽ ڪهڙو هجي؟ ڇاڪاڻ تہ صوبا يا رياستون هڪ زندهہ حقيقتون هونديون آهن، جڏهن تہ وفاق هڪ Abstract Entity آهي. پاڪستان ۾ هيستائين اُبتي گنگا موهيندي رهي آهي. هتي وفاق طئي ڪري ٿو تہ صوبا ڪيئن هجن ۽ انهن جا اختيار ڇا ۽ ڪهڙا هجن؟ صوبائي خودمختياريءَ جو ان کان سواءِ ڪوبہ وزن ۽ مطلب نہ رهندو، جيڪڏهن اهو اسٽيٽسڪو قائم رهي. ٿيڻ ايئن گهرجي تہ صوبا گڏجي طئي ڪن تہ ڪين ڪهڙو ۽ ڪيترو وفاق گهرجي؟ ان جا سياسي اختيار ڇا ۽ ڪهڙا هجن؟

3. مالياتي وسيلن جي ورهاست هوئڻ بہ انساني سماج جو وڏي ۾ وڏو تڪراري مسئلو آهي پر وفاقي جمهوري رياستن ۾ تہ سڀني کان اهم معاملو هوندو آهي. پاڪستان جو سڄو مسئلو بہ دراصل اهو ئي آهي. اين ايف سي ايوارڊ ان جو هڪ مثال آهي. گهڻ قومي رياستن ۾ خودمختياريءَ جو مطلب رڳو سياسي نہ هوندو آهي پر دراصل اصل خودمختياري مالياتي هوندي آهي. هتي ڪجهہ بہ نہ پيدا ڪندڙ مرڪز طئي ٿو ڪري تہ صوبن کي ڇا ۽ ڪيترو حصو ڏنو وڃي؟ ۽ مرڪز بہ اهو جنهن تي هڪ صوبو يعني پنجاب مڪمل طور حاوي آهي. حقيقي صوبائي

خودمختياريءَ جو مطلب اهو ئي آهي تہ صوبا گڏجي طئي ڪن تہ وفاق کي ڪيترا وسيلا ۽ ڪهڙي ڪم لاءِ ملڻ گهرجن؟ يعني مالياتي وسيلن جي ورهاست صوبن جو استحقاق هئڻ گهرجي.

4. نہ رڳو اهو تہ مالياتي وسيلن جي ورهاست صوبن جي هٿن ۾ هجي پر ان لاءِ بہ شرط آهي تہ هر صوبي کي پنهنجي پيداواري ۽ قدرتي وسيلن تي مڪمل اختيار ۽ مالڪي هجي. جيستائين صوبن کي پنهنجي پيداواري ۽ قدرتي وسيلن تي مڪمل اختيار نہ هوندو تيستائين صوبائي خودمختياري هڪ خوبصورت دوکي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ نہ هوندي.

5. آئيني طور صوبن ۾ گورنر مرڪز تہ ڇا پر رياست ۽ اسٽيبلشمينٽ جا نمائندا هوندا آهن پر عملي طور ڏٺو اهو ويو آهي تہ اهي چونڊيل وڏن وزيرن کان وڌيڪ بااختيار ۽ بالادست هوندا آهن. پاڪستان جي تاريخ ٻُڌائي ٿي تہ گورنرن کي هميشہ صوبائي معاملن ۾ رياستي مداخلت جي هٿيار ۽ ذريعي طور استعمال ڪيو ويو آهي. اُصولي طور صوبن ۾ گورنر جي عهدي ۽ منصب رکڻ جو ڪوبہ سياسي جواز نہ ٿو رهي. بين الاصوبائي معاملن بابت وفاقي سطح تي صوبن جي شرڪت لاءِ وڏن وزيرن کي شامل ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري صوبن ۾ گورنرن جي هوندي صوبائي خودمختياريءَ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. اُصولي طور اهو عهدو ۽ منصب ختم ڪرڻ گهرجي. حقيقي صوبائي خودمختياريءَ لاءِ اهو لازمي شرط آهي.

6. پاڪستان ۾ وفاق نالي ماتر آهي ۽ عملي طور اهو پنجاب جو ٻيو نالو آهي، جنهن جو جوڙيوال پناهگير حڪمران طبقو آهي. ان ڪري پاڪستان جو ڪوبہ وفاقي ادارو پنهنجي ڍانچي، سرشت ۽ مفاد ۾ وفاقي نہ آهي. فوج، بيوروڪريسي، واپڊا ۽ ٻيا سوين ادارا ان جا مثال آهن. ان ڪري نام نهاد وفاقي ادارا صوبن وچ ۾ تڪرارن جا وڏا محرڪ ۽ سبب بڻيل آهن. اُصولي طور پاڪستان ۾ فوج کان سواءِ سمورا وفاقي ادارا ختم ڪري انهن کي صوبن حوالي ڪرڻ گهرجي. جڏهن تہ ان ۾ صوبن ۽ ان ۾ وسندڙ تاريخي قومن جي نمائندگي برابر هجي. ٻيءَ صورت ۾ اها فوج وفاقي تہ ڇا پر ملڪي بہ سڏي نہ ٿي سگهجي.

7. پاڪستان جو پارلياماني ڍانچو بہ وفاقي ۽ متوازن نہ آهي. هڪ صوبي جي پارليامينٽ ۾ قطعي عددي اڪثريت آهي. يعني ٽي صوبا هڪ طرف هجن تڏهن بہ هڪ صوبي يعني پنجاب جي گهٽائي آهي. ان ڪري پارليامينٽ کي متوازن نہ ٿو سڏي سگهجي. اُصولي طور ٺيڪ ايئن گهرجي تہ سينيٽ کي وڌيڪ بااختيار بڻايو وڃي، جنهن ۾ صوبن جي نمائندگي برابر آهي ۽ هئڻ گهرجي. سمورا وفاقي ۽ حساس بين الصوبائي معاملا قومي اسيمبليءَ ۾ نہ پر سينيٽ ۾ طئي ڪيا وڃن.

چاڪاڻ ته هيٺ صوبا ڪيترا به خودمختيار ڇو نه هجن پر جيڪڏهن مٿئين سطح تي وفاق جو ڍانچو متوازن ۽ برابريءَ جي بنياد تي نه آهي ته هيٺين سطح جي خودمختياريءَ جو عملي طور ڪوبه فائدو نه آهي.

8. سڀ کان آخري ۽ اهم ڳالهه ته صوبن بابت رويو ۽ تصور درست ڪيو وڃي. پاڪستان جا چارئي صوبا ڪي مڙئي جاگرافيائي ايڪايون يا انتظامي يونٽ نه آهن. اهي صوبا صدين کان اتي آباد قومن جا تاريخي وطن آهن. پنجاب ۽ بلوچستان جو معاملو ٿورو پيچيده آهي. جو پنجاب ۾ سرائيڪين جو الڳ تاريخي قومي وجود آهي ۽ کين پنهنجي وطن تي مالڪي نه آهي. جڏهن ته بلوچستان جي جاگرافيائي حدبندي بدنيتيءَ سان پناڻ ۽ بلوچ علائقن کي گڏي ڪئي وئي. سنڌ ته سنڌين جو تاريخي وطن آهي. جنهن کي 1843ع ۾ انگريزن فتح ڪيو ۽ پوءِ کين بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ زوريءَ شامل ڪيو ويو. 1935ع جي آئيني سڌارن ۽ ايڪٽ تحت سنڌ کي وري هڪ صوبي طور درجو ڏنو ويو پر انهن سمورين ڳالهين باوجود سنڌ سنڌين جو تاريخي وطن آهي. ان ڪري صوبائي خودمختياريءَ جو اهو مطلب نه آهي ته سنڌ کي ڌارين ۽ دهشتگردن جي حوالي ڪري اڪثريتي سنڌي عوام کان حڪمرانيءَ جو حق کسي پوءِ کين نالي ماتر خودمختياري ڏني وڃي. سنڌ کي صوبائي خودمختياري اُها گهرجي، جنهن ۾ اڪثريتي سنڌي عوام وٽ حڪمرانيءَ جو حق هجي ۽ اهي پنهنجي وطن جي وسيلن ۽ حڪومتن جا ڌڻي هجن. ٻيءَ صورت ۾ خودمختياري هڪ ڍونگ هوندي. چاڪاڻ ته اهي به ڇوٽ عام آهن ته مشرف سرڪار چاهي ٿي ته صوبن کي وڌيڪ صوبن ۾ ورهائي پوءِ کين ”خودمختيار“ ڪيو وڃي ته جيئن سندن اصلوڪين قومن ۾ خاص طور مظلوم قومن جو وجود ئي باقي نه رهي. دنيا جي ڪنهن به قانون تحت مرڪز صوبن جي جاگرافيائي بيهڪ ۾ ڦير ڦار نه ٿو ڪري سگهي، چاڪاڻ ته اهي قومن جا تاريخي وطن آهن ۽ پاڪستان انهن وچ ۾ هڪ معاهدي ۽ وفاق جو نالو آهي.

بهرحال اهي آهن اُصولي ڳالهيون ۽ شرط جيڪي ملڪ ۾ صوبائي خودمختياريءَ لاءِ لازمي آهن پر سوال آهي ته ڇا هن ملڪ ۾ انهن لاءِ ڪو احترام آهي؟ يا مستقبل ۾ ان جو ڪو امڪان آهي ته انهن تي عمل ڪيو ويندو! تاريخ ۾ تبديليءَ جا محرڪ ڪي رڳو اُصول يا قدر نه آهن پر طاقت آهي. ان ڪري اهڙي خودمختياري چاهيندڙ قومن جي عوام کي اُصولي ڳالهين سان گڏ عملي طور طاقت جو توازن پنهنجي حق ۾ ڪرڻ لاءِ ڏکي ۽ لڳاتار جدوجهد ڪرڻي پوندي.

---

پندرنهن وار ”افيئر“، 31 جنوري 2007ع

# اڪبر بگٽيءَ جي شهادت:
# رياستي بحران ڪٿي ڇيهه ڪندو؟

رياستي دهشتگرديءَ ذريعي نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت رڳو بلوچستان جو ئي نه پر ملڪ جو سياسي ماحول ۽ نقشو ئي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ نواب اڪبر بگٽيءَ ۽ اسٽيبلشمينٽ وچ ۾ سخت ڇڪتاڻ ويجهي عرصي کان گهڻي تيز ٿي وئي هئي، ان حد تائين جو بگٽيءَ، ديرا بگٽيءَ جهڙو پنهنجو سماجي قلعي ڇڏي وڃي ڪوهلوءَ جا جبل وَسايا هئا پر ان باوجود اهو ڪنهن به نه ٿي ڄاتو ته ”اصل سرڪار“ بگٽيءَ جي سطح جي سياسي اڳواڻ کي سندس ساٿين سميت ايئن ماري ڇڏيندي. ان ڪري هن واقعي کي هفتي کان وڌيڪ وقت گذرڻ باوجود سڄي ملڪ پر خاص طور سنڌ ۽ بلوچستان جو عوام سخت حيرت، ڪاوڙ ۽ مذمت يعني ڄڻ ته سڪتي جي حالت ۾ آهي. ماڻهو هن رياست جي مزاج ۽ ڪردار بابت اڳ به ڪنهن غلط فهميءَ جو شڪار نه هئا پر نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت سندن خدشن تي ڄڻ ته تصديق جو آخري يقيني ٺپو هڻي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري ئي هر هنڌ اِها راءِ پختي ٿي رهي آهي ته هن المناڪ واقعي جا بدترين اثر ڏگهي مُدي وارا آهن. اِهي اثر اهڙا ٿي سگهن ٿا، جنهن کي نيشنل پارٽيءَ جي اڳواڻ مير حاصل بزنجي اهو چئي واضح ڪيو ته ڪوهلو جي غارن ۾ وسايل ميزائيل نواب بگٽي ۽ سندس ساٿين کي نه پر ملڪ جي وجود کي هنيا ويا آهن.

نواب اڪبر بگٽيءَ کي ڇو ۽ ڪيئن شهيد ڪيو ويو؟ ان بابت هر سطح تي مختلف ڳالهيون هلي رهيون آهن پر هڪ ڳالهه تي سڀ متفق آهن ته ڪيس رٿابنديءَ تحت ۽ سوچي سمجهي ماريو ويو آهي. دلچسپ ڳالهه اها به آهي ته اهو

نواب اڪبر بگٽي جيڪو بلوچستان جي قومپرست سردارن ۾ سڀ کان وڏيڪ اسٽيبلشمينٽ جو دوست سمجھيو ويندو هو ۽ جيڪو زندگيءَ جو گھڻو عرصو اسٽيبلشمينٽ سان پنهنجيءَ ويجھڙائيءَ سبب حڪومتن ۾ رهيو ۽ نه ئي هو ڪڏهن نظرياتي يا سياسي طور بلوچ قومي تحريڪ سان گھڻو واڳيل رهيو اڄ بلوچ مزاحمتي قومي تحريڪ جو اهڃاڻ بڻجي چڪو آهي. نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت تي سيني کان سُٺو خراج ڪيس عطاءُ الله مينگل ڏنو جنهن چيو ته بگٽي ياڳ وارو هو جنهن کي اهڙو عظيم موت نصيب ٿيو.

قومن جي تاريخ توڙي قومي تحريڪن ۾ نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت جهڙي واقعي کي نه ته هن جو انفرادي موت ٿو سڏي سگھجي ۽ نه ئي هن جي زندگيءَ جي آخري دؤر جي جدوجهد کي فقط قبائلي مزاحمت ٿو سڏي سگھجي. بلوچ قومي حوالي سان سماجي اوسر جي جنهن ڏاڪي تي آهن، اُتي هن ڏاڪي تي هو اهڙي ئي شڪل ۾ قومي مزاحمت ڪري سگھن ٿا، جيڪا آهستي آهستي وڌيڪ پختي سياسي جدوجهد جا بنياد وجهندي ۽ ان رفتار ۾ هاڻي ڏينهون ڏينهن تيزي اچي رهي آهي. بلوچ قومي تحريڪ جا بنياد ۽ محرڪ تمام پراڻا آهن ۽ پاڪستان جي نهڻ وقت جنهن غير فطري جغرافيائي بيهڪ ۾ پشتون علائقا بلوچستان ۾ شامل ڪري، ان جي پاڪستان ۾ زوريءَ مڙهيل شموليت کي Manage ڪيو ويو، انهن تضادن کي ويتر وڌائي تيز ڪري ڇڏيو پر جيئن ته بلوچ قوم سماجي طور اڃا مُدي خارج قبائلي ۽ سرداري نظام جي سنگھرن مان آزاد نه ٿي آهي، ان ڪري ان جي قومي تحريڪ جون شڪليون به قبائلي ۽ جاگيردارانه سماج جي مزاج جون رهيون آهن، جنهن ۾ هاڻي تبديلي اچي رهي آهي. بلوچستان ۾ بلوچ سياسي مڊل ڪلاس تيزيءَ سان اُسري رهيو آهي ۽ ان جو ڏينهون ڏينهن وڌندڙ سياسي ڪردار بلوچ قومي تحريڪ کي نه رڳو سگھارو ڪري رهيو آهي پر گھڻي حد تائين ان جو روايتي مزاج به تبديل ڪري رهيو آهي.

نواب اڪبر بگٽيءَ کي ايئن بيدرديءَ سان ڇو ماريو ويو؟ ان سوال کي هرڪو پنهنجيءَ پنهنجيءَ اک سان ڏسي رهيو آهي. ڪي ماڻهو چون ٿا ته جيئن اڪبر بگٽيءَ لاءِ اسٽيبلشمينٽ آڏو نه جهڪڻ اَنا جو مسئلو هو تيئن اڪبر بگٽيءَ جو وجود به اسٽيبلشمينٽ لاءِ رياستي ۽ عسڪري انا جو مسئلو بڻجي ويو هو. ڪي ان کي بگٽيءَ ۽ مشرف وچ ۾ ناقابلِ حل حد تائين وڌي ويل تضاد جو نتيجو سمجھن ٿا. ڪي هن کي سئي گئس جي رائلٽيءَ جو شهيد سمجھن ٿا، پر اها رائلٽي بلوچ عوام کي نه پر بگٽيءَ جي ذات يا وڌ ۾ وڌ سندس راڄ ۽ قبيلي لاءِ هئي. حقيقت ۾ ان تضاد جي ظاهري طور اُڀري اچڻ جا بظاهر محرڪ کھڙا به هجن ۽ ان جدوجهد جي

ظاهري شڪل ڪهڙي به هجي پر اُها هنن مخصوص حالتن ۾ بلوچ قومي تحريڪ جي ئي صورت ۾ قبائلي شڪل ۾ مزاحمت جو هڪ ڀرپور ۽ اثرائتو اظهار هو. اڪبر بگٽيءَ جا سماجي نظام جا تصور ڀل ته ڪيترا به پسمانده، مدي خارج ۽ عوام دشمن رهيا هجن، هن جي سياسي زندگيءَ جا مختلف دؤر به ڀل ته اسٽيبلشمينٽ سان هم آهنگيءَ وارا هجن پر پنهنجي زندگيءَ جي آخري دؤر ۾ هو بلوچ تاريخ جو هيرو آهي، جنهن آخر تائين هڪ پل لاءِ به آڻ نه مڃي ۽ رياستي ڏاڍ آڏو جبل جيان اڏول ٿي بيٺو رهيو. تاريخ ۾ ماڻهو سڄي ڄمار جي پورهيي ڪري به هيرا ٿي سگهن ٿا ته هڪ پل ۾ به پنهنجي مخصوص ڪردار سبب اهو درجو ماڻي سگهن ٿا. سنڌ جي تاريخ جو ئي مثال وٺجي ته دولهه درياهه خان جي سڄي زندگي، ڪنهن به لحاظ کان غير معمولي يا آدرشي نه هئي پر آخر ۾ سنڌس وطن لاءِ هٿيار ڦٽا نه ڪرڻ ڪيس سنڌ جي تاريخ جي سورمي جو درجو ڏئي ڇڏيو. ڏاهر جي زندگي ڇا هئي؟ ڏاهر جي حياتيءَ تي ماڻهو فخر نه ٿو ڪري سگهي پر هن جي موت تي ماڻهو فخر ڪري سگهي ٿو ته هن محمد بن قاسم جي لشڪر آڏو گوڏا نه کوڙيا ۽ وڙهندي مارجي ويو. خود شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي حياتيءَ جا ڪيترا فيصلا سخت غلط ۽ اڻ وڻندڙ هئا پر هن کي تاريخ ۾ امر سندس آخري گهڙين جي بهادريءَ ۽ شهادت ڪيو. بلڪل ايئن ئي نواب اڪبر بگٽيءَ جي حياتي، سندس سياست ۽ سماجي خيال کي گهڻو بهتر يا روشن خيال ۽ وڻندڙ نه هئا پر سندس آخري گهڙين جي مزاحمت، بهادريءَ ۽ شاناٽتي باغيانه شهادت ڪيس اَمر ڪري ڇڏيو آهي. اڪبر بگٽي هوندئن به پنهنجي هر رنگ ۾ هڪ عجيب ماڻهو هو ۽ هن جو موت ڪيس وڌيڪ عجيب بڻائي ويو. عطاءُ الله مينگل بلڪل صحيح چيو ته هو ڀاڳ وارو ماڻهو هو جنهن کي اهڙو موت نصيب ٿيو. جيڪو دشمن کي هميشه لاءِ بدناميءَ جو داغ ۽ پنهنجيءَ قوم کي جيالپي، اُتساهه ۽ جدوجهد جا نوان گَس ۽ محرڪ ڏيندو آهي. اهو ئي ڪجهه اڪبر بگٽيءَ جي موت پنهنجيءَ قوم کي ڏنو آهي.

منهنجي خيال ۾ اڪبر بگٽيءَ کي سوچي سمجهي ۽ حڪمت عمليءَ تحت شهيد ڪيو ويو آهي. هاڻي ان جا نتيجا مارڻ وارن کي پنهنجيءَ مرضيءَ ۽ مفاد موجب ملي سگهندا يا نه، اِها هڪ الڳ ڳالهه آهي پر هڪ ڳالهه طئي آهي ته ڪيس ماريو سوچي سمجهي ويو آهي. سڀ کان اڳ ڪيس ڊيرا بگٽيءَ ۾ عملي طور سوڙهو ڪيو ويو. ٻئي مرحلي ۾ حالتون اهڙيون پيدا ڪيون ويون جو نواب اڪبر کي مجبوريءَ ۾ پنهنجو علائقو ڇڏڻو پئجي ويو ۽ هن نيٺ وڃي جبلن جون غارون وسايون، جنهن ۾ هڪ مرحلي کان پوءِ نواب خير بخش جي راڄ ۽ پُٽ بالاچ سندس وڏو ساٿ ڏنو جيڪو سندس آخري گهڙين تائين قائم رهيو. ٽئين مرحلي ۾ هڪ

طرف سندس وڏي پئماني تي ميڊيا ٽرائل ڪيو ويو ته ٻئي طرف ديرا بگٽيءَ تي اڪبر بگٽيءَ جي مخالفن جي قبضي ڪي رياستي سهڪار سان Manage ڪيو ويو. ڪوڙا ۽ ناٽڪي جرڳا ڪوٺائي ڪيس سماجي طور ديرا بگٽيءَ مان بيدخل ڪيو ويو. تازو ڪيس سندس ساٿين سميت بيدرديءَ ۽ وحشي انداز سان شهيد ڪرڻ، سندس لاش ڳاري، سرڪاري تحويل ۾ ديرا بگٽيءَ ۾ هڪ لاوارث طور دفن ڪرڻ ان حڪمت عمليءَ جو چوٿون ۽ آخري مرحلو هو. جنهن تي ڪوتاهه نظر اسٽيبلشمينٽ دل ۾ خوش هوندي ته هنن اڪبر بگٽيءَ کي شڪست ڏئي وڏي سوڀ ڪٽي آهي. تاريخ ۾ جدوجهدن جي هار ۽ سوڀ جو فيصلو موت نه ڪندا آهن. ماڻهو مري به سوڀارا ٿي سگهن ٿا ۽ زنده رهي به شڪستون کائي سگهن ٿا. نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت پيري به ايئن ٿيو آهي. هو شهيد ٿي به سوڀارو ٿيو آهي ۽ سندس قاتل بظاهر ناٽڪي فتح جو تاثر ڏيندي به بدترين شڪست کائي چڪا آهن. ڇاڪاڻ ته هيءَ تضاد ۽ جهيڙو فردن جو نه پر مفادن جو آهي. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت بلوچ قومي تحريڪ کي جيڪا سگهه ڏني آهي ۽ قومي تحريڪن جي دشمن قوت کي جيڪو بدنام داغ ڏنو آهي، اهو نسلن تائين ڏوڀجي نه سگهندو. نواب اڪبر بگٽيءَ کي مرحليوار سوڙهو ڪري شهيد به ان ڪري ڪيو ويو. جو هن رياست ۾ قومي تحريڪن جي لڳاتار مزاحمت کي برداشت ڪرڻ جي نه ته اخلاقي ۽ سياسي سگهه آهي ۽ نه ٻئي قسم جي. ان ڪري هو هر قسم جي مزاحمت جي وڏندڙ لاڙي کي اوسرندي ئي ڇيپاٽي ڇڏڻ ۾ پنهنجو بچاءُ سمجهن ٿا. هن وقت بلوچ قومي تحريڪ جا ٽي اُپريل محرڪ آهن ۽ اڪبر بگٽيءَ جي شهادت جا سبب به اُهي ئي آهن.

- بلوچستان ۾ فوجي ڇانوڻين جي اڏاوت جي خلاف مزاحمت.
- گوادر جي ميگا منصوبي جي مخالفت، جنهن سان بلوچن کي اقليت ۾ تبديل ٿيڻ جو خطرو آهي.
- بلوچستان جي قدرتي وسيلن تي بلوچن جي مالڪي ۽ رائلٽيءَ جو سوال.

جيتوڻيڪ نواب اڪبر بگٽيءَ جو گهڻو زور قدرتي وسيلن خاص طور تي گيس تي رائلٽيءَ جو هو پر سندس مزاحمت تيزيءَ سان ان طرف وڌي رهي هئي. سندس جدوجهد بلوچ قومي تحريڪ جي ٻين حصن سان اندر ئي اندر ڳنڍجي رهي هئي ۽ نه رڳو اهو پر اها پنهنجن محرڪن جي حوالي سان به قومي تحريڪ جي وسيع تر محرڪن سان ڳنڍجي رهي هئي. اسٽيبلشمينٽ اهو ڄاڻو ٿي ته اها صورتحال ڪٿي وڃي دنگ ڪندي؟ ۽ پس و پيش ان جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟ ڇاڪاڻ ته هڪ ته ڪين پنهنجي سگهه جو اندازو آهي ۽ ٻيو ته بلوچستان جي

جاگرافيائي- سياسي بيهڪ سبب بلوچ قومي تحريڪ جي علائقائي ۽ عالمي اهميت جو بہ اندازو آهي. ان ڪري هنن مخصوص فوجي ذهنيت سان بلوچ قومي تحريڪ جو اهو مورچو ٽي مورڳو ختم ڪرڻ جو منصوبو ٺاهيو. جنهن انداز سان گذريل ڇهن سالن کان بگٽيءَ کي سوڙهو ڪيو ويو ۽ ڪيس مرحليوار ديوار سان لڳائي شهيد ڪيو ويو، ان مان اها ڳالهہ بنهہ واضح آهي تہ هيءَ سڀ ڪجهہ سوچي سمجهي ڪيو ويو آهي. بلوچستان جي حساس ۽ اهم علائقائي ۽ عالمي جغرافيائي، سياسي ۽ معاشي حيثيت سبب رياست ان علائقي جو ڪنٽرول ٻي ڪنهن قوت جي ڪنٽرول ۾ ڏسڻ افورڊ نہ ٿي ڪري سگهي ۽ بگٽيءَ جو قتل ان کي قائم ڪرڻ جي هڪ منظم ڪوشش آهي. بلوچن کي پنهنجي مخصوص سماجي صورتحال، جاگرافيائي بيهڪ، ڊيموگرافيءَ سبب وسيع تر عوامي جمهوري سياسي جدوجهد کان وڌيڪ گوريلا جنگ Suit ٿي ڪري ۽ بلوچستان جي مخصوص حالتن ۾ اها ڳالهہ رياست کي گوڏن ڀر ويهاري سگهي ٿي ۽ اهو اسٽيبلشمينٽ بہ سمجهي ٿي، خاص طور تي تڏهن جڏهن کين افغانستان، ڀارت، ايران ۽ آمريڪا کان مختلف نوعيتن جي مدد جا واضح اشارا موجود هجن. ان ڪري بگٽيءَ جو قتل ۽ ديرا بگٽيءَ تي سرڪاري بگٽين ۽ ڪلپرن جو قبضو رياست جي جوابي حڪمت عمليءَ جو حصو آهي.

جيتوڻيڪ نواب اڪبر بگٽي پنهنجن ساٿين سميت جسماني طور شهيد ٿي ويو آهي ۽ اسٽيبلشمينٽ بظاهر پنهنجي جوابي حڪمت عمليءَ ۾ وقتي طور ڪامياب ٿي آهي پر سياسي طور ۽ هن واقعي جي ڊگهي مُدي وارن نتيجن کي ڏسجي ٿو تہ ايندڙ وقت ۾ حالتون وڌيڪ سنگين ٿينديون نظر اچن ٿيون.

نواب اڪبر بگٽيءَ جي شهادت جي نتيجي ۾ هيٺيان نتيجا واضح طور ڪڍي سگهجن ٿا، جن جو موجوده ۽ ايندڙ دؤر تي وڏو سياسي اثر پوندي نظر اچي ٿو.

1. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت رياست ۽ عوام جي تضاد کي وڌيڪ واضح ڪري هڪ طرف عوام کي سياسي طور گڏجي سوچڻ ۽ سياسي ڪردار ادا ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي تہ ٻئي طرف رياست جي بحران ۽ ڪردار کي وڌيڪ وائکو ڪيو آهي. اڄ سڄو ملڪ هڪ پاسي آهي، ملڪ جون سموريون سياسي قوتون ۽ سول سوسائٽي هڪ پاسي آهن تہ اسٽيبلشمينٽ ٻئي پاسي. اها صورتحال رياست ۽ عوام جي تضاد کي ايندڙ دؤر ۾ وڌيڪ ويڪرو ۽ پيچيده بڻائيندي.

2. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت بلوچ قومي تحريڪ کي وڌيڪ واضح، منظم ۽ سگهارو ڪيو آهي. بلوچ قومي تحريڪ جا سمورا حصا ايترو ويجهو ڪڏهن بہ نہ هئا جيترو اُهي اڄ آهن. ويندي پُٽي صاحب جي دؤر ۾ بلوچستان تي فوجي آپريشن

وقت بہ اهڙي صورتحال نہ هئي. اڄ بلوچستان جون سموريون قومي سياسي پارٽيون هڪ سياسي ٻولي ۾ اها بہ ساڳئي لهجي ۾ ڳالهائين ٿيون. نہ رڳو اهو پر هن شهادت بلوچ قوم کي پهريون ڀيرو قومي طور عوامي سطح تي وڏيڪ متحرڪ ۾ سگهارو ڪيو آهي. منهنجو اندازو اهو آهي تہ بلوچستان ۾ قومي تحريڪ هاڻي بنيادي طور غير سياسي ۾ عليحدگيءَ وارو رستو وٺندي، جنهن لاءِ علائقائي ۾ عالمي حالتون بہ سازگار نظر اچن ٿيون.

3. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت رڳو بلوچ قومي تحريڪ ئي نہ پر ٻين مظلوم قومن جي جدوجهد ۾ سگهہ کي بہ هٿي ڏني آهي. خاص طور هن واقعي سنڌ ۾ بلوچ عوام توڙي سياسي ڌرين کي هڪٻئي جي وڏيڪ ويجهو آندو آهي. سنڌ سياسي ميدان تي بلوچ قومي تحريڪ کان اڳتي آهي ۾ پنهنجين مخصوص حالتن سبب بلوچ هٿياربند ويڙهہ ۾ ان ميدان تي اڳتي آهن. ان ڪري ٻنهي قومن جي عوام جي سياسي ويجهڙائي هڪ طرف ٻنهي کي سگهارو ڪندي تہ ٻئي طرف اُها وڏو گڏيل دٻاءُ ۾ سگهہ پيدا ڪندي. سنڌ ۾ بلوچ قومي تحريڪن ۾ جيڪي روين جا سياسي ويڇا رهيا آهن، اُهي بہ هن واقعي جڻ تہ عملي طور Rationalize ڪري ڇڏيا آهن.

4. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت نہ رڳو ملڪ جي ٻين قومي تحريڪن کي سگهہ بخشي آهي پر ان قومي تحريڪ جي آواز کي ملڪ جي وسيع تر جمهوري جدوجهد سان بہ سلهاڙي ڇڏيو آهي. اڄ اڪبر بگٽيءَ جي شهادت اي. آر. ڊي، ايم. ايم. اي، پونم ۾ ٻين قومپرستن کي گڏ ويهڻ ۾ گڏيل طور هڪ آواز اُٿارڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي. هن واقعي ملڪ جي قومي ۾ جمهوري تحريڪن وچ ۾ موجود ويڇن کي گهٽيءَ حد تائين گهٽايو آهي ۾ ظاهر آهي تہ ان جا اثر سڄي ملڪ جي سياست تي پئجي رهيا آهن ۾ وڏيڪ پوندا. هن دفعي پهريون ڀيرو پنجاب جي روشن خيال دانشورن ۾ سياسي ڌرين واضح مؤقف اختيار ڪري اسٽيبلشمينٽ کي سوڙهو ڪيو آهي. هڪ طرف ليبر پارٽيءَ ۾ ايچ آر سي پي مظاهرا ڪيا آهن تہ ٻئي طرف نوازشريف، پ پ پ جي پيٽ ۾ وڏيڪ واضح مؤقف اختيار ڪيو آهي. ملڪي سياست ۾ قومي ۾ جمهوري حوالي سان اهو هڪ وڏو ڇال آهي.

5. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت اسٽيبلشمينٽ ۾ خاص طور تي مشرف حڪومت جا سفارتي سطح تي بہ بنياد لوڏي ڇڏيا آهن. افغانستان، ڀارت ۾ ويندي آمريڪا واضح طور هن واقعي جي مذمت ڪئي آهي. دنيا مان ڪو هڪ بہ آواز حڪومت جي حق ۾ نہ آيو آهي. اها ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي. هن واقعي پاڪستان کي بطور رياست جي سڄي دنيا ۾ وڏيڪ Expose ۾ Isolate ڪيو

آهي. مشرف کي جيڪا سفارتي طور سگهه حاصل آهي. هن واقعي ڪانپوءِ صورتحال اُها ساڳي نہ رهي آهي.

6. اينڊڙ چوندڻ جي ڊرامي تي هن واقعي جا وڏا غير معمولي اثر پوندا. ملڪ ۾ مشرف جي حمايتي ڌرين لاءِ هوندئن ئي صورتحال نهايت خراب هئي پر هن واقعي رهيل ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي آهي. جيڪڏهن مشرف مخالف ڌرين سمجهہ ۽ عقل کان ڪم ورتو تہ اينڊڙ چوندڻ ۾ جنرل مشرف لاءِ رڳو چوندڻ جو ڊرامو ڪرائڻ بہ نهايت ڏکيو ثابت ٿيندو. جنهن ۾ هو پنهنجا من پسند ماڻهو مٿي آڻي سگهن.

7. اڪبر بگٽيءَ جي شهادت جتي ملڪ جي سياست تي مٿي بيان ڪيل ايترا همہ گير اثر وڌا آهن، اُتي هن واقعي ايم ڪيو ايم کي بہ سڄي ملڪ ۾ وڏيڪ خوار ۽ پنهنجي اصلي روپ ۾ نروار ڪيو آهي. جنهن ايم ڪيو ايم ڌمڪيون پئي ڏنيون تہ جي آپريشن ڪيو ويو تہ اها استعيفائون ڏيندي، اها آپريشن تہ ڇا پر اڪبر بگٽيءَ جي شهادت ڪانپوءِ بہ حڪومت ۾ ويٺي آهي. هوندئن تہ ايم ڪيو ايم جي اها پت گهڻو وقت اڳ وائکي ٿي چڪي هئي پر بلوچ سردار جيڪي ڪجهہ وقت اڳ تائين ايم ڪيو ايم سان گهڻو ويجها هئا ۽ پونم ۾ ايم ڪيو ايم جي شموليت تي زور پئي پريائون. انهن کي ايم ڪيو ايم جي ڀهروپيت جي حقيقت معلوم ٿي. هن واقعي ايم ڪيو ايم کي نہ رڳو سنڌ ۾ سڄي ملڪ پر خاص طور تي بلوچ عوام آڏو مڪمل طور وائکو ڪيو آهي. جنهن جا اثر ڊگهي مُدي تائين نظر ايندا.

جيتوڻيڪ بظاهر ملڪ اهو ئي آهي. جيڪو بگٽيءَ جي هوندي هو پر گهرائيءَ سان ڏسجي تہ پاڪستان جون اندروني توڙي خارجي حالتون بگٽيءَ جي قتل ڪانپوءِ گهڻو بدلجي ويون آهن. هن قتل حالتن جي سُڪين ڪائين جي ڍير کي باهہ ڏيڻ لاءِ پيڻ تيليءَ جو ڪم ڪيو آهي.

---

پندرنهن وار رسالي "افيئر" جي سيپٽمبر 2006ع جي اشاعت ۾ شايع ٿيل

# Myth of Democracy in Pakistan!
# جمهوريت جي ڏند ڪٿا ۽ اصل حقيقت!

پاڪستان ۾ اهو تہ عام طور هر سطح تي چيو ويندو آهي تہ ملڪي تاريخ جو وڏو اڌ ملڪ ۾ غير جمهوري حڪومتون ۽ آمريتون رهيون آهن. ان جو مطلب تہ شايد باقي ننڍي اڌ جي تاريخ ۾ ملڪ ۾ جمهوري حڪومتون رهيون آهن؟ پسمانده معاشرن جي هڪ نشاني اها بہ هوندي آهي تہ اُتي ڏند ڪٿائون ۽ غلط مفروضا بہ آسانيءَ سان هلي ويندا آهن. گهڻي ڀاڱي ملڪ جي تاريخدانن بہ ان سوال تي لکيو ۽ ان جي سببن کي پروڙيو آهي تہ ملڪ جي تاريخ جو گهڻو وقت آمريتون رهيون آهن؟ پر اصل وڏو سوال هيءُ آهي تہ سڌي آمريتن جي دؤر کان سواءِ جيڪي باقي سويلين حڪومتون اينديون رهيون آهن، ڇا انهن کي جمهوري حڪومتون سڏي سگهجي ٿو؟ ڇا هر بظاهر چونڊيل يا چونڊايل سويلين حڪومت جمهوري هوندي آهي؟ ان جو سادو جواب آهي تہ نہ! ان جو بنهہ تازو مثال موجوده پي ايم ايل-ق جي نالي ماتر چونڊيل يا چونڊايل حڪومت آهي. هن موجوده حڪومت جنهن ۾ بظاهر هڪ پارٽيءَ جي پارليامينٽ ۾ اڪثريت آهي، سندن هڪ ”چونڊيل“ نمائندو ملڪ جو وزيراعظم بہ آهي، ڪي ڪنهن طور بہ جمهوري حڪومت سڏي سگهجي ٿو؟

فوجي آمريت تہ هڪ سڌي سادي شيءِ آهي، جنهن بابت ماڻهن کي ڪا بہ غلط فهمي نہ هوندي آهي. ماڻهن کي ان بابت نہ تہ ڪا گهڻي خوشفهمي هوندي آهي ۽ نہ ماڻهو ان مان ڪي توقعات رکندا آهن پر بہ وڏا مفروضا جن ذريعي عوام جي اکين ۾ ڌوڙ وڌي ويندي آهي، اُهي آهن وفاق ۽ جمهوريت! ملڪ ۾ وفاق جو حقيقي ۽ عملي طرح ڪو وجود نہ آهي. اهو عوام ۽ ملڪ جي مظلوم قومن سان هڪ سنگين مذاق

۽ دوکي جو نالو آهي ۽ ساڳيءَ طرح جمهوريت ماڻهن جو هڪ ساڀيان کان رهجي ويل خواب تہ آهي پر ان جو پاڪستان جي تاريخ ۾ حقيقي معنيٰ ۾ ڪو نالو نشان بہ نظر نہ ٿو اچي.

جمهوريت معنيٰ عوام جي حڪمراني، عوام طرفان ۽ عوام لاءِ! اها جمهوريت جي هڪ سادي ۽ عالمي طور مڃيل وصف آهي. سوال آهي تہ پاڪستان جي پهرين ڏينهن کان وٺي ڇا اختيار سچ پچ بہ عوام ۽ سياسي عمل يا پارليامينٽ کي منتقل ٿيا آهن؟ ڇا اها ڳالهہ هاڻي ڪو راز آهي تہ پاڪستان ۾ طاقت جي توازن جون واڳون ڪنهن وٽ آهن؟ ۽ اڄ نہ پر هميشہ کان رهيون آهن؟ پاڪستان ۾ حقيقي طور اختيار ۽ فيصلن جو استحقاق ڪنهن وٽ قيد آهن؟ جيڪو ملڪ حقيقي طور آزاد ئي نہ آهي، جيڪو پاڻ سياسي طور عالمي سامراج جي هڪ نئين بينڪيٽ آهي ۽ جنهن جي اندر سموري رياستي وهنوار جي اڇي ڪاري جي مالڪ سول ۽ فوجي بيورو ڪريسي هجي، اُتي جمهوريت جي نالي ۾ سويلين حڪومتون ڪيترو چونديل ۽ جمهوري هونديون آهن؟ اها ڳالهہ هاڻي ملڪ جو ٻار بہ سمجهي ٿو.

ملڪ جي قيام کان پوءِ پهرين سياسي حڪومت لياقت علي خان جي هئي پر ڇا اها ڪا جمهوري حڪومت هئي؟ هڪ اوپرو ۽ ڦورو ٽولو ملڪ تي قابض هو. جنهن ملڪ جي باني محمد علي جناح کي بہ عملي طور لاوارثيءَ جي حالت ۾ رُلائي رُلائي ماري ڇڏيو. بظاهر تہ ان دؤر ۾ ڪابہ آمريت نہ هئي. اهو هڪ سويلين دؤر هو پر ڇا ملڪ ۾ جمهوريت هئي؟ پنجابي، پناهگير نوڪرشاهي ملڪ جي اڇي ڪاري جي مالڪ هئي. ان کانپوءِ غلام محمد، محمد علي بوگره ۽ سڪندر مرزا جون حڪومتون ڪنهن طور بہ جمهوري هيون؟ ڇا انهن دؤرن ۾ حڪمراني عوام جي هئي؟ پارليامينٽ خودمختيار هئي؟ فيصلا سياسي ايوانن ۾ ٿيندا هئا ۽ عوام جي مرضيءَ ۽ مفادن موجب ٿيندا هئا يا پردي پنيان ڪي ٻيون قوتون ڪنديون هيون؟ ويندي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي حڪومت جو بنياد جمهوري هو؟ اڪثريتي مينڊيٽ تہ عوامي ليگ ۽ شيخ مجيب جو هو. جنهن ڏر کي عوام حڪمرانيءَ جو حق ۽ مينڊيٽ ڏنو ان کي نہ رڳو مڃيو نہ ويو پر سندن ٽيهہ لک ماڻهو ماري کين زوريءَ ملڪ مان تڙيو ويو. ڇا ان کانپوءِ ٻي ٿهيل حڪومت جو بنياد جمهوري قرار ڏئي سگهبو؟ اُصولي طور اهو اقتدار ڀُٽي صاحب کي ٽُڏي ڇڏڻ گهربو هو. شهيد ڀُٽي جي دؤر ۾ پاليسيون ڪيتريون جمهوري هيون، اها تہ پوءِ جي ڳالهہ آهي پر ڇا عوامي ليگ جي اڪثريتي مينڊيٽ کي رد ڪرڻ کان پوءِ قائم ٿيل ڪنهن بہ حڪومت جي بنياد کي جمهوري سڏي سگهجي ٿو؟

شهيد ٿُتي ڪان پوءِ جنرل ضياءَ جو طويل دؤر آيو پر 1985ع ۾ وري جمهوريت جو ناٽڪ ڪيو ويو. جمهوريت جي تصور ۾ عوام سان ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو پوڳ ٿيندو جو 1985ع جون چونڊون غير جماعتي بنيادن تي ڪيون ويون. جيڪا پارليامينٽ غير جماعتي بنياد تي چونڊائي وئي هجي، ڇا ان کي ڪنهن به اُصول تحت جمهوري سڏي سگهجي ٿو؟ نه رڳو ايترو پر ان غير جماعتي بنيادن تي چونڊايل پارليامينٽ ۾ مسلم ليگ جو بنياد وڌو ويو. محمد خان جوڻيجي ڪان پوءِ 1988ع ۾ اقتدار نالي ماتر پ پ پ کي ڏنو ويو. اڄ بينظير ڀٽو پاڻ به مڃي ٿي ته کيس نهايت محدود اختيار ڏنا ويا هئا يعني اهو هڪ محدود ۽ مشروط اقتدار هو. ته ڇا پوءِ اهڙي ڪنهن حڪومت کي جمهوري سڏي سگهجي ٿو. جيڪا اسٽيبلشمينٽ محدود اختيار ڏئي مڙئي جمهوريت جو ناٽڪ ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي؟ ساڳيءَ طرح ڪانئس پوءِ وري نوازشريف کي وارو ڏنو ويو. اها ڪا لڪل ڳالهه ناهي ته نوازشريف ان دؤر ۾ آءِ.ايس. آءِ طرفان ٺاهيو ۽ اُڀاريو ويو هو ۽ هو اسٽيبلشمينٽ ۽ ايجنسين جو سياسي ٻالڪو هو. چون ٿا ته کيس ووٽ به فرشتن وڌا هئا، ته ڇا فرشتن جي ووٽن سان چونڊجي آيل سندس حڪومت تي جمهوريت جو الزام هڻي سگهجي ٿو؟ جوڻيجي جي حڪومت ڪان پوءِ پ پ پ ۽ مسلم ليگ ٻنهي کي ٻه ٻه دفعا بظاهر ڪرسيءَ تي ويهاريو ويو هو پر ڇا اُهي واقعي جمهوري حڪومتون هيون؟ ڇا کين عوام جي فيصلي تحت اختيار منتقل ڪري حڪومت ڏني وئي هئي؟ ڇا عوام کي انهن حڪومتن ۾ ڪا به غلط فهمي هئي ته اهي حڪومتون سندن فيصلي تحت قائم ڪيون ويون آهن؟ مشرف جي دؤر ڪان پوءِ مسلم ليگ (ق) جي حڪومت جي نهڻ جي پوڳ تي ته ڳالهائڻ به اجايو آهي. ”شهيد“ سان ڪهڙا مذاق؟ جنرل مشرف ان جو تفصيل پنهنجي ڪتاب ۾ پاڻ ڏئي حقيقتون واضح ڪري ڇڏيون آهن.

اچو ته ڪجهه سوالن تي غور ڪريون ته صورتحال اڃا وڌيڪ واضح ٿي ويندي.

(1) ڇا پاڪستان هڪ آزاد ملڪ آهي، جنهن جي قسمتن جا فيصلا عوام جي هٿن ۾ هجن.

(2) ڇا پاڪستان ۾ هڪ ڏينهن لاءِ به اقتدار ۽ اختيار سچ پچ به عوام کي منتقل ڪيا ويا آهن؟

(3) ڇا پاڪستان جي ڪا به سويلين حڪومت سچ پچ به عوام جي مينڊيٽ ۽ فيصلي تحت ٺهي آهي؟

(4) ڇا پاڪستان ۾ چونڊون شفاف ٿينديون آهن، جنهن ۾ عوام پنهنجو فيصلو ڏئي سگهي؟

(5) ڇا چونڊون پاڪستان ۾ اڳواٽ، چونڊن دوران ۽ ان کانپوءِ پنهنجيءَ مرضيءَ موجب مينيج نه ڪيون وينديون آهن؟

(6) ڇا پاڪستان ۾ وفاق جو ڪو وجود آهي، جو چئي سگهجي ته هتي وفاقي پارلياماني جمهوري نظام رهيو آهي؟

(7) ڇا پارليامينٽ ۾ هڪ صوبي جي قطعي اڪثريت ۽ بالادستيءَ جي هوندي سموري عوام جي نمائنده جمهوريت جو قائم ٿيڻ ممڪن آهي؟

(8) ڇا پاڪستان ۾ پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ سندس جوڙيوال پناهگير حڪمران ٽولي کان سواءِ مظلوم قومن جو ملڪ اندر فيصلي سازيءَ ۾ ڪوبه عمل دخل آهي؟ يا رهيو آهي؟

(9) ڇا پاڪستان ۾ اليڪشني سياست ڪندڙ سياسي پارٽيون آزاد، خودمختيار ۽ عوام جي مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ آهن، جو هو عوام کي حقيقي جمهوريت ڏئي سگهن؟

(10) ڇا ملڪ ۾ نام نهاد جمهوري ۽ سويلين حڪومتن جي دؤرن ۾ پاليسيون عوام جي مرضيءَ سان ۽ سندن مفادن موجب ٺهنديون آهن؟

(11) ڇا جنهن سرشتي ۾ جاگيردار، سرمائيدار، مڊل ڪلاسي نيو فيوڊل ۽ ڪامورا پاڻ کي عوام ڏانهن جوابدار ئي نه سمجهن، ان کي حقيقي معنيٰ ۾ جمهوري سڏي سگهجي ٿو؟

(12) ڇا هر سويلين، چونڊيل يا چونڊايل حڪومت لازمي طور جمهوري به هوندي آهي؟

(13) ڇا جمهوريت رڳو سياسي ۽ سماجي طور هٿ پير ٻڌل عوام طرفان هڪ ڏينهن ووٽ ڏيڻ جو نالو آهي؟

(14) ڇا قانون جي حڪمراني، اظهار جي آزادي، آزاد عدليه ۽ خودمختيار پارليامينٽ کان سواءِ جمهوريت جو تصور به ممڪن آهي؟

(15) ڇا جمهوريت فقط عددي اڪثريت کي ڪنهن طرح به مينيج ڪرڻ جو نالو آهي؟

(16) ڇا ملڪ جي خالق صوبن ۽ ان ۾ وسندڙ تاريخي قومن جي خودمختياري، آزاديءَ ۽ سندن تاريخي، قومي، سياسي، مالياتي ۽ ثقافتي حقن جي احترام کان سواءِ جمهوريت جو قيام ممڪن آهي؟

اهي ۽ اهڙن ٻين اڪيچار سوالن تي سنجيدگيءَ ۽ گهرائيءَ توڙي ايمانداريءَ سان غور ڪجي تہ هن ملڪ ۾ جمهوريت جي ناٽڪ جي ڏند ڪٿا ۽ حقيقت کي سمجهڻ هرو ڀرو ڏکيو بہ ڪونهي.

هاڻي جڏهن مشرف حڪومت جو (ق) ليگي جمهوري ڊرامو مڪمل طور وائکو ٿي چڪو آهي، تڏهن نظر اهو پيو اچي تہ وري ڪنهن اعتدال پسند جمهوريت جي ناٽڪ جون تياريون آهن. هن ملڪ ۾ هر ڄڳاڙ جو حل هڪ وڏيڪ ڄڳاڙ آهي ۽ هر شيءِ کي عوام جي توهين ڪندڙ ناٽڪ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ڏسجي تہ هن دفعي ان ناٽڪ جا ڪردار ۽ اداڪار ڪير ٿا ٿين؟

---

پندرهن وار رسالي ”افيئر“ ۾ شايع ٿيل، آڪٽوبر 2006ع

## Traditional Societies & Democracy!

# جمهوريت ۽ وڏيرڪي سماج ۾ تضادن جا سبب ۽ محرڪ!

(تازو هڪ جرمن فائونڊيشن HBF طرفان پشاور يونيورسٽيءَ جي بين الاقوامي لاڳاپن جي شعبي ۾ ڏکڻ ايشيائي سطح جي هڪ ٻن ڏينهن واري ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ پاڪستان، افغانستان ۽ جرمنيءَ سميت ڏکڻ ايشيا جي اسڪالرن شرڪت ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ مون هڪ مقرر جي حيثيت ۾ پنهنجي گفتگوءَ ۾ جيڪي ڳالهيون ڪيون، اهي هتي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ هڪ مضمون جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿيون- ليکڪ)

### جمهوريت ڇا آهي؟

جمهوريت جو لفظ جديد انساني سماج جي سياسي لغت جو شايد سڀني کان گهڻو استعمال ٿيندڙ اصطلاح آهي. عالمي سطح کان وٺي ويندي ٿين دنيا جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندڙ هاريءَ تائين اهو لفظ اسان روز ٻڌون ٿا ۽ سياسي زندگيءَ ۾ روز ورجايون ٿا ۽ ان کي جديد انساني سماج جي وڏي ۾ وڏي سياسي ضرورت ۽ حقيقت طور پيش ڪريون ٿا، پر ڇا واقعي انساني سماج سڄيءَ دنيا اندر سچ پچ ٻه سماجي ترقيءَ جي ان سطح تي پهتل آهي، جتي جمهوريت پنهنجي حقيقي جوهر ۽ روح ۾ ان لاءِ هڪ سادي حقيقت هجي؟ اچا ٻه ان کان وڌيڪ اهم سوال ته ڇا دنيا جي عوام جي قطعي گهڻائي، گهڻائيءَ جي راءِ ۽ فيصلي تي ٻڌل نظام يعني جمهوريت جي

تصور ۽ نظام کي پنهنجي حقيقي روح ۽ جوهر ۾ سمجهي ٿي؟ يا سمجهي سگهڻ جي قابل آهي؟ ان جو سادو جواب آهي ته نه!

جمهوريت بابت دنيا ۾ هزارين ڪتاب لکيل آهن ۽ ان جون لکين وصفون بيان ڪيون ويون آهن پر ڪنهن به هڪ وصف کي سيني لاءِ ساڳي اهميت جوڳو ۽ قابلِ قبول قرار نه ٿو ڏئي سگهجي. هونئن ته باڻرن جمهوريت جي تاريخ بابت هڪ نهايت دلچسپ جملو چيو هو ته:

"The Devil was the First democrat" يعني "شيطان دنيا جو پهريون جمهوريت پسند هو."

پر ٿُلهي ليکي دنيا ان ڳالهه تي متفق آهي ته جمهوريت هڪ اهڙو نظام آهي، جنهن ۾ رياست اندر حڪمراني عوام جي، عوام طرفان ۽ عوام لاءِ هجي! بظاهر ته اها ڳالهه هڪ جملي ۾ ڪري سگهجي ٿي، پر ڇا جن پسمانده معاشرن ۾ عوام جي گهڻائي تعليم ۽ سياسي شعور کان محروم هجي، جتي سماجي ڍانچا اڃا مُدي خارج، فرسوده، عوام دشمن قوتن جي هٿ وس هجن ۽ جتي رياستون به ڦورو طبقن جا منظم سماجي ۽ سياسي هٿيار هجن، ڇا اُتي سچ پچ به عوام جي حڪمراني، عوام طرفان حڪمراني ۽ عوام لاءِ حڪمرانيءَ جو تصور عملي صورت وٺي سگهي ٿو؟ اها هڪ خود فريب لفاظي هوندي! جيئن ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ آهي. جيڪڏهن جمهوريت جي ماڊرن تصور ۽ نظام کي به وٺجي تڏهن به اهو 1789ع ۾ فرينچ انقلاب ڪانپوءِ آيو. جنهن جو مطلب ته جاگيرداريت جي بطور سماجي ۽ اقتصادي توڙي سياسي نظام جي شڪست کان پوءِ جمهوريت جو تصور اُڀريو. جيتوڻيڪ اها به عوامي جمهوريت نه هئي پر سرمائيدار طبقو پنهنجين سمورين بڇڙاين سميت وري به مُدي خارج جاگيردار طبقي کان نسبتن ترقي پسند هو. ان انقلاب کي جمهوري انقلاب سڏيو ويو. ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته جاگيردار طبقو ۽ جاگيرداريت بطور هڪ سماجي نظام جي بنيادي طور پنهنجي سرشتي، رويي، ساخت ۽ مفاد ۾ ئي جمهوري نه آهي. نه رڳو اهو پر انهن جو پاڻ ۾ سخت ۽ بنيادي تضاد ۽ ٽڪر آهي. حقيقي جمهوريت ۾ جاگيردار طبقو ۽ جاگيرداري نظام بيهي نه سگهندو ۽ جاگيردار طبقي جي حاوي رهڻ ۽ جاگيرداري ۽ وڏيرڪي نظام جي هوندي جمهوريت جي ڳالهه عوام سان هڪ خوبصورت دوکي ۽ فريب جي ڳالهه آهي. اهي ٻئي متضاد رويا، نظام ۽ مفاد گڏ Co_Exist نه ٿا ڪري سگهن. جاگيردارانه، وڏيرڪا، عقيدي پرست ۽ قبائلي سماج روايتي سماجن جون مختلف شڪليون آهن، جن جو جمهوريت سان بنيادي تضاد آهي، ڇاڪاڻ ته ٻنهي جا رويا، مزاج، مفاد ۽ طاقت جا توازن مختلف ئي نه پر متضاد به آهن.

## وڏيرڪن ۽ جاگيردار سماجن ۽ جمهوريت ۾ تضاد جا بنيادي سبب:

اچو تہ ان ڳالهہ جو جائزو وٺون تہ وڏيرڪن جاگيردارانہ، قبائلي ۽ روايتي سماجن جي جمهوريت سان تضادن جا بنيادي سبب ڪهڙا آهن؟

1. انساني سماج عالمي طور مختلف دؤرن ۾ مختلف سماجي نظامن مان گذريو آهي. هر نظام نسبتن پاڻ کان اڳوڻي نظام جي ڀيٽ ۾ ترقي پسند هجي ٿو ۽ اڳتي هلي پاڻ کي حالتن آهر تبديل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ مُدي خارج بڻجي وڃي ٿو. جاگيرداري نظام سان بہ ايئن ئي ٿيو.

جيتوڻيڪ اهو نظام ٽين دنيا جي اڪثر معاشرن ۾ اڄ بہ موجود آهي ۽ ان کي چاڙهي واڙهي جيئرو رکيو ويو آهي پر حقيقت ۾ عالمي طور اهو نظام پنهنجو دؤر پورو ڪري مُدي خارج ٿي چڪو آهي. جاگيرداريت اڄ جي دؤر جو عالمي نظام نہ آهي. باقي ان جي باقيات ٽين دنيا ۾ موجود آهي ۽ ان کي سرمائيدار دنيا حڪمت عمليءَ طور پنهنجن عالمي سياسي ۽ معاشي مفادن خاطر زندهہ رکيو وڃي آهي. ان ڪري هن نظام جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اها آهي تہ اهو هڪ مُدي خارج، فرسوده، تاريخي طور ڏڇ ڪري ويل ۽ عوام دشمن نظام آهي، جيڪو عوام جي غلاميءَ مان زندگي حاصل ڪري ٿو. جڏهن تہ جمهوريت بنيادي طور تي آزاديءَ جي تصور جو نالو آهي. فڪر، خيال، نظريو سوچ، اختلاف، عمل، تنظيم ۽ اظهار جي آزادي. هڪ نظام جو بنياد غلاميءَ تي رکيل آهي ۽ ٻئي جو فرد جي آزاديءَ تي، ان ڪري انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ بنيادي تضاد اٽل آهي. پنهنجين سمورين اندروني ڪمزورين جي باوجود جمهوريت ڪو مُدي خارج نظام نہ آهي.

2. جاگيرداري نظام ۾ عوام جي سياسي سماجي توڙي ذهني تربيت جا امڪان ٻنهہ گهٽ هجن ٿا پر جمهوريت پنهنجي ڪمزور کان ڪمزور شڪل ۾ بہ عوام جي ذهني، سياسي ۽ سماجي تربيت جا موقعا پيدا ڪري ٿي. جاگيرداري نظام ۾ ماڻهن جي روين، سوچن، قدرن ۽ تصورن ۾ تبديليءَ جي رفتار تمام سست هوندي آهي، جڏهن تہ جمهوريت ۾ ان تبديليءَ جي رفتار ۾ تيزيءَ جا امڪان ۽ موقعا موجود هوندا آهن. جاگيرداري نظام پنهنجي ڍانچي، نفسيات، قدرن ۽ روين ۾ رجعت پسند ۽ ڪنزرويٽو (Conservative) آهي، جڏهن تہ جمهوريت پنهنجين سمورين ڪمزورين باوجود هڪ کُليل ۽ روشن خيال نظام آهي.

3. جاگيرداري سماج ۾ عوام کي حقيقي چونڊ ۽ چوائس جا ڪي بہ موقعا موجود نہ آهن. هڪ فرسوده، عوام دشمن ۽ مُدي خارج حڪمران طبقو عوام جي زندگيءَ تي هر طرح سان مڙهيل هوندو آهي. ذهني، سياسي ۽ سماجي چٽاڀيٽيءَ جو هن سماجي ڍانچي ۾ تصور بہ موجود نہ هوندو آهي. چوائس ۽ چونڊ جو حق انسان

جو بنيادي انساني، ذهني، سماجي ۽ روحاني حق آهي. چونڊ ۽ چوائس جو حق رڳو انسان جي روحاني ۽ ذهني خوشيءَ، سماجي آزاديءَ جي اظهار جو حق ئي نہ پر ان جي سڀ طرفي اوسر جو بہ بنياد آهي. جيڪڏهن هن دؤر جو جاگيردارانو سماج نالي ماتر ۽ هڪ ناٽڪ طور عوام کي چونڊ جو حق ڏئي بہ ٿو تہ اهو پڻ بد کان بدتر قوتن جي وچ ۾ چونڊ جو حق آهي. وڏيرڪن سماجن جي جمهوريت نام نهاد ساڳئي طبقي، رويي ۽ مفاد جون مختلف قوتون، مختلف پارٽين، فردن ۽ قوتن جي صورت ۾ عوام آڏو آڻي بيهاري ٿي ۽ عوام لاءِ جمهوريت ۽ چونڊ جو حق اهو آهي تہ ان مان گهٽ بڇڙو عوام دشمن ۽ نقصانڪار ڪير آهي؟

4. جيتوڻيڪ طبقاتي سماج جو حتمي خاتمو دنيا ۾ اڄ تائين ڪٿي بہ ٿي نہ سگهيو آهي. دنيا جي نهايت اڳتي وڌيل سماجن ۾ بہ طبقاتي فرق، جي سماجي ۽ سياسي طور نہ تہ بہ معاشي طور ضرور موجود آهي. پر جاگيردار ۽ وڏيرڪو سماج طبقاتي سماج جي بہ هڪ بدترين شڪل آهي. ٻيو تہ انهن جا سماجي ڍانچا قوم جي جديد تصورن بجاءِ نسل، ذات ۽ قبيلن جي بنياد تي ٻڌل هوندا آهن. جڏهن تہ حقيقي جمهوري ۽ مهذب معاشري جو بنياد، رنگ، نسل، مذهب ۽ قبيلن جي بنياد تي هجڻ نہ گهرجي. مذهب، رنگ، نسل ۽ قبيلن جي بنياد تي ٻڌل رياست يا سماج کي نہ تہ ڪو جمهوري سڏي سگهجي ٿو ۽ مهذب ۽ سيڪيولر وڏيرڪن جاگيردار سماجن ۾ پوليٽيڪل سوسائٽي يا تہ حقيقي طور موجود نہ هوندي آهي ۽ جي هوندي بہ آهي تہ نهايت ڪمزور شڪل ۾. دراصل پوليٽيڪل سوسائٽي جاگيردار ۽ وڏيرڪي سماج جو ضد ۽ نفي آهي. يعني معاشرو رنگ، نسل، مذهب ۽ قبيلي جي بجاءِ سياسي سوچ، نظرين، تنظيمن ۽ انهن وچ ۾ صحتمند چٽاڀيٽيءَ جي بنياد تي ٻڌل هجي. معاشري ۾ فردن جي وچ ۾ اتفاق يا اختلاف جو بنياد رنگ، نسل، قبيلو ۽ مذهب نہ پر سياسي سوچ، نظريو ۽ مفاد هجي.

5. جاگيرداري سماج بنيادي طور پدرشاهي سماج جي هڪ مضبوط شڪل آهي، ان ڪري ان جي هر قدر، رويي، سگهہ ۽ مفاد جو نزلو پس و پيش اچي عورت تي ڪري ٿو. عورت جاگيردار ۽ وڏيرڪن معاشرن جو سڀ کان مظلوم، پيڙهيل، نظرانداز ڪيل ۽ حقن کان محروم طبقو آهي. هيءُ سماج پنهنجي سرشت ۾ عورت دشمن آهي. ان ڪري اهو ثقافتي، ذهني، روحاني، سماجي، سياسي توڙي معاشي طور پس و پيش عورت جي سڀ طرفي غلاميءَ کي هٿي ڏئي ٿو. جاگيردار ۽ وڏيرڪن ۽ قبائلي سماجن ۾ عورت آزاد ۽ باوقار برابريءَ واري حيثيت ماڻي سگهي ئي نہ ٿي ۽ سماج جي اڌ آباديءَ جي بدترين غلاميءَ جي صورت ۾ ڪنهن بہ جمهوري رياست توڙي معاشري جو تصور بہ خود فريبيءَ جي ڳالهہ آهي. اهڙيءَ

حالت ۾ جمهوريت هڪ دوکي ۽ ناٽڪ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به نه هوندو. جنهن معاشري ۾ عورت کي رڳو هڪ انسان هئڻ وارا حق ئي ميسر نه آهن ته اتي ان کي حقيقي طور چونڊ، اظهار جي آزاديءَ، ووٽ ۽ سياسي حق ڪيترا ميسر هوندا؟ ان جو تصور ڪري سگهجي ٿو. دراصل سماجي آزاديءَ کانسواءِ سياسي ۽ معاشي آزادي فرد توڙي طبقي ۽ معاشري کي ملي سگهي ئي نه ٿي.

6. وڏيرڪن ۽ جاگيردار معاشرن ۾ عوام جي گهٽائيءَ لاءِ جاچ ۽ توازن جا ڪي به منظم ادارا يا صورتون نه هونديون آهن. ان ڪري عوام جي گهٽائي ان جو گهربل اثرائتو اظهار به نه ڪري سگهندي آهي. حقيقي جمهوريت جو مطلب آهي عوام جي سگهاري حيثيت. جڏهن ته وڏيرڪن ۽ جاگيردار سماجن ۾ عوام جيڪڏهن نام نهاد جمهوري عمل ۾ حصو وٺي به ٿو ته رڳو ان حڪمران طبقي کي سگهارو بنائڻ لاءِ. وڏيرڪن ۽ جاگيردار سماجن جو ناٽڪي جمهوري عمل عوام کي سواءِ نعرن، دوکن ۽ فريب جي ٻيو ڪجهه به نه ٿو ڏئي.

7. وڏيرڪن ۽ جاگيردار يا قبائلي معاشرن ۾ حقيقي سماجي انصاف جو تصور به موجود نه هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته سماجي، سياسي ۽ معاشي طاقت جو توازن مڪمل طور هڪ طبقي جي هٿن ۾ هجي ٿو ۽ سماجي انصاف ان کي ڪنهن طور به Suit نه ڪندو آهي. جڏهن ته سماج ۽ عوام لاءِ انصاف کانسواءِ ڪوبه نظام بظاهر ڪٽي کهڙا به رنگ روغن ڪري، اهو پنهنجيءَ سرشت ۾ عوام دشمن هوندو آهي. انصاف جي نالي ۾ جيڪي روايتي سماجي ڍانچا هن معاشري وٽ هوندا آهن، اهي پنهنجي رويي ۽ مفاد ۾ عورت دشمن ۽ آزادي دشمن هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته سمورن فيصلن لاءِ مقرر اُصول انهن فرسوده قدرن ۽ روايتن توڙي تصورن تي ٻڌل هوندا آهن، جيڪي عوام دشمن طبقي جي مفاد ۾ هجن ٿا. ڇاڪاڻ ته جاگيردار ۽ وڏيرڪي، قبائلي ۽ جاگيردار معاشري ۾ عوام کي سماجي انصاف ملڻ جو ناٽڪ ته هوندو آهي پر حقيقي صورت نه.

## مُدي خارج وڏيرڪن سماجن جا بنياد ڪيئن لوڏي سگهجن ٿا؟

مٿين ڳالهه ٻولهه جي روشنيءَ ۾ چڱيءَ طرح سمجهي سگهجي ٿو ته جاگيردار معاشرن ۽ جمهوريت جي تصور ۽ نظام ۾ ڪهڙا تڪرار ۽ تضاد آهن ۽ جاگيردار معاشرن ۾ جمهوريت ڪيئن نه عوام سان هڪ خوبصورت ۽ ريشمي دوکو هوندي آهي؟ اچو ڏسون ته ڪهڙن ذريعن ۽ طريقن سان جاگيردار ۽ وڏيرڪن معاشرن کي ڏڪ هٽي ڏاڪي به ڏاڪي مرحليوار ڪمزور ۽ مرٽينگ ٻٽائي دفن ڪري سگهجي ٿو؟

(1) عوام سان سموريون ٺڳيون، فريب ۽ سندن سڀ طرفي ڦرلٽ جو بنيادي سبب دراصل عوام جي صدين جي اڻ ڄاڻائي، جهالت ۽ علم ۽ شعور کان محرومي آهي. باشعور عوام جي موجودگيءَ ۾ ڪوبہ ٺڳيءَ ۽ ڦرلٽ تي ٻڌل سماج ۽ سماجي نظام گھڻو وقت جٽاءُ ڪري نہ سگھندو. تعليم عوام جي ان شعور جو بنياد آهي. ٽين دنيا جي اڪثر سماجن ۾ جيڪڏهن تعليم جي سخت اڻ هوند آهي تہ اهو ڪو اتفاق نہ آهي پر دراصل انهن ملڪن تي سياسي طور قابض حڪمران طبقن جي ترجيح ۽ اڻ اعلانيل پاليسي آهي تہ عوام کي تعليم ۽ سماجي توڙي سياسي شعور کان پري ۽ وانجهيل رکجي. ڇاڪاڻ تہ ٻيءَ صورت ۾ سندن ناجائز مفادن جا محافظ سماجي ڍانچا سلامت رهي نہ سگھندا ۽ پس و پيش آهستي آهستي طاقت جو سمورو توازن تبديل ٿي ويندو. ان ڪري تعليم جو هڪ فوري فائدو تہ هڪ فرد يا ڪٽنب جو سڌارو آهي پر دراصل ان جو وسيع تر سماجي ڪارج سڄي معاشري جي سڀ طرفي تبديلي آهي. جاگيردار معاشرن جون رياستون، حڪومتون ۽ حڪمران تعليم طرف ڪڏهن بہ ڌيان نہ ڏيندا. ان ڪري عوام ۾ ان جو وسيع پئماني تي شعور پيدا ڪجي.

(2) جاگيردار، نسلي، قبائلي ۽ وڏيرڪن سماجن جو حل منظم سياسي سماج (Political Society) جي تشڪيل آهي. سياسي سماج جو بنياد هڪ باشعور فرد کان وٺي سياسي نظرين ۽ پارٽين تي آهي. ٽين دنيا جي عوام ۾ وڏ کان وڏ منظم سياسي شعور پيدا ڪرڻ، ڪين سياسي نظريا اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجي پنهنجي نظرين آهر سياسي پارٽين ۾ شموليت لاءِ تيار ڪجي. ٽين دنيا جي ميڊياڪر ذهن جي اديبن ۽ دانشورن جي هڪ وڏي حصي ۾ بہ عوام کي سياست، سياسي عمل ۽ فڪر توڙي سياسي پارٽين کان بدظن ڪرڻ جو وڏو مرض آهي. سياسي پارٽين ۾ کھڙيون بہ ڪمزوريون هجن ۽ سياسي عمل ۾ بہ ڇو نہ کھڙيون بہ پيچيدگيون هجن پر هڪ ڳالھہ طئي آهي تہ سياسي سماج (Political Society) جي تشڪيل سياست، سياسي نظرين، باشعور ۽ منظم عوام ۽ سياسي پارٽين کان سواءِ ممڪن نہ آهي. ان ڪري وڏيرڪن، جاگيردار، قبائلي ۽ روايتي سماجن کي پوليٽيڪل سوسائٽيءَ جي اُڀارڻ سان ئي ڪمزور، مرٽينگ ۽ ختم ڪري سگھجي ٿو.

(3) ٽين دنيا ۾ جاگيرداريءَ جي مضبوط هجڻ جو هڪ اهم سبب زميني سڌارا (Land Reforms) نہ هجڻ بہ آهي. مخصوص خاندانن وٽ زرعي زمين جو وڏو حصو قبضي هيٺ آهي. نتيجي ۾ پيداواري ذريعن تي انهن جو ناجائز قبضو آهي. پاڪستان ۾ بہ بہ ٽي ڀيرا زميني سڌارن جو ناٽڪ ٽيو آهي پر اڄ بہ ملڪ ۾ وڏيون جاگيرداريون موجود آهن. عوام دوست سياسي پارٽين، دانشورن، ذميوار ميڊيا توڙي

سول سوسائٽيءَ جو فرض آهي تہ اهي هن سوال کي هر سطح تي کڻن ۽ ان لاءِ دٻاءُ پيدا ڪن.

(4) جيتوڻيڪ جاگيردار معاشرن جي معاشي ڍانچن کي ٽوڙڻ ۽ انهن جي جاءِ تي نوان پيداواري ذريعا ۽ قوتون پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ وڏيءَ سطح تي صنعتڪاري ڪئي وڃي پر ظاهر آهي تہ اسان جي حڪمران طبقن جي اها ترجيح نہ آهي. ٽين دنيا جا اڪثر ملڪ اُپرندڙ منڊيون ۽ ڪنزيومر مارڪيٽ (صارفين جي منڊي) تہ آهن پر صنعتي ۽ پيداواري ميدان ۾ ڪجھ بہ نہ آهن. ان ڪري ضروري آهي تہ ننڍي، وچولي ۽ گهرو صنعت کي هٿي وٺرائجي. جيڪو ڪم مڊل ڪلاس ڪري سگهي ٿو ۽ ان طريقي سان ئي اهو مڊل ڪلاس پيدا بہ ڪري سگهجي ٿو. جيڪو اڳتي هلي سياسي طور جاگيردار طبقي کي خطري ۾ وجهي سگهي ٿو.

(5) اڄوڪي دؤر ۾ ڪجھ شعبا عالمگير آهن ۽ انهن تي مقامي حڪمران طبقن سماجي قوتن توڙي رياستن جو وس نہ ٿو هلي ۽ نہ هلي سگهي ٿو. انهن مان هڪ شعبو ميڊيا جو بہ آهي. ميڊيا جو مطلب هاڻي معلومات جي عالمگيريت آهي، جيڪا پسمانده ترين سماجن جي عوام کي بہ دنيا سان ڳنڍڻ جو سبب بڻجي ٿي. دنيا ۾ پسمانده معاشرن جي عوام جي گهڻ طرفي غلاميءَ ۽ غربت جو هڪ سبب سندن معلومات جي غربت هاڻي تيزيءَ سان گهٽجي رهي آهي. ميڊيا دنيا جي مختلف سماجن کي هڪٻئي کي سمجهڻ، هڪٻئي جي ويجهو اچڻ ۽ هڪٻئي کي متاثر (Influence) ڪرڻ جو وڏو اهم ۽ اثرائتو ذريعو آهي. هاڻي ميڊيا جو ذميوار ۽ اثرائتو ڪردار روايتي ۽ وڏيرڪن سماجن جي تصوراتي ۽ سماجي نظام توڙي ان جي نمائنده حڪمران طبقي جي سياسي سگهہ جي ديوار ۾ ڏار وجهي سگهي ٿو. اسان وٽ ميڊيا ويجهي ماضيءَ ۾ چڱيءَ طرح ۽ تيزيءَ سان ترقي ڪئي آهي پر ان جي ڪردار ۽ معيار کي اڃا بہ وڌائڻ ۽ ذميوار بڻائڻ جي ضرورت آهي.

(6) روايتي وڏيرڪن جاگيردار ۽ قبائلي سماجن جي سماجي، سياسي ۽ معاشي وهنوار جو دارومدار ادارن بجاءِ فردن تي هوندو آهي. هر مسئلي جو جواب ڪونہ ڪو فرد آهي. ان ڪري ان معاشري جا رول ماڊل بہ فرد آهن. جڏهن تہ جديد انساني معاشري جي سماجي ترقيءَ جو دارومدار رڳو فردن بجاءِ ادارن تي هوندو آهي. ٽين دنيا جي سمورن معاشرن ۾ ضرورت آهي تہ اتي تعليم، هنر، پيداوار، سکيا، ميڊيا، واپار، ترقي، سياست، ڪلچر، معلومات تائين رسد جي شعبن ۾ ادارا ٺاهيا وڃن. مضبوط ادارن جي گهڻائيءَ ۽ اثرائتي ڪردار جي هوندي جاگيردار، روايتي قبائلي ۽ وڏيرڪا سماج گهڻو وقت بيهي نہ ٿا سگهن. ان ڪري تبديليءَ

جي محرڪن ڪي توڪل تي ڇڏڻ بدران ان ڪي ادارن جي صورت ۾ منظم انداز سان مينيج ڪرڻ گهرجي. هر سطح تي مضبوط ڪردار جي ادارن جو نهڻ ۽ قابليت واري انتظام سان هلڻ اهڙن مُدي خارج سماجن جي تابوتن ۾ آخري ڪوڪن هڻڻ مثل آهي.

(7) ٽيڪنالاجيءَ ۽ ڪميونيڪيشن جي انقلاب عالمي ۽ مقامي سماجن ڪي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ جا وسيع تر امڪان، موقعا ۽ ميدان تيار ڪيا آهن. معلومات جي عالمگيريت، سياست جي عالمگيريت، جدوجهد، پيش قدمين، عمل ۽ سرگرميءَ جي عالمگيريت، ميڊيا ۽ انساني تجربن جي ورڇ ۽ اظهار جي آزاديءَ جي عالمگيريت_ مطلب تہ انسان هڪ عالمي ڳوٺ ۾ تبديل ٿي رهيو آهي. اهو جديد عالمي انساني سماج جو حيرت انگيز معجزو آهي. ان معجزي اهو امڪان پيدا ڪيو آهي تہ مقامي سماجن ڪي تيزيءَ سان انهن وهڪرن ۾ شامل ڪري سندن فرسوده تصورن ۽ ڍانچن جا بنياد بہ لوڏيا وڃن تہ سندن تبديليءَ جي رفتار ڪي بہ تيز ڪيو وڃي. مقامي طور وڏيرڪو جاگيرداراڻو ۽ قبائلي سماج بظاهر ڪيترو بہ سگهارو ڇو نہ هجي پر اهو بهرحال انهن عالمگير وهڪرن آڏو بيهڻ جو ست ساري نہ سگهندو. اهي عالمگير وهڪرا هونئن بہ انهن جا بنياد لوڏي رهيا آهن پر انهن جي رفتار ڪي اجا بہ تيز ڪرڻ جي ضرورت آهي.

## جاگيرداريت ۽ وڏيرڪي سماج کان جمهوريت جي وچ واري دؤر ۾ ڇا ڪجي!؟

ايشيا، آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا جنهن ڪي عام طور ٽين دنيا سڏجي ٿو جا اڪثر ملڪ ۽ معاشرا هڪ عجيب پيچيده صورتحال ۾ آهن. يعني اتي نالي ماتر ۽ پنهنجي ابتدائي شڪلين ۾ جمهوريت بہ آهي، جاگيرداريت ۽ وڏيرڪا سماج بہ آهن تہ وري ٿورو گهڻو مڊل ڪلاس بہ آهي. يعني اهڙن سماجن ڪي نہ تہ مڪمل طور جاگيرداراڻو سڏي سگهجي ٿو ۽ نہ وري صنعتي دؤر جو شهري سماج. اهڙن سماجن ڪي جاگيرداريءَ کان صنعتي دؤر جي شهري سماجن ڏانهن ويندڙ عبوري سماج (Transition Societies) سڏيو ويندو آهي. مطلب تہ اهي اهڙا دؤر آهن جتي قبائليت ۽ جاگيرداري تہ ڇا پر خود غلام داري سماج بہ ڪنهن نہ ڪنهن شڪل ۾ موجود آهي پر ساڳئي وقت اتي ٿورو گهڻو مڊل ڪلاس ۽ شهري سماج بہ آهي ۽ جمهوريت لاءِ ڪوششون ۽ جدوجهد بہ موجود آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ وڏيرڪي ۽ جاگيردار سماجن جي ڍانچن ڪي ٽوڙڻ ۽ هڪ جمهوري سماج ڏانهن وڃڻ لاءِ مٿي

بيان ڪيل ڳالهين سان گڏ سياسي طور هيٺين ڳالهين تي پڻ غور ڪري سگهجي ٿو.

(1) عوام ڪي سياسي عمل، سياسي ادب ۽ سياسي تنظيمن ذريعي حالتن کي تبديل ڪرڻ جو گهرو سياسي شعور ڏيڻ گهرجي.

(2) هيٺين وچين ۽ وچين طبقي جي سياسي سوچ کي تبديل به ڪرڻ گهرجي ۽ کين سياسي عمل ۾ Space ڏيڻ گهرجي.

(3) سنجيده سياسي ادب جو ڪلچر وري تيزيءَ سان پيدا ڪرڻ گهرجي.

(4) جاگيردار ۽ وڏيرڪي طبقي جي عوام دشمنيءَ جي هزار رنگن کي هر سطح تي ۽ مسلسل وائکو ڪجي.

(5) سول سوسائٽي به پنهنجو ميچوئر ۽ سياسي ذهن سان سماجي ڪردار ادا ڪري.

(6) عوام ۽ پيڙهيل طبقن يعني هارين، مزدورن ۽ عورتن کي سياسي طور هر سطح تي منظم ڪجي.

(7) عوام دوست ۽ وطن دوست سياسي پارٽين کي تنظيمي طور پاڻ کي وڏيڪ منظم ۽ سگهارو بڻائڻ گهرجي.

(8) چونڊن ۾ عوام جي مفادن جي ايجنڊا کي هر سطح تي ڪٽڻ گهرجي ته جيئن وڏيرا، جاگيردار ۽ سندن نمائنده سياسي پارٽيون چونڊن ۾ عوام کي نڳي ۽ سندن اکين ۾ ڪوڙن آسرن جي ڌوڙ نه وجهي سگهن.

(9) مقامي عوامي قومي ۽ جمهوري تحريڪن کي پاڻ کي علائقائي ۽ عالمي تحريڪن سان ڳنڍڻ گهرجي ته جيئن اهي پنهنجي حڪمران طبقي جو گهيرو تنگ به ڪن ۽ پاڻ کي سفارتي ۽ سياسي طور سگهارو به ڪن.

---

روزاني "عبرت" حيدرآباد، 18، 19 آڪٽوبر 2006ع

# عوام جي عدالت مان اُٿيل ڪجھ سوال!

(پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي ماضيءَ ۽ حال تي هڪ تنقيدي نظر)

جيتوڻيڪ اسٽيٽسڪو جي ترجمان سياسي پارٽين مان عوام کي بنيادي تبديلين جي ڪابہ اُميد باقي نہ بچي آهي پر ان باوجود جڏهن ويجهي ماضيءَ ۾ ”چارٽر آف ڊيموڪريسي“ نالي دستاويز تي پ پ پ ۽ مسلم ليگ (ن) صحيحون ڪيون تہ ملڪ ۾ ماڻهن ان تي هڪ حد تائين سرهائي محسوس ڪئي. گهڻن ڪُٽل پاسن ۽ ڪمزورين باوجود مجموعي طرح ان چارٽر کي هر سطح تي ساراهيو ويو پر اهو سوال ان وقت بہ موجود هو تہ اڳتي هلي ان تي واسطيدار ڌريون ڪيترو عمل ڪنديون ۽ پنهنجي ئي ڪيل ان معاهدي جو مان رکنديون؟ ڇاڪاڻ تہ ماضيءَ ۾ بہ ايم آر ڊيءَ هڪ چارٽر ٺاهيو هو. جنهن تي سمورين ميمبر پارٽين صحيحون ڪيون هيون پر ان کان پوءِ پ پ پ بہ دفعا اقتدار ۾ آئي پر ايم آر ڊيءَ جي ان معاهدي کي ان لڙي بہ ڪونہ ڏنو. جنهن ۾ هڪ اهڙي وفاق جو تصور ڏنو ويو هو. جنهن وٽ صرف چار ڪاتا يعني دفاع، ڪرنسي، پرڏيهي پاليسي ۽ ڪميونيڪيشن جا ڪاتا رهڻا هئا ۽ باقي سڀ ڪاتا صوبن جي حوالي ڪرڻا هئا. پر پوءِ عوام ڏٺو تہ اقتدار ۾ اچڻ ڪان پوءِ پ پ پ جي ايجنڊا ۽ اوليتون ئي ٻيون هيون. ڪنڪرنٽ لسٽ کي ختم ڪرڻ جو ذڪر بہ سامهون نہ آيو. هن ڀيري بہ چارٽر آف ڊيموڪريسيءَ وقت اِهي خدشا پهرين ڏينهن ڪان موجود هئا. جيڪي هن ڀيري تہ وقت ڪان اڳ ئي درست ثابت ٿي رهيا آهن. انهن ۾ اهڙن ئي تلخ تجربن سبب هاڻي ماڻهو اسٽيٽسڪو جي سياسي پارٽين جي ڪنهن بہ واعدي تي ڪو اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. چارٽر اف ڊيموڪريسيءَ ۾ واضح طور چيل آهي تہ ڪابہ ڌر

استيبلشمينٽ سان ڳُجهي يا ظاهري ڊيل نہ ڪندي ۽ حڪومتن ناهڻ جا سمورا فيصلا عوام جي ووٽ ۽ فيصلي جي بنياد تي ڪيا ويندا پر اجا ان چارٽر تي ڪيل صحيحن جي مَسِ ئي نہ سُڪي آهي تہ پ پ پ جي مشرف سان ڊيل جا واضح اشارا سامهون اچي رهيا هئا ۽ هاڻي تہ بينظير ڀٽو جي تازي بيان ان جي رسمي طور تصديق ڪري ڇڏي آهي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ جڏهن ماڻهو ان بابت پنهنجا تحفظات ظاهر ڪن ٿا تہ پارٽيءَ جي صوبائي ۽ هيٺين سطح جي ليڊرشپ چڙي ٿي پئي تہ ان تي ڳالهايو نہ وڃي. هن موقعي تي اهڙي ڊيل ڪرڻ وقت ڪين گهربو تہ اهو هو تہ جي اهي پنهنجي ليڊرشپ جي اهڙي سياسي ڪردار تي ڪُڇي نہ ٿي سگهيا تہ بہ ڪٽي ماٽ ڪن ها. حقيقت اها آهي تہ نازڪ سياسي حالتن جي ڪري قومي مصلحتن سبب ماڻهن استيٽسڪو جي سياسي پارٽين ۽ خاص طور پ پ پ بابت ”ڳالهايو“ ئي ڪٿي آهي؟ جي حساب ڪتاب جا دفتر کُليا تہ نهايت اڻ وڻندڙ حقيقتون سامهون اينديون. ان حوالي سان مان هڪ صحتمند سياسي بحث مباحثي جي شروعات ڪرڻ لاءِ پ پ پ جي ماضيءَ ۽ حال توڙي آئيندي جي امڪانن بابت ڪجهہ بنيادي سوال ۽ گذارشون سنڌي عوام ۽ خود پارٽيءَ جي قيادت آڏو رکڻ چاهيان ٿو.

گهڻا ماڻهو ان خيال جا رهيا آهن تہ پ پ پ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي تائين هڪ ريڊيڪل ۽ اُصول پسند پارٽي هئي پر اها موجوده قيادت جي هٿن ۾ پهچڻ کان پوءِ ڏاڪي بہ ڏاڪي پنهنجو اهو ڪردار وڃائي ويئي. خود شهيد مير مرتضيٰ جو موقف اهو هو جيڪو هو هر جاءِ تي وَرجائيندو هو. پ پ پ جا پراڻا ۽ نظرياتي ڪارڪن بہ گهڻي ڀاڱي ان راءِ جا رهيا آهن. اها ڳالهہ هڪ حد تائين درست بہ آهي پر اهو سمورو سچ ناهي. حقيقت ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جنهن بهادريءَ سان هڪ عظيم موت کي وڏيءَ زندهہ دليءَ سان قبوليو ان کيس تاريخ ۾ هڪ هيرو جو درجو ڏئي ڇڏيو. هن کان پوءِ ضياءُ الحق جو يارنهن سالن جو ڀيانڪ دؤر آيو. ان ڪري ماڻهن هرو ڀرو ضرورت ئي محسوس نہ ٿي ڪئي تہ ڪو شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي بہ سياست جو تنقيدي اک ۽ گهرائيءَ سان جائزو وٺن. ڇاڪاڻ تہ ان دؤر جا سياسي اُپريل تضاد کي بيا هئا ۽ ضياءُ الحق جي دؤر ۾ ڀُٽي صاحب جي سنگين غلطين جا دفتر کولڻ جو سياسي طرح ڪوبہ فائدو نہ ٿئي ها. پاڻ نقصان ٿئي ها. ضياءَ جو دؤر ويو تہ پ پ پ ”بظاهر“ اقتدار ۾ آئي. ان ڪري پوئين دؤر ۾ ماڻهن هن جي قيادت، سندس پاليسين ۽ روين کي ٿي ڏسڻ ۽ جاچڻ چاهيو. پر هاڻي ڀُٽي صاحب جي شهادت کي بہ ستاويهہ سال ٿي چڪا آهن. عوام بہ رياست جي ڪردار ۽ اقتدار ۾ ايندڙ سياسي پارٽين خاص طور تي پ پ پ بابت انيڪ عملي تجربن

مان گذريو آهي. هاڻي ماڻهو بہ سطحي جذباتيت بدران عقليت ۽ تنقيدي شعور سان شين کي ڏسن ٿا ۽ ڏسڻ چاهين ٿا. چاڪاڻ تہ حالتون تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن ۽ وڏيڪ خود جذباتيت ۽ شخصيتن جي اجائي سحر انگيزيت وڌيڪ افورڊ نہ ٿا ڪري سگهن. ان ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي سموري قرباني ۽ Contributions باوجود پ پ جي ڪردار جو جائزو خود سندس دؤر جي نسبت سان بہ ورتو وڃي تہ جيئن بنيادي سوالن ۽ حقيقتن جي ڇنڊڇاڻ ٿي سگهي. اڇو تہ ان جي ڪجھہ بنيادي پاسن جو تنقيدي جائزو وٺون.

(1) ان حقيقت کان ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو سياست ۾ ڪنهن عوامي ۽ سياسي جدوجهد ذريعي نہ پر اسٽيبلشمينٽ جي معرفت آيو هو. 5 مارچ 1956ع تي ميجر جنرل سڪندر مرزا ملڪ جو صدر ٿيو تہ ڀٽو صاحب سندس ڪابينا ۾ وزير هو. سڪندر مرزا 1956ع جو آئين ۽ اسيمبليون معطل ڪري 7 آڪٽوبر 1958ع تي ملڪ ۾ مارشل لا لاڳو ڪئي ۽ جنرل ايوب خان کي ملڪ جي فوج جو ڪمانڊر انچيف ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو. 27 آڪٽوبر 1958ع تي جنرل ايوب خان اقتدار تي قبضو ڪري ملڪ جي ٻئي صدر جو عهدو سنڀاليو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سندس ڪابينا جو بہ وزير هو ۽ ايوب خان کي تمام ويجهو سمجهيو ويندو هو. جيتوڻيڪ ڀٽو صاحب پوءِ اڳتي هلي هڪ نهايت مقبول عوامي اڳواڻ ٿيو ۽ سچ پچ بہ عوام جي اڪثريت جي طاقت هڪ حد تائين وٺس ۽ ساڻس گڏ هئي پر هن جي سموري سياست کي ڏسبو تہ صاف نظر ايندو تہ هن ڄاتو ٿي تہ پاڪستان ۾ حڪومت ٺاهڻ ۾ بنيادي ڪردار عوام جو نہ پر اسٽيبلشمينٽ جو آهي ۽ هن سدائين عوام جي طاقت کي اسٽيبلشمينٽ سان بارگيننگ لاءِ استعمال ڪيو. هن نعرو اهو ئي هنيو تہ طاقت جو سرچشمو عوام آهي پر هن هميشہ اندر ئي اندر واجهايو اسٽيبلشمينٽ ڏانهن ٿي. مون کي پ پ جي هڪڙي سينئر دوست ٻُڌايو هو تہ ڀٽو صاحب حيدرآباد ۾ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي مزاج پرسي ڪرڻ آيو هو. ڪچهريءَ دوران جتوئي صاحب شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي کان پڇيو تہ، ”توهان جي نظر ۾ ملڪ ۾ اصل طاقت جو سرچشمو ڪير آهي؟“ انهيءَ تي ڀُٽي صاحب ڪيس بنا هٻڪ ۾ جواب ڏنو: ”فوج!“. جڏهن ڀُٽي صاحب ڪانئس موڪلايو تہ حيدرآباد جا صحافي جتوئي صاحب کي ورائي ويا تہ ڪهڙي ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. جتوئي صاحب کين آف دي رڪارڊ ٻُڌايو تہ، ”هيءُ شخص مستقبل جو حڪمران آهي، ڇاڪاڻ تہ هي سموري ڳالهہ ”سمجهي“ ويو آهي. ٻاهر چوي ٿو تہ عوام طاقت جو سرچشمو آهي ۽ دل ۾ سمجهي ٿو تہ اصل طاقت جو سرچشمو فوج آهي.“

(2) فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ کي پاڪستان جي تاريخ ۾ سڀني کان وڌيڪ مضبوط شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ڪيو. ايوب جي طويل ۽ بدترين آمريت ۽ ون يونٽ سبب ملڪ ۾ اسٽيبلشمينٽ سخت ڪمزور ٿي چڪي هئي. عوام ۽ اسٽيبلشمينٽ جو تضاد وڌي چڪو هو. يحيٰ خان 25 مارچ 1969ع تي ٻي مارشل لا هڻي، جنهن رهيل ڪسر بہ پوري ڪري ڇڏي. ٻن سالن اندر اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ جو واقعو ٿيو ۽ جنرل نيازيءَ ڍاڪا ۾ هٿيار ڦٽا ڪري سڄيءَ دنيا ۾ فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ جي ڪردار ۽ سگهہ کي واٽکو ڪري ڇڏيو هو. ملڪ جي فوج ۽ اسٽيبلشمينٽ بدترين بحران جو شڪار هئي، جو ڪين مجبوريءَ ۾ 20 ڊسمبر 1971ع تي شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي کي ملڪ جو صدر ۽ ملڪي تاريخ جو پهريون سول چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. پاڪستان جا نوي هزار فوجي ڀارت وٽ قيد هئا ۽ فوج جي اخلاقي ۽ پيشہ ورانہ طاقت جو ڏيوالو نڪري چڪو هو. ان ڳالهہ تي ملڪ جا سمورا روشن خيال دانشور متفق آهن تہ ملڪ ۾ طاقت جي توازن کي تبديل ڪرڻ جو اهو هڪ تاريخي موقعو هو. جنهن ۾ ملڪ اندر اسٽيبلشمينٽ جي بالادستيءَ جو ڪردار هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي سگهي ها پر تاريخ جو الميو اهو هو تہ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ان بجاءِ ٻي واٽ ورتي. هن اسٽيبلشمينٽ جي مئل گهوڙي ۾ ساهہ وڌو. هن پنهنجي ذهانت ۽ ڊپلوميسيءَ سان نوي هزار قيدي ڀارت کان ڇڏايا. سندس ميڊياڪر عقيدتمند ان کي هن جو وڏو ڪارنامو قرار ڏيندا آهن. جڏهن تہ اهو نهايت وڏو اسٽريٽجڪ بلنڊر هو. يعني جيڪا اسٽيبلشمينٽ ايوب ۽ يحيٰ جي آمريتن، 65ع ۽ 71ع جون جنگيون هارائڻ سبب پنهنجو سڀ ڪجهہ وڃائي ويٺي هئي، ان جي طاقت جي مئل گهوڙي ۾ ساهہ وجهڻ بدران ڀُٽي صاحب کي ڪرڻ اهو کپندو هو تہ هو طاقت جو توازن تبديل ڪري سچ پچ بہ عوام کي سياسي طور طاقت جو سرچشمو بڻائي ها. هن عوام کي سياسي شعور تہ ڏنو پر طاقت جو توازن وري بہ فوج وٽ ئي رکيو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪي تاريخ جو واحد اهڙو اڳواڻ هو. جيڪو اها حيثيت ۽ صلاحيت رکندو هو تہ جي هو چاهي ها تہ سچ پچ بہ ايئن عملي طور ڪري وڃي ها. سندس ايئن نہ ڪرڻ جي سزا رڳو ملڪ جي عوام کي ئي نہ پر کيس بہ ملي ۽ هو دار جي تخت ڏانهن اُماڻيو ويو.

(3) 7 ڊسمبر 1970ع تي ملڪي تاريخ جون پهريون عام چونڊون ٿيون. اهي چونڊون ايڊلٽ فرينچائيز ۽ آباديءَ جي بنياد تي ٿيون ۽ 313 ميمبر جو هائوس چونڊجي آيو جنهن مان 169 ميمبر اوڀر پاڪستان مان هئا. 144 اولهہ پاڪستان مان (جنهن ۾ 13 پاڪستان مان هيون ۽ 6 اولهہ پاڪستان مان). انهن چونڊن ۾

عوامي ليگ هڪ واضح اڪثريتي ميڊينٽ کٽي آئي هئي پر ڪيس حڪومت جون واڳون ڏيڻ کان انڪار ڪيو ويو. ڀٽو صاحب به دل ئي دل ۾ ان تي راضي هو جو ڪيس خبر هئي ته ان جو ٻيو متبادل هو پاڻ هو. ڀُٽي صاحب کي هڪ جمهوريت پسند اڳواڻ طور جيڪو تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ ڪپندو هو هن اهو نه رڳو ادا نه ڪيو پر هو اندر ئي اندر يحيٰ خان جي پاسي هو. مجيب ڪنهن ناهه تي پهچڻ لاءِ ڇهه نقطا پيش ڪيا پر اهي به نه مڃيا ويا. مطلب ته پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ سندس نمائنده اسٽيبلشمينٽ بنگال کي زوريءَ ملڪ کان تڙي ڪيڻ لاءِ حالتون پيدا ڪيون ۽ ڀُٽي صاحب جي سطح جو ماڻهو ان تضاد ۾ حق ۽ سچ جي پاسي بيهڻ بجاءِ "هنن" سان بيٺو. جنهن جو سبب سواءِ اقتدار جي لالچ جي ٻيو ڇا ٿي سگهيو ٿي؟ حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته بنگال جي ڌار ٿيڻ سان ملڪ ۾ طاقت جو اندُو منڊو سياسي توازن به ٽُٽي ويو ۽ "پنجابي-پناهگير مستقل مفاد" ملڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ ٿي ويهي رهيو. ويندي ڪين ذوالفقار علي ڀُٽي جهڙو عالمي سطح جو ذهين ۽ نهايت باصلاحيت نمائندو ملي ويو. اسان اڄ تائين ان جا نتيجا ڀوڳي رهيا آهيون. جي اوپر پاڪستان کي ايئن ڏڪا ڏئي ملڪ مان نه تڙيو وڃي ها ته اسين اڄ هن ملڪ ۾ هينئن نڌڻڪا، غلام ۽ ڪمزور نه هجون ها. اهو ڪارنامو ٻئي ڪنهن نه پر اسان جي پنهنجي عظيم اڳواڻ ڪيو. جي ان حساس ۽ نازڪ موقعي تي ڀٽو صاحب اسٽيبلشمينٽ جو اسٽريٽجڪ ساٿ نه ڏئي ها ۽ اقتدار جي وقتي مفادن کي ٺُڏي پنهنجو تاريخي انصاف پسند ڪردار ادا ڪري ها ته اسٽيبلشمينٽ ان پوزيشن ۾ ئي نه هئي جو اها بنگال سان ان روش اختيار ڪرڻ جو تصور به ڪري ها.

(4) اها ڳالهه هاڻي ڪو به راز نه آهي ته پارت ۽ پاڪستان جو تضاد ٻنهي ملڪن جي عوام نه پر سندن فوج جي مفاد ۾ آهي. خاص طور تي پاڪستان ۾ ته اسٽيبلشمينٽ ان تضاد جي نالي ۾ ئي ملڪي وسيلن کي ڇهن ڏهاڪن کان پٽي پيليو آهي. ڀُٽي صاحب ڄاتو ٿي ته اسٽيبلشمينٽ ڪانئس تڏهن ئي خوش رهندي، جڏهن هو پارت سان ڪين Suit ڪنڌڙ ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو. ڀُٽي صاحب جو پارت سان سخت جارحاڻي ٻولي ۽ رويي جو ڪو به جواز نه هو. پاڻ ويتر هو اهو تضاد ٽڏو ڪري سگهيو ٿي ۽ هو اهڙي صلاحيت جو مالڪ به هو پر هن ويتر ان تضاد کي تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ۽ ساڻن هزار سالن تائين وڙهڻ جون ڳالهيون ڪندو رهيو. ٻنهي ملڪن جي تاريخ ۾ اهو واحد اهڙو دؤر هو، جنهن ۾ ٻنهي پاسي نهايت قابل سياسي ليڊرشپ موجود هئي، يعني هيڏانهن شهيد ڀٽو ته هوڏانهن اندرا گانڌي پر ڀُٽي صاحب ڄاتو ٿي ته اسٽيبلشمينٽ ان ڳالهه کي پسند نه ڪندي. پاڻ هن تضاد وڌڻ

سان خوش ٿيندا. ماڻهن کي ڀُٽي صاحب جو پارٽ خلاف جذباتي انداز تہ وٽندو هو پر هن اهو ڪونہ پئي ڏٺو تہ پنيان پس و پيش ڪنهن کي مضبوط ڪرڻ جي پاليسي هلي رهي آهي. پارٽ ۾ پاڪستان جو تضاد هٽرادو طور پيدا ڪرايل آهي ۽ اهو ٻنهي ملڪن جي فوج کي Suit ڪري ٿو. شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي اهو تضاد گهٽائڻ بجاءِ ان کي اجا بہ وڌيڪ تيز ۽ پيچيده ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو.

(5) ڀُٽي صاحب پنهنجي بنيادي ويچارن، ويساهن ۽ نظرين جي اُبتڙ ملڪ بابت اهو ئي نام نهاد مها پاڪستاني ۽ مها اسلامي رويو اختيار ڪيو جيڪو پنجابي- پناهگير مستقل مفاد پهرئين ڏينهن کان ”نظريہ پاڪستان“ جي نالي ۾ هلائيندو ٿي آيو. يعني اهو تہ ملڪ ۾ فقط هڪ يعني پاڪستاني قوم آهي ۽ اها پاڪستاني قوم بہ رڳو مسلمانن تي مشتمل آهي. اهو تصور ۽ رويو 11 آگسٽ واري محمد علي جناح جي تقرير جي روح جي نفي هو جنهن ۾ هن هڪ سيڪيولر رياست جو تصور ڏنو هو. اهو نام نهاد مها پاڪستاني رياستي رويو قومن جي تاريخي وجود کان انڪار تي ٻڌل هو ۽ دراصل پنجابي پناهگير مستقل مفاد جي سڀ طرفي ڦُرلٽ جو هڪ نظرياتي هٿيار هو. 1973ع جي آئين جو بنياد بہ ڀُٽي صاحب ان ئي تصور تي رکيو. 1973ع جو آئين ملڪ جي خالق قومن جي تاريخي وجود جو انڪاري آهي، ان ڪري اهو جيڪڏهن پنهنجي اصل شڪل ۾ بہ بحال ٿي وڃي تہ بہ ننڍين ۽ مظلوم قومن لاءِ قابلِ قبول نہ آهي ۽ نہ هوندو. عام طرح سطحي انداز سان سياسي معاملن کي ڏسندڙ سمجهندا آهن تہ ڀُٽي صاحب ايئن ساڄيءَ ڌر جي دٻاءَ ۾ اچي ڪيو پر حقيقت ۾ هن کي معلوم هو تہ پنجابي-پناهگير مستقل مفاد ۽ ان جي نمائنده اسٽيبلشمينٽ ان تي ساڻس ڪمپرومائيز نہ ڪندي ۽ جي هن ٻي واٽ ورتي تہ ڪيس هلڻ نہ ڏنو ويندو. هن اهو رسڪ نہ ٿي کڻڻ چاهيو ۽ پس و پيش رياست ۾ ان جي جوڙجڪ ۾ قومن جي وجود بابت اهو ئي رويو اختيار ڪيو جيڪو پنجابي پناهگير مستقل مفاد ۽ سندن نمائنده اسٽيبلشمينٽ جو هو. بنگال ان ئي سبب ۾ بنياد تي الڳ ٿي چڪو هو ۽ پٽو صاحب باقي بچيل ملڪ کي بچائڻ جو بهانو ٺاهي ان نظرياتي ڍونگ جو پاندو ڦاڙي سگهيو ٿي پر هن ايئن نہ ڪيو. مورڳو ان جي اُبتڙ ڪيو. پر اج اهو تاريخي حالتن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ اها خود فريب ۽ قومن جي وجود کان انڪاري سوچ هاڻي هر طرف کان رد ٿي چڪي آهي. اج ڪير بہ ان جو ڌٽي ٿيڻ لاءِ تيار نہ آهي پر ان جو نقصان يقيني طور وڏو ٿيو. پٽو صاحب ان غلط ۽ نام نهاد مها پاڪستاني سوچ جا پردا چاڪ ڪري هڪ نئين، حقيقت پسند ۽ انصاف پسند سوچ ۽ رويي جا بنياد وجهي سگهيو ٿي پر الميو اهو آهي تہ هن بہ ايئن نہ ڪيو ۽ هو بہ نام نهاد پاڪستاني قوم جي

خودفريب تصور جو علمبردار هو جنهن جو بنياد ملڪ جي وسندڙ قومن جي وجود کان انڪار تي ٻڌل هو.

(6) ڀُٽي صاحب جي دؤر ۾ بلوچن خلاف آپريشن. ڀُٽي صاحب جي سياسي ڪيريئر تي هميشہ هڪ اڻ وٽندڙ داغ طور موجود رهندو. جيتوڻيڪ اها ڳالهہ ظاهر آهي تہ اهو آپريشن اسٽيبلشمينٽ طرفان هو پر ڀٽو صاحب بہ سياسي فيصلي طور ان ۾ شامل رهيو. بلوچ اڳواڻن کي دوکي ۾ دولاب سان ڦاهڻ تان لاهي، ساڻن واعدي خلافي ڪري کين ملٽري ڪورٽ ۾ سزائون ڏئي ڦاهيون چاڙهيو ويو ۽ هزارين بلوچن جو قتل عام ڪيو ويو. اهي سڀ تفصيل تاريخ جي رڪارڊ تي محفوظ آهن. انهن کي هتي ورجائڻ جي ڪابہ ضرورت نہ آهي. ٿيو ڇا؟ هڪ طرف بلوچن سان سنڌو سنڌيون ناحق ٿيو تہ ٻئي طرف سنڌين ۽ بلوچن وچ ۾ تاريخي طور ويڇا سخت وڌي ويا. هيءُ تہ هاڻي ڪجهہ سالن کان سنڌي ۽ بلوچ سياسي طور هڪٻئي جي ويجها ٿيا آهن ۽ انهن ۾ بہ حالتن جو هٿ آهي، نہ تہ حقيقت ۾ بلوچن ان آپريشن کان پوءِ عملي طور سنڌين کان منهن موڙي ڇڏيو هو ۽ هو سنڌين سان سياسي طور دل ۾ نہ ٺهندا هئا. بلوچ روايتي ماڻهو آهن. هنن لاءِ ڀٽو هڪ سنڌي هو جنهن جي دؤر ۾ مٿن ايڏو وڏو آپريشن ۽ سندن نقصان ٿيو ۽ هو اهو ”حساب“ ڪيئن ٿي وساري سگهيا. بنگالين خلاف استعمال ٿيڻ کان پوءِ بلوچن خلاف استعمال ٿيڻ شهيد ڀُٽي جي ٻي وڏي سنگين ۽ ناقابلِ تلافي غلطي هئي، جنهن جا نتيجا هن يا سندس پارٽيءَ نہ پر سنڌ ۽ سنڌي عوام ڀوڳيا. ويندي ڀُٽي صاحب جي شهادت تي بلوچن ڪوبہ احتجاج نہ ڪيو.

(7) شهيد ڀُٽي ڳالهہ عوام جي ڪئي، بظاهر جاگيردارن ۽ سرمائيدارن خلاف ڳالهايو پر ڏٺو وڃي تہ پس و پيش وري پارٽي عملي طور ان ئي طبقي حوالي ڪئي. مون کي تہ ايئن لڳندو آهي تہ هن عوام ۾ ابتدائي دؤر ۾ جيڪو وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن خلاف ڳالهايو، اهو دراصل کين ڪمزور ڪري، جهڪائي پاڻ طرف ڇڪڻ لاءِ مجبور ڪرڻ جي هڪ حڪمت عملي ۽ اٽڪل هئي. هن عوامي اڳواڻ طور سامهون اچڻ شرط اهو تاثر ڏنو تہ هو انقلابي آهي. هو سياسي ۽ معاشي پاليسين جي حوالي سان سوشلسٽ آهي ۽ هو جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقي جا بنياد لوڏي ڇڏيندو. نتيجي ۾ هن جڏهن هڪ طرف ڏٺو تہ عوام بہ سندس ڳالهين ۾ اچي سندس پاسي تي ڇڪو آهي ۽ ٻئي طرف خود جاگيردار ۽ سرمائيدار طبقو بہ ڪانئس ڊڄي سندس پويان هلڻ لاءِ تيار آهي تہ پوءِ هن پنهنجي پاليسي بدلائي ۽ اها ڳالهہ رڪارڊ تي آهي تہ خود ڀُٽي صاحب جي ئي دؤر ۾ اهو طبقو پارٽيءَ ۽ عوام تي مڙهجي چڪو هو. جڏهن تہ شهيد ڀٽو سچ پچ چاهي ها تہ عوام جي سياسي ۽

سماجي طور ان طبقي مان هميشه لاءِ جند آجي ڪرائي سگهي ها. اهو ڪارنامو ڪنهن انقلاب کان گهٽ نه هجي ها. ان لاءِ هن کي ڪنهن ريڊيڪل انقلاب جي ضرورت به نه هئي. هو رڳو پارٽيءَ ۾ مڊل ڪلاس ۽ لوئر مڊل ڪلاس کي اڳتي آڻڻ سان به هڪ حد تائين ايئن ڪري ٿي سگهيو پر ڀُٽي صاحب وٽ عوام لاءِ رنگين ۽ خوابن جهڙيون ڳالهيون هيون پر عملي طرح ڪيو هن اهو جيڪو سندس عارضي مفاد ۾ هو. اصل ۾ ماڻهو جڏهن ڪمپرومائيز ڪرڻ شروع ڪري ٿو ته پوءِ ان جي ڪابه حد نه ٿي رهي. جيئن هڪ ڪوڙ ماڻهوءَ کان پنجاهه ٻيا ڪوڙ ڳالهرائيندو آهي تيئن هڪ مصلحت ۽ ڪمپرومائيز ماڻهوءَ کان ٻيا ڪمپرومائيز ڪرائيندي آهي. اصل ۾ تاريخ ۾ رڳو ماڻهوءَ جون ڳالهيون نه ٿيون بيهن، پر سندن عملي ڪردار بيهي ٿو. ڀُٽي صاحب جا جيڪي ڪارناما آهن، اهي به تاريخ ۾ محفوظ رهندا پر هن کان جيڪي سنگين غلطيون ۽ بلنڊر ٿيا، اهي به تاريخ لڪائي نه ٿي سگهي، عام طور سمجهيو اهو ويندو آهي ته پ پ پ جو ڪردار ڀُٽي صاحب کان پوءِ ڏاڪي به ڏاڪي زوال ڏانهن ويو آهي پر حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته ان جا بنياد روين، پاليسين ۽ ترجيحن جي حوالي سان خود ڀُٽي صاحب پنهنجي ئي دؤر ۾ رکي ڇڏيا هئا، جيڪي هن کان پوءِ اڃا به ويا وڌندا، پر ايئن هرگز نه آهي ته ڪو ڀُٽي صاحب جي دؤر ۾ پ پ پ ڪي به سنگين غلطيون ۽ بلنڊر نه ڪيا ۽ اهو سلسلو پوءِ شروع ٿيو. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته شهيد ڀٽو حيرتناڪ حد تائين ذهين ۽ محنتي ماڻهو هو پر ان جي تمام گهڻن فيصلن، روين، پاليسين ۽ سياست مان دوررانديشي، ڏگهي مُدي وارن نتيجن جي ادراڪ جي حوالي سان مجموعي طور منجهس ڏاهپ جي کوٽ نظر اچي ٿي. انهن مان ڪجهه نقطن تي اسان مٿي لکي آيا آهيون.

سوال آهي ته:

- چا اوير پاڪستان ۾ شيخ مجيب جي مينڊيٽ کي اسٽيبلشمينٽ طرفان رد ڪرڻ جي پاليسيءَ ۾ ڀُٽي صاحب کي اسٽيبلشمينٽ جو ساٿ ڏيڻ گهربو هو؟
- چا اوير پاڪستان جي سانحي کان پوءِ ڪيس شڪست کاڌل اسٽيبلشمينٽ جي مئل گهوڙي ۾ سياسي، سفارتي ۽ معاشي ساهه وجهڻ گهربو هو ۽ چا هن جو اهو فيصلو ۽ رويو درست ۽ عوام جي حق ۾ هو؟
- چا هن کي پنجابي-پناهگير مستقل مفاد جي نظرياتي بدديانتيءَ جي آئينيدار ۽ قومن جي وجود جي انڪاري مها پاڪستاني تصور کي قبول ڪرڻ کپندو هو؟
- چا هن جي ڀارت ۽ پاڪ- ڀارت لاڳاپن بابت پاليسي حقيقت پسند، عوام دوست، انصاف پسند ۽ دوررانديشيءَ تي ٻڌل هئي؟ چا هن نه ٿي ڄاتو ته هزار

سالن تائين پارٽ سان وڙهڻ جي سوچ ۽ روش پس و پيش ڪنهن جي مفاد ۾ هئي؟ ان ڪنهن کي مضبوط ۽ ڪنهن کي ڪمزور ٿي ڪيو؟ ان ڪنهن جي ”مفادن“ جو بچاءُ ۽ ڪنهن کي ڪمزور ٿي ڪيو؟ ان ڪنهن کي مضبوط ۽ ڪنهن جي ٻگهن مفادن کي خطري ۾ ٿي وڌو؟

- چا ڀُٽي صاحب سچ پچ ته عوام کي طاقت جي سرچشمي ۾ تبديل ڪيو يا دل ۾ ايئن سمجهيو؟ چا هن نه ٿي چاتو ته پارٽيءَ ۽ پارليامينٽ کي وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن حوالي ڪرڻ ۽ ملڪ ۾ طاقت جي توازن کي اسٽيبلشمينٽ جي حق ۾ رکڻ عوام سان هڪ ريشمي ۽ خوبصورت دوکو هو؟
- چا ڀُٽي صاحب مڊل ڪلاس، هيٺين وچين طبقي ۽ عوام کي پارٽيءَ ۽ سياسي عمل ۾ وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن تي عملي طور سچ پچ ته ترجيح ڏيڻ ۽ کين ليڊرشپ سطح تي آڻڻ لاءِ خاص ۽ اسٽريٽجڪ ڪوششون ورتيون؟ ۽ عملي طور ايئن ڪري ڏيکاريو؟
- چا 1973ع جو آئين حقيقت پسند، انصاف پسند ۽ سمورين قومن جي عوام جي جائز مفادن جو بچاءُ ڪندڙ هو ۽ آهي يا ٿي سگهي ٿو؟

انهن سمورن سوالن تي سطحي جذباتيت ۽ عقيدت جي روش کان پاسيرو ٿي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي ضرورت آهي. سياست ۾ ڪوبه اڳواڻ ۽ ڪابه پارٽي مقدس ڳئون ناهي. عوام جو مفاد ڪنهن تقليد، سياسي عقيدي پرستيءَ ۽ شخصيت پرستيءَ ۾ نه پر حقيقتن کي گهرائيءَ سان سمجهڻ ۽ انهن کي بدلائڻ ۾ آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو ٻيو دؤر جنهن جو به سنجيدگيءَ، گهرائيءَ ۽ تنقيدي نظر سان جائزو وٺڻ ضروري آهي، اهو دؤر آهي جڏهن محترمه بينظير ڀٽو 1986ع ۾ ملڪ واپس اچي پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ جون واڳون سنڀاليون. 1986ع ۾ بينظير ڀٽو جڏهن ملڪ واپس آئي ۽ هن لاهور ۾ اچي پنهنجا قدم رکيا هئا ته هڪ اندازي موجب ڏهه لکن کان به وڌيڪ ماڻهن جي هڪ پُرجوش سمنڊ سندس استقبال ڪيو. جي عوام جي ان اٿاهه وابستگيءَ جو سنجيدگيءَ ۽ گهرائيءَ سان جائزو ورتو وڃي ها ته دراصل اها هڪ لحاظ کان بينظير ڀٽو لاءِ خوشيءَ ۽ فخر جي ڳالهه به هئي پر حقيقت ۾ هن کي اهو به سمجهڻ کپندو هو ته عوام جي اها محبت ۽ موٽ مٿس تاريخ جو ڪيڏو نه ڳرو بار وجهي رهي آهي. هڪڙي ڳالهه سمجهڻ گهرجي ته عوام جي موٽ ۽ محبت وقتي طرح ماڻهوءَ کي خوش به ڪندي آهي، ان کي اتساهه به بخشيندي، ماڻهوءَ جي مورال کي مٿي به کڻندي آهي پر حقيقت ۾ اهو هڪ وڏو بار به هوندي آهي. اها محبت عوام جي هڪڙي اخلاقي امانت به هوندي

آهي، اها بظاهر غير مشروط نظر ايندي آهي پر حقيقت ۾ اها عوام جي گڏيل مفادن، سندن تحت الشعور ۾ پيل آدرشن، سندن اڻ اظهاريل خواهشن، سندن تشنہ حسرتن ۽ اُميدن سان مشروط هوندي آهي. ان ڪري اهو هڪ غلط، سطحي، هوائي ۽ گمراهہ ڪندڙ مفروضو آهي تہ عوام جي محبت غير مشروط ٿيندي آهي. عوام جي محبت ويساهہ، اُميد ۽ سندن گڏيل مفادن جي حوالي سان نتيجن جي توقع جي بنياد تي هوندي آهي. 1986ع ۾ بينظير ڀٽو کي عوام طرفان مليل بي پناهہ محبت بہ اهڙي محبت هئي، جنهن جي سببن ۽ محرڪن جي روح تائين هوءَ نہ پهچي سگهي. 1986ع کان 2006ع تائين جي سندس ويهن سالن جي سياسي سفر جو بنيادي ۽ وڏي ۾ وڏو الميو اهو ئي آهي. باقي سموريون ڳالهيون ان جا منطقي نتيجا آهن.

اچو تہ بينظير ڀٽو صاحبہ جي انهن ويهن سالن جي سياسي سفر ۽ ان دوران سندس پارٽيءَ جي سياسي ڪردار جو سنجيدگيءَ سان ۽ ٺوس حقيقتن ۽ دليلن جي بنياد تي هڪ جائزو وٺون.

(1) 1986ع ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ واپس آئي تہ اهو هڪ خاص حالتون رکندڙ دؤر هو. عوام 9 سال مسلسل ضياءَ جي آمريت کي ڀوڳيو هو ۽ ان خلاف هر سطح تي هر قسم جي مزاحمت ڪئي هئي. 1983ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ تہ عوام جي هڪ تاريخي جدوجهد ۽ مزاحمت هئي. عوام ان اُميد ۽ انتظار ۾ هو تہ آمريت جي ڪاري رات کُٽندي تہ جمهوريت جو نئون سج سندن لاءِ خوشحاليءَ، آزاديءَ ۽ سرهائيءَ جا نوان سنيها کڻي ايندو. سياسي پارٽيون عوام جي اهڙين اميدن تي پورو لهڻ ۽ پنهنجو سياسي فرض نڀائڻ لاءِ سياسي، معاشي ۽ سماجي پاليسيون ٺاهينديون آهن ۽ جن پارٽين جي سگهہ حڪومت ٺاهڻ جي هوندي آهي، اُهي تہ پنهنجون متبادل سفارتي ۽ پرڏيهي پاليسيون بہ ٺاهينديون آهن. پ پ پ وٽ بدليل ۽ بدلجندڙ حالتن جي نسبت سان ڪي بہ واضح ۽ ٺوس پاليسيون نہ هيون ۽ نہ وري ڪي اُصول طئي ڪيل هئا تہ اها ڪهڙن اُصولن تحت حڪومت ٺاهيندي يا ان ۾ شامل ٿيندي ۽ ڪهڙن شرطن تحت ڪڏهن بہ حڪومت نہ وٺندي يا ان جو حصو نہ بڻجندي؟ پارٽيءَ وٽ رڳو نعرا هئا، ليڊرشپ جو سحر هو پر ان وٽ ڪي بہ ٺوس، گهربل ۽ وقت سان ٺهڪندڙ پاليسيون نہ هيون. پارٽيءَ وٽ ڪوبہ واضح پروگرام نہ هو تہ ان وٽ جمهوريت جو تصور ڇا آهي؟ اها ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪندي يا نہ؟ اها ڪهڙو آئيني انتظام ڪندي تہ جيئن بار بار جنرل ملڪ جي سياسي نظام تي راتاها نہ هڻن؟ اها ملڪ ۾ وسيلن ۽ آمدنيءَ جي ورهاست ڪيئن ڪندي؟ ان وٽ اين ايف سي ايوارڊ جو ماڊل ۽ خاڪو ڇا هوندو؟ اها بين الصوبائي تڪرار نبيرڻ لاءِ ڪهڙيون تدبيرون اختيار ڪندي؟ اها ملڪ ۾ پاڻيءَ جو تڪرار

ڪيئن نبيرينديءَ ان جو وڏن ڏيمن ۽ ان مان نڪرندڙ واهن بابت ڪهڙو ۽ ڇا موقف هوندو؟ ان جي پرڏيهي پاليسي ڇا هوندي؟ ڇا اها سامراج پرست ۽ عوام دشمن پرڏيهي پاليسي جاري رکندي يا ڪو متبادل رستو اختيار ڪندي؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ سوال پيپلز پارٽيءَ کان ضياءَ جي دؤر کان پوءِ ٺوس پاليسين جا متقاضي هئا پر ان جي پيٽ ۾ پارٽيءَ وٽ ڪا هڪ به پاليسي واضح نہ هئي. ٻئي طرف 1986ع جي ايم آر ڊيءَ جي تحريڪ کانپوءِ ان پاران وفاق بابت هڪ ڍانچي ۽ خاڪي تي اتفاق ڪيو ويو هو جنهن تي پ پ پ پڻ صحيحون ڪيون هيون. جيتوڻيڪ اهو خاڪو بہ ڪو گهرجن پٽاندر نہ هو پر تڏهن بہ ان ۾ اهو مڃيو ويو هو تہ ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪئي ويندي ۽ مرڪز وٽ رڳو چار کاتا باقي رهندا, پر پيپلز پارٽيءَ اقتدار ۾ اچڻ کان پوءِ ان جو ڪوبہ احترام نہ ڪيو ۽ ان معاهدي جي حيثيت بہ پ پ پ لاءِ اهڙي ئي وڃي بچي جهڙي آمرن لاءِ آئين جي هوندي آهي.

(2) 1988ع ۾ جنرل ضياءُ الحق جهاز جي ”حادثي“ ۾ فوت ٿي ويو ۽ ايئن 16 نومبر 1988ع تي ملڪ جي اندر قومي اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. اِهي چونڊون ملڪ جي تڏهوڪي صدر غلام اسحاق خان جي انتظام هيٺ ٿيون ۽ 2 ڊسمبر 1988ع تي محترمہ بينظير ڀٽو وزيراعظم طور قسم کنيو. هاڻي اها ڳالهہ ڪوبہ راز نہ رهي آهي تہ پ پ پ کي اهو اقتدار اسٽيبلشمينٽ جي شرطن تي ۽ محدود اختيارن تحت ڇڙ تہ مقاطعي تي ڏنو ويو هو. اها ڳالهہ هاڻي بينظير ڀٽو صاحبہ پاڻ بہ بار بار ورجائي چڪي آهي. سمجهڻ وارن تڏهن ئي سمجهي ورتو هو تہ اسٽيبلشمينٽ اقتدار پ پ پ کي منتقل ڪرڻ جو نالي ماتر ڊرامو ڪيو آهي. گهڻن دورانديش ماڻهن جو تڏهن بہ اهو خيال هو تہ اهڙو نالي ماتر اقتدار وٺڻ بينظير ڀٽو ۽ سندس پارٽيءَ جي سنگين اسٽريٽجڪ غلطي ۽ بلنڊر هو. ڇاڪاڻ تہ ماڻهن ۽ خاص طور سنڌ جي عوام آمريت سان وڏو ۽ طويل جدوجهد ذريعي ٽڪر کاڌو هو. ان لاءِ ٻچا ٻار قربان ڪيا هئا ۽ ٻيون هر طرح جون بي مثال قربانيون ڏنيون هيون. 1983ع ۽ 1986ع جون تحريڪون ان جا وڏا مثال هئا. ڇا عوام جي ايڏي طويل جدوجهد کانپوءِ اسٽيبلشمينٽ سان ڳجهو ناهہ ڪري, سندن ٽرمس تي نالي ماتر اقتدار جي ڪرسي حاصل ڪرڻ عوام جي بي لوث جدوجهد سان سياسي غداري نہ هئي؟ ڪهڙو آسمان ڪري ها, جيڪڏهن اهو جڏو يا هٿ پير ٻڌل اقتدار وٺڻ کان انڪار ڪيو وڃي ها؟ ڇاڪاڻ تہ اها رڳو اقتدار وٺندڙن جي ئي نہ پر بنيادي طور عوام جي جدوجهد ۽ قربانين جي وڏي توهين هئي. برما جهڙي پسمانده ملڪ ۾ آنگ سانگ سُوچي بہ تہ آهي, جنهن هميشہ ساموانگ فوجي جنتا سان ڪنهن بہ ڪمپروما ئيز کي هميشہ ٺُڏي ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي ملڪ جي عوام جي ويساهہ جي

علامت بڻيل آهي. ظاهر آهي تہ اقتدار جي منتقليءَ جي ان ناٽڪ مان عوام کي ورڻو ڪجھ بہ نہ هو ۽ نيٺ غلام اسحاق خان ڇھہ آگسٽ 1990ع تي آئين جي آرٽيڪل (2) 58 تحت اسيمبليون ٽوڙي پ پ پ جي نالي ماتر حڪومت کي برطرف ڪري ڇڏيو.

سوال آهي تہ جيڪڏهن 1988ع ۾ اسٽيبلشمينٽ سان ڪمپرومائيز نہ ڪيو وڃي ها ۽ عوام جي سگھہ ۽ جدوجهد تي ويساهہ رکي حقيقي جمهوريت جي بحاليءَ تائين اقتدار جي منتقليءَ جي ناٽڪ کي رد ڪيو وڃي ها تہ اسٽيبلشمينٽ جي اخلاقي ۽ سياسي سگھہ جي صورتحال ڇا رهي ها؟ ڇا پوءِ هو رات وچ ۾ اسيمبلين کي ايئن برطرف ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهن ها؟ سيني کي خبر هئي تہ اسٽيبلشمينٽ ضياءَ جي ڊگهي يارنهن سالن جي دؤر سبب اندروني طور سخت بحران جو شڪار هئي. ان ڪري اها گھڻو وقت عملي طور اقتدار تي قابض رهڻ کي Manage نہ ڪري سگھي ها پر جيستائين وچينءَ تي روزو پچڻ وارن جو ڏڪار نہ آهي تيستائين اسٽيبلشمينٽ کي بہ ڪو خطرو محسوس نہ ٿو ٿئي.

(3) حقيقت ۾ 1986ع ۾ بينظير ڀٽو صاحبہ جي واپس ورڻ کان پوءِ پ پ پ هر طرح سان اسٽيبلشمينٽ کي اهي سياسي Gestures ڏئي چڪي هئي تہ اها ساڻن حتمي مزاحمت ۽ سياسي ويڙهہ بدران ڪمپرومائيز ذريعي اقتدار وٺڻ چاهي ٿي. ان ڪري اسٽيبلشمينٽ بہ ان کي ڪو خاص وزن نہ ٿي ڏنو جو کين معلوم هو تہ هيءَ محدود ۽ نالي ماتر اقتدار جي ”پگھار“ تي ”نوڪري“ ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهن. دراصل اِها ئي اُها فيصلائتي اسٽريٽجڪ پوائنٽ هئي, جتي هڪ طرف عوام ڪانئس مايوس ٿيڻ شروع ٿيو تہ ٻئي طرف اسٽيبلشمينٽ بہ سندن ”وزن“ پرکي ورتو هو. اها پ پ پ جي اها ساڳي اڳوڻي روايت ۽ روش هئي تہ بظاهر عوام کي طاقت جو سرچشمو چئبو پر دل ۾ سمجهبو تہ اها مڙئي ڳالهہ آهي, اصل طاقت جو سرچشمو اسٽيبلشمينٽ آهي. شهيد ڀُٽي بہ ان ۾ مار کاڌي. ڇا هن جهڙي مدبر اڳواڻ اها سادي ڳالهہ نہ ٿي سمجهي تہ هو جنهن ملڪ جي بنياد تي عالمي سياست ۾ وڏي راند کيڏي رهيو آهي ۽ عالمي سياسي طاقت جي توازن کي تبديل ڪرڻ جو سوچي رهيو آهي, ان جون واڳون عملي طور ان اسٽيبلشمينٽ وٽ آهن جيڪا وِڪاڻل آهي ۽ جيڪا ڪنهن وقت بہ سندس پيرن هيٺان زمين ڪڍي سگھي ٿي؟ نيٺ ٿيو بہ ايئن, هڪ دفعو وري ساڳي تاريخي غلطي ورجائي پئي وئي. پ پ پ جي زوال جي ڪهاڻي ان موڙ کان شروع ٿئي ٿي, جڏهن ان دل ۾ عوام جي سگھہ جو احترام ڪرڻ ڇڏي ڏنو. ان کي محض ٺلهو نعرو سمجهي اصل ۾ سڄو ڌيان اسٽيبلشمينٽ سان هڪڙي لاءِ ڪنهن قبوليت جوڳي ”حل“ ڪڍڻ تي رکيو.

دراصل جڏهن سياست ۾ ماڻهو عوام جي سگهه کان واقعي ويساهه کڻي وڃي ته پوءِ ان وٽ مصلحتن ۽ ڪمپرومائيز کان سواءِ ٻي ڪا واهه به نه ٿي بچي. پ پ پ سان به ايئن ئي ٿيو.

ڇا محترمه بينظير ڀٽو جهڙي ذهين اڳواڻ اهو نه ٿي سمجهيو ۽ ڄاتو ته پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ عوام ۽ اسٽيبلشمينٽ جي فيصلائتي سياسي ويڙهه کانسواءِ اقتدار حقيقي معنيٰ ۾ سياسي عمل ذريعي عوام کي منتقل ٿي سگهي ٿي نه ٿو؟ جي هن اها سادي ۽ ڇِٽي حقيقت نه پئي سمجهي ته ان کي ڇا چئجي؟ سندس ناسمجهي يا ڏٺي وائٺي ڪمپرومائيز؟ ۽ جي هن اهو سمجهيو ٿي ته پوءِ هن اهو 1988ع وارو محدود ۽ مقاطعي تي ڏنل ناٽڪي اقتدار ڇو ۽ ڪيئن وٺڻ گوارا ڪيو؟ منهنجي خيال ۾ اهو سمجهڻ ڪا به عربي فارسي نه آهي.

(4) 1986ع کان پوءِ بينظير ڀٽو صاحبه به عوام جي ٿلهي ڳالهه ڪئي ۽ حقيقت ۾ جنهن کي سياسي طور اکين تي رکيو ۽ ڪيس مضبوط ڪيو اهو ساڳيو ئي ابن الوقت، عوام دشمن، ڦرٽو گهرٽو ۽ وڪائو وڏيرڪو طبقو هو. 1988ع جي چونڊن ۾ عوام ۽ تاريخ ڪيس ۽ سندس پارٽيءَ کي اهو تاريخي موقعو فراهم ڪيو، جنهن ۾ هوءَ ان طبقي کي سياسي طور دفن ڪري پئي سگهي. 1988ع جون چونڊون هڪ خاموش انقلاب هو. ڪنهن ٿي ڄاتو ته پير پاڳارو پرويز علي شاهه کان هارائيندو، نواب سلطان احمد چانڊيو هڪ عورت ڊاڪٽر اشرف عباسيءَ کان شڪست کائيندو؟ غلام مصطفيٰ جتوئي رحمت الله ٻهڻ کان هارائي ويندو؟ 1988ع جي چونڊن ۾ عوام وڏيرڪي طبقي کي سياسي موت ڏئي تاريخ جي ڊسٽ بن ۾ ڦٽي ڪري ڇڏيو هو پر پوءِ سنڌ جي مرندڙ وڏيرڪن گهراڻن کي ڳولي ڳولي، سندن سياسي لاش وقت جي قبرن مان ڪڍي، منجهن اقتدار ۽ سياسي مراعتن جو رت وجهي، ڪين وري سياسي ميدان تي لاٿو ويو ۽ ان ۾ پ پ پ وسان نه گهٽايو. ڇا اهو تاريخي موقعو نه هو. جنهن ۾ اڳتي هلي باڪردار ۽ باشعور ڪارڪنن ۽ مڊل ڪلاس کي اڳتي اچڻ جو موقعو ڏنو وڃي ها؟ 1988ع کان پوءِ پ پ پ ۾ هڪ ڪلچر پيدا ڪيو ويو. پارٽيءَ لاءِ معتبر اهو ليکبو هو جنهن وٽ پئسا گهڻا هجن ۽ هو پارٽيءَ کي وڏيڪ وسيلا فراهم ڪري سگهي. ظاهر آهي ته ڪهڙو مڊل ڪلاس جو مخلص ۽ ڪارڪن ماڻهو ان معيار تي پورو لهي سگهي ها؟ نتيجي ۾ هڪ طرف هڪ Neo-Feudal طبقو پيدا ٿيو. جيڪو روايتي طرح سماجي حوالي سان وڏيرو نه هو پر هن ڪرپشن ذريعي وسيلا هٿ ڪري ان معيار تي پورو لهڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي.

سنڌ ۾ ڪيترن ئي خاندانن کي مثال طور پيش ڪري سگهجي ٿو. چونڊن ۾ بيهڻ لاءِ پارٽي ٽڪيٽ جو معيار ڪارڪنن جي قرباني، سچائي، ڪردار، قابليت ۽ ڪمٽمينٽ نه هئي پر فقط ۽ فقط پئسو هو. ان روش سان پ پ هٿ وٺي پنهنجي مضبوط ڪارڪنن جي پوري Institution کي عملي طور ختم ڪري ڇڏيو. اڄ هيٺين سطح تي پارٽيءَ سان وابسته غريب ماڻهو باڪردار ڪارڪن بڻجڻ بجاءِ ”ڪنهن نه ڪنهن جو ماڻهو“ ٿيڻ کي ترجيح ڏين ٿا. جو ڪين سياسي سلامتيءَ جو اهو واحد وسيلو نظر اچي ٿو. يعني هڪ طرف پارٽيءَ توڙي سياسي عمل ۾ وڏيرڪي طبقي کي واڪ اوور ڏنو ويو ته ٻئي طرف مڊل ڪلاس کي ڪرپٽ ڪري کين عملي طرح Neo-Feudal بڻايو ويو. گذريل ويهن سالن ۾ اُسريل ان سياسي رويي ۽ ڪلچر اسان جي سياسي ماحول کي سخت خراب ڪيو آهي.

(5) اها ڳالهه هاڻي سياسي سمجهه رکندڙ ٽين دنيا جو ٻار ٻه ڄاڻي ٿو ته سندن حڪمران طبقا پنهنجن ملڪن ۽ عوام جا نمائندا نه پر سامراج جا ويهاريل ۽ سندن مفادن لاءِ ڪم ڪندڙ گماشتا آهن. عالمي سامراج ٽين دنيا جي جمهوري تحريڪن کي اُسرڻ ئي نه ٿو ڏئي ۽ هو پنهنجي ديسي دلالن معرفت رياستن کي ڪڏهن ظاهري ته ڪڏهن ڳُجهي نموني ڪنٽرول ٻه ڪري ٿو ته وري جمهوري تحريڪن کي يا ته ڪُچلرائي ٿو يا ڪرپٽ ڪرائي ٿو. ان ڪري ٽين دنيا جي ڪابه حقيقي عوامي جمهوري حڪومت پنهنجي سرشت ۾ سامراج دوست ٿي سگهي ئي نه ٿي. بلڪ اصل ۾ ان کي پرکڻ جو معيار ۽ پيمانو ئي اهو آهي. جيتوڻيڪ شهيد ڀٽو هڪ حد تائين سامراج دشمن هو پر 1986ع کان پوءِ بينظير ڀٽو صاحبه نه رڳو شعوري طرح سامراج دشمنيءَ جي روش کي پارٽيءَ ۾ سختيءَ سان ختم ڪرايو پر ان ڪوشش ڪري آمريڪا کي اهو تاثر ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ته اها پاڪستان ۾ سندن ”مفادن“ جو بهتر تحفظ ڪري سگهي ٿي. مون کي ياد آهي ته 1986ع کان پوءِ بينظير ڀٽو جلسن ۽ جلوسن ۾ آمريڪا خلاف لڳندڙ نعرن تي سخت چڙي پوندي هئي. هاڻي پيپلز پارٽيءَ جي جلسن، جلوسن ۽ پروگرامن ۾ آمريڪا خلاف نعرا ماڻهن کي ٻُڌڻ ۾ ڪڏهن ٻه نه ايندا. ان جي شاهدي خود پارٽيءَ جا پراڻا ڪارڪن ڏئي سگهن ٿا. ٻيو ته ٺهيو پر اڄ جڏهن سمورو عوام ۽ سڄي دنيا آمريڪا خلاف ٿيو بيٺي آهي، مجال آهي جو پ پ جي قيادت هڪ لفظ ٻه آمريڪا جي شان ۾ گستاخي ڪرڻ لاءِ ڳالهائي! سبب وري ٻه ساڳيو آهي. جڏهن دل ۾ اهو سمجهبو ته عوام جي طاقت عملي طور ڪجهه ٻه نه آهي ۽ اقتدار دراصل آمريڪا ۽ اسٽيبلشمينٽ سان ناهه کان پوءِ ملندو ته پوءِ اهڙا مفاد ڪٽي ٿا اجازت ڏين ته ماڻهو اُگهاڙو سچ ڳالهائي؟ ٽين دنيا جي ڪنهن ٻه

جمهوري تحريڪ لاءِ سامراج دوستي سياسي طور ڪنهن آپگهات کان گهٽ نہ آهي ۽ پ پ پ جي پرڏيهي ۽ سفارتي پاليسيءَ کي ان حوالي سان ڏسي، پروڙي ۽ ان مان گهربل نتيجا آسانيءَ سان ڪڍي سگهجن ٿا.

(4) 1986ع کان وٺي پ پ پ جيئن اتحادن جي گڏيل فيصلن ۽ اُصولن کي Violate ڪيو آهي، ان جو نتيجو هيءُ آهي تہ اتحادن ۾ پارٽيون ساڻن گڏ تہ ضرور هلن ٿيون پر ڪوبہ دل ۾ مٿن اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. ايم آر ڊيءَ جي چارٽر سان جيڪو حشر ڪيو ويو اهو تہ هاڻي ماضيءَ جي ڳالھ آهي پر هي تازو جيڪو "ميثاقِ جمهوريت" جو معاهدو ٿيو ان ۾ مسلم ليگ (ن) هاڻي تہ پ پ پ مٿان پنهنجي عدم اعتماد جو اظهار عوامي سطح تي بہ ڪرڻ شروع ڪيو آهي. روز اخبارن ۾ ساڻن استيبلشمينٽ جي ڳُجهي ڊيل جون خبرون اچن ٿيون ۽ سندن سياسي رويا بہ ان جي چڻ تہ تائيد ڪن ٿا. اڪبر بگٽيءَ جي قتل کانپوءِ جڏهن پارليامينٽ مان استعيفائن جي ڳالھ اُٿي تہ ايم ايم اي کي جي يو آءِ ۽ اي آر ڊيءَ کي پ پ پ معرفت مينيج ڪيو ويو. نہ تہ جي سچ پچ بہ سموري مخالف ڌر استعيفائون ڏئي ها تہ مشرف جي پيرن هيٺان زمين نڪري وڃي ها. پر ائين نہ ٿيو! ذميوار ڪير آهي؟

سوال اهو آهي تہ ڇا پ پ پ ۽ سندس اڳواڻ ماضيءَ جي انهن سنگين غلطين مان ڪجھ سکيو آهي يا هيءُ سلسلو اڃا وڌيڪ وڏي ڏيڍ ڏانهن وڃي رهيو آهي؟ هينئر جڏهن صاف پيو ڏسجي تہ استيبلشمينٽ مڪمل طور ۽ هر طرف کان ڦاسي چڪي آهي ۽ رياست جو هيءُ بحران وري ڪنهن نئين ناٽڪ سان وڌيڪ پيچيده تہ ٿيندو پر حل نہ ٿيندو، تڏهن ڇا هڪ دفعو وري استيبلشمينٽ سان ڳُجھ ڳوھ ۾ ڪو ٺاھ ڪري نالي ماتر اقتدار وٺڻ ۽ ڪنهن بنيادي تبديليءَ جي محرڪن کي ائين پُٺي ڏيڻ هڪ دفعو وري عوام سان سنگين مذاق نہ ٿيندو؟ هڪ تہ ڏني وائٺي ڊيل ۽ ڪمپرومائيز ڪئي پئي وڃي ۽ ٻيو وري وڏي رعب تاب سان اکيون پيون ڏيکاريون وڃن تہ ڪو مٿن اهڙي ڪردار سبب آڱر بہ نہ کڻي. جنهن دؤر ۾ استيبلشمينٽ سان فيصلائتي سياسي ويڙھ جي ضرورت آهي، اتي عوام جي مرضيءَ ۽ تبديلين جي محرڪن کي ائين پُٺي ڏيڻ کي ڇا عوام ائين معاف ڪري ڇڏيندو؟ هن دفعي استيبلشمينٽ کي هن باھ مان نڪرڻ لاءِ رستو ڏيڻ ملڪي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سياسي ڏوھ هوندو.

عوام جي ذهنن ۾ اڄ بہ سوال آهن تہ:

- چا اقتدار عوام جي سگھ ۽ فيصلي جي بنياد تي ورتو ويندو يا اڳوڻن دؤرن جيان استيبلشمينٽ جي ترمس ۽ شرطن تي؟

- ڇا ساڳئي سرشتي ۾ ناٽڪي سياسي حڪومت ۽ جمهوريت جو ڊرامو ورجايو ويندو يا اقتدار حقيقي معنيٰ ۾ عوام ۽ سياسي قوتن کي منتقل ٿيڻ تائين ڪمپرومائيز نہ ڪيو ويندو؟
- اقتدار وري آمريڪا جي آشيرواد سان ورتو ويندو ۽ سندن مفادن جي تحفظ جون پاليسيون اختيار ڪيون وينديون يا حقيقي عوام دوست ڪردار ادا ڪيو ويندو؟
- ڇا پارٽيءَ ۾ چونڊن ۾ ساڳين آزمايل موقعي پرست طبقي جي وڏيرن کي اڳتي آندو ويندو يا ان ۾ مڊل ڪلاس ۽ عوام منجهان باڪردار ماڻهن کي Space ڏنو ويندو؟
- ملڪ جنهن بدترين بحران ۽ تضادن جو شڪار آهي، ان جو حل هڪ حقيقي ۽ قومن جي برابريءَ واري وفاق تحت ڪيو ويندو يا هن ڌپ ڪري ويل وفاق جي بدبودار لاش کي اڃا بہ گهليو ويندو؟
- پاڻيءَ جي تاريخي تڪرار کي انصاف جي تقاضائن موجب حل ڪيو ويندو يا ان جو اسٽيٽسڪو برقرا رکيو ويندو؟
- چشمہ جهلم ۽ ٿل ڪئنال جا غير قانوني ۽ ڏاڍيل واهہ بند ڪيا ويندا يا نہ؟
- سنڌو درياهہ تي ناجائز وڏن ڊيمن جون سموريون رٿائون قانوني طور ختم ڪيون وينديون يا نہ؟
- ناڻي ۽ وسيلن جي ورڇ انصاف جي بنياد تي ڪئي ويندي يا ماضيءَ وارا اين ايف سي ايوارڊ جيئن جو تيئن برقرار رکيا ويندا؟
- ڪنڪرنٽ لسٽ ختم ڪري وفاق کي ٽن ڪاتن تائين محدود ڪيو ويندو يا صورتحال جيئن جو تيئن برقرار رهندي؟
- صوبن کي پنهنجن قدرتي وسيلن ۽ زمين تي مالڪيءَ جا حق ڏنا ويندا يا نہ؟
- ماضيءَ جيان سنڌ ۾ دهشتگردن سان حڪومتون ناهڻ لاءِ ناجائز مطالبن جي بنياد تي ناهہ ڪيا ويندا يا اها روايت تبديل ڪئي ويندي؟
- سنڌ جون جيڪي زمينون دهشتگردن ناجائز طور الاٽ ڪرايون آهن، اهي منسوخ ڪري واپس ورتيون وينديون يا ماضيءَ جيان ڪين سڀ آسانيءَ سان هضم ٿي ويندو؟

حقيقت ۾ ضرورت آهي تہ پ پ جا ٻئي ۽ ٽئين درجي جا اڳواڻ مٿن تنقيد ٿيڻ ۽ آگريون کڄڻ تي ارها ٿيڻ ۽ آپي مان نڪرڻ بجاءِ سنجيدگيءَ سان مٿين لفظن ۽ سوالن تي غور ڪن. ڪابہ پارٽي مقدس ۽ آسماني صحيفو ناهي هوندي. جي اها وقت ۽ حالتن آهر پاڻ کي تبديل ڪندي، ماضيءَ مان سکندي ۽ پنهنجي

دؤر جي محرڪن ڪي صحيح معنيٰ ۾ عوام جي باشعور سگهه ۾ بدليءَ سان ايڊريس ڪندي تہ اها اڳتي ويندي، نہ تہ جهڙا افعال ڏسجن پيا، ان مان اهو نتيجو ڪڍڻ ڪنهن ريت بہ ڏکيو نہ آهي تہ هيءُ قصو بہ نہ هليو! سياست جو بنياد رڳو موقعي پرستي ۽ موقعي پرست قوتن تي نہ هوندو آهي. ان جو مدار محرڪن تي هوندو آهي. اهو ئي تاريخ ۽ سياست جي علم جو سبق آهي. هن دفعي رياست ۽ عوام جو تضاد ايترو اڳتي وڌي ويو آهي جو هاڻي عوام سان وڌيڪ مذاق ڪندڙ پاڻ تاريخ جو ڀوڳ بڻجي ويندا. اڇو تہ انهن سوالن تي ايمانداريءَ ۽ سنجيدگيءَ سان غور ڪريون!

روزاني "عبرت" حيدرآباد، 9، 10 ۽ 11 آڪٽوبر 2006ع

# III

# عالمي تبديلين جو منظرنامو

# روس ۾ سوشلزم جو زوال:
# ڪجھ سبب ۽ نتيجا!!

**سينٽرل جيل لاڙڪاڻي ۾ قيد اسان جو سڄاڻ دوست ڊاڪٽر علي احمد رند ڪاٽ ۾ هوندي بہ مايوسيءَ بدران علم، سمجهہ ۽ شعور جون ڏياٽيون ٻاريندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ هن سان انيڪ موقعن تي بنيادي اختلافن جي تمام گهڻي گنجائش هوندي آهي پر ان ڪان بہ وڌيڪ اهم ڳالهہ اها آهي جو اڄوڪي فراريت ۽ اويساهيءَ جي دؤر ۾ اسان جو هيءُ دوست اميد، شعور ۽ جدوجهد جون ڳالهيون ڪندو رهي ٿو. جيتوڻيڪ هو نظرياتي حوالي سان بنيادي طورقومپرست آهي، پر تازو هن عالمي ڪميونسٽ تحريڪ ۽ مارڪسي فڪر جي حوالي سان هڪ بحث ڇيڙيو آهي. هن جي جواب ۾ اعجاز منگي بہ ان موضوع تي قلم کنيو آهي. سنڌ ۾ ڪجهہ عرصو اڳ هڪ دؤر هو جڏهن هر سطح تي نظرياتي ۽ علمي بحث ٿيندا هئا، پر هاڻي جڻ تہ اها روايت ناپيد ٿيندي پئي وڃي. منهنجي خيال ۾ اهو سلسلو جاري رهڻ گهرجي. علم ۽ فڪر جي دنيا ۾ اختلافن جو هجڻ ڪا معيوب نہ پر سُٺي ڳالهہ آهي. خيالن ۽ تصورن جي ٽڪراءُ جي نتيجي ۾ ئي ڏاهپ اُسرندي ۽ ارتقا پذير ٿيندي آهي. هيءُ موضوع اسان لاءِ ان ڪري بہ وڌيڪ اهم آهي جو سنڌ ۾ ان حوالي سان ڪافي فڪري مونجهہ، مايوسي ۽ فراريت جي ماحول جنم ورتو آهي. مان ان ڏس ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪري رهيو آهيان. بهتر ٿيندو جي ٻيا سڄاڻ دوست بہ اڳتي اچن ۽ ان بحث کي اڳتي وڌائن تہ جيئن اسان جو نسل مايوسيءَ ۽ انارڪيت جي هن ڏيڻ مان نڪري سگهي.**

## نظامن جي ويڙهہ صدين تائين هلي ٿي!

تاريخ ڏاڍي ڏنگي آهي، ان جي ارڏائيءَ آڏو ڪنهن کي بہ سينو ساهڻ جي سگهہ ناهي. اها ڪا رڳو ٺلهي ڳالهہ ناهي پر اتهاس جي هزارين ۽ لکين سالن جي

لاهن چاڙهين، اُٿلن پٿلن، ترقين ۽ تباهين جي ڪُک مان جنم وٺندڙ اهڙي چٽي ۽ اٽل حقيقت آهي، جنهن کان جيڪڏهن منهن موڙڻ چاهجي ته به نٿو موڙي سگهجي.

تاريخ جي اوُسر جي پنهنجي جدليات آهي، جنهن جو وڏي ۾ وڏو جوهر تبديلي آهي ۽ ڪائنات ۾ بقا به فقط تبديليءَ کي ئي آهي. مان سمجهان ٿو ته جي سماج ۾ ايندڙ تبديلين کي ان اُصول تي پرکجي ته ڪابه ڳالهه، لقاءُ، عمل يا تبديلي ڳجهارت نٿي رهي.

20هين صديءَ جي هن آخري ڏهاڪي ۾ سوويت يونين جي ٽُٽڻ ۽ اتي سوشلزم جي زوال سڄيءَ دنيا کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي. خاص طور تي سڄيءَ دنيا اندر اهي سڀ ماڻهو جيڪي خارجي حالتن ۽ طاقتن جي بنياد تي پنهنجي ترقيءَ جا خواب ڏسندا آهن ۽ درحقيقت ترقيءَ جي جدليات جو شعور نه رکندا آهن، انهن جي اُميدن ۽ آسن جا ڪاڪ محل ڊهي پيا آهن ۽ وقتي طرح عالمي سطح تي سياسي ۽ فڪري مونجهارن جي هڪ اهڙي لهر اُڀري آهي، جنهن خاص طور تي ٽين دنيا ۽ عام طور سڄيءَ دنيا کي ڪنهن نه ڪنهن طرح سخت متاثر ڪيو آهي. حقيقت اها آهي ته هر تبديليءَ جا ضرور ڪي نه ڪي ٺوس مادي بنياد هوندا آهن ۽ اهي ان تبديليءَ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندا آهن. فرق رڳو هيءُ آهي جو يا ته اسان کي انهن جو ادراڪ ناهي هوندو يا اسان جي روش رڳو خيالي ۽ تصوراتي هوندي آهي.

هاڻي ان ڳالهه ۾ ته ڪوبه شڪ ناهي رهيو ته جنهن ملڪ ۾ اڄ کان 79 سال اڳ انساني تاريخ جو سڀ کان انوکو ۽ عظيم انقلاب آيو، اهو ملڪ 19 ۽ 20 آگسٽ 1991ع تي پنهنجو وجود ئي وڃائي ويٺو. اها تبديلي ايڏي وڏي ۽ همه گير هئي جو ان جا غير معمولي اثر لازمي طور عالمي سياست ۽ معيشت تي پيا آهن ۽ پئجي رهيا آهن. ان ڪري ئي سڄيءَ دنيا جا سياسي مدبر ۽ معيشت دان ان تبديليءَ کي پنهنجي پنهنجي مخصوص مفادن ۽ فڪري نظر سان ڏسي ۽ پروڙي رهيا آهن. سوويت يونين ۾ سوشلزم جو زوال ڇو آيو؟ ان جا ڪهڙا معروضي، سياسي، اقتصادي سبب ۽ فڪري محرڪ آهن؟ سوشلزم هڪ جديد ۽ سائنسي نظام هئڻ باوجود تاريخ جي هن ڏاڪي تي سرمائيداريءَ هٿان شڪست ڇو کاڌي ۽ ڇو اهو انسان ذات کي سرمائيداريءَ جو سياسي ۽ اقتصادي متبادل ڏيڻ ۾ ناڪام ويو آهي؟ اهي ۽ اهڙا ٻيا انيڪ سوال اڄ سڄيءَ دنيا ۾ بحث جو موضوع آهن ۽ مختلف فڪري ڌارائن جا دانشور ان جا مختلف نتيجا ڪڍي رهيا آهن. ڪجهن جو خيال آهي ته سوشلزم هڪ اهڙو سياسي ۽ اقتصادي نظام هو جنهن ۾ فطرت

جي بينادي اُصولن جي پڄڪڙي ڪئي وئي هئي، يا ٻين لفظن ۾ اهو غير فطري هو! ان ڪري اهو جٽاءُ نہ ڪري سگهيو. اهو خيال گهڻي ڀاڱي سرمائيدار دنيا ۾ بنياد پرستن جو آهي، جنهن کي اڄڪلهہ سڄيءَ دنيا اندر وڏي واڪي اُڀاريو پيو وڃي ۽ اهو تاثر ڏنو پيو وڃي تہ سوشلزم هڪ خود فريبيءَ وارو خواب هو جيڪو رڳو مني صديءَ ۾ ئي بي معنيٰ ٿي ويو. جيتوڻيڪ اها حقيقت آهي تہ انسان ذات جي سماجي، ثقافتي، سياسي ۽ اقتصادي ترقيءَ جي هاڻوڪي سطح تي سوشلزم بحيثيت هڪ نظام جي سرمائيداريءَ کي شڪست ڏئي نہ سگهيو آهي يا ان کي Overcome نہ ڪري سگهيو آهي. تاريخ جي تناظر ۾ مني صدي ڪو وڏو عرصو بہ ناهي ۽ فقط ان مختصر عرصي ۾ ان حوالي سان ڪوبہ حتمي فيصلو نٿو ڪري سگهجي. سماجي ترقي ۾ اوُسر جو عمل بہ ڏاڍو ڳنڀير، گهڻ طرفو ۽ پيچيده هوندو آهي. هر نظام جڏهن اُسري ٿو تہ اهو پوئين نظام، ان جي قدرن، فڪر ۽ مفادن سان ڇتي ويڙهہ ڪري ٿو ۽ اها ويڙهہ هر سطح تي ۽ هر شڪل ۾ هلندي رهي ٿي. اهو ڇڪتاڻ ۽ ويڙهہ جو عمل تيسين جاري رهي ٿو جيسين پوبون نظام پنهنجن سمورن قدرن ۽ مفادن سميت تاريخ جي ايش تري ۾ بي معنيٰ ٿي ڇٽي نٿو پوي. مثال طور ان ڏس ۾ رڳو جاگيرداري ۽ سرمائيداريءَ جو ئي مثال وٺي سگهجي ٿو. هڪ طرف جاگيرداري نظام جيڪو سرمائيداريءَ جي پيٽ ۾ نهايت ڇڙوڇڙ، غير منظم، غير سائنسي ۽ فرسوده هو. انهن وٽ نہ تہ سياسي ۽ اقتصادي ٽيڪنالاجي هئي ۽ نہ ان جا ڪي مضبوط اقتصادي، سياسي ۽ فڪري بنياد هئا. ٻئي طرف سرمائيداري نظام هو، جيڪو جاگيرداريءَ جي پيٽ ۾ وڏيڪ سڌريل، ترقي پسند، سائنسي، منظم، مربوط ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ سياسي ادارا ۽ اقتصادي ٽيڪنالاجي رکندڙ نظام هو پر انهن ٻنهي نظامن ۾ ڇڪتاڻ لڳ ڀڳ اٺ ڏهہ سئو سال هلي ۽ نيٺ 1789ع ۾ فرانس ۾ ڀهريون ڀيرو جاگيرداري نظام کي سياسي ۽ اقتصادي طرح شڪست ڏئي زبردست ڌڪ رسايو. ان ڇڪتاڻ جو ڇيهہ بہ اتي ئي نہ ٿيو. جاگيرداري وري بہ يورپ اندر خود فرانس ۾ بہ ڪجهہ وقت حاوي رهي ۽ رد انقلاب طور جاگيرداريءَ وري موٽ کاڌي. جيتوڻيڪ سرمائيداري هڪ عالمي نظام طور اڄ دنيا جو واحد سگهارو نظام آهي پر ان هوندي بہ ٽين دنيا جي اڪثر سماجن کي اڃا بہ جاگيرداري سياسي ۽ اقتصادي سرشتي جي عوام دشمن قدرن ۽ مفادن جون ڇوڙون ڇُهتيل آهن. ان ڪري اهو تصور ئي بنيادي طرح غلط آهي تہ سماجي نظامن جي ويڙهہ، شڪست ۽ سوڀ کي قطعي ۽ آخري ڳالهيون آهن. ان ڏس ۾ هڪ ٻي ڳالهہ جو خيال رکڻ بہ نهايت ضروري آهي. نظامن جي پاڻ ۾ ويڙهہ جو بہ

هڪ وڏو ۽ لڳاتار پيچيده عمل آهي، ان کي رسمي طرح ۽ مٿاڇري نموني پرکبو تہ ڳالهہ پوريءَ طرح سمجهي نہ سگهبي.

هر نظام جڏهن پنهنجي طبعي عمر پوري ڪري ٿو تڏهن کو ٻيو نظام سندس جاءِ والارڻ لڳي ٿو ۽ اهو بہ تڏهن جڏهن پويون نظام پنهنجي عالمي حيثيت، ڪارج ۽ تازگي وڃائي ويهي. جاگيرداري نظام جيستائين پنهنجي طبعي عمر پوري نہ ڪئي هئي ۽ اهو هڪ عالمي نظام طور هلڻ لائق نہ رهيو هو. تيستائين سرمائيداري ساڻس وڙهي تہ پئي پر اها کيس ختم نہ ڪري سگهي هئي. ويهين صديءَ ۾ هڪ طرف سوشلسٽ نظام عالمي منظرنامي تي نمودار ٿيو تہ ٻئي طرف سرمائيداري بہ انيڪ تبديلين جي عمل مان گذري چڪي تہ پنهنجيءَ جوانيءَ کي رسي آهي. سرمائيداري نظام اڄ بہ عالمي طور هڪ سگهارو نظام آهي ۽ اهو تبديلين مان گذرڻ سبب جاگيرداريءَ جيان مُدي خارج نہ ٿيو آهي، سرمائيداري بہ پنهنجي روايتي شڪل تبديل ڪري چڪي آهي ۽ اُها گذريل صدين جي ان روايتي سرمائيداريءَ کان قطعي طور مختلف آهي جنهن کي مارڪس پنهنجي "سياسي معاشيات" ۾ بحث هيٺ آندو آهي. ان ڪري اهو تصور تہ ڇاڪاڻ تہ مُني صديءَ جي عرصي ۾ سوشلزم سرمائيداريءَ کي شڪست نہ ڏئي سگهيو آهي ۽ اُبتو ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ ان کان پوئتي رهجي ويو آهي، ان ڪري اهو هميشہ لاءِ ختم ٿي ويو يا سرمائيداريءَ جي اها سوڀ دائمي آهي! هڪ غير سائنسي تجزيو آهي. جي سماجي نظامن جي ويڙهہ ايڏي سولي ۽ سادي هجي ها تہ جيڪر تاريخ جو چرخو ٻيءَ طرح هلي ها. سماجي نظام جو تبديل ٿيڻ معنيٰ ان جي مفادن جو تبديل ٿيڻ، ان جي سياسي، ادارن، بنيادي بيهڪ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڪارج جو تبديل ٿيڻ، پيداوار جي ذريعن ۽ قوتن جو تبديل ٿيڻ، ان معيشت جي بنياد تي هلندڙ سياسي سرشتي جو تبديل ٿيڻ آهي. ان ڪري Social Transformation جو اهو عمل ايترو سولو ۽ سادو ناهي جيترو ان کي پيش ڪيو وڃي ٿو. ان ڪري سوويت يونين جي زوال جي جائز سببن تي بحث ڪرڻ سان گڏ اهو ضرور سمجهڻ گهرجي تہ نظامن جي ويڙهہ صدين تائين هلي ٿي.

سوويت يونين ۾ سوشلزم جو زوال ڇو آيو؟ ان سوال کي چڱيءَ طرح سمجهڻ لاءِ ضروري آهي تہ عالمي تاريخي ۽ سائنسي شعور جي بنياد تي روس ۾ سوشلزم جي تاريخ جو نئين سر ۽ حقيقت پسنديءَ سان جائزو ورتو وڃي. دنيا ۾ هن وقت ٻہ رجحان نمايان آهن. هڪ لاڙو سرمائيدار دنيا جو آهي، جيڪا پنهنجيءَ پر ۾ سوشلزم جي خاتمي ۽ موت جا جشن ملهائي رهي آهي ۽ ٻيو رجحان سڄيءَ دنيا اندر انهن روايتي ۽ جامد ذهن رکندڙ ڪميونسٽن جو آهي، جن جو شعور نين حالتن

۽ ان جي گرپ مان ڦٽي نڪتل حقيقتن کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ان ڪري اچو تہ ان مسئلي جي پيچيدگين کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ لاءِ سوويت يونين جي تاريخ تي هڪ مختصر تنقيدي نظر وجهندا هلون.

هر گهڙي طبقاتي سماج جي گهاٽي ۾ پيڙجندڙ انسان ذات هميشہ ڦرلٽ ۽ ڏاڍ کان پاڪ معاشري جا خواب ۽ آدرش دل ۾ سانڍيندي آئي آهي، پوءِ اهي ڪڏهن سماجي فلسفن جي شڪل ۾ سامهون آيا آهن تہ ڪڏهن شاعري ۽ افسانوي ادب ۾. مارڪس ۽ فريڊرڪ اينجلس تاريخ جا اهي غير معمولي مدبر ۽ فيلسوف هئا جن ان خواب ۽ آدرش کي عملي شڪل ڏئي سماجي، سائنسي ۽ اقتصاديات جي شڪل ۾ سامهون آندو، جنهن جو تت هيءُ هو تہ ڌرتيءَ تي اهڙو سماج بہ تخليق ڪيو وڃي، جتي پورهيو جنس (Commodity) نہ هجي، جتي اوزار ۽ ٽيڪنالاجي ڦرلٽ جا هٿيار نہ هجن ۽ جتي انسان ذات جي گهڻائي مٺ جيترن ڦورن جي ظلم ۽ ڦرلٽ جي تلوار جي ڌار تي رهندي نہ هجي. 14 آڪٽوبر 1917ع تي روس ۾ آيل پورهيت انقلاب ان لحاظ کان دنيا جو پهريون عظيم ترين انقلاب هو جو تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پورهيت فڪر ۽ فلسفي جي بنياد تي، پورهيت پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ دنيا جي پهرين رياست وجود ۾ آئي. جتي سياسي اقتدار ۽ معاشي وسيلا حاڪم طبقن کان ڦري عوام جي گڏيل ملڪيت بنايا ويا ۽ ايئن چئجي تہ انساني تاريخ جي هڪ نئين دؤر جو آغاز ٿيو ۽ تاريخ کي اڳتي وڌڻ جو هڪ نئون گس مليو. جن حالتن ۾ روس ۾ انقلاب آيو انهن ۾ ايئن لڳي رهيو هو تہ روس ۾ اهو انقلاب گهڻو وقت جٽاءُ نہ ڪري سگهندو. اهو ئي انديشو هو جنهن تي لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ وچ ۾ سخت اختلاف پيدا ٿيا هئا. ٽراٽسڪي ان خيال جو هو تہ جيسين يورپ جي ٽن وڏين طاقتن يعني فرانس، برطانيا ۽ جرمنيءَ مان ڪنهن هڪ ملڪ ۾ پورهيت انقلاب نٿو اچي، تيسين روس ۾ ايندڙ ڪوبہ انقلاب جٽاءُ نہ ڪري سگهندو. مارڪس بہ اهو چئي ويو هو تہ انقلاب انهن ٽن ملڪن مان ڪنهن هڪ ۾ پهرين ايندو پر لينن ان خيال جو هو تہ انهن ٽنهي ملڪن ۾ سرمائيداريءَ خلاف پورهيت انقلاب جو ويجهي مستقبل تائين ڪو امڪان نہ هو ان ڪري روس جون حالتون اهڙي ڪنهن امڪان تحت انقلاب کان منهن موڙڻ جون متحمل ٿي نٿيون سگهن. روس ان وقت دنيا جو پنجون ۽ يورپ جو چوٿون ترقي يافتہ ملڪ هو پر اهو پهرين عالمي جنگ جو دؤر هو جنهن اولهہ يورپ ۽ بيءَ دنيا سميت روس کي بہ سياسي ۽ اقتصادي طرح بُريءَ طرح متاثر ڪيو هو. 7 نومبر 1917ع تي زار نڪولس ”ٻئي“ جو تختو اونڌو ڪري ولاديمير ايلچ لينن روس جو اقتدار سنڀاليو ۽ انقلاب کان پوءِ ان جو پهريون وزيراعظم چونڊيو. هن اچڻ شرط هڪ طرف پهرين عالمي جنگ کان

لاتعلقيءَ جو اعلان ڪيو تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ پيداواري ذريعن جي ذاتي ملڪيت ختم ڪري گڏيل ملڪيت جو اقتصادي سرشتو لاڳو ڪيو.

پارٽي ٻن حصن ۾ ورهائجي وئي. بالشويڪ جن جي اڳواڻي لينن ٿي ڪئي ۽ منشويڪ جن جي اڳواڻي ٽراٽسڪي ٿي ڪئي تہ ٻئي طرف ملڪ جي بگڙيل حالتن جي سڌارڻ جي نئين سر رٿابندي ڪئي وئي. لينن ڪانپوءِ 20 جنوري 1930ع تي اسٽالن جي ويجهي ساٿي وي ايم مالتوف کي روس جو وزيراعظم مقرر ڪيو ويو. ڇاڪاڻ تہ ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري جنرل اسٽالن هو. ان ڪري هن ان دؤر ۾ خاص طور تي روس ۽ پارٽيءَ جي اڏاوت پنهنجي مخصوص خيالن جي بنياد تي ڪئي. مارشل اسٽالن تي هڪ وڏو الزام اهو بہ آهي تہ هن اُن دؤر ۾ پنهنجن "توڙي سوشلزم" جي مخالفن کي سختيءَ سان ڪُچليو ۽ پارٽيءَ توڙي ملڪ تي آپيشاهي مڙهي ڇڏي. اسٽالن جي شخصيت ۽ ڪردار جا ڪجهہ پاسا يقينن تنقيد جوڳا آهن پر اسٽالن جي باري ۾ عام طرح جيڪو بازاري لهجي ۾ ڳالهايو ويجي ٿو اهو بہ درست ناهي. اها اسٽالن جي اقتصادي پاليسي هئي، جنهن جي نتيجي ۾ 1930ع کان 1960ع تائين روس صنعتي طور دنيا جو ٻيو ۽ يورپ جو پهريون نمبر ملڪ بڻجي ويو. اها روسي معيشت جي ڪاميابي ۽ اسٽالن جي حڪمت عملي ئي هئي، جو اهو صنعتي ميدان ۾ برطانيا، فرانس ۽ جرمنيءَ جهڙن سرمائيدار ملڪن کان بہ گوءِ کٽي ويو. 7 مئي 1941ع تي اسٽالن پاڻ روس جي اقتدار جون واڳون سنڀاليون ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ روس جي اڳواڻي ڪئي. ٻي مهاڀاري لڙائي هن صديءَ جي سياسي توڙي اقتصادي تاريخ ۾ نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، ۽ ان ڳالهہ کان ڪير بہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ اهو مارشل اسٽالن ئي هو جنهن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ نہ رڳو داخلي طرح روس ۾ انقلاب جو بچاءُ ڪيو پر خارجي طرح بہ فاشزم سان مهاڏو اٽڪائي روس کي سوڀارو ڪيو. مون کي ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ مارشل اسٽالن ۽ مارشل زرڪوف ٻي جنگِ عظيم جا سورما ئي نہ پر فاشزم خلاف ثابت قدم جدوجهد ڪندڙ غير معمولي ڪردار آهن. هو جنگي حڪمت عملين جي دنيا جا وڏا ماهر سمجهيا وڃن ٿا.

5 مارچ 1953ع تي اسٽالن مري ويو ۽ گريگوري مالنڪوف، نڪولائي بلگانن ۽ نڪيتا خروشچيف تي مشتمل هڪ گڏيل قيادت روس جو اقتدار سنڀاليو. ان دوران هڪ دفعو وري روس ۾ سياسي مونجهارا پيدا ٿيا ۽ خاص طور تي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڏڦيڙ پيو. 8 فيبروري 1955ع تي مالنڪوف وزيراعظم جي حيثيت ۾ استعيفا ڏني ۽ ان جي جاءِ تي خروشچيف جي ويجهي دوست نڪولائي بلگانن کي وزيراعظم بڻايو ويو هو پر هو ڪاميابيءَ سان اقتدار نہ هلائي سگهيو ۽ گهربل نتيجا

ٻ نہ ڏئي سگھيو. نتيجي ۾ 27 مارچ 1958ع تي خروشچيف پارٽيءَ جي قيادت سان گڏوگڏ وزيراعظم جون ذميواريون پڻ سنڀاليون. جن تي هن ڇهن سالن تائين ڪم ڪيو. خروشچيف اسٽالن جي سياسي فڪر ۽ اقتصادي پاليسين جو سخت مخالف هو. سندس دؤر ۾ روس ۾ نہ رڳو اندروني طرح پر عالمي سطح تي ڪميونسٽ تحريڪ ۾ زبردست اختلاف پيدا ٿيا. خاص طور چين ۽ روس جا تعلقات خراب ٿيا، ايتري قدر جو چين، روس کي "روسي سوشل سامراج" چوڻ لڳو ۽ نيٺ آڪٽوبر 1954ع ۾ خروشچيف کي اقتدار تان هٽايو ويو ۽ برزنيف روس جو اقتدار سنڀاليو. ان سياسي ۽ انتظامي گھوٽالي جو اثر معيشت تي ٻہ پيو ۽ حالت اها ٿي جو 1955ع کان 1963ع تائين روسي معيشت جي پيداوار جي شرح گھٽجي وئي ۽ ساڳيو روس جيڪو فرانس ۽ چيڪو سلواڪيا کي اناج ڏئي رهيو هو خود ڪينيڊا، آسٽريليا ۽ فرانس کان اناج وٺڻ لڳو.

ان سڄي عرصي دوران هڪ ٻئي خاص مسئلي پڻ منهن ڪڍيو. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ملڪن جي جاگرافيائي سلامتيءَ جو مسئلو نهايت اهميت اختيار ڪري ويو ۽ اهو ئي سبب هو جو اولهہ يورپ ۾ ناٽو (NATO) نالي هڪ فوجي سياسي اتحاد ٺاهيو ويو. جنهن جي نتيجي ۾ روس پڻ وارسا جي نالي سان هڪ فوجي سياسي اتحاد قائم ڪيو. جنهن ڪري يورپ ۾ فوجي سياسي حڪمت عملين ۾ توازن پيدا ٿيو پر ساڳئي وقت ان جو هڪ Draw Back هيءَ سامهون آيو جو ان جي زور تي 1956ع ۾ روس هنگريءَ ۾ داخل ٿي اتي "انقلابي حڪومت" قائم ڪرائي، هنگريءَ سان گڏ 1968ع ۾ چيڪو سلواڪيا ۾، 1981ع ۾ پولينڊ ۾ پڻ ساڳيءَ طرح انقلاب آندا ويا ۽ ايئن انقلاب Import ڪرڻ جو رواج وڌو ويو.

15 آڪٽوبر 1964ع تي ٽہ رڪني ڪميشن روس جو اقتدار سنڀاليو. جن ۾ ليونڊ برزنيف پارٽي سيڪريٽري شپ، اليڪسي ڪوسيجن وزيراعظم ۽ نڪولائي پدگوني صدارت جو عهدو سنڀاليو. روس ۾ هلندڙ سياسي گھوٽالي ۾ ڪو خاص سڌارو نہ آيو. 19 جون 1977ع تي نڪولائي پوڊگورني کي صدارتي عهدي تان هٽايو ويو. سوويت يونين ۾ هڪ نئون آئين لاڳو ڪري ليوند برزنيف کي صدر بڻايو ويو. برزنيف جو دؤر جديد روس جي تاريخ جو اهم ترين دؤر آهي. برزنيف جي پاليسين روس کي سفارتي ۽ سياسي طرح تہ مضبوط ڪيو پر اقتصادي طرح ان جا روسي معيشت تي اثر سُٺا نہ پيا. برزنيف جي سخاوتن جو هيءُ حال هو جو روس هڪ طرف اناج ٻہ ٻاهران گھرائي رهيو هو تہ ٻئي طرف ان ئي دؤر ۾ پاڪستان، ڀارت سميت اوڀر يورپ جي ڪيترن ملڪن کي روس امداد طور اسٽيل ملون ڏنيون. نہ رڳو اهو پر 1979ع ۾ روس افغانستان ۾ فوجون موڪلي هڪ فوجي

انقلاب ذريعي افغانستان ۾ انقلاب آڻايو. ان جو نتيجو روسي معيشت جي ڏيوالي جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو ان وقت جي هڪ اقتصادي جائزي موجب ستر جي ڏهاڪي جي تائين 6 ساله منصوبي "75-1971" ۾ سوويت يونين جي ڪُل قومي پيداواري واڌاري جي رفتار 5.1 سيڪڙو هئي پر ڏهين پنج ساله منصوبي دوران فوجي خرچن ڪري روسي معيشت جي پيداوار 3.9 سيڪڙو تي وڃي بيٺي ۽ بجيٽ ۾ فوجي خرچن جو تناسب 15.9 سيڪڙو هجڻ ڪري اقتصادي ترقيءَ جي شرح گهٽجي 3.2 سيڪڙو تي وئي.

23 آڪٽوبر 1980ع تي اليڪسي ڪوسيجن وزيراعظم جي عهدي تان استعيفا ڏني ۽ ٻن مهينن اندر وفات ڪري ويو. ٻهرين نومبر 1982ع تي برزنيف پڻ پندرنهن سال سوويت يونين جي اڳواڻي ڪرڻ کانپوءِ فوت ٿي ويو. برزنيف اسٽالن کانپوءِ روس جو اهو ٻيو حڪمران هو جيڪو ايترو ڊگهو عرصو اقتدار ۾ رهيو. برزنيف کان پوءِ يوري اندريپوف ۽ ڪانسٽنٽائن چرننڪو ترتيبوار پندرنهن مهينا ۽ تيرنهن مهينا روس جي اقتدار جا ڌڻي رهيا ۽ ايئن 11 مارچ 1985ع تي گورباچيف جي اقتدار ۾ اچڻ سان روسي تاريخ جو اهو دؤر شروع ٿيو. جنهن جو نتيجو 21 آگسٽ 1991ع تي روس ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي اقتدار ۽ سوشلزم جي خاتمي جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو. گورباچيف پاڻ سان هڪ نئون سياسي ۽ اقتصادي تصور ۽ خاڪو کڻي آيو. جيتوڻيڪ هو پاڻ به پنهنجي فڪر ۽ ان جي عملي شڪل جي خاڪي بابت واضح نه هو. ڪيس اها خبر نه هئي ته هو جنهن فڪر ۽ نعري جي بنياد تي روس جي اقتصادي ۽ سياسي سرشتي جا بنياد لوڏي رهيو هو ان جو ڇيهه اتي ٿيندو جو هو مورڳو پنهنجي ملڪ جو وجود ئي وڃائي ويهندو. گورباچيف هڪ نئين نعري "پرسترويئيڪا ۽ گلاسنوسٽ" سان گڏ آيو هو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي جڻ ته دنيا تي ڇانئجي ويو. نه رڳو ٽين دنيا اندر پر سرمائيدار دنيا به سندس آڌر ڀاءُ ڪيو. هن روس ۾ سياسي ۽ اقتصادي جمود جو ذميوار روايتي سوشلسٽ معيشت ۽ غير جمهوري سياسي سرشتي کي ٺهرايو. نه رڳو روس اندر هن جمهوريت جي نالي ۾ سياسي تبديليون آنديون ۽ روسي معيشت کي آزاد معيشت جي بنياد تي هلائڻ شروع ڪيو پر بين الاقوامي سطح تي سوشلسٽ روسي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو اولهه جي ملڪن ۽ آمريڪا ڏانهن دوستيءَ ۽ امن جو هڪ طرفو هٿ وڌايو. سوويت يونين جي گذريل ستن سالن جي پس منظر ۾ گورباچيف جي زماني ۾ اهڙيون ڳالهيون ۽ پاليسيون دنيا لاءِ جڻ ته ڪنهن عجوبي کان گهٽ نه هيون. اهو ئي سبب هو جو هو ڏسندي ئي ڏسندي سڄيءَ دنيا لاءِ امن، اتحاد ۽ تبديلين جو اهڃاڻ بڻجي ويو. اصل ۾ اولهه جي ميڊيا پڻ ان ڏس ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو.

گورباچيف جي ان فڪر جا گهڻا پاسا حقيقتن تي مبني ۽ مثبت به هئا پر ڳالهه سوويت يونين جي سوشلسٽ ماضيءَ جي پس منظر ۾ نين تبديلين جي توازن جي هئي. سماجي لقائن جي تبديلين جي به پنهنجي رفتار ٿئي ٿي، جنهن جو خيال رکڻ ضروري هوندو آهي. 1982ع ۾ سوويت يونين جي اعليٰ ترين قانون ساز اداري سپريم سوويت هڪ اهڙي گڏيل ملڪيتي اداري قائم ڪرڻ جي اجازت ڏني، جنهن ۾ پرڏيهي سرمايو ڪُل ملڪيت جي اڌونجاهه سيڪڙو تي مشتمل ٿي پئي سگهيو. ان کان علاوه خانگي طور پرڏيهي واپار جي اجازت پڻ ڏني وئي.

گورباچيف سرد جنگ جي خاتمي، هٿيارن ۾ گهٽتائيءَ ۽ عالمي امن جي ضمانت کي اهم مسئلا ڪري بين الاقوامي سياست ۾ وڏيون تبديليون آنديون. 1982ع ۾ رڪ پارڪ ۾ امن ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ گورباچيف ۽ آمريڪي صدر ريگن هڪ ٻاهه تي صحيحون ڪيون. جنهن موجب وچين فاصلي تائين مار ڪرڻ وارن ميزائلن کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان کان علاوه اسٽريٽجڪ هٿيارن ۾ پنج سيڪڙو گهٽتائيءَ جو معاهدو ٿيو. 1987ع ۾ واشنگٽن ۾ ٻنهي سربراهن IMF معاهدي تي صحيحون ڪيون. جنهن موجب يورپ ۾ نصب پرشنگ 2 ورڪر ميزائيل ۽ روسي 2 ايس ايس ميزائل ٻنهي ملڪن کي ختم ڪرڻا هئا. جيتوڻيڪ ان اسلحي جو تناسب ٻنهي ملڪن جي نيوڪليائي طاقت جو ٽي سيڪڙو به نه هو پر پوءِ به انهن قدمن کي عالمي طور گهڻو سراهيو ويو ڇو ته ڳالهه تناسب جي نه هئي، سرد جنگ جي خاتمي ۽ عالمي امن ڏانهن ٿيندڙ پيش قدمين جي هئي. ان سڀني معاملي جو ڪريڊٽ پس و پيش گورباچيف ڏانهن ويو ۽ هن کي دنيا امن جو مسيحا سمجهڻ لڳي.

آءِ ايم ايف معاهدي کان پوءِ جرمنيءَ مطالبو ڪيو ته ويجهي فاصلي تائين مار ڪرڻ وارا ميزائل به ختم ڪيا وڃن. ڇو ته اهي جرمنيءَ لاءِ مستقل خطرو آهن. نتيجي ۾ 1989ع ۾ گورباچيف انهن کي ختم ڪرڻ جو هڪ طرفو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ هن اورال کان اٽلانٽڪ تائين "گڏيل يورپي گهر" جي تجويز پيش ڪئي. حقيقت ۾ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ سوويت يونين جنهن ميدان ۾ دنيا ۾ برتري حاصل ڪئي، اُها هئي سندس Space Technology ۽ ان ۾ وري ميزائل ٽيڪنالاجيءَ کي وڏي اهميت حاصل هئي. اها ٽيڪنالاجي ئي عالمي سياست ۾ روسي طاقت جي توازن جو اهم جواز ۽ بنياد هئي، جنهن کي گورباچيف هڪ ڏڪ سان پاڻ ئي ختم ڪري ڇڏيو. ڇيو وڃي ٿو ته يا ته هن اولهه جي سرمائيدار دنيا تي جائز حد کان وڌيڪ اعتبار ٿي ڪيو يا شايد هن ڪم ئي هنن جو ٿي ڪيو. دراصل عالمي سياست ۾ طاقت جو توازن ان ئي ڏينهن بگڙجي ويو هو جنهن ڏينهن

گورباچيف اهو هڪ طرفو اعلان ڪيو هو. ساڳيو حال معيشت جو به ٿيو. مُني صديءَ کان هلندڙ سوشلسٽ معيشت تيزيءَ سان تبديل ٿيل حالتن ۾ پاڻ سنڀالي نه سگهي، نتيجي ۾ سوشلسٽ معيشت ويتر بحران جو شڪار ٿي وئي ۽ سڄو سرشتو ڌڙي اچي پٽ پيو.

اها ته هئي سوشلسٽ روس جي مُني صديءَ جي تاريخ تي هڪ مختصر نظر. هن سڄي تفصيل بيان ڪرڻ جو مقصد اهو هو ته جيئن ان جو سڄو پس منظر واضح ٿئي. سوويت يونين جي ٽُٽڻ ۽ اتي سوشلزم جي خاتمي جا ڪجهه ٻيا سبب ٿيا به آهن. بهتر ٿيندو جو پاڻ انهن تي به ڳالهه ٻولهه ڪندا هلون. جيئن ته ٻيءَ صورت ۾ ان جو صحيح خاڪو ذهن ۾ نه ايندو.

(1) سوويت يونين جون جاگرافيائي حالتون ئي اهڙيون هيون جو ان جو هڪ حصو يورپ ۾ هو ته ٻيو حصو ايشيا ۾. يورپ ۾ هڪ طرف اوڀر يورپ جي اڪثر ملڪن جي مٿس چرٻي چڙهيل هئي ته ٻئي طرف ان جو اقتصادي مقابلو فرانس، برطانيا ۽ جرمنيءَ جهڙن سرمائيدار ملڪن ۽ وڏين طاقتن سان هو جن کي هڪ وڏي منڊي ميسر هئي. مثال طور آمريڪا آهي، آمريڪا جو وچ اوڀر، ڏکڻ ايشيا ۽ مجموعي طرح سڄي ٽين دنيا جي پيداواري وسيلن ۽ مارڪيٽن تي جيڪو ڪنٽرول آهي، ان جي ڀيٽ ۾ سوويت يونين وٽ ڪجهه به نه هو ۽ نتيجو اهو نڪتو جو اقتصادي چٽاڀيٽيءَ جي ان بين الاقوامي ڊوڙ ۾ روس پوئتي رهجي ويو.

(2) ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ ايٽمي ۽ جنگي ٽيڪنالاجي سياسي بليڪ ميلنگ ۽ دٻاءَ جو هڪ ڪارڊ ٿي پئي ۽ روس لاءِ اٽڪر ۽ نهايت ضروري ٿي پيو ته هو آمريڪا ۽ اولهه جي طاقتن کي منهن ڏيڻ ۽ پنهنجي خودمختياريءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ ايٽمي ۽ جنگي ٽيڪنالاجيءَ ۾ اڳتي اچي. ان ڪري سوويت يونين پنهنجي گهٽي کان گهٽي طاقت ۽ سرمايو ان تي خرچ ڪيو ۽ نيٺ هو ان ميدان ۾ ايترو اڳتي نڪري ويو جو روس پهريون ملڪ هو جنهن خلا ۾ اسٽيشن قائم ڪئي. Space Technology ۽ ميزائيل ٽيڪنالاجيءَ ۾ دنيا تي برتري حاصل ڪئي پر ان جو منفي نتيجو اهو نڪتو جو هيءَ سياسي ميدان ۾ ته سُپر پاور ٿي ويو پر اقتصادي لحاظ کان سندس اها حالت ٿي جو روس ۾ عام واهپي جي شين "Consumer goods" جي سخت گهٽتائي ٿي وئي، جنهن ملڪ ۾ زبردست اقتصادي گهوٽالي کي جنم ڏنو.

(3) جيتوڻيڪ سوشلزم ۾ رياست جي حوالي سان ابتدائي طور پورهيت آمريت جو تصور هو پر پوءِ به سوشلزم جي بنيادي جوهر ۾ انسان دوستي ۽ جمهوري قدر هئا پر سوويت يونين ۾ انقلاب کانپوءِ خاص طور تي مارشل اسٽالن جي دؤر ۾

سوشلزم جي جمهوري مزاج کي گهٽ ڏک لڳو. هڪ طرف ڪميونسٽ پارٽيءَ اندر جمهوري قدر ڪمزور ٿيا ته ٻئي طرف سوويت سماج جي اڏاوت جمهوري شعور جي بنياد تي نه ڪئي وئي. نتيجو هيءُ نڪتو جو هڪ وڏي عرصي ڪانپوءِ پارٽي جيڪا رياست جو وڏي ۾ وڏو عوامي ادارو هئي، اها پڻ غير جمهوري روين/ڪلچر جي ور چڙهي وئي. ان ڪميونسٽ ڪلچر جي ناليءَ ۾ هڪ اهڙي نئين مراعت يافته طبقي کي جنم ڏنو جنهن کي عوام دشمن بيوروڪريسي چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو. ايئن ڪميونسٽ پارٽيءَ جو مزاج ۽ مفاد ڏينهون ڏينهن عوام کان الڳ ٿيندا ويا ۽ نيٺ اهو تضاد ايڏو ته اُڀري آيو جو اوڀر يورپ ۾ عوام رستن تي نڪري آيو ۽ ڪميونزم جي ناليءَ ۾ قائم ٿيل نام نهاد سوشلسٽ حڪومت مان پنهنجي جند ڇڏائي.

(4) سوويت يونين جي ٽُٽڻ جو هڪ سبب اتي قومي سوال جو حل نه ٿيڻ به هو. جيتوڻيڪ سوويت يونين جي آئين موجب رياست ۾ شامل سمورين قوميتن کي قومي حق خود اختياري ”علحدگيءَ جي حق سميت“ حاصل هئي پر ڏنو اهو ويو ته ان تي عمل نه ڪيو ويو. مُني صدي گذرڻ ڪانپوءِ به سوويت يونين ۾ قومي سوال پنهنجي پوريءَ شدت سان موجود هو ۽ جڏهن اتي سوشلزم جو خاتمو آيو ته ان بحران جو فائدو وٺي ننڍين قوميتن پڻ فوري طور علحدگيءَ جو اعلان ڪري ڇڏيو.

(5) مارڪسي فلسفي جو بنيادي اُصول آهي ته ڪائنات ۾ بقا فقط تبديليءَ کي آهي. جمود موت ۽ تباهيءَ جي نشاني آهي پر جي روس سميت عالمي سطح تي ڪميونسٽ تحريڪ جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته ڪميونسٽ پارٽين ۽ سوشلٽ حڪومتن مارڪسي فلسفي جي ان بنيادي اُصول کان ئي منهن موڙي ڇڏيو هو. مارڪسي فلسفو جيڪو رڳو ڪو نظريو نه پر هڪ سائنس آهي، ان کي عملي طور جڻ ته هڪ مقدس مذهب جي شڪل ڏني وئي. مارڪس جي معيشت جو نظريو ۽ سياسي سرشتو ڪو مذهب نه هو ۽ جيئن ته سماجي زندگي، ان جا مظهر، لقاءُ، رخ، لاڙا ۽ بنياد تبديل ٿين ٿا تيئن تيئن ان سان لاڳاپيل فڪر ۽ سرشتي ۾ پڻ تبديليون اچڻ کپن ها. جي نين حالتن ۽ ان مان ڦُٽي نڪتل سچاين ۽ حقيقتن کان منهن موڙبو ته پوءِ ڪنهن به فڪر ۽ ان سان لاڳاپيل سرشتي جو مُدي خارج ٿيڻ هڪ اٽل ڳالهه آهي. سوويت يونين ۾ سوشلزم جي خاتمي جو هڪ اهم سبب هيءُ به آهي ته ان پاڻ کي نين بدليل حالتن ۽ ان جي گهرجن سان نه سلهاڙيو. ان پٺاندڙ پاڻ ۾ تبديليون نه آنديون. مثال طور جڏهن مارڪس ۽ اينجلس سرمائيداريءَ جي مقابلي ۾ سوشلزم جو تصور ڏنو هو تڏهن سرمائيداري به هاڻوڪي شڪل ۾ نه هئي، نه ئي وري انسان ذات ۽ سماج ترقيءَ جي هاڻوڪيءَ سطح تي هئا. خاص طور تي ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ دنيا ۾ جيڪي اٿاهه

تبديليون آيون ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جنهن برق رفتاريءَ سان ترقيءَ جون منزلون طئي ڪيون. ان دنيا جي سياسي ڍارائن ۽ اقتصاديات جو پڻ سڄو چرخو ئي بدلائي ڇڏيو آهي. ڪوبه ملڪ/ سماج دنيا کان ڪٽجي نه ٿو هلي سگهي. اهو ئي سبب آهي جو روس ان ڇتاپيٽيءَ ۾ پوئتي رهجي ويو جڏهن ته ٻئي طرف سرمائيداريءَ جي وڌڻ ويجهڻ جو هڪ مکيه سبب هيءُ به آهي ته ان پاڻ کي نين حالتن ۾ ان جي گهُرجن سان ٺهڪايو. مثال طور سرمائيداري نظام ۾ فلاحي رياست جو تصور ڪٿان آيو؟ بنيادي طرح اهو ته سوشلزم جو تصور آهي. ان ڪري اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته هن صديءَ ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي اٿاهه ترقيءَ سبب پيدا ٿيندڙ حالتن سان سوشلزم پاڻ کي ٺهڪائي نه سگهيو ۽ نتيجي طور اهو سرمائيداريءَ سان عالمي سياست توڙي اقتصاديات ۾ ڇتاپيٽي نه ڪري سگهيو ۽ پوئتي رهجي ويو.

---

روزاني ”سنڌ“ حيدرآباد، 1995

## Wilton Park: South Asia Forum-2002

# ڏکڻ ايشيا: غلاميءَ، غربت، بُکَ ۽ بارود جي ٽياس تي ٽنگيل خِطو!!

وسٽن هائوس، برطانيہ ۾ لنڊن کان لڳ ڀڳ ڏيڍ سئو ڪلوميٽر پري هڪ ننڍي ۽ تاريخي ڳوٺ اسٽيننگ (سسيڪس شهر) ۾ واقع هڪ سوين سال پراڻو محل آهي، جيڪو چون ٿا تہ 1576ع ۾ تعمير ڪيو ويو هو. برطانيہ جي هڪ شاهي ۽ نواب گهراڻي وٽ رهندڙ هيءُ محل هاڻي ولٽن پارڪ انسٽيٽيوٽ جي اداري طور ڪم اچي ٿو. جتي سڄو سال دنيا جي مختلف خِطن، ملڪن، قومن، نظرين ۽ ادارن جا دانشور ۽ ماهر علمي ۽ فڪري بحث مباحثا ڪن ٿا ۽ هتي سڄو سال ڊائلاگ ٿيندو رهي ٿو. هن مهيني ولٽن پارڪ جي ٻي بين الاقوامي ڏکڻ ايشيائي ڪانفرنس ٿي، جنهن ۾ ڏکڻ ايشيا جا پنجيتاليهہ نوجوان دانشور، اسڪالر، اڳواڻ ۽ ماهر شريڪ ٿيا. ڪانفرنس ۾ يورپين يونين، يورپين پارليامينٽ، برطانوي پارليامينٽ، ڪامن ويلٿ، فورڊ فائونڊيشن جا نمائندا ۽ برطانوي يونيورسٽين آڪسفورڊ ۽ سسيڪس جا سينئر اسڪالر پڻ شريڪ ٿيا. پاڪستان مان هن ڪانفرنس ۾ مون کي بہ دعوت ڏني وئي هئي ۽ آئون شريڪ ٿيس.

هونئن تہ مان گذريل ٽيرنهن سالن کان مختلف بين الاقوامي ۽ ڏکڻ ايشيائي ڪانفرنسن ۾ شريڪ ٿيندو رهيو آهيان پر هيءَ ڪانفرنس گهڻن حوالن سان نہ رڳو بنهہ مختلف هئي پر شايد مستقبل جي حوالي سان وڏيڪ اهميت رکندڙ بہ هئي. ان جوسبب هيءُ آهي تہ هيءَ ڪا رڳو روايتي ڪانفرنس نہ هئي پر ڏکڻ ايشيا جي نوجوان اسڪالرن، اڳواڻن ۽ ماهرن جو هڪ اهڙو وسيع فورم هئي، جنهن کي مستقبل ۾ هڪ مستقل فورم طور رينجل ۽ ڏکڻ ايشيا پاران بين الاقوامي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. ان ڪري آئون چاهيان ٿو تہ ان ڊائيلاگ جون بنيادي ۽ ٿُلهيون ٿُلهيون ڳالهيون هتي جي سڄاڻ ماڻهن سان شيئر ڪريان.

ڏکڻ ايشيا سوا ارب ماڻهن تي مشتمل دنيا جو هڪ اهڙو خِطو آهي، جنهن جي وسيع تر گهڻائيءَ کي اڄوڪي جديد دؤر ۾ زندگيءَ جون بنهه بنيادي ۽ لازمي سهولتون ۽ حق بہ ميسر نہ آهن. جنهن جي اڪثريتي ملڪن ۾ حقيقي جمهوريت اڃا هڪ تشنہ خواب بڻيل آهي، جتي تعليم، صحت، گهر، روزگار، پيئڻ جو صاف پاڻي، صاف لباس، سفر جون سهولتون ماڻهن جي گهڻائيءَ لاءِ بنيادي حق ۽ ميسر سهولتون نہ پر مراعتون آهن، جيڪي مراعت يافتہ ٿورائيءَ کي ئي ميسر آهن. ڏکڻ ايشيا ۾ بظاهر ڀل تہ ڪيترا اُپريل تڪرار، تضاد ۽ فرق هجن، ڀل تہ ان ۾ ٻولين، رنگ، نسل، مذهب ۽ ذيلي ثقافتن جا اڪيچار فرق هجن پر ان باوجود حقيقت هيءَ آهي تہ ڏکڻ ايشيا مجموعي طور هڪ خطي، تهذيب ۽ ثقافت جو نالو آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ نہ رڳو ماڻهن جي غلامي، غربت، بدحالي، بي وَسي ۽ محرومي بنيادي طور ساڳئي قسم جي آهي پر ان جي ادب، شاعري ۽ فن ۾ بہ بي شمار بنيادي هڪ جهڙايون آهن، پر بدقسمتيءَ سان هيءُ خطو ايترن تہ اندروني (ملڪن اندر توڙي ملڪن وچ ۾) تڪرارن جي وَر چڙهيل آهي جو ان جو خطي طور عالمي ڪردار يا خود ريجنل ڪردار گهربل سگهہ سان جُڙي نہ سگهيو آهي.

ڏکڻ ايشيا ۾ ورهاڱي کان پوءِ اَسيءَ جي ڏهاڪي ۾ پهريون دفعو سارڪ جي نالي ۾ ريجنل سوچ ۽ گڏيل مفادن تحت هڪ اداري جو بنياد پيو پر جيئن تہ اهو سرڪاري سطح جو ريجنل اتحاد هو، ان ڪري اهو گهربل نتيجا ڏئي نہ سگهيو پر گذريل ڏهاڪي کان غير سرڪاري سطح تي تمام گهڻيون پيشقدميون ٿيون آهن تہ ڏکڻ ايشيا جي دانشورن، سياسي اڳواڻن، ماهرن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ليڊرشپ سطح جي ماڻهن کي منظم ڪيو ويجي. گذريل ڪجهہ سالن کان مان بہ ان قسم جي ڪيترين پيشقدمين جو حصو رهيو آهيان ۽ حقيقت اِها آهي تہ انهن جا نتيجا نہ رڳو اڄ سامهون اچي رهيا آهن پر مستقبل ۾ اُهي اڃا بہ وڌيڪ پختگيءَ ۽ ميچوئرٽيءَ سان سامهون ايندا.

هن ڪانفرنس ۾ ٿلهي ليکي ڏکڻ ايشيا جي سمورن بنيادي پاسن ۽ مسئلن تي تفصيلي غور ويچار ۽ بحث مباحثو ڪيو ويو ۽ سُٺي ڳالهہ اِها هئي تہ ان ۾ نہ رڳو دانشور ۽ ٽيڪنوڪريٽ هئا پر ڏکڻ ايشيا جي ڪيترين وڏين پارٽين جا اڳواڻ بہ هئا. جن معاملن تي ٿلهي ليکي ڳالهہ ٻولهہ ٿي، اُهي هي هئا:

(الف) ڏکڻ ايشيا جا لڳ ڀڳ سمورا ملڪ حقيقي معنيٰ ۾ آزاد نہ آهن. اُهي اڄ تائين سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح وڏين عالمي ۽ سامراجي قوتن جي جديد بينڪيتي معاشي ۽ سياسي غلاميءَ جي چنبي ۾ آهن. نہ رڳو انهن جون پرڏيهي پر، ڏيهي پاليسيون بہ عالمي مالياتي ادارا ۽ خاص طور تي آمريڪا طئي ڪري ٿو. سوويت

يونين جي موجودگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڀارت جو ڪردار ٿورو مختلف هو پر هاڻي ته ڀارت به ان ڏارا ۾ شامل ٿي چڪو آهي. ان ڪري ڏکڻ ايشيا جو ڪوبه ملڪ حقيقي معنيٰ ۾ خودمختيار نه آهي ۽ اُتي جي عوام جي پاليسي سازيءَ ۾ ڪوبه عمل دخل نه آهي. نتيجي ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ مجموعي طور غربت ۽ غلامي گهٽجڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. ڏکڻ ايشيا جو هڪ خطي طور ويجهو نه اچڻ ۽ ان جي گڏيل ريجنل سياسي ۽ معاشي ڪردار نه جُڙي سگهڻ جي راهه ۾ به وڏي ۽ بنيادي رڪاوٽ اِها آهي. هڪ طرف اِها اڻ وڻندڙ ۽ بظاهر مايوس ڪندڙ صورتحال آهي ته ٻئي طرف اها به حقيقت آهي ته ڏکڻ ايشيا جو عوام، ٽين دنيا جي ٻئي عوام وانگر پنهنجي سياسي سوچ ۾ بنيادي طور سامراج دشمن آهي ۽ نه رڳو اهو عالمي طاقتن ۽ ادارن جي سامراجي ۽ ڦورو ڪردار خلاف آهي پر اهو پنهنجن پنهنجن حڪمران طبقن کان پڻ سخت بيزار آهي. جيڪڏهن ڏکڻ ايشيا ۾ غير سرڪاري سطح تي عوام جي مختلف حصن ۽ زندگيءَ جي مختلف شعبن جي اثرائتن ماڻهن ۽ ليڊرشپ جي سطح جي ماڻهن جا گڏيل فورم جوڙيا وڃن ۽ انهن جو علائقائي ۽ عالمي سطح تي مضبوط ۽ سرگرم ڪردار به اُڀاريو وڃي ته اهڙا فورم ۽ ادارا ايندڙ وقت ۾ وڏو فرق آڻي سگهن ٿا ۽ اُهي ڪجهه عرصي کانپوءِ نه رڳو خطي جي مختلف ملڪن اندر پر مجموعي طور خطي جي پاليسين تي پڻ اثرانداز ٿي سگهن ٿا.

(ب) ڏکڻ ايشيا سياسي طور نه رڳو پس مانده خِطو آهي پر اهو ملڪن اندر توڙي ملڪن وچ ۾ ٽڪرارن جو خطو آهي، يعني ان جو هر ملڪ اندروني ٽڪرارن ۽ تضادن جو شڪار به آهي ته اهو ٻين پاڙيسري ملڪن سان به ٽڪرار ۽ تضاد ۾ آهي. ڀارت، پاڪستان ۽ سريلنڪا ان جا خاص مثال آهن. ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن وانگر مذهب ۽ قومي/ ثقافتي تشخص (Religion and Idintity Crisis) هتي ٽڪرارن ۽ تضادن جا مُکيه محرڪ آهن. مذهب ۽ قومي/ ثقافتي تشخص ڏکڻ ايشيائي سماج جي مخصوص تناظر ۾ ايترا ته پيچيده معاملا آهن جو انهن کي آسانيءَ سان نلهو قدرن ۽ اُصولن جي بنياد تي حل نه ٿو ڪري سگهجي. حقيقي ۽ نمائنده جمهوريت ئي ان جو پس و پيش جٽادار حل ٿي سگهي ٿي، جيڪا رڳو سياسي، مذهبي ۽ ثقافتي اڪثريتن جو ئي نه پر ٽنهي قسم جي اقليتن جو به هڪ جيترو تحفظ ڪري پر بدقسمتيءَ سان اهڙي جمهوريت ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ تشنه خواب بڻيل آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ ته اڪثر ملڪن، خاص طور پاڪستان، بنگلاديش، نيپال ۾ نالي ماتر جمهوريت به تمام گهٽ رهي آهي پر مجموعي طور خِطي ۾ ڊيموڪريسيءَ جي نالي ۾ اليڪٽوڪريسيءَ جو راڄ آهي، جنهن کي عددي جمهوريت (Quantitative Democracy) پڻ چيو وڃي ٿو. عوام جي وسيع تر

گهٽائي تعليم ۽ سياسي شعور نہ هجڻ سبب چونڊ سرشتي ۾ ڪوبہ اثرائتو ۽ باشعور سرگرم ڪردار ادا ڪرڻ کان قاصر آهي. ان ڪري حقيقي جمهوري سرشتي نہ هجڻ سبب ڏکڻ ايشيا ۾ موجود مقامي توڙي علائقائي تڪرار گهٽجڻ بجاءِ ڏينهون ڏينهن وڌيڪ تيز ۽ پيچيده ٿي رهيا آهن, جيڪا ڳالهہ نہ رڳو خطي کي هڪ ٻئي جي ويجهو اچڻ نہ ٿي ڏئي پر اُها مقامي ترقيءَ جي راهہ ۾ پڻ وڏي رڪاوٽ آهي. ان ڏس ۾ بہ ڪانفرنس ۾ اتفاق راءِ هو تہ روايتي ليڊرشپ, طاقت ۽ نمائندگيءَ جي عدم توازن سبب ملڪن توڙي خِطي اندر اهي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ وئي آهي ۽ نہ وري وجي سگهي ٿي. ان ڪري جيسين انهن مسئلن لاءِ بہ سماج مان روشن خيال ۽ حقيقي قوتن جو ڪردار نہ ٿو جوڙيو وڃي ۽ انهن کي ريجنل سطح تي ڪنهن گڏيل اداري يا ادارن ۾ نٿو منظم ڪيو وڃي, تيسين ان ڏس ۾ عملي طور ڪا بہ بهتر پيش رفت ٿي نہ سگهندي.

(پ) ڪرپشن ۽ بدانتظامي (Bad Governance) ڏکڻ ايشيا جي حڪومتي نظام توڙي سياسي سرشتي جون بنيادي بڇڙايون آهن, جن نہ رڳو ترقيءَ جي رفتار کي ڪاپاري ڌڪ هنيو آهي پر غربت کي ڏينهون ڏينهن وڌايو آهي. ان نهايت پيچيده مسئلي تي گهٽي غور ويچار کان پوءِ اهو نتيجو ڪڍيو ويو تہ ان جو سبب ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ مخصوص مراعت يافتہ طبقي جو مسلسل سياست ۽ حڪومتي وهنوار توڙي اسٽيبلشمينٽس تي حاوي رهڻ آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ نون روشن خيال طبقن جي اُسرڻ جي رفتار تمام سُست آهي, نہ رڳو انهن جي اُسرڻ جي رفتار سُست آهي پر ان جي اوسرڻ جا دَڳَ ۽ راهون پڻ بند ڪيون ويون آهن. نتيجي ۾ مراعتيافتہ طبقن جي ناني-ويڙهي جو مخصوص اسٽيٽسڪو آهي, جيڪو تبديليءَ ۽ تبديليءَ جي محرڪ قوتن جي راهہ ۾ بنيادي رڪاوٽ بڻيل آهي. اصل ۾ ڏکڻ ايشيا بنيادي طور هڪ زرعي سماج آهي ۽ جيستائين ان ۾ وڏي پئماني تي صنعتڪاري نہ ٿي ٿئي ۽ اهو ٻهراڙيءَ کان شهري سماج ڏانهن منتقل نہ ٿو ٿئي, تيسين نہ تہ نيون روشن خيال ۽ تبديليءَ جون محرڪ قوتون اُسري سگهنديون ۽ نہ وري تبديليءَ لاءِ راهون هموار ٿينديون. ان ڏس ۾ سريلنڪا ڏکڻ ايشيا جو وري بہ هڪ اُتساهيندڙ مثال آهي, جتي خواندگي ۽ تعليم ٻين جي ڀيٽ ۾ مثالي حد تائين عام ٿي آهي ۽ غربت جو تناسب پڻ ٻين جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽو گهٽ آهي. سريلنڪا ۾ هاٽي قطعي گهٽائي هينئن وچين طبقي جي آهي ۽ جيڪڏهن تامل مسئلو ايترو شدت سان موجود نہ هجي ها تہ سريلنڪا ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جي ميدان تي هوند گهڻو اڳتي نڪري وڃي ها.

پاڪستان، ڀارت، نيپال ۽ بنگلاديش تہ ڪرپشن جي حوالي سان دنيا ۾ گهڻي شهرت رکن ٿا. ادارن جي ڪرپشن (Institutional Corruption) ۾ هن وقت پاڪستان ڏکڻ ايشيا ۾ اول نمبر تي آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ ڪرپشن هاڻي رڳو حڪومتي سطح تي ئي نہ پر سياسي پارٽين، عدليہ، ميڊيا، اين جي اوز مطلب تہ هر شعبي ۾ گهر ڪري وئي آهي. ڪرپشن بابت ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل (Transparency International) جي عالمي رپورٽ ـ 2001ع ۾ ڏکڻ ايشيا بابت رپورٽ ۾ چيو ويو آهي تہ گهڻي ۾ گهڻي ۽ اعليٰ سطحي ڪرپشن هٿيارن جي ڊيل ذريعي ٿئي ٿي، جنهن ۾ سڌيءَ ريت فوج ملوث هجي ٿي. ان ڪري وڏي ۾ وڏي ڪرپشن ڪندڙ ادارو فوج کي قرار ڏنو ويو آهي. ڀارت ۽ پاڪستان جو تڪرار جيتوڻيڪ رڳو رياستي نہ پر مخصوص تاريخي پس منظر ۽ دراصل ٻن حڪمران طبقن جي ٻن ذهنيتن جو تڪرار آهي، جنهن جون پاڙون ننڍي کنڊ جي تاريخ ۾ کُتل آهن- پر هاڻي اڌ صدي گذرڻ کان پوءِ اهو رڳو ٻن ذهنيتن جو ئي نہ پر ٻنهي ملڪن اندر اسٽيبلشمينٽ جي ساڳين مفادن جو پورائو ڪندڙ تڪرار بڻجي چڪو آهي. ننڍي کنڊ جي اڪثريتي عوام کي تعليم، صحت، صاف پاڻي ۽ روزگار جهڙيون بنيادي ۽ لازمي سهولتون بہ ميسر نہ آهن پر ٻنهي ملڪن جي فوج تڪرار ۽ دفاع جي نالي ۾ ملڪي ناڻي جو وڏو حصو مٿان ئي مٿان کنيو وڃي ۽ دلچسپ ڳالهہ تہ هو ان ناڻي جي استعمال جا تفصيل پيش ڪرڻ لاءِ ڪنهن ڏانهن بہ ذميوار ۽ جوابدار نہ آهن. ان ڪري اهو تڪرار زندهہ رکڻ دراصل ٻنهي ملڪن جي حڪمران طبقن جي مفاد ۾ آهي. ڪرپشن ۽ بدانتظامي سماج ۾ هجي رياستي شعبن ۾، هيٺين سطح تي هجي يا مٿين سطح تي- پر ان جو پس و پيش شڪار عام ماڻهو ٿئي ٿو ۽ ان جا سمورا نتيجا بہ عام ۽ ٻي پهچ ماڻهو ڀوڳي ٿو- جنهن کي ڏکڻ ايشيا ۾ خاموش ۽ وسيع اڪثريت يعني عوام چئجي ٿو.

(ت) ڏکڻ ايشيا معاشي طور دنيا جي چند نهايت پٺتي پيل خِطن مان هڪ آهي. جڏهن برطانوي راڄ ننڍي کنڊ مان پنهنجا ٽپڙ ٻڌي ويڙهيا، تڏهن ننڍو کنڊ دنيا جو ستون وڏو صنعتي علائقو هو پر اڄوڪي ننڍي کنڊ جي وڏي ۾ وڏي حقيقت غربت ۽ شديد غربت آهي. معاشي غربت ۽ محتاجي اڄوڪي ڏکڻ ايشيا جي وڏي ۾ وڏي تلخ حقيقت آهي. جڏهن تہ اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ غربت، محتاجي ۽ آزادي ڪڏهن بہ گڏ هلي نہ ٿا سگهن. محتاج ۽ غريب فرد هجي يا قوم ۽ طبقو اهو حقيقي معنيٰ ۾ آزاد رهي نہ ٿو سگهي. عالمي مالياتي ادارن جي رحم و ڪرم تي هلندڙ ڏکڻ ايشيا جيستائين حقيقي آزاديءَ جي احساس ۽ خودمختياريءَ سان فيصلو ڪرڻ ۽ معاشي پاليسيون ترتيب ڏيڻ جي قابل نہ ٿيندو، تيسين ساڳيا لاٽون

ساڳيا چگهه رهندا ۽ اهو تيسين ممڪن نه آهي جيسين طاقتن ۽ اختيارن جا توازن اسٽيبلشمينٽس جي هٿن مان نڪري حقيقي جمهوري ادارن ڏانهن منتقل نه ٿا ٿين. ٻي اهم ڳالهه ته ڏکڻ ايشيا اندر واپار جي مٽا سٽا جا رستا بند ڪيا ويا آهن. ڀارت ۽ پاڪستان اندر جيڪڏهن واپاري ناتا معمول تي هجن ۽ گڏيل واپار ڪي موقعا ڏنا وڃن ته ٻنهي ملڪن جي عوام جي قسمت بدلجي سگهي ٿي پر سياسي تڪرار ان جي آڏو وڏي رڪاوٽ آهن. بحث مباحثي ڪانپوءِ ڏکڻ ايشيا اندر معاشي بدحاليءَ جا جيڪي بنيادي سبب قرار ڏنا ويا، اُهي بنيادي طور هي آهن:

(1) ڏکڻ ايشيا ۾ دفاعي خرچ (Defence Expenditure) معاشي ترقيءَ جي راهه ۾ وڏي ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. لڳ ڀڳ سمورن ملڪن جي قومي آمدنيءَ جو سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ ريت 64 سيڪڙو خرچ نام نهاد دفاع تي ٿئي ٿو. نتيجي ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ نهايت غريب اڪثريت ۽ بي انتها مراعتيافته ٿورائيءَ جو گراف ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي. ان ڪري جيستائين دفاعي خرچ ۾ وڏي پئماني تي گهٽتائي نه ڪئي ويندي، تيسين ڏکڻ ايشيا ۾ غربت جو گراف گهٽجڻ بدران ڏينهون ڏينهن وڌندو ويندو.

(2) تعليم ۽ صحت ترقيءَ جا بنيادي عنصر آهن پر ڏکڻ ايشيا ۾ انهن ٻنهي شعبن تي گڏيل خرچ 5 سيڪڙو کان به وڌيڪ نه ٿو ٿئي. جڏهن ڊفينس تي سڌي يا اڻ سڌيءَ ريت گڏيل 64 سيڪڙو خرچ ٿئي ۽ تعليم ۽ صحت تي پنج سيڪڙو به نه ٿئي ته ترقيءَ ۽ خوشحاليءَ جا ڪهڙا بنياد پوندا، ان بابت تصور ڪري سگهجي ٿو. جڏهن ته اڄوڪي دؤر ۾ ترقيءَ لاءِ صرف خواندگي سطح جي تعليم نه گهرجي پر فني شعبن ۾ نهايت اڳتي وڌيل تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي تعليم ضروري آهي.

(3) آسيءَ جي ڍاڪي ۾ جڏهن سارڪ (SAARC) جو قيام عمل ۾ آيو هو. تڏهن ان جو هڪ بنيادي مقصد اهو طئي ڪيو ويو هو ته سارڪ ڏکڻ ايشيا ۾ گڏيل واپار ڪي فروغ ڏيندي ۽ واپار جي مٽا سٽا (Trade Exchange) جي سلسلي ۾ حڪومتن طرفان وڌل بندشون ۽ رڪاوٽون دور ڪيون وينديون پر سترنهن سال گذرڻ باوجود سارڪ گهربل ڪردار ادا نه ڪري سگهي آهي. جيتوڻيڪ رسمي طور سارڪ چيمبر آف ڪامرس موجود آهي پر اهو ڀارت ۽ پاڪستان جي ڇڪتاڻ سبب ڪوبه اثرائتو ڪردار ادا نه ڪري سگهيو آهي.

(4) ڏکڻ ايشيا آباديءَ جي واڌ تي ڪنٽرول نه هجڻ سبب پڻ ڏينهون ڏينهن معاشي مسئلن جي ڍېڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي. جيڪڏهن وسيلن وڌڻ جي رفتار کان آباديءَ جي رفتار وڌيڪ تيز هجي ته نه رڳو ترقيءَ جا امڪان گهٽجي وڃن ٿا پر ترقيءَ جي امڪانن ۾ پري تائين ڪوبه توازن قائم نه ٿو رهي.

(5) اها ڳالهه هاڻي دنيا ۾ تسليم ٿي چڪي آهي ته انساني وسيلن جي ترقيءَ (هيومن ڊيولپمينٽ) کان سواءِ ترقي ممڪن ناهي. ان لحاظ کان جيڪڏهن ڏکڻ ايشيا جو هيومن ڊيولپمينٽ جو اسڪيل جاچبو ته خبر پئجي ويندي ته هتي انساني وسيلن جي ترقيءَ جي جيڪا رفتار آهي، ان سان عوام جي وسيع گھڻائي ترقيءَ جي عمل ۾ ڪهڙيءَ ڪيترو سرگرم حصو وٺي سگھندي؟

(ج) ڏکڻ ايشيا ۾ مذهبي انتهاپسنديءَ دهشتگرديءَ جا وڌندڙ رجحان نهايت خطرناڪ عنصر ٿي اُڀريا آهن. پاڻ کي سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند ملڪ سڏائيندڙ ڀارت تي هاڻي بي جي پيءَ ۽ انتهاپسند مذهبي ذهنيت جو راڄ آهي. پاڪستان ۾ ”جهاد“ جي انڊسٽري وڏي پئماني تي ”جهادي مال“ پيش ڪري رهي آهي ۽ تامل اِشو سريلنڪا جي معاشي ۽ سياسي ڇيلهه ڇڀي ڪري ڇڏي آهي. ٻيو ته ٺهيو نيپال ۾، جتي اڪثريت ٻڌ آباديءَ جي آهي، مذهبي ۽ سياسي انتهاپسندي نهايت تيزيءَ سان وڌي آهي. ننڍي کنڊ ۾ گذريل ڏهاڪي دوران اُسريل ۽ وڌندڙ مذهبي انتهاپسنديءَ جا ٿلهي ليکي ٽي سبب آهن. سڀ کان پهرين ڳالهه ته ڀارت ۽ پاڪستان اڌ صديءَ کان مٿي عرصو گذرڻ باوجود هڪٻئي جو وجود تسليم ڪندي، هڪٻئي سان پاڙيسري ملڪن وارو ورتاءُ ڪرڻ بجاءِ هڪٻئي سان مخالفت وارو به نه، دشمنيءَ وارو ورتاءُ ڪندا رهيا آهن، جنهن جو نتيجو ماضيءَ ۾ ٻن جنگين جي صورت ۾ به نڪري چڪو آهي. ڀارت ڀل ته پاڻ کي سيڪيولر ۽ جمهوريت پسند سڏائي پر عملي طور ٻنهي ملڪن جي حڪمران طبقن جو رويو مذهب جي بنياد تي هڪٻئي سان نفرت انگيزيءَ وارو آهي. نتيجي ۾ ننڍي کنڊ ۾ مذهبي انتهاپسندي جڻ ته رياستي پاليسيءَ طور متعارف ڪرائي وئي ۽ ان کي سياسي روين جو بنياد بڻايو ويو. جنهن جا نتيجا اڄ سامهون آهن. اڄ ننڍي کنڊ ۾ ٻنهي پاسي جيڪي انتهاپسند جنوني مذهبي/ سياسي رويا، پاليسيون، تصور، تنظيمون ۽ قوتون آهن، اُهي بنيادي طور سماج جون نه پر رياستي ڪلچر ۽ ترجيحن جي پيداوار آهن. ٻي ڳالهه ته اهو رڳو ڪو مقامي لقاءُ به نه هو. دراصل آمريڪا ۽ نام نهاد مهذب عالمي طاقتن پڻ سوشلسٽ سوويت روس جي هن علائقي ۾ امڪاني مداخلت يا وڌندڙ اثر کي بند ٻَڌڻ لاءِ مذهبي انتهاپسنديءَ کي هڪ پاليسيءَ ۽ معاشي رٿابنديءَ طور زور وٺرايو. افغانستان ۾ جنهن مُلائيت کي اڄ آمريڪا ۽ نام نهاد عالمي برادري دهشتگردي ڪوٺي رهيا آهن، اُها سندن ئي ڊالر جي پيداوار آهي. ضياءَ جي دؤر ۾ پاڪستان ۾ جهاد جي انڊسٽريءَ کي به ڊالر جي زور تي زور وٺرايو ويو، جن مذهبي اڳواڻن جا پنهنجا ٻار آمريڪا ۾ ٿي پڙهيا، انهن ئي مدرسن کي هٿي وٺرائڻ لاءِ گهڻا ٽپا ٿي ڏنا. ان ڪري هن خطي ۾ مذهبي

انتهاپسنديءَ ڪي رڳو مقامي يا خالص سماجي لقاءُ چئي نہ ٿو سگهجي. اهو لقاءُ رياستي ادارن معرفت عالمي قوتن ۽ آمريڪا هڪ پاليسيءَ تحت پيدا ڪيو ويو. ٽيون عنصر ۽ سبب هيءُ بہ آهي تہ سوويت يونين جي زوال ڪانپوءِ عام طرح سڄيءَ دنيا ۾ پر هن خطي ۾ خاص طرح روشن خيال فردن توڙي ادارن گهٽي پاڳي پنهنجو ڪردار ۽ طاقت جو توازن نہ سنڀاليو نتيجي ۾ جيڪو وڏو خال پيدا ٿيو اهو مذهبي قوتن پرڻ شروع ڪيو. ان جو خاص سبب هيءُ بہ هو تہ ٽين دنيا جو ۽ هن خطي جو عوام پنهنجي سياسي سرشت ۾ سامراج دشمن آهي ۽ ان جي ان رويي جي نمائندگي بنيادي طور روشن خيال ڌرين بدران مذهبي ڌرين ڪرڻ شروع ڪئي ۽ کين ان ڪري بہ عوامي سطح تي Space مليو. چوٿون عنصر ڏکڻ ايشيا ۾ ڪشمير، تامل ۽ اهڙا ٻيا تڪرار آهن، جن کي انصاف جي بنياد تي حل ڪرڻ جو ڪوبہ گس نہ ڪڍيو ويو آهي ۽ نتيجي ۾ اهي تڪرار انتهاپسنديءَ ۽ ڪنهن حد تائين دهشتگرديءَ جي محرڪ جو ڪردار ادا ڪندا رهيا آهن. جڏهن تہ عالمي برادري انهن تڪرارن جي حل ڪرائڻ ۾ ڪوبہ اثرائتو ۽ نتيجي خيز ڪردار ادا نہ ڪري سگهي آهي.

(ح) گلوبلائيزيشن جا معاشي ۽ سياسي لحاظ کان ناڪاري اثر پنهنجي جاءِ تي پر ڪميونيڪيشن جي انقلاب جي حوالي سان هيءُ لقاءُ انساني تاريخ جو حيرت انگيز معجزو آهي. ڪميونيڪيشن جي ان انقلاب ۾ ميڊيا جو ڪردار نهايت اثرائتي انداز سان اُسريو ۽ اُڀريو آهي. ڏکڻ ايشيا ۾ تعليم جي وڏي کوٽ باوجود ويجهي ماضيءَ ۾ ميڊيا جي اهميت ۽ زبردست اثر تيزيءَ سان وڌيا آهن ۽ انٽرنيٽ جي انقلاب معلومات جي درياهہ جي وهڪري آڏو سمورا رياستي رڪاوٽن جا بند (State Barriors) پيچي ڇڏيا آهن. جيئن جيئن انساني تجربي، مشاهدي، ڄاڻ، علم ۽ معلومات جي مٿا سٽا ۽ گهڻ طرفي رَسد جو سلسلو تيز ٿيندو، تيئن تيئن ميڊيا جو ڪردار اڃا وڌيڪ سگهاري انداز سان اُسرندو ويندو. ڪميونيڪيشن ۽ ميڊيا جي ان انقلاب کان اڳ سماج رياستن جي دائرن ۾ بند هئا ۽ انهن جي ئي رحم ۽ ڪرم تي هئا پر هاڻي تاريخ ۾ پهريون دفعو ميڊيا جي ذريعي اهڙيون اڻ ڳڻيون دريون کُليون آهن، جن مان علم، تجربي، نون نون خيالن، تحقيق ۽ معلومات جي ايندڙ هوا کي ڪير بہ روڪي نہ ٿو سگهي. مثال طور گذريل پنجاهہ سالن کان پارت ۽ پاڪستان وچ ۾ غير قانوني طور اسمگلنگ جو سلسلو تہ هلندڙ هو پر سياسي، صحافتي، علمي ۽ ادبي شعبن ۾ ٿيندڙ سموري لک پڙهہ ۽ ڪتابن ۽ لٽريچر جي اچ وچ تي يا تہ بندش پيل هئي يا سخت سينسرشپ لاڳو هئي پر ڇا هاڻي انٽرنيٽ کان پوءِ اهو ممڪن آهي؟ حڪومتون ڀل تہ رياستي سطح

تي هڪٻئي سان ساڳيو رويو برقرار رکيو اچن پر هاڻي پنهي طرفن کان سجاڻ سياسي ماڻهن، صحافين، اديبن، دانشورن، ٽيڪنوڪريٽس ۽ سماج جي ٻين شعبن جي ماڻهن کي هڪٻئي سان رابطي ۾ اچڻ ۽ ڪو گڏيل ڪردار جوڙڻ کان آخر ڪير ٿو روڪي سگهي؟ ان ڪري ڪانفرنس ۾ گهڻي ۾ گهڻو زور ان ڳالهه تي ڏنو ويو ته ميڊيا جي ڪردار کي ڏکڻ ايشيا ۾ وڌيڪ اثرائتو بڻايو وڃي. آزاد ۽ ذميوار ميڊيا سماج ۾ جيڪو اثرائتو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي، ان جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. ڪانفرنس ۾ ان ڳالهه تي پڻ زور ڏنو ويو ته ڏکڻ ايشيا ۾ ميڊيا جا سول سوسائٽيءَ جي نمائندگي ڪندڙ فورم جوڙيا وڃن. ڇاڪاڻ ته گهڻي ڀاڱي ڏکڻ ايشيا ۾ ميڊيا جا فورم يا ته سرڪاري آهن يا اخباري مالڪن تي مشتمل، جيڪي پنهنجي مخصوص مفادن ۽ اسٽيٽسڪو کان اڳتي وڃي نه ٿا سگهن. ان ڳالهه کي پڻ همٿايو ويو ته مختلف ملڪن جا صحافي ٻين ملڪن جي اخبارن ۽ رسالن ۾ لکن ۽ رپورٽ ڪن ته جيئن عوام کي متعصب رياستي معلومات بجاءِ سڌيءَ ريت معلومات ملي سگهي. ساڳيءَ ريت تعليم ۽ ادب جي شعبن ۾ پڻ ميڊيا کي گڏيل مفادن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو.

ولٽن پارڪ ڪانفرنس ۾ ڏکڻ ايشيا بابت مستقبل جي حوالي سان ڪيترين تجويزن تي غور ڪيو ويو ۽ انهن مان جن بنيادي اهميت جوڳين ۽ عملي تجويزن کي ترجيحي بنيادن تي ڪنيو ويو، اُهي هي آهن:

(1) سڀ کان پهرين ۽ بنيادي تجويز ته اِها هئي ته ولنٽن پارڪ جي ڏکڻ ايشيا ۾ جُڙيل نيٽ ورڪ کي ڪنهن فورم جي شڪل ڏني وڃي. ولٽن پارڪ جو ڏکڻ ايشيا بابت ڊائلاگ جو پراجيڪٽ ٽن سالن تي مشتمل آهي، جيڪو گذريل سال 2001ع کان شروع ٿيو هو ۽ ايندڙ سال (2003ع) تائين هلندو. ٽيئي سال ڏکڻ ايشيا مان پنجيتاليهه ليڊرشپ سطح جا نوجوان دانشور، استاد، ٽيڪنوڪريٽ ۽ سياسي اڳواڻ شريڪ ٿيا ۽ ٿيندا. ولٽن پارڪ جي ڪوشش اِها آهي ته ڏکڻ ايشيا جي مستقبل جي اڳواڻن کي هڪ پليٽ فارم ڏنو وڃي ته جيئن اُهي پنهنجي پيش قدميءَ سان ڪو اهڙو فورم/ ادارو جوڙين، جيڪو جٽادار نموني سڄي ڏکڻ ايشيا ۾ امن، سهڪار، ترقي، تعليم ۽ ثقافتي مٽا سٽا توڙي تڪرارن کي گهٽائڻ/ ختم ڪرڻ (Conflict Resolution & Management) لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري. مان سمجهان ٿو ته جنهن سطح جا ۽ مختلف شعبن جا اهم ماهر، دانشور ۽ اڳواڻ گڏ ڪيا ويا آهن، انهن مان اهڙي ڪردار جي اُميد يقيني طور ڪري سگهجي ٿي. (ڪانفرنس مان موٽڻ کانپوءِ پارت ۽ پاڪستان وچ ۾ خراب ٿيندڙ حالتن ۾ جنهن تيزيءَ سان ۽ جنهن ذميواريءَ سان اسان جي هن گروپ سفارتي سطح تي ڪردار ادا

ڪيو آهي، اُن مان وڌيڪ اُتساهيندڙ صورتحال نظر اچي ٿي. ہي خاص ڳالهہ تہ ھن فورم ۾ سارڪ سميت ڏکڻ ايشيا جي اهم ترين ادارن جا نمائندا اڳ ئي موجود آهن. ان ڪري اِهي سمورا ادارا بہ ھن فورم ڏانهن سهڪاري رويو جاري رکندا).

(2) ڪانفرنس ۾ اها تجويز سامهون آئي تہ يورپين پارليامينٽ جي طرز تي ڏکڻ ايشيا جي ريجنل پارليامينٽ هجڻ گهرجي. ڪانفرنس ۾ يورپين يونين توڙي پارليامينٽ جا نمائندا موجود هئا، جن تفصيلي طور ان جو پس منظر ٻڌايو تہ ہي مهاڀاري لڙائيءَ ڪانپوءِ ڪيئن نہ يورپ اندر مختلف ملڪن اندر شديد تضادن ۽ اختلافن باوجود گڏيل يونين ۽ پارليامينٽ لاءِ ڪوششون ورتيون ويون ۽ ان ۾ ڪيئن ڪين ڪاميابي نصيب ٿي. ڪانفرنس ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق هو تہ جيتوڻيڪ اڄوڪي ڏکڻ ايشيا ايترن تہ تضادن جو شڪار آهي، جو ان ۾ اهو تصور عملي طور لاڳو ڪرڻ بظاهر ممڪن نظر نہ ٿو اچي پر بهرحال پوءِ بہ اهو تصور هڪ سُٺي اُميد تحت هر سطح تي عام ڪرڻ گهرجي ۽ ان لاءِ ڪوششون شروع ڪرڻ گهرجن.

(3) ڪانفرنس ۾ اها تجويز پڻ سامهون آئي تہ ڏکڻ ايشيا ۾ ريجنل سطح جو انساني حقن جو ڪميشن (South Asian Human Rights Commission) قائم ڪيو وڃي، جيڪو خِطي اندر انساني حقن جي پيچ ڪڙين خلاف خِطي اندر ۽ عالمي سطح تي آواز اُٿاري. خاص طور تي رياستي دهشتگرديءَ خلاف. ان ڏس ۾ اها تجويز پڻ هئي تہ ڪوشش اِها ڪجي تہ ڏکڻ ايشيا جي سمورن ملڪن جون حڪومتون انساني حقن جي هڪ ريجنل چارٽر تي صحيحون ڪن، جيڪو ڪميشن طرفان تيار ڪيو وڃي. ان سان وڏو فائدو اهو ٿيندو جو ڪشمير، سريلنڪا ۾ شامل علائقن سميت اهڙن سمورن علائقن ۾ رياستي دهشتگرديءَ ۽ پيچ ڪڙين کي ڪنهن حد تائين ٻنجو ڏئي سگهبو.

(4) ڏکڻ ايشيا ۾ اخبارن ۽ رسالن جي ورڪنگ ايڊيٽرن، ڪالم نويسن ۽ ٻين صحافين تي مشتمل هڪ ميڊيا فورم (South Asian Media Forum) جوڙيو وڃي. جيتوڻيڪ خطي ۾ ميڊيا فورم تہ گهڻا آهن پر اُهي گهڻي ڀاڱي اخباري مالڪن جا فورم آهن، جيڪي اُنهن کي رڳو پنهنجن مخصوص مفادن لاءِ استعمال ڪن ٿا. جڏهن تہ تجويز ڪيل فورم ورڪنگ جرنلسٽن تي مشتمل هجي ۽ اهو ڏکڻ ايشيا ۾ ميڊيا کي امن، تعليم، ترقي ۽ معلومات جي مٽا سٽا لاءِ استعمال ڪري. (ان سلسلي ۾ هڪ ڪميٽي پڻ ٺاهي وئي، جنهن ۾ مون کي بہ ميمبر ڪري ڪنيو ويو ۽ نيپال جي دوست ڪپيل کي سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو. هيءَ ڪميٽي اهڙي فورم لاءِ تياري شروع ڪندي).

(5) ڪانفرنس ۾ تجويز سامهون آئي ۽ جنهن کي گهڻو ساراهيو ويو تہ ڏکڻ ايشيا ۾ علائقائي انصاف جي عدالت (South Asian Court of Justice) هجڻ گهرجي، جيڪا ڏکڻ ايشيا جي مخصوص تڪراري حالتن ۾ ملڪ اندر توڙي ملڪن جي هڪٻئي سان تڪرارن ۽ ٿيندڙ بي انصافين جا ڪيس ڪٽي.

(6) ڪانفرنس ۾ هڪ تجويز سامهون آئي، جنهن جي مون سخت مخالفت ڪئي ۽ پوءِ وڏي بحث مباحثي ڪانپوءِ ان تان هٿ ڪنيو ويو. تجويز هئي تہ ڏکڻ ايشيا ۾ علائقائي ويزا (Regional Visa) شروع ڪئي وڃي. منهنجو اختلاف ۽ دليل هيءُ هو تہ جيتوڻيڪ اها تجويز سُٺي آهي پر ڏکڻ ايشيا جي مخصوص حالتن ۾ ان جا نتيجا نهايت خطرناڪ نڪرندا ۽ خِطي جو اندروني ڊيموگرافڪ توازن بگڙجي ويندو. مثال طور ڀارت مان ڪروڙين مسلمان پاڪستان جو رُخ ڪندا ۽ اهو سڄو نزلو اسان سنڌي ماڻهن تي پوندو ۽ اسين هڪ ڏهاڪي اندر نهايت خسيس ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿي ويندا سين. ساڳيءَ طرح ڀوٽان ۽ نيپال ۾ ڀارت مان لڏپلاڻ ٿيندي ۽ اُتي اصلوڪا ماڻهو ٿورائيءَ ۾ تبديل ٿي ويندا. سريلنڪا جي دوستن بہ چيو تہ ڀارت مان وڏيڪ تامل سريلنڪا ايندا ۽ اسان جو توازن بگڙجي ويندو ۽ تامل تحريڪ وڌيڪ زور وٺندي. اها تجويز هندستاني مسلمانن طرفان بار بار ۽ هر فورم تي رکي پئي وڃي، جنهن جي مزاحمت ٿيڻ گهرجي. گذريل سال سريلنڪا ۾ آر سي سي ايس (RCSS) جي ڏکڻ ايشيا ورڪشاپ ۾ بہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ آءِ آر (IR) ڊپارٽمينٽ جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر سڪندر مهديءَ اها تجويز رکي هئي، جنهن کي مون وڏي بحث مباحثي ڪانپوءِ فورم کان رد ڪرايو هو. (تازو الطاف حسين بہ ARY ٽي وي کي ڏنل پنهنجي انٽرويو ۾ چيو آهي تہ ڀارت جي سمورن مسلمانن لاءِ پاڪستان جا بارڊر کولڻ گهرجن)

(7) ان ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏنو ويو تہ سارڪ چيمبر آف ڪامرس (SAARC Chamber of Commerce) کي وڌيڪ فعال بڻايو وڃي ۽ حڪومتن کي مجبور يا قائل ڪيو وڃي تہ اُهي گڏيل ۽ آزاد واپار کي هٿي وٺرائين. چاڪاڻ تہ ٻيءَ صورت ۾ سڄو فائدو گهڻ قومي ڪمپنين کي وڃي ٿو. جو انهن کي تہ خِطي ۾ واپار جي ڪابہ جهلَ پَلَ نہ آهي، سڄي بندش رڳو ملڪي يا علائقائي ڪمپنين تي آهي.

(8) ڏکڻ ايشيا ۾ مختلف ملڪن جي اخبارن، ڪتابن ۽ رسالن جي آزاد واپار کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورا ممڪن اُپاءَ ورتا وڃن.

(9) ڏکڻ ايشيا ۾ شاگردن ۽ تحقيق ڪندڙ اسڪالرن لاءِ سفر توڙي تعليم حاصل ڪرڻ ۽ تحقيق ڪرڻ جي سلسلي ۾ رياستي بندشون ۽ رڪاوٽون ختم ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن.

(10) ڏکڻ ايشيا ۾ اديبن، دانشورن، شاعرن، صحافين ۽ فنڪارن لاءِ مختلف ملڪن ۾ علمي، تعليمي، ادبي ۽ ثقافتي دورا ٿيڻ گهرجن.

(11) ڏکڻ ايشيا ۾ مختلف ٻولين جي ادب ۽ شاعريءَ جا گڏيل ڪتاب شايع ٿيڻ گهرجن.

(12) ڏکڻ ايشيا ۾ سول سوسائٽيءَ جي ادارن ۽ نيٽ ورڪس کي هر سطح تي همٿايو وڃي ته جيئن انهن جو پاليسيءَ جي معاملن (Policy Affairs) تي سگهارو ڪردار جُڙي سگهي ۽ حڪومتن کي سمورن فيصلن لاءِ واڪ اوور مليل نه هجي.

## بدلجندڙ عالمي دنيا، ڏکڻ ايشيا ۽ سنڌ:

ڪانفرنس جي بهاني سان آئون چاهيان ٿو ته ڪجهه بنيادي ڳالهيون سنڌ جي حوالي سان به ڪريان. دنيا مختلف قومن، ملڪن، تهذيبن، ٻولين، ثقافتن ۽ مفادن جو سمنڊ آهي ۽ سنڌ صدين کان دنيا جي پيچڙيءَ جو هڪ بيحد ڳنڍائتو سماج رهي آهي. حقيقت پسنديءَ جي تقاضا اِها آهي ته اسان نه ته ڪا عظيم قوم آهيون ۽ نه وري ڪا صفا اهڙي مورڳو ڇَٽُ قوم آهيون، جنهن کان ماڻهو ماڳهين نااُميد ٿي وڃي. مان سمجهان ٿو ته هن دؤر ۾ ڪابه قوم اڪيلي، ڳنڍائتي ۽ پاسيري رهي نه رڳو ترقيءَ جي ڏاڪڻ کان ڪٽجي وينديءَ پر اُن جو ماڳهين وجود به برقرار رهي نه سگهندو. پاڪستان ۾ اسان جي حيثيت غلامن جي غلامن جهڙي آهي. رياستي ادارا نه رڳو اسان کي ملڪ جو حصو نه ٿا سمجهن پر اسان جي قومي مفادن ۽ وجود کي ميسارڻ جي ڏنڊي سان لڳل آهن. اسان جي عوام جي گهڻائي قطعي اڻ پڙهيل، جديد سياسي، سماجي ۽ معاشي شعور کان وانجهيل ۽ وڏيرن ۽ پوليس جي رحم ۽ ڪرم تي آهي. عوام جي باري ۾ پڻ اسان کي حقيقت پسند ٿيڻ گهرجي. چاڪاڻ ته عوام پرستي خود رجعت پسند ۽ عوام دشمن رهيو آهي. سنڌي وڏيرو هيستائين سنڌ جا سڀ ٽپڙ وڪڻي چڪو آهي ۽ باقي رهيل به تين وال ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائيندو. رڳو ڪيس اقتداري ايوان جي جُتين ۾ جاءِ ملي ۽ ڪيس حڪمران طبقي جي بچايل "اوبر" ملڻ جو آسرو هجي. هو آخر ۾ جواريءَ وانگر "گهر جا ڀاتي" به وڪڻي ايندو. سنڌي ڪاموري "پيٽ" کان اڳتي ڪڏهن به سوچيو ئي ناهي ۽ نه ان ۾ مجموعي طور قومي شعور ۽ ادراڪ جي ڪا فضيلت آهي. سنڌ جي نام نهاد قومي سياست گهٽي ڀاڳي چورن، ڀتاگيرن ۽ ڳنڍي ڇوڙن جي حوالي آهي. سنڌ جي اديبن ۽ دانشورن جي گهڻائيءَ جي سطح سَستي شخصي پذيرائيءَ ۽ ڇَسپائيءَ کان مٿي ناهي ۽ اها سموري صورتحال بظاهر مايوس ڪندڙ به آهي، پر ساڳئي وقت ان صورتحال مان نڪرڻ جا ڪيترا متبادل گس به آهن. جن مان هڪڙو نهايت سادو

ڳنُ اهو آهي تہ سنڌ جا اُهي سمورا فرد جن کي شعور، ڳھربل لياقت ۽ پنھنجي قوم جي اڪثريتي پنتي پيل ۽ غلامين جي انيڪ دائرن ۾ قيد عوام لاءِ اونِ آهي، اُهي پنھنجو گھڻُ-طرفو ۽ سگھارو توڙي ذميوار ڪردار متعين ڪن. مان هتي ان موضوع جا ٻيا پاسا ڇڏي، موضوع جي نسبت سان اهو چوڻ ٿو چاهيان تہ اهو پنھنجن محدود دائرن مان نڪري مقامي سان گڏ ملڪي، علائقائي ۽ بين الاقوامي فورمن تي بہ اچي. دنيا هاڻي ڏينھون ڏينھن وڌيڪ آزاد ۽ Open ٿي رهي آهي. رابطن جي ذريعن ۾ انقلاب، قومن جي صف بندين جا تصور ئي بدلائي ڇڏيا آهن. هاڻي اڳين صفن (Main Stream) ۾ اچڻ جا معيار بدلجي رهيا آهن ۽ تاريخ جي ان انقلاب اسان جھڙين پنتي پيل، پاسيرين ۽ ڳُنڀائتين قومن کي بہ اهو موقعو فراهم ڪيو آهي تہ اسين پنھنجو ڪردار نئين سر جوڙيون ۽ دنيا سان گڏ وِکون کڻون. دنيا ۾ هاڻي سفارتڪاريءَ جا معيار بہ بدلجي رهيا آهن. قومن جي سفارتڪاري رڳو سفارتخانا نہ ڪندا آهن، انھن جو ڪم هاڻي رڳو ويزائون ڏيڻ وڃي رهيو آهي. اصل سفارتڪاري تہ دانشور، اديب، فنڪار، سائنسدان، ميڊيا ۽ سول سوسائٽيءَ جي ذريعي ٿئي ٿي. هن دؤر ۾ اسان کي بہ وَسَ آهر عالمي ڏارائن ۾ شامل ٿيڻو پوندو. دنيا سان رابطي ۾ رهڻو پوندو، دنيا جي معاملن ۾ حصو وٺڻو پوندو. دنيا ۾ ٿيندڙ عالمگير ۽ سنڌ جي آواز کي دنيا تائين پهچائڻو پوندو ۽ اهو سڀ هاڻي اڳ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آسانيءَ سان ممڪن آهي. ان لاءِ اسان کي پنھنجا تعليمي ادارا بچائڻا پوندا، انھن جو معيار بلند ڪرڻو پوندو. انگريزي ٻوليءَ تي ڌيان ڏيڻو پوندو. دنيا جي لٽريچر کي پڙهڻو پوندو. جديد علمن ڏانھن راغب ٿيڻو پوندو ۽ نئلهين ڳالهين بدران اسان مان هرهڪ کي پنھنجيءَ پتيءَ جو عملي ۽ اثرائتو ذميوار ڪردار طئي ۽ ادا ڪرڻو پوندو ۽ نئلهو گهر ۾ ويهي پاڻ کي مظلوم سمجهڻ جي روش ترڪ ڪرڻي پوندي.

---

روزاني "عبرت" حيدرآباد، 28، 29، 30 جون 2002ع

# غلاميءَ ۽ غربت ۾ گهيريل ڏکڻ ايشيا!

جيئن جيئن دنيا ۾ گلوبلائزيشن جو زور وڌندو پيو وڃي، تيئن تيئن دنيا جي مختلف خِطن ۽ علائقائي وحدتن اندر بہ گڏيل مفادن جي سوچ ۽ وحدت جو تصور بہ تيزيءَ سان اُڀري ۽ مختلف شڪليون اختيار ڪري رهيو آهي. يورپي يونين، آسيان (Asean)، سارڪ (Saarc) ۽ اهڙا ٻيا ڪيترا فورم دراصل ان ئي رويي ۽ سوچ جو اظهار آهن. ڏکڻ ايشيا جو خطو جيڪو نہ رڳو بنگلاديش، ڀوٽان، ڀارت، مالديپ، نيپال، سريلنڪا ۽ پاڪستان جي ستن رياستن تي مشتمل آهي، پر ان ۾ دنيا جي مجموعي آباديءَ جو لڳ ڀڳ چوٿون حصو يعني ڏيڍ ارب ماڻهو رهن ٿا. جن ۾ مذهبي، ثقافتي، سماجي ۽ تاريخي فرق ۽ تڪرار هئڻ باوجود اڪيچار هڪجهڙايون بہ آهن. ان ڪري هن خطي کي گهڻن حوالن سان پنهنجي انفراديت ۽ اهميت حاصل آهي. تمام گهڻن اندروني تڪرارن باوجود هن خطي ۾ مختلف سطحن تي علائقائي امن ۽ وحدت جي ضرورت هڪ وڏي عرصي کان ڏکڻ ايشيا ۾ هر سطح تي محسوس ڪئي پئي وڃي. 8 ڊسمبر 1985ع تي ڍاڪا ۾ ڏکڻ ايشيا جي سمورن ملڪن جي گڏيل راضپي سان سارڪ جو بنياد بہ ان ئي سوچ ۽ ضرورت تحت وڌو ويو هو. جيتوڻيڪ هيستائين سارڪ جون ٻارنهن سربراهي وڏيون گڏيل گڏجاڻيون منعقد ٿي چڪيون آهن. نتيجي ۾ گذريل ڏهاڪي کان ڏکڻ ايشيا اندر اها سوچ تيزيءَ سان اُڀري تہ ڏکڻ ايشيا جا حڪمران طبقا پنهنجن ناجائز مفادن تحت هن خطي ۾ نہ رڳو عوام کي ويجهو اچڻ نہ ٿا ڏين پر اهي علائقي ۾ گڏيل امن، سلامتيءَ ۽ ترقيءَ لاءِ بہ سنجيده نہ آهن، ان ڪري ضروري آهي تہ ڏکڻ ايشيا ۾ مختلف شعبن جي مختلف سطحن تي متبادل فورم ٺاهيا وڃن، جيڪي نہ رڳو سارڪ تي دٻاءُ وجهن پر ان جي متبادل طور پنهنجو ڪردار اُڀارين ۽ خطي جي عوام کي هڪٻئي جي ويجهو آڻڻ جا موقعا ۽ فورم پيدا ڪن. ان سوچ تحت هن

وقت ڏکڻ ايشيا ۾ ڪيترائي فورم سياست، ادب، ثقافت، امن سلامتي، معيشت، ميڊيا ۽ ٻين حوالن سان ڪم ڪن ٿا ۽ هاڻي ته انهن مان ڪيترن جو ايترو ته وزن آهي جو بين الاقوامي فورمس ۾ سطح تي به انهن کي وڏي اهميت ملي ٿي. سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ انٽرنيشنل (SAP-International) طرفان گذريل ٽن سالن کان ڏکڻ ايشيائي پيپلز سمٽ به هڪ اهڙو ئي وسيع فورم آهي. گذريل سال اها ڏکڻ ايشيائي سمٽ کٽمنڊو ۾ ٿي هئي ۽ هن سال اها تازو اسلام آباد ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ ڏکڻ ايشيا جي مختلف ملڪن سميت پاڪستان مان زندگيءَ جي مختلف شعبن سان وابسته لڳ ڀڳ ٽي سئو ماڻهن شرڪت ڪئي. عام طور هيءَ گڏجاڻي سارڪ سربراهه ڪانفرنس جي موقعي تي ئي رکي ويندي آهي ته جيئن سارڪ تي اهو دٻاءُ وجهي سگهجي ته اها ڏکڻ ايشيا جي عوام جا حقيقي اشوز کڻي سگهي ۽ انهن تي اهو ئي موقف اختيار ڪري جيڪو خطي جي حڪمران طبقن نه پر عوام جي مفادن وٽان هجي. هن ڀيري جيئن ته ڀارت سارڪ سربراهه ڪانفرنس پاڪستان ۾ منعقد ٿيڻ سبب اچڻ کان جواب ڏنو ۽ نتيجي ۾ اها ملتوي ٿي وئي، ان ڪري هن پيپلز سمٽ جو مُک نعرو اهو هو ته جيڪڏهن حڪومتن جا سربراهه پاڻ ۾ نه ٿا ملي سگهن ته پوءِ ماڻهن کي پاڻ ۾ ملڻ گهرجي. جيئن تازو حيدرآباد دکن ۾ 2 جنوريءَ تي منعقد ٿيل ”ايشيا فورم“ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پاڪستان مان سواءِ ٻن ڄڻن جي ڪنهن کي به ويزا نه ڏني وئي، ويندي عاصمه جهانگير، افراسياب خٽڪ، نگهت سعيد خان ۽ آءِ اي رحمان جهڙن ماڻهن کي به اچڻ نه ڏنو ويو. تيئن اسلام آباد ۾ ٿيل هن پيپلز سمٽ ۾ به ڀارت مان سواءِ ڊاڪٽر ميٿيو جي ٻيو ڪنهن کي به شريڪ ٿيڻ جي اجازت ۽ ويزا نه ڏني وئي، جنهن تي تمام گهڻو احتجاج به ٿيو ته گهٽ ۾ گهٽ ڏکڻ ايشيا ۾ دانشورن، صحافين، اديبن ۽ سول سوسائٽيءَ جي نمائندن جي اچ وڃ تي پابنديون نه هئڻ گهرجن.

ٽن ڏينهن تائين جاري رهندڙ هن پيپلز سمٽ جي موجوده حالتن جي حوالي سان ۽ ڏکڻ ايشيا جي نسبت سان پنهنجي اهميت آهي. ڏکڻ ايشيا جي جن بنيادي اشوز تي جنهن کُليل انداز سان طويل بحث مباحثا ٿيا ۽ جيئن مستقبل لاءِ ڳالهيون طئي ڪيون ويون، انهن جي پنهنجي اهميت آهي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته هن گڏجاڻيءَ ۾ ڏکڻ ايشيا جي دانشورن، ماهرن، ڪارڪنن، سول سوسائٽيءَ سان لاڳاپيل ماڻهن هر موقعي ۽ سطح تي جنهن پنهنجائپ ۽ محبت ۽ گڏيل احترام سان هڪٻئي سان پنهنجون ڳالهيون رکيون انهن مان واضح هو ته حڪمران طبقن جيان ڏکڻ ايشيا جو عوام ۽ ساڃاهه وند ماڻهو هڪٻئي سان نفرت نه ٿا ڪن. مثال طور امن ۽ علائقائي سهڪار بابت جنهن ڪميشن جو مان ميمبر هئس، ان جي

صدارت پارت مان آيل دانشور ۽ ماهر ڊاڪٽر ميٿيو ڪان ڪرائي وئي. جڏهن ته ان ۾ ايم بي نقوي ۽ ڪرامت عليءَ جهڙا سينيئر ماڻهو به موجود هئا پر گڏيل صلاح سان ان جي صدارت هڪ پارٽي دانشور ڪان ڪرائي وئي ۽ ايئن هر ڪميشن ۾ هو، جنهن ۾ هر ملڪ جي دوستن بئي ملڪ جي ميمبرن کي وڏيڪ عزت ٿي ڏني. جيئن ته هيءَ ان نوعيت جي ٽين گڏجاڻي هئي ۽ پهرين ٻن گڏجاڻين ۾ بنيادي نوعيت جو نظرياتي ڪم ٿي چڪو هو. ان ڪري هن دفعي گهڻو زور مستقبل جي عملي ڪم ۽ حڪمت عملين تي ڏنو ويو. ٽن ڏينهن جي هن ڏکڻ ايشيائي سمٽ ۾ جن بنيادي اشوز تي زور ڏنو ويو ۽ گڏيل موقف اختيار ڪيو ويو اُهي هي هئا:

(1) ڪانفرنس ۾ گهٽي ۾ گهٽو زور ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي ڊفينس خرچ تي ڏنو ويو. جنهن ۾ ٿلهي ليکي ان ڳالهه تي اتفاق هو ته ڏکڻ ايشيا دنيا جو غريب خطو ۽ ان جو عوام دنيا جو غريب ترين عوام آهي پر سندن ملڪن جي قومي آمدنيءَ جو تمام وڏو حصو سندن تعليم، صحت، انساني ترقي ۽ سلامتيءَ (Human Development and Security) بجاءِ غير ضروري حد تائين ڊفينس تي خرچ ڪيو وڃي ٿو جنهن جو منطقي نتيجو نه رڳو عوام جي غربت ۾ ڏينهون ڏينهن ٿيندڙ واڌارو آهي پر ان جو سڀني کان هاڃيڪار نتيجو ڏکڻ ايشيا ۾ مراعت يافته ۽ عوام دشمن اسٽيبلشمينٽ جو پيدا ٿيڻ آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڏکڻ ايشيا جي هر ملڪ جي عوام کي ٻين کان نه پر دراصل وڏي ۾ وڏو خطرو پنهنجي پنهنجي اسٽيبلشمينٽ کان آهي. دنيا ۾ هاڻي سلامتيءَ (Security) جا تصور تبديل ٿي ويا آهن. سوويت يونين جي ٽُٽڻ کانپوءِ هاڻي دنيا ۾ رياستن يا ملڪن جي سلامتي، دفاعي شعبن تي بي پناهه خرچڻ بجاءِ انساني سلامتيءَ جي تصور سان مشروط سمجهي وڃي ٿي. ڏکڻ ايشيا جو عوام اندروني طور بُک، بدحالي، تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي نه هجڻ، سماجي ۽ سياسي تڪرارن ۽ اهڙن ٻين سببن ڪري وڏيڪ غير سلامتيءَ هيٺ آهي ۽ رياستي سلامتيءَ جي نالي ۾ سمورا وسيلا هٿيارن ۽ نيوڪليئر بمن تي خرچ ڪرڻ سان سندن انساني سلامتي وڏيڪ خطري ۾ پئجي وڃي ٿي. ان ڪري ضرورت آهي ته ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي حڪمرانن تي مقامي توڙي علائقائي ۽ بين الاقوامي سطح تي دٻاءُ وڌو وڃي ته اهي عوام جا وسيلا ڊفينس جي نالي تي سندن سلامتيءَ خلاف استعمال نه ڪن.

(2) ڪانفرنس ۾ ان ڳالهه تي به گهڻو زور ڏنو ويو ته ڏکڻ ايشيا ۾ ملڪن اندر توڙي ملڪن وچ ۾ قومي تڪرارن جو نبيرو جمهوري انداز سان ڪرڻ جو سلسلو تيز ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته هڪ طرف رياستون عوام جا وسيلا انهن تڪرارن جي آڙ ۾ ۽ ڊفينس تي خرچ ڪرڻ جي نالي ۾ ڦٻائين ٿيون ته ٻئي پاسي اهي سماجي ۽

سياسي تڪرار انساني سلامتيءَ لاءِ انيڪ خطرا پيدا ڪن ٿا. ڪانفرنس ۾ ان ڳالهہ تي اتفاق هو تہ ڏکڻ ايشيا جا علائقائي ۽ ملڪي / قومي تڪرار حل ٿي سگهڻ جوڳا آهن، پر انهن کي حل نہ ٿو ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ حڪمران طبقن جي ناجائز مفادن جو جياپو ئي ان تي آهي. ان ڏس ۾ آمريڪا ۽ عالمي برادريءَ جي ڪردار کي پڻ ننديو ويو. ڇاڪاڻ تہ اهي طاقتون ڏکڻ ايشيا جي عوام بجاءِ سندن حڪمران طبقن جو ساٿ ڏين ٿيون. مجموعي طور سڄي ٽين دنيا لاءِ سندن پاليسي اها ئي آهي.

(3) ڪانفرنس ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ هٿيارن جي ڊوڙ ۽ واپار تي بہ سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو. ڏکڻ ايشيا ۾ رڳو رياستي سطح تي موتمار ۽ هاڻي تہ نيوڪليئر هٿيارن جي ڊوڙ عام ٿي رهي آهي پر سماجي ۽ عوامي سطح تي ننڍن هٿيارن جي غير قانوني ڊوڙ بہ وڏو اشو آهي، جنهن جو فائدو رياستي سطح تي اسٽيبلشمينٽس ۽ سماجي سطح تي مذهبي ۽ سياسي دهشتگرد وٺن ٿا. ان موقعي تي بين الاقوامي هٿيارن جي ڪمپنين تي پڻ سخت تنقيد ڪئي وئي، جيڪي پنهنجي هٿيارن جي وڪري کي وڌائڻ ۽ يقيني بڻائڻ لاءِ ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرارن کي هٿي ڏينديون رهيون آهن.

(4) ڪانفرنس ۾ گلوبلائزيشن ۽ ڏکڻ ايشيا تي ان جي سياسي ۽ معاشي اثرن تي پڻ تفصيلي سياسي بحث مباحثو ٿيو. جنهن جو ٿلهي ليکي تت هيءُ هو تہ گلوبلائزيشن عالمي طور ڇڙواڳ ۽ بي لغام سرمائيداريءَ کي هٿي ڏئي رهي آهي. عالمي سرمائيدار ادارا ۽ گهڻ قومي ڪمپنيون سڄي ٽين دنيا جي عوام جو معاشي رت پي رهيون آهن. ڏکڻ ايشيا تي بہ ان جا خوفناڪ معاشي اثر پيا آهن. مثال طور غربت ۾ ڏينهون ڏينهن واڌاري جا جتي بيا سبب آهن، اتي گلوبلائيزيشن جي نالي ۾ بي لغام سرمائيداريءَ جو ڏکڻ ايشيا جي معيشت تي عالمي مالياتي ادارن ۽ ڪمپنين معرفت ڪنٽرول بہ آهي. ان عالمي طوفان کي ٽين دنيا ۽ ڏکڻ ايشيا جو ڪوبہ ملڪ اڪيلي سر منهن ڏيئي نہ ٿو سگهي. ان لاءِ ضروري آهي تہ مختلف خِطن ۾ علائقائي اتحادن کي نہ رڳو مضبوط ڪيو وڃي پر سندن وچ ۾ گڏيل مفادن جي بچاءِ جا معاهدا بہ ڪيا وڃن. نيپال جي پروفيسر لوڪ راج بئراج بہ سال اڳ سريلنڪا ۾ آر سي ايس ايس (RCSS) جي هڪ ڪانفرنس ۾ ان کي ريجنلائيزيشن (Regionalization) سڏيو هو. ان سوچ تحت هن ڪانفرنس ۾ بہ ڏکڻ ايشيا اندر گڏيل واپار ۽ واپاري معاهدا ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ۽ سارڪ چيمبر آف ڪامرس کي وڌيڪ سرگرم ۽ اثرائتو بڻائڻ تي زور ڀريو ويو. ڏکڻ ايشيا اندر تمام وڏو ڪنزيومر مارڪيٽ آهي پر خِطي اندر گڏيل واپار ۽ ملڪن وچ ۾ واپاري

ناتا نه هئڻ سبب ان جو وڏو معاشي فائدو ڏکڻ ايشيا جي عوام بدران وڏين ڪمپنين ۽ سرمائيدار ملڪن کي ٿئي ٿو.

(5) ڪانفرنس ۾ ڏکڻ ايشيا اندر عورتن ۽ ٻارن جي جنسي واپار (Sex Tourism) تي پڻ تفصيلي غور ڪيو ويو. خاص طور تي ڀارت ۽ بنگلاديش ۾ اهو ڌنڌو وڏي پئماني تي ٿئي ٿو. نه رڳو اهو ڌنڌو ملڪن اندر ٿئي ٿو پر مختلف ملڪن وچ ۾ به ٿئي ٿو. نيپال مان ڇوڪرين ۽ ٻارن جو ڀارت ۾ واپار، بنگالي عورتن جو پاڪستان ۾ اچڻ توڙي ڪولمبو ۾ ڀارتي، نيپالي ۽ بنگالي وئشيائن جو وڏي پئماني تي اچڻ هاڻي ڏکڻ ايشيا ۾ سيڪس واپار جا وڏا ذريعا آهن. دراصل غربت ان واپار جو مُک سبب آهي ۽ غربت جو فائدو وٺي اهو ڌنڌو ڪندڙ مافيائن جو ڏکڻ ايشيا ۾ هڪ وڏو ڄار وڇائجي چڪو آهي. ڪانفرنس ۾ زور ڏنو ويو ته اهو معاملو سارڪ سطح تي کنيو وڃي ۽ سارڪ جا سمورا ميمبر ملڪ ان ڏس ۾ ڪو گڏيل معاهدو ڪن ۽ هن غير انساني واپار جا رستا بند ڪرڻ لاءِ اُپاءَ وٺن.

(6) ڪانفرنس ۾ جيتوڻيڪ گورننس (Governance) تي هڪ الڳ ڪميشن پڻ قائم ڪيو ويو هو پر مجموعي طور ان تي وڏو بحث مباحثو ٿيو ته ڏکڻ ايشيا ۾ رياستي ۽ سماجي شعبن ۾ بدانتظامي (Bad Governance) ڇو آهي ۽ ان جو سدباب ڪيئن ڪري سگهجي ٿو؟ دراصل گورننس سڄيءَ دنيا ۾ هڪ سياسي مسئلو سمجهيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن رياست جو سماجي ڪردار ۽ مفاد واضح ۽ عوام جي مفاد ۾ نه هوندا ته پوءِ رياستي توڙي سماجي شعبن ۾ بدانتظاميءَ جو هڪ بنيادي سبب اهو آهي ته اتي خودمختيار رياستون ۽ عوامي جمهوريتون اُسرڻ ڏنيون نه ٿيون وڃن. جيڪڏهن گهرائيءَ سان ڏسبو ته معلوم ٿيندو ته ٽين دنيا جون سموريون رياستون ڪنهن نه ڪنهن طرح سياسي توڙي معاشي ۽ سماجي حوالي سان عالمي سرمائيدار قوتن، ادارن جون غلام ۽ ناجائز مفاد جون مطيع آهن. سندن پاليسيون انهن ملڪن جو عوام پنهنجن نمائنده جمهوري ادارن معرفت نه ٿو ٺاهي. سندن زندگيءَ سان وابسته شعبن جون پاليسيون سندن اسٽيبلشمينٽ معرفت عالمي سرمائيدار ملڪ ۽ ادارا ٺاهين ٿا. ان ڪري ٽيسين ٽين دنيا توڙي ڏکڻ ايشيا ۾ گڊ گورننس جو تصور پاڙون هڻي نه سگهندو، جيسين خودمختيار رياستون ۽ جمهوريتون حقيقي معنيٰ ۾ نه ٿيون اُڀرن. ان ڪري ان ڳالهه تي زور ڏنو ويو ته آمريڪا ۽ سامراجي ادارن جي تسلط خلاف وڏي سطح تي مزاحمت نه ٿي ڪئي وڃي.

(7) ڪانفرنس ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ سماجي ترقيءَ بابت پڻ الڳ ڪميشن قائم ڪيو ويو هو. جنهن پنهنجون سفارشون ترتيب ڏنيون. ڪميشن جي سفارشن جو

تتُ هيءُ هو تہ انساني وسيلن جي ترقيءَ ۽ سماجي ترقيءَ ڪانسواءِ دنيا ۾ هاڻي ترقيءَ جو تصور بہ ناممڪن آهي ۽ اهو ڪم هاڻي رڳو رياستن ۽ حڪومتي شعبن تي ڇڏي نہ ٿو سگهجي. ان ڪري ضروري آهي تہ غير سرڪاري سطح تي ادارا اهو ڪم ترجيحي بنيادن تي هٿ ۾ کڻن.

ٽين ڏکڻ ايشيائي پيپلز سمٽ ۾ سنڌ مان بہ اسان ڪجهہ دوست شريڪ ٿياسين ۽ اسان جو مختلف حوالن سان ۽ مختلف ڪميشنن اندر ان ڳالهہ تي زور هو تہ ڏکڻ ايشيا جا گهڻ قومي ملڪ اندروني طور وڏن تڪرارن ۾ آهن ۽ ننڍين قومن جي آواز کي هر سطح تي دٻايو وڃي ٿو يا گهربل اهميت سان نہ ٿو ورتو وڃي. جڏهن تہ اهي اڪثريتي آبادي آهن. ان ڪري ڏکڻ ايشيا ۾ سلامتي ۽ امن جو سوال هجي يا سياسي خودمختياري ۽ ترقيءَ جو اهو جيستائين مظلوم ۽ پوئتي ڌڪيل قومن ۽ عوام جي مفادن ۽ تحفظ جي پس منظر ۾ ان سان هم آهنگ ڪري نہ ڪنيو ويندو، تيسين اهي سڀ سوال بس سوال ئي رهندا. اها بہ سُٺي ڳالهہ ٿي جو ڏکڻ ايشيا بابت قائم ڪيل پنجن ئي ڪميشنز ۾ اسان جي نمائندگي هئي ۽ اسان پاليسين ۾ پنهنجا پنهنجا نقطا شامل ڪرايا.

سنڌ، ڏکڻ ايشيا جي اها قوم آهي جيڪا ڪنهن زماني ۾ هند جي برابر ليکي ويندي هئي ۽ ”هنڌ-سنڌ“ جو اصطلاح ان جو ئي اظهار آهي. سوال آهي تہ اڄ جڏهن ڏکڻ ايشيا ۾ خطي جي گڏيل سجاڳپ ۽ سياست توڙي ثقافت ۽ معيشت اُڀارڻ جي ڳالهہ ڪئي پئي وڃي ۽ قومن جي ان حوالي سان نئين سر صف بندي ٿي رهي آهي، تڏهن سنڌ ان سجي منظرنامي ۾ ڪٿي بيٺل آهي يا هوندي؟ سنڌ ماٿهو جيڪو پاڪستان تہ ڇا پر خود سنڌ ۾ بہ گُندائتو بڻايو ويو آهي، اهو ڏکڻ ايشيا ۾ پنهنجي سجاڳپ کي ڪيئن اُڀاريندو يا ان ۾ پنهنجو قومي ڪردار ڪيئن طئي ڪندو؟ اهو سوال سنڌ جي سمورن ساڃهہ وندن لاءِ سچ پچ بہ هڪ وڏو سوال آهي- پر ڇا اهو سوال اسان جي ايجنڊا تي آهي!؟

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 19 جنوري 2003ع

# دنيا عالمي طاقتن جي نئين توازن ڏانهن وڌي رهي آهي!

عراق خلاف امڪاني آمريڪي اڳرائيءَ جو موضوع اڄ ڪلهه سڄيءَ دنيا ۾ بحث هيٺ آهي. ان حوالي سان نه رڳو دنيا ۾ بحث مباحثا ٿي رهيا آهن پر آمريڪا خلاف مزاحمتي آواز جا پڙاڏا به دنيا جي هر ڪنڊ ۾ گونجي رهيا آهن. ٻيو ته ٺهيو پر خود هن هفتي وائيٽ هائوس جي سامهون آمريڪي پاليسين ۽ جنگي جنون خلاف آمريڪي شهرين ۽ سول سوسائٽيءَ جو وڏو احتجاجي مظاهرو ٿيو آهي، جنهن نه رڳو آمريڪا کي اخلاقي طور ملڪ اندر ٽوڙي دنيا ۾ ڪمزور ڪيو آهي، پر ان سان سڄيءَ دنيا ۾ آمريڪا خلاف مزاحمتي آواز کي وڏي هٿي ملي آهي.

اڄوڪو همعصر عالمي دور رڳو نظرياتي طور ئي نه پر سياسي ۽ معاشي طور به وڏين بنيادي نوعيت جي تبديلين ۽ اٿل پٿل جو دور آهي. جيئن ته اسين ٽين دنيا جون مظلوم ۽ غلام قومون ۽ عوام انهن جي سٺن ٽوڙي خراب نتيجن کان لاتعلق نه آهيون ۽ نه ئي رهي سگهون ٿا، ان ڪري نهايت ضروري آهي ته بدلجندڙ عالمي حالتن ۽ طاقتن جي توازن تي نظر رکجي ۽ انهن مان ڪڍيل نتيجن جي روشنيءَ ۾ پنهنجون پاليسيون ۽ حڪمت عمليون ترتيب ڏجن. جيتوڻيڪ گذريل ڏهاڪي کان دنيا ۾ انقلاب، سامراج ۽ مزاحمت جهڙن لفظن جي جاءِ وچٿرن ۽ وائڙن اصطلاحن والاري آهي ۽ اهو هارورڊ يونيورسٽيءَ جو ”ڪمال“ آهي، جيڪا دنيا ۾ سياسي اصطلاحن ناهڻ جي وڏي فيڪٽري سمجهي وڃي ٿي پر بنيادي حقيقتون پنهنجي جاءِ تي اڄ به موجود آهن. جيڪي وائڙن اصطلاحن سان بدلجي نه ٿيون سگهن. مثال طور گذريل ڏهاڪي کان دنيا ۾ سامراج لفظ متروڪ ڪيو ۽ سمجهيو ويو پر دنيا ۾ ڪير آهي جيڪو اهو انڪار ڪري سگهندو ته آمريڪا جو عالمي

سياسي ۽ معاشي توڙي فوجي ڪردار اڄ بہ سئو سيڪڙو سامراجي نہ آهي. سامراجيت (Imperialism) رڳو ڪو سڪّو سياسي فيشن جو اصطلاح نہ آهي پر اهو دراصل ناجائز ڦورو مفادن جي ترجمان ۽ محافظ روين، قدرن، پاليسين ۽ عملن جي هڪ تاجي پيتي ۽ نظام جو نالو آهي ۽ آمريڪا اڄ بہ ان تي سورنهن جا ارڙهن آنا پورو لهي ٿو. ان ڪري هي جيڪي آمريڪا جا سڄيءَ دنيا تي اڪيلي سر حڪمرانيءَ ۽ هڪ هٽيءَ جا فسطائي خواب آهن. انهن خوابن جي تعبير لاءِ جيڪي ٽين دنيا جي سياسي ۽ معاشي رت پيئڻ جون پاليسيون آهن ۽ گڏوگڏ ٽين دنيا جي عوام جو نفسياتي طور ساهہ سُڪائيندڙ پاليسيون آهن. ان جو بنيادي محرڪ ان ڪانسواءِ ڪهڙو آهي يا ٿي سهي ٿو تہ آمريڪا اڄوڪي همعصر عالمي دؤر جو وڏي ۾ وڏو سامراج آهي، خاص طور ٽين دنيا جي نسبت سان.

ٻي مهاڀاري جنگ دنيا ۾ طاقت جي محورن ۽ توازن کي هڪ وڏي زماني کان پوءِ وري تبديل ڪري ڇڏيو هو. هڪ طرف ان جي نتيجي ۾ يورپ وقتي طور هر طرح سان تباهہ ٿي ويو. جيتوڻيڪ ان کان پوءِ سوويت يونين جي صورت ۾ سوشلسٽ بلاڪ کي بہ اڳتي اچڻ لاءِ وڏو موقعو مليو ۽ روس دنيا جو هڪ سُپر پاور ٿي اُڀريو پر حقيقت اها آهي تہ ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ عالمي طور سرمائيداريءَ کي بہ وڏي هٿي ملي ۽ ان جي مهنداري بنيادي طور يورپ مان منتقل ٿي آمريڪا جي حصي ۾ آئي ۽ آمريڪا سرمائيدار دنيا جو وڏي ۾ وڏو ملڪ ئي نہ پر هڪ عالمي سامراج ٿي اُڀريو. سوويت يونين جهڙي هڪ ٻي سپور پاور جي موجودگيءَ ۾ دنيا ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ حد تائين طاقت جو توازن قائم هو ۽ آمريڪا هڪ خاص حد کان وڌيڪ پنهنجي اڳرائيءَ يا هڪ هٽيءَ کان اڳتي وڌڻ کان مجبور هو. ويٽنام ۾ ان کي عبرتناڪ شڪست اچي چڪي هئي. چين، اُتر ڪوريا، ڪيوبا، انگولا، لائوس ۽ دنيا جي اڪيچار ملڪن ۾ هڪ طرف سوشلسٽ انقلاب اچي چڪا هئا تہ ٻئي طرف سڄيءَ دنيا ۾ ڪاٻي ڌر جون تحريڪون مضبوطيءَ سان موجود هيون. جنهن سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ حد تائين دنيا ۾ سياسي طاقت جو توازن موجود هو پر گذريل ڏهاڪي ۾ سوويت يونين جي زوال، چين جو نيم سرمائيداريءَ ڏانهن وڃڻ ۽ سڄيءَ دنيا ۾ ڪاٻي ڌر جي تحريڪن ۾ ٽوڙ ڦوڙ ۽ بحران جي نتيجي ۾ طاقت جو اهو توازن ٽُٽي پيو ۽ دنيا ان دؤر ۾ داخل ٿي جنهن کي "سرد جنگ جي خاتمي" ۽ يوني پولر ورلڊ (هڪ رُخي دنيا) جو دؤر سڏيو ويو. جارج بش "وڏي" ان کي "نئين عالمي نظام" (New World Order) جو نالو ڏنو هو. فوڪو ان کي "تاريخ جي پڄاڻي" (End of History) جهڙي غير سائنسي ۽ وائڙي تشريح سان تعبير ڪيو پر بهرحال ان جو حاصل مطلب ۽ نتيجو اهو هو تہ دنيا ۾ عالمي طور سياسي سگهہ جو توازن

بگڙي چڪو هو ۽ آمريڪا بدليل دنيا ۾ اڪيلو لٺ سردار ۽ ”وڏيرو“ ٿي ويهي رهيو. اها ”لٺ سرداري“ ۽ ”عالمي وڏيرپ“ گذريل ڏهاڪي کان آمريڪا جي سمورين سياسي، سفارتي ۽ معاشي پاليسين مان پنهنجو واضح اظهار ڪندي رهي آهي. آمريڪا طرفان نه رڳو ان جو هڪ طرفو اظهار ٿيندو رهيو آهي، پر فطري طور ان ۾ ڏينهون ڏينهن واڌارو ايندو رهيو آهي. 11هين سيپٽمبر کان پوءِ جي بدليل دنيا ۾ آمريڪا پنهنجي طاقت جي مستيءَ جي ڇيهه ڪي ڇهڻ شروع ڪيو. هينئر عراق، ايران ۽ اُتر ڪوريا تي حملن جون تياريون ۽ باقي پاڪستان جهڙن ملڪن ڏانهن ڌمڪين وارا نياپا به ان ئي رويي جي ڇيهه جو اظهار آهن.

هن وقت دنيا ۾ عالمي سياست تي نظر رکندڙ ۽ ان بابت سوچيندڙ ماڻهو ٽلهي ليکي ٻن راين جا آهن. هڪڙن جو خيال آهي ته آمريڪا هاڻي دنيا جو اڪيلو ئي چڱو مڙس آهي ۽ ان جي هاٺوڪي بي پناهه سگهاري حيثيت کي ڪمزور ڪرڻ ڪنهن جي به وس جي ڳالهه نه آهي. ان ڪري اها ڳالهه ڪنهن کي وڻي يا نه وڻي پر حقيقت ضرور آهي. ٻئي پاسي سڄيءَ دنيا ۾ بي شمار ماڻهو ٽلهي ليکي ان راءِ جا آهن ته آمريڪا هاڻي پنهنجي سياسي ۽ معاشي سگهه توڙي سامراجي عالمي ڪردار جي ڇيهه کي رسي بنيادي طور پنهنجي روايتي سگهه وڃائڻ ڏانهن وڃي رهيو آهي. مان پاڻ به ذاتي طور سوچ جي ان ڌارا ۾ آهيان. منهنجيءَ نظر ۾ چار بنيادي سبب ۽ محرڪ آهن، جن جي بنياد تي اهڙي راءِ تي وڏيڪ اعتبار ڪري سگهجي ٿو ۽ اهي چار ئي سبب ايندڙ دؤر ۾ عالمي طور وڏو ڪردار ادا ڪرڻ وڃي رهيا آهن.

(1) اڄ سڄيءَ دنيا ۾ اُپريل ۽ وڏيڪ تيز عالمي تضاد آمريڪا ۽ مسلمان دنيا وچ ۾ نظر اچي ٿو. ان تضاد کي پروفيسر هنٽنگٽن ”تهذيبن جو ٽڪراءُ“ (Clash of Civilizations) سان تعبير ڪري ٿو ته لنڊن ۾ رهندڙ پاڪستاني ٽراٽسڪائي دانشور طارق علي (مظهر علي خان جو پُٽ) ان کي ٻن بنياد پرست مفادن ۽ سوچن جو ٽڪراءُ (Clash of Fundamentalisms) جو نالو ڏئي ٿو. جيتوڻيڪ ان جون اڪيچار تشريحون ۽ تاويلون آهن، پر بهرحال اهو تضاد اجوڪي دؤر جي وڏي حقيقت آهي. ان تضاد جا مکيه محرڪ به هئا ۽ آهن، يعني هڪ فلسطين جي آزاديءَ جو سوال، ڇاڪاڻ ته مسلم دنيا ته ڇا پر سڄيءَ دنيا کي خبر آهي ته اسرائيل جو وڏي ۾ وڏو حمايتي ۽ بچاءُ ڪندڙ خود آمريڪا آهي. ان ڪري عام طور سڄي مسلم دنيا ۽ خاص طور وچ اوڀر جي مسلمان عوام ۾ آمريڪا خلاف نفرت جو احساس شديد رهيو آهي. ٻيو ته سڄي ٽين دنيا سميت مسلم دنيا جي عوام ۾ به اهو احساس جائز طور شديد ٿي ريو آهي ته آمريڪا سندن ملڪن جي حڪمران

طبقن کي نہ رڳو پنھنجي ڳيجھو طور پر پنھنجي عوام جي مفادن خلاف استعمال ڪري ٿو. مثال طور سڄيءَ مسلم دنيا اندر يا تہ جمهوريتن جو تصور بہ موجود نہ آهي يا نام نهاد جمهوريتن جي نالي ۾ اسٽيبلشمينٽس جو راڄ آهي، جن جون وفاداريون بنيادي طور پنھنجي عوام سان نہ پر پنھنجي ۽ آمريڪا جي ناجائز مفادن سان آهن. سوال آهي تہ ان جو بنيادي سبب ڇا مقامي آهي؟ ظاهر آهي تہ ايئن ڪونهي. سوويت يونين جي افغانستان ۾ فوجي مداخلت سان آمريڪا کي وڏو وجهہ ملي ويو تہ مسلمان دنيا جي عوام جي آمريڪا مخالف ۽ سامراج دشمن رويي ۽ احساس کي ٻيو ڪو رُخ ڏئي ڇڏجي. ڪروڙين تہ ڇا اربين ڊالر خرچ ڪري رڳو افغانستان ۽ پاڪستان ۾ ئي نہ پر وچ اوڀر ۽ سڄيءَ دنيا ۾ مذهبي جنوني قوتن کي اُڀاريو ۽ منظم ڪيو ويو ۽ سينئي جو رخ سوويت يونين ڏانهن هو. جيتوڻيڪ آمريڪا جي اها حڪمت عملي ٻنهي حوالن سان وقتي طور ڪامياب وئي، يعني سوويت يونين جي ان تضاد ۾ معاشي طور ڇيلهہ ڇڄي ٿي وئي تہ ٻئي طرف دنيا ۾ مسلمان عوام جي ترجماني آزادي پسند ۽ جمهوريت پسند سياسي قوتن بجاءِ انتها پسند جنوني مذهبي قوتن وٽ يرغمال ٿي وئي. ان ڳالهہ مسلم عوام جي حقيقي قومي ۽ جمهوري تحريڪن جي بہ ڇيلهہ ڇڄي ڪري وڌي. خود فلسطين ۽ ڪشمير جي آزاديءَ جي قومي تحريڪن کي وڏو ڌڪ رسيو. اڄ سڄيءَ دنيا جي مٿين سطح جي حلقن کي خبر آهي تہ اها آمريڪي سي آءِ اي جي حڪمت عملي هئي تہ هڪ طرف سوويت سوشلسٽ روس کي نون تضادن ۾ ڦاسائجي تہ ٻئي طرف مڊل ايسٽ توڙي غير عرب مسلم دنيا جي عوام جي سامراج دشمن رويي جو هڪڙو ئي حل ڪيجي تہ ان جي نمائندگي پنھنجي پيدا ڪيل جنوني مذهبي ڌرين کي ڏئي ڇڏجي. وقتي طور آمريڪا جي اها حڪمت عملي ڪامياب وئي پر طاقتون بالغ ٿي پنھنجا رستا ۽ رخ تبديل ڪري ڇڏينديون آهن. سوويت يونين جي زوال کان پوءِ بہ ايئن ئي ٿيو. آمريڪا اهو ڪونہ سوچيو تہ اهو مسلم دنيا اندر جن جنوني قوتن کي ڊالر جي زور تي منظم ۽ مضبوط ڪري رهيو آهي، اهي روس کان پوءِ ڇا ڪنديون؟ پوءِ سندن دشمنيءَ جا محور ۽ محرڪ ڇا هوندا؟ روس جي زوال کانپوءِ اسلام جي نالي ۾ منظم ڪيل انتهاپسند ڌرين ڪجهہ وقت ساهہ پٽي پنھنجي جنون جا ڪات ڪھاڙا آمريڪا خلاف اُڀا ڪيا ۽ ان ۾ ڪا عجب جي ڳالهہ نہ هئي، جو اهو آمريڪي حڪمت عمليءَ جو ئي منطقي ۽ معروضي نتيجو هو. اُسامہ بن لادن يا اهڙيون قوتون ان جو پڌرو اظهار هيون. اهي سڀ قوتون آمريڪا هٿ وٺي پيدا ۽ منظم ڪرايون، جن روس کان پوءِ پنھنجو رخ آمريڪا ڏانهن ڪيو. هينئر جيتوڻيڪ 11هين سيپٽمبر کان پوءِ دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ جي نالي ۾

آمريڪا انهن قوتن کي ڪجهه "سوڙهو" ته ڪيو آهي پر آمريڪا ۽ مسلم دنيا جي عوام جو تضاد هاڻي هن دؤر جي هڪ حقيقت آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن گهٽجڻ بجاءِ وڌندو. ڇاڪاڻ ته ان جا بنيادي محرڪ مذهبي جنونيت يا انتهاپسندي نه پر فلسطين ۽ ڪشمير جهڙيون آزاديءَ جون تحريڪون آهن ۽ آمريڪا انهن خلاف پنهنجون پاليسيون تبديل ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. اسرائيل فلسطين خلاف بربريت جا ڇيهه ڪري ڇڏيا آهن پر اهو آمريڪا جو دادلو ملڪ آهي. ڪشمير جي سوال تي اهو ڀارت جي اڳ لڪل ۽ هاڻي ته کُليل مدد ڪري ٿو. عوام دشمن عرب ۽ غير عرب مسلمان حڪمران طبقا سندس "ٽيڪ" تي نه رڳو زنده آهن پر مڇي مواڙ ٿيل آهن. مسلم دنيا ۾ جمهوريت کي اُسرڻ نٿو ڏنو وڃي، ان ڪري نظر ايئن ٿو اچي ته اهو تضاد ڏينهون ڏينهن وڌندو ۽ اهو تضاد آمريڪا جي هاڻوڪي حيثيت تي معاشي ۽ سياسي توڙي سماجي ۽ سفارتي طور وڏا تباهه ڪن اثر وجهندو.

(2) همعصر عالمي دؤر جو ٻيو عالمي تضاد يورپ ۽ آمريڪا وچ ۾ اُڀري رهيو آهي. اولهه يورپ پل ته سوشلسٽ روس جي خلاف هو پر سوويت يونين جي سپر پاور جي حيثيت ۽ ان جي آمريڪا سان تضاد ۾ اڻ سڌيءَ ريت يورپ نفسياتي طور ان ۾ راضي هو. روس جي زوال کان پوءِ جيئن ئي دنيا ۾ طاقت جو توازن بگڙيو ۽ آمريڪا دنيا جو اڪيلو چڱو مڙس ٿي ويهي رهيو ته يورپ جي سُتل "انا" جاڳي پئي. گذريل سڄي ڏهاڪي دوران يورپ ۾ علائقائي وحدت ۽ ادارن ( Regional Unity and Institutions) جي تيزيءَ سان اُسرڻ جو سبب ۽ پس منظر به اهو ئي هو. يورپين يونين، يورپين پارليامينٽ، يورو ڪرنسي سواءِ انگلينڊ جي، سڄي يورپ جو اهڙي قسم جو مظهر هئا.

جيتوڻيڪ يورپ بظاهر آمريڪا سان ڪيترن ئي معاملن ۾ گڏ به آهي پر دراصل يورپ ۽ آمريڪا جو اندر ئي اندر وڌندڙ تضاد اجوڪي دؤر جي هڪ وڏي اُڀرندڙ حقيقت آهي، جنهن جا اثر آمريڪا جي هاڻوڪي بي لغام سياسي ۽ معاشي طاقت تي ضرور پوندا. ٽين دنيا جي ڪنزيومر مارڪيٽ، عوامي سياسي سگهه ۽ ٻين معاملن توڙي مفادن تي نظر ٻنهي جي آهي، پر فرق اهو آهي ته آمريڪا ٽين دنيا جي حڪمران طبقن ۽ حڪومتن تي ڀاڙي ٿو ۽ يورپ جو زور سول سوسائٽيءَ معرفت آپريٽ ڪرڻ تي آهي ۽ ان ڪري ٽين دنيا اندر يورپ جي پاليسي نسبتن گهٽ نقصانڪار آهي. هونئن به گهڻن تاريخي تضادن ۽ بحرانن مان گذرڻ، سرمائيداريءَ ۾ مرحليوار اڳتي اچڻ توڙي مضبوط ۽ گهڻ رُخو ڍانچو ۽ تهذيبي پس منظر رکڻ سبب يورپ جا رويا آمريڪا کان مختلف آهن ۽ لازمي طور هوندا. آمريڪا جي روين ۾ اُبهرائي ۽ هلڪڙائي توڙي ڪوتاهه نظري ان ڪري وڏيڪ

آهي جو ان ڪڏهن تاريخ ۾ ايترو پاور ۽ اختيار انجواءِ نہ ڪيو آهي، نہ وري ان جو ڪو تهذيبي ۽ سماجي تاريخي پس منظر مضبوط آهي. جڏهن تہ يورپ تاريخ ۾ نہ رڳو وڏا وڏا پاور جا مرڪز انجواءِ ڪيا آهن پر اهو تاريخ جي زبردست لاهن چاڙهن مان بہ گذريو آهي، رڳو رومي ۽ برطانوي سلطنت جا عروج ۽ زوال ان جا وڏا مثال آهن. يورپ سرمائيداريءَ ۾ چال نہ ڏنو آهي پر اها ان ۾ مرحليوار ارتقائي ڏاڪن ذريعي اُسري آهي. ان بہ عظيم جنگيون ۽ ان جون تباهڪاريون ڏٺيون آهن. جڏهن تہ آمريڪا کي سڀ ڪجهہ جوا ۽ جڳاڙ ۾ مليو آهي. ان ڪري بي پناهہ طاقت هئڻ باوجود ان ۾ ان کي فضيلت سان سنڀالڻ جي ذهني سگهہ نہ آهي. بهرحال مان سمجهان ٿو تہ يورپ ۽ آمريڪا جو اهو تضاد هاڻي ڏينهن ڏينهن تيز ٿيندو ۽ اها صورتحال هڪ خاص حد کان پوءِ آمريڪا جي عالمي حيثيت ۽ طاقت کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ جو وڏو سبب بڻبي.

(3) ٽين دنيا ۽ آمريڪا جي حوالي سان چين جي اُڀرندڙ معاشي سگهہ هڪ وڏو فيڪٽر آهي، جيڪو پنهي قوتن اندر موجود فطري تضاد کي اجا وڌيڪ اُڀاريندو. چين 1979ع تائين (ڊينگ شيائو پينگ کان اڳ تائين) جڏهن مڪمل سوشلسٽ مزاج رکندڙ هو تہ آمريڪا لاءِ يقيني طور مٿي جو سور هو پر حقيقت ۾ ڊينگ کانپوءِ جڏهن ان معاشي طور سڌارن جي نالي ۾ نيم سرمائيداريءَ ڏانهن قدم رکيو تہ اهو آمريڪا لاءِ انتهائي وڌيڪ خطرو بڻجي ويو. هينئر چين سياسي طور سوشلسٽ آهي. معاشي طور نيم سرمائيداراڻي واٽ تي هلندڙ آهي ۽ سفارتي طور ڊپلوميسيءَ جي حوالي سان سيني کان اڳتي آهي. منهنجي خيال ۾ چين ايشيائي عوامي سرمائيداريءَ جو پهريون وڏو ماڊل آهي. ايشيا اندر اهو پنهنجا تضاد گهٽائي رهيو آهي. وينڊي پارت سان ان جا لاڳاپا هاڻي معمول تي آهن. ان جو سڄو زور معاشي سگهہ تي آهي. ساليانې معاشي پيداوار جي شرح ۾ اضافي جي حوالي سان بہ دنيا ۾ سيني کان اڳتي آهي. اهي سڀ پاسا ڏسبا تہ معلوم ٿيندو تہ چين ايشيا اندر پنهنجي مخصوص عوامي سرمائيداراڻي واٽ ذريعي آمريڪا جون معاشي پاڙون کوٽي رهيو آهي. پارت کي ملندڙ معاشي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي سگهہ ۽ سبب بہ چين آهي. چاڪاڻ تہ ان شين کي ايشيائي مارڪيٽ اندر ايترو تہ سستو ڪري ڇڏيو آهي جو ايشيا اندر گهڻ قومي ڪمپنين ۽ سرمائيدار ملڪن جا تڏا ويڙهجي ويا آهن. هاڻي گهڻ قومي ڪمپنين ۽ سرمائيدار ملڪن وٽ ٻي ڪا واٽ نہ آهي تہ اهي پارت کي چين جي سامهون آڻي بيهارين. چين لاءِ ڪٺي اها صورتحال وقتي طور ڏکي ٿيندي پر ايشيا جي پس منظر ۾ اها ڳالهہ ۽ لقاءِ ترقي پسند آهي. چين ۽ پارت ايشيا جا ئي نہ پر دنيا جا وڏا ڪنزيومر مارڪيٽ آهن. انهن ۾ پاڻ پري

سرمائيداريءَ جو پراسيس ايشيا لاءِ ٽرانزيشن ثابت ٿيندو. هن ڳالهه جي گهڻي ڊيگهه ۾ ڪنهن ٻئي پيري وڃڻ لاءِ امڪان رکندي اهو نتيجو بهرحال ڪڍي سگهجي ٿو ته چين جو ايشيا اندر هڪ معاشي سپر پاور جي حيثيت ۾ اُسرڻ آمريڪا جي عالمي معاشي ۽ پس و پيش سياسي سگهه لاءِ وڏو بنيادي ڌڪ ثابت ٿيندو. آمريڪا چين خلاف معاشي طور جيڪي ڪاغذي ايشيائي ٽائيگر پئي ٺاهيا، اهي هينئر ئي گوڏن پر ويهي چڪا آهن.

(4) چوٿون وڏو فيڪٽر جنهن کي نظر ۾ رکڻ ضروري آهي، اهو آهي ته جيڪڏهن هڪ طرف آمريڪا طاقت جي نشي ۾ انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي ته ٻئي طرف رڳو ٽين دنيا نه پر سڄيءَ دنيا اندر ان خلاف مزاحمت ۾ زبردست تيزي اچي وئي آهي. هن دفعي جڏهن آمريڪا عراق ۽ اُتر ڪوريا خلاف جنگ جون ڌمڪيون ڏيڻ شروع ڪيون آهن ته سڄيءَ دنيا ۾ ان خلاف زبردست آواز اُٿيو آهي. مسلم ۽ ٽين دنيا ته ٺهيو پر خود يورپ ۽ آمريڪا اندر آمريڪا خلاف وڏو مزاحمتي آواز اُٿيو آهي. سوال آهي ته ڇا آمريڪا هڪ ئي وقت ايترن تضادن جي سخت گهيري ۾ رهندي هن مزاحمت جي سٽ سهي سگهندو جيڪا ڏينهون ڏينهن دنيا ۾ تيز ٿي رهي آهي؟ آمريڪا جي حڪمران طبقن ۽ پاليسي ساز ادارن جي ڪوتاهه نظري هوندن به دنيا ۾ مشهور آهي. ڇا ڪين اندازو آهي ته هر شيءِ جي هڪ خاص حد ٿئي ٿي، جنهن کانپوءِ فطرت پنهنجو ڪم ڪندي آهي ۽ نتيجا "سببن" جي ڳولا ۾ هوندا آهن. دراصل آمريڪا اها خاص حد ته ڇا پر حدون ٽپي چڪو آهي. اهو طاقت جي نشي ۾ مست ٿي سهي پر دنيا ۾ اخلاقي طرح اڪيلو ٿي چڪو آهي. ڪنهن به وڏي طاقت جي زوال کي سڱ ڪونه هوندا آهن. اها پنهنجن روين سان پنهنجي زوال جو اظهار ڪندي آهي. آمريڪا عالمي طور جن سنگين سياسي، معاشي ۽ سفارتي تضادن جي گهيري ۾ آهي ۽ ان خلاف مزاحمت جو گراف جنهن تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي، ڇا ان ۾ آمريڪا پنهنجي اڳوڻي روايتي حيثيت ساڳين پاليسين سان برقرار رکي سگهندو؟ دراصل 21هين صدي طاقت جي عالمي توازن ۾ تبديليءَ جي محرڪن سان سامهون آئي آهي. هي همعصر دؤر جا سڀ عالمي تضاد ان جو اظهار آهن ۽ بدليل توازن ۾ نظر نٿو اچي ته آمريڪا جي دنيا ۾ اها ساڳي بي لغام حيثيت برقرار رهي سگهندي، جنهن کي آمريڪي ٿنڪ ٽينڪس "نئين عالمي نظام" جو نالو ڏنو هو.

---

روزاني "ڪاوش" حيدرآباد، 26 جنوري 2003ع

# ايشيا ڪي معيشت ۽ ترقيءَ جو کهڙو ماڊل گهرجي!؟

ايشيائي ملڪن جو وڏو انگ عالمي درجي بنديءَ جي لحاظ کان ٽين دنيا ۾ اچي ٿو. ٽين دنيا ۾ جمهوريت توڙي جٽادار ترقيءَ جو سوال ڏاڍو پيچيده آهي. ايشيا جي مخصوص ۽ پيچيده تاريخي حالتن سبب هتي جمهوريت ۽ جٽادار ترقيءَ جي سوال کي صرف نصابي وصفن (Academic Definitions) جي بنياد تي پرکي، پروڙي ۽ سمجهي نہ ٿو سگهجي. ان لاءِ هتي جي مخصوص سماجي ۽ تاريخي حالتن کي سمجهڻو پوندو ۽ ان بنياد تي ئي ڪا عملي واٽ تخليق ڪري، ان تي هلڻو پوندو. ايشيائي جمهوريت پسندن جي ڪائونسل "ڪالڊ" ايشيا جي جمهوريت پسند سياسي اڳواڻن ۽ دانشورن جو هڪ اهڙو وسيع فورم آهي، جيڪو اهڙن سوالن کي هر سطح تي ۽ هر پاسي کان ڪڇڻ ۽ پرکڻ لاءِ انيڪ موقعا پيدا ڪري ٿو. هن دفعي "ڪالڊ" جي ساليانی بين الاقوامي ڪانفرنس سريلنڪا ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ نہ رڳو ايشيا پر يورپي يونين جي بہ ڪيترن ملڪن جي چونڊيل سياسي اڳواڻن توڙي ماهرن شرڪت ڪئي. هن دفعي پاڪستان مان چوڌري اعتزاز احسن، مسلم ليگ (ن) جي مرڪزي ڪوآرڊينيٽر احسن اقبال ۽ مون کي اسپيڪر طور سڏيو ويو هو. جڏهن تہ بلوچستان مان سينيٽر ثناءُ الله بلوچ، سنڌ مان سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر سسئي پليجو ۽ اسلام آباد مان ظفر الله خان ڪانفرنس ۾ مبصر طور شرڪت ڪئي.

ڪالڊ جي هن ساليانی ايشيائي ڪانفرنس کي نہ رڳو ايشيا ۾ پر ايشيا جي نسبت سان سڄيءَ دنيا ۾ وڏي اهميت ڏني ويندي آهي، ڇاڪاڻ تہ ان ۾ عالمي ادارن جي موجودگيءَ ۾ ايشيا جا لڳ ڀڳ سمورا بنيادي سياسي، اقتصادي ۽ سماجي اشوز

بحث هيٺ اچن ٿا ۽ انهن جي حل تي ويچاريو وڃي ٿو. بنيادي طور ڪالٻ جي ڪانفرنس ۾ يا تہ پاليسي ساز ادارن جي اڳواڻن ڪي سڏيو ويندو آهي يا انهن دانشورن ۽ ماهرن ڪي جيڪي پاليسي اشوز ڪي نہ رڳو سمجهن ٿا پر انهن تي پنهنجو وڏو اثر بہ رکن ٿا. ان لحاظ کان ڪالٻ جي هيءَ ڪانفرنس هڪ اهڙو وسيع فورم هوندي آهي, جنهن ۾ ايشيائي پارلياماني اڳواڻن توڙي دانشورن ۽ ماهرن ڪي گڏجي ويهي خطي جي مسئلن کي گهرائيءَ سان ڏسڻ ۽ پرکڻ جو موقعو ملندو آهي. مان اڳ بہ هڪ ڏکڻ ايشيائي ورڪشاپ ۾ سريلنڪا وڃي چڪو آهيان پر هيءَ ڪانفرنس موضوع توڙي مواد ۽ نتيجي جي لحاظ کان وڌيڪ اهم ڪانفرنس هئي. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ ڪانفرنس ذريعي اسان جي سامهون ايشيا جي اڪثريتي ملڪن ۽ سمورن علائقائي خِطن (Sub Regions) جي حقيقي سياست ۽ اقتصادي صورتحال واضح ٿي ۽ اهو بہ عوام جي نمائندن معرفت. ڪانفرنس جي پهرين اجلاس ۾ سريلنڪا جي وزيراعظم رينل وڪرم سنگهہ خاص طور شرڪت ڪئي. رينل وڪرم سنگهہ سريلنڪا جي يونائيٽيڊ نيشنل پارٽيءَ جو اڳواڻ آهي ۽ هو سريلنڪا جي تاريخ جو واحد سياستدان آهي جيڪو 1977ع ۾ 28 سالن جي ڄمار ۾ پارليامينٽ جو ميمبر ۽ ملڪ جو ڊپٽي پرڏيهي وزير بڻيو. هو سريلنڪا جي ناليواري صحافيءَ عصمہ وڪرم سنگهہ جو پٽ آهي ۽ هن کي ملڪ جو روشن خيال ۽ ترقي پسند سياسي اڳواڻ سمجهيو وڃي ٿو.

مالديپ کان سواءِ ڏکڻ ايشيا جا سمورا ملڪ منهنجا گهميل آهن ۽ انهن ۾ سريلنڪا واحد ملڪ آهي جنهن ۾ گهٽائي هاڻي هينين وچين طبقي جي آهي. سريلنڪا ۾ توهان کي بنهہ غريب ۽ تمام گهڻا امير ماڻهو گهٽ نظر ايندا. آباديءَ جي گهڻائي غربت جي روايتي دائري کان ٻاهر آهي. ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن جي ڀيٽ ۾ عام ماڻهن جي في ڪس آمدني (Pre Capita Income) بہ هتي وڌيڪ آهي. وزيراعظم رينل تفصيل سان سريلنڪا جي معيشت بابت ڳالهايو ۽ هن جي تقرير کي تمام گهڻو حقيقت پسند قرار ڏئي ساراهيو ويو. ساڳئي ڏينهن رات جو جڏهن گالادريءَ ۾ وفاقي وزير ديشا بنڊوڪارو جي دعوت ٿي تہ اتي وزيراعظم سان اسان جي تفصيلي ملاقات ۽ ڪچهري ٿي. اسان جي وفد مان سسئي پليجو ساڻس پاڪستان ۾ جمهوريت جي سوال تي ڳالهايو ۽ سندس تقرير جي تعريف ڪئي. اسان وٽ تہ صوبائي وزير بہ بادشاهن وانگر هلندا آهن پر هن وزيراعظم بنا ڪنهن پروٽوڪول جي اسان سان عام ماڻهن وانگر ويهي ڪچهري پئي ڪئي. مون ڪانئس تامل اشو بابت پڇيو تہ هن سڌيءَ ريت اعتراف ڪيو تہ اهو معاملو آسانيءَ سان حل ٿي سگهڻ جوڳو نہ آهي. بهرحال وزيراعظم جا خيال ۽ ڪنڊڪٽ اسان کي وڻيا.

وزيراعظم ڪانپوءِ ٻيو اجلاس اوپر ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا بابت هو. دلچسپ ڳالهه ته ان جي صدارت اسان جي وفد جي ميمبر سينيٽر ثناءُ الله بلوچ ڪئي. هنن فورمس جي هڪ سُٺي ڳالهه اها به هوندي آهي ته انهن ۾ ننڍين ۽ مظلوم قومن جي نمائندن کي به پنهنجو ڪردار اُڀارڻ ۽ پنهنجا مسئلا ۽ خيال پيش ڪرڻ جو موقعو مليو وڃي. بلوچستان جهڙي هڪ پٺتي پيل صوبي جي نوجوان سياسي اڳواڻ پاران هن سيشن جي صدارت اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه هئي. سڀ کان پهرين ٿاماست يونيورسٽيءَ جي ڊائريڪٽر پروفيسر مڏهي ڪرونگائيو تفصيل سان ٻنهي خِطن جي رپورٽ انگن اکرن سان پيش ڪئي. اسان جي يونيورسٽين جي پروفيسرن جي ذهني سطح هاءِ اسڪول جي استادن کان گهٽ ي مختلف نه آهي. ٻاهرين ملڪن جي سُٺين يونيورسٽين جي اسڪالرن کي ڏُٺي ماڻهوءَ جو روح خوش ٿيو وڃي. اسان جي يونيورسٽيءَ ۾ ريسرچ جو ته ڪو تصور نه آهي. اسان جا پروفيسر ٻيو سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا پر ريسرچ نه. جڏهن ته يونيورسٽين جو ڪم رڳو ٻاهر پڙهائڻ نه هوندو آهي. انهن جو اصل ڪم ريسرچ هوندو آهي. اسان وٽ مزيدار ڳالهه ته اها ٿي جو جڏهن سنڌ يونيورسٽيءَ اهو شرط لاڳو ڪيو ته ڪنهن به استاد کي پي ايڇ ڊي ڪرڻ کانسواءِ پروفيسر طور ترقي نه ڏني ويندي ته اتان جا استاد وفد جي صورت ۾ وڃي وائيس چانسلر سان مليا هئا ته اهو شرط ختم ڪريو. هاڻي اوهان پاڻ سوچيو ته اسان وٽ جڏهن يونيورسٽيءَ جي سطح تي به ريسرچ ڪرڻ کان استاد پِڙ ڪڍي ٻيهن ته پوءِ باقي ٻيا ڪهڙا ادارا هوندا جتي ريسرچ ٿيندي! بهرحال پروفيسر مڏهي جي ٿاماسٽ يونيورسٽي بينڪاڪ ۾ آهي ۽ مون کي 1989ع ۾ اتي وڃي رهڻ جو موقعو مليو آهي. پروفيسر مڏهي کان پوءِ ڏکڻ ايشيا بابت ڀارت جي ناليواري صحافيءَ اشوڪ ڊيسائيءَ ڳالهايو. هن سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ ڀارت جي معيشت تي ڳالهايو جنهن جو بنيادي نقطو اهو هو ته ڀارت هاڻي چين وانگر معاشي طور لبرل پاليسين ڏانهن وڃي رهيو آهي ۽ ان سان ڀارت جي معيشت وڏو زور ورتو آهي. خاص طور انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ ۽ ننڍي سطح جي ڪاروبار ۾. ساڳئي وقت هن پاڪستان ۽ بنگلاديش جي معيشت بابت پڻ ڳالهايو. پاڪستان بابت هن جي اها راءِ هئي ته ان وٽ اڃا تائين ڪا به واضح معاشي پاليسي نه آهي ۽ نه ئي اهڙي آزاد معاشي پاليسيءَ کي جوڙڻ واري ڪا خودمختيار ۽ جٽادار جمهوريت آهي. جڏهن ته ويجهي ماضيءَ ۾ بنگلاديش جي معيشت وڏا چال ڏنا آهن. ٻئي طرف بنگلاديش ۾ متبادل حڪومتي ادارن يعني اين جي اوز جو به زبردست اثرائتو ڪردار اُڀريو آهي. هونئن به مون ذاتي طور ڪيترن ڏکڻ ايشيائي فورمن ۾ ڏٺو آهي ته بنگلاديش جي ماهرن جو ڏکڻ ايشيا ۾ پاليسيءَ

جي حوالي سان وڏو اثرائتو ڪردار آهي. ڊاڪٽر گوهر رضوي هجي يا پروفيسر امتياز، ڊاڪٽر امينہ هجي يا ايمبيڊر سبحان، بنگلاديش جي دانشورن ۽ ماهرن جو هڪ وڏو انگ آهي، جنهن پنهنجيءَ قوم کي ڏکڻ ايشيا ۾ اُڀارڻ ۾ وڏو اثرائتو ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان وٽ تہ هڪ تہ ماڻهو آهن گهٽ ۽ جيڪڏهن چار ماڻهو آهن تہ انهن جي پاڇي ۾ پنهنجن جو هٿ هوندو. جيڪي پاڻ ناهن چڙهي سگهندا، سي ٻئي کي بہ هيٺ ڪيرائڻ جي جستجوءَ ۾ هوندا آهن. رڳو هڪڙي ڊاڪٽر گوهر رضويءَ (جيڪو آڪسفورڊ ۾ بينظير ڀٽو جو استاد هو) ڏکڻ ايشيا توڙي دنيا جي بي شمار فورمس ۾ پنهنجيءَ قوم جا راج ماڻهو متعارف ڪرايا آهن ۽ هاڻي نتيجي ۾ ڏکڻ ايشيا ۾ پاليسي سطح جي فورم ۾ توهان کي بنگالين جو اهم ڪردار نظر ايندو. مان سمجهان ٿو تہ سنڌي ماڻهن کي پنهنجي روايتي دائرن کان ٻاهر نڪرڻو پوندو. پاڪستان ۾ تہ سنڌي ماڻهن کي هر سطح تي ڪُنڊائتو ڪيو ويو آهي ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪا انڌي منڊي نمائندگي آهي تہ اها بہ گهٽي پاڳي نڳن وٽ آهي. ان ڪري سنڌي ماڻهن کي بہ مٿين سطح جي علائقائي ۽ عالمي فورمن ۾ وڃڻو پوندو. اهي فورم وغيره روايتي معنيٰ ۾ قومي سفارتڪاريءَ جا وڏا ذريعا آهن. ان لاءِ منهنجي خيال ۾ وڏيون بنيادي رڪاوٽون آهن. هڪ تہ اسان وٽ ان سطح جا گهربل ادارا بہ ڪونہ آهن، جيڪي ان جو ذريعو بڻجن، ٻيو تہ اسان جي ماڻهن جي پروفيشنل ۽ علمي لياقت تمام هيٺين سطح جي آهي. مضبوط ادارن ۽ اعليٰ سطح جي علمي ۽ پروفيشنل قابليت کان سواءِ سنڌي ماڻهن جو مٿين سطح جي پاليسي ساز ادارن ۽ فورمس ۾ وڃڻ ۽ اتي انهن جو ڪو ڪردار جُڙڻ ممڪن نہ آهي.

ڪانفرنس جو ٽيون سيشن ترقي، آزادي ۽ انساني سلامتيءَ بابت هو جنهن جي صدارت ڪمبوڇيا جي پارليامينٽ جي ميمبر ۽ اپوزيشن ليڊر سام رينسيءَ ڪئي. جڏهن تہ گڏيل قومن جي هيومن سيڪيورٽيءَ جي ڪمشنر ۽ ٿائيلينڊ جي اڳوڻي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر سورين پٽسوان تفصيل سان پنهنجي رپورٽ پيش ڪئي. سوويت يونين جي زوال کانپوءِ هاڻي دنيا ۾ سيڪيورٽيءَ جي سوال جو مفهوم ئي بدلجي ويو آهي. اڳ سيڪيورٽيءَ جو مطلب رياست جي هٿياربند سيڪيورٽي هو ۽ هاڻي سيڪيورٽيءَ جو سوال بنيادي طور رياست جو نہ پر انساني سلامتيءَ جو سوال آهي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ڏٺو تہ معاشي بحران دنيا جي هڪ سپر پاور جيڪو فوجي لحاظ کان بہ سپر پاور هو جو ڍينگو ڍيري ڪري ڇڏيو. ڏکڻ ايشيا جي تناظر ۾ تہ غربت ماحوليات، بدانتظامي، جمهوريت جي نہ هجڻ توڙي گلوبلائزيشن کي هيومن سيڪيورٽيءَ جا سوال سمجهيو وڃي ٿو. ڊاڪٽر سورن پٽسوارن جي سڄي تقرير جو مطلب هو تہ ايشيائي معيشت ۽ سياسي پاليسيون

جيستائين انساني سلامتيءَ جي تقاضائن سان هم آهنگ نہ هونديون، تيسين ترقي توڙي جمهوريت جٽادار نہ ٿي سگهندي. اهو ان موقعي تي جرمنيءَ جي اڳوڻي گهرو معاملن جي وزير ڊاڪٽر ورنر هائر، جيڪو هينئر بہ پارليامينٽ جو ميمبر آهي، تنهن يورپي جمهوريت ۽ معيشت جا تجربا ٻڌايا ۽ خاص طور تي ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ جي پاليسين تي زور ڏنو. گڏوگڏ ملائيشيا جي سينيٽر ڊاڪٽر وجد تنام بہ ملائيشيا جي تجربن بابت ڳالهايو. ڊاڪٽر مهاتير محمد جي پاليسين کي هم عصر دؤر اندر ايشيا ۾ وڏيءَ اهميت سان ڏنو ويجي ٿو. ڪانفرنس جي پهرين ڏينهن جي پڇاڙيءَ تي تفصيلي کُليل بحث مباحثو ٿيو ۽ بنيادي سوال اُٿاريا ويا. اصل ۾ موجوده دؤر ۾ وڏو سوال معيشت جي ماڊل جو آهي ۽ اهو بہ تہ ايشيا کي ڪهڙو ماڊل ترقيءَ جا جٽادار بنياد فراهم ڪري سگهي ٿو. دنيا ۾ هڪ معاشي ماڊل سوشلزم جو هو، جنهن ۾ معيشت ۽ مارڪيٽ مڪمل طور رياست جي ڪنٽرول ۾ سڌارا آندا ۽ چيني معيشت کي هڪ حد تائين آزاد واپار ۽ مارڪيٽ ڏانهن وٺي ويو. جيتوڻيڪ اڄ چين ۾ ڊينگ کي مائو کان پوءِ جديد چين جو ابو سڏيو وڃي ٿو پر ان زماني ۾ کيس ترميم باز ۽ سرمائيداريءَ جو ايجنٽ چئي گاريون ڏنيون وينديون هيون.

جيڪي سوشلسٽ ملڪ اڄ بہ معيشت کي مڪمل طور رياست جي ڪنٽرول ۾ رکيو وينا آهن ۽ جتي جمهوريت نہ آهي، اتي معيشت پوين پساهن ۾ آهي. ڪاسترو جي سحر انگيزيت پنهنجي جاءِ تي، پر اها پنهنجي ملڪ کي غربت جي ڏهڻ مان نہ ٿي ڪڍي سگهي. اهو ئي حال ٻين ملڪن جو بہ آهي. موجوده دؤر ۾ سوشلسٽ دنيا وٽ نہ تہ ڪو معيشت جو واضح ماڊل آهي ۽ نہ سياسي نظام جو. نتيجي ۾ اهو سخت بحراني دؤر مان گذري رهيو آهي. سوشلسٽ دنيا وٽ رڳو اعتراض آهن پر سرمائيداريءَ جو ڪو متبادل رستو ناهي. ٻئي طرف دنيا ۾ بي لغام سامراج ۽ ڦورو سرمائيداري نظام آهي پر اها حقيقت آهي تہ مارڪيٽ اڪانامي هلي ٿي ۽ روز پاڻ کي تبديل ڪري ٿي. مارڪيٽ اڪاناميءَ بابت ڪيترا تحفظات آهن ۽ ٿي سگهن ٿا، پر هم عصر دؤر جو ڪامياب معاشي ماڊل اهو ئي آهي. اڄڪلهہ دنيا ۾ اهو دباءُ پڻ تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي تہ مارڪيٽ اڪاناميءَ کي سماجي ذميواريءَ سان مشروط ڪيو وڃي، نہ تہ اها وڏيڪ بي لغام ۽ بي رحم بڻجي ويندي.

ڪالهہ جي ڪانفرنس ۾ ان ڳالهہ تي وڏو بحث مباحثو ٿيو تہ ايشيا کي ڪهڙي واٽ وٺڻ گهرجي. خاص طور تي معيشت جي حوالي سان. چاڪاڻ تہ جمهوريت بابت تہ ڪي بہ رايا نہ هئا، پر ايشيا جي سياسي پارٽين جا اڪثر اڳواڻ ان بابت واضح نہ هئا. مان سمجهان ٿو تہ اهو مسئلو ايشيا ۾ هر جاءِ تي آهي. پاليسيون

آسماني فرمان ناهن، جيڪي هميشہ ساڳيون رهن. پاليسين جو تعلق بہ پنهنجي دؤر جي معروضي حقيقتن سان هجي ٿو. جڏهن تہ ايشيا توڙي ٽين دنيا جو اهو وڏو الميو آهي تہ اتي جي اڪثر سياسي ليڊرشپ ويندي غير روايتي عوامي ليڊرشپ بہ، نہ تہ پنهنجي دؤر جي پاليسي اشوز کي سمجهڻ لاءِ تيار آهي ۽ نہ ڪا نئين پاليسي ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

***

ايشيائي جمهوريت پسندن جي بين الاقوامي ڪانفرنس جو پهريون ڏينهن ٿلهي ليکي ايشيا اندر جمهوريت ۽ معيشت بابت بحث مباحثن ۾ گذريو پر ان جو گهڻو زور بنيادي طور رياستن ۽ حڪومتن جي پاليسين تي هو. جڏهن تہ ٻئي ڏينهن جو گهڻو فوڪس ايشيا جي سياسي تحريڪن، سياسي مزاج ۽ سول سوسائٽيءَ تي هو. ان لحاظ کان ٻيو ڏينهن اجا بہ وڌيڪ دلچسپ ۽ اهم هو. پهريون سيشن ڏکڻ ايشيا، ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ اوڀر ايشيا جي صورتحال بابت هو. اجلاس جي صدارت سنگاپور ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل ڊاڪٽر جي سون جوان ڪئي. هڪڙي ڳالهہ محسوس ڪرڻ جهڙي هئي تہ ايشيا جي اڪثر ترقي يافتہ ملڪن جي ليڊرشپ ۾ اسڪالر ۽ پروفيسر شامل هئا. اسان وٽ وڏيون سياسي پارٽيون آڱوٺي ڇاپ وڏيرن ۽ ڌوهارين کي تہ پنهنجين صفن ۾ جاءِ ڏين ٿيون، پر سنجيده ماڻهن کان سدائين الرجڪ هونديون آهن. ٻيو تہ ايشيا جي ڪيترن ملڪن ۾ يونيورسٽيءَ جي استادن کي عملي سياست ۾ حصو وٺڻ جي مڪمل اجازت آهي. سريلنڪا جي لبرل ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جو صدر ۽ منهنجو دوست پروفيسر راجيوا ڪولمبو يونيورسٽيءَ جو استاد آهي. هو ڪجهہ وقت آڪسفورڊ ۾ بہ استاد رهيو. اسان وٽ لوفرن، غنڊن، جاهل وڏيرن ۽ ڪرپٽ رٽائرڊ ڪامورن کي تہ سياست ۾ حصو وٺڻ جي آزادي آهي پر يونيورسٽين جي پروفيسرن کي نہ. هندستان جي سياست ۾ بہ توهان کي وڏو انگ يونيورسٽين جي اسڪالرن جو ملندو. دهليءَ جي جواهر لعل نهرو يونيورسٽيءَ ۾ رڳو ايم فل ۽ ڊاڪٽريٽ ٿيندي آهي. يعني بنيادي طور اها اعليٰ سطح جي ريسرچ يونيورسٽي آهي. اسان 1991ع ۾ جڏهن اتي ويا هئاسون تہ معلوم ٿيو تہ اها رڳو ريسرچ يونيورشٽي ئي نہ پر ڀارت جي نوجوان سياسي قيادت پيدا ڪرڻ جي نرسري آهي. اسان سان جيڪو بہ شاگرد گڏيو اهو ڪنهن نہ ڪنهن پارٽيءَ سان وابستہ هو. هاڻي جنهن ملڪ ۾ اسڪالر سياسي ڪارڪن هوندا تہ اتي سياسي ڪلچر ڪيئن نہ پختو ۽ اُسريل هوندو. پهرين سيشن ۾ ڀارت جي اڳوڻي ناڻي جي وفاقي وزير چدامبرام ڏکڻ ايشيا بابت ڳالهايو. چدامبرام اندرا گانڌي، راجيو گانڌي ۽ نرسمها رائو جي حڪومت ۾ ڀارت

جو ٽي دفعا وزير رهي چڪو آهي ۽ هن کي پارٽ جو وڏو ٽيڪنوڪريٽ سمجهيو وڃي ٿو. هن ڏکڻ ايشيا ۾ معيشت ۽ جمهوريت جي سوال تي ڳالهايو. هن ٻڌايو تہ عالمي بئنڪ جي 1988ع جي رپورٽ موجب دنيا ۾ سوا ارب ماڻهو بنهہ غربت جي هيٺين ۽ بدترين شڪل ۾ زندگي گذارين ٿا. جڏهن تہ ان جو 43 سيڪڙو فقط ڏکڻ ايشيا ۾ رهي ٿو. ان لحاظ کان ڏکڻ آفريڪا جي ڪجهہ علائقن کان پوءِ ڏکڻ ايشيا دنيا جو غريب ترين خِطو آهي. چدامبرام ڏکڻ ايشيا ۾ ملڪن اندر ٽوڙڻي ملڪن وچ ۾ تڪرارن بابت پڻ ڳالهايو ۽ هن جو خيال هو تہ انهن جي ڪري ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي آمدنيءَ جو وڏو حصو فوج کڻي وڃي ٿي ۽ انهن تڪرارن جي حل ٿيڻ سان گڏ ڏکڻ ايشيا اندر آزاد ۽ ڇٽاپيٽيءَ واري معيشت جي پاليسين کي اختيار ڪرڻ گهرجي. هن هندستان ۽ چين جي ويجهي ماضيءَ ۾ بي پناهہ ترقيءَ کي آزاد معيشت ڏانهن وڃڻ جي پاليسيءَ جو نتيجو قرار ڏنو. چندامبرام کان پوءِ ڪمبوچيا جي پارليامينٽ جي ميمبر سائو مورا تبولونگ کي ڏکڻ اوڀر ايشيا بابت ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو. ڪمپوچيا گذريل ڪجهہ ڏهاڪن کان سخت سياسي ۽ معاشي بحران جو شڪار رهيو آهي ۽ ان جي معيشت ايشيا جي بدترين معيشتن ۾ شمار ٿئي ٿي. سائومورا تفصيل سان ان بحران بابت ڳالهايو ۽ هو پُراُميد هو تہ جولاءِ ۾ ٿيندڙ عام چونڊن ۾ هن جي ڊيموڪريٽڪ پارٽي کٽي ايندي ۽ ڪمبوچيا جو عوام جمهوري ماحول ۾ سُک جو ساهہ کڻندو. هن جي سڄي تقرير چين خلاف هئي. جنهن تي گهڻو گوڙ بہ ٿيو. هن جو زور هو تہ تائيوان کي ڊبليو ٽي او ۾ الڳ ميمبرشپ ملڻ گهرجي. جنهن تي هانگ ڪانگ ۽ سنگاپور وارن سخت اعتراض اُٿاريا. چين هن وقت دنيا جو هڪ عجيب ماڊل آهي، جتي سياسي طور روايتي سوشلسٽ نظام يعني هڪ پارٽيءَ جو راڄ آهي، هن دؤر ۾ بہ جمهوريت ۽ اظهار جي آزاديءَ جو اُتي تصور نہ آهي، پر ان جي معيشت هاڻي مارڪيٽ اڪاناميءَ واري آهي. چين ڊبليو ٽي او جو ميمبر بہ آهي، نتيجي ۾ چيني معيشت ننڍي صنعت ۾ وڏن سرمائيدار ملڪن کي گوڏن ڀر ويهاري ڇڏيو آهي. ايشيا جي منڊين ۾ تہ ڇا، پر توهان کي آمريڪا ۽ يورپ ۾ بہ عام استعمال جون شيون چين جون ملنديون. گهڻا امڪان ان ڳالهہ جا آهن تہ ايندڙ وقت ۾ چين پنهنجي سياسي نظام ۾ بہ بنيادي سڌارا آڻيندو ۽ اهو چين جو 1979ع وارن ڊينگ سڌارن جي پاليسين کان پوءِ ٻيو وڏو ڇال هوندو. چين جيان روس بہ پاڻ کي حالتن آهر تبديل ڪندو رهي ها تہ اهو ايئن Collapse نہ ٿئي ها. اڳتي هلي چين رڳو پنهنجي لاءِ ئي نہ پر سموري ايشيا لاءِ وڏو ڏيو ۽ بنياد ثابت ٿيندو. هونئن بہ تاريخي طور چيني حڪمت عملين جا بادشاهہ سمجهيا وڃن ٿا.

ڪانفرنس جو ٻيو سيشن تهائين وڌيڪ دلچسپ هو جنهن ۾ ايشيائي سياست اندر شخصيت پرستي، غير جمهوري سياسي ڪلچر ۽ فڪري تقليد پرستيءَ جي روين بابت بحث مباحثو رکيو ويو هو. ان موضوع تي پاڪستان مان مسلم ليگ (ن) جي چيف ڪوآرڊينيٽر ۽ اڳوڻي وفاقي وزير احسن اقبال، ٿائيلينڊ ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي اڳواڻ ڊاڪٽر بوراناج، فلپائن جي لبرل پارٽيءَ جي صدر فلورينسيو ۽ ڪوريا جي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر جي ڪنايو ڳالهايو ۽ اسان سڀني بحث مباحثي ۾ حصو ورتو. سڄي بحث مباحثي جو تتُ هيءَ هو ته اهڙا رويا گهٽي پاڳي ايشيا جي انهن ملڪن ۾ عام آهن، جتي اڃا تائين زرعي سماج جا سماجي ادارا ۽ قدر حاوي آهن. زرعي سماج جي سماجي اسٽرڪچرس تي جيئن ته فرد حاوي رهن ٿا، ان ڪري سياسي ادارن جا رول ماڊل به ساڳيءَ طرح جڙن ٿا. اهو ئي سبب آهي جو ايشيا جا اهي سمورا ملڪ جتي زرعي سماج نه رڳو موجود، پر حاوي آهن، اتي اسان کي سياسي پارٽين جا تاحيات سربراهه نظر ايندا ۽ سڄي سياست گهٽي پاڳي فردن جي چوڌاري ڦرندي نظر ايندي. اهڙن ملڪن ۾ ڪمزور سياسي ڪلچر جو بنيادي سبب اهو ئي آهي. معاشرن جا سياسي ڪلچر به سماج جي سماجي قدرن ۽ مزاج مان اُسرن ٿا. ان ڪري جيستائين سماجي قدرن جي نظام ۽ مزاج ۾ بنيادي تبديليون نه اينديون، تيستائين سياست ۽ سياسي ڪلچر ۾ تبديلين جو اچڻ ديواني جو خواب آهي. جديد جمهوري سرشتن ۾ سياست پاليسين جي آڌار هلندي آهي. پر ايشيا ۽ ٽئين دنيا جي اڪثريتي ملڪن ۾ اها پاليسيءَ بجاءِ فردن جي سحر جي بنياد تي هلي ٿي. سياست اندر فڪري تقليد پرستيءَ جي رويي جون پاڙون به بنيادي طور انهيءَ پس منظر ۾ کُتل آهن. ايشيائي ۽ ٽئين دنيا جي ملڪن جي گهڻائيءَ جي نفسيات ۽ سماجي مزاج تي وڏو اثر مذهب ۽ ڪلچر جو آهي، جيڪي ٻئي ماڻهو کي تقليد سيکارين ٿا. ان ڪري تقليد ۽ جامد تصور هتي عام آهن. فڪري تقليد جو اهو لاڙو ايشيا ۽ ٽين دنيا ۾ فقط ڪنهن مخصوص سياسي ڌارا جو نه، پر فڪر جي هر ڌارا ۾ ۽ هر سطح تي نظر ايندو. ان ڪري بحث مباحثي ۾ ان ڳالهه تي وڏو زور ڏنو ويو ته ايشيا اندر سمورن خِطن ۾ اربنائيزيشن جو عمل تيز ٿيڻ گهرجي.

ان اجلاس جي صدارت نيشنل ڪائونسل آف يونين آف برما (جيڪا آنگ سانگ سوچيءَ جي پارٽي آهي) جي اڳواڻ ڊيوڊ ٻا ڪئي. ڪانفرنس جو ٽيون سيشن جيئن ته عملي تجويزن بابت هو، ان کي وڌيڪ لاڀائتو بڻائڻ لاءِ ٽن گروپن ۾ ورهايو ويو. جن مان تعليم، تربيت ۽ ٽيڪنالاجيءَ واري گروپ جو اسپيڪر مان هئس. جنهن جي صدارت ڪوريائي ڊيموڪريٽڪ پارٽيءَ جي چيئرمين ڊاڪٽر

جي ڪن پو ڪئي. مون سان گڏ ٿائيلينڊ مان ڊاڪٽر نسازوٽو ۽ فلپائن مان پروفيسر ارنيسٽو بہ اسپيڪر هئا. اسان جو تعليم جي حوالي سان زور ان ڳالهہ تي هو تہ هڪ تہ ان جا موقعا هر ماڻهوءَ کي ميسر هئڻ گهرجن. نہ تہ تعليم ۽ بهتر تعليم رڳو مراعات يافتہ طبقا پيدا ڪرڻ جي ذريعي جو ڪم ڏيندي ۽ اها محروم طبقن کي وڌيڪ پوئتي ڌڪڻ جو سبب بڻجندي. اهو مسئلو اسان وٽ تہ خاص تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. سرڪاري شعبن جي تعليم ناڪاره آهي ۽ سُٺا تعليمي ادارا رڳو مخصوص مراعات يافتہ طبقن کي وڌيڪ سگهارو ڪرڻ جا ذريعا آهن. اسان جو ٻيو زور ان ڳالهہ تي هو تہ اڪثر ملڪن جو تعليمي نصاب نهايت مُدي خارج آهي. هي Knowledge Based Economy جو دؤر آهي ۽ ان ۾ تعليم پروفيشنل ۽ سماج جي گهرجن موجب نہ هوندي تہ اها رڳو بيروزگارن جون فوجون پيدا ڪندي. اسان جي سرڪاري يونيورسٽين مان نڪرندڙ نوجوانن جو وڏو انگ ڇو بيروزگار آهي؟ ان ڪري جو هڪ تہ سندن تعليم ۽ تربيت معياري ناهي، ٻيو تہ اها گهرجن پٽاندڙ ناهي. اجلاس ۾ مون پاڪستان جي سموري تاريخ جي تعليمي پاليسين تي روشني وڌي تہ اهو سڀني لاءِ اچرج جوڳو موضوع هو. سبب تہ سڀ پاليسيون اڪارج هيون. ساڳيءَ طرح اسان ايشيا اندر تربيتي ادارن جي اڻسر ۽ ضرورت تي وڌو زور ڏنو. اسان وٽ غير تربيت يافتہ افرادي قوت تہ گهڻي آهي، پر انهن جي تربيت جو ڪو انتظام نہ آهي. سڄي ايشيا ۾ ٽين دنيا سان اهو مسئلو لاڳو آهي. افرادي قوت جي تربيت جو انتظام ڪري ان جو لاڀ ورتو وڃي تہ ان جا معاشي نتيجا ڏسي سگهجن ٿا. اسان جو هر تعليم جي بجيٽ جو هڪ چڱو حصو تربيتي ادارن تي خرچ ڪيو وڃي. خاص طور تي ڏکڻ ايشيا جي حوالي سان مون ان تي زور ڏنو. اسان جو ٽيون موضوع ٽيڪنالاجيءَ جي حوالي سان هو. ٽيڪنالاجي جديد معاشي عمل جو لازمي ۽ اٽ ٽر حصو آهي. ٻي معنيٰ ۾ جديد معيشت جو دارومدار ئي ٽيڪنالاجيءَ تي آهي. خاص طور تي انفارميشن ٽيڪنالاجي ٽرانسفر خود وڏو سوال آهي، جنهن کي سمجهڻ ۽ ڪٽڻ جي ضرورت آهي. هڪڙي ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ مستقبل جي معيشت جو وڏو دارومدار ناليج اڪاناميءَ تي هوندو ۽ جيڪي ملڪ يا معاشرا پنهنجي رٿابندي ان پس منظر ۾ نہ ڪندا، اهي ترقيءَ جي هن سڄي ڊوڙ جا رڳو خاموش تماشائي هوندا!

بهرحال ڪالڊ جي هيءَ ايشيا بابت بين الاقوامي ڪانفرنس گهڻن حوالن سان بنيادي اهميت جي هئي. هڪ تہ ان ۾ ايشيا جي سياسي اڳواڻن، دانشورن ۽ ماهرن جي وڏي انگ کي هڪبئي سان سڌيءَ ريت پنهنجا پنهنجا تجربا، خيال ۽ پاليسيون شيئر ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ ٻيو تہ ايشيا جي سمورن خِطن (Regions)

جي سياسي ۽ معاشي توڙي سماجي صورتحال بابت گهڻي ڄاڻ ملي ۽ بين الاقوامي سطح تي ايشيا جي گڏيل ڪردار اُڀارڻ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪ فضا ٺهي. ڪانفرنس جي پڄاڻيءَ تي سمورن ملڪن جي سياسي اڳواڻن تي مشتمل هڪ اعليٰ سطحي پينل پريس ڪانفرنس ذريعي ڪولمبو جي پريس سان حال احوال اوريا. اسان لاءِ خوشيءَ جي ڳالهه هئي جو ان ۾ پاڪستان جي نمائندگي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر سسئي پليجو ڪئي. سسئيءَ نهايت اعتماد سان پاڪستان بابت سوالن جا جواب ڏنا ۽ عوام جو حقيقي ڪيس رکيو. هڪ سنڌي ڇوڪري جيڪا اعليٰ تعليم يافته هجي، اسيمبليءَ جي ميمبر هجي ۽ اها هڪ بين الاقوامي فورم تي ايترو اعتماد سان پنهنجي عوام جو ڪيس رکي ته اها يقينن هن لاءِ ئي نه پر هن جي ديس سنڌ لاءِ به فخر جي ڳالهه آهي. اسان سنڌي ماڻهن کي مختلف شعبن جي عالمي فورمس ۾ ضرور وڃڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته اها رياست جي پيٽ ۾ متبادل سفارتڪاري آهي ۽ پس منظر ۾ ڏِکجي ويل سنڌ کي سچ پچ به ان جي وڏي ضرورت آهي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 7 ۽ 8 جون 2003ع

# ڇا تهذيبن جي ٽڪراءُ جو دؤر شروع ٿي چڪو آهي؟

سڄيءَ دنيا جي مخالفت باوجود نيٺ آمريڪا اهو ئي ڪيو جنهن جنون جي ڪانئس توقع ڪئي پئي وئي. موجوده دؤر ۾ آمريڪا جي اهڙي ڪردار تي تمام گهڻو لکيو ۽ ڳالهايو ويو آهي ۽ اڃا وڌيڪ اهو سلسلو جاري رهندو. ڪاوش جي هنن ئي ڪالمن ۾ مان آمريڪا جي ڪردار ۽ موجوده عالمي صورتحال جي مختلف پاسن تي پنهنجا ويچار پيش ڪري چڪو آهيان. ظاهر آهي تہ جيئن جيئن صورتحال وڌيڪ پيچيده ٿيندي ۽ ان ۾ نيون نيون تبديليون اچڻ جا امڪان پيدا ٿيندا, تيئن تيئن ان بحث جا نوان رخ متعين ٿيندا. جيتوڻيڪ عراق تي آمريڪا حملو هينئر ڪيو آهي, پر 11هين سيپٽمبر کان پوءِ جيئن ئي آمريڪا افغانستان ۾ هٿ وڌا هئا, تڏهن ئي هن اهو واضح اشارو ڏنو هو تہ هن جو ٻيو نشانو عراق هوندو. عراق تي آمريڪا جو هيءُ ڪو پهريون ۽ حيرت ۾ وجهندڙ حملو ڪونهي آمريڪا جي موجوده صدر جي پيءُ وڏي بش بہ پنهنجي ”نئين عالمي نظام“ جي شروعات عراق تي حملي سان ڪئي هئي, پر آمريڪا جو هيءُ حملو ان ”نئين عالمي نظام“ جي جنون جون آخري چڙهيون آهن. هن سڄيءَ صورتحال ۾ هنن ڪجهہ بنيادي ڳالهين تي غور ڪرڻ سان عالمي صورتحال کي سمجهي سگهجي ٿو.

(1) سڀ کان پهرين ڳالهہ تہ هيءَ ڪا جنگ نہ آهي. جنگ انهن ٻن تڪراري ڌرين وچ ۾ ٿيندي آهي, جيڪي ٻئي وڙهڻ جي هوڏ تان لهڻ لاءِ تيار نہ هجن. جڏهن تہ هن معاملي ۾ صرف هڪ ڌر دهشتگرد رويي سان هر صورت ۾ وڙهڻ جي موڊ ۾ آهي. جڏهن تہ عراق سڀ مڃڻ جهڙا شرط قبول ڪيا ۽ اخلاقي طرح گڏيل قومن توڙي آمريڪا سان هر ممڪن اخلاقي سهڪار ڪيو ۽ نام نهاد جنگ کي ٽارڻ جي

ڪوشش ڪئي، پر آمريڪا نہ جو نہ مڃيو. ان ڪري هيءُ جيڪو ڪجهہ عراق سان ٿي رهيو آهي ان کي جنگ ڪنهن طور بہ چئي نہ ٿو سگهجي. هيءُ کُليل هڪ طرفي دهشتگردي ۽ حملو آهي. ان ڪري اها سئو سيڪڙو ڪوڙي پروپيگنڊہ آهي تہ ڪو آمريڪا ۽ عراق وچ ۾ جنگ ٿي رهي آهي.

(2) جڏهن 11/9 کان پوءِ آمريڪا افغانستان تي دهشتگرديءَ خلاف جنگ جي نالي ۾ حملي جو اعلان ڪيو هو تہ دنيا جي ملڪن جي وڏي گهڻائي اخلاقي طور آمريڪا جي مدد ڪري رهي هئي. ان جو بنيادي سبب دنيا جي آمريڪا دوستيءَ کان وڌيڪ افغانستان ۾ طالبان حڪومت کان بيزاري هئي. طالبان جي حڪومت پنهنجين نهايت تنگ نظر ۽ رجعت پسند پاليسين سبب دنيا ۾ پاڻ کي قطعي طور اڪيلو ڪري ڇڏيو هو. خاص طور تي باميان ۾ ٻُڌ جا تاريخي مجسما ڊاهڻ ۽ اُسامہ بن لادن کي پناهہ ڏيڻ سبب دنيا جو وڏو حصو ان جي خلاف هو پر جڏهن ان کانپوءِ آمريڪا عراق خلاف (نام نهاد) جنگ جي حملي جو چتاءُ ڏنو تہ دنيا ۾ اڪثريتي ملڪن ۽ فورمس ان جي سڌي مخالفت ڪئي. حقيقت اها آهي تہ صدام حسين بہ دنيا ۾ ڪا چڱي ساک نہ ٿو رکي پر دنيا ۾ ان جي سخت مخالفت ۽ مزاحمت جو رويو سامهون آيو تہ آمريڪا جي عراق تي حملي جو ڪو جواز نہ آهي ۽ نہ ان کي اهڙو ڪو حق پهچي ٿو. نہ رڳو حڪومتي سطح تي يورپ سميت سمورن کنڊن جي اڪثريتي ملڪن آمريڪا جي اهڙي رويي جي مخالفت ڪئي پر 15 فيبروريءَ تي تہ دنيا ۾ جيڪي لکين ماڻهن جا احتجاجي مظاهرا ٿيا، انهن دنيا جو سياسي مزاج ئي تبديل ڪري ڇڏيو. هيستائين رڳو ايشيائي ۽ ٽين دنيا جي ملڪن جي عوام جي اڪثريت آمريڪا جي سامراجي ڪردار جي خلاف هئي پر هن دفعي يورپ، آسٽريليا ۽ خود آمريڪا جي عوام جيڪو امن جي نالي ۾ جنگ ۽ پس و پيش آمريڪي دهشتگرديءَ خلاف مزاحمتي رويو ڏيکاريو اهو حيرت انگيز هو. حيرت انگيز ڇا دنيا جو وڏو واقعو هو. اٽليءَ جي شهر روم ۾ ٽيهہ لک ماڻهو گڏ ٿيا. ايئن پيرس، پراگ، ميلبرن ۽ واشنگٽن سميت دنيا جي بيشمار شهرن ۾ مظاهرا ٿيا. ويجهي عالمي تاريخ ۾ ايڏو زبردست عوامي عالمي رد عمل ڪنهن بہ اشوءَ تي سامهون نہ آيو آهي. حڪومتي سطح تي بہ جرمني ۽ فرانس سميت دنيا جي اڪثريتي ملڪن آمريڪا جي عراق تي حملي جي واضح مخالفت ڪئي پر ان سموريءَ صورتحال باوجود آمريڪا پنهنجي هوڏ تان نہ لٿو ۽ عراق تي آمريڪي حملا شروع ٿي ويا آهن. هاڻي بظاهر تہ دنيا جي ان اخلاقي دٻاءُ جو ڪو ٺوس نتيجو نہ نڪتو ۽ آمريڪا اهو پڙ ڪيو، جيڪو هن هر حال ۾ هر وقت تي ڪرڻ ٿي چاهيو پر ڇا سچ پچ بہ اهو عالمي احتجاج ۽ آمريڪا جي مخالفت اجائي وئي؟

مان سمجهان ٿو تہ وقتي طور ڀل تہ ان جا نتيجا سامهون نہ اچن پر ڊگهي مُدي جي حوالي سان ان جا غير معمولي نتيجا سامهون ايندا. سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ آمريڪا دنيا ۾ اخلاقي ۽ سياسي طور اڪيلو ٿي چڪو آهي. رڳو برطانيا جي آمريڪي حمايت واري بي حيائي برقرار آهي. سوال آهي تہ دنيا جي اڪثريتي عوام جا آمريڪا مخالف جذبا ڇا ان جي معيشت، سپر پاور واري سياسي حيثيت ۽ سندس مجموعي سياسي، معاشي ۽ سفارتي سگهہ کي ڪاپاري ڌڪ هڻڻ جو سبب نہ بڻجندا؟ مان سمجهان ٿو تہ آمريڪا جي هن سموري رويي کي موجوده هم عصر عالمي دؤر جي نسبت سان ۽ تاريخ جي پس منظر ۾ ڏسڻ جي ضرورت آهي ۽ ان جي نتيجن کي بہ ان روشنيءَ ۾ پرکڻ گهرجي. مون اڳ بہ لکيو هو تہ ڀل تہ بظاهر آمريڪا عراق تي حملا ڪري پنهنجا عارضي مفاد حاصل ڪري وڃي پر حقيقت اها آهي تہ اخلاقي طور اهو ”جنگ“ اڳ ئي هارائي چڪو آهي.

(3) آمريڪا ”دهشتگرديءَ خلاف عالمي جنگ“ جي نالي ۾ جيڪو دهشتگرديءَ جو سلسلو شروع ڪيو آهي ۽ پاڻ کي اهڙن پنجاهہ معاملن ۾ ڦاسائڻ لاءِ Over Commited ڪيو آهي، ان جو نتيجو سندس زوال کان سواءِ ٻيو ڪهڙو نڪري سگهي ٿو؟ روس رڳو افغانستان ۾ پاڻ کي ڦاسايو تہ ان جو جيڪو حشر ٿيو اهو دنيا ڏٺو. آمريڪا افغانستان ۾ اڳ ئي ڦاٿل آهي ۽ ان مان سندس ٽڪڙي ۽ سستي جان ڇُٽڻ جا ڪي بہ آثار نہ آهن. هينئر عراق ۾ بہ آمريڪا جي ڪوشش اها ئي هوندي تہ اهو صدام ۽ سندس حڪومت مان جان ڇڏائي ان تي پنهنجي ڪا حڪومت مڙهي ڇڏي. ڇيو وڃي ٿو تہ عراقي تيل جي کوهن تي سندس ميري نظر آهي. سوال آهي تہ ڇا عراق ۾ جيڪا تباهي ٿيندي، ان کانپوءِ عراقي عوام جو آمريڪا ڏانهن ڇا رويو هوندو؟ ۽ ڇا آمريڪا لاءِ اهو ممڪن هوندو تہ اهو ڊگهو عرصو اهڙيءَ صورتحال ۾ رڳو ڏنڊي جي زور تي عراق ۾ ويهي سگهي يا ان کي ڪنٽرول ڪري سگهي؟ گهڻا امڪان ان ڳالهہ جا آهن تہ آمريڪا عراق ۾ ڦاسي پوندو. ٽين ڳالهہ تہ عراق کان پوءِ ڇا آمريڪا جي ”دهشتگرديءَ خلاف جنگ“ ختم ٿي ويندي؟ جنهن قسم جي صورتحال آمريڪا دنيا ۾ پنهنجي حوالي سان پيدا ڪئي آهي، ڇا ان ۾ آمريڪا عراق کان پوءِ خاموش ٿي ويندو؟ گهڻا امڪان ان ڳالهہ جا آهن تہ اهو اُتر ڪوريا سميت ڪجهہ ملڪن لاءِ بہ ڪانہ ڪا اهڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. خود اهو بحث بہ هلي رهيو آهي تہ عراق کان پوءِ پاڪستان جو وارو آهي. سوال آهي تہ ڇا هڪ طرف دنيا ۾ اڪيلو ٿي وڃڻ کانپوءِ ۽ ٻئي طرف پاڻ کي ايترن جنگي تضادن ۾ ڦاسائڻ کان پوءِ آمريڪا جي ڊگهي مُدي وارن نتيجن جي لحاظ سان ڇا حالت وڃي بيهندي؟ دراصل

آمريڪا جو اهو جنون ۽ ان جنون سان Over Committed ٿي سندس طاقت جي توازن تبديل ٿيڻ جو سبب بڻبي.

(4) عراق خلاف آمريڪي دهشتگرديءَ جي نتيجي ۾ جيتوڻيڪ ظاهر آهي تہ عراق يا صدام اها سٽ سهي نہ سگهندو پر سوال رڳو عراق ۽ صدام جو نہ آهي. عراق خلاف ان دهشتگرديءَ سڄي دنيا جي مسلم عوام ۾ آمريڪا خلاف جنهن شديد نفرت جي رويي کي پيدا ڪيو آهي، ان ڏکهي مُدي وارا نتيجا نهايت خراب سامهون ايندا. دنيا جي مسلم ملڪن جا حڪمران طبقا پل تہ آمريڪا جا ايجنٽ ۽ ڳيجهو هجن پر سڄيءَ دنيا جو مسلم عوام اهو حملو روحاني طور پنهنجي مٿان محسوس ڪري رهيو آهي. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ هيستائين پروفيسر هنٽگٽن واري ڳالهہ هڪ مفروضو هئي تہ هيءُ بن تهذيبن جو ٽڪرار آهي. هيستائين آمريڪا رڳو مسلم دنيا اندر پنهنجي ئي پيدا ڪيل جنوني عنصرن کي دٻائڻ جي حڪمت عمليءَ تي ڪم ڪري رهيو هو پر صورتحال هاڻي جنهن طرف وڃي رهي آهي، ان ۾ لڳي ٿو تہ هاڻي سچ پچ بہ هيءُ ٽڪرار تهذيبن جي ٽڪرار ڏانهن وڌي رهيو آهي. جيئن افغانستان تي حملي جا نتيجا رڳو اسامہ يا طالبان ڪونہ ڀوڳيا پر دراصل معصوم افغان عوام ڀوڳيا ۽ جيئن عراق تي حملي جا نتيجا رڳو صدام حسين نہ پر عراق جو بيگناهہ عوام ڀوڳيندو. تيئن مان سمجهان ٿو تہ هن آمريڪي دهشتگرديءَ جا نتيجا بہ رڳو آمريڪي حڪومت نہ پر ڏکهي مُدي جي نتيجن جي حساب سان آمريڪي عوام ڀوڳيندو. ان ڪري هاڻي هيءُ ٽڪرار رڳو حڪمرانن جي سطح تائين نہ رهندو پر اهو عوام تائين لهندو ۽ دراصل لهي چڪو آهي. خاص طور تي فلسطين جي اشو سبب مدل ايسٽ جي مسلمانن جي مزاحمت ۾ وڌي شدت ايندي. خاص طور تي مدل ايسٽ جو عرب عوام ان جي اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪندو. ان ڪري مان سمجهان ٿو تہ هيستائين تهذيبن جو ٽڪراءُ رڳو مفروضو هو پر هاڻي اهو هلندڙ دؤر ۽ مستقبل جي هڪ حقيقت ٿيڻ ڏانهن وڌي رهيو آهي.

(5) دنيا جا اهي سمورا وڏا طاقتور ملڪ جيڪي اندر ئي اندر آمريڪا جي خلاف آهن، مثال طور چين ۽ يورپي يونين جا ملڪ، اهي هن سموري بحران ۾ آمريڪا کي سياسي، معاشي ۽ سفارتي طور وڌيڪ ڪمزور ڪرڻ جا سڀ ممڪن وسيلا استعمال ڪندا. ان ڪري دنيا سرد جنگ جي هڪ نئين دؤر ۾ داخل ٿيڻ ڏانهن وڃي رهي آهي پر سرد جنگ جو هيءُ دؤر اڳوڻي دؤر کان مختلف هوندو. ڇاڪاڻ تہ اڳ هڪ پاسي سوويت يونين هو ۽ ٻئي پاسي دنيا جي طاقتور ملڪن جي اڪثريت آمريڪا جي پاسي هئي پر هن دفعي صورتحال مختلف شڪلين ۾

گڏ هوندي، مان سمجهان ٿو تہ سرد جنگ جو اهو نئون دؤر آمريڪا جي روايتي سپر پاور واري حيثيت جي زوال جو آغاز هوندو.

(6) هيءُ دؤر آمريڪي عوام جي حوالي سان بہ هڪ تاريخي دؤر آهي. آمريڪي عوام وڏي عرصي کان سڌيءَ ريت ڪنهن بہ وڏي بحران يا غير سلامتيءَ جي احساس کي نہ ڀوڳيو آهي. ويٽنام جي جنگ ۾ بہ آمريڪي فوج ۽ رياست کي تہ شڪست آئي پر آمريڪي عوام ان جا غير معمولي خراب نتيجا سڌيءَ ريت ڪونہ ڀوڳيا، پر هاڻي هيءُ تڪرار ڏينهون ڏينهن آمريڪا ۽ مسلم عوام وچ ۾ وڌڻ جو سبب بڻجي رهيو آهي. مسلمان سڄيءَ دنيا ۾ آهن. خود آمريڪا ۾ آهن. آمريڪا خلاف دنيا جي مسلمانن اندر جيڪا نفرت وڌي رهي آهي، اها ظاهر آهي تہ مختلف انتهاپسند روين ۽ شڪلين ۾ سامهون ايندي. مسلم دنيا جا حڪمران طبقا اڳ ئي آمريڪا جا ڳيجهو ۽ چاڙتا آهن ۽ اهي پنهنجي عوام جي روحاني ۽ سياسي ترجماني ڪرڻ کان قاصر آهن. مسلم دنيا اندر جمهوريتون بہ مضبوط ڪونہ آهن، جو عوام پنهنجو اظهار ادارن معرفت جمهوري طريقي سان ڪري سگهي. ان ڪري ظاهر آهي تہ مسلم عوام جو ردعمل گهٽي پاڱي جمهوري ۽ اخلاقي حدن ۾ ڪونہ هوندو. اهو انارڪيءَ وارو ۽ شدت پسند هوندو. ان ڪري هيءُ اهڙو تڪرار آهي، جنهن جا نتيجا دراصل رڳو رياست نہ پر سڌيءَ ريت عوام بہ ڀوڳيندو. ان ڪري آمريڪي عوام لاءِ بہ هيءُ امتحان جو وقت آهي. جي آمريڪي عوام پنهنجي رياست جي پاليسين جي پاسي رهيو تہ اهو بحران اڃا وڌيڪ پيچيده ٿيندو. جيئن اسرائيل جي ڪيس ۾ آهي. اسرائيلي عوام بہ پنهنجي رياست جي پاليسين خلاف اُٿي بيهنو تہ صورتحال بنهہ مختلف هوندي. بهرحال بنهي صورتن ۾ آمريڪي عوام جو هن بحران ۾ وڏو ڪردار آهي ۽ رهندو.

بهرحال دنيا جي سخت احتجاج باوجود آمريڪا جو جنون گهٽجڻ بجاءِ اڃا وڌي رهيو آهي. جي صدام حسين ڪجهہ ڏينهن ۾ مارجي بہ ويو تہ بہ هيءُ قصو بيهي نہ رهندو. عراق تي حملا تہ آمريڪا جي وس ۾ آهن پر ان جي نتيجن کي روڪڻ ان جي وس ۾ هرگز نہ آهي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 23 مارچ 2003ع

# دنيا ۾ عوامي مزاحمتي ڪلچر موٽي رهيو آهي!

اهو صحيح آهي تہ 11هين سيپٽمبر جي واقعي کانپوءِ دنيا سياسي طور بدلجي وئي هئي پر 15 فيبروريءَ تي سڄيءَ دنيا ۾ لنڊن کان نيويارڪ، ڪينبرا کان صوفيا ۽ ڪيپ ٽائون کان ڪراچيءَ تائين آمريڪا خلاف لکين نہ پر ڪروڙين ماڻهن جي شديد احتجاج کان پوءِ دنيا سچ پچ بہ ساڳي نہ رهي آهي. جنگ ۽ جنون جي علمبردار سامراج آمريڪا خلاف هن زبردست عالمي لهر جي جواب ۾ آمريڪا پل تہ منهن جي پڪائيءَ سان اجايو اعتماد ڏيکاري، پر حقيقت اها آهي تہ اهو اخلاقي طور سڀ ڪجهہ وڃائي چڪو آهي. ايڏو شديد عالمي سياسي احتجاج تہ تاريخ ۾ هٽلر جي خلاف بہ نہ ٿيو هو. بش هينئر دنيا ۾ جنونيت جي عالمي علامت ٿي اُڀريو آهي. جيتوڻيڪ وقتي طور پل تہ آمريڪا خلاف هن عالمي لهر جا نتيجا واضح طور سامهون نہ اچن، پر هن دؤر جي نسبت سان تاريخي لحاظ کان ان جا غير معمولي اثر ۽ نتيجا سامهون ايندا. ويندي فوري نتيجن لاءِ بہ ڪا حتمي ڳالهہ ڪري نہ ٿي سگهجي. ڇيو وڃي ٿو تہ ويٽنام کانپوءِ هيءَ آمريڪا خلاف دنيا جي وڏي ۾ وڏي لهر آهي.

جيتوڻيڪ يقيني طور تہ ڪجهہ چئي نہ ٿو سگهجي، پر اهو واضح آهي تہ آمريڪا اڳرائيءَ کان اڳ ئي اخلاقي ۽ سياسي طور جنگ هارائي چڪو آهي ۽ اخلاقي طور هارايل جنگ هٿيارن سان کٽي نہ ٿي سگهجي. ويٽنام ۾ اخلاقي طور هارائڻ کان پوءِ آمريڪا فوجي لحاظ کان جنگ کٽي سگهيو هو ڇا؟ جپان خلاف ٻي مهاڀاري لڙائيءَ ۾ ايٽمي اڳرائيءَ باوجود اخلاقي طور ڪنهن هارايو هو؟ ۽ اوپر پاڪستان ۾ اخلاقي طور هارائڻ کان پوءِ جنرل نيازي ۽ ٽڪا خان کي هٿيار بہ ڦٽا

ڪرڻا پيا هئا. اها ڳالهه طئي آهي تہ اخلاقي طور هارائڻ ڪانپوءِ رڳو هٿيارن سان جنگيون ڪٽي نہ ٿيون سگهجن. آمريڪا بہ هينئر عراق خلاف ڪنهن اڳرائيءَ ڪان اڳ ئي اخلاقي طور جنگ هارائي چڪو آهي.

افغانستان ۾ طالبان حڪومت خلاف آمريڪي اڳرائيءَ جي دنيا ۾ گهڻي مخالفت ان ڪري نہ ٿي هئي جو دنيا جيڪڏهن آمريڪا خلاف هئي تہ اها افغانستان ۾ طالبان حڪومت ڪان بہ تنگ ۽ بيزار ٿي چڪي هئي. خاص طور تي جڏهن باميان ۾ ٻُڌ جا تاريخي مجسما ڊاهڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان ڏس ۾ سڄيءَ دنيا جي اپيلن کي نظرانداز ڪيو ويو تہ دنيا ۾ طالبان خلاف اڳ ئي موجود جذبن ۾ وڌيڪ شدت اچي وئي. مان انهن ڏينهن ۾ سريلنڪا جي مشهور علائقي ڪينڊيءَ (Candy) ۾ هئس، جيڪو مسلمان اڪثريتي آباديءَ وارو علائقو آهي. مون محسوس ڪيو تہ ٻُڌَ تہ پنهنجيءَ جاءِ تي پر مسلمانن ۾ بہ ان عمل خلاف شديد تاءُ پکڙيل هو ۽ سريلنڪا جا مسلمان چئي رهيا هئا تہ طالبان افغانستان ۾ ٻُڌ جا تاريخي مجسما ڊاهي سڄيءَ دنيا ۾ مسلمانن خلاف ڌڪار جا جذبا پيدا ڪري رهيا آهن. ان ڪري جڏهن افغانستان تي آمريڪي حملا شروع ٿيا هئا، تڏهن بہ دنيا آمريڪا جي پاسي نہ هئي، پر انهن چاهيو ٿي تہ افغانستان ۾ ڪنهن طرح طالبان حڪومت جو تختو اونڌو ٿئي. ان ڪري ان جي سڌي مخالفت دنيا مان نہ اُڀري سگهي، پر هن دفعي جڏهن آمريڪا عراق خلاف هرو ڀرو اڳرائيءَ لاءِ جنوني روين جو اظهار ڪيو تہ دنيا ۾ بي ساختہ عوامي مزاحمت جي هڪ عالمي لهر اُڀري آهي. هاڻي اچو تہ انهن نتيجن تي ٿورو غور ڪريون، جيڪي 15 فيبروريءَ جي هن عالمي احتجاج ڪان پوءِ سامهون آيا آهن ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ واضح ٿي ايندا.

(1) هن سموريءَ صورتحال جو سڀ ڪان سادو ۽ اهم ترين نتيجو هيءُ ڪڍي سگهجي ٿو تہ آمريڪا عالمي طور دنيا ۾ اڪيلو ٿي ويو آهي. آمريڪا جي نام نهاد "نئين عالمي نظام" جا بنياد نہ رڳو لڏي ويا آهن پر ماڳهين ڊهي چڪا آهن. سوويت يونين جي خاتمي ڪان پوءِ جنهن کي عام سياسي ٻوليءَ ۾ سرد جنگ جي خاتمي ڪان پوءِ جو دؤر سڏيو ٿي ويو (جڏهن تہ سرد جنگ جا محرڪ ۽ محور ضرور تبديل ٿيا هئا، پر اها مختلف شڪلين ۾ پوءِ بہ موجود هئي ۽ آهي) آمريڪا دنيا جو اڪيلو سپر پاور رهجي ويو ۽ دنيا ۾ طاقت جو عالمي توازن وقتي طور بدلجي ويو. نتيجو اهو هو تہ آمريڪا دنيا جو اڪيلو لٺ سردار ٿي ويو، جنهن کي دنيا ۾ ڪوبہ جهلڻ پلڻ وارو نہ هو ۽ جي هو تہ ان وڏيءَ سطح تي نہ هو. آمريڪا جو اهڙو ڪردار رڳو ڪنهن ملڪ جو معاملو نہ آهي. اهو دراصل ان ڪري بہ آهي جو آمريڪا عالمي سرمائيداريءَ جو وڏي ۾ وڏو سامراجي ملڪ آهي ۽ ان جو ڪردار هڪ

عالمي سامراج وارو آهي، جيڪو سڄيءَ دنيا ۾ آزاديءَ جي تحريڪن کي دٻائيندڙ قوتن جو ساٿ ڏئي ٿو. ٽئين دنيا ۾ جمهوريتن کي پاڙون هٽڻ نہ ٿو ڏئي. ٽئين دنيا جي عوام دشمن حڪمران ٽولن ۽ خاص طور تي فوجي ٽولن جي ڳُجهي توڙي واضح سرپرستي ڪري ٿو. ملڪن ۽ قومن کي خودمختياريءَ سان فيصلا نہ ٿو ڪرڻ ڏئي، جو اهي ملڪ عالمي مالياتي ادارن وٽ گروي ٿيل آهن. گذريل ڏهاڪي ۾ دنيا تي آمريڪا ايئن اڪيلي سر قديم زماني جي بي رحم بادشاهتن جيان راڄ ڪيو پر تاريخ هڪ هنڌ بيهي نہ ٿي سگهي. سوويت يونين کان پوءِ آمريڪا خلاف جيڪي محرڪ قوتون ۽ مفاد آهستي آهستي اُسري ۽ اُڀري رهيا هئا، اهي هينئر وڏيءَ سگهہ ۽ اعتماد سان اُڀري آيا آهن. 15 فيبرورِيءَ وارو عالمي عوامي احتجاج ان جو وڏو اظهار ۽ ثبوت آهي، جنهن جو نتيجو اهو آهي تہ آمريڪا سڄيءَ دنيا ۾ سياسي ۽ اخلاقي طور اڪيلو ٿي چڪو آهي. ٽئين دنيا يا مسلم دنيا تہ پنهنجي جاءِ تي پر خود يورپ اندر تاريخ جا وڏي ۾ وڏا احتجاج مظاهرا آمريڪا خلاف ٿيا آهن، جيڪا بنھ نئين ڳالھ آهي. آمريڪا هينئر دنيا ۾ مڪمل طور (Isolation) ۾ هليو ويو آهي. ظاهر آهي تہ ان جا سياسي ۽ معاشي نتيجا سامهون اچڻ شروع ٿي ويندا. گڏيل قومن ۾ آمريڪا ڪڏهن بہ ايترو اڪيلو نہ هو جو ساڻس گڏ رڳو برطانيا آهي. جڏهن تہ ٽي ويٽو پاور يعني فرانس، جرمني ۽ چين سندس خلاف آهن. خود برطانيا ۾ جيترو شديد عوامي ردعمل سامهون آيو آهي، جيڪو چيو وڃي ٿو تہ برطانيا جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو مظاهرو هو ۽ جنهن ۾ 20 لک ماڻهو گڏ ٿيا، ان کي لنڊن جي ميئر بہ خطاب ڪيو. بهرحال اها حقيقت آهي تہ هاڻي بدليل حالتن ۾ آمريڪا دنيا ۾ اڪيلو ٿي چڪو آهي ۽ سندس اها اڪيلائي جيڪي عالمي طور سياسي، معاشي نتيجا سامهون آڻيندي، ڇا انهن کان پوءِ آمريڪا جي اها ڳوٺي اڪيلي سپر پاور واري حيثيت برقرار رهي سگهندي؟

(2) هن سڄيءَ صورتحال جو ٻيو اهم ترين نتيجو يورپ جي عوام جو آمريڪا خلاف ايئن اعتماد سان سامهون اچڻ آهي. مون پنهنجي گذريل مضمون ۾ بہ لکيو هو تہ آمريڪا ۽ يورپ اندر تضاد شدت سان وڌي رهيو آهي ۽ اهو دراصل عالمي سرمائيداريءَ جو اندروني تضاد آهي، جنهن ۾ سامراجي حيثيت آمريڪا جي آهي. هن دفعي يورپ جي عوام جنهن شدت سان آمريڪا خلاف مظاهرا ڪيا آهن، ان سان يورپ جو سياسي ڪردار ئي بدلجي ويندو ۽ عملي طور آمريڪا جي ڇيلھ ڇڀي ٿي پوندي. روم ۾ ٽيھ لک ماڻهن احتجاج ڪيو آهي. لنڊن ۾ ويھ لک ماڻهو گڏ ٿيا، پيرس جو سڄو شهر جام ٿيل هو، جتي پنج لک ماڻهو گڏ ٿيا، اسپين ۾ زبردست مظاهرا ٿيا، جرمنيءَ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ تاريخي احتجاج ٿيا آهن.

جيتوڻيڪ اهي احتجاجي مظاهرا هڪ ڏينهن ٿيا آهن، پر اهو هڪ ڏينهن رڳو ڪو اتفاق ناهي پر اهو انهن لڳاتار حالتن ۽ تبديلين جو هڪ خاص ڏاڪي تي اچي تاريخي عوامي اظهار آهي، جيڪي گذريل ڏهاڪي ۽ ان کان به اڳ اندر ئي اندر تيار ٿي رهيون هيون. جيڪڏهن هنن مظاهرن کي رڳو صحافتي نظر سان ڏسبو ته پوءِ اهي هڪ ڏينهن جا احتجاج نظر ايندا پر اڄ جيڪڏهن انهن کي تاريخي حالتن جي پس منظر ۾ ڏسبو ته انهن جي تاريخي اهميت سمجهه ۾ اچي ويندي. هر غير معمولي واقعو بظاهر ته هڪ لمحي يا ڪنهن خاص وقت تي سامهون اچي ٿو پر دراصل اهو انهن لڳاتار موضوعي ۽ معروضي (Subjective & Objective) حالتن جو نتيجو هوندو آهي، جيڪي سواءِ سماجي سائنسدانن جي ٻين کي نظر نه اينديون آهن. مان سمجهان ٿو ته يورپ جو هيءُ ردعمل آمريڪا کي هڪ پراسس ۾ گوڏن ڀر ويهاري ڇڏيندو. ٻين لفظن ۾ يورپ دراصل عالمي طاقت جي اڳوڻي توازن جي اسٽيٽسڪو کي ٽوڙي ڇڏيو آهي. اها تبديلي نه رڳو آمريڪا جي اڳوڻي طاقت ۽ حيثيت جي ديوار ۾ زبردست ڏار وجهندي پر حقيقت ۾ خود يورپ جي ڪردار ۽ مزاج کي تبديل ڪري ڇڏيندي. يورپ جي باري ۾ هيءُ جيڪو عام تاثر هو ته اُتي جو ماڻهو سياست سان هاڻي ڪا به دلچسپي نه ٿو رکي ۽ اها ڪنهن حد تائين درست ڳالهه به هئي پر هاڻي صورتحال بدلجي چڪي آهي. اٽليءَ ۾ ٽيهه لک ماڻهن جو گڏ ٿيڻ ۽ لنڊن ۾ پندرهن لک ماڻهن جو گڏ ٿيڻ دنيا جا غير معمولي واقعا آهن. يورپ اندر عوامي تحريڪن جو ايئن سياسي انداز سان اُٿڻ هن دؤر جي هڪ وڏي عالمي سياسي تبديلي آهي، جنهن جا يورپ تي ئي نه پر عالمي سياست تي به وڏا اثر پوندا.

(3) هنن عالمگير احتجاجن آمريڪي ميڊيا جي ان ڪوڙي تاثر کي به ختم ڪري ڇڏيو ته باقي دنيا ته آمريڪا سان گڏ آهي پر رڳو اسلامي شدت پسند گروپ ان جي خلاف آهن. جڏهن ته حقيقت ان جي اُبتڙ هئي پر آمريڪي ميڊيا ان کي سامهون اچڻ نه ٿي ڏنو. سڄيءَ دنيا کي خبر آهي ته ڏکڻ ايشيا ٽوڙي مڊل ايسٽ ۾ اسلام جي نالي ۾ جنوني عنصر خود آمريڪا پاڻ پيدا ڪيا هئا ته جيئن اهي سوويت يونين جي به منهن ۾ هجن ته مسلم دنيا ۾ ترقي پسند، جمهوري ۽ قومي تحريڪن کي اُڀرڻ نه ڏين. جڏهن ته مسلم عوام سميت ٽين دنيا جو سڄو عوام گهٽي ڀاڳي شروع کان سامراج دشمن رهيو آهي. هينئر جڏهن دنيا ۾ آمريڪا خلاف زبردست عالمگير لهر اُڀري رهي آهي ته اهي عنصر ڀُوليا نه ٿا ڏين، جن جي باري ۾ ڪوڙي پروپيگنڊا ڪئي وئي هئي ته اهي آمريڪا خلاف آهن. اسلامي دنيا ۾ هينئر جيڪڏهن احتجاج ٿيا به آهن ته اهي يا ته جمهوريت پسند ۽ ترقي پسند

ڏرين ڪيا آهن يا وري سول سوسائٽيءَ جي نمائندگي ڪندي اين جي اوز ڪيا آهن. ٻيو ته نهيو پاڪستان ۾ به مذهبي عنصر گم هئا. اُصولي طور تي ٿيڻ ته ايئن گهرجي ها جو اسان وٽ مذهبي ڌريون جن افغانستان خلاف آمريڪي حملي تي زمين ۽ آسمان هڪ ڪري ڇڏيو هو. تن کي هن ڀيري ڀرپور انداز ۾ ميدان تي موجود هجڻ کپي ها پر اهي غائب آهن. جنهن مان ٻيون به ڪيتريون ئي معنائون ڪڍي سگهجن ٿيون. بهرحال هن مهل تائين آمريڪي جارحيت خلاف جيڪا راءِ عام جُڙي آهي، اهو سڄو ڪريڊٽ انهن ماڻهن ڏانهن ئي وڃي ٿو جن خلاف اسان جون مذهبي ڌريون رهيون آهن. اهو ڪريڊٽ ڪڏهن به انهن ڏانهن نٿو وڃي، جيڪي پاڻ کي حقيقي طور تي آمريڪا مخالف سمجهن ٿا.

(4) منهنجيءَ نظر ۾ 15 فيبروريءَ واري عالمي احتجاج سان سول سوسائٽيءَ جو عالمي ڪردار اثرائتي انداز سان سامهون آيو آهي. هيستائين پاليسي معاملن بابت رڳو مٿين طبقن يا حڪومتن کي ئي مٿيرائپ حاصل هئي ۽ اهي ظاهر آهي ته عوام جي اُبتڙ نه ته به عوام جي موافقت ۾ نٿا سوچين، پر هنن احتجاجن ذريعي دنيا جي عوام پاليسي معاملن تي رياستن ۽ حڪومتن جي هڪ هٽيءَ جو اسٽيٽسڪو ٽوڙي وڌو آهي. پاليسي معاملا عوام پنهنجي هٿ ۾ کڻڻ لاءِ جڻ ته وڏو عالمي چال ڏنو آهي. اهي سڀ مظاهرا گهٽي ڀاڳي سياسي پارٽين، اين جي اوز ۽ سول سوسائٽيءَ جي ٻين ادارن ۽ شعبن گڏجي منظم ڪيا هئا. جيڪا هڪ زبردست تبديلي آهي. سماج جي مختلف شعبن جو سياسي طرح گڏجي احتجاج ڪرڻ ئي سول سوسائٽيءَ جو نئون تصور آهي ۽ ان جو هن دفعي ڀرپور اظهار ٿيو آهي. ان جو ٻهريون عالمگير نتيجو اهو سامهون آيو آهي ته دنيا ۾ مزاحمتي سياسي ڪلچر وري مضبوطيءَ سان اُڀري رهيو آهي. دلچسپ ڳالهه ته اهو رڳو ٽئين دنيا ۾ نه پر يورپ ۾ وڌيڪ سگهه سان اُڀريو آهي. مان سمجهان ٿو ته دنيا ۾ عالمي طور اُڀرندڙ مزاحمتي ڪردار ۽ اهو به پاليسي معاملن ۾ سياسي انداز سان، هن دؤر جي هڪ وڏي اُتساهيندڙ تبديلي آهي.

سوال آهي ته اسين سنڌي ماڻهو جن کي شايد سڀ کان وڌيڪ اهڙن روين ۽ محرڪن جي ضرورت آهي. اهي پاڻ کي هن عالمي ڌارا ۾ ڪٿي ٿا ٻيهاريون؟ ۽ دنيا کي ڪيئن ٿا محسوس ڪرايون ته اسان سان هتي ڪهڙي ويڌن آهي؟ دنيا اسان جي ڪيئن مدد ڪري سگهي ٿي؟ يا اسين ان کي پنهنجي حق ۾ ڪيترو جائز طور استعمال ڪري سگهون ٿا؟ سنڌ ۾ مزاحمتي سياسي ۽ ادبي ڪلچر جي واپسي ان جي شروعات ٿي سگهي ٿي.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد“ اپريل 2002ع

### شاگرد سياست جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي

# عالمي شاگرد تحريڪون ۽ سنڌ جي شاگرد سياست

اها 16 ڊسمبر 1989ع جي هڪ اڻ وسرندڙ ۽ دل کي ڇهندڙ رات جي ڳالهه آهي. جڏهن ايشيا-پئسفڪ خِطي جي شاگرد تنظيمن جي 11هين ايشيائي ڪانفرنس جي موقعي تي اسين ٿائلينڊ جي گاديءَ جي هنڌ بئنڪاڪ کان ڏيڍ سئو ڪلوميٽر پري ٿائلينڊ جي سيني کان حَسين بيچ ولانائن تي گڏ ٿيا هئاسون. اهو ڪانفرنس جو آخري ڏينهن هو ۽ سنڌ (توڙي پاڪستان) مان فقط ٻه ڊيليگيٽ ان ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيا هئا، يعني سنڌي شاگرد تحريڪ طرفان مان ۽ ايس جي ايس او طرفان اڄ جي مشهور وومين ڊيولپمينٽ پروفيشنل ريحانه شيخ. اها پنهنجي نوعيت جي هڪ تاريخي ۽ يادگار ڪانفرنس هئي، جنهن ۾ ايشيا پئسفڪ خِطي جي لڳ ڀڳ سمورن ملڪن منجهان پنجاهه کان مٿي ڊيليگيٽ شريڪ ٿيا هئا. ان ئي ڪانفرنس جي موقعي تي اسان ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ڪيترن ملڪن جو گڏيل دؤرو ڪيو هو ۽ ايشيا جي سمورين وڏين شاگرد تحريڪن جي اڳواڻن سان ملي ساڻن گڏ سفر ڪري بحث مباحثن جي طويل نشستن کان پوءِ، انهن تحريڪن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي هئي. خاص طور 16 ڊسمبر جي اها اڻ وسرندڙ رات جڏهن اسان ان رات شاگردن جي عالمي ڏهاڙي طور انهن تحريڪن جي ياد ۾ پرهه ڦُٽيءَ تائين سوين ڏيئا ٻاريا هئا، گيت ڳايا ۽ هٿ هٿ ۾ ڏئي رقص ڪيا هئا. اها رات جڏهن آسٽريليا جي خوبصورت ۽ معصوم صفت شاگرد اڳواڻ ٽيريسا پنهنجي ان دوست جي ياد ۾ بي اختيار روئي ڏنو هو، جيڪو هڪ تحريڪ ۾ انڌي رائيفل جي هڪ بي رحم گوليءَ سان سرد ٿي ويو هو ۽ زندگيءَ جا ساهه سندس روح

جي هٿن مان ڪسڪي ويا هئا. اها رات جڏهن رنگ، نسل، ٻوليءَ، قوم، وطن ۽ طبقي جو فرق بي معنيٰ هو ۽ اسان جون دليون ستار جي تارن جيان گڏ ٿي گونجيون، جڏهن جذبن جا آلاپ ساڳيا هئا، اکيون مختلف هيون پر ڳوڙهن جو رنگ ساڳيو هو ۽ دلين جا درد ساڳيا هئا. هونئن بہ جوانيءَ جو ڪو ديس ۽ نسل نہ ٿيندو آهي. محسوسات جي ڪا ٻولي ۽ جذبن توڙي آدرشن جي ڪا سرحد نہ ٿيندي آهي. سو ان ڪانفرنس ۾ بہ رنگ، نسل، ٻوليءَ، طبقي ۽ قوم جون سرحدون ثانوي ٿي ويون هيون. مون کي اهو سڀ ڪجهہ ايئن ياد آهي ڄڻ ڪالهوڪي ڳالهہ هجي. ان ڪانفرنس توڙي دوري ڏيعي ئي مون کي ايشيا جي وڏين شاگرد تحريڪن کي ڏسڻ، سمجهڻ ۽ پرکڻ جو موقعو مليو. 17 آگسٽ ڇاڪاڻ تہ سڄيءَ دنيا ۾ شاگردن جي عالمي ڏينهن طور ملهايو ويندو آهي، ان ڪري چاهيان ٿو تہ ان حوالي سان پنهنجون يادگيريون ۽ ڄاڻ شاگردن ۽ پڙهندڙن سان ورڇيان. اها ڳالهہ ان ڪري بہ اهم آهي جو هتي جي عوام ۽ شاگردن کي خبر پوي تہ دنيا ۾ شاگردن پنهنجين قومن جي تقديرن بدلائڻ ۾ ڪهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي.

هونئن تہ شاگردن کي سڄيءَ دنيا اندر متحرڪ ۽ مضبوط سماجي قوتن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي پر ٽين دنيا ۽ خاص طور ايشيائي ملڪن/ قومن جي جديد تاريخ ۾ شاگرد تحريڪن جو وڏو سياسي ڪردار رهيو آهي. ان حد تائين جو ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا جي اڪثر ملڪن جي جديد سياسي تاريخ، شاگرد تحريڪن جي ڪردار ۽ ذڪر کان سواءِ مڪمل ٿي نہ سگهندي. تاريخ ۾ هر لقاءُ جا هڪڙا خاص دؤر اچن ٿا، جن ۾ اهي لقاءَ (Phenomena) عروج کي رسي پنهنجو معروضي ڪردار ادا ڪن ٿا. مثال طور پندرهين ۽ سورهين صديءَ ۾ يورپ اندر مذهبي سڌارن (Reformation) جو هڪڙو خاص دؤر هو. جيئن دنيا ۾ سامراجي سلطنتن جو هڪڙو دؤر (Colonial Era) هو. جيئن دنيا ۾ وڏين وڏين جنگين جا هڪڙا خاص دؤر هئا. جيئن ويهين صديءَ ۾ عوامي انقلابن جو هڪڙو ڀرپور دؤر آيو. مطلب تہ تاريخ ۾ هر سماجي/ سياسي لقاءُ جا هڪڙا مخصوص دؤر اچن ٿا، جن جو تيزيءَ سان اُڀرڻ ۽ پنهنجو معروضي ڪردار ادا ڪري زوال پذير ٿيڻ تاريخ جو معمول رهيو آهي. ايئن ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ بہ زبردست شاگرد جدوجهدن جو هڪڙو خاص دؤر هو. اهو بہ تاريخ جو عجيب اتفاق آهي جو جنهن زماني ۾ ايشيا جي اڪثر ملڪن ۾ وڏيون وڏيون شاگرد تحريڪون هلي رهيون هيون، تڏهن سنڌ ۾ بہ 4 مارچ جهڙيون تحريڪون هليون ۽ شاگرد تحريڪ سنڌ ۾ اهم سياسي ڪردار ادا ڪيو.

ايشيا پئسفڪ خِطي ۾ شاگرد تحريڪن جي اتهاس ۾ ويجهي ٿو تہ معلوم ٿو ٿئي تہ شاگردن جون اوائلي ۽ اثرائتيون تحريڪون پهرين فلپائن، چين ۽ هندستان ۾ هليون. هندستان ۾ اهو دؤر انگريزن کان آزاديءَ جي جدوجهد جو دؤر هو جڏهن عوام جي ٻين حصن سان گڏ شاگردن بہ ان تحريڪ ۾ وڏو اهم ڪردار ادا ڪيو. خاص طور تي اولهہ بنگال، اُتر پرديش ۽ ڪجهہ ٻين علائقن ۾ اسان کي شاگرد تحريڪن جو ڪردار نظر اچي ٿو. چين ۾ بہ انقلابي جدوجهد ۾ شاگرد تحريڪ جو وڏو ڪردار هو. چيني ليکڪا يانگ مُو جو شاگرد جدوجهد تي لکيل شاهڪار ناول ”نوجوانن جو گيت“ (Sog of Youth) تہ سنڌ سميت ايشيا جي شاگرد تحريڪن جو ”شپ ڪتاب“ ليکيو ويندو هو. فلپائن ۾ تہ اسپيني آبادياتي تسلط کان وٺي ويندي مارڪوس جي آپيشاهيءَ خلاف جدوجهد تائين شاگرد تحريڪ جي هڪ ڊگهي ۽ مثالي تاريخ آهي. فلپائن جي وڏي ۾ وڏي شاگرد تنظيم ”ليگ آف فلپينو اسٽوڊنٽس“ (League of Philipino Studetns) جي اڳواڻ مس ملو جيڪا اسان سان 1989ع واري ڪانفرنس ۾ توڙي سڄي سفر ۾ گڏ هئي، مون کي ٻڌايو تہ 1886ع ۾ فلپائن ۾ اسپيني آبادياتي راڄ خلاف جيڪا تاريخي هٿياربند جدوجهد هلي هئي ۽ جنهن جي نتيجي ۾ ان راڄ جو خاتمو ٿيو، تنهن جي اڳواٽي شاگردن ڪئي هئي. ان کانپوءِ جڏهن 1930ع ۾ فلپائين ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو قيام ٿيو تڏهن ان اثر هيٺ شاگرد تحريڪ تهائين وڌيڪ منظم ۽ مضبوط ٿي. ان کانپوءِ 1946ع ۾ جڏهن ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کانپوءِ فلپائن ۾ شاگرد جدوجهد جي تاريخ ۾ هڪ وڏو چال تڏهن آيو جڏهن 24 آڪٽوبر 1966ع تي پنجاهہ هزار شاگردن ويٽنام ۾ آمريڪي بربريت خلاف منيلا ۾ هڪ تاريخي جلوس ڪڍيو، جنهن کي رياستي ڏاڍ وسيلي دٻائڻ جي ڪوشش جي نتيجي ۾ ڪيترائي شاگرد اڳواڻ مارجي ويا ۽ فلپائن ۾ شاگرد جدوجهد جي نئين دؤر جو آغاز ٿيو. سو جيڪا تحريڪ ويٽنام ۾ آمريڪي فوجي اڏن جي خاتمي جي تحريڪ بڻجي وئي ۽ پوءِ اها شاگرد تحريڪ کان وڌيڪ هڪ مثالي عوامي تحريڪ ۾ تبديل ٿي وئي. اهڙو ئي عجيب اتفاق نيپال ۾ بہ ٿيو هو. نيپال ۾ بہ ايشيا جون وڏيون شاگرد تحريڪون هليون آهن. نيپال جي وڏي شاگرد تنظيم ”ANNFSU“ (جيڪا دراصل ڪميونسٽ پارٽيءَ جي هڪ ذيلي تنظيم آهي) جي تڏهوڪي مرڪزي صدر روماني، مون کي ٻڌايو تہ 1977ع ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جي ڦاسيءَ خلاف احتجاج طور هڪ هزار شاگردن کٽمنڊو ۾ ڌرڻا هڻي اهم شاهراهون بند ڪري ڇڏيون ۽ فوجي جنتا ان کي سختيءَ سان ڪُچلڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ خوني تشدد تي لهي آئي. نتيجي ۾ جيڪا شاگرد تحريڪ شهيد ڀُٽي جي حمايت ۾ هلي هئي، اها

رياستي تشدد سبب نيپال ۾ بادشاهت ۽ مذهبي آپيشاهيءَ خلاف ۽ جمهوريت جي بحاليءَ جي جدوجهد ۾ تبديل ٿي وئي. ان ئي تحريڪ نيپال ۾ بادشاهت جون پاڙون اُکيڙڻ شروع ڪيون. دراصل اهو ان جدوجهد جو ئي نتيجو هو جنهن اڳتي هلي نيپال ۾ بادشاهت جا ٽپڙ ٻڌايا ۽ ڪميونسٽ پارٽي اقتدار ۾ آئي ۽ نيپال ۾ جمهوريت بحال ٿي. بلڪل ايئن جيئن 1968ع ۾ فرانس ۾ ڊيگال جو تختو شاگردن اونڌو ڪيو هو.

فلپائن وانگر ملائيشيا ۾ به اسان کي شاگرد تحريڪن جا آثار ہي مهاڀاري لڙائيءَ کان اڳ ملن ٿا. هوئن ته ملائيشيا جي تاريخ ۾ 1949ع، 1959ع، 1967ع توڙي 1969ع ۾ به ملائيشيا ۾ وڏيون شاگرد تحريڪون هليون پر اهي سياسي نه پر تعليمي نوعيت جون هيون. انهن تحريڪن جي نتيجي ۾ ئي ملائيشيا ۾ وڏا تعليمي ادارا ٺهيا ۽ شاگردن جو ڪردار اثرائتي نموني اُڀريو. عجيب اتفاق اهو آهي ته فلپائن ۽ نيپال جيان ملائيشيا ۾ به شاگرد تحريڪ جو يادگار دؤر بعد ۾ آيو. آڪٽوبر 1973ع ۾ مڊل ايسٽ ۾ جڏهن عرب اسرائيل جنگ شروع ٿي تڏهن ملئي شاگردن جي وڏي تنظيم UMSU.PKPY هڪ اتحاد ڪري فلسطينين جي حمايت ۾ ۽ اسرائيل خلاف وڏا جلوس ڪڍيا. جيئن جيئن حڪومت انهن مظاهرن کي دٻائڻ ۾ متئن تشدد ڪرڻ شروع ڪيو. تيئن تيئن ان جدوجهد آمريڪا مخالف رخ اختيار ڪيو ۽ نيٺ 16 آڪٽوبر 1973ع کان سامراج مخالف اها تحريڪ هلي جنهن ملائيشيا ۾ به هڪ نئين سياسي دؤر جا بنياد وڌا. ملائيشيا جي ان تحريڪ جي خاص ڳالهه اها هئي ته ان تحريڪ ۾ شاگردن سان نه رڳو عوام جا ٻيا طبقا پر خود دانشورن جو وڏو انگ پڻ شامل هو. بلڪل ايئن جيئن 4 مارچ جي شاگرد جدوجهد ۾ يوسف لغاري، مسعود نوراني ۽ لالا قادر وارن سان حيدر بخش جتوئي، رسول بخش پليجو محمد ابراهيم جويو ۽ ٻيا گڏ هئا.

اهو به تاريخ جو هڪ عجيب اتفاق آهي جو آڪٽوبر 1973ع ۾ جڏهن ملائيشيا ۾ شاگردن جي وڏي تحريڪ هلي رهي هئي، تڏهن ساڳئي وقت ٿائليند ۾ به شاگردن جي تاريخي جدوجهد جو آغاز ٿي چڪو هو. ٿائليند جي جديد تاريخ ۾ اهو پهريون موقعو هو جڏهن شاگردن جي جدوجهد لکين عوام سان گڏجي چوڏهين آڪٽوبر 1973ع تي سامراجي ڪٺپتلي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو. ان کان پوءِ اسان کي ٿائليند ۾ شاگردن جي ٻي وڏي تحريڪ 1976ع ۾ ملي ٿي. شاگردن جي اها جمهوري تحريڪ جيڪا 6 آڪٽوبر کان شروع ٿي، تنهن جو ڳڙهه ٿاماست يونيورسٽي هئي. اسان 1989ع ۾ بئنڪاڪ جي اها يونيورسٽي تفصيل سان گهمي هئي ۽ اسان جي ڪانفرنس جو هڪ اجلاس پڻ انهيءَ يونيورسٽيءَ ۾ ٿيو هو.

اسان يونيورسٽيءَ ۾ اها ٿامست ڊنڊ بہ ڏني هئي، جيڪا يونيورسٽيءَ جي وچ مان وهي رهي هئي ۽ آڪٽوبر 1976ع جي شاگرد جدوجهد ۾ نہ رڳو هزارين شاگرد فوجي راڄ جي گولين جو بک بڻجي ويا هئا پر منجهائن گهڻن ان ڊنڊ ۾ ٽپا ڏئي پاڻ کي بچائڻ چاهيو هو پر اهي ڊنڊ ۾ ٻُڏي مري ويا هئا. هاڻي هر سال ڊنڊ تي انهن شهيد شاگردن جي ياد ۾ وڏا ميڙ ٿيندا آهن. ٿاماست يونيورسٽيءَ ۾ ڊنڊ ڪناري اسان کي هڪ ٿائي دوست ٻُڌايو هو تہ ان ڊنڊ ڪناري جيڪي ڪنول جا گل ٽڙن ٿا، انهن کي مقدس روح (Sacred Souls) چيو ويندو آهي ۽ انهن بابت ڏند ڪٿا اها آهي تہ اهي انهن شهيدن جا ٻيا جنم آهن. اڄ بہ هر سال سوين مرد ۽ عورتون جن ان جدوجهد ۾ حصو ورتو هو، سي محبتن وچان ڪارڊ ۽ تحفا ان ڊنڊ ۾ وهائڻ ايندا آهن ۽ ٿاماست ڊنڊ کي پارت ڪري ويندا آهن تہ محبتن جا اهي پيغام ۽ تحفا سندن پِرينَ تائين پهچائي. نيٺ اهڙين لڳاتار تحريڪن جو ئي نتيجو هو جو آڪٽوبر 1977ع ۾ ٿائليند ۾ فوجي آمريت جو خاتمو آيو پر بدقسمتيءَ سان نيٺ وري ڪيانگ سڪ نالي، هڪ فوجي جنرل اقتدار سنڀالي ورتو.

ايشيا جي وڏين شاگرد تحريڪن مان هڪ تحريڪ برمي شاگردن جي بہ آهي، جيڪا سندن نمائنده تنظيم ABSDF (آل برميز اسٽوڊنٽس ڊيموڪريٽڪ فيڊريشن) جي اڳواڻيءَ هيٺ گذريل ڏهاڪي کان جاري آهي. برمي شاگردن جي هيءَ جمهوري تحريڪ برما ۾ فوجي آمريت خلاف آهي، جيڪا گذريل ڏهاڪي کان هلي رهي آهي ۽ ان جدوجهد ۾ برمي شاگردن قربانين ۽ بهادريءَ جا اهڙا مثال قائم ڪيا آهن، جن کي ٿين دنيا جي سياسي جدوجهد جي تاريخ ۾ اهم جاءِ ملي چڪي آهي. مون کي ذاتي طور برما جي ان شاگرد تحريڪ کي پاڻ 1989ع ۾ اتي وڃي اکين سان ڏسڻ جو موقعو مليو. اسان کي ايشيائي شاگردن جي هڪ نمائنده وفد جي صورت ۾ برما موڪليو ويو هو تہ اسان اتي فوجي راڄ جي، شاگردن ۽ عوام سان ڪيل عقوبتن جا تفصيل گڏ ڪري هڪ رپورٽ گڏيل قومن جي ايشيائي ڪميشن حوالي ڪريون. اسان جو وفد رنگون ويو هو، جتي زندگيءَ جي ٻين شعبن جي اڳواڻن سان گڏ اسان برمي عوام جي محبوب اڳواڻن آنگ سانگ سوچي سان بہ مليا هئاسون، جيڪا اتي نظربند هئي. ان زماني ۾ هن کي اڃا نہ نوبيل انعام مليو هو ۽ نہ اڄوڪي عالمي حيثيت، پوءِ جڏهن اسان کي فوجي حڪومت طرفان رات وچ ۾ ملڪ مان نڪرڻ جو نوٽيس ڏنو ويو تہ اسين ٿائليند ۽ برما جي بارڊر تي بہ ويا هئاسون، جتي شاگردن جي پرائيويٽ آرمي فوجي مشقون ڪري رهي هئي. 1988ع ۾ رنگون ۾ شاگردن جي هڪ جلوس تي ٿيل فائرنگ ۾ وڏي قتلام ڪانپوءِ انهن شاگردن خود ساختہ جلاوطني اختيار ڪري فوجي حڪومت خلاف هٿياربند

مزاحمت شروع ڪئي هئي. اڄ تائين اها جدوجهد ان بارڊر تي هلندڙ آهي. ٿائيلينڊ-برما بارڊر تي شاگردن جون اهي فوجي ڪيمپون ۽ هٿياربند جدوجهد گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ ذاتي طور زندگيءَ جو وڏو ۽ عجيب تجربو هو. ڪيمپ ۾ رهندڙ هر شاگرد جيڪو هٿياربند ويڙهاڪ بڻجي چڪو هو پنهنجي جاءِ تي هڪ عجيب ڪردار ۽ افسانو هو. ميڊيڪل ۽ انجنيئرنگ ڪاليجن توڙي يونيورسٽين جا شاگرد هٿياربند جدوجهد ڪري رهيا هئا ۽ ڪين پنهنجو ڪيريئر ضايع ٿيڻ جو ڪوبه افسوس نه هو. ARSDF جو مرڪزي صدر زاون (Zaw Win) هڪ دانشور نوجوان هو. هو تاريخ جو شاگرد هو ۽ اهو به تاريخ جو ڪيڏو نه جبر هو جو تاريخ جي هڪ شاگرد جي هٿ ۾ قلم بجاءِ هٿيار هئا ۽ هن قلم جي مس کان رائيفل جي گوليءَ کي وڌيڪ اهميت ٿي ڏني. رات ٿيندي هئي ته ڪيمپن جا ويڙهاڪ شاگرد گڏ ٿي وڏا وڏا سُريلا گيت چوندا هئا ۽ مست ٿي هوائي فائرنگ ڪندا هئا. منجهائن ڪيترا ته پاڻ به شاعر هئا پر سندن ڳچين ۾ گولين جا پٽا هوندا هئا. هو آنگ سانگ سوچيءَ کي عظيم ماءُ (Great Mother) سڏيندا هئا ۽ سندس هڪ سڏ تي سِر گهورڻ لاءِ تيار هئا. برمي شاگردن جي اها جدوجهد اڃا هلندڙ آهي.

ايئن فلسطين کان وٺي ويٽنام تائين توڙي سنگاپور کان وٺي ويندي چين جي تيانامن اسڪوائر جي جمهوري جدوجهد ۽ ڪوريا تائين شاگرد تحريڪن جي جدوجهد جا طويل داستان آهن. اهي ڏکڻ توڙي اُتر ڪوريا جا شاگرد ئي هئا جن قوم جي ورهاڱي جي مخالفت ڪري ڏکڻ ۽ اُتر ڪوريا جي گڏپ (Unification) لاءِ 1988ع ۾ شاندار تحريڪ هلائي ۽ ان جدوجهد جي ئي پاداش ۾ اُتر ڪوريا جي جڳ مشهور شاگرد اڳواڻ رم سو ڪيانگ کي پندرنهن سالن جي سزا ٻڌائي قيد ۾ رکيو ويو جيڪا اڃا تائين قيد ۾ آهي. ڪوريا ۾ مشهور آهي ته جنهن ڏينهن رم سو ڪيانگ آزاد ٿيندي، ان ڏينهن ڪوريا جي سياسي تاريخ جو هڪ نئون دؤر شروع ٿيندو. جو رم هاڻي ”گڏپ جو گل“ (Flower of Unification) بڻجي ڪوريائي نوجوانن توڙي عوام لاءِ هڪ ديومالائي ڪردار بڻجي چڪي آهي ۽ تازو انڊونيشيا جي ڊڪٽيٽر سوهارتو کي به شاگردن جي تحريڪ ئي اقتدار ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي.

سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪي ۾ ايشيا جون اهي شاگرد تحريڪون ئي هيون جن اڳتي هلي پنهنجن ملڪن ۾ وڏين عوامي سياسي جدوجهدن جا بنياد وڌا. اڄ انهن ملڪن ۾ گهڻي ڀاڱي وڏا عوامي اڳواڻ اُهي آهن جيڪي انهن تحريڪن جي پيداوار هئا. جيتوڻيڪ اڄ سڄيءَ دنيا اندر توڙي ٽين دنيا ۾ ايشيائي ملڪن ۾ شاگرد جدوجهدن جو اهو دؤر ۽ رجحان نه رهيو آهي پر بهرحال اهي تحريڪون

ايشيا جي عوامي ۽ قومي جمهوري جدوجهد جي تاريخ جو هڪ اڻ وسرندڙ باب آهن. سنڌ ۾ بہ ستر ۽ اَسي جي ڏهاڪن ۾ شاگرد جدوجهد جو هڪ يادگار دؤر هو. انهن نہ رڳو سنڌ ۾ مڊل ڪلاس جي سياست جا بنياد وڌا پر سنڌي سماج کي وڏو سياسي ڪيڊر ڏنو. سنڌ ۾ اڄ زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ ڪم ڪندڙ وڏن ماڻهن جي هڪ Gallaxy آهي، جيڪا شاگرد تحريڪن جي پيداوار آهي پر هاڻي تہ سنڌ جي شاگرد سياست گهڻي ڀاڱي غير سياسي ماڻهن جي ور چڙهي وئي آهي يا ان جو ڪارج ئي اهو وڃي رهيو آهي تہ تعليمي ادارا تباهہ ڪيا وڃن ۽ قوم جي اڏاوت ۾ ڪردار ادا ڪرڻ بدران ان جي مستقبل جي راهن جون علمي مشعلون وسايون وڃن.

---

روزاني ”ڪاوش“ حيدرآباد، 17 آگسٽ 1998